سناتن ڌرم سڀا جا ڇپايل پستڪ وڪري لاءِ موجود

سنتم ساهتيه جا پستڪ	قيمت
شريمد ڀاڳوت ٠٢ مورتن سان	٠-٨-٢
تلسي ڪرت رامايڻ ٥٠ " "	٠-٠-٢
مختصر مهاڀارت ٣٠ " "	٠-٠-٢
مهاڀارت ٻنان مورتن ڪچو جلد	٠-٠-١
ستي ساوتري ١٢ مورتن سان	٠-٨-٠
شريمد ڀڳوت گيتا ٣٢ مورتون	٠-٨-٠
" " " ڪپرو پنو	٠-٣-٠
هڙوا گهر رما ۽ بروس لڪشمي	٠-٨-٠
گروڙ پراڻ سنڌي	٠-٤-٠
گروڙ پراڻ گرمکي	٠-٣-٠
گيتا سنتاراين سوامي مورتن سان	٠-٤-٠
گيتا " " ٻنان "	٠-٢-٠
گيتا " " گرمکي "	٠-٣-٠
امرت قل (ايشور ستوتمون)	٠-٤-٠
ويا ڪنان دوا ڪر	٠-٥-٠
مودا سانڙ جي فلاسفي	٠-٤-٠
صحت جو سالڪ	٠-٢-٠
شرادهه ڪرڻ ڪين جا؟	٠-٢-٠
ايشور ڏيان	٠-١-٠
نتي رتن	٠-٤-٠
نل دميتي	٠-٨-٠
برتر پستڪ	٠-١-٠

سناتن ڌرم سڀا جا پستڪ	قيمت
هندو سنسار ٨ ڀاڱا	٠-٠
ليلا للتا ١ "	٠-٠
راڄ لڪشمي ٣ ڀاڱا	٠-٠
آدرش دميتي ٢ ڀاڱا	٠-٠
پاپ پرائشچت ٢ "	٠-٠
سهاڳڻ ٻه ڀاڱا	٠-٠
سندري ٢ "	٠-٠
نول لڪشمي	٠-١٢
هندو مارشل ٢٧ مورتن سان	٠-١٢-١
ڀڳت مالا پهرين ڀاڱو مورتن سان	٠-٠-٢
ڀڳت مالا ٻيو ڀاڱو مورتن سان	٠-١٢-١
هندو پتورت	٠-٨-٠
هندو ڪٽنب	٠-٨-٠
ستي لڪشمي	٠-٨-٠
هندو ناري	٠-٨-٠
سلوچنا	٠-٨-٠
نگري جو سردار	٠-٦-٠
سشيل جمنا	٠-٦-٠
نشٺو	٠-٤-٠
وشما ناٽڪ	٠-٣-٠
خوفناڪ چوري	٠-٤-٠
لسٺو عربي سنڌي	٠-٤-٠

نوٽ:- رڳو پستڪن ڪيڻ واري ١ ايهن جي ڪتابن تي سناتن ڌرم سڀا جي پستڪن تي ٥ سيڪڙو ۽ ستم ساهتيه پستڪن تي ١٢½ سيڪڙو ڪميشن ڏبي

پستڪ ملڻ جو هنڌ:- **نبجورام روچيرام شرما**

سماڌڪ سناتن ڌرم پرچارڪ پترڪا ڪراچي.

تڏهن ٻالڪ روپ ڀڳوان پنهنجا سواس ڇڪيا، جنهنڪري مارڪنڊيہ اُنجي مک کان اندر گهڙي ويو. اُتي وڃي پرٿوي، آڪاش، سورج، چنڊ، ٻيا، ست ديپ، نوکنڊ، ڏهہ ڏسيون، وڻ، ٽلا، ڍور، سمنڊ ۽ پهاڙ مطلب تہ ساري دنيا جون سڀ شيون ڏسي عجب ۾ پيو. جڏهن سواس ڇڏيائين وقت مک کان ٻاهر نڪري آيو ۽ جڏهن ئي ٻانهيون تہ ٻالڪ کي ڀاڪر ۾ ڪٽي پيار ڪريان، تڏهن ئي اُهو ٻالڪ روپ ۽ مايا روپ جل وغيره سڀ انترڌان ٿي ويا ۽ پاڻ کي ساڳيءَ طرح نديءَ جي ڪناري تي ڏٺائين. پيو سمجهيائين تہ ان گهڙين کان وڌيڪ وقت نہ لڳو هوندو.

هاڻي مارڪنڊيہ مايا روپي مها پرڀوءَ جو تماشو ڏسي، ڌيان ۾ نارائڻ کي وينتي ڪئي تہ "هي ديناناٿ! توهان آپراڌ ٿيو جو اوهانجي مايا ڏسڻ لاءِ ور گهريم. ڀلا! جنهن مايا کي برهما ۽ ٻيا ديوتا بہ نہ ٿا ڄاڻي سگهن، وڏا وڏا رشي مني گياني ۽ مهاتمائون ان مايا ۾ ڦاٿل رهن ٿا، اُتي منهنجي ڇا مجال آهي جو اوهانجي مايا جو ڀيد ڄاڻي سگهان. آءٌ اهڙي وردان گهرڻ ڪري ڏوکو ٿيو آهيان، انلاءِ منهنجو اپراڌ ڪميا ڪريو." ائين خيال ڪندو هو ڀڳوان جي ڌيان ۾ لين ٿي ويو."

ايتري ڪٿا ٻڌائي شري سوت جي چوڻ لڳو تہ "هي رشيشرو! ڀڳوان جي مهما ڄاڻڻ واسطي هرڪو ننڍو وڏو پنهنجي طاقت آهر محنت ڪريٿو، پرڪو بہ اُنجي ڀيد کي نٿو سمجهي سگهي. جنهن بہ اُن ڀيد جي ڄاڻڻ لاءِ تپ ڪئي، تنهنجو اڄ تاءِ ڪوبہ پتو ڪونهي. هاڻي مارڪنڊيہ رشيءَ بابت ٻي ڪڙي ڳالهہ ٻڌايانءِ ٿو، هڪڙي ڏينهن مهادو پاروتيءَ سان ٻيل تي چڙهي ڪيتراڳڻ ساڻ ڪري پئي ويو، تہ واٽ تي پاروتيءَ مارڪنڊيہ کي ڀڳوان جي ڌيان ۾ اهڙيءَ طرح لين ڏٺو، جڏهن سمنڊ جو پاڻي هوا نہ لڳڻ ڪري چرندو پرندو نہ آهي. پاروتي تڏهن مهادو کي هٿ جوڙي مارڪنڊيہ کي تپسيا جو ڦل ڏيڻ لاءِ وينتي ڪئي. مهادو چوڻ لڳس تہ "پياري! هنکي ڪنهن شيءِ جي اڇا ڪانهي. ڀڳتي ۽ هريءَ چرڻن جي ڌيان ڪانسواءِ هو ٻي ڪاجهہ بہ نٿو سمجهي. پر تنهنجي چوڻ ڪري ان وٽ هلي ٿو ساڻس بات چيت ڪريان، ڇو جو ساڌن ۽ مهاتمائن جي سنگ ڪرڻ

ٿيندو، بلڪ هو ٻارهن ورهين جي عمر ۾ مري ويندو.“ اهو ٻڌي رشي
ويٺي ڪئي تہ ”هون. ڪي پتر سو پڌرا ٿئي سهي، ٻوءِ جي هو ٻارهن
ورهين جي عمر ۾ مري ويندو تہ حرڪت نہ آهي، آءٌ اُنوقت صبر ۾
رهندس.“ جڏهن ديوتائن جي آشيرواد سان مرڪنڊ کي پتر ڄائو،
تڏهن اُن سنڌس نالو مارڪنڊيه رکي ڏاڍيون خوشيون ڪيون.
جڏهن جڏڪر ٻارهن ورهين جو ٿيو، تڏهن سنڌس ماتا پتا ويهي روئڻ
لڳا. مارڪنڊيه اُنهن ٻنهي کي روئندو ڏسي کانئن روئڻ جو سبب
پڇڻ لڳو. اُنهيءَ تي هو چوڻ لڳس تہ ”هي پتر! تنهنجي مرڻ جا ڏينهن
ويجها اچي پهتا آهن اُنهيءَ لاءِ ٿا روئون.“ مارڪنڊيه تڏهن چوڻ
لڳين تہ ”اهڙو ڪو اُپاءُ آهي جنهن ڪرڻ سان مان بچي سگهان؟“
ماتا پتا ورائي ڏنس تہ ”بچا! نارائڻ جي ڪرپا سان جيو جا سڀ
ڪم راس ٿي سگهن ٿا.“ ايترو ٻڌي مارڪنڊيه بن ۾ هليو ويو، جتي
وڃي ڀڳوان جي تپسيا ۽ ڌيان ڪرڻ لڳو. جڏهن ائين ڪندي
ڪندي ڪيس ڇهہ منونتر گذري ويا، تڏهن اندر ديو ويچاريو تہ
هن براهمڻ جي تپسيا ڪري منهنجو اِندر آسڻ کسجي ويندو، جنهن
ڪري مارڪنڊيه جي تپسيا ۾ ڀنگ وجهڻ واسطي ڪامديو،
بسنت رتو، گنڌرو ۽ اَپسرائون موڪليائين. پراتهہ ڪال جو جڏهن
مارڪنڊيه اگني هوتر پئي ڪيو، تنهن مهل اَپسرائون سنڌس سامهون
اچي ناچ ڪرڻ لڳيون. گنڌرو ساز وڄائي قسمين قسمين راڳ
راڳڻيون ڳائڻ لڳا. ڪامديو ڪوئل جو روپ ڌاري ڪامہ روپي
ٻاڻ هنيو ۽ بسنت رُت جي ڪري باغ باغيچا بهار تي ويا. ٿڌي ۽
خوشبودار هوا جي هير لڳڻ لڳي. نچندي نچندي ڪڙتي اَپسرا
جو ڪپڙو ڇٽي ڪاڇي ويو ۽ هوءَ اُگهاڙي بدن ڪيئنئون اُجلائيندي
مارڪنڊيه وٽ اچي پهتي، پر مارڪنڊيه جو ذرو بہ چت چلائمان
نہ ٿيو. جڏهن گهڻين تجويزن ڪرڻ سان ڪامديو ۽ اَپسرائون ڪجهہ
بہ ڪري نہ سگهيا، تڏهن سراپ جي ڊپ کان ڪنبندا اندر
وٽ موٽي آيا ۽ اچي تي چوڻ لڳا تہ ”مهاراج! اسانجو ڪو بہ زور
رشيءَ تي هلي نہ سگهيو.“ اندر پيا بہ ڪيترا ورهيہ مارڪنڊيه

شيام سندر جي پريم ۾ مگن ٿي اُتر گنگا کي پراپت ٿيو. جنهن کي ڇهه ڀڳ تپسائون پوڄين ۽ ڪيرتن سمرڻ سنساري منشيہ ڪن ٿا، تن مان ڪي ته ڪنهن مطلب پوري ٿيڻ جي ارادي سان ٿيس ٿا ۽ ٻيا ڪنهن سواءِ مطلب جي آهن. مون اوهانکي ٻنهي قسمن جو حال ٻڌايو. ارڙهن پراڻن ۾ **شريمد ڀاڳوت** سڀني کان اُتم آهي. هاڻي ارڙهن پراڻن جا نالا به تو ٻڌايان جي هي آهن. ١. برهم پراڻ، ٢. پدم پراڻ، ٣. وشڻو پراڻ، ٤. شو پراڻ، ٥. لنگ پراڻ، ٦. گرڙ پراڻ، ٧. نارد پراڻ، ٨. اگني پراڻ، ٩. اسڪند پراڻ، ١٠. ڀوشيہ پراڻ، ١١. برهم ويورت پراڻ، ١٢. مارڪنڊيہ پراڻ، ١٣. وامن پراڻ، ١٤. متسيہ پراڻ، ١٥. ڪورم پراڻ، ١٦. برهمانڊ پراڻ، ١٧. نرسنگهہ پراڻ ۽ ١٨. ڀاڳوت پراڻ. انهن سڀني پراڻن ۾ پرميشور جا گڻ ورڻن ٿيل آهن. شريمد ڀاڳوت ۾ خاص ساتوڪي ڌرم ۽ ڀاڳوت گڻ ويدوياس جيءَ ورڻن ڪيو آهي. سو سڀ مون اوهانکي ٻڌايو وڏيڪ جا ٻڌڻ گهرو ٿا؟"

سنڪادڪ رشين ايترو ٻڌي پڇيو ته "هي سوت جي مهاراج! اوهان ڀڳوان جا گڻ ۽ جريتر ٻڌائي اسانکي ڪرتارٿ ڪيو. ڪلجڳ وقت جمڙا رهيو. هاڻي اهو ٻڌايو ته اسانجي ڪل ۾ مارڪنڊيہ پرميشور جي ڪهڙي مايا ڏسي شيام سندر جو درشن پاتو؟ ۽ ويدوياس ويدن کي ڪيئن ڌار ڌار ورڻن ڪيو؟" سوت جي جواب ڏنو ته "هي رشيشورو! جڏهن برهما ڏٺو ته ڪلجڳ ۾ آدمي ننڍيءَ عمر ٿوري مت سبب وید پڙهي نہ سگهندو، تڏهن برهما جي وينتيءَ تي نارايڻ ويدوياس جو اوتار وٺي سڀني ويدن جو تت ڪڍي، اُنهنجو جدا جدا نالو رکي ننڍيءَ شاخن کي پاڙهيو." اهو ٻڌي رشي چوڻ لڳا ته "مهاراج! مهرباني ڪري اسانکي اهو ٻڌايو ته مارڪنڊيہ ڪهڙي وڏي عمر ڪيئن پاتي؟" سوت جي چوڻ لڳو ته "مرڪنڊ نالي هڪڙو رشي هو جنهنکي ڪو اولاد ڪونہ هو. جڏهن هن اولاد واسطي ديوتائن جي نالي هوم هون ۽ تپسيا ڪئي، تڏهن ديوتائن کيس درشن ڏيئي چيو ته "هي رشي! تنهنجي تپسيا ۽ ڀڳتي سنتان لکمل ٿي ڪونہ، پر تو جا ڌتري تپسيا ڪئي آهي اُنجي پرتاپ سان توکي هڪڙو پٽر

جو، اِن ۾ ويچاري تڪشڪ جو ڪهڙو ڏوهه؟ تڪشڪ امرت پيئڻ ڪري
مري نٿو سگهي ۽ توکي جو اهو وهم ويٺل آهي ته تڪشڪ جي ڏنگڻ
ڪري راجا پريڪشت جو مرتيو ٿيو سا ڳالهه عقل کان ٻاهر آهي. جڏهن ته
مرڻ جيئڻ، دک سک، هاڃي لاڀ سڀ ايشور اڇا ۽ پنهنجي نصيب
موجب ٿئي ٿو. ڏس سنساري جيو باهه لڳڻ، پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ، هٿيارن
سان مرڻ، نانگ جي ڏنگڻ، ڏڪ ڦٽ لڳڻ، جاءِ ڪِرڻ، زهر ملڻ ۽
ٻين ۾ ڪيترن قسمن سان، جڏهن سندن نصيب ۾ لکيل آهي، مرن ٿا
۽ ڪن کي ٻيانو ڦڙيوئي ٿئي ٿو، جنهن ۾ مرتيوءَ جو ڪو به نالو ڪونه
ٿو وٺي. سا ڳجهي ريت تنهنجو پتا ۾ پرارٻڌ موجب تڪشڪ نانگ جي
ڏنگ سان مري وڃي مڪتي پد کي پهتو. تو بيگناهه ڪڙي تڪشڪ جي
بدلي ڪروڙين نانگ ساڙائي مارايا، جو تو جهڙي ڌرماتما لاءِ واجب
نه هو. مهاطمي ڪريا ڪري پنهنجو ڪروڌ دور ڪريو ۽ اهو يگيه نه
ڪريو. پريڪشت جو مرتيو سندس پرارٻڌ کان سمجهو، باقي نانگن کي
نه ساڙايو. ويچار ڪريو ته ڪو به ڪنهن جي مارڻ سان نه ٿو مري.
آدميءَ کي جو اهو ايمان رهيو ته مون فلاڻي کي ماريو يا جيئريو سو
اها اُن جي بيسمجهي آهي. اهو سڀ نارائڻ جي وس آهي ۽ ٻئي
۾ طاقت ئي ڪهڙي آهي جو دم هڻي سگهي."

ورسپتيءَ جو اهو اُپديش ٻڌي راجا جنميجيءَ کي گيان پيدا ٿيو
۽ براهمڻن کي يڄاڙيءَ جي آهوتيءَ وجهڻ کان روڪيائين. تڏهن تڪشڪ
کيس اهو وردان ڏنو ته "مون کان پوءِ تنهنجي ۽ منهنجي نالي جو
جيڪو سمرڻ ڪندو، تنهن کي ڪو به نانگ نه ڏنگيندو." پوءِ اندر ۽
ورسپتي تڪشڪ سميت راجا کان موڪلائي روانا ٿيا.

شري سوت جي شونڪادڪن رشين کي جواب لڳو ته "اندر ۽
ٻين ديوتائن کي ڀڳوان جي آگيا آهي ته منشيه جهڙو ڪرم ڪري تهڙو
کيس سورگ ڏين ۽ پاپ ڪندڙ کي ڌرمراج ڪرمن موجب نرڪ
موڪلي. جي منشيه ڀڳوان جو پوڄن ۽ سمرڻ ڪن ٿا تن کي برهم لوڪ
۾ جاءِ ملي ٿي، پر ڀڳوان جي نرگڻ پوڄا ڪندڙ وئڪنٺ ۾ وڃي
مهاپرلي تائين سک ڀوڳين ٿا. راجا پريڪشت پڻ ڀاڳوت پراڻ ٻڌڻ ڪري

ٻوءِ برهمڻ ۽ رشين کي گهرائي چيائين ته ”اهڙو ڪو يگيه سٺو، جنهنڪري
دنيا مان نانگن جي ذات ختم ٿي وڃي.“ برهمڻ تڏهن سرپ يگيه
ڪرڻ جي صلاح ڏنس، جنهن ۾ سڀئي نانگ پاڻکان پاڻهي اچي سڙي
وڃن. جنميجيءَ تڏهن ڪڙي وڏوان برهمڻ کي آچاريه بنائي
اهو يگيه شروع ڪيو. منترن جي اثر ڪري آهوتي ڏيڻ وقت
هزارين نانگ هتان هتان اچي اگني ڪنڊ ۾ ڪِرڻ ۽ سڙڻ لڳا.

جڏهن انيڪ ڪروڙين نانگ اُن يگيه ۾ سڙي مئا، تڏهن تڪشڪ
ٻنهي برهمڻ جي ڊپ کان اندر جي شرڻ وڃي لڪو ۽ يگيه شالا
۾ نه آيو. جنميجيءَ برهمڻ کان پڇڻ لڳو ته ”مهاراج! ٻيا سڀ
نانگ سڙي مري ويا، پر تڪشڪ جو اڃا تائين پتو ڪونهي سو ڇو؟“
برهمڻ جواب ڏنس ته ”تڪشڪ اندر راجا جي شرڻ ورتي آهي،
تنهنڪري اڃا تائين نه اچي سگهيو آهي.“ جنميجيءَ تڏهن ڪين چوڻ
لڳو ته اندر ۾ تڏهن اسانجو دشمن ٿيو، جنهن تڪشڪ کي آسرو
ڏنو آهي. ڇا اوهانجي منترن ۾ اهڙي طاقت ڪانهي، جو اندر
۾ تڪشڪ سميت هت اچي سڙي مري وڃي.“ برهمڻ چيس
”مهاراج! ايشور ڪرپا سان منترن ۾ مرڪا طاقت آهي. خاطري
فڪر نه ڪريو اسين اوهانجي چوڻ موجب ڪم ڪريون ٿا.“

ائين ٿي برهمڻ اهو منتر پڙهي آگني ڪنڊ ۾ آهوتي وڌي، تئين ئي
راجا اندر سنگهاسڻ سوڌو، جنهن هيٺ تڪشڪ لڪو ويٺو هو، لڏڻ لڳو.
اهو حال ڏسي واسوڪي نانگ جي ڀائٽي آستڪ، ورهسپتيءَ کي چيو ته
”مهاراج! جيڪڏهن هن وقت ڪا سهائتا نه ڪندا ته اندر،
تڪشڪ سميت اگني ڪنڊ ۾ وڃي سڙي مرندو. ورهسپتيءَ تڏهن
آستڪ کي وٺي يگيه شالا ۾ ويو، جتي يگيه ڪرائڻ وارو انگرس
برهمڻ، جو سنڌس ڪل مان هو، تنهن کي چيائين ته ”آهوتي وجهڻ
۾ ٿوري دير ڪري پورڻ آهوتيءَ جي ڏکڻا جنميجيءَ کان گهر،
جنهنڪري تڪشڪ ۽ اندر جا پراڻ بچن.“

ورهسپتيءَ ۽ آستڪ گهڻئي وڏائي ڪرڻ ڪانوءِ جنميجيءَ کي
چيو ته ”هي راجا! برهمڻ جي سراپ ڪري پريکشت جو مرڻ اڪمل

کي چڱو ڀلو ڪري سگھيا ٿئو." براھمڻ تڏھن چوڻ لڳس تہ "چڱو! سمجھہ تہ مان تڪشڪ آھيان. مان ھن وڻ کي ڏنگيان ٿو، تنھنکي ھيڪڏھن سائو ڪيئہ تہ سمجھندس تہ راجا پريڪشت جو بہ زھر لاھي سگھندين." ڪشيپ تڏھن چوڻ لڳس تہ "بيشڪ! تون ڪنھن بہ وڻ کي ڏنگہ."

ايترو ٻڌي تڪشڪ ھڪڙي بڙ جي وڻ کي ڏنگيو جو ڏنگ جي زھر کان سڙي رک ٿي ويو. ڪشيپ سنجيوني منتر پڙھي، جنھن ئي جل جو ڇنڊو وڻ تي ھنيو، تنھن رک مان اھو ساڳيو وڻ پنن ٽارين سوڌو تيار ٿي ويو. اھو حال ڏسي تڪشڪ ناگ ٻجي ڪشيپ کي چوڻ لڳو تہ "مہاراج! توھين ڇا جي اميد رکي پريڪشت جو زھر لاھڻ ٿا وڃو؟" ڪشيپ تڏھن چوڻ لڳس تہ "ھي براھمڻ! ٿوري ڌرماتما راجا کي، جنھنڪان ڪيترن منشن جو ڀلو ٿئي ٿو، جيئرو ڪري منھن گھوريل ڌن حاصل ڪندس." تڪشڪ تڏھن چوڻ لڳس تہ "مہاراج! اوھان کي جيڪڏھن ناطي جي گھرج آھي تہ موکان وٺو." ايترو چئي تڪشڪ ڪشيپ کي ھن گھريو ڌن ڏنو، جو وٺي ھو پنھنجي گھر موٽي آيو.

ھيڏانھن تڪشڪ ھستناپور وڃي ھڪڙي ڪينئين جو روپ بنائي ھڪڙي ڦل ۾ وڃي ويٺو؛ اھو ڦل براھمڻ راجا پريڪشت کي ڏنو. ڪينئين روپ تڪشڪ ڦل مان نڪري جنھن ئي پريڪشت کي ڏنگيو، تنھن ئي راجا جو شرير سڙي رک ٿي ويو؛ سندس مڪتي ٿي ويئي. پوءِ تڪشڪ اتان ھليو ويو. اھو حال ڏسي اتي ويٺل سڀ روئڻ لڳا. جنميجيءِ پنھنجي پتا جو شاستر موجب ڪريا ڪرم ڪرڻ لڳو، جنھن بعد منترين کيس تخت تي وھاريو.

جڏھن جنميجيءِ کي ٻارھن سال گادي تي ويٺي گذريا، تڏھن وزيرن کان پنھنجي پتا جي مرڻ جو حال تڪشڪ ناگ جي دواران ٻڌي ڪاوڙجي چيو تہ "شرنگي رشيءَ جي سراپ ڏيڻ ڪري تڪشڪ منھن جي پتا کي ماريو تنھن ۾ تہ سندس ڪوبہ ڏوھہ ڪونہ ھو، پر ڪشيپ کي جو ناطو ڏيئي وات ٽان موٽايائين تنھنڪري مان کيس پنھنجو دشمن ڄاڻي پتا جي بدلي وٺڻ لاءِ ناگن جي ساري ذات کي اھڙي طرح ساڙيندس جو وري ناگن جو ٻج بہ دنيا ۾ نہ رھي."

يادگيري، ۽ نه رهندي. هي اَمرت روپي ڪٿا جا مون توکي ٻڌائي
سا سچي من سان ٻڌڻ ۽ ٻڌڻ وارا ضرور مڪتي پد پائيندا."

شري سوت جي شونڪادڪ رشين کي چوڻ لڳو ته ”هي رشيوا
جڏهن ستن ڏينهن ۾ شريمد ڀاڳوت ٻڌي راجا پريڪشت جو اگيان ميٽيو
ويو، پرماتما کي شرير کان الڳ ۽ مرندڙ جسم ڏسڻ لڳو ۽ شرير جي
پريت منهنجي ڇٽي ويئي. تڏهن جو شري شڪديو جي مهاراج جي
وڌيءَ سان نوما ڪري چرڻن تي ڪري، هٿ جوڙي ويهي ڪري
چوڻ لڳو ته ”هي سوامي! اوهان منهنجو شڪ ۽ شوڪ جدائي
اُڌار ڪيو. سچ آهي ته مهاتمائون اگياني منشين کي، جو مايا ۽
استري روپي موهه جي انڌي کوهه ۾ پيو آهي، گيان روپي رسي
سان ڪڍي ٻاهر آڻين ٿا. مون ڀاڳوت ڪٿا، جنهنجي وچ ٿوري
آخر ۾ شري ڪرشن ڀڳوان جا چريتر اڪيلا آهن، ٻڌي منهنجو من
هري چرڻن ۾ لڳي ويو آهي ۽ منهنجي ڪري ڀاطي موٽڪي نڪتي
ڏنگڻ ۽ پنهنجي مرڻ جو ڪو ۾ شوڪ ڪونهي. موٽڪي ڀاطي آگيا
ڪريو ته مان گياني ٻوڌي ٻڌ ڪري سري ڪرشن جي چرڻن جو
ڌيان لڳايان." شري شڪديو جي مهاراج راجا جي اها گيا ٻڌي
ڪس اُٿس ڪرڻ لاءِ آگيا ڪئي."

ايترو ٻڌي راجا پريڪشت اکيون بند ڪري شري ڪرشن جو ڌيان
ڪرڻ لڳو. شري شڪديو جي ٻيا رشي اُتان اُٿي پنهنجي پنهنجي
ستان ڏانهن هليا ويا. جڏهن ٻيل تڪشڪ ناگ برهمڻ جو روپ ڌاري
راجا کي ڏنگڻ لاءِ ڪيو، اُوقت ڪشپ رشي ۽ سڀ اوشڌيون
(دوائون) ساڻ کڻي، راجا پريڪشت کي جيئي ڪرڻ لاءِ گهران
نڪتو. واٽ تي تڪشڪ روپ برهمڻ ڪشپ کي ڏسي پڇڻ لڳو ته
”هي رشي! ڪيڏانهن ٿو وڃين؟" ڪشپ ورائي ڏنس ته ”مهاراجا
تڪشڪ ناگ راجا پريڪشت کي اڄ ڏنگيندو، تنهنڪري اُنهي زهر
لاهڻ لاءِ هستناپور وڃان ٿو." ٻاڻ روپ برهمڻ تڏهن ڪشپ کي چوڻ
لڳو ”تون تڪشڪ جي ڏنگيل کي جيئارو ڪري سگهندين؟"
تڏهن چوڻ لڳس ته ”تڪشڪ ته جابر ڪوڙي ۾ قسم جي ناگ ڏنگيل

ايتري قدر ڇڏائي ويندو جو هڪڙي مهمان کي به مشڪل ڪاڌو
ڏيئي سگهندا. سنياسي پنهنجو ڌرم ڪرم رڳو ڀڳوان ڀڄڻ کي ئي
سمجهي خوش ٿيندا. هي راجا! جڏهن ايترو گهڻو پاپ ٿيندو، تڏهن
ڀڳوان ڌرم جي رکيا لاءِ سمڀل ديس ۾ گوڙ براهمڻ جي گهر **ڪلڪي**
اوتار وٺندو ۽ هزارن راجائن ۽ اڌرمين کي ماري ناس ڪندو.
جڏهن اُنجي درشن ڪري باقي بچيلن آدمين کي گيان ٿيندو،
تڏهن هو پاپ ڪرم ڇڏي ڌرم سان هلندا. اِنڪانپوءِ آٺ سو ورهين
بعد ستجگ ايندو، جنهن ۾ سڀ نيڪا وڏا ڌرم ڪندا رهندا. ستجگ
جي شروع ۾ راجا ديواپي جو بدريڪاشرم ۾ ۽ راجا مروت
مندراچل پروت تي تپسيا ويٺا ڪن سي چندرونسي ۽ سورجونسي
ڪل کي پيدا ڪندا. آها! هيترا وڏا وڏا راجائون ٿي مٽيءَ ۾
ملي ويا. ڀلائي برائي ڪانسواءِ ٻيو ساڻن ڪجهه به نه ويو. افسوس!
هي شرير مرڻ کانپوءِ ڪنهن به ڪم نٿو اچي پر خاڪ ٿيو وڃي.
جيڪي منشيه ان ناس ٿيندڙ شرير کي ٿلهي متاري ٿيڻ واسطي جيو
ماري کائين ٿا، تنکي ڪيتري قدر نه مورکه سمجهڻ گهرجي. جڏهن
هيڏا هيڏا پرتاپي راجائون به ڳري مري ويا ۽ رڳو ڪيرتي يا اپڪيرتي
پٺيان رهجي وين ۽ هي شرير جو لکن تجويزن تي به قائم نٿو رهي،
تڏهن منشيه کي گهرجي ته شرير ۽ سنسار جي پريت ڦٽي ڪري
اهنڪار تياڳي هري چرڻن ۾ ڌيان لڳائي پرميشور جو ڀڄن، سمرڻ
۽ ڌيان ڪري ڀو ساگر پار لنگهي. اِهو منشيه شرير پائڻ جو ڦل آهي ۽
نه ته پوءِ ڏاڍو پڇتائڻو پوندو. هي راجا! تون وڏو ڀاڳوان آهين
جو آنت سمي پرميشور جي ڪٿا ۽ ليلا ٻڌڻ ۾ من لڳو اٿيئي.

هي راجا پريڪشت! جيڪي راجائون ٿين جي راڄ ۽ ڌن کسڻ
جي اڇا رکي پتا پتر ۽ ڀائر پاڻ ۾ وڙهن مرن ٿا، تن تي پرٿوي
کلي چوي ٿي ته "ڏسو! ڪهڙا نه مورکه آهن جو منهنجي مالڪ ٿيڻ
لاءِ پاڻ ۾ وڙهي موت جو گراس ٿين ٿا." پنهنجن وڏن جو مرڻ
ڏسي به سنساري ترشنا نه ٿا ڇڏين. جيتري محنت پرائي پرٿوي،
دولت ۽ اِستري کسڻ واسطي، پنهنجي برائي جي ساڃهه نه رکي

ٻيهي اگهرئي مري ويندا. ڪلجڳ جي پڇاڙيءَ ۾ گهور اڌرم ٿيڻ
سبب ويهن ٻاويهن ورهن کان مٿي ڪوبہ جيئرو نہ رهي سگهندو.
اڙو ڪوبہ حڪومتي ۽ پرتاپي راجا ڪونہ ٿيندو، جنهنجي آگيا
ٻيا سڀ راجائون مڃين. جنهنوٽ ٿورڙئي ملڪ هوندو سو پاڻکي
وڏو پرتاپي سمجهندو. پرٿويءَ ۽ ڌن واسطي راجائون پاڻ لڙندا ۽

اِسڪنڌ ٻارهون

راجا پريڪشت شري شڪديو جي مهاراڄ کي چوڻ لڳو تہ ”هي سوامي! اوهان ٻڌايو تہ جنهن ڏينهن کان شري ڪرشڻ وئڪنٺ پڌاريو، تنهن ڏينهن ستيہ ۽ ڌرم سنسار مان هليو ويو ۽ اُنڪا نيوءَ ڪوبہ اهڙو ڌرماتما راجا ڪونہ ٿيو جو ڌرم کي قائم رکي. هاڻي ڪرپا ڪري ٻڌايوم تہ پوءِ تڏهن ڪنهن جي ونس ۾ راڄ گدي رهي؟“ شري شڪديو جي چيو تہ ”هي راجا پريڪشت! شيام سندر جي پڌارڻ کانپوءِ ڪاڄگ آيو ۽ منهنجون جيڪي راجائون ٿيا تن ڌرم ۽ ستيہ تياڳي ڇڏيو. ٿوري عمر سبب ڪو چڱو ڪرم ڪري نہ سگهيو. شري ڪرشڻ جي وئڪنٺ پڌارڻ بعد پانڊون جي ونس ۾ ڏهن جڪرورتي راجا ٿيا ۽ تو کان پوءِ وچراب ۽ جنميجئي راجا ٿيندا. جراسنڌ جي ونس ۾ برجٿ نالي راجا ٿيندو، جنهن جي ڪل ۾ بندي نالي شودر راڻي مان پٽر پيدا ٿي، زبردستي سڀني کيترين جو ڌرم بگيڙيندو. ڪيترائي کيتري پاڻ جي وجي پنجاب ۾ رهندا ۽ اُبرندي طرف وارا کيتري شودر ڌرم پاليندا. پوءِ ڪيترن هزارن ورهين تائين کيتري راڄ رهي مسلمانن جو راڄ ايندو. ڪاڄگ ۾ راجائون پنهنجو ڌرم ڪرم ڇڏي استرين بالڪن ۽ گئو براهمڻن جي گهاڃا ڪندا. پرائي ملڪيت، استريون ۽ پرٿوي زبردستي کسيندا ۽ پاڻ ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موہ ۾ لتل رهندا. راجائن جو اهڙو حال ڏسي پرجا بہ وڏيڪ ڌرم ڪرم تي نہ رهي ڌرم ڪرم کان ڌار رهڻ ڪري منشيہ جي گهڻو پاپ ڪندي. ٿوري عمر سبب ڪانئن ڪوبہ چڱو طاقت گهٽ ٿيندي ويندي ۽ ٿوري عمر سبب ڪانئن ڪوبہ چڱو ڪم ٿي نہ سگهندو. راجائون پرجا کي دک ڏيئي سندس رت ست چوسيندا رهندا. برسات جي ٿورائي ڪري اناڄ گهٽ پيدا ٿيندو ۽ جنهنڪري ڏڪار پوندو. ان ڏڪر سبب پرجا ڪاڏي ڪانسواءِ دکي ٿي، پنهنجي ورڻ ۽ آشرم جو ڌرم ڇڏي ڏيندي. ڪاڄگ ۾ منشن جي عمر ١٢٠ ورهيہ ڄاڻايل آهي، پر آڌرم سبب هو پوري عمر کي نہ

تنهنجو ڪرياڪرم ارجن ڪرايو. پوءِ ارجن باقي ٻچڙن کي وٺي
هستناپور روانو ٿيو. اُن وقت شريڪرشڻ جي سنگاسڻ (وهڻ واري
ٿان) کان سواءِ ٻي سڄي دوارڪا سمند ٻوڙي ڇڏي.

جڏهن ارجن هستناپور پهچي يڌشٽر کي سمورو احوال اچي
ٻڌايو، تڏهن پنهنجي راڄ گادي پريکشت کي ۽ اندر پرست ۽ متُرا
جو راڄ وجرناڀ کي، جو شريڪرشڻ جي ڪُل مان ٻچيو هو، ڏيئي
پاڻ پنهنجي ڀائرن ورڪ تي اُتر ڏشا ڏانهن هليا ويا ۽ هماليہ پرگري
مُڪتي پد کي پهتا. هي ٻڌائي پريکشت ! جنهن ڏينهن کان شريڪرشڻ
وڪنٺ ڌام پڌاريو هو، تنهن ڏينهن کان ستيہ ۽ ڌرم ٻہ سنسار
مان جُدا ٿيا ويا. ٻہ جيڪو هن اسڪنڌ کي من لائي پڙهندو ۽
ٻڌندو سو گهڻين جنمن جي پاپن کان ڇٽي مُڪت ٿيندو.

هري رام هري رام، رام رام هري هري
هري ڪرشڻ هري ڪرشڻ، ڪرشڻ ڪرشڻ هري هري.

راڳ ٽوڙي

طرز- ڀڄالي مُکڙو ميري ڪرتار

شيام مهر مون جو تو سنسار [ٽيڪ]

١. شيام بنا ڪيہ نہ درشٽي پر، جو آڌ سرو آڌار؛
ڪو جوي تون پريو آهين نرگڻ، پڻا جون ساڪار. شيام

٢. شيام نڀ ۽ شيام سمائي، جل ٿل شيام آڪار؛
سڪدائي آهي شيام سانورو، شيام نارينڌ ز تار. شيام

٣. اونداهي ۾ شيام سوجهرو، سڀ هنڌ شيام پرچار؛
جيڏانهن نهاريان شيام پيارا نظر، شيام جيون آڌار. شيام

٤. ڏر ٻوٽي، جنگ، پرلئي، واس جو اوتار؛
سڀ ۾ شيام شيام سيجي ٻر، ائين من ۾ ڪر ويچار. شيام

٥. داس هوتو هجي ۾ گهمنا ما، پنو کان پار اُڪار؛
تون نرمل ستل جو تارو، درٻار دانار. شيام

وئڪنٺ ڏانهن ويندو ڏٺو، تڏهن هو سڀ پنهنجن وماڻن ۾ چڙهي
ڳائيندا وڄائيندا ۽ گل ڇڙڪائيندا اُتي اچي پهتا جتي شري ڪرشڻ
وينو هو، انهيءَ لاءِ ته ترلوڪي ناٿ هاڻي وئڪنٺ اچيٿو ۽ ڀلي
سندس مورت جو درشن ڪريون ۽ نه ته پوءِ اهڙي سندر مورت جو
درشن ٿيڻ ڏاڍو ڪٺڻ آهي. شيام سندر ديوتائن کي آڪاش ۾
ڏسي پنهنجي آتما جو ڌيان لڳائي اکيون بند ڪري شرير مان ٻاهر
وانگيان جهڪات ڪيڏي اهڙيءَ طرح وئڪنٺ هليو ويو جو ڪنهن کي ٻه
سندس سروپ ڏسڻ ۾ ڪونه آيو. هي راجا! وئڪنٺ ناٿ جي
مهما سمجهڻ ڏاڍي ڪٺڻ آهي، پر سيڪو پنهنجي طاقت آهر اُنجا
گڻ ڳائي ٿو. ڏس! ڀڳوان ڪيڏن جوڌن کي ماري ڳروءَ
جا ممّل پت پرٿويءَ کان وٺي آيو هو، سو اچ پاڻ منشيہ شرير ڌارڻ
ڪري ڪڙي پاڻ لڳڻ ڪري وئڪنٺ پڌاريو. جڏهن شري ڪرشڻ
جو ونس سنسار ۾ نه رهيو، تڏهن ڀيو ڪير سنسار ۾ جنم وٺڻ کان ڇٽندو."

ايتري ڪٿا ٻڌائي شري سوت جي سنڪادڪ رشين کي چوڻ
لڳو ته " جڏهن دارڪ دوارڪا ۾ پهچي وسديو ۽ اُگرسين کي يادون
جي مرڻ ۽ شيام توڙي ٻلرام جي وئڪنٺ ڌام پڌارڻ جو سمورو احوال
ٻڌايو، تڏهن سڀ ننڍا وڏا جيڪي اُتي هوا سي روئندا وياڪل
ٿي پرڀاس کيتر ڏانهن ڊوڙيا ۽ اُتي پهچي سمنڊ جي ڪناري تي
سيني جا لاش پيل ڏٺائون. پوءِ جڏهن وسديو، ديوڪي ۽ راجا
اُگرسين شيام ۽ ٻلرام کي نه ڏٺو، تڏهن هاءِ هاءِ ڪري اُتيئي مري
ويا. رڪمڻي، ستيہ ڀاما طلب ته آٺئي پٽ راڻيون مرلي منوهر جي
۽ ريوتي ٻلرام جي جکيا جوڙي پاڻکي ساڙڻ لڳيون. پر ديوهن ۽ ٻين
جوڌن جون استريون ٻڻ پنهنجن پتين سان ستيون ٿيون. جڏهن
ارجن اچي اهو حال ڏٺو ۽ دارڪ جي واتان شيام سندر جو اُپديش
ٻڌو، تڏهن اهڙو شوڪ ڪياءِ جنهنجو حال ڪري نٿو سگهجي،
پر شيام سندر جيڪو گيان گيتا ۾ ٻڌايو هوس سو سمجهي من کي
ڌيرج ڏنائين. سيڪنهن پنهنجي پنهنجي گهر وارن جو شاستر موجب
ڪريا ڪرم ڪيو. جنهنجي ڪل مان ڪوبہ ڪونه ٻچيو هو

شريمد ڀاڳوت



GITA PRESS. GORAKHPUR.

مهاڻي جو شريڪرشڻ کي تير لڳندو ڏسي ڪنبڻ ۽ ٻاڻ بخشائڻ (صفحو ٥٠٦)

ڪٽڻ جي ارادي وٽ آيو، تڏهن ئي شيام سندر جي پير ۾ گهاءُ
ڏسي ٻهاٽو ٿي ويو ۽ ڇنڊي ڪنبندي هٿ جوڙي چوڻ لڳس ته
”هي ديناناٿ! مون جهڙو اڀاڳي جڳت ۾ ڪو نه هوندو، جو لڪشمي
پتي کي تير هڻي ڏک ڏنو اٿم. ان پاپ ڪري منهنجو اڌار ڪنهن
به طرح ٿي نه سگهندو، تنهنڪري پنهنجي هٿ سان ماريوم، جو
پوءِ منهنجي سزا پاپ جو ٻڌي اڳتي ڪو به سخت ڀڳتا کي نه
ستائي. هي پريو! جڏهن برهما ۽ ٻيا ديوتائون به اوهانجي مايا کي
جاڻي نه سگهيا، تڏهن منهنجي جا مجال آهي جو اوهانجي مهما کي
سمجهان.“ اهڙيءَ طرح ٻهاٽو ڏاڍا ورلاپ ڪري مرلي منوهر جي
چرڻن تي ڪري ڦٿڪڻ لڳو. شيام سندر کلي چوڻ لڳس ته ”ڀائي!
تون ڪو به فڪر نه ڪر، منهنجي مرضيءَ سان ئي اهو ڪم ٿيو آهي
ته پراڻن جو سراپ ڪوڙو نه ٿئي. تون ڌيرج رک، تنهنجي واسطي
ويڪنٺ مان وِمان اچي ٿو.“ شيام سندر جي مکاروند مان اجهان اهي
لفظ نڪتائي مس، ته هڪڙو عمدو وِمان اتي اچي پهتو، جنهن ۾
ٻهاٽو چڙهي ويڪنٺ وڃي پهتو.“

ايتري ڪٿا ٻڌائي شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته ”هي راجا!
ڏس، جيڪو گهڙي ڏين ڏيال جي شرڻ جهڙي هٿي جو ڀروسو ڪريٿو،
تنهنکي وڏو موڪر سمجهڻ گهرجي. ٻهاٽي جي وڃڻ کانپوءِ مرلي منوهر
دارُڪ رٿ هڪليندڙ کي چيو ته ”تون دوارڪا ۾ وڃي وسديو ۽
پين کي يادون جو حال ٻڌائجان ۽ کين سمجهائجان ته هاڻي دوارڪا
پوري سمنڊ ۾ ٻڏي ويندي، ان لاءِ جلدئي پنهنجي ملڪيت سميت
ارجن سان گڏجي هستناپور هليا وڃن. ارجن کي پڻ سمجهائجان ته
منهنجي ويڪنٺ وڃڻ ڪري شوڪ نه ڪجان ۽ گيتا ۾ جيڪو
گيان سمجهايو اٿمانءِ سو سمجهو منهنجي چرڻن جو ڌيان ڪندو
رهجان. هي دارڪ! تون به منهنجي ڀڄن ۽ سمرڻ ڪري مڪت
ٿيندين.“ اهو ٻڌي دارڪ روئندو شري ڪرشن کان موڪلائي
دوارڪا ڏانهن روانو ٿيو.“

هي راجا پريکشت! جڏهن ديوتائن هن ٻهاٽي کي وِمان ۾ چڙهي

شريمد ڀاڳوت



GITA PRESS, GORAKHPUR.

مهاڻي جو شريڪرشڻ کي تير لڳندو ڏسي ڪنبڻ ۽ ٻاڻ بخشائڻ (صفحو ٥٠٦)

کٽڻ جي ارادي ويجهو آيو، تڏهن ڏٺائين ته شيام سندر جي پير ۾ گهاءُ ڏسي بيهوش ٿي ويو. هوش ۾ ڪنبندي ڪنبندي هٿ جوڙي چوڻ لڳس ته "مڌوسودنا! مون جهڙو پاپاڻي جڳت ۾ ڪو نه هوندو، جو اوهان جي پير کي تير هڻي ڏک ڏنو اٿم. ان پاپ ڪري منهنجو اڌار ڪڏهن به ڪنهن طرح ٿي نه سگهندو، تنهنڪري منهنجي هٿ سان ماريوم، جو هو منهنجي سزا پاپڻ جو ٻڌي اڳتي ٻيو ڪو به سنت مهاتما کي نه ستائي. هي پڀو! جڏهن برهما ۽ ٻيا ديوتائون به اوهان جي مايا کي جاڻي نه سگهيا، تڏهن منهنجي ڪا مجال آهي جو اوهان جي مهما کي سمجهان." اهڙيءَ طرح مهاڀيل ڏاڍا ورلاپ ڪري مرلي منوهر جي چرڻن تي ڪري ڦٿڪڻ لڳو. شيام سندر ڪلهي چوڻ لڳس ته "ڀائي! تون ڪو به فڪر نه ڪر، منهنجي مرضيءَ سان ئي اهو ڪم ٿيو آهي ته براهمڻ جو سراپ ڪوڙو نه ٿئي. تون ڌيرج رک، تنهنجي واسطي وئڪنٺ مان ومان اچي ٿو." شيام سندر جي مکاروند مان اهي لفظ نڪتائي مس، ته هڪڙو عمدو ومان اُتي اچي پهتو، جنهن ۾ هو مهاڀيل چڙهي وئڪنٺ وڃي پهتو."

ايتري ڪٿا ٻڌائي شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته "هي راجا! ڏس، جهڙو ٿوري دير ۾ ديال جي شري چرڻن هيٺ جو پيرو سو ڪريو، تنهن کي وڏو مور ڪري سمجهڻ گهرجي. مهاڀيل جي وڃڻ کانپوءِ مرلي منوهر داروڪ رٿ هڪليندڙ کي چيو ته "تون دوارڪا ۾ وڃي وسديو ۽ ٻين کي ٻاڏون جو حال ٻڌائج ۽ کين سمجهائج ته هاڻي دوارڪا پوري سمنڊ ۾ ٻڏي ويندي، ان لاءِ جلدئي منهنجي ملڪيت سميت ارجن سان گڏجي هستناپور هليا وڃن. ارجن کي پڻ سمجهائج ته منهنجي وئڪنٺ وڃڻ ڪري شوڪ نه ڪجو ۽ گيتا ۾ جيڪو گيان سمجهايو اٿم، سو سمجهي منهنجي چرڻن جو ڌيان ڪندو رهي. هي داروڪ! تون به منهنجي ٻاجهه ۽ سمرڻ ڪري مڪت ٿيندين." اهو ٻڌي داروڪ روئندو شري ڪرشن کان موڪلائي دوارڪا ڏانهن روانو ٿيو."

هي راجا پريڪشت! جڏهن ديوتائن مهاڀيل کي ومان ۾ چڙهي

جڏهن اوڏو بد ريڪا شرم ڏي هليو ويو، تڏهن شريڪرشڻ ويچار ڪيو تہ دوارڪا پوري ۾ تہ سراپ اثر ڪري ڪين سگهندو، انلاءِ سيني يادون کي پرڀاس کيتر ۾ ماڻ واسطي چيائين. پوءِ سڀ راجا اگرسين ۽ وسديو ڪانسواءِ جلدي اچي پرڀاس کيتر ۾ پهتا ۽ شنان دان ڪري ورت رکي اهو ڏينهن اتي ٽڪي پيا. ٻئي ڏينهن ايشور اڇا موجب سڀ يادو شراب پي مست ٿي پيا ۽ سمنڊ جي ڪناري تي وڃي هرڪو پنهنجي وڏائي ڪرڻ لڳو. وڏائي ڪندي ڪندي شنان ڪرڻ وقت پورياءِ تہ پاڻ ۾ هڪٻئي کي پاٽي جا چنبا هڻي وڙهڻ لڳا، ۽ پوءِ پاڻ نڪري تير ۽ تلوارون ڪڍي وڙهڻ لڳا. جڏهن شيام ۽ بلرام جي سمجهائڻ تي بہ نہ سمجهيا، تڏهن هو ٻئي ٻاهر بيهي تماشو ڏسڻ لڳا. وڙهندي وڙهندي سڀني هٿيار پڇي پيا ۽ گهوڙا مري ويا. پوءِ اهو گاهہ (ڊڀ) جو سمنڊ جي ڪناري تي اُن لوهہ جي چوري مان اڀريو هو، سو پٽي هڪٻئي کي مارڻ لڳا. درواسا جي سراپ ڪري اهو گاهہ ترار وانگر گهاءُ ڪرڻ لڳو، جنهنڪري سڀ يادو مرڻ لڳا. جڏهن ڪلونتي استري پرش کي ڏسي لڪي ويندي آهي، تڏهن ڪروڙ پيدا ٿيڻ سان سيني يادون جو ستوگڻ ۽ گيان ڪانئن هو ڪلائي ويو. ڇپن ڪروڙ پيدا ٿيندڙ پٽ ۽ پاڻ پاڻ ۾ وڙهي سڀ ناس ٿي ويا. جڏهن شيام ۽ بلرام ڪانسواءِ ڪوبہ جيئرو ڪونہ بچيو، تڏهن شيام سندر بلرام کي چوڻ لڳو تہ ”پيارا! ڌرتي جو بار لهي ويو، انلاءِ ويڪنٺ هلڻ گهرجي.“ اهو ٻڌي بلرام پنهنجا سڀ ڪپڙا لاهي لنگوٽي ٻڌي سمنڊ جي ڪناري تي يوگ آسن دواران انترڌان ٿي ويو. شيام سندر چترڀڄ روپ ڌاري شنکہ، چڪر، گدا ۽ پدم سميت هڪڙي پپر جي وڻ هيٺان وڃي ويٺو. جنهن اتي ليٽي پنهنجو ساڄو پير کٻي گوڏي تي رکي ويڪنٺ وڃڻ جو ارادو ڪيو، تنهن اتي اُن وقت ايشور اڇا سان جرا نالي مهاڻو ڏنٺ ... اتي پهتو ۽ پريان مرلي منوهر کي مرڻ اهو تير مڇي مان نڪتل لوهہ جي ٽڪر ... رهہ اچي لڳو. جنهن ئي هو مهاڻو شڪار

آگيا اگهان مٿ ڇوڙي ونتي ڪري چوڻ لڳو تہ ”هي مهاپرڀو! اوهان ديا ڪري گيان جو ديپڪ منهنجي هردي ۾ روشن ڪري اهڙي طرح مايا روپي اوندهہ ڪڍائي، جهڙي طرح سورج نڪرڻ سان تارا گم ٿي ويندا آهن. اوهانجي ڪرپا سان منهنجو من ورڪت ٿي استري ۽ اولاد جو پريم ڇڏي ڏنو. هاڻي اوهانجي چرڻن ۾ وار وار ڏنڊوت ڪري اهو وردان گهران ٿو تہ منهنجو من اوهانجا چرڻ ڇڏي ٻئي ڪٿي بہ نہ وڃي.“

اِهو ٻڌي شري ڪرشڻ چيس تہ ”هي اڌوا تون هتان بدريڪا شرم ۾ وڃي ڪند مول ڦل ڦول کائي، منهنجي چرڻن جو ڌيان ڪج تہ تنهنجي مڪتي اوس ٿيندي.“

اهو ٻڌي ۽ شري ڪرشڻ جو وڇوڙو ڄاڻي اڌو ڏاڍو دکي ٿيو، پر پوءِ آنجي آگيا موجب ڏنڊوت ڪري آن موهڻي مورت جي پرڪرما ڪئي. ان بعد اهو آنند سروپ پنهنجي هردي ۾ رکي، پيادو ڪان موڪلائي بدريڪاشرم ۾ وڃي ترلوڪي ناٿ جي آگيا موجب ڌيان ڪرڻ لڳو. جنهنجي پرتاپ سان ٿورن ڏينهن بعد اهو شرير ڇڏي مڪتي پد کي پهتو.“

اِتري ڪٿا ٻڌائي شري شڪديو جي ترلوڪي ناٿ جو ڌيان ڏنڊوت ڪري راجا پريڪشت کي چوڻ لڳو تہ ”هي راجا! ڏس، شري ڪرشڻ سيني ويدن جو تت. امرت روپي گيان ۽ ڀڳتي ڪري اڌو کي ٻڌايو. جئن نہ ديوتائن ۽ دئيتن سمنڊ ولوڙي چوڏهن رتن ڪڍيا هئا، تئن ويدويياس بہ سڀ ويد ۽ شاستر ڏسي انهنجو تت ڪڍي **شريمد ڀاڳوت** نالو آهي.“

راجا پريڪشت اِتي پڇڻ لڳو تہ ”هي شڪديو جي مهاراج! جڏهن مها شري ڪرشڻ ترڀون پتي جي ٻڌايو ۽ جنهنکي سيکارڻ ڪرڻ جي سمرٿي هئي، تنهن موندي بہ پيلا پوءِ جن يادون کي سراپ ڪيان ڇڏائي مٿي ديا نہ ڪئي سو ڇو؟“ شري شڪديو جي چوڻ لڳس تہ ”هي راجا پريڪشت! ڀڳوان جي پاڻ يادون کي ناس ڪرڻ جي مرضي هئي، تنهنڪريئي انهنکي براهمڻ جي هٿان سراپ ڏيارايا.“

کي گهرجي تہ آتما جي پاسي ڌيان لڳائي سنساري مايا موهہ ۾ نہ ڦاسي. اهڙي منشيہ تي اڳوڻي جنم جي ڪرمن ڪو دکہ ڪٽڻي پوي ٿو تہ مان اُنجو اهو دکہ دور ڪريان ٿو."

ايتري ڪٿا ٻڌي اوڌو پڇڻ لڳو تہ "هي ديناناٿ! توهانجو چيو تہ مَن کي روڪڻ گهرجي، سو اهو مَن هوا کان بہ زيادہ تيز آهي، تنهنڪري روڪڻ تہ ڏاڍو ڪٺڻ آهي. اِنلاءِ اهڙي ڪا تجوير ٻڌايو جنهنڪري اهو مَن روڪجي ۽ هري چرڻن ۾ پريت پيدا ٿئي. اوهانجي مايا سنسار کي اهڙو تہ ڦلائي ڇڏيو آهي جو ڪو بہ اوهانجي ديا ۽ ڪرپا کانسواءِ ان مايا روپي ڄار کان ڇٽي نٿو سگهي. ڀلا! جيتي برهما ۽ شِو ديوتا ئن کي بہ توهانجو ڀيد ڄاڻڻ ڪٺڻ آهي، اُتي سنساري منشيہ جي ڪهڙي مجال آهي؟" شريڪرشڻ چوڻ لڳس تہ "هي اوڌو! جيڪو سنسار ۾ جنم وٺي منهنجي چرڻن جو ڌيان ۽ سمرڻ ڪريٿو، تنهنکي آهستي آهستي سنساري پريت گهٽجي ٿي. تيرٿن تي جتي منهنجا ڀڳت ۽ گياني پرش رهن ٿا، اُتي هو اُنهنجي سنگ ۾ رهي منهنجو ڀڄن ۽ سمرڻ ڪري. سدا ۽ جيون تي ديا رکي ۽ جيترو ٿي سگهيس اوترو ٻين جو اُپڪار ڪري. اهو آيمان ڪڏهن بہ نہ رکي تہ مان اُتم ذات ۽ وڏو آدمي تي ڪنگال ۽ شودر کي ڪٿن پاڻي ڀياريان يا ڪاڏو ڏيان. جيستاءِ منشيہ ايشور جو پرڪاش براهمڻ ۽ چنڊال ۾ هڪجهڙو نہ سمجهندو، تيستاءِ اُنکي گياني نہ ڪوٺبو. هي اوڌو! اهو جيڪو گپت گيان ٻڌايو آتمان، سو چڱيءَ طرح ياد رکجہ ۽ جنهنڪري تنهنجي مڪتي ٿيندي ۽ تون وري اهو گيان هري ڀڳتن ۽ ست پرشن ۽ مهاتمائن کي ٻڌائجہ. جيئن آمرت پيڻ ڪري پوءِ ڪنهن بہ دوا جي ضرورت نٿي رهي، تيئن هن گيان سمجهڻ ڪري ڀوساگر پار اُڪرڻ واسطي ٻي ڪا بہ وات ڳولڻ نہ گهرجي. جيڪو هري ڪٿا ۽ ڀڳتي سچي من سان ٻڌي ۽ ڪري ٿو ۽ ٻئي کي اهڙو اُپديش ڏئي ٿو، تنهنکي آ؟ ڀرراڄ جي ڦاسيءَ کان ڇڏائي پرم پد ڏيندس."

ايتري ڪٿا ٻڌائي شري شڪديو جي چوڻ لڳو تہ "هي راجا پريکشت! اوڌو اهو گيان ٻڌي اکين ۾ پاڻي آڻي شريڪرشڻ جي

اوترو ڀڳتي ٻڌان ڪروڙين ريما منڊرن ۾ لڳائڻ ۽ دان ڪرڻ سان
۾ ٻرسن نٿو رهان. جيڪو منش سچي من سان هرروز اوريت منهن
جي پوڄا ڪريٿو، تنهن وٽ آرزن لئي سڀ ٻون موجود رهن ٿيون.

هي اوڌو! گماني ڪي ڪنهنجي ۾ شتوتي يا ننڊا ڪرڻ اسر
گهرجي. سڀني جيون ۾ پرميشور جو چمتڪار ڏکڻو سمجهڻ گهرجي.
ننڊا ڪرڻوارو ضرور نرڪ ۾ پوي ٿو. پوڄا ڪرڻ وقت مڪڙي لئي
ٻاسي ڏيان لڳائڻ گهرجي. منکي ٻڪ جاڳڻ گهرجي ته پرميشور سنسار
کي پيدا ڪري ٿو، پالي ٿو ۽ ناس ڪريٿو. اهين خيال ڪرڻ بعد سڀني
من ورڪت ٿي موڪلانون لڳي ٿو. جڏهن آتما، من ۽ اندرين سان
ملي وڃي ٿو، تڏهن سنساري پريت ۾ ڦاسي مايا جا ڪان نٿو جٽي.
سنساري وهنوار سڀئي جهان ڪوڙو آهي، فقط ڀڳوت نام سچو سمجهڻ
گهرجي. هي سنسار تماشي وانگر ڪوڙو آهي. نه اگهي هو ۽ نڪي
مڻا ٻرئي ۾ ٿي رهندو، انلاءِ منش کي اُن مان پريت ڪڍي ڇڏڻ
گهرجي. جڏهن سنساري مايا ڇڏي ٻنهنجي من ۽ اندرين کي وس
ڪيو، تڏهن ٻوءِ گهر ۽ جهنگل ۾ رهڻ ٻئي سمان آهن. جئن سون
مان گهڙن زيورن ٺهرائڻ ڪري نالا سي جدا ٿيو وڃن، ۾ وري
ڳارڻ تي اُهو سون جو سون ٿيو پوي، تئن سنسار جي شروع ۽ آخر
۾ نارائڻ ئي نارائڻ وڃيو رهي. جئن پادل آڪاش سان ڪوه
لڳا ٻو نظر رکن، تئن آتما جوراسي لکه جونين ۾ وياپڪ رهڻ ٿي ۾
سڀني کان الڳ رهي ٿو. انلاءِ منش کي گهرجي ته ٻنهنجو من مايا جي
گهڻن ڪان پري رکي ۽ هري جرڻن ۾ اهڙو ته ڌيان لڳائي جو ڪنهن
۾ سنساري شئي جي اڇا نه رهي. جئن دوا کائڻ ڪري بدن جي
بيماري ختم وڃي، تئن من ۾ اندرين کي وس رکڻ ڪري سنساري
ترشنائون ۽ پريت ختم وڃي. جنهن من ۽ اندرين کي وس نه ڪيو،
تنهنجو جپ ۽ تپسيا اجايو آهي. جڏهن منش پرميشور جي ڌيان ۾
لين ٿي وڃي ٿو، تڏهن نه ته ڪيس بدن جي سڌ رهي ٿي ۽ نڪي سنسار
۾ ڪي پريت لڳي ٿي. جئن سورج نڪرڻ کانسواءِ اونڌهه ناس ٿي وڃي ٿي،
تئن منهنجي ڀڳتي ڪرڻ سان اگيان دور ٿيو وڃي. گيانيءَ ۽ ڀوڳي

۽ ويدن شاسترن اوھانجي پوڄا جون گھڻيئي واٽون ڏسيون آھن، پر ديا ڪري اوھين ڪا اھڙي سولي وات ڏسيو، جنھنڪري سنساري جيو پوسا گرلنگھي پار وڃن." شري ڪرشڻ مھاراج اُترڏنس تہ "ھي اوڌو! منھنجي ۽ پوڄا جو انت ڪونھي، پر تنھن ھوندي بہ توکي مختصر ھدايان ٿو. يعني منش کي صبوح جو اُٿي منھنجي ۽ ڀڳتن جي گروءَ جي چرڻن جو ڌيان ڪرڻ گھرجي. پوءِ شنان، سنڌيا ۽ جپ ڪان واندو ٿي، منھنجي سگڻ روپ جي پوڄا ڪرڻ گھرجي. منھنجون آٺ مورتون آھن يعني مڪڙي پٿر جي، اي ڪاٺ جي، ٽين ڌاتوءَ جي، چوٿين مٽيءَ جي، پنجين چتر جي، ڇھين رتنن جي، ستين ھوا جي ۽ آٺين من جي، انھن آٺن ئي مورتن جي پوڄا ڪرڻ گھرجي. انھن مان ڪيترون جر آھن ۽ ٻيون اُچر. مورت جا سنگاسڻ تان ڪڍي شنان ڪرائي وري بہ سنگاسڻ تي ويھاري پوڄجي ٿي، تنھنڪي چر مورتي سمجھڻ گھرجي، پر جا ناڪرڏواري يا مندر ۾ اھڙيءَ طرح شتاپن ڪيل آھي جا ڪڍي نٿي سگھجي، تنھنکي اُچر ڪوٺجي ٿو. انھن ٻنھي قسمن جي مورتن کي شنان ڪرائي، چندن لڳائي، گھنٽا ۽ وستر پھرائي، واس ڌوپ ڪري، گلن جي مالا ۽ تلسيءَ جو ڏل چاڙھڻ گھرجي. ڪاغذ يا مٽيءَ جي مورت کي شنان نہ ڪرائي، رڳو ڪپڙي سان اُگھڻ گھرجي. جيڪڏھن ڪو منھنجي مانسي پوڄا ڪرڻ چاھي تہ من ۾ منھنجي روپ جو ڌيان ڪري، ڪاڏي جون جيڪي شيون ڪيس پيارپون ھجن سي ناھي ناڪر کي ڀوڳ لڳائي. پر جيڪڏھن ھر روز اھڙو ڀوڄن تيار نہ ٿي سگھي تہ ڪنھن وڏي ڏينھن ضرور ناھي. ھوم ڪنڊ کي اگنيءَ ۾ منھنجو ڌيان لڳائڻ گھرجي. پوڄا ڪرڻ وقت منھنجن چرڻن ۾ من لڳائي ھٿ جوڙي ھئن چوي تہ "ھي پڀو! مان تنھنجي شرڻ آيو آھيان، مونکي داس ڄاڻي منھنجو اُڌار ڪر." انريت ھر روز پوڄا ڪري چرڻامرت وٺي. پوءِ ناڪرجيءَ وارو پرساد ڀوڄن ڪري و شڌو سھسر نام جو پاٺ ڪري، منھنجي ڪٿا ۽ ليلا پڙھي، ڪاجھہ وقت ڀڄن ۽ سمرڻ ڪرڻ ۾ لڳائي. ھي اوڌو! مان ٻگتيءَ ۽ پريم جي وات سان جيترو فقط جل چاڙھڻ ڪري خوش ٿو ٿيان،

جي ڦندن ۾ ڦاسي پوي ٿو. افسوس! هن اپسرا مونکي اهڙو ته وس ڪري ڇڏيو هو، جيئن بازيگر باندر کي وس ڪري ڇڏين ٿا. مان انسان ٿي ڪري ولاس ۾ اهڙو ته انڌو ٿي ويس جو مونکي ڪڏهن به شرم نه ٿي آيو. سڀ راتيون جي منهنجي آڏو هيون سي ۽ منهنجي اموقوفي ٿي ڪلڪ لڳا. مونکي رات ڏينهن گذرڻ جي به سمڪ نه رهي. سانجهه جيئو اٿن ته ڪامي پرش استريءَ جي ولهه ٿي ڪڏهن هيڙائي جو ڪوبه حال نٿو رکي ۽ منهنجو سڀ تمام ٿيل، گيان ۽ ڌرم ڪرم سڀ وڃي ڇڏيو. افسوس! ڏسو، ماس جو ٿانو، جنهن ۾ مل، مُوتر، رت، هڏا، جهوڙي ۽ ڏرگنڌ ڀريل آهي، اُن تي مان اهڙو ته ديوانو ٿي پيس جو جنهن اندر جهڙا ديوتائون منهنجي اڳيان سرنمائي ٿيون، اُتي آءٌ سرنمائي ٿيس ۽ هن منهنجو ايمان جيتي ڇڏيو. مون اُنهي ڪم ۾ ڦاسي ڀالڪي اهڙو ته ڀلائي ڇڏيو، جو اُروشيءَ جي سمجهائڻ تي به مونکي ڪو گيان نه آيو. آها! جنهن شريرکي پالڻ پوکڻ ۾ مندرا ڏکر ڏاڪڙا ڏسڻ ٿا، سو مرڻ کانپوءِ ته ڪم ئي نٿو اچي. ورنه ڪتو ڏيندو نه گڏڙ رکڻ ڪونه ٿو پاڻمس. جڏهن اهن شرير جو اهڙو حال، تڏهن جو نه انسان موه ڪيڏي مرڻ پڇڻ ڪري مٿي پائيجي.

هي اوڌو! استريءَ ۾ جن لڪائڻ ڪري ٿگي، نسمل، تيرٿ، ورت، دان ڌرم وغيره ڪئي به وائڻ ونا ڏين. جڪي منهنجي اڳيان ڪري سنسار روپي سمنڊ ۾ ٻوڙا ڏني رها آهن، مکي ٻوڙيا گرپار لنگهڻ واسطي ستسنگ جڪڙي ٻيڙي آهي. اڪاڻي اڌي کي ستسنگ جڪڙيون اکيون آهن. جيئن ماڻهو اولاد جو پالڻ گهرن ٿا، تئين ستسنگ سنساري منش جو پالو ڪندڙ آهي. جيستائين مايا روپي دولت ۽ استريءَ جي ترشنا نٿي وسري، تيستائين منش ۾ نه گيان نٿو ملي. ڏکن کان ڇڏائڻ واري فقط منهنجي ڀڳتي آهي. تنهنڪري جنهنکي نرڪ جو ڀؤ ٿئي سو ستسنگ ڪري ۽ جنهنڪري منهنجي ڀڳتي ٿي مکتي پائيندو."

اهڙي ڪٿا ٻڌي اوڌو جي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته "هي ديناناٿ! برهمچاريءَ ۽ وانپرست جو ڌرم، جوگ ۽ تپسيا اهي سڀ ڪٺن آهن ۽ توهانجي پوڄا کانسواءِ سرير پوتر نٿو ٿئي. جيتوڻيڪ رشين، منين

ٻڻ ٿئي، اُهو تامسي جاڻڻ گهرجي. آتما اِنهن ٽنهي گڻن سان ٺهيل، پر سڀڪان الڳ ٿئي ٿي. ستوگڻي سورڳ ۾ ويندا، رجوگڻي دک سک ڀوڳيندا ۽ تموگڻي چوراسي لک جوڻين ۾ پيدا ٿي نرڪ جا دک پائيندا. ورڪت ٿي منهنجي چرڻن جي ڌيان ۽ ڀڳتي ڪرڻ وارا موڪش پهچندا، گرهست جدي بن ۾ رهڻ ستوگڻ، شهر منجهه گرهست ۾ رهي سنساري سک جي اِڇا رکڻ رجوگڻ ۽ شراب پيئڻ، جوا ڪرڻ، پرناري گمن ڪرڻ ۽ ٻيڙي سنگت تموگڻي آهي. ديو ستانن ۾ وڃڻ، تيرٿ ياترا ڪرڻ ۽ ڪٿا وارتا ٻڌڻ ستوگڻ آهي، شراڌ وغيره سنساري ڪرم ڪرڻ رجوگڻ آهي ۽ جيو هتيا پاپ وغيره ڪرڻ تموگڻ آهي. هي اوڌو! اهڙيءَ طرح سڀني ڳالهين ۾ ستوگڻ جا لڇڻ رکن ٿا، ڪو به جيو انهن ٽنهي گڻن کان ٻاهر نه آهي. انهن ٽنهي کان جيڪو الڳ ٿي منهنجي پريت سان پوڄا ۽ ڀڳتي ڪريٿو سو موڪش پهچيٿو."

هي اوڌو! جنهنکي موڪش اچڻ جي اِڇا ٿئي، تنهنکي ڪڏهن به لڳه، لوڀي، جواريءَ، سنساري پريت ڪندڙ ۽ آڌرمين جي سنگت ڪرڻ نه گهرجي؛ جو جو اهڙن جي سنگ ڪرڻسان نرڪ ڀوڳيو پوي ٿو. تنهنڪري سدا ۽ ست پرش ۽ مها تمائن ۾ رهڻ گهرجي، جنهنڪري هري چرڻن ۾ پريت پيدا ٿئي ٿي. راجا پرروا اُروشي اپسرا جي سنگ ۾ ڦاسي خراب ٿيو هو، تنهن سنساري ماڻهو به استريءَ ۽ نڳن جي صحبت ۾ رهي پنهنجو پرلوڪ بگاڙين ٿا. هي اوڌو! پرروا کي اُروشي اپسرا کان ڪيترن گيان مليو سو ٻڌايان ٿو. جڏهن راجا پرروا گندرو لوڪ ۾ رهي هزارن ورهين تائين اُروشيءَ سان ڀوڳ ولاس ڪيو ۽ سندن من ترپت نه ٿيو، تڏهن هڪڙي ڏينهن منهنجي اِڇا سان من ۾ ويچار آيس ته "هيترا ورهيه ڪامديو جي وس ٿي سنساري سک ڏٺم، پر منهنجين اندرين جي خواهش پوري نه ٿي. ٻاڻ جنهن ٻاهر ۾ گيند وجهڻ ڪري جهڙي وڌندي آهي، تنهن اندرين کي وڌيڪ سک ڏيڻ ڪري وڌيڪ اِڇا وڌي ٿي ۽ ڪڏهن به سنتوش نٿو اچي. آها! مان مهڙو گياني ۽ پرتاپي راجا ٿي، اُروشيءَ جي وڃڻ وقت اُنجي پنيان اُگهاڙو ٿي اهڙيءَ طرح ڊوڙيس، جنهن گڏهه ڪام جي وس ٿي گڏهه

روپ منهنجو آهي. اُن روپ جي ناڀي (ڌُن) مان ٽڪرو ڪمل جو گل
نڪري ٿو، جنهن مان برهما پيدا ٿي رجوگڻ سان سڀ جيو پيدا ڪري،
تنهن لوڪن جي رچنا ڪري ٿو. ديوتائون سورگ لوڪ ۾، دئيت دانو
پاتال لوڪ ۾ ۽ منش وغيره مرتيو لوڪ ۾ رهي، پنهنجي ڪرمن
موجب سورگ جا سک ۽ نرڪ جا ڏک ڀوڳين ٿا. برهما جي سوا ڪري
ڪيترا لوڪ نئو رهي ۽ سندس موڻ پڇاڙي ڪانسواءِ ڀوڳي به نئو رهي.
هي اوڌو! مان ٽن گڻن سان رهت ڪري، رجو گڻ ۽ تمو گڻ جا ليپ پڌاڻان
ٿو. يعني جو منش من ۾ ڌيان رکي، پنهنجي اندرين جي وس ڪري
ٿي، حڪم پيڙي ڪرم جو وچار ڪري، ڪنهنجي ۾ ڳاڙهن گند
ڏيڻ سان نئو ڪاوڙجي، ايشور سمرڻ ۾ ڌيان ڪندو رهي ٿو ۽
سدا سچ ڳالهائي ٿو، سڀا ۾ ڌرم رکي ڪنهن ۾ شڪ جي اجا نه
ڪري، ڌاڪر ڀوڳ ۽ سيوا ۾ من لڳائي ٿو اهي لڇڻ ستو گڻ جا آهن.
جهڙو سندر استري، حڪم گهوڙا، ڪپڙن، محلن ۽ باغ وغيره
سنساري سکن جي اجا رکي، اُنهن ڪري ڪنهنجو جوڻ ۾ ماڻهي،
جهڙو ڪم ڪري تنهن پنهنجي واکاڻ ٻڌڻ گهرندو ۽ منش دولت ۽
وڏائي وڏائڻ جي لالچ ڪريندو، تنهنکي رجوگڻي سمجهڻ گهرجي.
جهڙو گهٽي ڪاوڙ ۽ لوڀ ڪريندو، ڪوڙ ڳالهائيندو، ڪڪرم ڪرڻ ۽
جيو هتيا ۾ اُڌرم ۾ مالڪن سان جهيڙو ڪريندو ۽ اٿي ٻوڙ آلسي ٿي گهڻي
ننڊ ڪري ٿو، اهي لڇڻ تموگڻ جا آهن. سڀڪا شي پنهنجي سمجهڻ،
منهنجي تنهنجو وڏي ارڻ، بالڪل ”مان“ سمجهڻ، اها ڳالهه تنهن گڻن
گڏجڻ سان جڙي ٿي. پر منهنجي لاءِ ۽ ڏيان ڪرڻ واري کي ستوگڻ
جي پرتاپ سان ڪا به اجا نئي رهي. اهي ٽي گڻ سدا ڪڏهن ڪڏهن
رهن، پر گهٽ وڌ ٿين ٿا. ستوگڻ وڌڻ سان من ۾ خوشي ۽ گيان پيدا
ٿئي ٿو، رجوگڻ وڌڻ تي سنساري سک جي خواهش ٿئي ٿي ۽ تموگڻ وڌڻ
سان ڪاوڙ، ننڊ ۽ آلس وڌن ٿا ۽ جنهن ڪري جيو کي سچا ۽ اُڌرم
ڪرڻ جي اجا ٿئي ٿي. جاڳڻ ستوگڻ، سمهڻ ۽ خواب ڏسڻ رجوگڻ
۽ اُداس ٿي رهڻ تموگڻ جا لڇڻ آهن. ساڌو ۽ تورو ڪاٺ سا لوڪ ٿي،
جڳو گهڻو ٻڌ وڪائڻ راجسي ۽ نڪ ڪري گهٽو ڪائڻ، جنهن مان ٻڌ ماٺو

ڪريئو ۽ ٿڌڙو ٿنهنکي دکر سکر ٻوگهٽو ٿيو. جنهن من وس ڪيو ٿنهنکي ڪوبہ دکر ڏيئي نٿو سگهي. يگيہ ۽ تپسيا وغيرہ ڪرمن ڪرڻ جي ضرورت ٿئيئي، پر ھي چنچل من، جو زبردست دشمن آھي، جلد وس نٿو ٿئي. ھميشہ اِن من جي سبب دوست يا دشمن ٺھندي ٿو، پر من جي روڪڻ سان نہ تہ ڪو مترئي آھي ۽ نڪو ڪو دشمن ٿئي ٿو. سڀ ست آست من جي ڪري ٿئي ٿو، پر نہ ڪ شرير جي ڪري. ڏسو! استري ۽ اولاد ٻنهين سان شريرگاي لڳائيجي ٿو، پر من جي ڪري استريءَ کي ڏسي ڪام سٽائيندو ۽ اولاد سان پريم اُپجي ٿو. اِنڪري جنهن من وس نہ ڪيو، تنهنجو ڌرم ڪرم سڀ اجايو آھي. تڏھن من کي سنساري مايا کان روڪي، ھري چرڻن ۾ ڏيان لڳائڻ واجب آھي.

ھي اوڌو! اُھو ٻراھمڻ اِن من جي روڪڻ ڪري اھڙو تہ گياني ٿيو جو نہ تہ ڪيس مترئي ڏسڻ آيو ۽ نہ دشمن ئي، ٻنهين کي ھڪجهڙو ڄاڻڻ لڳو. ڪنهنجي ٻہ گار گند ڏيڻ يا مارڪٽ ڪرڻ تي ڪيس ڪروڌ نٿي ٿيو، جنهنڪري مرڻ بعد ڪيس مڪتي ملي. ھاڻي آتما ۽ مايا جو حال ٿو ٻڌايان، جو ڌيان ڏيئي ٻڌ:

جئين آتما پرش نراڪار روپ آھي، اُتي واڻي ۽ من جي پهچڻ جي سمرٿي نہ آھي. جڏھن اُن پرش کي سنسار پيدا ڪرڻ جي اِڇا ٿئي ٿي، تڏھن ھو ٻيءَ پنهنجيءَ مايا کي، جنهنکي پرڪرتي بہ چون ٿا، پيدا ڪريئو. اُن مايا مان ساتوڪ، راجس ۽ تامس ٽي گڻ پيدا ٿين ٿا. پوءِ جيستائين ٽيئي گڻ ھڪجهڙا رھن ٿا، تيستائين تہ ڪوبہ جيو پيدا ٿي نٿو سگهي، پر اُنهنجي گهٽڻ يا وڌڻ سان سنساري رچنا ٿئي ٿي. اِن مايا ۾ منهنجي پرڪاش ملڻ ھئڻ ڪري مهہ تتو پرگهٽ ٿي، اُنمان اھنڪار پيدا ٿئي ٿو. اھنڪار مان وڪارڪ، تامس ۽ تياجس پرگهٽ ٿين ٿا. وڪارڪ مان پنج ڀوت، تامس مان يارھن اندريون ۽ تياجس مان يارھن ديوتا. اِندرين جا مالڪ پيدا ٿي جيستائين اِھي سڀ الڳ رھندا، تيستائين تہ ڪجهہ بہ پرگهٽ نٿو ٿئي. پر جڏھن منهنجي شڪتيءَ سان اِھي سڀ ملي وڃن ٿيون، تڏھن برھمانڊ پرش پيدا ٿي، ڪيترِيءَ مدت تائين پاڻيءَ ۽ شيش ناگ تي آرام ڪريئو، اُھو برھمانڊ

سوڻون جنت ٿي ويندي آهي، تنهن لوڀيءَ جو تيڪر وڃي مليو ۽ ڪو به
ڪيس ڪجهه نه ٿو ڪري. افسوس! جنهن دولت کي منشيه ميترو جڳو
سمجهون ٿا، سا اهڙي ته بري آهي جو پورڻا پاپار ڪرڻ وقت پنهنجي
۽ پرائي جي سمجهاڻ ڀلائي، ڪوڙ ڳالهائڻ سان ملي ٿي. ورئي رات
ڏينهن سنڀالڻ جي جنتا ۽ چورن ٺوڳن راجاڪان لٽجي وڃڻ جو ڊپ رهي ٿو ۽
جنهنڪري پوري نند ۾ نصيب نه ٿي ٿئي. اِن دولت اچڻ تي ڪيترا
نه ٿيا پاپ يعني وشيا گمن، شراب پيئڻ، جوا ڪرڻ، جيو هنسا وغيره
ڪڪرم ٿين ٿا ۽ جنهنڪري دنيا ۾ بدنامي کٽي مرڻ کانپوءِ سڌو
نرڪ ۾ وڃي دک ڀوڳڻو پوي ٿو. اها! ڳوان ڏاڍو ڪجهه ڪيو جو
منهنجي سڀ مالڪيت کسي ورتائين. جنهن مايا ۾ مترا اوگڻ ڀريل
آهن سا نه ڪي ڪرم ۽ خرچ ڪرڻ سان ٿي سڦل ٿيندي. جڏهن ڏينهن
جي حياتي ۾ مايا جي اَنڌ ۾ منش سان دشمني ڪرڻ ڪوڙي نه پل آهي.
جيڪي آدمي منشيه سريرپائي دولت، استري ۽ اولاد جي ڀرپٽ ۾
ڦاسي خراب خوار ٿين ٿا، تنهنجو سنسار ۾ جنم وٺڻ بيڪار آهي.
ديوتائون ۾ اها اڇا رکن ٿا ته جيڪڏهن ڀارت کنڊ ۾ ڪين منشيه
جنم ملي ته جلدئي جيڪر سڌن موکش ٿي وڃي. هاءِ افسوس!
ميسڻ پڌي ٿيڻ ڪري ۽ اندرين جي طاقت گهٽجي وڃڻ ڪري،
مان ڪو به جڳو ڪرم ڪري نه ٿو سگهان، تنهن ڪري باقي حياتي
جو وقت جيڪي ڪجها ڏيٺي پرميشور جي سمرڻ ۽ ڌيان ۾ خوش
رهان. ائين وچار ڪري جو ورڪت ٿي سنياس ورتي، هڪ هنڌ
ويهي پرميشور جو ڀڄن ۽ سمرڻ ڪرڻ لڳو.

جڏهن اُهو برهمڻ شهر ۾ بکيا پنڻ ويندو هو، تڏهن شهر جا ماڻهو
ڪيس سمجهائي اڳيون ڳالهيون ياد ڪري ڏاڍا دک ڏيندا هئس. يعني
ڪو ڪيس گاريون ڏيندو هو، ته ڪو ڏنڊ ۽ ڪرمنڊل کسي رکي
سان ٽوڪ ڪندو هو ته "هي وڏو شوم آهي ۽ ڪنهن تي ميٺڙو ڳالهائڻ
پگڻ ڀيو آهي." اهڙي طرح جو برهمڻ ڪيترن دکن ڏسڻ تي به ڪجهه
برو نه سمجهي، پنهنجي من ۾ چاهيندو هو ته هي ڪنهنجو ڏوهه ڪونهي،
سڀ سڌس قسمت ڪري ٿي آهي. جهڙو جيڪو ڪرم ڪجو پاڇڙو

ايترو گيان ٻڌي، اوڌو چوڻ لڳو ته ”هي مهاراج! اِها ڳالهه ڏاڍي ڪٺڻ آهي، جو ڪنهنجون گاريون ۽ ڪئور وچن ٻڌي ڪميا ڪجي.“ شري ڪرشڻ وراڻي ڏنيس ته ”هي اوڌو! تون سچ ٿو چوين. تير ۽ تلوار جو گهاءُ ملم رکڻ سان ڇٽي وڃي ٿو، پر ڪئور وچن جو گهاءُ، جو هڪدفعه جگر ۾ لڳي ٿو ته، وري ڇٽي نه ٿو سگهي. پر اِها سڀ ڳالهه من جي ڪري اٿيئي. جنهن پنهنجي من ۾ اهنڪار کي وس ڪيو، تنهنکي انهن ڳالهين جو ڏک نه ٿو ٿئي. جيڪي من جي وس رهن ٿا، تن کي ئي گاريون ڏيڻ تي ڪروڌ پيدا ٿئي ٿو. اِن بابت هڪڙو مثال ٿو ٻڌايانءِ ته اُجين شهر ۾ هڪڙو براهمڻ وڏو ساهوڪار واپاري رهندو هو، پر اهڙو ته لوڀي، ڪنجوس ۽ ڪامي ڪروڌي هو، جو ڪڏهن پنهنجي نيات يا ساڌو براهمڻ وغيره کي پنهنجي زبان سان پوڄڻ ڪرڻ واسطي نه چيائين. هڪڙي ڪوڏي واسطي دوست جو دشمن ٿي پوندو هو. پيو ته ڇڏيو پر پنهنجي کائڻ ۽ پيئڻ ۾ به ڏاڍو شوم هوندو هو. اِن شوم پڻي ڪري سندس ڪٽنب جا آدمي به دشمن ٿي پيس. نه ته هونءَ جنهن وٽ دولت هوندي آهي، تنهنجي آٺ پهرن رهندي آهي ۽ ڪٽنب، ديوتائن، پترن توڻي اٿتين کي سک ملندو آهي، پر شوم هئڻ سبب اهي پنهنجي براهمڻ جا ڪٽر ويري هوا. جڏهن هو براهمڻ پڙو ٿيو ۽ واپار ڪرڻ جي سمرٿي نه رهيس، تڏهن هٿين پنهنجي جي سراپ ڪري باهه ۾ سڙڻ، چورن جي ڦرڻ، راجا جي لٽڻ ۽ قرضدارن جي ڄهر ڪري وڃڻ سان سڀ مال گهر ٿي ويس. پيو ته ڇڏيو پر جيڪا مايا زمين ۾ پوري ڇڏي هوائين سا به هٿ نه آيس. هاڻي هو براهمڻ ڏاڍو ڏکي ٿيڻ لڳو ۽ ذات وارا به کيس بي آبرو ڪرڻ لڳا. هڪڙي ڏينهن ويٺي ويٺي خيال ٿيس ته افسوس! مون ايترو ڌن گڏ ڪري نه پرلوڪ سڌارڻ جو ڪو باويٺي ڪو نه ڪيو ۽ نه ته هن لوڪ ۾ ئي ڪو سک ڀوڳيم. سچ آهي ته شوم جو مال اجايو ويندو آهي. ترشنا جي ڪري آدميءَ جا سڀ گڻ ناس ٿي ويندا آهن. جنهن سهڻي آدميءَ جي منهن تي ڪوڙهه جي داغ هئڻ تي هنجي سڄي

لڳ ساڻ سڻائي، ڪنن ساڻ ٻڌي، زبان ساڻ ڪٿي مٺي سواد کي
ڄاڻي، نڪ ساڻ ڄڱي ٻيڙي ڪرم ڪرڻ، پيرن ساڻ هلڻ، لنگ ساڻ
استري ڀوڳ ڪرڻ، گدا ساڻ ميل ڪيڻ، وات ساڻ ڳالهائڻ ۽ من
ساڻ اڇا ڪرڻ اهي سڀ ڪم ٿين ٿا. هي اوڏوا سيني اندرين،
اهنڪار ۽ مهر تتو ماڻ سارو سنسار پيدا ٿيندو. جهڙا تتو جهڙڪي جنهن
ڏا تن ۾ پرٿوي، جل، اگني، وايو، آڪاش (پنج ڀوت آتما) ۽ جنهن
اِن پرماتما پرش کي چالي. جيستاءِ منشي منهنجي مايا ۾ ڦاٿل آهي،
تيستاءِ ڪس لکن قسمن جا ڀرم لڳا رهن ٿا، پر جڏهن مايا ڪان جدا
ٿي مونکي پنهنجو مالڪ چالي ٿو، تڏهن سڀني سنڌس من هٺي ٻاسي اٿو
لڳي ۽ هو سيني جيون ۾ منهنجو پرڪاش ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مايا ۾ ويڙهجڻ ڪري
سچالي، پر هو مون ۾ من لڳائڻ ڪري هو سڳر ٻار لنگهي وڃي ٿو.
مرڻ وقت منشيه جنهن ٻاسي من لڳائي ٿو، اهڙوئي شرير ٻائي ٿو. هري
جو ٻل جي ڌيان ڪرڻ ڪري، اندر سڌ جيئڻا سڀ وئڪمت پهچجي ٿو.
سمهڻ مهل شرير ڪڪ منڌ رهي ٿو، پر من ڪيترن سڌان گهميو اچي ۽
جاڳڻ وقت ۾ هزارن ڪوهن ڏاهه ڏوڙيو، الاءِ من کي سرير ڪان سڌاءِ
الڳ سمجهڻ گهرجي. جيئمو. ”آ، ستوگڻ ساڻ ملي رهي ۽ ديوتائون، رجوگڻ ساڻ ملي
ڏئيب توڙي آدمي ۽ تموگڻ ساڻ ملي ڀوت، پريت ۽ هسون وشرم پيدا
ڪريان ٿو. جڏهن ڪو پيڙو منهنجي واپ مان جار ڪيڏي دري
ڪائي وڃي ٿو، تڏهن آئون ۾ منهنجي سڳتي سيني جيون ۾ رکي، مرڻ
[illegible] منهجوان اڇا جڳي وان ٿو. جڏهن پيڙيڻ ۾ مالڪ ساڻ ڪناري جا
[illegible] ملدڙ ڏسڻ ۾ ۷ پيدا آهن يا ميگهه ترڻ وقت پرٿوي ۽ آڪاش
[illegible] پيدا نظر ايندا آهن، تڏهن سنسار جا سڀ شب ۽ اشب ڪرم منهنجي
[illegible] اڇاساڻ آهن، پر منشي جوي ٿو ته مي ڪم مون ڪيو آهي.
[illegible] گداهي کي گهرجي ته منهنجي پراو ڪ ڏانهڻ لاءِ ڪام، ڪرڌ
[illegible] سمرن کي منهنجي وس رکي، ڪنهنجي به گارين ڏيڻ تي
[illegible] جڙڻ نه گهرجي.“

وارائي خوش گذارين ٿا. جڏهن سنسار ۾ اچائون سڀئي دکن جي پاڙ آهن، تڏهن سورگ ۾ ٻيئي شيون دک ڏيندڙ آهن. هڪڙي اها جو ٻئي کي پاڻ کان مٿي ويٺل ڏسي حسد پيدا ٿئي، ٻي پاڻ سان گڏ وهڻ واري سان جهڳڙو ٿئي؛ ٻي پاڻ کان هيٺ وهندڙ کي آيمان جي نظر سان ڏسجي. جيڪو منشيہ سنساري سک ۽ سورگ جون اچا ڇڏي، هري جرڻن جو ڌيان ڌري ٿو، سو مها پرائي تاءِ وئڪنٺ ۾ سک ڀوڳي وري جنم نٿو وٺي. هي اوڌو! جو منشيہ مونکي ڀڳوان ڄاڻي هڪدفع به سچي من سان منهنجو سمرڻ يا ڌيان ڪريٿو، تنهن کي مان ڪڏهن به نه ٿو وساريان. اِنڪري اُنکي گهرجي ته سدائين منهنجن چرڻن ۾ پريت لڳائي، جنهن ڪري ئي سندس اُڌار ٿئي."

ايتري ڳالهه ٻڌي اوڌو هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته "هي شيام سندر! مون جيو ٻهون تتون جو حال ٻڌو، پر ڏسان ٿو ته ڪي رشي ٽي، ڪي ڇهه، ڪي نو ۽ ڪي پارهن تتو ٻيا چون ٿا؛ انڪري جيڪي برابر هجي سو ٻڌايوم ته شڪ نورت ٿئيم." شيام سندر وراڻي ڏنيس ته "هي اوڌو! سنساري مايا کان ڀوڳي نوڻي رشي ڪوبه بچي نه ٿو سگهي. هو جيڪي چون ٿا سو سچ آهي، ڇو جو منهنجي مايا جي ڪري هنن کي انيڪ واٽون نظر اچن ٿيون. جيستائين منهنجو ڀيد نه سمجهيو اٿن، تيستائين هڪڙي ڳالهه تي به سندن من قائم رهي نه ٿو سگهي. جنهن به گيان يا جنهن وات سان مونکي سچا ٿائون ته اُنهن جي من جي اونڌهہ ٿتي ويئي. منهنجي مايا جي ٽن گڻن يعني ستو، رجو ۽ تموگڻ جي گهڻائپ ۽ وڌڻ سان جڳت جي اُتپتي ٿئي ٿي. هاڻي جيڪي نو تتو پڌا آئيڻي سي هي آهن: پهريون پرش، ٻيو مهہ تتو، ٽيون اهنڪار چوٿون آڪاش، پنجون وايو، ڇهون آگني، ستون جل، آٺون پرٿوي ۽ نائون مايا. پارهن تتو جيڪي پڌا ائيڻي سي هندريت آهن:- پهريون چمڙي، ٻيو اکيون، ٽيون نڪ، چوٿون ڪن، پنجون زبان (گيان اِندريون) ڇهون پير، ستون هٿ، اٺون لنگ، نائون گدا، ڏهون وات (پنج ڪرم اندريون) ۽ پارهون من. چمڙي جي ڪري ٿڌو ڪوسو، نرم سخت معلوم ڪري سگهجي ٿو. اکين سان ڏسي ۽

۽ جو اٿئي پوءِ پنهنجو موت ويجهو سمجهي شاستر موجب ڌرم ڪرم
ڪندو رهيو، اهڙي جو جنم وٺڻ سڦل آهي. پنهنجي ڌرم جڏي ڏيڻ
جهڙو ڪو مهاپاپ ڪونهي. جيڪو پنهنجي ورڻ آشرم موجب ڪرم
ڪري آچار ساڻ رهيو، اُنکي منهنجي ملڻ جي وات ڏسڻ ۾ ايندي.
سوني ڪپڙو ڌوئڻ ساڻ پوتر ٿئيو، ۽ ريشمي ڪپڙو تيستاءِ پوتر آهي،
جيستاءِ ڪي ڪاڪوس ۾ پاري نٿو وڃجي، يا پوڄا وقت ۽ سوتڪ
۾ نٿو پهرجي. پتل جو ٻاسڻ ڪتاڻ ۽ رکر ساڻ ماڃڻ ڪري شد ٿئيو،
چانديءَ جو برتڻ رڳو ڌوئڻ ساڻ ۽ سون جو هوا لڳڻ ساڻ پوتر ٿئي
ٿو. جيڪڏهن ڪنهن برتڻ يا ڪپڙي کي ٿوري پيشاب جو شرش
ٿئي، پوءِ جيستاءِ منجهان ٻاس يا رنگ نه ويو آهي، تيستاءِ اُهو پوتر
نه آهي. منش جو سرير سنان، سنڌيا، ترپڻ ۽ هوم ڪرڻ ساڻ شد
ٿئي ٿو. گهاٽي آدمي کي سيڪاڻي ٺاڪرجي کي ڀوڳ لڳائي پوءِ
ڀوڄن ڪرڻ گهرجي. ڀوڳ لڳائڻ کانسواءِ ڪا به شئي کائڻ انسان
آهي. رسوئي ڪرڻ مهل هميشه ائين چوڻ گهرجي ته "ٺاڪرجي لاءِ
ڀوڄن تيار ڪريو." اهڙيءَ طرح ابياس ڪرڻ ڪري سيني پاپن جو
مول اهنڪار جهڙي ويندو. پنجين ورهين جي ٻالڪ کي پاپ
نٿو لڳي. ڇهين ورهين کان وٺي ٻارهن ورهين جي اندر ڪا هتيا
ٿي وڃي، ته اُنجو پرائشچت ماءُ پيءُ کي ڪرڻ گهرجي. اُن کانسواءِ
جيڪو پاپ ڪندو اُنجو پرائشچت پاڻ ڪرڻ گهرجي. وپت
اچڻ مهل اڌرم ساڻ پيٽ پالڻ ۾ پاپ نٿو لڳي، پر سک ڪجهه
...دولت هٿڻ تي ۽ ڌرم جڏي ڏيڻ ۾ مهاپاپ آهي. سيني ڌرمن جو
...وچار رکڻ براهمڻ جو وڏو فرض آهي؛ جو جو ڪڏهن تي سهويل آدمي
...ي ميت ڪرڻ جو ڏ ـ آهي، ۽ پرٿويءَ تي سهندڙ کي ڪوڙو ڏ
...ي؟ انهيءَ لاءِ جيترو ٿي سگهي اوترو پاڻ کي اڌرم کان بچائجي؛
... جو جيترو پاپ گهٽ هوندو اوترو جنم جي لاءِ چڱائي آهي. جي
... سنڌ ر استريه ڏسڻ، ظرو شو: سگهڻ، چڱي ڀوڄن کائڻ ۽ ڪومل
...ي سهوڻ ساڻ برس رس ڦاءِ، تنکي سواءِ دک جي سگهه ماڻهو
...ي. سساري برسڻائي ڪي، جي سيپي دکن جي پاڙ آهن، جڏهڻ

رات ڏينهن ڪيي رهيو آهي ۽ خبر نہ آهي تہ ڪهڙي وقت ڪِري پوي. آدميءَ کي دنيا جي محبت کان آجو رهي، رات ڏينهن موت کي ياد رکڻ ۽ منهنجي چرڻن جو ڌيان ڌرڻ واجب آهي، جنهن ڪري ئي مڪتي ٿيندي سں.

هاٿي پيو گيان پد: مڪڙي وڻ تي ہ پکي آکيرو ٺاهي رهندا هوا. جڏهن اُن وڻ کي ڪواڙي ڪپڻ لڳو، تڏهن مڪڙو پکي چوڻ لڳو تہ هتان اُڏامي هلجي، پر پيو اُتي ويٺوئي رهيو. اُڏامي وڃڻ وارو جيئرو بچيو ۽ ويهي رهڻ واري گهڻو ڏک پاتو. تئين منشيہ سنساري مايا جڏهن ڇڏڻ سان مڪتي پائي ٿو ۽ اُن سان ڳنڍجي رهڻ ڪري آواگمن کان نٿو ڇٽي.

ٽيون گيان هيءُ آهي تہ منشيہ جو شرير ٻيڙيءَ مثل سمجهي، گرو کي ٻيڙي هلائيندڙ ڄاڻڻ گهرجي. اها ٻيڙي سمنڊ ۾ پيل رهي ٿي، جنهنکي هوا روپي منهنجي چرڻن جو ڌيان ڪناري تي پهچائڻ وارو آهي. سو جيڪو ٻيڙيءَ روپ منشيہ شرير پائي ڀو ساگر پار لنگهڻ جي تجويز نٿو ڪري، تنهنکي وڏو مورکہ آتم گهاتي ڄاڻڻ گهرجي. جيستائين منشيہ گيان جي وات سان من کي ڪمارگہ وڃڻ کان نٿو روڪي، تيستائين ڪيس گهڻن قسمن جو ڏک ملي ٿو. انڪري چنچل من کي ڪڪرم ڪرڻ کان آهستي آهستي روڪيو تہ ڪاجہ ڏينهن ڪانپوءِ سادنا ڪرڻ سان چت آلکہ تي سگهي ٿو. پوءِ جڏهن اهو من منهنجي طرف لڳي ٿو، تڏهن سنساري مايا موهہ ۾ نٿو ڦاسي ۽ هرروز سندس هردي ۾ منهنجي ڀڳتي وڌي ٿي. هاٿي جيڪو ان ڳالهہ تي ڀروسو رکي ٿو تہ مري چرڻن جي ڌيان ڌرڻ ڪري سنساري مايا ڇڏي ويندي، سو ضرور مڪتي پائيندو. هي اوڌو! ڀوساگر پار لنگهڻ واسطي ڀڳتيءَ جهڙي ٻي ڪا اُتم ٻيڙي ڪانهي. جنهنتي مان ڪرپا ڪريانٿو، اُنکيئي ڀڳتي حاصل ٿئيٿي.

هي اوڌو! جيڪو آدمي اهو سمارگہ ڀڳتيءَ ۽ گيان جو رستو، جو هيئنئر ٻڌايو مان ءِ، ڇڏي ٻئي پاسي من لڳائيندو تہ اهو ۸۴ لکہ جوڻين ۾ وڃي ڌاڪا ڏک پائي آواگمن کان نہ ڇٽندو. جو آدمي منشيہ شرير پائي پرميشور جو ڀڄن ۽ سمرڻ نٿو ڪري، تنهنکي وڏو مورکہ ۽ آپگهاتي سمجهڻ گهرجي،

شري ڪرشن جو اوڌو کي گيان اُپديش ڪرڻ

منشيه سنسار ۾ ڪنهن ۾ شيءِ جي اڌار ڪي، منهنجي ڌرطي جو ڌ
هرهر ساان ڪري ٿو، تنهنکي سورگ ۾ ٻڌڻ وارو سمجهه، هرسنساري
هرات رکندڙ، لوبي ۽ ڪوڙي آدميءَ کي نرڪ ڏانهن وهندڙ جاڻ
جو گيابي منهنجي ڀڳتي ساڄي من سان ڪري ٿو تنهنکي ڏوان، ٻ
جنهنکي سنتوش نه آهي تنهنکي دردري (ڪنگال) سمجهڻ گهرجي. جيڪو
مورک کي اُپديش ڪري يوساگريا رلنگوائڻ جو حال ڪري ٿو تنهنکي
داتا سمجهه، ۽ جو منهنجي من ۽ اندرين کي نه جيتي انهنجي وس
رهيو تنهنکي شوم جاڻ. هي اوڌوا منهنجي منش وحش ۾ جهڳڙيرو سو
رکي ملت ڪندو، سو من لوڪ توکي ٻرلوڪ منهن ۾ سکي رهندو.“
اوڌو وري ۾ وينتي ڪري چيو ته ”هي ديناناٿ! مون اوهانکان
سڀ گيان هڏي اُنهان اهو مطلب سمجهيو ته سنساري مايا موه ۾ ڦاسڻ
لاڳيتو آهي ۽ ورڪت رهڻ اُتم آهي ۽ تنهنڪري اوهين امڙي ڪا
تعويز ٻڌايو، جنهنڪري سنساري منشيه مايا ۾ نه ڦسي.“ ايترو ٻڌي
وڪنٺ ناٿ جوڻ لڳو ته ”هي اوڌوا مون ٽن قسمن جا رستا سنساري
جهون جي يوساگر پار لنگهڻ واسطي توکي ٻڌايا. مڪڙي وات گيان
آهي ٻي ڪرم ۽ ٽيو ڀڳتي. جنهنکي گيان ماڻيو سو سنساري مايا موه
۾ نٿو ڦاسي، ۽ جيڪو سنسار جي ٻڌڻ ۾ ڦاٿل آهي تنهنکي شب ڪرم
ڪرڻ گهرجن. ۽ جو منشيه ٻنهي جو من ڪاهه گيان ڏانهن لڳائي
سنساري مايا ۾ ڦاسي ٿو، تنهنکي ڀڳتي ڪرڻ واجب آهي. جيستائين
اُنهي ٻڌڻ منهنجي ڪٿا ٻڌڻ رڻي، سنڌس من سنساري مايا کان
... تني، تيستائين سو شاستر موجب ڪرم ڪندو رهي ۽ سنساري
... ۾ سورگ وحڻ جي ڪاهه جو اهس نه رکي. منشيه کي گهرجي
... انهي ٻڌڻ ۾ مسور جو ڏاان رکي شب ڪرم ڪندو رهي. جيستائين
... ۾ ... رب رهندي تيستائين تر سب ڪرم ڇڏي رهڻ ٿي سگهندا
... و رڌاين ۾ ... اين جي طاقت گهٽجي وڃڻ ڪري ڪو ۾ ڪرم
... ئي طرح ... نٿو سگهي. تنهنڪري ڪڏهن ۾ اهو وهنوار ڪرڻ نه
... جي ته جوانيءَ ۾ سنسار جا سڪ جوگي وڃان ۽ پوءِ پيڙهيءَ ۾ ٻالڪوي
ايشور سمرڻ ڪندس. ... جو ٻڌن وڃڻ محال آهي، جنهنکي ڪو

نه ڀڳتي ۽ گيان جهڙو ٻيو ڪاڄ به ڪونهي. تون به گيان ڌاران
سنساري اڇا ڇڏي منهنجي ڀڳتي ڪرين ٿو، تنهنڪري منهنجي
مڪتيءَ ۾ شڪ نه سمجهج. منشيه کي منهنجي وڏائي ڪرڻ واجب
ڪينهي ۽ اهنڪار کان سدا ڏوري ڀڄڻ گهرجيس. نڪ، ڪن، زبان،
اکيون ۽ جهڙي اهي پنج گيان اندريون آهن. هٿ، پير، وات،
لنگ ۽ گدا اهي پنج ڪرم اندريون آهن ۽ ٻارهون من. انهن
سڀني کي جو منشيه سنساري سک ۾ لڳائيندو، تنهنکي اگياني سمجهڻ
گهرجي. سنسار جي اڳياڙيءَ، وچ ۽ پڇاڙيءَ ۾ پرميشور جو هئڻ ڄاڻي،
منهنجي ڪٿا برابر سان ٻڌي. جيڪا شيءِ کائڻ يا پيئڻ واسطي ملي،
سا پهرياءِ منهنجي ناليءَ ارپڻ ڪري پوءِ پاڻ ورتائي. تلاءُ، کوه،
باغ ۽ ڌرمشالا وغيره جيڪي به ڌرم ارٿ ٺهرائي، تنهنجو ڦل پونکي
ارپڻ ڪري ۽ ائين پاڻ جي ڀايان نه ڪري ته هي سڀ پون ٺهرايا آهن."

ايتري ڪٿا ٻڌي اوڌو وري به چوڻ لڳو ته "هي ناٿ! تپسيا،
دان، نيم ۽ سنڌيا جو حال به ٻڌايو. گياني ڪنهنکي ٿو ڪوٺجي،
شب آشپ ڪرڻ واري، سورگ نرڪ وڃڻ واري، ڌنوان
ڪنگال ۽ داتا توڙي شوم جو حال به ٻڌايو." شري ڪرشڻ اُتر ڏنس ته
"هي اوڌو! جيو هتيا، چوري وغيره پاپن ڪرمن کان بچيو رهڻ،
سچ ڳالهائڻ، گروءَ ۽ ايشور ۾ پريت رکي، ويد شاستر ۾ ڀروسو رکڻ،
مطلب کانسواءِ گهٽ نه ڳالهائڻ، سڀني جيون تي ديا رکڻ اهو سنڌيا
آهي. هٿ پير مٿي سان ملي ڌوئڻ، شنان، سنڌيا، پوڄا، ڀڳتي،
تپسيا، شراڌ، تيرٿ ۽ ورت ڪرڻ اهو نيم ڪوٺبو. دان انهيءَ جو
نالو آهي جو ورڪت آدمي ڪڪر ڇڏي من، واڻيءَ ۽ ڪرم سان
ڪنهنجو به برو نه چاهي ۽ گرهستي تي کاڌو ڪپڙو وغيره شيون
دان ڪري. تپسيا اها آهي جو استري ڀوڳ جو سک ڇڏي ڏئي.
گياني اهو آهي جو شاستر موجب رستو وٺي منهنجي مڪتيءَ جو ويچار
رکي. جيڪو ڀڳوان کي وساري منهنجي ئي شرير جي پالنا ڪريندو،
اهو وڏو اگياني سمجهڻ گهرجي. منهنجي چوڻ موجب ڪم ڪرڻ
اها اُتم وات آهي ۽ انهيءَ برخلاف غلط ڪارگر ۾ وڃڻ ڄاڻ. جو



GITA PRESS, GORAKHPUR.

شريڪرشڻ جو اوڌو کي آشرمن جي ڌرمن بابت اُپديش ڪرڻ (صفحو ۴۸۸)

تپستاء مورتيءَ جي اُپاسنا ڪري. سيني جيون ۾ مونهنجو ڪاش
ڪهڙو سمجهي. بس! اهڙي ڌرم ڪرم رکڻ واري کي سنياسي
جاڻڻ گهرجي، ۽ رڳو ڏنڊ ۽ ڪمنڊل ڌارڻ ڪري سنياسي
ڪونه سڏبو. ايئن ڪرڻ ۾ اندر ۾ ڀلا ديوتائون ۽ گڻن ۽ جيون ٿا،
تنهنڪري. تپسيا ڪرڻ وقت من کي اسٿر رکجي. جهڙي منش
منهنجي ڌرم ڪرم تي رهن ٿا تن کي مڪتي اوس ملندي ۽ ڌرم
تيا ڪندڙن کي آسور ارڪ جا ڪر سوڌا هوندا. انڪاءِ سيني ورڻن ۽
سيني آشرمن کي سڀئي من سان منهنجي ڀڳتي ڪرڻ گهرجي،
جنهن ۾ ڪ سڌن ڪلياڻ آهي.“

اترو ڳالهه ٻڌي اوڌو هٿ ٻڌي چوڻ لڳو ته ”هي ديناناٿ! جنهن سنساري
منش ڪال روپي ناسر جي وات ۾ پيو آهي ۽ هر روز منهنجو سک
گهوري ٿو، تنهن مونکي ۽ سمجهائي ڪا سولي واٽ ڀوساگر پار لنگهڻ
واسطي ٻڌايو.“ شيام سندر وراڻي ڏنس ته ”هي اوڌو! جو گيان
ڀيشم پتامه راجا يڌشٽر کي ٻڌايو هو سو تون ڪن ڏئي ٻڌ:
(سنساري منشن کي جنهن طرح سان گيان ملندو. پوريون پراڻن پڙهڻ
ڪري، هو منش جو مرڻ ڏسي منهنجي موت جو ويچار ڪرڻ ڪري،
تنهن ساڌن ۽ مهاتمائن جي سنگت ڪرڻ ڪري ۽ جيتون سنساري
وهنوار ڪوڙو سمجهڻ ڪري. ڪٿا پريم سان ٻڌي ۽ منهنجو
اعتبار رکجي. واڻي منهنجي ارڳڻ روپ جي ڌيان ڪندڙن کي
مڪتي ملندي، سڀئي اهڙا ٻڌ. يعني جيون ڌرم ڪرڻ سان مونکي
ٿس ٿا، اُن ڪرم جو ڦل مونکي ڏئي ڪري خواهش نه رکن.
...ر ۾ جهڙي قسم جا پاپ نه ٿا. ڪڙا وهت ٻوڻ ۽ پيار ڦيڻ
منهنجي ڀڳتي ڪندا، ٻيا گيان وٺڻ ۽ ڀوساگر پار لنگهڻ جي اپاءَ
ڀڳتي ڪن ٿا، تيان دولت، سنتان ۽ سنساري سکن واسطي
...جو ڌيان ڪن ٿا ۽ جو ٿان گيابي جي مونکي ڀڳوان جاڻي ڀڳتي
...ايجي موه ڪجهه ٻڌا ڀا رکن. ٻوئيس ڀڳتي ڪندڙن کي
...من ڀوري مسن جي جهڙي ڪان ڇوٽو پيارو سمجهان ٿو. هي اوڌوا
...سنساري داڻ، ... ڌرم، ... ۽ شمره شب ڪرم ڇڏي آهن

مليتي. کيتريءَ تي وپت اچي پوي ته پوءِ لاچار واپار ڪري ۽ بلڪل
لاچاريءَ حالت ۾ ڀکيا ڪري پيٽ پالي. وئيش تي ڪا وپت اچي پوي
ته لاچاري صورت ۾ شودر جو ڪم ڪري پنهنجو پيٽ پالي. براهمڻ
کي هر روز سنڌيا، ترپڻ، نا ڪر پوڄا، شراڌ ۽ آتٿي سيوا ڪرڻ
واجب آهي. استريءَ ۽ اولاد سان گهڻي پريت نه رکي، منهنجي
چرڻن جو ڌيان ڪندو رهي. انهيءَ پنهنجي ڌرم ڪرم تي رهڻ
وارو مڪتي پائي ٿو. پر جيڪي سنساري مايا ۾ لپٽجي ڌرم ۽ اڌرم
جو ويچار نه ٿا ڪن، تنکي ضرور نرڪ ڀوڳڻو پوندو.

هي اوڌوا! وانپرست جو هي ڌرم آهي ته جڏهن ٻاونجاهه ورهين
کان مٿي عمر جو ٿئي ۽ سنڌس ۾ وئراڳ ۾ لڳي، تڏهن پنهنجي
استريءَ سوڌو بن ۾ وڃي جهوپڙيءَ ۾ رهي، پرميشور جو ڀڄن ۽ سمرڻ
ڪندو رهي. مٿي تي جٽائون وڌائي زمين تي سمهي. گرميءَ ۾
پنجن اگنين تاپي، سرديءَ ۾ ڳچيءَ جيتري پاڻيءَ ۾ بيهي، برسات ۾
ميدان ۾ ويهي تپسيا ڪري ۽ زمين تي پوکيل اناج نه کائي. جڏهن
انهيءَ تپسيا ڪرڻ ڪري بدن ڏٻرو ٿي ٻڍاپڻ اچي، تڏهن سنياس
وٺي. اُن وقت سواءِ دنڊ، ڪرمنڊل ۽ لنگوٽيءَ جي ٻيو ڪي به پاڻوٽ
نه رکي. وات هلندي زمين کي ڏسندو رهي ته جنهن ڪري ڪو به
ننڍڙو جيو پيرن هيٺان دٻجي مري نه وڃي. پنهنجو من ۽ اندريون
وس رکي، جنهن ڪري ڪنهن به استريءَ يا جڳيءَ شيءِ ڏي نه ڊوڙي.
سواءِ ڀوڄن جي اِڇا نه رکي ۽ جتان عمدو ڀوڄن مليس، اُتي وري
نه وڃي. ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهائي. سنساري سک سپني وانگر
ڪوڙو سمجهي، آٺئي پهر ايڪانت ۾ پرماتما جو ڌيان ڪندو رهي:
هڪ هنڌ گهڻو نه رهي، تيرٿ ياترا ڪندو رهي. پاکنڊي آدميءَ جي
سنگت کان پري ڀڄي، سداءِ پرسن چت رهي. پنهنجي سک واسطي
ڪنهن سان دوستي يا دشمني نه رکي، سداءِ نرم سڀاءَ وارو رهي
مٺا وچن ٻولي. لاڀ يا هاڃيءَ ۾ خوشي يا ڏک نه ڪري، فقط ڀکيا وٺڻ
واسطي شهر ۾ وڃي ته نه ته پنهنجيءَ ڪٽيا ۾ رهي پرميشور جو ڌيان
ڪندو رهي. جيستائين منهنجي نرگڻ روپ جو ڌيان هردي ۾ نه اچيس،

جنهني ڪري سنساري جيو منهنجان جوش رهي ٿڪين ڪوه برو نه ڪوني.
حش آشرن جو ميو ڌرم آهي، جو برهمچاري گروه جي گهر
رهي دل ذجان سان انهي سيوا ۾ آگيا ۾ رهي. گروه کي برمستور
سمان سمجهي. استريڻ جي بدن کي ڪڏهن به نه ڇهي ۽ نه ونس
اڪيلو وهي. جهڪا بکيا بڻي اچي سا سب آڻي گروه جي اڳيان
رکي، پوءِ جهڪي اڻ ڌلس سو کائي نه نه انکان گاري نه ولي.
ڪامدو کي بنهنجي وس اوڙو نه رکي. جو ويرد جو ڌرو ۾ ڪرڻ
نه ڌني. جيڪڏهن سبني ۾ ويرد بات ٿئي نه شذان ڪري ڌم مزار
گايتري منتر جپي. ڪه اشذ شئي نه کائي. ودیا پڙهي رهڻ بعد
گرو دکشڻا ڏيئي کانئس موڪلائي، پوءِ وحي گرهست ڪري ۽ ٻاڻ
کان نندڻ عمر وارڻ ڪنيا سان شادي ڪري. استري ڌرم اچڻ
بعد جونس ڏينهن جڏهن موءِ شذ ٿئي، ٺڏهن ساڻس ميلاپ ڪري.
گرهست جي درني جهڪو ايماڱب ٻا ڪو هوسنڌاسي اچي نه کس
ڪهون يوجن ٻا کڙو ڏيئي برس ڪري ڪذ جي، بر ڪڏهن به
حالي مٿيس نه موٽائي ڪذ جي.
والي گرهست آشرم ۾ براهمڻ جو اتم ڌرم پڏ ۽ ادو ميو آهي نه انا ۽ لڻڻ
کانوءِ جهڪي داڻا هئي ۾ ڪرڻا بدا ماهس آهي جولدي انهان يوجن
ڪري ۽ جهڪو جوشئي سان بکدا ڏيئي تنهنکان ولي اچي ڪتب جي
ٻالدا ڪري. ۽ جڏو ڌرم سدس ميو آهي نه ودیا ٻاڙهي، ڪڏا واجي.
ڳم ڪرائي، تنهمان جيڪي ملس انتي گذاري. بر جهڪڏهن مٿس
ڪا آفت اچي پوي نه پوءِ لاچارڻ حالت ۾ کيتي، واپار ٻا نوڪري
ڪري بهنجو ڪتب پالي. براهمڻ کي ٻاڻ کان گوب ورڻ جي
موا ر ڪرڻ ڪهو جي. برهمچارڻ کي ودیا پڙهڻ بعد جهڪڏهن
...ستي ٿي ر رهڻو هجي ر ٽن ۾ وحي ڳوان جو ٻاهس ۽ تسيا ڪري.
...ڪي کسري ا ونس منهنجي براڻل روب شريب براهمڻ کي
... ۽ ڪمڙا ڏيئي سهجي من سان سيوا ڪنڏا، ٽن لي مان ڌاڌو
... روانئو ۽ کس من گهربو ڌن دولت ۽ سنتان ڏيان ٿو. کتري
... برها جي اولاد. اڪر ٻالدا ڪري نه پوءِ مرڻ بعد کس شب گتي

شيام سندر وراڻي ڏنيس ته ”هي اوڌو! ستيجڳ ۾ هنس روپ رنگ ۽
هڪڙو ويد هو. براهمڻ، کيتري، وئيش ۽ شودر چار ئي ورڻ ان
روپ جو ڌيان ڪندا هوا ۽ هڪڙيئي ويد موجب ملت ڪندا هوا.
تريتا جڳ ۾ يگيه اوتار جو ڌيان لڳائي يگيه ٿيڻ ۾ ايندو هو ۽ هڪڙي
ويد مان چار ويد يعني رگ، يجر، سام ۽ اٿر ويد ٿيا. پورين ٽن
جي ڪريا موجب يگيه ڪندا هوا ۽ آٿر ويد فقط منتر شاستر جاڻڻ
واسطي آهي. مون پنهنجي مک مان براهمڻن، ٻانهن مان کيترين،
جنگهن مان وئيشن ۽ پيرن مان شودرن کي پيدا ڪيو. سنياسي ڌرم
منهنجي سر مان، برهمچاري ڌرم هردي مان، وانپرست ڌرم ڇاتيءَ
مان ۽ گرهست ڌرم جنگهن مان پيدا ٿيا آهن. براهمڻ جو ڌرم آهي
ته هو پنهنجي من ۽ اندرين کي وس رکي شڌ آچار سان رهي. ٿورو
يا گهڻو جيڪي به ڌرم جي ڪمائيءَ سان ملي، تنهن تي سنتوش رکي
منهنجي تپسيا ۽ دان ڪندو رهي. ڪو چار گاريون ڏيئي وڃي
ته دل ۾ نه ڪري ۽ نه ته گهڻي ترشنائي رکي. ڪوڙ کي ته ڪڏهن
ويجهو به نه وڃي. بس! جنهن ۾ اهي لڇڻ هجن تنهن کي ئي پنهنجي
ڪرم تي پورو براهمڻ سمجهڻ گهرجي. کيتري انکي چئجي جنهنجي
منهن ۾ تياڳ هجي ۽ شرير ٻاوان هجيس. من ۾ ڌيرج ڌاريندڙ ۽
بهادروري اهڙو هجي جو ڏک لڳڻ سان ڏڪي نه وڃي. نوڪريءَ
يا زميندارئ سان پنهنجو ڪٽنب پالي، پنهنجي آمدان ڪري ۽
براهمڻن ۽ مهاتمائن ۾ ڀڳتي رکي سچي من سان انهنجي سيوا ۽ ٽهل
ڪري. وئيش جو ڌرم آهي ته واپار ۽ کيتي ڪري پنهنجو ڪٽنب
پالڻ. آئي پور پيسن پيدا ڪرڻ ۾ من رکي، پنهنجي آمدان ڪري،
سادن ۽ براهمڻن جي سيوا ڪندو رهي. شودر جو ڌرم آهي ته
براهمڻ، کيتري ۽ وئيش انهن ٽنهي ورڻن جي سيوا ڪرڻ سان
جيڪي به مليس، تنهن تي پنهنجو گذارو ڪري ۽ گهڻي خواهش نه
رکي. پر چئني ورڻن کي گهرجي ته ڪنهن به جيو جي هنسا نه ڪن،
چوريءَ وغيره ڪڪرم کان پري رهن ۽ ٻاجهي به ڪوڙ نه ڳالهائين.
ڪام، ڪروڌ، لوڀ ۽ موهه کي وس ۾ رکي اهڙا پيا ڪم ڪن،

ڳالهائيندڙن ۽ سچائي، گندرن ۽ ڇڏيل سنيهن کي ٻڌائي
۽ ٻارڙو جهڙي ابرار، ٻادرن ۽ ارهن، ڪون ۽ ٺڪرا ڇا
پرانيس ۽ واسديو آڌ آهيان. استري ۾ ٻرش جي مطلب
سنتان اُتس نشٽو تنهنجو ڪارڻ ويره تنهنجو ۽ آڌ آهيان. جي منشيه ڏاڻي
جي ادا رکي گيان سان جڳو ڪرڪن ڏي ادا ادا ۽ گيان ۽ مان آهيان.
جڪي ڪمت جون ڳالهون آهن تن سڀني ۽ وڏيڪ جوا ۽ ماڻا
روپ لڪشمي ۽ مان آهيان. مطلب ته سڀني جيون جي ٻڌمان ئي آهن
۽ منهنجي شڪتي ڪانواءِ ڪندو ۽ ئي نٿو سگهي. جيڪڏهن ڪو
پاڻي ته شربت جا وار، آڪاش جا دارا ۽ ٻرساب جون ٻوندون ڳڻي
ولي، پر منهنجي روپ جو شمار ڪري نٿو سگهي. هي اوڌوا سمسار
جي اُتي ٻالدا ۽ باس سڀ منهنجي ويوتي سان ٿئي ٿو ۽ هي جڪي
شمون ڏسي ٿو، تن سڀني ۽ مان آهيان ۽ سمڪري منهنجو پيد ۽
پوما جاڻڻ ڏاڍو ڪٺن آهي. هي جو آدمي گمو ۽ ارا = وٺيرو اگنئي، ۽ نون
ڪن ڏي، تنهن جڪڏهن جو منهنجيون ادائون دي، جي ڪ ڪام
ڪروڌ جي وس ئي ٻيٽرن ڪرم ڏابون دوڙن ٿون، گيان روپي
اگنئي ۽ جلائي جڏهن ته ٻهتر آهي. جنهن وب ڪوٽو ڏن آهي تنهنکي
ڏنوان ۽ سمجهوي، جو منهنجي ڀڳتي ۽ ڪوٽو ٻرم رهندڙ آهي، انکي
ڏنوان سمجهڻي ته وڌيڪ ڀڳو آهي. جي منشه منهنجي استرڻ کي
آگيا ۽ رکن ڏي تنهن وڌيڪ اُنون ي سمجهوڻ ڪورجي، هي ڪ
ڪرمن ڪان ٻحيل آهن. جي مسير اڙائي ۽ پاڻ ۽ تاوارن جا
ڪ سڏي اڙائي ڪن ڏي تنکي ٻادر سمجهوڻ ٻدران شوروير انکي
سمجهوڻ گورجي، جو منهنجي ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه، اندرين
زبردست دشمن من کي جيتي انهنجي وس ۾ ٿو ٿئي. هي اوڌوا
ن توکي منهنجو ڀڳت جا ٻي تورو احوال ٻڌايو آهي، اللاءِ تون
جي من کي وس ۾ رکي منهنجي ڀڳتي ڪندو رهه ته پوءِ ادي
سڏيون پاڻهي ادهه تو ڏانهن حاضر ٿيس."

يتري ساري ... ڳالهيون ٻڌي جي اُتي اوڌو پڇيو ته "هي
... احش جان ۽ ڪورو درم ڏو ... ماڻو ڪٿي رهندا هواءِ؟"

خراب ٿي موٽي نٿو پائي. جو منشيه منهنجي چرڻن ۾ ڌيان لڳائي
سڌين جي پراپت ٿيندڙ سگهه کي ڪجهه به نٿو ليکي، سو پنهن جي
من اڪمنا پائي پراڻ ڇڏڻ بعد وئڪنٺ ۾ واسو ڪري ٿو."

ارڙهن سڌين جو احوال ٻڌي اوڌو وري به پڇڻ لڳو ته "هي
ديناناٿ! اوهين ديوتائن ۽ درختن وغيره ۾ ڪٿي ڪٿي ٻرا جو ٿا
سو ڪرپا ڪري ٻڌايوم." شريڪرشڻ وراڻي ڏني ته هي اوڌو!
جنهن وقت مهاڀارت جي يڌ ٿي هئي ۽ ڪُرو کيتر ۾ ڪورون ۽ پانڊون
جو مهاڀاري لشڪر اچي گڏ ٿيو هو، انوقت ارجن پنهنجي گروءَ ۽
ڪٽنبين کي دُريوڌن جي طرف ڏسي يڌ ڪرڻ کان انڪار ڪيو.
انهيءَ مون پنهنجي توري مهما ارجن کي ٻڌائي وراٽ روپ ڏيکاري،
انجو موهه جدائي مهاڀارت ڪرايو. اهو احوال ڌيان ڏيئي ٻڌ:-

جو منشيه اگيان جي وس ٿي سڀني جيون ۾ منهنجو پرڪاش نه
ڏسي سگهي ته هنن هندن ۾، جنهنجا نالا وٺان ٿو، ضرور منهنجو
چمتڪار سمجهڻ گهرجيس. سڀني جيون ۾ آتما (ڳالهائڻ جي شڪتي)
مان آهيان. وشڻو نالي سوريه، مريچ نالي هوا مان آهيان. تارن
۾ چندرما، چئن ئي ويدن ۾ سام ويد، ديوتائن ۾ برهما، اندر، ورڻ،
ڪُبير، سوامي ڪارتڪ، يمراج، شنڪر نالي مهاديو، اگني،
سُميرو پروت، ڪامديو، آريمان پتر، دڪش پرجاپتي، چئن ورڻن ۾
براهمڻ، آشرمن ۾ سنياسي، ندين ۾ گنگا، راڳن ۾ ديپڪ، ڌاتن ۾
سون، هاٿين ۾ ايراوت، گهوڙن ۾ اُچ شروا، يڳين ۾ گيان يڳيه،
پروهتن ۾ وسشٽ، استرين ۾ ست روپا، رشين ۾ سوايمڀو منوءَ، يڳن ۾
ستاجڳ، سيوڪن ۾ هنومان، ڪٿا واچيندڙن ۾ ويد وياس، دانين
۾ ٻلي راجا، جواهرن ۾ ڪوستڀ مڻي، گاهن ۾ دڀ، ڏهن اندرين
۾ ياراهون من، نون گرهن ۾ ورهسپتي، رشين ۾ ڀرڳو، منترن ۾
اومڪار، وڻن ۾ پپر، ديورشين ۾ ناردمني، وشٽڙن ۾ ڪپلديو، سڌن
سمنڊن ۾ کير سمنڊ، منشن ۾ راجا، نانگن ۾ شيش نانگ، دئيتن ۾
پرهلاد، مرن ۾ شينهن، پکين ۾ گرڙ، شوربيرن ۾ پرشرام، ويد شاستر
۾ گايتري، ١٢ مهنن ۾ آکاڙ، رتن ۾ بسنت، گلن ۾ گلاب، سچ

وس ڪرڻ تي تنهنجو آڌار ٿو ٿئي: ڀوتن اگنيءَ ۾ گرمي، ۽ جل ۾
سردي، ڌرتيءَ ۾ ڪٺورتا، جوتين هوا ۾ اسپرش (ڇهڻ)،
پنجون آڪاش ۾ شبد، اهي پنهنجي ڳالهيون مونکي ڪرينديون آهن.
جيڪو انهن پنجن وستن ۾ ڌيان لڳائي سڀني ۾ سان مونکي
مهما سمجهي ٿو، تنهنکي پنجين سڌي پراپت ٿئي ٿي؛ پنهنجي نفرت
آتما، آڪاش؛ اگني وغيره جو جيڪو ڌيان ڌري ٿو تنهنکي ان
سڌي ملي ٿي. مونجي وراٽ روپ جي ڌيان ڪرڻ سان ٿي سڌي
ملي ٿي. مونجي جترياڪ روپ جي ڌيان ڪرڻ سان جوتش سڌي
حاصل ٿئي ٿي. مهاتتو روپ جي ڌيان ڪرڻ سان پرجهن سڌي
ملي ٿي. اهنڪار روپ جي ڌيان ڪرڻ سان جوهس سڌي ملي ٿي.
آتم روپ جي ڌيان ڪرڻ سان ستيس سڌي. واسديو روپ جي
ڌيان ڪرڻ سان اتمن سڌي. نراڪار روپ جي ڌيان ڪرڻ وارا
سنساري اچا جهڙي پرم آنند سان رهندا؛ پرميشور جي شڪتي (اجي)
روپ جي ڌيان ڪرڻ سان ٻين جي ڳالهه ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. سورج
روپي پرميشور جي ڌيان لڳائڻ سان هزارن ڪوهن جي شيءِ ڏيکاري
ڏئي ٿي. هوا روپ ڀڳوان جي ڌيان ڪرڻ سان جتي وڻيس اتي
هڪ ساعت ۾ پهچي سگهي ٿو. جوڳ ابياس سان اگنيءَ ۾ من لڳائڻ
ڪري پنهنجو روپ جهڙو وڻي تهڙو ڏيکاري سگهي ٿو. پنهنجي مردي ۾
آتما جي ڌيان لڳائڻ سان ٻئي جي شرير ۾ پنهنجو پراڻ وجهي سگهي
ٿو. ستوگڻ جي ڌيان ڪرڻ سان جهڙيسان وڻيس، تهڙو سان وچار
ڪري سگهي ٿو. منشر انهي پور پنهنجي من ۾ هڪ وچار ڪري ٿو
ته سڀڪا ڳالهه ايشور جي اچا سان ٿئي ٿي، تنهنکي مرڪو مڃي ٿو.
جوڳ ابياس سان پنهنجا پراڻ برهم رندر ۾ جاڳڻ ڪري ڇڏي،
ملندڙ اينديڙ انهن تنهي وقتن جون ڳالهيون معلوم ٿين ٿيون. اگنيءَ؛
جل وغيره پنجن تتن جي ڌيان ڪرڻ سان ٻرندڙ باهه ۾ ۽ ڊوڙندڙ جل
کي روڪي سگهي ٿو. جو منشر اندرين کي وس رکي سڀني من سان
مونجي مرتي جو ڌيان ڪري ٿو، تنهنجون سڀئي سڌيون وچي هٿ
جوڙي حاضر ٿي بيٺيون ٿيون. پر اوڌو اهي مانهن سڌين جي مک ۾ ڦاسندڙ

هي ڳڻ رکندڙ آهي ته ڪوبه پيرمرد آدمي پاڻي ته پاڻکي ٻالڪ بڻائي سگهي ٿو. ٻي سڌي ننڍي شرير کي وڏو ٺاهي سگهي ٿي. ٽئين سڌيءَ ۾ اها طاقت آهي جو پنهنجو شرير ڪپهه جهڙو هلڪو ٺاهي ۽ جيڏانهن وڻيس اوڏانهن اُڏامندو هليو وڃي. چوٿين سڌي هلڪي مان ڳورو ٺاهي سگهي ٿي. پنجين سڌيءَ ۾ اها شڪتي آهي جو هزارن ڪوهن جو حال هڪ هنڌ ويٺي ڏسي سگهجيٿو. ڇهين سڌيءَ سان هزار ڪوهن جي ڳالهه گهر ويٺي ٻڌي سگهي ٿو. ستين سڌيءَ جي ڪري جيڪا شيءِ جتان گهرجي اُها اُتان گهرائي سگهجيٿي. اٺين سڌيءَ سان سڀ ديوتا وس ٿي سگهن ٿا. نائين سڌيءَ سان شرير ٻڍو نٿو ٿئي. ڏهين سڌيءَ جي ڪري جنهن هنڌ من ڊوڙائجي اُتي هڪدم پهچبو وڃي. يارهين سڌيءَ سان ٻئي جو روپ پاڻ ٿي سگهبو. ٻارهين سڌيءَ سان پنهنجو پراڻ ٻئي جي پراڻ ۾ داخل ڪري سگهبو. تيرهين سڌيءَ سان جڏهن وڻيس تڏهن مري سگهي ٿو. چوڏهين سڌيءَ جي ڪري جنهن سان جتي وڃڻ جي اڇا ٿئي اُتي وڃي سگهجي ٿو. پندرهين سڌيءَ جي ڪري جنهن شيءِ جي گهرج هجي اُها اُنهيءَ وقت اچي ملي. سورهين سڌيءَ جي ڪري جنهنکي جيڪا به آگيا ڪجي سا مڃي وڃي ۽ گذريل، هلندڙ توڻي ايندڙ ٽنهي وقتن جو حال ڄاڻي سگهجي. سترهين سڌيءَ جي ڪري ٻئي جي من جو حال ڄاڻي سگهجيٿو ۽ ڪا به گرمي سردي اثر نٿي ڪري. ارڙهين سڌيءَ جي ڪري ٻرندڙ باهه ۽ وهندڙ پاڻي روڪي سگهي ٿو. انهن ارڙهن سڌين کانسواءِ ٻيون چار به يوگ ساڌڻ ڪري ملي سگهن ٿيون. يعني هڪڙي جنم سڌي، ٻي اوشڌي سڌي، ٽي تپسيا سڌي ۽ چوٿين منتر سڌي. جنم سڌيءَ وارو جتي وڻيس اُتي جنم ولي سگهي ٿو. اوشد سڌيءَ وارو جنهنکي جيڪا دوا ڏئي سا آبرت جو ڪم ڪري سگهي ٿي. منتر سڌيءَ وارو منتر پڙهي جيڪي چوي سو اُمالڪ ٿي پوي ٿو ۽ تپسيا سڌيءَ واري جي تپسيا ڪوبه بگاڙي نٿو سگهي.

هي اوڌو! اهي سڀ سڌيون هڪڙو ڳڻ رکندڙ آهن ۽ آءٌ اُنهن سڀني سڌين جي ڦل ڏيڻ وارو آهيان. هاڻي اهي سڌيون

تسڻ ڳوري تو ته مان ورتي اُنهي مرديءَ ۾ گيان جو پرڪاش ڪري
ڪس ششڪرم ڪرڻ کان ٻچايان تو. هي ڳجهت مري ڪٿا ٻڌڻ
وقت پريم ۾ پرهي روئي تا. اُنهن جو ٻاپ لڙڪن جي صورت ۾
نڪري وڃي تو ۽ اُنهنجو مردو شد ٿيو پوي. ڳوپي ڪرڻ سان مان
جهڙو جلد ملان تو، اُن جهڙي ٻي سنهجي وات ڪانهي. جنهن سون
ڪي باهه ۾ وجهڻ سان سندس مسل نڪرو وڃي، تنهن ڳوپي ڪرڻ سان
پاپ بدن ۾ نه تو رهي. پر اِها سڀ ڳالهه جڏهن جي وس آهي ۽ اهو
من سنسارڪي ماڻا ۾ ڦاسي خراب ٿئي تو. مونڊي ڏيان لڳائڻ وارو
منشم سڀ من جون مرادون پائي، انت ۾ وڪنٺ ڌام وڃي تو. الٻاءِ
منشم کي استري ۽ لڳه پرشن جي سنگت ڪرڻ کان سدا پري رهڻ
گهرجي. جهڙو نه منشم جو گمان اُنهنجي سنگت ڪرڻ ڪري جلد
ٻگڙي تو، تهڙو ٻئي طرح نه تو ٿئي. ماڻي مان توکي ڳوپن جي پاسي
من لڳائڻ جي وات ٻڌايان تو سا ڌيان ڏيئي ٻڌ؛ يعني پورپا تمن
اڪماو ونهي پنهنجو من هڪ جاءِ ڪري پوءِ پنهنجي ڪمل روپي
مردي ۾ منهنجي چترروپ (مورتي) جو ڌيان لڳاءِ. جنهن پوڪيل
ون جي ڪچي هڻ تاءِ ڏورن جي ڪائي وهڻ جو ڏپ رهي تو، پر
سنڀال ڪرڻ سان جڏهن اهو وڏو درجي ٿي تو وڃي، تڏهن هاٿي
جهڙو زبردست جانور به ڪس اُکوڙي نٿو سگهي. ساڳي ريت مرروز
منهنجي سمرڻ ۽ ڌيان ڪرڻ سان سنسارڪي ماڻا جتي، جڏهن ون
روپي ڳوپي مردي ۾ پاڙ جهلي وڃي ٿي، تڏهن وري ڪوتاهي نٿي ۽
پوءِ پوگ ايپاس ساڌڻ ۽ اندرين کي وس ڪرڻ سان اٺ سڌيون
ٻنهون رهي ٿيون. هي اوڌو! تنهن ۾ سڄي من سان منهنجي
ڳوپي ڪندو رهه ته تنهنجي من جو مطلب ته پورو ٿئي."

ايتري ڪٿا ٻڌي اوڌو سري ڪرشڻ مهاراج کي وينتي ڪئي ته
"هي پريو! توهان جو ته پوگ ساڌڻ ۽ اندرين کي وس رکڻ ڪري
اٺئي سڌيون ٻنهون رهي ٿيون، سو ڪرپا ڪري سمجهايو ته اُنهن
سڌين ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون آهن؟" سري ڪرشڻ اُتر ڏنو ته "هي اوڌو! اٺ
سڌيون وڏيون ۽ ڏهه سڌيون ننڍيون آهن. اُنهن مان ڪهڙي سڌي

گهٽيون ئي واٽون آهن، پر اُنهن سڀني ۾ جيڪو به سنهنجو رستو آهي سو ٻڌايو م." شري ڪرشڻ اُتر ڏنو ته "هي اوڌو! جڏهن برهما ڪمل جي گل مان پيدا ٿيو تڏهن اُن ويد، جي منهنجا سواس آهن، منهنجي اِڇا سان حاصل ڪري پرگو رشيءَ ۽ پنهنجن پٽن کي پاڙهيا. رشين وري اُن جو ارٿ ديوتائن، دئيتن، گندرون ۽ ٻين کي سيکاريو. پوءِ جنهنکي جيترو گيان هو تنهن اوترو سمجهي دنيا ۾ پکيڙيو. پر افسوس! جو اُن ويد جي اصل مطلب کي ڪوبه ڪونه پهتو. يعني ڪڏهن ڏسو ته منشيه ڪام، ڪروڌ، استري ۽ اولاد کي، ڪڏهن ته يگيه ۽ تپسيا کي ۽ بعضي تيرٿ، ورت يا ڪنهن دان ڌرم کي چڱو ڄاڻن ٿا، پر اُنهن سڀني ڪرمن سان آدمي پوسا گرپا رنڌو لنگهي سگهي ۽ جو جو جيڪي به شيون سنسار ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون تن جو هڪڙي ڏينهن ضرور ناس ٿيڻو آهي. جيڪي منشيه پرميشور جي سمرڻ ۽ ڌيان کي اُتم سمجهي اُن ۾ پنهنجو من لڳائي رهن ٿا، سي سنساري شين جي خواهش نٿا رکن، بلڪ اِندر لوڪ جي سک کي به ڪجي ڪين ٿا سمجهن. پيو ته جڏهن پر هري چرڻن جي ڀڳتيءَ کانسواءِ مڪتي پدارٿ به نٿا گهرن. هاڻي جيڪي منشيه سواءِ ڪنهن اِڇا جي منهنجي ڀڳتي ڪن ٿا ۽ سڀني کي پنهنجو متر ڄاڻي ڪنهن سان وير ڀاءُ نٿا رکن تن جا لڇڻ تو ٻڌايان ٿو.

اُنهن جيون کي جيڪڏهن اٺئي سڌيون ڪٺي ملن، ته به هو اُنهن ڏانهن نٿا نهارين ۽ اٺئي پهر منهنجي سمرڻ ۽ ڌيان ۾ لڳا رهن ٿا. مان اُنهن کي سٺن ڏيئن ۽ تنهي لوڪن جو راڄ توڙي مڪتي پد ڪٺي ڏيان ته به نٿا وٺن. تڏهن آءٌ به شرمندو ٿي اُنهن جي پنيان پنيان پيو ڦران، انهيءَ لاءِ ته هڪڙي ئي شيءِ ڪين ڏيڻي اُنهن جي سيوا کان مڪت ٿيان. اهڙو ڀڳت جني پنهنجو چرڻ رکيو، اُتي جي ڌوڙ ڪٺي پنهنجي بدن کي لايان ٿو، انهيءَ لاءِ ته مون جي ڪروڙين برهمانڊ جا جيو آهن، سي به اُن ڌوڙ جي لڳڻ سان پوتر ٿين. هي اوڌو! اهڙن ڀڳتن جهڙو پيارو مان پنهنجي بدن، لڪشميءَ ۽ مهاديو جيءَ کي به نٿو سمجهان. جڏهن منهنجو ڀڳت سنساري مايا ۾ ڦاٿي خراب

جدا جدا طرح ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ۽ ڪيترائي شرير ناس ٿيڻ وارا ۽ سڀ جيو آتما ۾ منهنجو پرڪاش رهي ٿو، تنهن ڪري لڪ جو ٿين جي جيو آتما ۾ ڪوڙو پاڻ سمجهي، جن نا سوان سان شرير ڪي رهڻ روپ ڪوڙو ڪري ٿو ۽ وهڻ ڪا نيوءِ جي بريت نه رکڻ گهرجي. منهنجي شڪتي نڪري وسائين ٿا، جڏهن ڪڏهن بادل سمنڊ مان پاڻي کڻي وسائين ٿا، ۽ نه ڪر نٿو اچي. جڏهن بادل سمنڊ مان پاڻي کڻي ۽ ڇير ڪنهن ۾ ڪر نٿو اچي. سمنڊ ۾ اهو ٿي رهي ٿو اهو پاڻي ندين ۽ اُس وغيره جي رستي وهي ۽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، اُهي وري اهو سمنڊ ۾ ملي، تڏهن جيڪي ۾ جيو جڙ توڙي جيتن سنسار ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيڪي منشر سنساري وهنوار سڀ منهنجي روپ ۾ سمائجي وڃن ٿا. آلگهو رهي وري ڦرڻ ۾ ڪوڙو سمجهڻ ماڻهو روپي جاءِ ۾ نٿا ٿا اُس ۽ وئڪيٽ جو سڪر پراپت بريت ڪن ٿا، تنگي جلدي منهنجو درشن ۽ منهنجي شرير ۽ نٿي ٿو. جڏهن شراب جي نشي ۾ آدمي متوالو ٿي، منهنجي ڏيان ۾ ليس ٿي ڪپڙن جي سڌ نٿو رکي، تڏهن وري ٻاهر منهنجي سنڌس ڪرڻ وجب پنهنجي شرير جي خبر نٿا رکن. آءٌ سڀڪنهن کي سڌس ڪرڻ وجب جنم ڪان مرڻ تاءِ ڪاڏو وشرم ڏيان ٿو. جي سڀ ڪارو! منشير جو من ڪاڏس ۾ جلد ترشنائن ڪان ڇڏڻ وارو ڪونهي. مون مٿسر اوتار ڏاري راجا سنيه ورڪي گيان اُپديس ڪيو هو، جنهنڪري سنساري ترشنائون منشير اُهو هڏي منهنجو سمرڻ ۽ ڏيان ڪن ۽ سنساري اُپرندي، اُپهندي، جڏهن وري ڦرڻ ۾ اُريب لڳائين. تڏهن سنسار ۾ اُپرندي، تنهن پڻ، تپ، دان، اُتر ۽ ڏکڻ جڏهن پاس وڃڻ لاءِ رستا پئل آهن، تنهن پڻ، تپ، دان، ڌرم، تيرٿ، ورت، ستسنگ، پڳتي ۽ ٻيا ۾ ڪترا رستا مون وٽ پهچڻ لاءِ آهن. منشير کي جيڪا واٽ وڻي تنهنڪان جهڪڏهن سڀڪي من مون وٽ اچي پهچندو."

ان علدو نه ضرور مون وٽ اچي ٿي پنهنجو ايمان وساري سنڪارن ۽ پيس اهو گيان هڏي اچي ٿي سنڌس گوٺي شتوني جڏيو ۽ ٻيس روپ پڳوان ڪي ڏردوٽ ڪري سنڌس آءٌ ۾ ڪرڻ لڳا ۽ پوءِ موڪلائي پنهنجي ٿاڻان ڏي روانا ٿيا.

اُنهن جو ايمان توڙي وئڪيٽ ڏي هلو ويس.
ايتري ڪتا هڏي اوڏو وري ۾ ويٺي ڪرڻي جون لڳو ته

"مسي ديشاٻ ا اُوٽس مٿي جٿي آيا ته مون وٽ پهچڻ جون

آهن، هڪڙا آتمارام ۽ ٻيا ديارام. آتمارام اُهي آهن جي آتميءَ
ٻهر ڀڳوان جي سمرڻ ۽ ڌيان ۾ ليِن رهندا. ڌن ۽ سنساري سک ملڻ
تي ڪا خوشي ڪانه ٿي ٿئين ۽ نه ته اُنهن جي وڃڻ ڪري ڪو ارمان ئي
ٿئين ٿو. ديارام اُهي آهن جي سنسار ۾ ڌن، سندر استري، آگياڪاري
اولاد ملڻ ڪري پرسن رهندا ۽ اُنهن جي وڇوڙي ڪري ڏک سمجهون
ٿا، اِتلاءِ گيانيءَ کي گهرجي ته پنهنجي ورڻ ۽ آشرم جي ڌرم موجب
هلت رکي، پنهنجي ڪريا ڪرم کي نه ڇڏي. پنهنجي ڌرم کان ڦرڻ
ڪري برهم هتيا جيترو پاپ ٿئيٿو. هي اوڌو! هڪڙي دفع سنتڪمار
گيان جو ايمان رکي برهما کان پڇڻ لڳا ته ”سنساري آدميءَ جو من
پنهنجن ڀوت آتمائن کان ڪئن الڳ ٿئي ٿو؟ آسين سڀني تيرٿن جو
سنان ڪري اتمي ٻهر پرميشور جي ڪٿا ۽ ليلا پاٺ ڪندا ٿا رهون،
تڏهن به اسانجو من سنساري چاهنائن کان الڳ نٿو ٿئي تنهنجو
ڪهڙو سبب آهي؟“ جڏهن برهما اِنجو اُتر ڏيئي نه سگهيو، تڏهن
ٻيا ديوتائون جهڪي اُتي وينل هوا سي مٿس کلڻ لڳا. اُنتي برهما
ڀڳوان تي مونکي ياد ڪيو ۽ آءٌ اُنجي ڳالهه رکڻ واسطي اُتي ويس
۽ هنس (برهما جي سواريءَ جو پکي) جو برهما جي ڪپي پاسي کان وينو
هو، تنهنجي پرويش ڪري (گهڙي) سنڪادڪن وٽ هليو ويس ۽ اُنهن جي
ايمان توڙڻ واسطي پڇڻ لڳو ته ”اوهين ڇا ٿا پڇو؟“ انهيءَ
تي سنتڪمار چوڻ لڳا ته ”تون ڪير آهين؟“ مون جواب ڏنو مان
ته ”آءٌ ۽ اوهين الڳ نه آهيون. شرير جي الڳ هئڻ تي به پنجهه
ڀوت آتما، جنهنکي پراڻ چوندا، سو منهنجي ۽ توهانجي شرير ۾
هڪڙوئي آهي، تنهنڪري اوهانجو اِهو پڇڻ اجايو آهي. پر جڏهن
اگياني ٻالڪ وانگر پڇيو ٿا تڏهن برهما، جو تنهين لوڪن جو پيدا
ڪندڙ آهي، سو ڇا جواب ڏيندو؟ هي سنتڪمار! جئن اگياني
آدمي پنهنجي من ۾ خوش ٿيندو سنسار جا سڀ سک ڀوڳي وٺي ٿو،
پر سچو سک اُنکي ڪڏهن به ڪونه ٿو ملي، تئن هي سنساري وهنوار
۽ شرير ڪوڙو آهي، جو ڀڳوان جي مايا ڪري جئن ڏيکون واسطي
سچو پيو معلوم ٿئي. جئن اونده ۾ پيل رسيءَ کي نانگ سمجهجي ٿو

پاسي ڪڻ ڪرڻ ۾ لڳي ٿو ۽ ستوگڻي ماڻهوءَ کي سڀ ڪجهه ڪوشش
ٿا. ڪروڌ سان ڪرم ڪندڙ کي تامسي ڪوٺجي ٿو. جنهن جي
شرير ۾ رجوگڻ وڌي ٿو، سو سک جي ڳولها جا ڌنڌا رکي ٿو. انلاءِ
گياني سدا پنهنجو من ساتوڪ گڻن ڏانهن لڳائي ۽ اهڙيءَ طرح
ڪرم ڪندو رهي ۽ جنهنڪري مونکي پاڇي نه رهي.“

اهو ٻڌي اوڌو وري ٻه ونتي ڪري چوڻ لڳو ته ”هي مهاپرڀو!
جڏهن منشيه سمجهي ٿو ته هيءُ ڪرم بڇڙو آهي ۽ اُنجي ڪرڻ
سان مونکي دک پهچندو، پوءِ به جاڻي واڻي اهڙو ڪرم ڪري سدا
پيو دک سهي سو ڇو؟ جو نه اهڙو ڪرم ڪري جنهنڪري جنم مرڻ
جي دک کان ڇٽي پوي؟ ڀلا! اهو ڪم آهي جو منشيه ٻڌي ڦرائي
ٿري ڪرم پاسي گهلجو وڃي؟“ شري ڪرشڻ ورائي ڏنس ته ”هي
اوڌوا اُنجي ٻڌيءَ کي بگاڙيندڙ ٻه شيون آهن، هڪڙي ترشنا ۽
ٻي ڪاوڙ. جڏهن منشيه کي ڪا به ترشنا پيدا ٿئي ٿي ۽ اُن ۾ وگهن
وجهندڙ ٿئي ٿو، جنهنڪري هنجي مراد پوري نٿي ٿئي، تڏهن ڪس
ڪروڌ پيدا ٿئي ٿو. بس! اهي ٻئي شيون جمو کان بڇڙا ڪرم ڪرائين
ٿيون، جنهنڪري ئي هو مونکان پري رهي پنهنجو پرلوڪ بگاڙي ٿو.
جشن جور ۽ ويچاري ناڻي ۽ ٻه اسمرتي يوگڻ لاءِ ٻنهي جي گهر وڃي
ٿا سن ٿا، تن آدمي ٻه جيستائين مڪتي ٻڌي نٿو پهچي، تيستائين
ترشنا ۽ ڪروڌ جي وس ٿي جنم مرڻ جا دک پيو ڏسي. جنهن ڪام
۽ ڪروڌ کي جيتي مونکي پنهنجو مالڪ ۽ پيدا ڪندڙ ڄاتو آهي،
تنهنکي ئي گماني ۽ منهنجو ڀڳت سمجهڻ گهرجي.“

ايترو ٻڌي اوڌو پڇڻ لڳو ته ”مهاراج! تڏهن پوءِ ڀلا اوهان
سيني ٻاڌون کي جو نه مڪتي ڏني؟ هڪڙي ته دبا ڪرڻ ۽ ٻئي
کي ايائي ڪري جڏهن جو ڪهڙو ڪارڻ؟“ شيام سندر رجس ته ”هي اوڌوا
آ؟ توکي اڳيئي ٻڌائي آهيان ته گيان ۽ اگيان اهڙا ٻه رستا
آهن. جيڪڏهن هڪڙو رستو مڃجي ها ته ڪنهنکي ٻه نه ته ڪو ڏٻ
ٿئي ها ۽ نڪي ڪوئي ٻاڌن ۾ ئي پريت لڳيس ها، يا ڪي بڇڙي ڪرم
۽ نرڪ سورگ جو ڏٻ رهي ها. هي اوڌوا سنسار ۾ ٻن قسم جا منشيه

هي اوڌو! مونکي جهڙو ستسنگ پيارو آهي ۽ جهڙو ڀڳتيءَ ڪرڻ
سان مان جلدي پرسن ٿيان ٿو، تهڙو ويدن پڙهڻ، يوگ ابياس ساڌڻ
۽ ورت رکڻ وارن کان خوش نٿو ٿيان. ستسنگ ڪري ئي مون ۾
جيو جي ڀڳتي پيدا ٿئي ٿي ۽ سنساري جيو مونکي سڃاڻي ٿو ۽ جنهن
ڪري انت ويلي هو آواگمن کان ڇٽيو وڃي. ڏس! جٿن، راجا ٻلي،
باڻاسر، سگريو، هنومان، جامونت ۽ جٽايو وغيره اهڙا ڪيترائي جيو
منهنجي ڀڳتيءَ ۽ درشن ڪرڻ سان ڀوساگر پار لنگهي ويا. شبري، نشاد
۽ ٻيا ڪيترائي نيچ توڙي اوچ ذات جا ڀڳتي ڪرڻ ڪري مڪتي
پد پائي ويا. اڃا ڏس! گوپين ڪو ٻه ويد شاستر نه پڙهيو، نه ڪو تيرٿ
ڪيا؟ يا ورت نيم رکيا؟، نڪا منهنجي مهما جي ئي خبر هين، پر
مون ۾ اهڙي سچي پريت هين، جو منهنجي وڇوڙي ۾ هڪڙي ساعت
۾ هنن کي هڪڙو ورهيه ٿي معلوم ٿي. جڏهن مون تاءِ راس ليلا ڪرڻ
جي وقت کي هنن هڪ پل سمان گذريو سمجهيو. بس! انهيءَ
پريتيءَ ۽ ڀڳتيءَ جي پرتاپ سان هو هميشه لڪشمي روپ ٿي ويڪنٺ
۾ واسو ڪن ٿيون. جئن ڪو منشيه ڄاڻي ٻجهي يا اڻ ڄاڻ سبب
امرت پي وڃي ته امر ٿي وڃي ٿو، تئن ڄاڻي يا نه ڄاڻي ڪري به
منهنجي ڀڳتيءَ ۾ پريت رکڻ وارو منشيه، سنسار ۾ سک پائي جنم مرڻ
کان ڇٽي وڃيٿو. پر اهو گيان گروءَ جي پڌائڻ يا ستسنگ ڪرڻ کان
سواءِ معلوم ٿي نٿو سگهي. انڪري سنساري منشيه کي گروءَ جي سيوا
۽ ڀڳتي ڪرڻ بلڪل ضروري آهي."

ايتري ڪٿا ٻڌي اوڌو هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته "هي ديناناٿ!
جڏهن ڀڳتيءَ جي ايڏي پدوي آهي، تڏهن ٻوءِ اوهان يگيه، تپسيائون
۽ ٻين ڪيترن قسمن جا ڌرم ڇو بنايا؟" شيام سندر وراڻي ڏنيس
ته "هي اوڌو! انهن ڪرمن ڪرڻ سان ٻه ڦل پراپت ٿئيٿو ۽ انهنجي
ڪري هري چرڻن ۾ ڀڳتي پيدا ٿئيٿي. پر جڏهن پدارٿ ملي ويو،
تڏهن ٻئي ڌرم ڪرڻ جو ضرور ڪونهي. هي اوڌو! مايا جا ستوڪ،
راجس ۽ تامس اهي ٽي گڻ آهن، پر پرماتما انهن ٽنهين کان پري
آهي. جنهنوقت ساتوڪ گڻ شرير ۾ وڌيٿو، تنهنمهل منشيه جو من ڌرم

جنهن ڪري سنڌس ۾ لوڪ ٽوٽلي ٻرلوڪ ۾ ئي سڌرن."

اهڙو گيان ٻڌي اڌو وينتي ڪئي ته "هي مهاراج! اوهين ڀڳت ٻاڌن آهيو، رڳو هري ڀڳتن کي ڀو ساگر پار لنگهائڻ واسطي اوتار ورتو، ڄاڻي مڪتي ملڻ جي ڪا تجويز ٻڌايو." اهو ٻڌي وئڪنٺ ناٿ چيو ته "هي اڌو! جو گرهستي پنهنجي سنساري ورتاءُ ۾ پنهنجو من مون ۾ لڳائي ٿو، سو نڪي پنهنجو مالڪ پيدا ڪرڻ وارو سمجهي ٿو، ڪنهنجو برو نٿو گهري، ڪنهن تي ترشنا نٿو رکي، ڪروڌ جو سڀڪاري منتر جپي ٿو، ڌڪر سڪر کي برابر سمجهي ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه، اهنڪار ۽ پياس جي وس نٿو ٿئي، سواءِ هري ڀڳتيءَ جي ٻي ڪا به آشا نٿو رکي، ڪنهن جي به گارين ڏيڻ تي ڪاوڙ نٿو سمجهي، پنهنجي شڪتي سڀني جيون ۾ ڪاڇڙي سمجهي ٿو، پنهنجي آتم پرڪار ڪري ٿو، ايشور ڪٿا ڪيرتن ٻڌڻ ۾ پرسن رهي ٿو، سدا مندر ۽ ديو ستان ٺهرائي ٿو، ٺاڪر پوڄا لاءِ جڳا باغ باغيچا لڳائي ٿو، جيڪي به وٽس آهي سو پنهنجو نه سمجهي ايشور کان مليل ڄاڻي ٿو ۽ جيڪا به جڳهه ڪائڻ واسطي مليس ٿي سا پوريءَ ٺاڪر کي ڀوڳ لڳائي ٿو، پوءِ اُنهان پنهنجي پراڻ ۽ ڪٽنب وارن کي ڏئي ٻاڻ کائي ٿو، هر روز سوير نائڻ کي نمسڪار ڪري ٿو، اڳئي ۾ هوم هون ڪري ٿو، پنهنجي طاقت آهر پراڻن کي کارائي سنتشٽ ڪري ٿو، گئو سيوا ۾ پريت رکي ٿو، هر هنڌ پنهنجو سروپ ڏيان ۾ ڏسي ٿو، سدا ديوتائن جي نالي هوم ۽ پترن جي نالي ترپڻ ڪري ٿو، جيون جي آرام لاءِ تلاءُ، کوهه ۽ ڌرمسالائون ٺهرائي ٿو، سادن مهاتمائن جي سنگ سمايل ٿو ۽ پاڻ به ڪڏهن اپمان نٿو ڪري ته هي سڀ ڪم مون ڪيا آهن ۽ جوجو جو مٺو حڪم ڪري پنهنجي من سان جوڙي ٿو ته اهو پهه مليو ٿو رهي. هي اڌو! اهڙيءَ طرح جي ڌرم ڪرم ڪرڻ واري کان آءٌ خوش رهان ٿو. پر ياد رک ته ستسنگ کانسواءِ اهڙو گيان ڪڏهن به نٿو ملي. سادن ۽ مهاتمائن جي سنگ ڪرڻ ۽ سنهنجي ڏيان ڪرڻ سان منشيه ڏيان پائي ڀو ساگر پار لنگهي وڃيٿو. ڄاڻي ستسنگ جي به مهما ٻڌايان ٿو، جنهن سان ڀڳتي پيدا ٿئيٿي.

آتما کي سڀ جڳهہ حاضر ڄاڻي سنساري مايا کان ڇٽڻ واسطي اُنهي ڀر تجويز ڪرڻ گهرجي. هي اوڌوا اهڙي قسم جي گيان رکڻ وارو ماڻهو مڪت ٿئي ٿو.

سنسار ۾ سک ۽ دک مايا جي گڻن کان ٿئيٿو پر اها مايا مونکي نٿي لڳي. جئن سپني ۾ ڪو آدمي ڪيترن قسمن جا دک ۽ سک ۽ ڪليش ڏسي ٿو، پر جاڳڻ بعد هنکي ڪجهہ به ڏسڻ نٿو اچي، تئن هي سنساري وهنوار به ڪوڙو آهي ۽ پرميشور جي مايا سڀ سچو ڀيو ڀاسي. جيو آتما سڀني جي شريرن ۾ منهنجي شڪتي آهي، سو جيستائين اهو جيو مونکي نٿو سڃاڻي، تيستائين مونکان الڳ رهيٿو. پر منهنجي ڀيد ڄاڻڻ وارو منهنجي سروپ ۾ اهڙي طرح لين ٿي ٿو وڃي، جئن شيشي ۾ پاڇو ڏيکاري ڏئي ٿو، وري اُبتي ڪرڻ سان روپ نہ ٿو ڏسجي. اَگياني آدمي مورکتا سبب پاڻکي مونکان جدا ڀيو سمجهي. گياني گرهست آشرم ۾ ورتڻ ۽ جڳت جي سڀني ڪرمن ڪندي به، پنهنجو من جدا رکي سنسار جي جار ۾ نہ ٿو ڦاسي. گيان ۽ وئراڳ ٻئي مڪتي ڏيڻ وارا آهن. اگيانيءَ کي سک تہ ڪڏهن ملي ڪو نہ ٿو. پرميشور جي شرڻ وڃڻ ڪري گيان پراپت ٿئي ٿو. جئن هوا خوشبوءِ توڙي بدبوءِ ٻنهي قسمن جي شين تي لڳي ٿي، پر رهي ٻنهي کان الڳ ٿي، تئن گياني بہ نہ تہ ڪنهن جي وڏائي ڪرڻ تي خوش ٿئي ٿو ۽ نڪي ٻڇڙي چوڻ تي دکي ٿئي ٿو. جي منشيہ پنهنجي ڪٽنبين کي دکي ڏسي ويچار ۾ غلطان رهن ٿا سي مورک آهن، ڇو جو ائين ڪرڻ ڪري فائدو تہ ڪوبہ ٿيڻو ڪونهي. دک سک سڀ پنهنجي ڪرمن سان ملي ٿو، انڪري گيانيءَ کي ڇا جي لاءِ، دک سک پرميشور جي اڇا ڄاڻي پاڻ کي ڪنهن بہ ڳالهہ جو ڪندڙ نہ سمجهي. جيڪو ويد شاستر پڙهي بہ ڀڳوان جي ڀڳتي نہ ٿو ڪري، تنهنجو اهو پڙهڻ وئرٿ آهي. جيڪي منشيہ دولتمند ٿي بہ دان ڌرم ۽ ٻين چڱن ڪرمن ۾ ڪجهہ خرچ نٿا ڪن، تہ اهڙي ڌن جو هئڻ يا نہ هئڻ ٻرابر ئي ڪجهڙو آهي. انڪري ٻڌيمان ڌن پائي يڳيہ، تيرٿ، دان ۽ ڌرم ڪري ۽ اُنجو ڦل ايشور کي ارپڻ ڪري،

تون جو جوش تو تہ موٽڪي ٻاطان ونيءَ طلب، جنهنڪري توکان تہ
وچڙان، سو ئي اوڏو! گهڻن پوليت هٿئان وحوڙي جو ذڪر ٿو
ٿئي. تون سڃاڻ ئي جيڪي جو ڏسي تو سي سڀ بيما ڪانه ئي
ٻاڪوڙي ڏاہ موتدا، ڪٽا مان جنم مونکان رحمت آهيان. جو آ؟
دمونجي جي دار لاهڻ ڏاو ڏار وڏان ٿي، تہ هو مونکي تہ سگهڻ ووب جد طو
بوتي ٿو. تنهنڪري توکي گهرجي تہ سدا ءِ بيهنجو من منهنجي سرڻ
۾ بجس برلڳائي، منهنجي جوش جي ڏاڻ برابر تي رہ تہ وجوڙي جو
ذڪر نہ وهندو. هي اوڏو! گهڻي ان شوهر کي ونڌ وانگر ان ئي ۾
ٻکي وڻل سمجهي تہ. جي ماڻ ڪوڙي ٻڪي کي توري نوجن ڪا ٻندي
۽ گهڻي سامونڊي آهي. ان ٻکي کي بوماتا سمجهڻ گهرجي جو ڪام،
ڪروڌ، لوڀ، موہ ۽ اهنڪار جي سڪ سان ڪوہ واسطو ڪونہ
تو وکي ۽ جو ٻکي گهڻي ڪاٿي ٿي ۽ ڏهوو رهي ٿو ۽ سڃاڻي سڪ ۾
ڏاڏوجوش رهي ٿو، انکي جيوآتما سمجهڻ گهرجي. جو اسرڻ ۽ ڏن
۽ سڪ ملڻ سان ڏاڏوجوش تو ٿئي ۽ انهنجي جدا ٿيڻ تي ذڪر تو
جاڳي. مثلي اهڙ ڪا لي ٿئي بوتي نہ هي ذڪر سڪ سب بڳوان جي
اڃا سان ٿئي تہ ان ۾ بڻي ڪنهنڪووس ڪونہ ٿو ٿئي. هي اوڏو!
سڃاڻي آدمي کي جو ساگو ٻار لڳيڻ واسطي جيڪا تحوير ڪرڻ
گهرجي سا مان توکي ٻڌايان ٿو: بعضي ماڻهو ڪنهن ۽ ڳاله جو آهان
رڪڻ بجڙ وجي جو ٻڻي کي ڏوان ڏسي رجس ڪرڻ، ماڻ [illegible]
گهڻو ڳالهائي ۽ اسرڻ ترڙي اولاد سان گهڻي پريت ڪرڻ ولحب
نہ آهي. بوماتا کي هن شرير کان سدا الڳ سمجهڻ گهرجي. جڏهن
ڪانہ هي ماڻ لڪل رهي ٿي ۽ تحوير ڪرڻ تي برڳيت ٿئي ٿي ۽ جو
ڪائي جلي وجڻ بعد اڳهي ان کان جدا ٿي وري انسان ٿئي رهي،
ٿئي بوميس، جو برڪاس سبجي جيون ۾ رهي ٿو. ۾ جڏهن هو ٻنهنجي
ڪنهي هن کان جڪيو وي، تڏهن ٻڏن موتي تہ ۽ بوہ ان لاء
ئي جلائي سان آنهي جي ڪسي، ڏنہ ٿو ٿئي. بوماتا جو پرڪاش
سڀني جيون جي سرير ڪجهڙي ڏسڻ سان جو کي خوف ٿو
ٿئي، پر ڏوت سمجهي ۾ گهڻي ڏسي جو ڏسالڳو رهي ٿو. تنهنڪري

منشيه جنم فقط ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ لاءِ مليو آهي، انهيءَ لاءِ منشيه کي سنساري مايا موهه ۾ ڦاسڻ نه گهرجي. پيٽ ڀرڻ، ڀوڳ ولاس ڪرڻ ٻين جنمن ۾ به ملي سگهي ٿو. اڳيئي ٻاٽي ٻري رکيل ٻاهه وسائڻ واسطي کوهه اڳي ٿو، پر ٻاهه لڳڻ وقت کوهه کوٽڻ اها ڪا ڏاهپ ڪانهي ۽ نه ته ائين ڪرڻ سان ڪا ٻاهه ئي وسامندي. هي راجا! مان پرميشور جو چمتڪار سڀني جيون ۾ هڪجهڙو ڏسي خوش رهان ٿو. توکي ۽ سڀني سنساري جيون کي هن جنم ۾ مڪتي ماڻڻ واسطي تجويز ڪرڻ واجب آهي، نه ته سواءِ پڇتائڻ جي ٻيو ڪجهه به هٿ ڪين ايندو."

هي اوڌو! دتاتري اهو سڀ گيان راجا يدوءَ کي ٻڌائي تيرٿ ياترا ڪرڻ لاءِ هليو ويو ۽ راجا انهيءَ گيان جي پرتاپ سان مڪتي پد پاتو. انهيءَ ڪري تون به اهو گيان من ۾ رکي سنساري مايا موهه کي ڇڏي ڏي. هي اوڌو! سنساري منشيه کي گهرجي ته پنهنجي ورڻ ۽ آشرم جو ڌرم شاستر موجب قائم رکي، ڪنهن ڳالهه جي اڇا نه رکي. يگيه، شراڌ، ديو ۽ پتر ڪرم ڪري، گروءَ جي سيوا ۾ پريت رکي ۽ آنجي ڳالهه سچي مڃي. تون جڏهن پنهنجو من سنساري مايا کان الڳ ڪري هڪ چت ٿيندين، تڏهن گروءَ جو اپديش تنهنجي هردي ۾ پرويش ڪندو. هي شرير شڀ اشڀ ڪرم ڪري گهڻا جنم پائي ٿو ۽ تنهنڪري منشيه جنم ۾ آتما کي شرير کان الڳ سمجهي، سنساري سک ۽ وهنوار کي ڪوڙو ڄاڻڻ گهرجي. سو پڻ هريءَ جي ڀڳتيءَ ۽ آتما کي شرير کان الڳ ڄاڻڻ جي مڪتي ڪڏهن به ملي ڪين سگهندي. ٻالاپڻ، جواني ۽ پيرائپو اهي ٽيئي حالتون شرير سان لاڳو آهن، پر آتما سداءِ هڪجهڙي آهي. منشيه پنهنجي آگيان ڪري دکي ٿئي، سک ماڻڻ جي تجويز ڪانه ٿو ڪري. يگيه، تيرٿ ۽ ٻين شڀ ڪرمن ڪري سنساري جيو ديولوڪ ۾ وڃي سک ڀوڳي ٿو، پر او وقت گذرڻ بعد وري به مرتيو لوڪ ۾ جنم پائي اڌرم ڪرڻ ڪري نرڪ ڀوڳيندو رهي ٿو. جيستائين مڪتي نٿي ملي تيستائين جيو آواڳمن ۾ ڦاسي ڪيترن قسمن جا دک پائي ٿو. انهيءَ ڀو ساگر پار لنگهڻ جي واسطي هري ڀڄن ۽ ست سنگ کانسواءِ ٻيو ڪو به اتم اپاءُ ڪونهي.

ڪنهن به سنڌس روپ ٿيو وڃي. مون وهنجاريو ته گياني به انريت پرميشور ۾ من لڳائي، جنهنڪري اُن جهڙو روپ ٿي وڃي."

ايترو سڀ گيان ٻڌائي دتاتريه چوڻ لڳو ته "هي راجا! جو ويهن گرن کان جيڪو گيان سکيس، سو مون توکي سربستو ٻڌايو. ان گيان کي سمجهي پرميشور جو ڌيان ۽ سمرڻ ڪندو رهه، ته تنهنجي به مڪتي ٿي ويندي. هي راجا! چوراسي لک جونين ۾ منش جنم ڏاڍي مشڪلات کانپوءِ ملي ٿو، جنهنڪري سنساري مايا موهه ۾ ڦاسڻ واجب ڪينهي. منش جنم رڳو ايشور سمرڻ ۽ ڌيان ڪرڻ لاءِ مليو آهي؛ جو جو ٻئي ڪنهن به جونِ ۾ اهو ٿي نٿو سگهي. جو منش جنم پائي مرڻ جي پاڇن نٿو ڪري، سو اُنهن چوراسي لک جونين ۾ اچي ڏاڍا ڏک سهي ٿو. جڏهن جيو کي منش جنم مليو، تڏهن کيس سمجهڻ گهرجي ته هو پنهنجو ٻيڙو ڀوساگر پار لنگهائڻ واري ٻيڙيءَ تي رکي چڪو. پوءِ جڏهن ان منش جنم ۾ شڀ ڪرم ڪيو، سو جڻ ته اُنهيءَ ٻيڙيءَ تي ٻيو ٻيو رکي ڀوساگر پار لنگهي ويو؛ نه ته اُن ٻيڙيءَ مان ڪري چوراسي لک جونين ۾ اچي ڏاڍا ڏک ڏسندو. شرير جو ڪٿي حال ڏسو ته ڪڏهن ڏٻرو ته ڪڏهن ٿلهو، تنهنڪري اهڙي شرير جو موهه رکڻ ڏاڍي ڀل آهي. جي منشيه شرير، اولاد ۽ ڌن کي پنهنجو ڄاڻي ائين سمجهن ٿا ته انت سمي هو سڀ اسانجي سهائتا ڪندا ته اُهي ڏاڍي ڀل ٿا ڪن؛ انت سمي نرڪ جا ڏک ڀوڳڻا پوندن. هن جڳ ۾ من کي ڪٿي به پنهنجي وس رکڻ گهرجي، نه ته جيئن [?] چور ڪڙو جواهر چورائي جيئن نه ٿڪڻ ڪري ٻاهر وڌهي مٿا [?]، تئين سڀ اندريون پنهنجي پنهنجي سکن ڀوڳڻ واسطي من کي ٻاهر ڏانهن ڇڪي اُنکي نرڪ ۾ وجهن ٿيون؛ آگياني آدمي اُنهنجي وس ٿي ڏاڍو ڪليش پائي ٿو. جيئن سنسار ۾ گهڻين استرين وارو ڏاڍو خراب خوار ٿئي ٿو، تئين هي جڳ ۾ اندريون جي وس ٿي ڏاڍا ڏک سهي ٿو. ڀڳوان [illegible]، ٻڪين ۽ وڻن وغيره کي پيدا ڪرڻ ڪري پرسن نه ٿيو، پر جڏهن منشيه جو شرير پيدا ڪيائين تڏهن خوش ٿي چوڻ لڳو ته "هن شرير ۾ گيان اُتپن ٿيڻ ڪري هو ضرور مڪتي پائيندو." هي راجا! هي

جي ڪاٻہ بہ سک نہ ٿو ملي. فقط ايشور ڌيان ۽ سمرڻ ڪري ئي هي
لوڪ توڙي پرلوڪ سڌري ٿو. آها! مون هيترا سينگار ڪري، گراهڪن
کي رجهائڻ لاءِ هيترا يتن ڪيا ٿي، اُنهن مان ٿورا بہ ڪري جيڪڏهن
ترپون پتيءَ کي رجهايان ها تہ منهنجو ضرور نيتارو ٿي وڃي ها.
افسوس! جيڪي منشيہ مايا روپي رسيءَ سان ٻڌجي، پنهنجي دکہ ۾
پاڻ وياڪل آهن، تن سان مورکتا ۾ اچي مان پنهنجو سکہ گھرا ٿي،
پر گيان، وئراڳ ۽ سنساري بندنن ڪاٽڻ واري سان ڪاٻہ بہ
پريت نہ ٿي لڳايان. بس! اڄ آءٌ اِها سنساري مايا ڦٽي ڪري پرڻ
ٿي ڪريان تہ هنڪا نپوءِ سداءِ سکہ ڏيندڙ وئڪنٺ ناٿ سان پريت لڳائي
موجون ماڻيندي س ۽ سنساري ماڻهن ڏانهن، جي دکہ ۾ ڪتب نٿا
اچن، ڪڏهن اکہ کڻي بہ نہ نهاريندي س. ۽ نہ تہ ڀڳوان کان سواءِ ٻئي
ڪنهن کان ڪاٻہ گھرنديس؛ ڇو جو مهاتمائن جو چوڻ آهي تہ منشيہ
کي جيڪي بہ گھرجي اُنلاءِ پرميشور کي سوال ڪري. پرميشور جي
سداءِ اِها اِڇا ٿيندي آهي تہ شل ڪو مون کان ڪاٻہ گھري، پر
سنساري آدميءَ ۾ اهڙي سامرٿي ڪانهي جو سڀني جي اِڇا پوري
ڪري سگھي. هاڻي جيڪڏهن ڪٿي ائين بہ ٿئجي تہ ڪنهن بہ
گراهڪ نہ اچڻ ڪري ۽ رپين نہ ملڻ ڪري مونکي هي گيان پراپت
ٿيو تہ اِن ريت گھٽيءَ پهرا مون وٽ گراهڪ ڪونہ آيو هوندو ۽ منهنجو
من اُداس ٿيو هوندو. پر اڄ خبر ناهي تہ ڪهڙي جنم جي ڀاڳہ سهاءِ
ٿيڻ ڪري هن قسم جو گيان اُتپن ٿيو اٿم."

هي راجا! اهڙيءَ طرح هوءَ وئشيا ڳچہ ديرتاءِ گيان جون ڳالهيون
ويچاري پلنگ تي سمهي رهي ۽ اُن ڏينهن کانوٺي هري چرڻن جو
ڌيان ۽ سمرڻ ڪرڻ لڳي. سندس اِهو حال ڏسي مان اُن ڏينهن
کانوٺي سنساري مايا ڇڏي پرميشور جي ڌيان ۽ سمرڻ ۾ مگن رهان
ٿو. سچہ پڇو تہ سنساري خواهش رکڻ سان وڏو دکہ ملي ٿو ۽ ترشنا
ڇڏي ڏيڻ ۽ هري ڀڄن ڪرڻ ۾ اهڙو سکہ ملي ٿو ۽ ڀڳا ڙيءَ جو
مکتي پراپت ٿئي ٿي جهڙي هن وئشيا کي ملي.

ارڙهون گرو منهنجو **سرڻ** آهي. هڪڙي ڏينهن ڏٺم تہ سرڻ ماس

ذرو ڏسي، جنهجو سواد جکي مٿس موهت ٿي جنهجي ڪائڻ لاءِ ايندي آهي، پر ڪائڻ شرط اُن ۾ ڦاسي ساد جڏهن ڏيندي آهي. تنهن ۾ مٿس ۾ جيڀ جي سواد تي موهت ٿي موت پرائيندو. پتنت (تاقل) ڪاڏي نه ڪائڻ ڪري جلدئي اندريون روڪي سگهندا آهن، پر جيڀ کي جتي ڪيترڪي سگهندا آهن؛ جاڪاڻ ته جيڀ جو لوڀ ڪاڏي تيا گڻ ڪري وڌندو آهي. ڪوماڻو ڪٿي سڀ اندريون جتي، پر جيسين هن جيڀ کي نه جيتيو آهي، تيسين ڪيس اندريه جيت جٽي نٿو سگهجي. ائين جاڻڻ گهرجي ته جنهن جيڀ جيتي تنهن سڀ جيتو؛ جاڪاڻ ته جڏهن ڪاڏ وڃڏي ڏجيتو تڏهن سڀ اندريون وس ۾ اچي وڃن ٿيون، ۽ سواد جي اندري وڃي وڌدي. جي موهت تي پوڄن ڪجهي ٿو ته هن سيني اندرين ۾ لوڀ ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري سواد کي جڏي ڏجي.

ستروون گرو منهنجو پنگلا نالي ويشيا آهي. هڪڙي ڏينهن ڏلم ته ادا پنگلا سورهن ئي سينگار ڪري ڪنهن گراهڪ جي آشا ۾ اڌ رات تائين پنهنجي دروازي تي ويهي رهي؛ جڏهن ڪو به گراهڪ نه آيس، تڏهن نا اُميد ٿي وڃي پلنگ تي ٻڌجي رهي. پر ڪام جي وس ٿي هنکي اُها ساجهي رات ننڊ نه آئي؛ جنهنڪري هنکي اهڙو گيان پيدا ٿيو جو جيڪڏهن هزارن ورهين تپسيا ڪرڻ سان به ڪين ٿئي. هن ويشيا اهو ويچار ڪيو ته "افسوس آهي جو مون پنهنجو ساجو جنم اجايو وڃائي، جڳت پتيءَ جو سمرڻ يا ڌيان نه ڪيو؛ ساجي مائٽ پرماتما جو پريم جڏي سنساري آدمين سان پريت ڪيم، اهڙا مون جهڙو مورکه ڪو ڪونه هوندو. مون جهڙي اندي نه ٻي ڪا ڪانه هوندي، جنهن پنهنجي مالڪ کي، جو شرير ۾ موجود آهي، پاڇي نه ڪڏهن نه ڏٺو. جنهن هي شرير هوا، پاڻي، مٽي ۽ هڏن مان ٺهي ناس روپي رسن سان پڌل آهي، تنهن ڪاٺ جو جهرڪو رسيءَ سان پڌجي ڦري ٿو. جنهن گهر ۾ گهڻا دروازا ٿين ٿا، تنهن شرير ۾ نڪ، ڪن ۽ اکيون وغيره گهڻئي دروازا آهن؛ منجهائن اندر وستو نڪرن ٿيون. مون سمجهيو هو ته هن گهر جهڙو آنند ڏيندڙ ٻيو دنيا ۾ ڪو ٻي، پر هاڻي سمجهيم ته هن ڪلمت سنسار ۾ سواءِ دکه

نہ گھرجي تہ شاسترن مان سار ڪڍي، ماڻھن جي مايا روپي روڳ کي ناس ڪري. جيئن ماکيءَ جي مک جڏھن ماناري نہ موھت تي ويٺي ھوندي آھي، تڏھن اُتي ناس ٿي ويندي آھي، تيئن جي مٺي نہ موھت تي، سڀن جو سامان گڏ ڪندو ويندو تہ اُنہ ڦاسي پوندو.

چوڏھون گرو منھنجو **ھاٿي** آھي. مٺيءَ کي نہ گھرجي تہ ڪاٺ جي پتليءَ کي نہ پير سان نہ ڇھي. پر جي ڇھندو تہ جيئن ھاٿي ڪاٺ جي ھاٿڻ کي ھٿ لائڻ سان ٻڌجي پوندو آھي، تيئن مٺي نہ ٻندن ۾ ٻڌجي پوندو. جيئن ٻلوان ھاٿي جيتامڙن ھاٿين کي ماري ناس ڪندو آھي، تيئن ھيءَ استري نہ ڏاڍي ٻلوان آھي ۽ آتما جي ناس ڪرڻ واري آھي. انڪري سياڻي ماڻھوءَ کي ھن استريءَ جي ويجھو بہ نہ وڃڻ گھرجي. جيئن ماکيءَ جي مک ذرو ذرو گڏ ڪري ماکيءَ جو مانارو ناھيندي آھي، پر مانارو لاھيندڙ اُھا ماکي ڪڍي ويندو اٿس ۽ جنھنڪري ماکيءَ جي مک کي ڪجھہ بہ حاصل نہ ٿيندو آھي، تيئن جيڪي لوڀي ۽ ڪنجوس آھن سي ڪوڙ ۽ پاپ ڪري دولت گڏ ڪندا آھن ۽ انھيءَ مان نڪي ڪجھہ دان ڪندا آھن ۽ نڪي پنھنجي ڪم ۾ لڳائيندا آھن، پر ھنن جي دولت ٻيا ڦري ويندا آھن ۽ جنھنڪري ھو ڏاڍا وياڪل ٿيندا آھن. جيئن ماکيءَ جي مک ٻھرياءَ ٻين مکين کي ماکي کارائيندي آھي، تيئن گرھستيءَ کي نہ گھرجي تہ ٻھرياءَ سنياسيءَ ۽ برھمچاريءَ کي ڀوڄن کارائي پوءِ پاڻ کائي؛ ڇاڪاڻ تہ سنياسي ۽ برھمچاري رڌل آن جا سوامي آھن. پر جيڪو ٻھرياءَ اُنھن کي ڀوڄن نٿو ڪرائي، سو مھاپاپ ڪريٿو.

پندرھون گرو منھنجو **ھرڻي** آھي. جيئن ھرڻ ٻن ۾ راڳ ٻڌي اُن تي موھت ٿي موت ٻرابت ڪندو آھي، تيئن سنياسي، جو ٻن ۾ گھمندو ڦرندو آھي، تنھنکي بہ راڳ تي موھت ٿيڻ نہ گھرجي، نڪي ٻڌڻ ئي گھرجيس. جيئن مرگيءَ (ھرڻيءَ) جو پٽ رشي شرنگہ ويشائن جي ڳائي ۽ ناچ تي موھت ٿي ھنن جي ڦندي ۾ ڦاسي ويو، تيئن سنياسيءَ کي بہ پاڻ ڦاسائڻ نہ گھرجي.

سورھون گرو منھنجو **مڇي** آھي. جيئن مڇي ڪنڍيءَ ۾ آٽي جو

آهي سمنڊ ۾ ٻڏن ٿون ته اُتي نٿو ڪائي ۽ ساري ۾ ڪي نٿو
وهي، تنهن منجهه کي ٻه جيڪي ملي تنهنجي راهي رهڻ گهرجي، پر
جي نه ملي ته اُن بابت خيال نه ڪري. مطلب ته سڀني وشين کان
پاڻ بچائي رکو ته ڪا نراڻ ۾ ٻي لڳائڻ گهرجي.

يارهون گرو منهنجو **پتنگ** آهي. اندرين جون پنج وشيون آهن.
روپ، گندهه، سپرش، شبد ۽ رس. انهن ۾ ڦاسڻ ڪري مي جيو ناس
ٿي وڃي ٿو. جهڙي پتنگ، ڀونر، هاٿي، هرڻ ۽ مڇي وشيه ۾ ڦاسي ناس
ٿي ويندا آهن. انهن پنجن ۾ پتنگ جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

جيئن پتنگ ٻاه کي ڏسي مٿس موت تي منهن سڙي ڪاهي ويندو
آهي تيئن ديهه ڌاري ٻه جي جا استري روپي مايا آهي، سونهري
زيور ۽ ريشمي وستر وغيره جي مايا جا رنگ آهن، اهڙي استريءَ کي
ڏسي ۽ منهنجي سونهن تي ديوانو ٿي ڪيس ڀوڳڻ جي اڇا ڪريو
جنهنڪري سندس سڀ ماري، وڃي ٿو ۽ عقل اُڏامو وڃي. انهيءَ
ڪارڻ هو منهنجي وس ٿي انڌي کوهه ۾ ڪري ناس ٿي وڃي ٿو.
اها وديا مون پتنگ کان پرائي آهي.

ٻارهون گرو منهنجو **ڀونر** آهي. جيئن ڀونر جيڪڏهن هڪ ئي
ڪومل گل تي ويهي واسنا وٺندو آهي ته اُهو بند ٿي ويندو آهي.
تنهن منجهه کي ٻه هڪ ئي هنڌان سڀ ڪڍڻ نه گهرجي، جاڪاڻ ته ائين
ڪرڻ ڪري گرهستيءَ کي ڏک پيدا ٿيندو. جيئن ڀونر سڀني گلن جي
سڳند ماڻيندو آهي، تنهن منجهه کي ٻه گهرجي ته سڀني شاسترن جو سار
ڪڍي وٺي، ڀوءِ اُهي شاستر وڏا هجن توڻي ننڍا.

تيرهون گرو منهنجو ماکيءَ جي **مک** آهي. جيئن ماکي، جي مک، ماکيءَ
۾ رهندي آهي ۽ ٿوري ٿوري گڏ ڪري ڪيترڪي رکندي آهي ۽
هڪ ڪي ٻئي ڏينهن جي چنتا ڪندي آهي، تنهن منجهه کي ٻه گهرجي
ته جيڪي ملس تنهنجي پنهنجي آجوڪا ڪري ۽ ٻئي ڏينهن جي
چنتا نه ڪري ۽ هڪ ڪي ٻئي ڏينهن لاءِ ڪجهه گڏ ڪري رکي.
جيئن ماکيءَ جي مک گلن جي رس مان ماکي جوڙيندي آهي، جيئن
ماکيءَ ڪري اسڪ روڳ ناس ٿي ويندا آهن، تنهن منجهه کي

اڳيان چار ئي ڪٽي ڦاسايو. انهيءَ ڪانئوءَ دشت ماري پنهنجو مطلب
پورو ڪري هن ڪبوتر، ڪبوتريءَ ۽ ٻچن کي ڪٽي اُتي گهرپيڙو ٿيو."

اها ڳالهه پوري ڪري اوڌوت چوڻ لڳو ته "هي راجا يدو!
جئن هي ڪبوتر پنهنجي ڪٽنب جي سنگ ۾ لڳي دکي ٿيو، تئن
هي منش به پنهنجن ٻالڪن جي پالڻ ۾ وڏو سک ٿو سمجهي، پر نيٺ
هو ڪبوتر وانگي دکي ٿو ٿئي ۽ سک ته ڪڏهن به نه ٿو پراپت ڪري.
جو منش هن مڪتيءَ دواران لوڪ ۾ اچي ڪبوتر وانگي ڪٽنب
۾ ڦاسي پوي ٿو، سو اُتم گتي پراپت ڪري به آنڌ گهور ۾ پوي ٿو.
ڪٽنب جو موهه پکين ۽ مرن کي به دکي ڪيو ڇڏي، تڏهن ماڻهن
جي وري ڪهڙي ڳالهه ڪجي. اها وديا مان ڪبوتر کان سکيو
آهيان، جنهنڪري آءٌ هنکي پنهنجو گرو ڪري مڃان ٿو.

نائون گرو منهنجو **اجگر** آهي. هي راجن! جن پرشن کي ديهه
جو آڀمان آهي، سي اِندرين جا سک نرڪ ۾ به ڀوڳين ٿا. جئن اِڇا
بنان به دک پيدا ٿئي ٿو، تئن سک به پيدا ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري سياڻي
ماڻهوءَ کي دک وانگر سک جي چاهنا نه ڪرڻ گهرجي. اُديم بنان
جيڪي ملي تنهنتي راضي رهڻ گهرجي، پوءِ اُهو کٽو، ٿورو هجي يا
گهڻو، مٺو هجي يا ڪوڙو. هو رڳو شرير جي هلائڻ لاءِ وٺڻ گهرجي ۽
سڀني کان اُداس رهڻ گهرجي، جهڙيءَ ريت اجگر نانگ رهندو آهي.
ڪنهن ڏينهن جي کاڌو نه به ملي ته آنند ۾ رهڻ گهرجي ۽ بنان
کاڌي ڏينهن گذارڻ گهرجي، ته پوءِ ايشور پاڻيهي جئن اجگر کي
کاڌو ڏياري ٿو، تئن منش کي به ڏياريندو. انبابت سداءِ ڌيرج
ڌارڻ گهرجي، سجاڳ رهڻ گهرجي ۽ اندر مان چاهنا ڪڍي ڇڏڻ
گهرجي. بس! اهوئي سبق مان اجگر کان سکيو آهيان.

ڏهون گرو منهنجو **سمنڊ** آهي. جئن سمنڊ جو پاڻي نشچل آهي،
تئن منيءَ کي به سنتوش تي رهڻ گهرجي. سمنڊ جئن مها گنڀير آهي
۽ اُنجو ڪو انت پائي نٿو سگهجي. جنهنکي ڪو لتاڙي نٿو سگهي ۽
نڪو ٻڪڙي ٿو سگهي، نڪي ڪيس ڪا وڙائي ٿو سگهي، تئن منيءَ کي
به رهڻ گهرجي. جئن چوماسي (ساوڻي) ۾ جڏهن گهڻيون نديون

سمورو ئي ڪبوترڻ جي وس ۾ ئي ويو. توري گهڻي ڏينهن کان ڪبوتري
گرڀڻي ٿي. ٿورا ڪبوترڻ ٻنهي جي گهر ۾ ٻنهي جي هٿن جي اڳيان
آنا لاٿا. مرڻ جي ڪجهه سال کان ڏينهن ڪانپوءِ انهن آنن مان
ڪنين ۽ ٻچن سان ٻچا نڪري ٻرگهٽ ٿيا ۽ جيئن مٿان ڪري رڙهڻ
لڳا. ڏينهن ڏينهن جي جوڙي جو ويو ٻچن سان ننڍن وڏندو ۽ جو
گهڻي سنڀال سان انهن ٻچن جي پالنا ڪرڻ لڳا. جو جڏهن ٻنهي
ٻچن جا مُڏ وجهندا هوا، تڏهن ڏاڍا خوش ٿيندا هوا. جڏهن
انهن کي ڪنب ڪِن لڳندا هوا، تڏهن آنند ۾ مگن ٿي ويندا هوا.
انهن کي سنڌ ڪر ڏسي ۽ انهن کي ٻنهي ويچارا ڏسي ڏسي، خوش ڀال
ٿي ويندا هوا. ڀڳوان جي مايا ڪري جو ڪٿي ٿي اهڙو ته موهت
ٿي پيا جو هو آڏن پڻ سان ٻنهي ٻچن جي پالنا ڪرڻ لڳا.
ڪڏهن ڏسون هي جوڙو ٻنهي ٻچن جي ڪاڄ جي گولا ۾ ڪڏا انهن
جو ڪمايون وڃي ڪٿو. ٻنهان جو ڪڏو ماري آيو، تنهن جار
ڀڪڙي سڌن ٻچن کي قاسائي ورتو. ڪبوترڻ ڏهن ڪانپوءِ جڏهن
ڪبوتر ۽ ڪبوتري ڪاڄ لاءِ موٽيا، تڏهن ٻنهي ٻچن کي جار ۾
قاٿل ۽ ڦاٿا ڏسي ڏسي ڏاڍو ورلاپ ڪرڻ لڳا. سمجهه ۾ قاٿل
ڪبوترڻ ٻنهي ٻچن کي ڏکي ڏسي، گيان رهت ٿي ٻالڪي ۾
ڪٽي جار ۾ ڦاسايو. انهيءَ ڪانپوءِ جو ڪبوتر ٻنهي جي ٻارڻ استري
۽ ٻچن کي ڏکي ڏسي ڏاڍو ڏک ۾ وياڪل ٿي ورلاپ ڪرڻ لڳو ۽
چوڻ لڳو ته "هاءِ هاءِ! مان ڪڏو ڪمڀت ۽ مورک آهيان،
جو منهنجا ٻوڪ پوڳيم تڏهن به بس نه پيم. اڙي! ڏسو ته منهنجو
مون ڪڏو ڪهڙو ڪڏو ڏسم. حڪيلاءِ ڏيم، ارب ۽ ڪام ڳڌ
ڪمو سو سمورو ئي گهر ناس ٿي ويو. [illegible] منهنجي استري جا ڪانئي
[illegible] اڄ موڪي [illegible] سڄي گهر [illegible] ڪا جڏي ٻار ٻنهي
ٻچن [illegible] سو رگواسي ٿي. ماڻي جڏهن موڪي سڀ جڏي
ويا آهن [illegible] انهن [illegible] رهي جا ڪندس؟ گهڻي جيئڻ
ڪري [illegible]." اهڙي طرح جو ڪبوتر ورلاپ ڪندو
ٻنهي جي استري [illegible] جار ۾ مري ڏسي، ٻالڪي ۾ مارڻ جي

چاڪاڻ تہ جڏهن هو سورج جي ويجهو ۽ هيٺ هوندو آهي، تڏهن ننڍو ۽ جڏهن پري ۽ مٿي هوندو آهي تڏهن وڏو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ساڳيءَ ريت آتما بہ هڪ روپ آهي. هو نڪي گهٽجي ٿو ۽ نڪي وڌي ٿو ۽ جنم مرڻ کان رهت آهي. جئن اگنيءَ جا اُلا ناس ٿي ويندا آهن، پر اگني تہ ناس ٿيڻ جي نہ آهي تئن هن آتما جو جمڻ مرڻ جو ڀاسڻ ۾ اچي ٿو، سو رڳو ديهہ جو جمڻ مرڻ آهي. آتما تہ نڪي جمي ۽ نڪي مري. اهو گيان مون چندرما کان پرايو.

ستون گرو منهنجو **سورج** آهي. جئن سورج پنهنجي تيجہ سان پاڻي سڪائي پاڻ ڏي ڇڪي وٺندو آهي ۽ مينهن وگهيءَ ۾ وري اهو پاڻي هيٺ ڪيرائيندو آهي ۽ ممتا موهہ نٿو رکي، تئن يوگيءَ کي بہ جيڪي ملي سو هو وٺي، پر ڪنهن مهل ڪو گهرجائو اچي ڪانئس اها شيءِ گهري تہ اُمالڪ اها هنکي ڏيڻ گهرجي ۽ ممتا موهہ نہ رکڻ گهرجيس. جئن سورج آسمان ۾ پنهنجي روپ ۾ رهندو آهي ۽ هڪ ئي هوندو آهي، پر پاڻيءَ وغيره ۾ طرحين طرحين روپن وارو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، تئن آتما بہ ايشور جي سروپ کان نرالو نہ آهي، ڪيول مورکن کي ديهيءَ ۾ ويندل انيڪ روپن وارو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

اٺون گرو منهنجو **ڪبوتر** آهي. ڪنهن بہ وستوءَ سان گهڻو پيار نہ ڪرڻ گهرجي، پر جي ڪنهن سان پيار ڪبو تہ ڪبوتر وانگي اُن وستوءَ جي وس ٿي دک سهڻو پوندو. اِن بابت مان توکي هڪڙي ڪبوتر جي ڳالهہ پڌايان ٿو: هڪڙو ڪبوتر ڪنهن وڻ تي آکيرو ٺاهي منجهس پنهنجيءَ استريءَ ڪبوتريءَ سان گڏ رهندو هو. ڪين اُني ڪيترائي ڏينهن گذري ويا، اِتي ڪبوتر ۽ ڪبوتريءَ جو پاڻ ۾ ايترو اچي سنيهہ ٿيو جو سندن نيتر، هردو ۽ من سڀ هڪ ٿي ويا. مطلب تہ سڀيئي انگ ملي هڪ ٿي وين. پاڻ ۾ گڏ سمهندا هوا ۽ گڏ رهندا هوا. اُڏامندا گڏ هوا ۽ راند بہ گڏ ڪندا هوا تہ کائيندا بہ گڏ هوا. مطلب تہ ڪڏهن بہ هڪ ٻئي کان جدا نہ ٿيندا هوا. اهڙيءَ طرح هو ڪبوتر پنهنجيءَ استريءَ جي مٺن وٺندڙ ۽ من موهيندڙ وچنن تي اهڙو تہ موهت ٿي پيو جو هوءَ کهڙو بہ ڪٺن ڪم چوندي هيس تہ ڪري ايندو هو. مطلب ڳالهہ جو تہ هو ڪبوتر

جو ٻاهر لڳايو نه آهي ۽ جاڪاڻ ته آڪاش نروڪار آهي. تيئن
آتما جو سرووياپڪ آهي ۽ سڀني پدارٿن ۾ ويڙهيل آهي، سو به
ديهه ۾ تمام نيڊو ڏسڻ ۾ ايندو. جيئن جل، تيج ۽ مٽيءَ سان پيدا ٿيل
ڪڪر جڏهن آڪاش ۾ هوندا آهن، تڏهن ائين معلوم ٿيندو آهي
ته هو آڪاش سان لڳا پيا آهن، پر سچ پچ ائين نه آهي ۽ جاڪاڻ
ته هو آڪاش جو نرلپ آهي، سو ڪڪرن کان دور آهي. ساڳيءَ طرح
هي نرليپ آتما جو ڪال ڪري پيدا ٿيل پنجن ڀوتن جي ديهه ۾
رهي ٿو، سو ديهه کان الڳ آهي.

ٽيون گرو منهنجو **جل** آهي. جيئن جل پنهنجي سڀاءَ ڪري
نرمل هوندو آهي، تيئن منيءَ کي به نرمل ٿي سڀني سان پيار ڪرڻ
گهرجي. جيئن جل مٺو هوندو آهي، تيئن منيءَ کي به مٺا وچن ٻولڻ
گهرجن. جيئن تيرٿن جو جل پاپن کي پوتر ڪندو آهي، تيئن منيءَ
کي به گهرجي ته پنهنجي درشن، سپرش (ڇهڻ) ۽ ڪيرتن سان ماڻهن
کي پوتر ڪري. اهو گڻ مان جل کان سکيو آهيان.

پنجون گرو منهنجو **اگني** آهي. جيئن اگني تمام تيجوان ۽
جلائيندڙ هوندي آهي ۽ هوم مهل جيڪي ملي سو وجهو آهي، سو
سڀ گرهڻ ڪري وٺندي آهي؛ اهڙيءَ هوندي به هوءَ پوتر ڪندڙ آهي.
ساڳيءَ طرح منيءَ کي به ڪرڻ گهرجي. جيئن اگني ڪٿي گپت هوندي
آهي ته ڪٿي پرگهٽ ۽ جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي ڀلي لاءِ هنجي پوڄا
ڪندو آهي، تڏهن هوءَ ڏيندڙ جي اڳيان پرماڻي ڏئي، سڀ گرهڻ
ڪندي آهي ۽ سندس گذريل، هلندڙ ۽ ايندڙ پاپ ناس ڪندي
آهي؛ اهڙيءَ طرح منيءَ کي به رهڻ گهرجي. جيئن اگني هڪ روپ
آهي، پر ڪاٺين کائيس ڪري وڏي ۽ ننڍين ڪاٺين ڪري ننڍي
ڏسڻ ايندي آهي، تيئن جيو آتما به هڪ آهي. هو هڪ وڏو آهي
هڪ ننڍو، پر اگيان ڪري هن ديهه ۾ وڏو ۽ ننڍو پاسڻ ۾ اچي
ٿو. اهو گڻ مون اگنيءَ کان پرابت ڪيو.

ڇهون گرو منهنجو **چندرما** آهي آهي. جيئن چنڊ جو منڊل هميشه
ساڳيو آهي، پر هو ڪڏهن وڏو ۽ ڪڏهن ننڍو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽

بالڪ، ڪماري، باڻ جوڙيندڙ، نانگ، ڪوريئڙو ۽ پرنگي [گهريتڙي].
هي راجا يدو! جو ويهہ گرو مون ڪيا آهن ۽ اُنهنجي هات چات
مان جيڪا سکيا مون پرائي آهي سا سڀ تون کي لائي ٻڌ.

پهريون گرو منهنجو **پرٿوي** آهي. جيتوڻيڪ ڏرتيءَ کي آنيڪ ماڻهو
لتاڙين ٿا تڏهن به هوءَ پنهنجو نيم نٿي ڇڏي، پر هميشهہ صبر ۾ رهيتي.
تنهن سياڻي ۽ ڌيرجوان پرش کي به گهرجي ته جڏهن ڪيس ڏکر اچي
وپڙهين، تڏهن اُنهنکي پنهنجي اڳين ڪرمن جو ڦل سمجهي صبر ۾
رهي ۽ ڪيس پنهنجي حالت ڪڏهن به بدلائڻ نہ گهرجي. اِهو مان
پرٿويءَ کان سکيو آهيان. پرٿوي ٻن قسمن جي آهي هڪڙي جابلو ۽
ٻي وڻن سان ڇانيل. جبلن ۽ وڻن جي ڦلن جو جنم ٻين لاءِ آهي، تنهن
سياڻي پرش کي گهرجي ته پنهنجي ديهہ ۽ وستو سڀ پراُپڪار ۾
لڳائي. جنهن کو ڪٽي وڻن کي ڪپيندو آهي توڻي باڙون ٽيندو
آهي، ته به هو اِها حالت صبر سان سهندا آهن؛ تنهن سادو پرش سان
ڪو ڪٽي ڀلائي ڪري توڻي برائي ته ڪيس ڌيرج سان سهڻ گهرجي.

ٻيو گرو منهنجو **وايو** آهي. وايو ٻن پرڪارن جو آهي، هڪڙي
باهرين هوا ٻيا پراڻ. جنهن پراڻ ٿوري کاڌي تي پرسن ٿيندا آهن
۽ اِندرين جي ڀوڳن جي چاهنا نہ ڪندا آهن، تنهن منيءَ کي به گهرجي
ته ٿوري تي ئي سنتوشي رهي ۽ وڌيڪ جي چاهنا نہ رکي. جنهن ٻون
سڀڪنهن هنڌ ٻيو ڦري ۽ ڪنهنتي به موهت نٿو ٿئي، تنهن يوگيءَ کي
به گهرجي ته جي هو سردي گرمي يا ٻيا انيڪ ڀوڳ ڀوڳي ته اُنهنتي
موهت ٿي نہ پوي، پر گڻ ڏوش رهت ٿي اُنهنکان ڀاڃڪي الڳ
رکي. جيتوڻيڪ ائين ڏسڻ ۾ اچيتو تہ ٻون سگنڌ سان ملي وينهندو آهي،
پر سچ پچ هو سگنڌ سان ملي نٿو وڃي؛ ڇاڪاڻ تہ سگنڌ هوا جو گڻ
نہ آهي پر پرٿويءَ جو. ساڳيءَ طرح هيءَ آتما جو ديهہ ۾ وينل آهي ۽
ديهيءَ جي ڌرمن جو اجهو آهي، سو اُنهن سان ملي نٿو وڃي پر هميشهہ
الڳ ٿو رهي. اِنهيءَ ڪري گياني کي سڀڪنهن هنڌ آتما ڏسڻ گهرجي.

ٽيون گرو **آڪاش** سڀ هنڌ وياپڪ آهي ۽ تمام وڏو آهي، پر
هوا ٽيءَ سان پريل گهڙي ۾ ننڍو ڏسڻ ۾ اچيتو. جنهن گهڙو ۽ آڪاش



GITA PRESS GORAKHPUR.

شري دتاتريه ڀڳوان جڏهن ٢٤ گرو ڪري اپديش ڏنو (صفحو ٢٥٨)

سوريه ديوتا پنهنجو پرڪاش زمين، پربت ۽ پاڻيءَ تي هڪجهڙو ڪري
ٿو، ڪنهن سان به پريت يا ويهه نٿو رکي، تيئن تون به سڀني جي پريت
ڇڏي پنهنجو پريم الڳ رک. جيئن ڪبوتر ۽ ڪبوتري پنهنجن
ٻچن جي پريت ۾ ڦاسي خراب ٿيا هوا، تيئن سنساري آدمي استري
۽ اولاد جي ڪري ڏک پائيندا. هڪڙي برهمڻ (جوڳي) ڪئي پڌايون ٿو
جنهن ۾ هڪ تيهن راجا يدوءَ ۽ هڪ اوڌوت جو وياکيان آهي.
گروءَ دتاتريه جي، جو اوڌوت جو ويس ڪري مها پنڊت هئي ۽
هميشه جوانيءَ جي اوستا ۾ بيڌوتي سنسار ۾ موڳهندو ڦرندو هو،
تنهن کي ڌرماتما راجا يدوءَ ڏسي ڪانئس پڇڻ لڳو ته "هي برهمڻ!
تو اها اڪرتا ڪٿان هٿ ڪئي آهي ۽ جنهنڪري تون ٻالڪن
وانگر بي ڊپو ٿيو سنسار ۾ گهمين؟ گهڻو ڪري ماڻهو ته ارٿ، ڌرم ۽
ڪاما جي وشين ۾ لڳي ويندا آهن ۽ وڏائي، ناموس ۽ ڌن جي
پراپت ڪرڻ ۾ رنڌل رهندا آهن؛ پر توکي ته ڪنهن به شيءِ جي
چاهنا نه آهي. جيتوڻيڪ توکي سڀ ڪرم جي ڪرڻ جي سمرٿي
آهي، ته به ڪو ڪرم نٿو ڪرين. پر مست ۽ ديوانيءَ وانگر جهڙ ته
ڪا جڙ وستو آهين. مطلب ته تون پورڻ گياني ۽ مها سندر آهين ۽
تنهنجي مٺي واڻي ۾ موهيندڙ آهي. ماڻهو ته ڪام ۽ لوڀ جي
اگنيءَ ۾ پيا جلن، پر جيئن هاٿي جڏهن گنگا نديءَ ۾ بيٺو هوندو آهي،
تڏهن ڪنهن باهه جي تپت اثر ڪين ڪري سگهندي آهي، تيئن توکي
ڪام ۽ لوڀ جي تپت تپائي نٿي سگهي. هي مهاتما! تون وشيه
جي ڀوڳڻ کان پري آهين. اڪيلو رهين ٿو ۽ آنند روپ آهين ۽ انهيءَ
ڪري ديا ڪري پنهنجي آنند جو سبب ٻڌايو؟" شري ڪرشڻ چندر
چوڻ لڳو ته "هي اوڌو! جڏهن يدوان راجا يدوءَ اهڙيءَ ريت وينتي
ڪئي، تڏهن اوڌوت راجا کي چوڻ لڳو ته "هي راجن! مون پنهنجي
بڌيءَ جي وسيلي سان چوويهه گرو ڪيا آهن، جن مان گيان پراپت
ڪري مڪت ٿي ٿو لوڪ ۾ پيو ڦران. انهن گرن جا نالا هي.
پرٿوي، وايو، آڪاش، جل، اگني، چندرما، سوريه، ڪبوتر، اجگر،
سمنڊ، پتنگ، ماکيءَ جي مک، هاٿي، ڀؤنر، هرڻ، مڇي، پنگلا، سرڻ،

پنهنجو ڀلو ڪر. مون توکي پراڻهن جي سراب کان ڇڏايو آهي. هي اُڌو! منهنجي وڃڻ کانپوءِ سنسار مان ڌرم هليو ويندو." ائين ڳالهه ٻڌي اُڌو روئي چوڻ لڳو ته "هي جڳت پتا! مونکي اهڙو گيان اُپديش ڪريو جو انت وقت ۾ نه وسريم." دوارڪا ناٿ تڏهن ڪيس پريم ڏيڻ لڳو ته "هي اُڌو! سنسار ۾ جيڪي ڏسين ۽ ٻڌين ٿو سو سڀ ڪوڙو وهنوار سمجهي، پنهنجو من منهنجي چرڻن ۾ لڳاءِ. جڏهن تون سڀني من سان منهنجي اوناشي روپ جو درشن ڪندين، تڏهن توکي منهنجي مايا اثر نه ڪندي ۽ تون مونکي انتي ڀير پراپت ڏسندين. جيئن ڀاڄي ٻيڻ جي جاءِ تي ڪيترا ماڻهو اچي، هڪٻئي کان جدا ٿي وڃن ٿا، تيئن هي ماتا پتا، استري، پٽر، مٽر ۽ عزيز تورن ڏينهن ترءِ رهي، انت سڀ جار قدم ۾ پراڻي سان گڏ نٿا وڃن. ڪي پنهنجي لاءِ ۽ ٻيا دنيا جي ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ چار ڏينهن روئي پٽين ٿا؛ تنهنڪري اُنهنجو پريم سچي جيان ڪوڙو سمجهڻ گهرجي. پراڻي سان فقط پاپ، پنيه، گيان ۽ ويراڳ ڪنو وڃي ٿو، جنهن مان ئي ڪيس دک سک ملي ٿو. انڪاءِ منشيه کي گهرجي ته انتي ڀير پنهنجو مرڻ ياد رکي، پاپن ڪمن کان پاسو ڪندو رهي ۽ ڪنهن به جيو کي دک نه ڏئي. جيو کي اهو ڄاڻڻ ڏاڍو مشڪل آهي ته مرڻ کان پوءِ سندس گتي ڪهڙي ٿيندي ۽ ڪهڙي جوڻ ۾ جنم لهندو؟"

ايترو گيان ٻڌي اُڌو ورئي ۾ وينتي ڪري چوڻ لڳو ته "هي وئڪنٺ ناٿ! استري ۽ اولاد جو موهه ڇڏي ورڪت ٿيڻ ڏاڍو مشڪل آهي، تنهنڪري مون اگيانيءَ تي ديال ٿي ڪا سهنجي تجويز پڌايو م؛ جنهنڪري سنساري مايا ڇڏي توهانجي چرڻن جي ڀڳتي ڪيم. ڪرپا ڪري مونکي گيان روپي ٻيڙيءَ ۾ وهاري ڀوساگر پار لنگهايو." اهو ٻڌي شريڪرشن ورندي ڏنيس ته "هي اُڌو! جيئن هوا سڀڪنهن شيءِ کان الڳ رهي ٿي، تيئن تون به جڳ مٿي کان الڳ رهي سنساري مايا کي ڇڏي ڏي. ڏس! جيئن چندرما جي ڪلا هرروز وڌي ۽ گهٽي ٿي، تيئن هي شرير سداءِ هڪجهڙو نٿو رهي. جيئن

ٻنهي ڪروڙ ٻادون جو اهڙو حال ٿي رهيو آهي، جهڙو وڻ سڪي
اندران کوکلو ٿي ٻاهران جهڙو ڪي ٺوٺ رهي. اوهين سڀني
جيون جا مالڪ آهيو، انهيءَ ڪري جيڪي واجب سمجهو ائين ڪريو.”
اهو ٻڌي شري ڪرشن چيو ته ”مٺي برهما! مون تنهنجو مطلب سمجهيو
ته جنهن معاملي ڪنهن، جراسنڌ ۽ ٻيا اڻ ڳڻيا راجائن ۽ دئيتن کي
ماري ڪورون پانڊون جي يڌ ڪرائي ڀرتي جو ڀار لاهي جڪو
آهيان، تنهن ٻادون کي ناس ڪرائي وڪنٺ وڃان. ڇو! ائين ٿي
ڪيو ۽ پل اوهين پنهنجي شهنن ڏانهن پڌارجو.” اهو ٻڌي برهما ۽
سڀ ديوتا؟ پنهنجي پنهنجي لوڪ ڏانهن پڌاريا.

هڪڙي ڏينهن اُگرسين جي سڀا ۾ شري ڪرشن ويٺو هو ۽ ٻادون
کي چوڻ لڳو ته ”هنن ڏينهن ۾ براهمڻ جي سراپ ڪري ڏسجي
ٿو ته دوارڪا پوريءَ ۾ نت نوان اپسڳڻ ٿي رهيا آهن، تنهنڪري
بهتر ٿيندو جيڪڏهن اوهين سڀ پرڀاس ڪيتر ۾ هلي سنان ۽ دان
ڪريو، جنهنڪري اوهانجو پاپ مٽجي وڃي.” جڏهن اُگرسين ۽
ٻيا ٻادو شيام سندر جي اها آگيا پائي پرڀاس ڪيتر ڏانهن وڃڻ جي
تياري ڪرڻ لڳا، تڏهن اوڌو اڪيلو ۾ ٻانهون آڏي هٿ جوڙي ڀڳوان
کي چوڻ لڳو ته ”هي مهان پرڀو! آءٌ سمجهان ٿو ته ٻادون کي پرڀاس
ڪيتر ۾ موڪلي ڪري اوهين انهن سڀني جو ناس ڪرائي وڪنٺ
پڌارڻ چاهيو ٿا. آءٌ ننڍپڻ کان اوهانجي چرڻن جي سيوا ۾ رهندو
آيو آهيان، تنهنڪري مهرباني ڪري موکي پاڻ سان وٺي هلو ۽ اهڙو ور ڏيو
جو جڏهن ۾ جونءِ ۾ منهنجو جنم ٿئي ته اتي اوهانجي ڀڳتي ۽ پريتي
منهنجي من ۾ قائم رهي.”

انهيءَ جڏهن اوڌو شري ڪرشن کي ڏاڍي وينتي ڪئي، تڏهن
شيام سندر اُنکي پنهنجو ڀڳت ۽ مترا سمجهي چوڻ لڳو ته ”هي اوڌو!
تنهنجي ڳالهه سچي آهي جو اڄ کان ستن ڏينهن اندر هي سڀ ٻادو
ناس ٿي ويندا ۽ دوارڪا پوري به سمنڊ ۾ ٻڏي ويندي. برهما ۽
ٻيا ديوتا؟ موکي ڪوٺڻ آيا هوا، انهيءَ مان پنهنجو ٿي يوڳ ابياس
ڪري وڪنٺ ويندس. توکي به واجب آهي ته اڳيئي ڪو

ايتري ڪٿا ٻڌائي نارد منيءَ چوڻ لڳو ته ”هي وسديو! جڏهن راجا جنڪ يوگيشورن کان آهو گيان ٻڌو، تڏهن ورتيءَ سان اُنهن جي پوڄا ڪري کين رخصت ڏنائين ۽ پنهنجي من مان راڄ، رعيت، ڌن ۽ ڪٽنب جي پريت ڇڏي ڏنائين ۽ اُن گيان جي سهاري هو سڌ وئڪنٺ هليو ويو. انلاءِ تون به اُن گيان جي گولا ڪر ۽ هري چرڻن جو ڌيان ڪر ته تنهنجي به مڪتي ٿيندي. هي وسديو! جڏهن خود اُن وئڪنٺ ناٿ تنهنجي گهر اوتار ورتو آهي، تڏهن اوهانجي ڀوساگر پار لنگهڻ ۾ ڪهڙو شڪ آهي؟ پر اُهو تڏهن ٿيندو جڏهن اوهين هنکي پنهنجو پٽ نه ڄاڻي، آدي پرش ڀڳوان سمجهندا. مان به هنجي درشن ڪرڻ لاءِ هتي اچان ٿو.“ وسديو ۽ ديوڪي نارد منيءَ کان آهو گيان ٻڌي شري ڪرشڻ کي پرميشور جو اوتار سمجهي، مهاڀاڳ نس پتر ڀاؤ ڪيدي ترلوڪي ناٿ سمجهڻ لڳا. نارد مني کانئن موڪلائي برهم پوريءَ ڏانهن هليو ويو.“

شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته ”هي راجا پريڪشت! نارد منيءَ جي وڃڻ کانپوءِ هڪڙي ڏينهن جڏهن شري ڪرشڻ سڀا ۾ ويٺو هو ته اُنهل برهما، مهاديو، اندر، ورڻ، ڪُبير، دڪش پرجاپتي ۽ ٻيا به ڪيترائي رشي مني سنڌس درشن لاءِ دوارڪا پوريءَ ۾ آيا، جتي کيس نمسڪار ڪري هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته ”هي مهاپرڀو! جن چرڻن جو ڌيان يوگي ۽ تپسوي آنٽي ڀهر هرديءَ ۾ رکي مڪتي پد پائين ٿا، تن تيرٿ روپي چرڻن جي درشن واسطي اسين هت آيا آهيون. هي نرگڻ نراڪار! اوهين ساري جڳت جا پيدا ڪندڙ، پاليندڙ ۽ ناس ڪندڙ آهيو. سنساري جيو يگيه تپسيا ڌيان ۽ تيرٿ ڪرڻ تي به هري چرڻن جي ڀڳتيءَ کان سواءِ پرلوڪ جو سک نٿا پائين ۽ جيستائين توهانجي ديا سان اڳوڻي جنم جا پاپ سهاءِ نٿا ٿين، تيستائين توهانجي چرڻن ۾ پريت نٿي ٿئي ۽ نه ته هري ڪٿا ۾ ئي چت لڳي ٿو. اسانجي وينتي ڪرڻ تي توهان مرتيو لوڪ ۾ سگهڻ اوتار وٺي پرٿويءَ جو بار لاٿو، سادن مهاتمائن کي سک ڏنو ۽ آڌرمين کي ماري ڌرم جي رکيا ڪيو. هي ترلوڪي ناٿ! هاڻي ڏروا سا رشيءَ جي سراپ ڪري

منهنجي شڪتيءَ ڏوارا پرتي ٿي. مٿي ڪاڄڪ ۾ جن نانا وڏين ۽
اليڪ روپن ۾ پوڄيندو سو ڪن ڏيٺي هئي: ڪاڄڪ ۾ هو ڪرشڻ ورڻ
(ڪارو) آهي ۽ سو پيا ڪري تمام نرمل آهي. جڳن لبل مٿي چمڪندي آهي،
تن سندس انگ ۽ مردو ۽ شرم جلڪن ٿا. هو ديوتائي هٿيارن سان
سينگاريل آهي ۽ پڇوان پرش سندس پوڄا سڳندين سان ڪندا.
سندس شڪتي ڪري جو ٿا ته ”هي پرالبس جا رکيا ڪندڙ! هي مها پرش
تنهنجي چرڻا روندن ۾ نمسڪار هجي. جي چرڻا روند ڌيان ۾ آڻڻ
جوڳا آهن، اندرين جي پنڌن کي ناس ڪندڙ، من جي مراد پوري
ڪندڙ آهن ۽ گنگا توڙي ٻين تيرٿن جوڳا پوتر ڪندڙ آهن. شو، برهما ۽
بيا پڻ انهيءَ شڪتي ڪندا ۽ جو آڏين تنهنجي شرڻ اچي ٿو،
تنهنجي تون رکيا ڪرين ٿو ۽ تنهنجي سوڪن جي پيڙا ناس ڪرين
ٿو. تنهنجا چرڻ سنسار ساگر جي ترڻ لاءِ پيڙيءَ مثل آهن. هي ڌرماتما!
هي شري رامچندر! ديوتائون ۾ ڪي وساري نٿا سگهون، اهي پڻ
تنهنجي ماڻ جي اچا ڪندا. تون ڏن، دولت سڀڪي تياڳي، پتا
جي آگيا سان ڌرم جي رکيا لاءِ بن ۾ هليو ويئين، پياري سيتا
مايا روپي مرڳ جي پٺيان ڊوڙيئين ۽ تنهنجا چرڻا روند، جي ڀڳتن کي
پيارا آهن، تنهنکي مان نمسڪار ڪريان ٿو. هي راجا جنڪ! انهيءَ طرح
جو مري ڀڳوان، جڳني جڳن ۾ نانا روپن ۽ انيڪ نالن ۾ گهڻني وڏين
سان پوڄجي ٿو. سڀني جڳن ۾ ڪاڄڪ وڏيڪ آهي، جا ڪاڻ ته
جو ڦل ٻين جڳن ۾ ڌيان، يگيه ۽ پوڄا سان ملندو هو، سو ڦل ڪاڄڪ
۾ ڪيول ڀڳوان جي نالي ڪرڻ سان ملندو. هي پراڻي ڏور جي
ايمان سان سنسار ۾ ملي جاءِ ٿي، انهيءَ ڪري ڪس ڪو نانڊو
نٿو رسي. هي راجن! ستيڳ جا ماڻهو ڪاڄڪ ۾ جنم وٺڻ جي اچا
ڪندا، انهيءَ مان معلوم ٿو ٿئي ته ڪاڄڪ ۾ سڀني نارايڻ جا ڀڳت
ٿيندا. هي راجا! افسوس جي ڳالهه آهي جو ڪاڄڪ جا آدمي
انهيءَ سڀاڻي سان ملڻ واري ڀڳوان کي ۾ نٿا ياد ڪن. گيتا
۾ وڪمت راب پنهنجي مکا روند مان جيو آهي ته ”جيڪو دل و جان
سان ايڪي موڪي سومستو، تنهنکي جڳت ۾ ڪو به ڏکر ياڌ نٿو رهي.“

انهيءَ ڪانپوءِ راجا جنڪ چوڻ لڳو تہ ” هي ٻراهمڻ! توهان جهڙو چيو
تہ سيڪي تياڳي رڳو ڀڳوان نارايڻ جي ڀڳتي ڪرڻ گهرجي، سو ڏيا
پالي ٻڌايو تہ ڀڳوان جي ڪهڙي وقت ، ڪهڙي ورڻ ، ڪهڙي
روپ ۽ ڪهڙي ناليءَ ڪهڙيءَ وڌيءَ سان پوڄا ڪرڻ گهرجي.“ تڏهن
ڪرپاڄن نالي نائون رشي اُتر ڏيڻ لڳس تہ ” هي راجن! ستيگ ،
تريتا ، دواپر ۽ ڪلجگ انهن چئني جُڳن ۾ هو نانا ورنن، انيڪ روپن
۽ گهڻنئي وڌين سان پوڄبو آهي. ستيگ ۾ هن شُڪل (اڇو) ورن ۽
چار ٻانهن [ٻانهون] ۽ جٽائون ڌاري، وڻن جي ڇوڏن جا وستر پهري ،
ڪاري مرگ جي کل ۽ يگين جي پوتر ڌاڳي، رُدراڪش جي مالا، ڏنڊو
۽ ڪمنڊل ڌاري برهمچاريءَ جي روپ ۾ درشن ڏنو. انهيءَ جُڳ ۾
ماڻهن شانت ، نرويَر، سڀني ۾ هڪ جهڙي نظر رکي ۽
پاڻ کي جيتي سڀ اندريون وس ۾ آڻي ، ڌيان ڪرڻ سان پوڄا
ڪئي ٿي . اُن وقت ڪيس هنس ، سُپرڻ، وئڪنٺ ، ڌرم ، يوگيشور،
منو، ايشور، پرش ، اويڪت ۽ پرماتما آهي نالا ڏيئي سندس ڀڄن
ڪيو ٿي . تريتا ۾ لعل سروپ ، چار ٻانهون ، ترئي ميکلا [جيلهڪيءَ جو قسم]
ڌارڻ ڪري سونَ جهڙن وارن ، ٽن ويدن سان پوريل مورتيءَ ، سُرڪ
۽ سُروا جون نشانيون ڌاري درشن ڏنو. جي ڌرماتما ويد جا ڄاڻندڙ
هوا سي ويدن ۾ ڏيکاريل وڌيءَ سان تريتا جُڳ ۾ ويد روپ ڀڳوان جي
پوڄا ڪندا هوا . سندس وشڻو، يگيہ، پرشني گرڀ، سرو ديو ،
آرڪرم ، ورشاڪپي ، ڄينت ۽ اُرگائي نالا ڳائيندا هوا. دواپر ۾
هن شيام مورتي ڌاري، پيتامبر پهري ، شري ونس ۽ ٻيون نشانيون ۽
ڪوستڀ [مڻيءَ جو نالو] ڌاري وغيرہ لڇڻن سان ڏيکاري ڏني.
هي راجن! جنهن ايشور کي ڄاڻڻ جي اِڇا ڪئي ٿي ، تنهن اُنهيءَ
وقت مهاراجائن جهڙن لڇڻن سان پوريل مها پرش جي پوڄا ويدن ۽
پُراڻن جي منترن سان ڪئي ٿي. هي واسديو! هي سنڪرشڻ! هي
پرديمن! هي آنرڌ روپ ڀڳوان! توکي نمسڪار هجي. هي نارايڻ!
هي رشي! هي پرش! هي مهاتما! هي جڳت جا ايشور! هي سڀني پراڻين
جي آتما! توکي وارون وار نمسڪار هجي. هي راجن! اهڙيءَ طرح

ائين نٿا سمجهون ته ويدن جو مطلب انهن ڪرمن کان جدا ٿيڻ جو
آهي، نه ڪرائڻ جو. ڌرم تي هلڻ ئي ڌرم جو مول آهي، جاڪاڻ
ته ائين ڪرڻ ڪري شانتي ڏيندڙ ڳجهو ۽ ظاهر آهي، انهي گمان
پراپت ٿين ٿا. من ديهي روپي گهر ۾ ويٺل پرش اهڙي سک ڏيندڙ
ڏن کي اجايو ڪيايو ڇڏي. هو نه ته اهڙي جوکو ويچار ڪري ٿو ۽
نڪي ڪي ڪندڙ ئي ويٺل ڪال جي ئي خبر لهي ٿو. هي بيسمجهه
ماڻهو نٿو ڄاڻي ته استري سان سنگ ڪرڻ لاءِ جي رتوڏان اهڙ
ڪانبوهه ڏيهن مقرر ڪيل آهن سي فقط سنتان پيدا ڪرڻ لاءِ. ۽ نٿو
ڄاڻي ته شراب جي سنگهڻ جي موڪل ڏنل آهي، نه ته پيئڻ جي. ۽
مانس ڪم آڻڻ جي جا موڪل آهي سا رڳو ديوتائن کي راضي
ڪرڻ لاءِ، نه ته پنهنجي لوڀ واسطي. مورک لوڪ اهڙا ڳالهه نٿا سمجهن
ته ويشن ۾ ڦاسي اهو انڌ ڪرم ڪرڻ نه گهرجي. جڏهن اهڙي ڌرم
کي نٿو سمجهي سو ساڌو نه آهي؛ هو رڳو پنهنجي پرائي لاءِ مرڻ کي
ماري ٿو. ائين ڪرڻ ۾ هو پنهنجو ڀلو سمجهي ٿو ۽ پاڻکي سياڻو
ڄاڻي ٿو. پر شاسترن ۾ ته ائين ڄاڻايل آهي ته "جو هن جنم ۾ مرون ۽
جو مانس کائي ٿو ته ايندڙ جنم ۾ مرون ورتي منهنجو مانس کائيندو."
انهي ڪري ته اُنهي نالو مانس رکيو اٿن. جو ناستڪ پرش ڪتب
۾ ڦاسي پنهنجي ديهي ۾ ويٺل آتما ۽ انهي جي ديهي ۾ ويٺل آتما
جو پند رکي ٿو، سو مرڻ کانپوءِ نرڪ ۾ پوي ٿو. جو اگياني آهي سو
گيانوان پرش جي ديا سان سنسار ساگر تري پار پوي ٿو، پر جو هنداو آهي
سو نرڪ ۾ پوي ٿو. جو تتون جو گيان نٿو ڄاڻي ۽ بيسمجهه آهي ۽ جو
پنهنجي مطلب لاءِ ڌرم، ارٿ، ڪام وغيره گڏ ڪري ٿو، سو وارون وار
جمي ۽ مري ٿو. جو پرش آتم گياني آهي ۽ ڪڏهن ۾ راضي نٿو ٿئي
۽ جو مورکن کي سياڻو سمجهي ٿو ۽ ڪڏهن ۾ شاد ۾ نٿو اچي، سو
جڏهن ڪنهن وقت پنهنجو مطلب حاصل نٿو ڪري ته ڏاڍو غمگين
ٿئي ٿو. ۽ جو ڀڳوان واسديو کان بيمکر آهي سو مهنت سان گهر، ڪتب،
متر، مائٽ، ڌن ۽ ٻيون وستون سڀ حاصل ڪري ۾ پنهنجي اڇا پوري
ڪري نٿو سگهي ۽ انهي ڪري هو سڀ جو ٻل ۾ اچي ٿو."

ائين پڻ چيل آهي تہ رجوگڻ مان سنساري پدارٿن ۾ پريت ۽ وير
پيدا ٿئيٿو، جنهنڪري من خراب ڪرڻ ڏانهن ڊوڙي ٿو.
اِن سبب ڪري هو منش انڌي ۽ ترشنا واري نانگہ وانگر، پنهنجي ڪرو ڌ
ايمان ۽ ٻچڙي سياهہ ڪري، اڌ ڀسم ٿي، نارايڻ جي ڀڳتن تي ڪلندو
آهي. جو وڏن جي بدران استريءَ جي چاڪري ڪريٿو، ۽ پوڄن
۾ ٿئي پنهنجو سکہ سمجهي مهمانن جي پوڄا وساري رڳو نالي ماتر
گهر ۾ رهي ٿو، سو خود مطلبي ماڻهو ائين چوندو آهي تہ اڄ مون هي
حاصل ڪيو ۽ وري فلاڻو منورٿ حاصل ڪندس. اهڙو منش جيڪڏهن
ڪنهن وقت ڪنهن ديوتا جي پوڄا ڪندو آهي، تہ رڳو پنهنجي
مطلب پراپت ڪرڻلاءِ جيو هتيا ڪندو آهي ۽ نڪي ڏن نڪي آن
دان ڪندو آهي. جو منشيہ هنسا (مرون مارڻ) جي دوش کي ڄاڻي
طرح نٿو ڄاڻي سو وڏو مورکہ آهي. اهڙو پرش هميشہ ڏن، ائشوريہ،
ڪل، وديا، دان، روپ، بل ۽ ڪرمن جو ايمان ڪندو آهي. اهڙو
نڪار پرش ايشور ۽ سندس ڀڳتن جو نرادر ڪندو آهي. اهڙو دشٽ
ماڻهو ويدن جي ارٿ کي نٿو ڄاڻي، ڄاڪاڻ تہ ويدن جو چوڻ
آهي تہ آتما آڪاش وانگر سڀني ديهين ۾ وياپڪ آهي ۽ اهي ويد
ايشور کي پرگهٽ ڪنٿا. انهيءَ هوندي بہ هي مورکہ نہ سمجهي، رڳو
پنهنجي مطلب جي پيو ڳالهہ ڪري. اتي ڪو ڪنهن سوال ڪري تہ
پنهنجين استرين سان يوگہ ڪرڻ ۽ يگيہ ۾ ديوتائن جو ٻچيل کاڌو
کائڻ گهرجي، پوءِ وري انهيءَ جي نندا ڇو ڪرڻ گهرجي؟ انهيءَ جو
اُتر آهي تہ هن لوڪ ۾ استريءَ سان سنگہ ڪرڻ، ماس کائڻ، شراب
پيئڻ اهي سڀ ڪرم روز پيا ٿين، انهنجي ڪا وڌي نہ آهي، پر
ائين ڪرڻ نہ گهرجي، ڄاڪاڻ تہ استريءَ سان سنگہ ڪرڻ جي جا
موڪل آهي سا رڳي ڪن مقرر ڪيل ڏينهن تي. جڏهن تہ رتو دان
اچڻ کانپوءِ ڪي ٺهرايل ڏينهن آهن، جنتي پنهنجي استريءَ سان
سنگہ ڪرڻ گهرجي ۽ يگيہ مهل ماس کائڻ ۽ شراب پيئڻ جي موڪل
ڏنل آهي، سا رڳو اُن وقت لاءِ ۽ نہ ٻين ڏينهن لاءِ بہ. پر اهي جيڪي مقرر
ڪيل ڏينهن آهن، سي بہ مورکن ۽ ڪامي پرشن لاءِ آهن. مورکـ

مون تہ توکي فقط اُنهيءَ مختصر بيان ڏنو آهي."
راجا جنڪ پڇڻ لڳو تہ "اي يوگيشورو! جنهن اندر مان اجا،
ڪامنا نہ وئي آهي، سي تہ ڀڳوان واسنا جو پڇن ڪن ئي ڪونہ
ٿا، سو ديہ ڇالي ڏنائين تہ اهڙن منش جي ڪهڙي گتي ٿيندي؟"
اوڏيڻ لڳو تہ "اي راجن! ستوگڻ
تنهنتي چوس ڇالي الدين رشي برهمڻ پيدا ٿيا. ستو ۽ رجوگڻ
ڪري پورباہ برم برش جهڙي پر مان کيتري پيدا ٿيا. رجو ۽ تموگڻ ڪري
ڪري سندس پانون مان کيتري ڪري سندس جرلن مان
سندس پيٽ مان وئيش ڇاوا ۽ فقط تموگڻ ڪري آشرم پيدا ٿيا.
شودر نڪتا. انهنڪا نواء جدا جدا ورڻ سميت پيدا ڪندڙ ايشور جو پڇن ٿيو
اُنهن جهڙي ورڻ ۾ جو منش پنهنجي پيدا ڪندڙ ايشور جو وڻ آشرم
ڪري ۽ ڇالي پڇڻي منهنجو پرادر ٿو ڪري، سو پنهنجي ڪي اهڙا آهن جنلاء
ڪان پرشب تي نماڃ گتي پائي ٿو. انهن ۾ ڪي لاء ورتي ڪيرڻ ڪرڻ
مرڻ جي ڪڏا پڌڻ مشڪل آهي ۽ ڪي وئيس ۽ شودر ڀڳوان
ڪنڻ آهي. اهڙي طرح جيڪي برهمڻ، کيتري، پڇن ڏا ڪن، تن تي
واسنو جي مهما کان اڻ واقف تي سندس پڇن ڏا ڪن، تن تي
واسنو جي مهما کان اڻ واقف تي ۽ براهمڻ، کيتري ۽
دبا ڪري ٿو. اهڙي موذي ۾ ڪرڻ ڇا وڏيڪ
جو پاڻ پنهنجي ڪري مرڻ جي پڇن ڪرڻ جا وڏيڪ
وئيش جي ڇٽڪي ۽ ويد ايس ٿل وارن وحس تي مرجب تي، ڇالي
اڪاري آهن، سي وڏن جي اڳي رهيا آهن.
پڇڻي ۾ مرڻ جو پڇن ڏا ڪن، ۽ ڪرين ۾ ئي سداري جو ڪو اڀاو
اهڙن منهنجيان ماڻهون کي پاليندي پنهنجي سداري جو ڪو اڀاو
ڪرڻ گوري. ڪرين ۾ قاتل، مصيبت، حيلا اگيا سي ۽ مورکر ماڻهون
پالڪي ڏاڏا ڏاڏا ٿا سمجهن ۽ موم پيدا ڪندڙ وهي اولس ٿا. جو
ائيس هوندا آهن تہ پڇن ۽ پڇن جو قل راس ٿيڻ جو نہ آهي ۽ مورڪ
۾ ڪا ئي آهي ڪا گرمي، ۾ مليندا ۾ مار. اهڙا منش وحش سان
پالڪي جوس ڪرڻ لاء هوندا آهن تہ انهن مورڪر ۾ ابسرائي سان
سڪ پاليندا سون، اهڙا منش مشهور ڪرين ۾ ڏا پيا هوندا آهن
اهڙن منش جي قل بي پرمجي ڪرين سان بيمون لڳي ويندو آهي
دهنڪري ڪس ڪام، ڪروڌ، دنت وغيره وڌي ويندا آهن

جڳت جي ڪلياڻ لاءِ پنهنجي آنس مان پيدا ڪيا ۽. اِنهيءَ وشڻو ڀڳوان **هيءَ ڪريو** جو آوتار وٺي مڌو ڌئيت کي ماري ويدن جو اُڌار ڪيو. هڪ ڀيري پرلئہ جي وقت سمنڊ ۾ مڇ جو آوتار ڌاري منو ۽ پرٿويءَ ۽ آوشڌين (ٻوٽين) جي رکيا ڪئي. واراهہ آوتار وٺي هرڻاڪشيپ کي ماري پرٿويءَ کي ٻُڏڻ کان بچايو. ڪڇوءَ جو آوتار ڌاري آمرت کي ولوڙڻ لاءِ منڌراچل پروت پنهنجي پُٺيءَ تي کنيون. تنهنڪانپوءِ ڏکويل ۽ شرڻ آيل گجہ (هاٿيءَ) کي گراهہ (واڳوءَ) کان بچايو. هڪ دفع والکل نالي رشي ڪشيپ واسطي جهنگہ ۾ ڪاٺين کڻڻ لاءِ ويو، پر وات تي ڳانين جي کُرن سان کوتيلن کڏن ۾ جي پاڻيءَ سان ڀريليون هيون، اچي ٻُڏڻ لڳو. تڏهن هن وشڻو ڀڳوان جي شتوتي ڪئي ۽ جنهنتي هن اچي آتر وديا سان ڀريل رشيءَ جي رکيا ڪئي. راجا اِندر کي جو ورترا نالي براهمڻ کي مارڻ جو دوش لڳو، تنهنکي اِنهيءَ بچا ڪان بچايا ۽. گهٽيئي ڀيرا ديوتائن ۽ اِسترين کي ڌئيتن کان بچايا ۽. اِنهيءَ کانپوءِ نرسنگهہ روپ ڌاري ڀڳتن کي آپير دان ڏيڻ لاءِ هرڻاڪشيپ کي ماريو. منو نتر ۾ جا ڌئيتن ۽ ديوتائن جي جنگہ لڳي، تنهن ۾ ڌئيتن جي سينا پتيءَ کي ناس ڪري سيني لوڪن جي رکيا ڪئي ۽ وامن آوتار ڌاري راجا بليءَ کان هيءَ پرٿوي دان ۾ وٺي ديوتائن کي ڏني. پرگوڪل ۾ اگني روپ ڌاري پرشرام جو اوتار وٺي، ايڪيهہ ڀيرا کيترين کي جيتي سڌس ڪل ناس ڪيو. وري رام جو آوتار ڌاري سمنڊ کي ٻڌي لنڪا ۾ ويو، جتي راڪشسن جي راجا راوڻ کي ڪٽنب سوڌو ناس ڪيو، جنهنجي ڪيرتي سنساري پاپ ناس ڪيو چڏي. اهوئي ساڳيو رگهوناٿ اڄ هتي حاضر آهي. اِنهيءَ کانپوءِ ڀوميءَ جي بار لاهڻ لاءِ يدوءَ ڪل ۾ آوتار وٺندو ۽ جيڪي ڪرم ديوتائن کان به نه ٿي سگهندا، سي ڪرم هو ڪندو. تنهنکانپوءِ ٻوڌ روپ ڌاري جي ڌئيت يڳير جا لائق نه آهن، تنکي موهت ڪندو. اِنهيءَ کانپوءِ ڪاجڳہ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪلنڪي اُوتار وٺي شودر راجائن کي ماريندو. هي مها راجا! اهڙيءَ طرح جڳت پتيءَ ڀڳوان واسديو جا جنم ۽ ڪرم آنيڪ آهن.

جيتو ليڪ اندر ۽ ٻيا ديوتائون منجهائين ٿا، تڏهن ٻه، ٻه اهين وڳهن
کي لتاڙي اچيو توهان سان ملن، پر جيڪي ڀڳتي ۾ ديوتائن کي حصو
ٿا ڏين تنکي نٿا الڪائين. جيڪي ڀڳت نه آهن تنکي ته ڪام ۽ ڪروڌ
وغيره وس ڪيو ڇڏين ۽ اُنهمان ۾ جيڪو منهنجي پوڄا ٿو ڪري
سو يوڳ ٿو ڀوڳي، پر جو ڪروڌ جي ور ٿو چڙهي سو وڏو مورک آهي؛
جاڪاڻ ته جو ڀکي ٻکر، اُڃ، سردي، گرمي، مينهن، هوا ۽ جيڀ جو سواد
آهين سڀني کي جيتي ٿو، سو جي ڪروڌ جي وس اچي وڃڻو ته هو
سراپ ڏيڻ سان پنهنجي تپسيا اجائي ڪيو ڇڏي. اهڙو پرش جڻ ته
اپار سمنڊ ترپو وڃي، پر ڳائيءَ جي کرن سان ڪو تيل ڪڏ ۾ ٻڏ ٻو پوي."

ايها ڳالهه ٻڌي ڀڳوان نارايڻ پنهنجي يوڳ ٻل سان ڪئين انيڪ
شوينمڪ ۽ زيورن سان سنگاريل استريون پيدا ڪري ڪامديو ۽
ٻين سڀني کي ڏيکاريون. لڇمي سمان شوينمڪ استريون ڏسي ديوتا
ٻاڻ اُنهنتي موهت ٿي پيا ۽ اُنهنجي سوڀيا، گڻ ۽ روپ ڪري
سندن سوڀيا ملي ويئي. تڏهن ديوتائن جي ديو پريو ڀڳوان ڪلي
ڪامديو ۽ ٻين ديوتائن کي چيو ته "توهان انهمان ڪنهن سان ٻه
ورام ڪريو." اهو ٻڌي ديوتائون چوڻ لڳا ته "مهاراج! اسين تيهه
آهيون، ڪٿي هي استريون ڪٿي اسين؟" تنهنتي نارايڻ ڀڳوان
چيو ته "جيڪي توهانجون لائق هجن تنکي گرهڻ ڪريو." ديوتائن
اُتر ڏنو ته "انهمان مڪ جا ٻه اسين لائق نه آهيون." اتي ڀڳوان
ڪامديو کي چوڻ لڳو ته "هي ڪامديوا هڪڙي ته تون ضرور کڻ،
جو ته سورگ ۾ تو لاءِ هيءَ هڪڙي سونهن ٿيندي." ڪامديو ايشور
جي آگيا مجب اُروشي نالي جا سڀني ۾ شوينمڪ هئي، تنهن کي
ٻالگان ولي سڀني ديوتائن سان گڏجي، پريو کي نمسڪار ڪري
سورگ ڏانهن روانو ٿيو. سورگ ۾ راجا اندر جي سڀا ۾ اچي، ڪيس
پرڻام ڪري ٻين ديوتائن جي وچ ۾ نارايڻ ڀڳوان جي ٻل جي
وارتا ڪري ٻڌائي، جا ٻڌي راجا اندر ڏاڍي عجب ۾ پيو ۽ ڪيس
ڀؤ ولي ويو. اهڙي پريو هنس جو اوتار ولي سورو آتم يوڳ ظاهر
ڪيو. تنهنکانپوءِ دتاتريه، سنڪ آدي ۽ منهنجي پتا رشڀ ديو کي

جي شڪتي ۽ ٻيا سڀ ڪرم وغيره ٿيا آهن. انهيءَ مان معلوم ٿو ٿئي ته هن جڳت جو ڪو رچيندڙ هوندو: ڀريا ئين هن جڳت جي رچنا لاءِ رجوگڻ مان برهما پيدا ٿيو، ستوگڻ مان يڳين جو ڦل داتا ۽ ڌرم جو رکپال وشڻو ڀڳوان پيدا ٿيو. جڳت کي ناس ڪرڻ لاءِ تموگڻ مان شو پيدا ٿيو. اهڙيءَ ريت انهيءَ آدي پرش کان هن جڳت جي اُتپتي، پالنا ۽ پرلئه ٿئي ٿي. انهيءَ آدي دبو دکش جي ڌيءَ ۽ ڌرم جي استري مورتيءَ جي گرڀ مان رشين ۾ شريشٽ نرنارايڻ جو اوتار ورتو. ڪرم ناس ٿي نه وڃن تنهنلاءِ هن نشڪرم گيان ظاهر ڪيو ۽ هن پاڻ به اهي ڪرم ڪيا. اُنهيءَ نر نارايڻ جي پوڄا بدريڪا شرم ۾ اڄ ڏينهن سوڌو گهڻا رشي مني ڪندا.

هي مهاراجا! هڪ ڏينهن راجا اِندر انهيءَ آدي پرش نر نارايڻ کي ڪنڻ تپ ڪندو ڏسي من ۾ ويچار ڪرڻ لڳو ته جي هن تپسيا ڪئي ته مونکان راڄ کسي وٺندو، انهيءَ لاءِ هن جي تپسيا ۾ ڀنگ وجهڻ گهرجي. اهو ويچار ڪري هن ڪامديو کي بسنت رُتءِ مني هير ۽ ڪيترن اپسرائن سميت ڀڳوان ڏي موڪليو. پلا اُنهن ويچارن کي ته ڀڳوان جي مهما جي پوجهه ئي ڪانه هئي، سو هنجي اکيان اڳي ڪيس پنهنجي سونهن تي موهڻ لڳا. تڏهن گرڀ رهت نارايڻ ڀڳوان اِندر جو ڏوهه سمجهي سراپ کان ڏڪندڙ ڪامديو ۽ ٻين کي مرڪي چيو ته ”هي ڪامديو! هي ديوتائو! توهين ڊڄو نه، جل پان ڪري پرساد کائي آرام ڪريو؛ ڇاڪاڻ ته جتي مهمانن کي آدر نٿو ملي سو هنڌ مسان برابر آهي.“ هي راجن! پوناس ڪندڙ ڀڳوان نر نارايڻ جا اهي وچن ٻڌي هو ڏاڍا ڦڪا ٿيا ۽ سرنمائي چوڻ لڳا ته ”هي پرڀو! توهان جيڪي جيو تنهنتي عجب ڪائڻ نه گهرجي؛ ڇاڪاڻ ته توهين مايا کان دور آهيو ۽ نروڪار آهيو. اسين توهانجي آتمارام ۽ چرڻ ڪمل کي نمسڪار ٿا ڪريون. اسانجي اهڙي اپراڌ ڪرڻ جهڙي حلت تي عجب نه ڪائڻ گهرجي، جو ته اسانجو سڀاءُ ئي اهڙو آهي. توهانجا جيڪي سيوڪ آهن سي ديوتائن جو شتان لنگهي اچي توهان سان وڃڻ ۾ مانتا. جيڪي توهانجي رکيا هيٺ آهن ۽ توهانجا ڀڳت آهن، تنکي

شيس سان مورتيءَ جي پوڄا ڪرڻ گهرجي . انهيءَ کانپوءِ هردي
وچل ڀڳوان واسديو جي پوڄا ڪجي ۽ ساوڌان ٿي ڌيان ڪجي
تنهنکانپوءِ هردي، سر، ٻانهون، زرهه، نيترن ۽ هٿيارن جي مول منتر
سان پوڄا ڪرڻ گهرجي . انهيءَ کانپوءِ سيمي آنگ، پارشدن ۽ ديوتائن
سميت انهيءَ مورتيءَ جي پوڄا پادير (پيرن لاءِ پاڻي) ارگهيه (منهن لاءِ
پاڻي) آچمن (ڪنٺ لاءِ پاڻي) شنان، ڪپڙن ۽ مٽين سان ڪجي .
تنهنکانپوءِ سڳنڌ، پشپ، ڌوپ، ديپ، مالا ۽ تلڪ سان پوڄا ڪجي .
انهيءَ کانپوءِ منترن سان شتوتي ڪري نمسڪار ڪرڻ گهرجي .
اهڙيءَ طرح وڌيءَ موجب مورتيءَ جي پوڄا ڪرڻ گهرجي، تنهنکانپوءِ
انهيءَ مورتيءَ جو ڌيان ڪجي . انهيءَ کانپوءِ مورتيءَ کي مٿي تي رکي
ديوتائن جي سروپ جو ڌيان ڪري، انهيءَ پوڄيل مورتيءَ کي
سندس جاءِ تي رکجي . انهيءَ رٿ جو اگني، سورج، جل ۽ مهمان
جي هردي ۾ وچل ڀڳوان واسديو جي پوڄا ڪندو، سو ٿوريئي
وقت ۾ سنساري بندن کان جلدي پار پوندو . "

راجا جنڪ پڇڻ لڳو ته "هي ڀڳوان! توهان جو چيو ته جنهن مورتيءَ
۾ من لڳي تنهن مورتيءَ جي پوڄا ۽ شتوتي ڪرڻ گهرجي، سو مونکي
ته ڪهڙا ايشور جي مورتيءَ جي جنم آهي، ڪهڙي گڻ جهڙي ۽
ڪهڙي ڪرم جي جو ڪٿي شتوتي ڪريان . تنهنڪري جي اوتار
ڀڳوان واسديو ورتا آهن، جي ولندو ۽ جي چريترن ڪيا آهن ۽ ڪري
پوسي سڀ ديا پالي ٻڌايو . " تنهن تي **درهل** رائي سٿس رشيءَ اترڏنو
ته "هي راجن! جو ڀڳوان واسديو جي چريترن جو ڳاڻاٽو ڪري ٿو سو
وڏو مورک آهي ۽ جا ڪاڻ ته ڌرتيءَ جو ڪو ڪٿي ايڪو ڪري ۾
ڪري سگهي ٿو، پر ايشور جا گڻ ڪوئي ڳڻي نٿو سگهي . انهيءَ هوندي
به مان توکي انهيءَ جو مختصر بيان ٻڌايان ٿو . جڏهن ڀڳوان واسديو پنهنجي
مها ڀوت اُنس ڪيا ۽ برهمانڊ روپ نگر ٺاهي اُن ۾ ليلا طور واسو ڪرڻ
لڳو، تڏهن سندس ناو آدي ديو راڄ پرش سڏجڻ ۾ آيو، جنهن جي
تمشي اوڪ پيدا ڪيا آهن ۽ جنهنجي سروپ مان جي سڀ ڀوت (پدارٿ)
ته گڻ مان گيان پيدا ٿيو آهي ۽ پراڻ مان ديهه جي شڪتي، اندرين

تہ آروڳتا آهي. تنهن موڪن کي ڪم ۾ لڳائڻ لاءِ ڪرمن جا ڦل
ڏيکاريل آهن؛ ڇاڪاڻ تہ اُهي وشيءَ ۽ لوڀي آهن. پر ڪرم ڪرڻ
کان ڪرم نہ ڪرڻ وڌ آهن. گيان جي وسيلي سان ڪرمن جو
تياڳ ڪرڻ، اهو ويدن جو تاتپريہ آهي. پر ڪو ڪٿي چوي تہ جيڪي
ڪرم تياڳڻا آهن سي شروعات کان وٺي تياڳجن، ان ۾ گيان
وري ڪهڙو اچي موڙهو آهي؟ انهيءَ لاءِ چوڻ گهرجي تہ پوريائين
ماڻهو اَگياني ۽ اَجيت اِندريہ آهي؛ اِنهيءَ ڪري جي هو ويدن ۾
ڏيکاريل ڪرم نہ ڪندو تہ ڌرم جي وِرڌ (اُبتڙ) هلڻ ڪري موت جي چڪر
۾ ايندو ۽ سدائين ڪال جي مک ۾ پيو هوندو. اِنهيءَ ڪري جيل آهي
تہ ڪرم ڪرڻ گهرجن ۽ منع ٿيل ڪرم نہ ڪرڻ گهرجن. پر جيڪي
ڪرم ڪجن تن جي ڦل جي اِڇا نہ رکجي ۽ جيڪي ڪرم ڪجن
سي سڀ ڀڳوان واسديو کي آرپڻ ڪجن؛ ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ
سان ماڻهو مڪتي پائي ٿو. پر ڪو ڪٿي چوي تہ ڪرمن جا جيڪي
ڦل آهن، سي تہ ضرور ملندا؟ انهيءَ بابت چوڻ گهرجي تہ ڪرم جڏهن
ڀڳوان کي آرپڻ ڪجن ٿا، تڏهن ماڻهن جو اُنهن ڪرمن مان واسطو
نڪريو وڃي. جن ڪرمن سان پريت ڪجي ٿي فقط تن ڪرمن جا
ڦل ملن ٿا. جو نِروڪار جيو پاڻکي اهنڪار جي بندنن کان ڇڏائڻ
گهري ٿو، تنهنکي ويدن ۾ ڏيکاريل ايشور جي ڀڳتي وِڌيءَ سان ڪرڻ
گهرجي. هاڻي وڌيءَ جي پوڄا پڌ.

جڏهن ايشور هن پرش تي ڪرپا ڪري ٿو، تڏهن هنکي ستگرو ملي ٿو،
جنهن گروءَ کان هو پوڄا جي وڌي پراپت ڪري ٿو. اُنهيءَ کانپوءِ جا
مورتي پاڻکي پياري هجي، تنهن مورتيءَ جي پوڄا ڪرڻ گهرجي.
پوريائين شنان وغيره ڪري پوِترتي، اُنهيءَ مورتيءَ جي سنمک وهي
پراڻايام ڪرڻ گهرجي. ديهيءَ کي اوجل ڪري پوءِ آنتهہ ڪرڻ شد
ڪجي. تنهنکانپوءِ پنهنجيءَ رکيا لاءِ ڀڳوان هريءَ جي پوڄا ڪرڻ گهرجي.
پرٿوي صاف ڪري پوءِ گل ڦل وغيره سڀ اوجل ڪرڻ گهرجن. من
کي ساوڌان ڪري مورتيءَ کي سنان آدڪ ڪرائڻ گهرجي ۽ چڱو
آسڻ وڇائي تنهنتي مورتيءَ کي وهارجي. تنهنکانپوءِ ارگهيہ ۽ پين

جڏهن فقط هڪ ڀڳوان واسديو جي ماڻ جي اڇا ٿي ٿئي، تڏهن
ڀڳتي وڌي ٿي؛ جنهن ۾ جي ڪٽي ڪرمن ڪري پاپ ٿين ٿا، سي
سڀ انهيءَ ڀڳتيءَ ڪري ناس ٿي وڃن ٿا. انهيءَ کان پوءِ جنهن شڌ
ٿي پرگهٽ آتم تتو پراپت ڪري ٿو؛ جنهن نرمل درشٽيءَ سان سورج
جو پرڪاش ڏسڻ ۾ ايندو آهي."

راجا جنڪ پڇڻ لڳو ته "ڀڳتي ته ڪرمن جي وس آهي، انهيءَ
ڪري پورياءِ مونکي اهي ڪرم ٻڌايو، جن ڪرمن ڪرڻ سان ڪرمن
جو موهه ناس ٿي وڃي؛ پرش نشڪرم ٿي آتم گيان پراپت ڪري
سگهي. يعني ته جنهن ڪرم يوگ ڪري سڀ ڪرم ناس ٿي وڃن. هي
مهاراج! جڏهن منهنجو پتا جڙو هو تڏهن سنڪ ۽ ٻيا مني اچي گڏ
ٿيا. انهيءَ وقت مون انهن کان اهو ساڳيو سوال پڇيو، پر انهن ڪوبه
جواب نه ڏنو. خبر نه آهي ته انهيءَ جو ڪهڙو سبب هو." تنهنڪري
آوي هوتر جوڳن رشي اتر ڏيڻ لڳو ته "هي راجن! جن ڪرمن جي
ڪرڻ جي منع آهي سي وڪرم سڏجن ٿا. پر جن ڪرمن جي آگيا
آهي سي جڏهن نه ٿا ڪجن، تڏهن انهن کي اڪرم ڪري سڏين ٿا.
انهن ٻنهي جو ڀيد فقط ويد جاڻن ٿا؛ ماڻهو انهنکي سمجهي نٿو سگهي.
انهيءَ ڪري ويد ساکيات ايشور جو روپ آهن. ويدن جو ارٿ
سمجهڻ تمام ڪٺڻ آهي، انهيءَ ارٿ ۾ پنڊت لوڪ به منجهي ٿا
پون. پر تون ته ان وقت ٻالڪ هئين انهيءَ ڪري منن توکي تنهنجي
پرشن جو اتر نه ڏنو. ويدن جو تاتپريه جو نٿو سمجهڻ ۾ اچي؛ ڇاڪاڻ
ته اهي گجهارتن سان ڀريل آهن، انهيءَ ڪري انهن جو ارٿ جدا
جدا ٿئي ٿو. انهن ويدن ۾ ڪرمن کان ٻاهر جڏائڻ جا ڪرم به
ڏيکاريل آهن، پر مورک ماڻهو اهي ڪرم نٿا سمجهن. انهن کي جهڙو
ته ڪرم تياڳي جڏ ٻو، ته جونئا ته جڏهن ڪرمن جو ڦل سکر ۽ سورگ
آهي، تڏهن ڪرم جو ڇڏجن؟ جي ڪرم فقط ڪم پرتيائڻ لاءِ جمل
آهن سي سڀ مورکن لاءِ آهن، انهن جي ڪري ڏرم ۾ ڪو واڌارو
نٿو ٿئي. جهڙي ٻارن کي بيماريءَ وقت مٺائي وغيره جو دلاسو ڏيئي
دوا پياري آهي، پر سچي جو ڦل ڪا مٺائي نه آهي، انهيءَ جو ڦل

هي جڳت جهڙي ۾ ٿو ته مري ۾ ٿو ، اِنمان معلوم ٿو ٿئي ته ٻرهم ۾ ڇمندو ۽ مرندو هوندو . اِنهيءَ جو اُتر آهي ته هي آتما نڪي مري ٿو نڪي ڄمي ٿو ، نه وڌي ٿو ۽ نه گهٽجي ٿو . اِنهيءَ ڪري هو ايندڙ ۽ ويندڙ ، ننڍو ۽ وڏو ٿيندڙ ديهيءَ جو ساکي [ڏسندڙ] آهي . ساڪيءَ کي اِهي اوستائون نٿيون ٿين ، هو فقط گيان روپ آهي . پر ڪو ڪڇي چوي ته گيان ته هڪ پل ۾ وڌي ٿو ۽ هڪ پل ۾ گهٽ ٿي وڃي ٿو؟ اِنهيءَ بابت جوڻ گهرجي ته پدارٿن جو جيڪو گيان آهي سو وڌي ۽ گهٽجي ٿو ، پر ٻرهم گيان ڪڏهن ۾ گهٽجڻ يا وڌڻ جو نه آهي . هن ٻرهم گيان کي پراڻن سان ڀيٽيندا آهن . اِندريون وغيره ڪيول هريءَ کي پرگهٽ ڪن ٿيون . جڏهن مرون ۽ پکي جتي جتي وڃن ٿا ، تتي تتي سندن جيو آتما ۽ پراڻ ۾ وڃن ٿا . جڏهن پراڻ نروڪار آهن يعني اُنهن ۾ ڪو ڦيرڦار نٿو ٿئي تڏهن آتما ۾ نروڪار آهي . پر ڪو ڪڇي چوي ته تڏهن ماڻهوءَ جو جيو وري وڪاروارو ڪڏهن ٿو ڏسڻ ۾ اچي ؟ اِنهيءَ بابت جوڻ گهرجي ته جاڳڻ مهل اِندرين جي گڏڻ ڪري ۽ سپني مهل آهنڪار ڪري ، هيءُ آتما وڪار وارو ڏسڻ ۾ اچي ٿو . پر ننڊ مهل هو گڏڻ ۽ آهنڪار رهت ٿي ، نروڪار رهي ٿو ، اِنهيءَ ڪري لنگ شرير جي وڪار جو سبب آيل آهي . پر اِتي ڪو ڪڇي شڪ اُٿاري ته سپني جي ناس ٿيڻ کانپوءِ وري هيءُ آتما ڪڏهن رهي سگهندو ؟ اِنهيءَ لاءِ جوڻ گهرجي ته جڏهن ڪو ماڻهو سک سان ننڊ ڪري جاڳي ٿو ، تڏهن هو اُنهيءَ سک جي يادگيري ٿي ته مان اڄ سکي ٿي سمهيس .

آنيو جي يادگيريءَ کانسواءِ نٿي ٿئي . جو آنيو نروڪار آهي . ۽ اِنهيءَ حال ۾ جنهنڪري آنيو ظاهر نٿو ٿئي . پر سپني ۾ نروڪار آنيو ٿئي ٿو تڏهن جي ڪڇي جڏهن ته اُنهي اوديا اُنهي واسنا اچا رهيل آهي . اِنهيءَ جو اُتر آهي ته جڏهن

خبر آتما

مول يا سبني پر ٻاندڻ مڃيل مڪ ئي ڏسڻ ۾ اچڻ سو برهم آهي، اُهو
برهم تتو آهي ۽ سماڌيءَ وقت جنهنکي مني ڏسن ٿا، سو به برهم آهي.
پر جنهنکي ڪري ديهه، اندريون، من ۽ پراڻ جي سڀ ٻنڌڻا
ٻنڌڻا ڪر ڪندا، تنهنکي پرماتما ڪري ڪوٺين ٿا ۽ اهوئي ڀڳوان
جو سروپ آهي؛ انهيءَ ڪري تنهن نالن جي پيد سان مڪ ئي تتو
جاڻڻ گهرجي. پر جي تون ڪٿي جهڙي ڀانئين ڪري ته برهم کي
وشيءَ تتو نالو ڏيئي سگهبو. انهيءَ جو اُتر آهي ته جنهن ٻاهر جا نندا اُلا
نڪي ٻاهر کي روشن ڪري سگهن ٿا، نڪي ڪي اُنکي جلائي سگهن
ٿا، تنهن واڳي، ليتر، هڏي، پراڻ، من ۽ اندريون سرشتيءَ جي
پرڪاش ڪندڙ برهم کي جهڙي نٿا سگهن، نڪي ڪي منکي سمجهي
سگهندا. پر جي تون جهونن ته اهو ويد وري برهم جو ڪٿن بيان ڪندا،
ته هڏ. ويد به پرگهمت نه آهن ۽ جاڪاڻ ته موقول ڪندا ته جمڪي
شتول آهي، سو برهم نه آهي ۽ جو زبان سان جوڙ پر اچڻ سو به
برهم نه آهي. انهيءَ طرح جمڪا ناڪار جي حد آهي سوئي برهم آهي.
پر جي شڪ آڻين ته ويد، جي سيني جو ڪارڻ آهن، سي جيڪڏهن
جاڻي نه سگهندا ته تڏهن برهم موندوئي ڪونه. انهيءَ جو اُتر آهي
ته جيڪي ستول يا سوکيم ڏسڻ ۾ اچڻ، انهيءَ ڪري من سمجهي
جگت جو ڪارڻ ڀڳوان واسديو آهي. پر اتي جي ڪٿي ٻڌين ته مڪ
برهم سيني جو ڪارڻ وري ڪٿن ٿي سگهندو؟ ته هڏ. برهم جي
قدرت جو اُنت ڪونهي، هو اُننت روپ آهي. پرماتما ته هو مڪ ئي
مڪ هو، پر هنمان لن گٽل واري مايا پيدا ٿي. انهيءَ ڪان پوءِ هو
ڪرپا شڪتيءَ جي وسيلي پراڻ روپ پر آيو ۽ پوءِ گمان شڪتيءَ
جي ڪري مهر لتؤ ٿيو. پوءِ موتي امنڪار روپ پر آيو، جنهن امنڪار
پر جي سڀ جيو هڏا ٿيا آهن. انهيءَ ڪامنا مان اندريون جو روپ
ورتو، پوءِ وري اندريون جي ديوتائن جو روپ ڌاريو. تنهنڪانپوءِ
ڪرمن جي ڦل، سک دک پر آيو. انهيءَ طرح هي سڀ مايا پراڻ مڪ
برهم مان پيدا ٿيو آهي ۽ هي سڀ برهم روپ آهي. اتي وري
توکي ٻڌائڻو پوندو ته جي هي سڀ سنسار سندس روپ آهي ته پوءِ

شرڌا رکڻ گهرجي، برهمڻ جي نندا نہ ڪجي ۽ من واڻي ۽ ڪرمن
کي پنهنجي وس رکڻ گهرجي. پراڻايام جي وسيلي سان ڪوڙ نہ
ڳالهائجي، ٻڇڙا ڪرم نہ ڪجن، انتهڪرڻ اوجل ڪجي، اندرين
کي جيتڻ گهرجي. عجيب ڪرم ڪندڙ ڀڳوان هريءَ جي جنم، ڪرمن
۽ گڻن جو ڪيرتن ڪجي ۽ اهي سڀ شرڌا سان ٻڌجن. انهيءَ ڪانسواءِ
ٻيو بہ جيڪي ڪجي سو سڀ ڀڳوان واسديو کي ارپڻ ڪرڻ گهرجي،
اهي سڀ ڌرم پنهنجي گروهه وٽان سکڻ گهرجن. شريڪرشڻ چندر
جا جيڪي پيارا ڀڳت هجن، تن سان مترتا پيدا ڪجي ۽ ساڌو پرشن
جي ٽهل ڪرڻ گهرجي. مهاتمائن جو سنگ ڪري انهن کان ڀڳوان
واسديو جا چرتر سکجن ۽ پاڻ ۾ان ريس ڪيڏي هڪ ٻئي سان
پريت ڪرڻ گهرجي. سڀني سان ميل ميلاپ رکڻ گهرجي ۽
هڪ ٻئي کان سکڻ دکن جي نوارڻ جو رستو سکجي. ڀڳوان، جو
سڀني پاپن جو ناس ڪندڙ آهي، تنهنجا گڻ ڳائجن ۽ ٻين کان ڳارائجن.
اهڙيءَ طرح سمرڻ ۽ ڪيرتن ڪرڻ سان پريم لکشڻا واري ڀڳتي پراپت
ٿئي ٿي ۽ پريم ۾ اچي ماڻهو آنند پائي ٿو. واسديو جا ڀڳت ڪڏهن
روئندا پيا آهن، ڪڏهن کلندا پيا آهن، ڪڏهن آنند ۾ مگن ٿي
ويندا آهن، ڪڏهن ٻالڪن جهڙا وچن بوليندا آهن، ڪڏهن نچندا
آهن، ڪڏهن ڳائيندا آهن، ڪڏهن ڀڳوان جي سروپ جي ليلا ڪندا
آهن، ڪڏهن پرم سک ۾ ٻڏجي ويندا آهن ۽ ڪڏهن تہ وري ماٺ
۾ رهندا آهن. انهيءَ ريت ويشنو ڌرم سکي ۽ نارايڻ جو پيارو ڀڳت
ٿي رهي، بس! اهوئي آهي من ڪٺڻ مايا کان لنگهي پار پوڻ جو رستو."

اهو ٻڌي راجا جنڪ چوڻ لڳو تہ "هي يوگيشور! مون تہ نارايڻ
جا ٽي نالا ٻڌا آهن. هڪڙو نارايڻ، ٻيو برهم ۽ ٽيون پرماتما. سو
ديا پالي ٻڌايو تہ انهن ۾ ڪو تفاوت تہ ڪونهي ۽ انهن جو مختصر بيان
ٻڌايو ۽ ڄاڻايو تہ توهانکي برهم جو پورو گيان آهي." تنهنتي پپلاين
نالي پنجين رشيءَ اتر ڏنس تہ "هي راجن! نارايڻ، جو هن سرشٽيءَ
جي رچنا، پالنا ۽ سنگهار جو ڪارڻ آهي، سو پاڻ ڪارڻ رهت
آهي. يعني هنجي هئڻ جو ڪو بہ سبب نہ آهي، سو سروپ جا ڳڻ

وغيره کڏهن به سگهه نه ٿا ڏين. انهيءَ ڪري ڏن، گهر، ڪٽنب، عزيز ۽ مال متاع پراپت ڪرڻ مان ڪهڙو ڪارج سڌ ٿيندو؟ اهي سڀ مٿيا (ڪوڙا) آهن. اهڙيءَ طرح ڪرم مان پيدا ٿيل پرلوڪ به مٿيا جاڻڻ گهرجي. جاڪاڻ ته جيئن هتي هن پر ڪمائڻ تي ريس ٿئي ٿي ۽ جنڪي مهاپلي آهن تنکان ڊڄجي ٿو، تيئن پرلوڪ ۾ به پاڻ جهڙن کي ڏسي ريس ٿيندي ۽ پاڻ کان جنڪي وڏا آهن، تنکي ڏسي سندن نندا ٿي ڪبي ۽ سورگ مان ڪري پوڻ جو ڊاڍو ڊپ ٿو رهي، انهيءَ ڪري متي وانگر سورگ ۾ به ڏک آهن. جنڪو ڀڳوانجو پيارو ٿيڻ جا منڊڙ آهي، تنهنکي گهرجي ته ڀڳوانجي گروه جي سيوا ڀڳتي سان ڪري. پر ياد رهي ته گروه پرمي لائق ضرور هئڻ گهرجن. پوريون ته جو ويدن مان جيئي پر واقف هئڻ گهرجي ۽ جنهنکري ٻين جا شڪ لاهي سگهي. سو ته منکي پرپرم جي سروپ جي جاڻ هئڻ گهرجي ۽ جاڪاڻ ته جي ڪنهن انهيءَ سروپ جو گمان نه هوندو ته ٻين کي وري ڪيئن ڏيئي سگهندو؟ تيئن ته جو تمام شانت روپ هئڻ گهرجي ۽ جاڪاڻ ته پرم گمان انهنکي ڏسڻ جي شانت روپ هوندا آهن. ڀڳتن کي پنهنجي آتما ڏينڊڙ پرماتما جهڙو ويڻو ڏرم ڪري پرس ٿئي ٿو، سو ڏرم گروه جي سيوا ڪرڻ سان ملي سگهندو. گروه کي آتما مکيه جاڻي اندر مان ڪپٽ کڏي سندس سيوا ڪرڻ گهرجي. پورپاءِ پنهنجو من اهڙو ته ڪرڻ گهرجي، جو ڪنهن به شيءِ ڏانهن لڏي نه سگهي. انهيءَ کا نمونو ستسنگ ڪرڻ گهرجي، تنهنکا نمونو پراڻين ۽ ٿرپس سان مترتا پڻ رکجي ۽ وڏن جو ادب ڪجي. انهيءَ کا نمونو ڏرم جا گڻ پراپت ڪرڻ گهرجن، جهڙوڪ ڪما، مئن، [مانت] ويدن جو ابياس، ايمانداري ۽ برهمچريه. اجائي بڪ بڪ نه ڪرڻ گهرجي، ڪنهن نه ڏکجي، لڳي نه ڪجي، سک ڏک ۾ اوڏا نه ڪائجي ۽ سڀني پراڻين ۾ آنند روپ برهم روپ جاڻي انهيءَ جو ويچار ڪرڻ گهرجي. ايڪانت ۾ رهڻ گهرجي، گهر وغيره جو ايمان نه ڪجي، جنڪي ملي تنهن تي راضي رهجي ۽ وڏيڪ جي چاهنا نه ڪجي. جنڪي شاستر ڀڳوان جو مارگ ڏيکاريو ٿا، تنجي نندا نه

جبلن مان جي ٻاهر جا اُلانڪرندا، سي ڪري چئوطرف پکڙجي ويندا، جنهنڪري انيڪ شهر جلي ڀسم ٿي ويندا. تنهنکانپوءِ هاٿيءَ جي سونڊ وانگر سانورتڪ نالي ٻادل هڪ سؤ سالن تائين زور سان مينهن وسائيندو، جنهنڪري سارو برهمانڊ ٻڏي ناس ٿي ويندو. هي راجن! جڏهن ڪائين جي نرهڻ ڪري ٻاهر، شڌ ٻاهر ۾ ملي ويندي آهي، تڏهن جيو آتما شرير ڇڏي سوکيم برهم ۾ لين ٿي ويندو. سڳنڌ، جا پرٿويءَ جو گڻ آهي سا هوا ۾ اُڏامي ويندي ۽ پرٿوي گڻ رهت ٿي جل ۾ ملي ويندي. پوءِ جڏهن جل جو گڻ رس، هوا ڪري سڪي ويندو، تڏهن جل تيج سان گڏجي ويندو. پرلئي جي اونڌهه ڪري تيج پنهنجو روپ وڃائي پئون ۾ لين ٿي ويندو ۽ پون پنهنجو ڇهڻ جو گڻ وڃائي آڪاش سان ملي ويندو. اُنهيءَ کان پوءِ آڪاش جي گڻ شبد (آواز) کي ڪال روپ گم ڪري ڇڏيندو، تڏهن آڪاش تامسي آهنڪار ۾ لين ٿي ويندو. اندريون ۽ ٻڌي راجسي اهنڪار سان ملي وينديون ۽ من اندرين جي ديوتائن سميت ساتوڪي اهنڪار ۾ لين ٿي ويندو. ٽنهي گڻن مان پيدا ٿيل آهنڪار اندرين آدڪ سميت مهه تتو ۾ لين ٿي ويندو ۽ مهه تتو وري پرڪرتيءَ ۾ لين ٿي ويندو. پيدا ڪندڙ، پالنا ڪندڙ ۽ ناس ڪندڙ ڀڳوان جي جا هيءَ ٽرگڻي مايا آهي، تنهنجو بيان مون توکي ٻڌايو، هاڻي اُنهيءَ کان وڌيڪ ڇا جي ٻڌڻ جي اِڇا آٿيئي؟"


شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته "هي راجا پريکشت! جڏهن راجا جنڪ منيءَ کي ديا سان پريل ڏٺو تڏهن ڪانئس مايا جي تري پار پوڻ جو اُپاءُ پڇيو ۽ چوڻ لڳو ته "هي ديالو! هيءَ جا ايشور جي مايا آهي سا آجيت اِندريه پرش لاءِ تري پار پوڻ ڏاڍي ڪٺڻ آهي. اِنهيءَ ڪري مونکي اهڙو ڪو اُپاءُ ٻڌايو، جنهنڪري ديهه جو آڀمان ڪندڙ پرش به اِنهيءَ مايا کان تري پار پوي؟" تنهنتي **پربڌ** نالي جوڳي رشي چوڻ لڳو ته "هي راجن! استري ۽ پرش گڏجي دک ناس ڪرڻ ۽ سک جي پراپت ڪرڻ لاءِ ڪرم ڪن ٿا. پر انهن ڪرمن جي ڦل ڪري مورڳو دک ڀوڳين ٿا. ڪرم ساڌنا سان ڏن

ڀڳوان جو مردم ڪاٽڻ ته جو سيني انهن جي ناس ڪندڙ واسديو ڀڳوان جو مردم ڪاٽڻ ته جو سيني انهن جي ناس ڪندڙ ڪندڙ واسديو ڀڳوان جو مردم
ڪاٽڻ ته جو سيني انهن جي ناس ڪندڙ واسديو ڀڳوان جو ڏورڻ سان مري
مردي ۽ ٻاهن ڪنڌا ۽ ٻڌن ٻهڻجها مردا بربر روبي ڏورڻ سان مري
مردي ۽ ٻاهن ڪنڌا ۽ ٻڌن ٻهڻجها جڏيا آهن."
ڀڳوان جي حرڻ ڪمان سان ٻڌي جڏيا آهن."
ڀڳوان جي حرڻ لڳو ته "مي ڀڳون! برماتما جي مايا جي جاڻڻ
راجا جنڪ جوڻ لڳو ته "مي ڀڳون! برماتما جي مايا جي جاڻڻ ته مٺي
جي مهونجي اجا آهي، سو ڪرپا ڪري ٻڌايو." جاڪاڻ ته مٺي
جي مهونجي اجا آهي، سو ڪرپا ڪري ٻڌايو؟ توهين جڏهن ته مان
مايا ودوانن کي هر وقت ڪمو جڏي. هر جي توهين جڏهن ته مان
جي وشنو ڀڳت ٻڌي نهال ٿيس ته بوءِ وري امڙي سوال ڪرڻ جو
ڪهڙو ضرور آهي؟ انوڻ جو اُتر آهي ته سنسار جي تب ڪان ناس
ڪندڙ ڏرس جي تمت زياده آهي؛ انوڻ تمت جي ناس ڪندڙ
امرت روبي مرڻ جي ڪٿا جا توهان ٻڌائي، تنهنجي اڏڻ ڪري
۾ مهونجو ڏڪ ڪونه ٿيو." اهو ٻڌي **الت رِکش** والي ٿيون يوگيشور
جوڻ لڳو ته "مي راجا! آدي پرش ڀڳوان پهنجي انش مان جيون
جي مڪتي لاءِ پنجن مهاڀوتن جي شڪتي سان ٻڌي، اندريون، من،
پراڻ ۽ شرير پيدا ڪيا ۽ ادا شڪتي مايا جو روپ آهي. اهڙيطرح
پنجن مهاڀوتن جي وسيلي ئي هي سرشٽي رچي ۽ سيني پراڻين
جي مردي ۾ ڀڳوان انترجامي روپ سان ويٺو، جيون کي ڏکن
۽ ڏهن اندرين جي وسيلي جدا جدا ڀوڳ ڀوڳايئو. جڏهن جيو
انترجامي جي پرڪاش ڪري اندرين جي وسيلي ڀوڳ ڀوڳڻ
لڳو، تڏهن مايا مان پيدا ٿيل شرير کي پنهنجو سمجهڻ اُنهيءَ تي
وقت ئي پيو. هي جيو ڪرم اندرين سان واسنا سميت ڪرم ڪري
تو ۽ انهن ڪرمن جي ڦل ڪري جو ڏک توڙي سک ڀوڳي ٿو ۽ منڪي
مڪتي ۾ نٿي ملي، ادائي پرميشور جي مايا آهي.
اهڙيطرح جيو آتما هن جي وس ٿي ڪرم ڪار ڪري ٿو گوڙهي مشڪلات
سهي ٿو ۽ پرلي جا جيس ۾ اچي ٿو. جڏهن پنجن مهاڀوتن جي ناس
ٿيڻ جو وقت ويجهو اچي ٿو، تڏهن ايشور مشڪل ۽ سوکسم جڳت
کي آدارب رهت ڪال ۾ ملائي جڏي ٿو. هالي پرلي جو ٿيڻ جون نشانيون
ٻڌ. پورا سو سال تائين مينهن پوندو ئي ڪين ۽ اُنهيءَ وقت سورج
جي امڙي ته تمت تيندي جو تنهنجي اوڪ تپڻ لڳندا. اُنهيءَ ڪانسو جو الا مکي

ڪٿن ٿا هلن؟ ڪهڙو ڌرم پالين ٿا؟ هنن جو سڀاءُ ۽ هلت چلت ڪهڙي ٿيندي آهي؟ ۽ هنن جو ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڪهڙو ٿيندو آهي، جنهن ڪري ڀڳوان مٿن پرسن ٿئي ٿو؟ دیا پالي اهو سڀ وستار سان مون کي ٻڌايو؟" انهيءَ جو جواب **هري** نالي ٻيو يوگيشور ڏيڻ لڳو ته "جو پاڻ کي ٻين سڀني پراڻين ۾ ويئل برهم روپ ۾ ڏسيٿو ۽ سڀني پراڻين کي پاڻ ۾ ويئل برهم روپ ڏسي ٿو سو اُتم ويشنو آهي. جو ايشور سان پريم لڳائيٿو ۽ ڀڳوان جي ڀڳتن سان مترتا رکيٿو ۽ مورکن تي ديا ۽ دشمن کي پيار ڪريٿو سو پورو پنو ويشنو آهي. جو ڀيد واريءَ ٻڌيءَ سان رڳو مورتيءَ سان شرڌا رکيٿو، پر جنهن جي جيون ۽ هري ڀڳتن ۾ شرڌا نه آهي، سو گهٽ درجي جو ويشنو آهي: جو رڳو اندرين سان وشيءَ ڀوڳي ٿو، پر نڪي اُنهن کي ڌڪاري ٿو نڪي پيارو سمجهي ٿو، اهڙو ويشنو اُتم ڀڳت آهي. جو سنساري ڌرم ارٿات جنم مرڻ، اندرين جو ڪشٽ سهڻ، پراڻن جي بک، من جو ڀپ، ٻڌيءَ جي ترشنا، اِنهن ڌرمن ۾ موهت نٿو ٿئي ۽ رڳو ڀڳوان هريءَ جو سمرڻ ڪري ٿو، سو ويشنو، ڀڳتن ۾ مکيه آهي. جنهن جي من ۾ ڪام، ڪروڌ ۽ واسنا نٿي اُٿي ۽ جنهن جو من ڪيول واسديو جي سروپ سان رتو پيو آهي، سو ويشنون ۾ اڳرو آهي. جنهن کي ڪُل، تپسيا، ورڻ، آشرم ۽ ذات جو ابيمان نه آهي، سو ڀڳوان کي پيارو آهي. جنهن جي چت ۽ آتما ۾ پنهنجي پرائي جو ڀيد نه آهي ۽ جو سڀني پراڻين کي هڪ جهڙو سمجهي آنند ۾ رهي ٿو، سو مکيه ويشنو آهي. جو ٽنهي لوڪن جي راڄ ملڻ ڪري به واسديو ڀڳوان جي چرڻا رونڊن مان پنهنجي ڀڳتي نٿو گهٽائي ۽ جو هريءَ جي ڀڄن کانسواءِ هڪ پل به اجايو نٿو وڃائي، سو اُتم ويشنو آهي. ڇاڪاڻ ته هو هن سنسار ۾ هريءَ جي چرڻن کان وڌيڪ قيمتي ٻي ڪا وستو نٿو سمجهي. جئن چنڊ جي اُڀرڻ سان سورج جي تپت ناس ٿي ويندي آهي، تئن جن پرشن جي اندر جي تپت ڀڳوان واسديو جي چرڻن جي ٿڌاڻ ڪري ناس ٿي ويئي آهي، جي تن پرشن جي هردي ۾ واسنا وغيره پنهنجو پل هلائي نٿا سگهن. جي هريءَ جي سيوا ۾ سکُ ڄاڻن ٿا تن جو من ڪڏهن به نٿو ڀٽڪي؛

اچيٺي. خيال ٻڌائيندڙ ماڻهوءَ جو من سپنا ۽ مورت ڏسندو آهي،
انهيءَ لاءِ سياڻي ماڻهوءَ کي گهرجي ته ٻوڇهاري پيدا ڪندڙ من کي
ٻنڌڻ وس ۾ آڻي، نشچل ڀڳتيءَ سان ڀڄن ڪري ته ٻوءِ سندس سڀ
ٻڌ ناس ٿي ويندو. جيڪي ايشور جا شڀ ڪرم توڙي جنم آهن ۽ جي
ٽالوڪن ۾ مشهور آهن، سي اچهه ڳڌي ۽ ڪاهه جاهدا نه رکي ڳائڻ
گهرجن. انهيءَ ريت ڀڄن ڪرڻ سان ٻريم لکشڻا وارو ڀڳتي ٻوڳ
پراپت ٿيندو، جنهن ڪري منجهي ملب جاب سنسار ۾ نياري ٿيو ٻوي.
جنهنجي اهڙي ملب آهي ۽ جنهن ڀڳوان واسديو جي نالي ڳائڻ سان
ٻريم وڌيو ۽ جنهن تمام ڪومل ٿيو وڃي، سي ٻرش ڀڳوان کي
جيتيو وٺن. انهيءَ ڪانهوءَ منجهي اهڙي حالت ٿيندي آهي جو ڀڳوان
کي ٻنڌڻ وس ۾ آڻي ڏسي ٻيا کلندا آهن. ڪڏهن ورئي ٻنڌڻ
اڳيون وقت اچاءُ ويندو ڏسي ٻيا روئندا آهن. ڪڏهن ٻريم ۾
مگن ٿي واڪا ڪندا آهن، ڪڏهن آنند ۾ اچي مٺي آواز سان
ڳائيندا آهن ۽ ڪڏهن ته ٻيا نچندا آهن. مطلب ته متوالن ۽ اگيانين
پرشن وانگر ٻيا الوليون ڪندا آهن. آڪاش، وايو، اگني، جل،
ڌرتي، جوت، پراڻي، ڏشائن، وڻن، ندين، سمنڊن ۽ ٻين پدارٿن
کي مورتي جو روپ ڄاڻي ٻيا نمسڪار ڪندا آهن. بس اهي آهن
وشنو ڌرم جا لڇڻ. ڀرڪو ڪٿي جو ته اهي لڇڻ يوگيشور لاءِ ٻه
درلڀ آهن، جي ايڪ جنم ۾ ٻه پراپت ٿي نٿا سگهن، سي ورئي
نام ماتر ڪيرتن ڪرڻ سان ڪئي جنم ۾ ڪٿي ملي سگهندا؟
انهيءَ جو جواب آهي ته جنهن ڪري ڪائڻ سان سگهه ۽ طاقت
پراپت ٿيندي آهي ۽ ٻڪ جي ٻڪ لهي ويندي آهي، تيئن ڀڳوان
جي ڀڄن ڪندڙ کي ڀڳتي جا لڇڻ، ڀڳوان جي سروپ جو آنند ۽ گيان
ڪتب ۾ وراڳ اهي تيئي گڏ هڪئي وقت پراپت ٿين ٿا. انهيءَ
ريت جيڪڏهن ڪو ماڻهون مورتي جي درشن جو ڀڄن ڪريٿو
ته کيس ٻريم لکشڻا واري ڀڳتي، ڀڳوان جي سروپ جو گيان ۽ وراڳ
اهي تيئي پراپت ٿين ٿا. انهيءَ ڪانهوءَ جو ٻرش ٻرم شانتي ٿائيٿو."
اهو ٻڌي راجا جنڪ ٻڌڻ لڳو ته "هي مني! آءُ ويشنو، ماڻهن ۾

جنڪ جو اهو سوال ٻڌي انهن نون يوگيشورن مان **ڪوي** نالي
وارو سڀني کان وڏو ڀاءُ چوڻ لڳو ته ”هي راجا! اهڙو سکہ ان کي ملي
ٿو جو اٺئي پهر پنهنجو من ڀڳوان جي ڌيان ۽ سمرڻ ۾ لڳائي رهي
ٿو ۽ ڌن استري توڙي اولاد وغيره جي ناسوان آهن، تن سان ڪا ڇهه
۾ پريت نٿو رکي. هاڻي ويشڻو ڌرم جا لڇڻ ٻڌ. ڀرياءُ منوءَ ۽ ٻين
آدي رشين جيڪي پنهنجي مکہ سان ورڻ آشرم بابت چيو آهي
سو ٻڌ. تنهن کان سواءِ گيانين جي مکہ واسطي آتم گيان جي هٿ
ڪرڻ لاءِ جيڪي اپاءُ ڀڳوان پنهنجي مکہ سان چيا آهن، سي ويشڻو
ڌرم ۾ اچي ٿا وڃن. جيڪي ماڻهو انهيءَ ڌرم جو آسرو وٺن ٿا، تن
کي وگهن ڪڏهن به نٿا ستائين. هي راجن! جيڪڏهن هو اکيون
ٻوري هلن ٿا ته به نٿا ڪرن. هو جي پنهنجي ورڻ ۽ آشرم جا ڌرم
نٿا پالي سگهن تڏهن به منن دوش نه آهي ۽ نڪي ڪي منن جو ڦل
اجايو وڃي ٿو. جي شاسترن ۾ ڪرم چيل آهن، سي نارائڻ کي
ارپڻ ڪرڻ کان سواءِ اجايا ٿين ٿا. انهي ڪري جيڪي شرير،
واڻي، من، ٻڌي، اهنڪار، برهم آتما وغيره سان ڪجي، سو سڀ
پرميشور کي ارپڻ ڪرڻ گهرجي ۽ ڇاڪاڻ ته ارپڻ ڪرڻ ڪري
شرير جي ڪريا به نارائڻ سنبنڌي ڌرم ٿيو پوي. جيڪي پرميشور
کان بيمکہ آهن تن کان ايشوري مايا ڪري ڀڳوان جي سروپ جو
گيان ڪڏهن به پراپت نٿو ٿئي. جڏهن هو سمجهن ٿا ته ديهي سان
اسين ڪرم ڪريون ٿا، تڏهن انهن جو اهنڪار پيدا ٿئي ٿو ۽ جنهن
ڪري کين موت جو ڏاڍو ڊپ ٿو رهي، انهي ڪري انهنکي مايا جو
خوف رهي ٿو. جيڪي سياڻا گروءَ کي ديوتائن سمان سمجهن ٿا،
سي گهڻي پريم سان ايشور جو ڀڄن ڪن ٿا. پراڻي ڪو ڪٿي ڀڄي
ته جي جت وشين ڪري ٻيو پڪڙندو ته ڀوءِ ڀڳوري ڪيئن ناس
ٿيندو؟ انهي جو اتر هيءُ آهي ته وشيءِ ڪا سچ پچ شيءِ نه آهي، پر
اهو رڳو من جو ڀرم آهي. انهيءَ ڪري جيڪو من کي وس ۾ آڻي
ايشور جو ڀڄن ڪري ٿو، تنهنجو سڀ ڀؤ ناس ٿي وڃي ٿو. جيتوڻيڪ
سچو جڳت برهم روپ آهي، تڏهن به اوديا ڪري ٻيائي ڏسڻ ۾



نون يوگيشورن جو راجا جنڪ جي درٻار ۾ اچڻ (صفحه ۴۳۴)

ٻنهي جي مکتي ڪورڻ ڪندي هئي! خير! هاڻي منهنجي اڇا آهي تہ
اوهان جي واتان ڀڳوان جا گڻانواد ٻڌي ڀوسا گر لنگهي پار وڃان."
نارد چوڻ لڳس تہ "هي وسديو! جڏهن تنهنجي اها اڇا آهي تہ
مان توکي نون ٻوگيشورن جي گيان گوشٽ جيڪا راجا جنڪ سان
ملي هئي، سا تو ٻڌايان جا ڌيان ڏيئي ٻڌ.

رشڀ ڏيو کي سؤ پٽ پيدا ٿيا، جن مان نوَ نون کنڊن جا راجا
ٿيا ۽ ايڪاسي جڻن ويد شاستر پڙهيو. ڀرت نالي وڏو پٽ راڄ سنڀالڻ
تي ويٺو باقي نوَ پٽ نو ٻوگيشور سڏجن ٿا، جي ڏاڍا برهم گياني ۽
ٻال جتي هوندا هوا ۽ مهاتما تي رتي ڪندا ها. هري ڀڳتن جي پرتاب
سان منجهن اهڙي سامرٿي هئي جو جتي چاهيندا هوا أمالڪ هلندا
ويندا هوا. هڪڙي ڏينهن أهي نو ٻوگيشور گهمندا ڦرندا راجا جنڪ
جي سڀا ۾ اچي نڪتا، جتي اگهئي وڏا پنڊت ۽ گياني ويٺا هئا.
اُنهن ٻوگيشورن جو چمتڪار ڏسي راجا جنڪ سڀا سڻن سميت أٿي
ٻيٺو ۽ نمسڪار ڪري چوڻ لڳو تہ "هي ٻوگيشورو! اوهين وئڪنٺ
کان اچو ٿا، انڪاءِ مان اوهانکي وشنوءَ جو پارشد سمجهان ٿو. جنهن جا
اڳوڻي جنم جا ڀڄ سڀاڳ نہ هجن، تنهنکي توهانجو درشن ملي. هاڻي
اوهان جو ديال تي منهنجو گهر پوتر ڪيو آهي، تنهنڪري مون
کي أپديش ڪري منهنجي من جو سنسو مٽايو."

ايترو ٻڌي هو ٻوگيشور چوڻ لڳا تہ "هي راجا! توکي جيڪي
پڇڻو هجي سو اسانکان بلاشڪ پڇ." راجا جنڪ تڏهن چوڻ
لڳو تہ "هي مهاراج! سنسار ۾ اهڙي ڪهڙي وستو آهي جا سدا
قائم هجي؟ جي ائين چئجي تہ جنهن وٽ ڌن دولت سڀ ڪجهہ
آهي ۽ استري سنتان آگياڪاري آهي، تنهنکي ڪوبہ دک نٿو ٿئي
تہ منهنجي سمجهہ ۾ أنهن جو سک سدا قائم نٿو رهي؛ جو جو جنهن
مهل اچو ڌن ويو ۽ استري پٽ مري ويا تہ هو آدمي ڏاڍو دکي ٿئي
ٿو. سک [illegible] وستو آهي جا سدا قائم رهندي ۽ هميشہ وڌندي رهندي.
هاڻي ڪ[illegible] ڪري ٻڌايو تہ اُها وستو ڪهڙي آهي، جنهنجو ناس
نہ ٿئي [illegible] ڌرم جا آهي؟"

جي اِڇا موجب اُهو لوهه جو ٽڪر مڇيءَ ڳيهي ويئي، جا مڇي مهاڻي جال ۾ ڦاسائي. جڏهن اُنجو پيٽ چيريائين، تڏهن اُهو لوهه جو ٽڪر نڪري آيو؛ جنهنکي تير جو منهن ٺهرائي پاڻوٽ رکي ڇڏيائين. جنهن هند لوهار اُن لوهه جي ٽڪر کي گهي چورو ڪيو هو، سو هند سمنڊ جو ڪنارو هو. اُتي اُنهن ڪريلن ڌرتن مان مڪڙي قسم جو گاهه ڄمي پيو، جنهنمان تڏيون وغيره ٺهنديون آهن.

هي راجا پريڪشت! جڏهن دروا سا جي سراپ ڏيڻ سان دوارڪا پريءَ ۾ گهڻا آپسگڻ ٿيڻ لڳا، تڏهن شريڪرشڻ ويچار ڪيو ته يادون جلدئي ماريا ويندا؛ تنهنڪري واجب آهي ته وسديو ۽ ديوڪيءَ کي ڪجهه گيان اُپديش ڪري مُڪتي ڏيان. پر جيئن ته هو مونکي پنهنجو پٽ ڄاڻي منهنجو چوڻ ڄڃئي طرح نه مڃيندا، اِنلاءِ جيڪڏهن نارد اچي کين اُپديش ڪندو ته اُنهن لاءِ ڏاڍو ڄڱو آهي. پوءِ ته شري ڪرشڻ نارد منيءَ کي ياد ڪيو، جنهنڪري هو اُمالڪ اُتي اچي سهڙيو. دوارڪاناٿ کيس ڏورن ڏينهن ٽڪڻ لاءِ وينتي ڪئي، پرهو چوڻ لڳو ته "ديناناٿ! اوهانکي اڳيئي سڌ آهي ته دکش پرجاپتيءَ جي سراپ ڏيڻ ڪري آءٌ پن گهڙين کان متي ڪٿي به رهي نٿو سگهان." شريڪرشڻ چيس ته "هت دوارڪا پريءَ ۾ تون ڪيترو به وقت رهي سگهين ٿو، جتي توکي ڪوبه سراپ اثر ڪري نٿو سگهي." اهڙو ور پائي نارد ڏاڍيءَ خوشيءَ سان اُتي رهي پيو.

مڪڙي ڏينهن نارد وسديو وٽ آيو، جتي هو سندس ڏاڍو آدرڀاءُ ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته "هي مني ناٿ! منهنجا وڏا ڀاڳ جنبا جو توهانجا چرڻ هت آيا. اسين سنساري آدمي مايا روپي آنڌي کوهه ۾ اِستري ۽ اولاد جي موهه ۾ پيا آهيون، تنکي گيان روپي رسيءَ جي مدد ڪانسواءِ اُن کوهه مان ٻاهر نڪرڻ ڏاڍو ڪٺڻ آهي. جي اوهين چئو ته آءٌ وڏو ڀاڳ وارو آهيان جو پاربرهم پرميشور منهنجي گهر اچي جنم ورتو آهي، ته اُنجي جواب ۾ جيڪر ڀڻن جوان ته مونکان ڏاڍي ڀل ٿي جو مون اڳوڻي جنم ۾ تپسيا ڪرڻ وقت ڀڳوان کان اهو ور گهريو هو ته هو منهنجي گهر اچي جنم وٺي، پر مونکي

تي ڀڪين ٽنهين وقتن جي حال جي معلومات هوندي." اها ڳالهه ٻڌي سانب، ٻرڌيمن ۽ ٻين سنگتين کي چيو ته "هونکي ڀيڄون ۽ ڏاڙهي ڪانهي، تنهنڪري هونکي استريءَ جا ڪپڙا ڪرائي ڪجهه ٻيت تي ٻڌي، انهن رشين وٽ هلي ٻڇون ته هن گرڀ وارِئُ استريءَ کي ٻٽ ڄمندو يا ڌيءَ، پوءِ ڏسون ته هي ڪهڙو ٿا جواب ڏين."

اها صلاح ڪري جڏهن هو ڀادو رشين کان ٻڇڻ لڳا، تڏهن هو ڪين جوڻ لڳا ته "اوهانکي شيام سندر جي ونس ۾ پيدا ٿي، براهمڻ سان هنرمت مسخري ڪرڻ نٿي جڳائي. پر جڏهن هنن جوڪرن رشين جي هيتري جوڻ تي به نه ٻڌو ۽ ڳالهه جي جواب وٺڻ لاءِ مٿ ڪري بيٺا، تڏهن مري اچا سان دُرواسا رشي ڪاوڙجي سراپ ڏيڻ لڳو ته "انهيءَ ٻيٽ مان هڪڙو لوهه جو ٽڪر پيدا ٿي شام سندر ۽ بلرام ڪانسواءِ سڄي ڪل کي جٽ ڪندو." رشيءَ جي سراپ کان ٻرڌيومن ۽ ٻيا اداس ٿي ٻاڻ ۾ جوڻ لڳا ته "اسان ڏاڍو برو ڪرم ڪيو، جو براهمڻ کي ڏکر ڏيئي ٻاڻ ٻي سراپ ڪنهوسين."

ائين چئي ٻرڌيمن، سانب جي ٻيٽ تي جي ڪپڙا ويڙهيا هوا سي کوڙي ڏسي ته اندران لوهه جو ٽڪر نڪري آيو. اوهه جو ٽڪر ڏسي هو سڀ ڊڄڻ لڳا ۽ سيمٽي راجا اگرسين جي سڀا ۾ اچي، جتي ٻيا يادو ۾ ويٺا هوا، تن کي اهو لوهه جو ٽڪر ڏيکاري سراپ ملڻ جي سموري حقيقت ڪري ٻڌائي.

اگرسين جوڪرن جي اها ڳالهه ٻڌي، يادون سان صلاح ڪرڻ لڳو. پوءِ ان لوهه جي ٽڪر کي چورو ڪرائي سمنڊ ۾ وجهي جڏهن جي ٻڪ ٻڌا ڀائون، انهيءَ لاءِ ته سراپ جو اثر نه ٿئي. اگرسين تڏهن شيام سندر کان ٻنهيءَ جي ڪل صلاح ٻاپ ٻڇڻ لڳو. جڳت ٿيا سراپ جو حال ٻڌي من ۾ خوش ٿيو. پوءِ اگرسين کي جوڻ لڳو ته "جڳو! جئن سيني جي صلاح ٻيجي ائين ڪريو." سندس مرضي سراپ ٽارڻ جي ڪار ڪا نه هئي، تنهنڪري ٻاڻ ڪجهه به تجوير ڪا نه ڪياءِ.

يادون اهو لوهه جو چورو وجي سمنڊ ۾ اُڇلايو ۽ هڪڙو ٽڪر لوهه جو ٻچي ويو هون، سو به سمنڊ ۾ اُڇلائي گهر هليا آيا. ڀڳوان

اسڪنڌ ٻارهون

راجا پريکشت ڏهين اسڪنڌ جي ڪٿا ٻڌي شري شڪديو جي کان
پڇڻ لڳو ته "مهاراج! يادو ته ڏاڍا ڀڳت هوا، تن وچارن
کي ڏرواسا رشيءَ ڇالاءِ سراپ ڏنو؟" شڪديو جي ورائي ڏنس ته
"هي راجا! هڪڙي ڏينهن شيام سندر پنهنجي من ۾ ويچار ڪيو
ته هي اوتار مون پرٿويءَ جو بار لاهڻ ۽ دشمن کي مارڻ لاءِ ورتو
آهي، جنهن ڪري سنسار ۾ مٿو منهنجي ڪٿا پڙهي ۽ ٻڌي پار لنگهي
وڃن. ڪنس ۽ جراسنڌ جهڙن دئيتن ۽ آدمي راڪاسن کي ماري،
ڪورون ۽ پانڊون جي پاڻ ۾ يڌ ڪرائي پرٿويءَ جو بار ته لاٿو، پر
هي ڇاونجاهه ڪروڙ يادو جي ڏاڍا ڏنوان ۽ زبردست آهن، تن جو
اڃان پرٿويءَ تان بار نه لٿو آهي. هو سڀ منهنجي سنتان ۽ مت ماٿ
آهن ۽ وري مون ئي انهن کي پاليو آهي. انڪري منهنجي هٿان ڪين
مارڻ جڳو نه ٿيندو، ڪنهن براهمڻ کان ڪين سراپ ڏياري مارائڻ
گهرجي. اهڙو ويچار ڪري سندس اڇا موجب درواسا، وشسٽ
۽ ٻيا ڪيترا رشي تيرٿ ياترا ڪندا دوارڪا پريءَ ۾ اچي نڪتا.
ڀڳوان شري ڪرشڻ انهن جو ڏاڍو آدر ستڪار ڪيو. پوءِ هٿ جوڙي
چوڻ لڳو ته "هي ديالوا جن اوهان ڪرپا ڪري درشن ڏنو آهي،
تن ڪاڄ وقت هٿ رهي منهنجي اڇا پوري ڪريو." رشين جواب
ڏنس ته "مهاراج! اوهان جو چوڻ سچو آهي، پر اسان جو جپ تپ هت
وڏيءَ سان ٿي نٿو سگهي." شري ڪرشڻ صلاح ڏنين ته "پنڊ ريڪ کيتر
جو هتان بلڪل ويجهو آهي، اتي هلي سمرڻ ڪريو." اها ڳالهه مڃي
هو سڀ رشي اوڏانهن هليا ويا ۽ ايڪانت ۾ ڀڳوان جو پوڄن ڪرڻ لڳا.

هڪڙي ڏينهن شري ڪرشڻ جي مايا سبب پرديمن، سانب ۽ ٻيا
يادو شڪار کيلڻ لاءِ اُن کيتر ۾ نڪري ويا ۽ رشين کي [illegible] ڪندو [illegible]
ڏسي پاڻ ۾ چوڻ لڳا ته "هي سڀ [illegible] سنسار ري [illegible] تگهڻ
ڪوڙي سماڌي لڳائي اچي [illegible] هن [illegible] سادو ۽ هو

ارجن ڪان ايمان جي ڳالهه ڪرائي، انهيءَ لاءِ ته اُنهي پرتگنا رکڻ واسطي تون مت سرور ايندين. براهمڻ جا سب بالڪ صحيح سلامت مت مون وت آهن جنکي بيشڪ ولي وڃو."

ايترو چئي جڏهن هو آشت ڀڄا روپ ڀڳوان شري ڪرشڻ کي رخصت ڏني، تڏهن هو ٻانڻ نمسڪار ڪري براهمڻ جي پٽن کي ساڻ وٺي دوارڪا پرتي پر آيو ۽ ارجن اُهي سب بالڪ براهمڻ کي ڏيئي پنهنجي شرمندگي مٽائي. پوءِ پنهنجو سر شري ڪرشڻ جي چرڻن تي رکيائين ۽ سمجهيائين ته اها سب اُن ديالو ديو جي ڪرپا آهي نه ته آءُ ڇا ٿي ڪري سگهان. مهاڀارت پر به ته مون اُنهي اِئي هل سان سيکيو هو، نه ته مون پر ڪهڙي طاقت هئي جو بسنر پتامهه ۽ ٻين جوڌن کي جيتي سگهان ها."

شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته "هي راجا پريکشت! ڪنهن پر ايتري طاقت آهي جو شري ڪرشڻ وڪمت جا گڻ ورنن ڪري سگهي؟ مان اهڙي جوتي سروپ کي وار وار نمسڪار ڪريان ٿو، جنهنجي ديا سان مان ۽ تون دن اهڙ روپ ڪٿا ڪرڻ ۽ ٻڌڻ سان مڪتي پائيندا سون."

پيجن راڳ برهنس

طرز— ناب ڪٿي گيچ ڪو سد جزايو.

هرتي بي ڪو نه تمدو توسان سڏائي، ٻانڻ جڳه پر دالڪائي. (ٽيڪ)

۱. محل ماڙيون ۽ باغ بغيچا، جو ڪو ڪس پڏائي ۽
جاڪ بل سب سمتي جا ڳيه، جوڙي، هئي ٽڪا آهي. هرتي

۲. گهر پريوار ڪٽنب قبيلو، موهه پر سيڪو ڦسائي ۽
انت سمي ڪوئي سنگي نه ساٿي، نام پريو جو ڏيائي. هرتي

۳. باطل دنيوي ڪوڙيون باتون، ايتو رسان لموثي ۽
نامي بنا تنهن حياو وسملو، توتو سنر لنڙ نامي. هرتي

۴. داس هوتو جوي سمجهه اگماني، رکمو جڳت پر جامي ۽
رام نام جي مالها گلي پر، پرسر سان ٿئي ڪٽي ٿائي. هرتي

مرندس ۽ ڪنهنکي به پنهنجو منهن نه ڏيکاريندس." اِها ڳالهه براهمڻ کي ٻڌائي ارجن سنان ڪري ڌنش ۽ پاڻ ڪٽي انهن ٻالڪن لاءِ سورگ لوڪ، جمپري ۽ ڌرم راج جي شهرن تي ڳولا ڪرڻ ويو. مطلب ته چوڏهن ئي لوڪن ۾ ويو، پر ڪٿي به پتو ڪونه پيس. تڏهن ڏاڍي ويچار ۾ پئجي دوارڪا پوريءَ ۾ اچي پنهنجن ماڻهن کي ڪاٺيون گڏ ڪرڻ لاءِ چيائين، انهيءَ لاءِ ته پاڻکي جلائي ڀسم ڪريان.

جنهنوقت ارجن چکيا تاهي منجهس تپي ڏيڻ تي هو ته انوقت شري بندرابن بهاريءَ ڀڳت هتڪاريءَ گرب ڀنجن ارجن کي چيو ته "هي ارجن! تنهنجيءَ بهادريءَ ۾ ته ڪو شڪ ئي ڪونهي. هاڻي تون پاڻکي جلائين ڇو ٿو؟ مونسان گڏجي هل ته براهمڻ جا پٽ ڳولي اچي تنهنجي پرتگيا پوري ڪريان." ائين چئي شري ڪرشڻ ارجن سميت پنهنجي رٿ تي چڙهي اُيرندي پاسي اهڙي هنڌ لنگهي ويو، جتي سواءِ اونداهه جي ٻيو ڪجهه به ڏسڻ نٿي آيو. شري ڪرشڻ انهيءَ سدرشن چڪر کي پرڪاش ڪرڻ جي آگيا ڪئي. جڏهن اونداهه رٿ تمام پري هليو ويو ۽ هڪڙي اهڙي هنڌ اچي پهتو، جتي پاڻي اهڙي زور سان وهندو ڏٺائين جو چڻ ته پروت پاڻ ٽڪرندا هجن. شري ڪرشڻ پنهنجو رٿ اُن پاڻيءَ مان هلائي ٻئي پاسي ويو. اتي ارجن پنهنجون اکيون کولي ڏٺو ته هڪڙو مندر تمام عمدو هيرن جواهرن سان جڙيل آهي. ٻئي ته هٿي رٿ مان لهي اندر ويا، جتي ڏسن ته شيش ناگ تي وشڻو ڀڳوان موهني مورت ڌاريو براجمان آهي ۽ چوگرد برهما، مهاديو ۽ ٻيا ديوتائون وينا شتوتي ڪن. ارجن اهو چرتر ڏسي پنهنجو سڀ اڀمان ڀلجي ويو. ٻنهي شري ڪرشڻ ارجن سميت هن آشٽ ڀڄا روپ جي سامهون وڃي نمسڪار ڪيو. اهو ڏسي هو من موهيندڙ روپ کلي چوڻ لڳو ته "تو سوا سؤ ورهيه مرتيولوڪ ۾ رهي پرٿويءَ جو بار لاٿو آهي ۽ منهنجي شڪتيءَ سان اوتار وٺي گهڻن دئيتن ۽ آڌرميين کي ماريو آهي، گئو براهمڻ، ديوتائن ۽ هري ڀڳتن کي سک ڏيئي مونکي پرسن ڪيو آهي. هنوقت مونکي تنهنجي ملڻ جي ڏاڍي سڪ هئي، تنهنڪري مون براهمڻ جا پٽ پاڻوٽ گهرائي

مونکي شريڪرشڻ ، ٻارام ۽ پرديمن نه سمجهو ، ماڻ آرجن گانڊيو ڌنش ڌاريندڙ يوڌو (بهادر) آهيان . منهنجي روبرو ڪال کي به طاقت ڪانهي ، جو تنهنجو ٻالڪ ماري سگهي ."

ايترو ٻڌي براهمڻ پنهنجي گهر هليو ويو ۽ جڏهن سندس استريءَ کي ٻتر پيدا ٿيڻ جو وقت ويجهو آيو ، تڏهن ارجن کي اچي ٻڌايائين . آرجن شري مهاديو کي نمسڪار ڪري ڌنش ٻاڻ ڪڻي ، براهمڻ جي گهر جي چوگرد پنهنجي ٻاڻن جو اهڙو ته قلعو ٺاهيو جو هوا به وڃي نه سگهي ۽ پوءِ ٻاڻ ڌنش ٻاڻ کڻي اُن براهمڻ جي گهر جي چوڌاري ٻالڪ جي بچائڻ لاءِ پهرو ڏيڻ لڳو . جڏهن براهمڻ جي گهر ٻت پيدا ٿيو ۽ روئڻ ڪانسواءِ هو کڻ نه آهي ته ڪڏانهن گم ٿي ويو ، تڏهن هوءَ استري ٻتيءَ کي چوڻ لڳي ته "سوامي ! اوهان ته آرجن جي ڏاڍي ساراهه ٿي ڪئي ته هو ٻالڪ جي رکيا ڪندو . هون ۽ ٻاڻ آ؟ ٻالڪ کي گهڙي به ڏسندي ته هيس ، پر هن دفعي اُهو به خير ." استريءَ جا اهي وچن ٻڌي هن براهمڻ ٽپي پرهي آرجن وٽ اچي کيس اهڙا ته ڏُر وچن چيا جو هو ڏاڍو شرمندو ٿي راڄا اُگرسين جي سڀا ۾ هليو ويو . براهمڻ ٻه سندس پٺيان آيو ۽ سڀا ۾ ٻيهجي سڀني جي روبرو آرجن کي چوڻ لڳو ته "ڪٿُن ! گانڊيو ڌنش ڌاري ! تو منهنجي ٻالڪ بچائڻ جو پرڻ ڪيو هو سو ڇنڌو ڪٿي ؟ تون آيان وڃان منهنجي ٻالڪ کي بچائي نه سگهئين ، تنهنڪري توکي ڌڪار آهي . جڪڏهن ڪا اهڙ سعيٽي نه جڪر ٻاٽيءَ ۾ ڪ پر ٻڌي مرين ۽ ڪنهنکي به اهو منهن نه ڏيکارين . بهتر اٿيئي ته آج ڪانولي اِهو ڌنش ٻاڻ ڦٽو ڪر ۽ بن ۾ هليو وڃ . ڀلا ! وراٽ راڄا وٽ ڪليو (ڪدڙي) روپ ۾ رهي آيو آهين سو توهر پهلواني ڪٿان ايندي ؟"

جڏهن اندريت مان براهمڻ راڄ سڀا ۾ وڃي ڪيترائي ڏُر وچن آرجن کي چيا ، تڏهن هن ڏاڍو لڄي ٿي چيو ته "هي ديوتا راڄا ! تنهنجون اهي سڀ گاليون سچيون آهن ، پر هاڻي منهنجو مڪڙو ٻيو پرڻ ٻڌ ته تنهنجي لوڪن ماڻ تنهنجا مثل ٻالڪ ڳولي آڻي ڪسانءِ ۽ جي ائين نه ڪيم ته هن ڌنش ٻاڻ سوڌو آگنيءَ ۾ جلي

چوڻ لڳو تہ ”هي آڌرمي! تنهنجي آڌرم ڪرڻ سبب منهنجو پٽ منهنجي جيئري ئي مري ويو آهي. دواپر جڳ ۾ ئي ڪلجڳ جا لڇڻ اچڻ لڳا آهن، اهي سڀ راجا جي پاپ ڪرڻ سبب ٿين ٿا ۽ پرجا دک ڏسي ٿي.“ هي راجا! اهڙا گهٽيئي ڏروچن چئي هو براهمڻ مئل پٽ راجا اُگرسين جي دروازي تي ڦٽو ڪري گهر هليو ويو.

اهڙيءَ طرح ست پٽ پيا ۽ اُن براهمڻ جي گهر پيدا ٿي مري ويا. براهمڻ اُنهنجا ۽ لاشا ساڳيءَ ريت اُگرسين جي دروازي تي ڇڏي ويو. جڏهن نائين دفعي اُنجي اِستريءَ کي گرڀ ٿيو، تڏهن هو براهمڻ سڀا ۾ وڃي شيام ۽ ٻلرام جي روبرو ڏاڍا ورلاپ ڪري چوڻ لڳو تہ ”هي ديناناٿ! ٻهريائين راجا اُگرسين پاپيءَ کي ڌڪار آهي، جنهنجي راڄ ۾ پرجا دک ٿي ڏسي. تنهنکانپوءِ بہ ڌڪار اُنهنکي آهي جيڪي سندس سيوا ۾ رهندا ۽ ٽين ڌڪار مونکي بہ آهي جو اهڙي پاپيءَ جي ديس ۾ رهان ٿو، جنهنجي آڌرم ڪرڻ سبب منهنجا پٽ ڄميو مريو وڃن. افسوس! اوهين ڪيتري ٿي مون براهمڻ جو دک ڏسا نوارت ڪري سگهو.“ اِنريت براهمڻ راڄ سڀا ۾ ويهي پيون ۽ گهٽيون اهڙيون ڳالهيون ڪيون. جڏهن شيام، ٻلرام، پرديمن ۽ ٻيئي ڪنهن ۽ يادو اُنجو ڪو بہ جواب نہ ڏنو، تڏهن اَرجن جو اُنوقت اُتي ويٺو هو ۽ جو پاڻ وديا ۾ ڏاڍو ڀڙ (هوشيار) هو، تنهن ڪاوڙجي چيو تہ ”ڏاڍي شرم جي ڳالهہ آهي جو اُگرسين پاڻکي مهاراجا ڪوٺائي براهمڻ جو دک ٽاري نہ ٿو سگهي. جنهن راڄ ۾ گئو براهمڻ دک پائين، تنهنجو جس ۽ ڌرم نہ ٿو رهي.“ پوءِ براهمڻ کي چوڻ لڳو ”هي پرديو! تون ڪا چنتا نہ ڪر، سنتوش ڪري پنهنجي گهر هليو وڃ. جڏهن توکي پٽ پيدا ٿيڻ جو وقت اچي، تڏهن مونکي اچي ٻڌائجہ تہ مان پوءِ پاڻيهي اُن ٻالڪ جي [illegible] ڪندس.“

اِهو ٻڌي هو براهمڻ چوڻ لڳس تہ ”[illegible] ارجن! [illegible] ۾، ٻلرا[illegible]

۽ پرديمن جهڙا شوربير ماڻ ڪ[illegible]

تي مونکي ڪٿي ڀروسو اچي

ٻالڪ کي بچائي سگهين؟“

جي پريکشا وٺڻ لاءِ وئڪنٺ ڏانهن روانو ٿيو.

آها! وئڪنٺ ڌام جي ڪهڙي مهما ورنن ڪجي، جتي سورج ۽ چندرما جي پرڪاش نه هئڻ تي به رات ڏينهن ڪهڙي روشني رهندي. اتي جي هر ڪا ڪهڙي نه سڳنڌت رهندي. بارهن ئي مهينا آمر ڦل ۽ خوشبودار گل ۽ تلسيءَ جا وڻ لڳل رهندا. منجهس ڏاڍا خوبصورت تلاءُ لهيل آهن، جنهن جي ڪنارن تي انيڪ قسمن جا پکي مڌر لاتيون لنوي رهيا آهن. اهڙي سندر استان تي ڀرگو رشي اچي پهتو ۽ اُمالڪ اندر محل ۾ گهڙي ويو، جتي وشنو ڀڳوان پلنگ تي سمهيو پيو هو ۽ لڪشمي چرڻ چاپي رهي هئس. هن وهندي شرط هڪڙي لت ڀڳوان جي ڇاتيءَ ۾ وهي ڪڍيس. ڀڳوان اُمالڪ جاڳي پيو ۽ رشيءَ کي ڏسي اُٿيو پير جهلي زور سان مهٽڻ لڳو ۽ چرڻن تي ڪري وينتي ڪري چوڻ لڳس ته "هي پوڄيو! منهنجو اپراڌ ڪما ڪريو جو منهنجي ڇاتي تمام سخت آهي، انهيءَ افسوس آهي ته اوهانجي ڪومل چرڻ کي ڏاڍو ايذاءُ رسيو هوندو. مونکي اوهانجي اچڻ جي سڌ هجي ها ته جهٽڪر اڳواٽ اچي هٿ جوڙيان ها. اوهان ديا ڪري منهنجي لوڪ پوتر ڪرڻ لاءِ هت اچي هي جا مونکي لت هنئي آهي، سو اُن چرڻ جو نشان سدائين آءٌ پنهنجي ڇاتيءَ تي قائم رکندس ۽ اهو مونکي ڪا به ايهر نه ٿيندي."

ڀرگو رشي، ڀڳوان جي اهڙي نمرتا ڏسي ۽ سندس مکان مڌا وچن ٻڌي ڦڪو ٿيو ۽ پوءِ بارڻ هٿ جوڙي شتوتي ڪرڻ لڳو. لت هڻڻ مهل لڪشميءَ کي ڪروڌ جاڳيو، پر وئڪنٺ ناٿ جي ڊپ کان رشيءَ کي سراپ نه ڏنائين. ڀرگو رشي ڀڳوان کان موڪلائي سرسوتيءَ جي ڪناري تي اچي پهتو ۽ تنهن ديوتائن بابت ٻين رشين کي اچي ٻڌايائين، جنهن تي سڀ رشي وشنو ڀڳوان جو سمرڻ ۽ ڌيان ڪرڻ لڳا. هي راجا هڪڙي ٻي مهما سريڪرشن جي ٻڌايان ٿو سا ٻڌ:

دوارڪا پريءَ ۾ هڪڙو براهمڻ ڏاڍو شلوان پنهنجي ڌرم ڪرم تي پورو رهندو هو. جڏهن اُن براهمڻ کي هڪڙو پٽ پيدا ٿي مري ويو، تڏهن هو پٽ جو لاش کڻي راجا اُگرسين جي دروازي تي اچي

آڪاش ۾ان گل وسائڻ لڳا. وئڪنٺ ناٿ ڀوءِ مها ڏيو کي سمجهائي چوڻ لڳو تہ آئينده هوڙن آڏر مين کي هن قسم جا ور ڏيڻ نہ گهرجن. پوءِ ڀولاناٿ رخصت وٺي روانو ٿيو.”

ايتري ڪٿا ٻڌڻ بعد راجا پريڪشت پڇڻ لڳو تہ ”هي مهاراج! ڀرگو رشيءَ، وئڪنٺ ناٿ کي ڇاتيءَ ۾ لت ڇو هڻي، اهو تہ ڪرپا ڪري سمجهايو.“ شڪديو جي وراڻي ڏنيس تہ ”هي راجا! هڪڙي وقت ڀرگو رشي ٻين رشين سان گڏ سرسوتيءَ جي ڪناري تي گيان چرچا ڪري رهيو هو تہ انهن کنئن پڇيس تہ ”مهاراج! برهما، وشنوءَ مهاديو انهن ٽنهي ۾ان وڏو ڪير آهي.“ انهيءَ تي ڪو مهاديو کي، ڪو وشنوءَ کي، تہ ڪو برهما کي وڏو چوڻ لڳو؛ پر ڀرگو رشي چوڻ لڳو تہ ”ڀائي! آءٌ تہ وڏو انکي سمجهندس، جو ڪروڌ نہ ڪري، برائيءَ جي عيوض ڀلائي ڪري. هاڻي آءٌ ان ڳالهہ جي پريکشا وٺڻ وڃان ٿو، پوءِ توهانکي فيصلي جي سڌ ڏيندس.“

ايترو چئي ڀرگو رشي پهرياءِ برهما جي سڀا ۾ هليو ويو، جتي نمسڪار ڪري سڌو انجي آسڻ تي وڃي ويٺو. سندس اهڙي هلت ڏسي اُتي سڀ ويٺل رشي ۽ براهمڻ عجب ۾ پيا. برهما بہ ڪروڌ ۾ ڀرجي سراپ ٿي ڏيڻ چاهيس، پر وري بہ پنهنجو پٽ سمجهي ڪٿي شانت ڪياءِ. ڀرگو رشي برهما کي رجو گڻ ۾ ڦاٿل هئڻ سبب ڪروڌ ڪندو ڏسي اُتان اُتي ڪيلاش پروت ڏانهن روانو ٿيو، جتي شنڪر مهاديو رهيو ٿي. جڏهن ڀولاناٿ ڀرگوءَ کي ايندو ڏٺو، تڏهن اُٿي بيٺو ۽ جڏهن ٻانهون پکيڙي ڀرگوءَ سان ڀاڪر پائي گڏجان، تڏهن ڀرگو چوڻ لڳس تہ ”ڀائي! تون پنهنجو ڪرم ڌرم ڇڏي مساڻ ناٿ بڻيو ويٺو آهين، انڪري مونکي نہ ڇهہ.“ اهڙا اپمان ڀريل وچن ٻڌي شنڪر ڀڳوان ڪاوڙجي ترشول هٿ ۾ کڻي جڏهن ڀرگو رشيءَ کي مارڻ ڀانيو، تڏهن شري پاروتي هٿ جوڙي ونتي ڪري چوڻ لڳيس تہ ”مهاراج! هي رشي توهانجو ننڍو ڀاءُ آهي، انڪري سندس ڏوهہ ڪميا ڪريو.“ جڏهن پاروتيءَ جي چوڻ تي ڀرگوءَ جي جان بچي، تڏهن هو ڀولاناٿ کي تموگڻ جي وس ڏسي، اُتان وشنو ڀڳوان

ڀاڳي جيڪي ڳورجمٽي سو ڳهر." ورشاسر هٿ جوڙي وينتي ڪرڻ
لڳو ته "هي مهاپربو! مونکي اهڙو ور ڏيو جو جنهنجي مٿي تي هٿ
رکان سو اُمالڪ جلي خاڪ ٿي وڃي." مهاديو ويچار ڪيو ته هي
اڌرمي اهو ور پائي سنساري جيون کي ڏک ڏيڻ چاهي ٿو، پر ڇا
ڪريان جو وچن ڏيئي چڪو آهيان. پوءِ ته لاچار ڪيس اهو ور
ڏنائين جنهنڪري ورشاسر ڏاڍو پرسن ٿيو. هو اڌرمي پاروتي جي
سندرتا ڏسي ويچار ڪرڻ لڳو ته پهرين اهو ور مهاديو تي آزمائڻ
گهرجي. پوءِ جي مهاديو جلي ويو ته پاروتي هٿ ڪري پاڻ سان ولي
وڃان. مهاديو سندس اها منشا جاڻي اُتي ڀڳو ۽ ٽيئي لوڪ ڊوڙ پائينس.
نيٺ وئڪنٺ ناٿ وٽ اچي چوڻ لڳو ته "هي ترلوڪي ناٿ! هي
ڏک مون پاڻهي پاڻتي کنيو آهي سو اهڙو اُپاءُ رٿي جو هي پاپي
پنهنجي افعالن ڪري پاڻهي ناس ٿئي. وئڪنٺ ناٿ تڏهن کيس
ڌيرج ڏيئي برهمڻ جو روپ ڌاري، ڪرمنڊل ۽ مرگ ڇالا کڻي جتان
ورشاسر ڊوڙندو آيو اُتي رستي ۾ بيهي کيس چوڻ لڳو ته "هي ورشاسر!
تون هن قدر جو ڊپ ۾ ڊوڙندو ٿو وڃين؟ مونکي پنهنجو حال ٻڌاءِ."
دئيت تڏهن کيس سربستو حال ٻڌايو. وئڪنٺ ناٿ چوڻ لڳس ته
"تون ڏاڍو اگياني آهين جو مهاديو جي ڳالهه تي ڀروسو ڪيو اٿيئي.
اڙي هو زهر کائي، ڌاتورو گهوٽي پيئي ۽ ڀوتن سان گڏجي اُگهاڙو
گهمي. مڙدن جي کوپرائيس جون مالهائون ڳچي ۾ وجهي ۽ نانگ
چار گلي ۾ پوري، مسان ۾ ويهي چريس والگر کائي ۽ نچي، سو تنهن
جي ڳالهه تي ڀب رکي تون هيترو ڊڄي رهيو آهين. جنهن ڏينهن کان
دڪش پرجاپتي اُن مسان ناٿ کي سراپ ڏنو آهي، اُن ڏينهن کان
وٺي سندس ڪا به ڳالهه سچي ڪان ٿئي. ابلاءِ سندس ور کي
آزمائڻ واسطي پهرين تون پاڻ پنهنجي مٿي تي هٿ رکي ڏس، پوءِ
جي سچو سمجهين ته وڌيڪ علت ڪر."

ايترو ٻڌي ورشاسر، ڀڳوان جي مايا ۾ ڦاسڻي سندس چوڻ مڃي،
جهٽ ئي پنهنجي مٿي تي هٿ رکيو، تنهن پاڻ سڙي ڀسم ٿي ويو.
دئيت کي ڀسم ٿيل ڏسي، ديوتائن خوشيءَ وچون نچڻ لڳو ۽ ديوتا

سبب آهي جو جيڪو آدمي منهنجي شرڻ ونيٿو تنهنجو ڏن ۽ وڏائي آ؟ مٿس ديا ڪري ڪسيو وڏان. جڏهن نرڏن ٿيڻ تي سندس استري ۽ اولاد نرادر ڪريس ٿو، تڏهن هو اُنهن جو پريم ڇڏي آنند سان ست سنگ ڪري ٿو. پوءِ جڏهن اُن ست سنگ ڪري گيان اچيس ٿو ۽ رات ڏينهن منهنجي پوڄن ۽ سمرڻ ۾ چت لڳائي ٿو، تڏهن مان اُن کي مڪتي ڏيان ٿو.“ هي راجا پريڪشت! مهاديو ۽ ٻيا ديوتائون پنهنجي پوڄا تي خوش ٿي وري پوڄا ڇڏي ڏيڻ تي ڪروڌ ڪندا، پر وئڪنٺ ناٿ جو اهو رستو نه آهي. هو ڪنهنکي به سراپ ڪونه ڏئي. ڀاڳاسر جي توکي خبر آهي ته هن شوجيءَ کان ور پاتو، پر وري جلدئي ساڻس وڙهڻ آيو. هاڻي هڪڙي ٻئي دئيت جي ڳالهه ٻڌايانءِ ٿو ته هڪڙي ڏينهن ورشاسر دئيت مورکه شڪنيءَ جو پٽ تپسيا ڪرڻ جي اڇا رکي گهر کان ٻاهر نڪتو. وات تي نارد منيءَ کي گڏيو جنهنکي نمي پڇڻ لڳو ته ”مهاراج! مونکي تپسيا ڪرڻ جي خواهش آهي سو ٻڌايوم ته برهما، وشنو ۽ مهاديو انهن ٽنهي مان ڪير جلد پرسن ٿي ور ڏئي ٿو ته مان اُنجي وجي تپسيا ڪريان.“ نارد وراڻي ڏنيس ته ”هي ورشاسر! جلدي راضي ٿي وردان ڏيندڙ ديوته ڀولاناٿ شري مهاديو سوامي اٿيئي. هو ٿورو اپراڌ ڪرڻ تي ڪميا به ڪري سگهي ٿو. ڏس! هن سهسرارجن کي تپسيا ڪرڻ تي پرسن ٿي هزار ٻانهون ڏنيون. سو جي تون به ڀڳتيءَ سان مهاديو جو پوڄن ڪندين ته جلدي ڦل ماڻيندءِ.“ نارد کان ايترو ٻڌي ورشاسر اُنهيءَ وقت ڪيدارناٿ ڏانهن هليو ويو، جتي جي شتوتي ڪري ٽڪرو آگني ڪنڊ ناهي هوم ڪرڻ لاءِ ويٺو. ست ڏينهن ۽ راتيون پنهنجي بدن جو ماس ڪاٽي سان کپي هوم ڪياءِ ۽ اٺين ڏينهن جڏهن ئي پنهنجي بدن مان ماس کپي هوم ڪرڻ تي چاهيائين، تڏهن ئي ڀولاناٿ اگني ڪنڊ مان ظاهر ٿي ڪيس هٿ کان جهلي پنهنجي ڪرمنڊل جو جل سندس بدن تي ڇٽڪيو؛ جنهنڪري ورشاسر جو بدن اڳئين وانگر ٿي ڪندن جيان چمڪڻ لڳو. پوءِ مهاديو چوڻ لڳس ته ”هي ورشاسر! مان تنهنجي پوڄا کان گهڻو خوش ٿيو آهيان

ڏيان نٿو ڪري سو آواگمن ۾ اٽڪيل رهي مڪتي حاصل نٿو ڪري
سگهي. جڳت جو وهنوار سڄو ڪوڙو آهي فقط اوهانجوئي مکڙو
سچو نالو آهي. جو منش سنسار ۾ منش ديهه پائي اندرين جي وس
رهي ٿو ۽ استري پتر جي پريم ۾ ويڙهجي توهانجي ڀڳتي نٿو ڪري،
تنهنکي ايائو ۽ ڪمبخت سمجهڻ گهرجي. اهڙو ماڻهو چوراسي لک
جونين ۾ جنم پائي ڏاڍا ڏک ڏسندو." ايتري ڪٿا ٻڌائي شڪديو جي
چوڻ لڳو ته "هي راجا پرڪشت! ان رت شتوتي ڪري جارئي ويد
جهڙيءَ ڀڳوان جي سرشتي رچڻ لاءِ جاڳائيس ٿا."

راجا پرڪشت تڏهن پڇڻ لڳو ته "هي شڪديو مهاراج! سنسار
۾ هي ڪا عجب ڳالهه ڏسڻ ۾ اچي ٿي جو ڀڳوان لڪشمي پتي ٿي
۾ پنهنجن ڀڳتن کي اهڙو ڪنگال رکي ٿو جو انهنکي هڪ طرح کاڌو
۽ ڪپڙو به مشڪل ملي. هوڏانهن شري مهاديو جنهنجي ڳچي ۾ ناگ
۽ مڙدن جي کوپرين جون مالائون پيل آهن ۽ ساري بدن تي
ڀڀوت مکمل رهي ٿي، تڏهن به سندس ڀڳت ڏاڍا شاهوڪار رهي
ڏاڍي آنند ۾ وقت گذارين ٿا. ڀلا! اهو ڇو؟" شڪديو جي وراڻي
ڏني ته "هي راجا! وڏڪت وارا سنسار جي سک کان الڳ رهي ڪنهن
۾ شيءِ جي لالچ جو اجا نٿو رکي، تنهنڪري سندس ڀڳت ۾ ناسوان
وستو نٿا چاهن. ۽ لڪشمي پتي ڀڳوان جي اها مرضي ڪانهي ته
مونهنجا ڀڳت سنسار جي مايا ۾ لٽڪجي خراب خوار ٿين. ٻيو هڪڙو هوندو
ته ڪمترن سو جي ڀڳتن کانئس وڏائي وري ساٿس ئي دشمني ڪئي
آهي. اهوئي سبب آهي جو مايا جي نشي ۾ آدمي انڌو ٿي ڪترا پڇڙا
ڪرم ڪري ٿو، جنهنڪري ڀڳوان پنهنجن ڀڳتن کي مايا نٿو ڏئي.
هي راجا! ساڳي اها ڳالهه راجا يڌشٽر شريڪرشڻ کان پڇي هئي
جنهن جواب ڏنو هوس ته "هي ڌرم راجه! مايا روپي لڪشمي ملڻ
سان، جيڪي گهڻيون پڇڙايون پيل آهن، آدمي سنسار جي سکن ۾
ڦاسجو وڃي ۽ جسماني موهن کي ياد نٿو ڪري تنهنڪري آواگمن کان
ڇٽي نٿو. انهيءَ ڪري آءٌ پنهنجن ڀڳتن کي اهڙو ڌن نٿو ڏيان جنهن
ڪري هو سنسار جي سک ۾ لٽڪجي پراوڪ جو ويچار ڀلائي وڃن. اهوئي

سنڪ، سنندن، سناتن ۽ سنت ڪمار چارئي پائر پرميشور جو اوتار سرشٽيءَ ھئڻ کان اڳ برهما جي مرضيءَ موجب پيدا ٿيا آھن. اُنهن جي سڀاءَ ۾ رجوگڻ ۽ تموگڻ ته اصلي ڪونهي، سدائين ستوگڻي رهن ٿا. اُنهن مان هڪڙو پاڻ سدائين ڀڳوان جي ليلا ۽ ڪٿا ڪندو آهي، باقي ٽي ٻڌندا آھن. جيڪا سُتوتي اُنهن ڀڳوان جي ڪئي آهي ۽ جا وري نرنارائڻ ناردمنيءَ سان سڻائي ۽ ڪئي، سا ساڳي توکي ٻڌايا نٿو. جنهن ڪوريڻو پنهنجي وات مان جاري ڪيڏي وري ڪائي ويندو آهي، تنهن ھيءَ ساري سرشٽي اڪر جنب ۾ پرميشور جي مرضيءَ سان پيدا ٿي، وري اُنهي روپ ۾ سمائجي وڃيٿي. اُنوقت مها پرلي سبب چوگرد پاڻي هوندو آهي، رڳو آدي پرش ڀڳوان قائم رهي ٿو. ۽ جڏهن ڪيس سنسار رچڻ جي خواهش ٿئي ٿي، تڏهن اُن جي سواسن مان چارئي ويد پيدا ٿين ٿا جي هميشه سُتوتي ڪندا ته ”هي پار برهم اوناشي پرش! اوهين جنم مرڻ کان رهت آھيو ۽ آنند پور چيتن رهو ٿا. ھي سڀ لوڪ توهانجي مايا سان پيدا ٿا ٿين، اها مايا اوهانکي ڇهي نٿي سگهي. اوهانجو پرڪاش سدائين قائم رهي ٿو، تنهن ڪري لوڪن ۾ اوهان جهڙو سندر ڪوبه ڪونه هوندو. اوهين سدائين آنند روپ رهو ٿا. سڀني جيون جي اُتپتي ۽ ناس اوهانجي اڇا سان ٿئي ٿو. اوهين سڀني ۾ مليل هوندي به سڀ کان الڳ رهو ٿا. اوهين اهڙا ته آهيو جنهن جي سمرڻ ۽ ڌيان ڪرڻ سان منش مڪتي پائيٿو. اوهانجي نام سمرڻ برابر ڪوبه يوڳ نڪو يگيه ۽ نه ڪو تيرٿ يا دان وغيره شڀ ڪرم آهي. اوهانجي ڪرپا ڪانسواءِ ڪوبه سنساري جيو مايا جار کان ڇٽي نٿو سگهي. هي ديناناٿ! ششپال، ڪنس، راوڻ، هرناڪش ۽ هرڻ ڪشيپ وغيره گهڻن اوهان سان دشمني ڪئي، پر اُهي به اوهانجي ڌيان ڪرڻ سان ڀوساگر لنگهي ويا. گهڻيئي جيو اوهانجي ڪٿا ۽ ڪيرتن ڪري پنهنجو جنم سڦلو ڪن ٿا. اُنهن سڀني ۾ وڏڀاڳي اُهي آهن جي آٺئي پهر اوهانجو ڌيان رکي، سنساري مايا کان ڇٽل رهن ٿا ۽ ڀڳتي ڪرڻ کانسواءِ مڪتيءَ جي به اڇا نٿا رکن. هي وئڪنٺ ناٿ! جو آدمي گيان ڪري اوهانجو سمرڻ ۽

اُڄينءَ. اَڄ جو توهان موڪلي ساڪيات درشن ڏيڻ منهنجي ڀاڳ پوري ڪئي، جنهنڪري منهنجي خوشيءَ جي ڪا حد ڪانه رهي آهي. جيڪي ماڻهو سدائين ماياءَ ۾ ڦاسي اوهانجي چرڻن جو درشن نٿا ڪن، سي سڀني پرڪار سک نٿا پائين. پر جيڪي اوهانجو سمرڻ ۽ ڌيان ڪن ٿا سي هردم سچو سک پائين ٿا. انڪري مان توهان کي وارون وار نمسڪار ڪريان ٿو."

براهمڻ جي اهڙي ڀڳتي ۽ پريم ڏسي شيام سندر چيو ته "هي دوج راڄ! آءٌ توکي منهنجو ڀڳت ڄاڻي تمام پيارو سمجهان ٿو. جيڪي آدمي ويد ۽ شاستر پڙهيل براهمڻ جو ستڪار ڪندا، اُنهن سڀ منورٿ مان جلد پورا ڪريان ٿو. ڏس! سيمٽي رشي توتي دَيا ڪري گهر ويٺي توکي منهنجو درشن ڏيڻ آيا آهن. جنهن تيرٿ جي سنان ۽ ديوتائن جي درشن ڪرڻ سان آدمي پوتر ٿئي ٿو، تنهن هنن رشين جي چرڻن ڇهڻ سان هر شريرڌاري پاپ ناس ٿي وڃي ٿو. انڪري تون هنجي هڪ طرح سيوا ڪجانءِ. براهمڻ کي آءٌ پنهنجي شرير کان به وڌيڪ پيارو ٿو سمجهان. هي شرير هڪڙي ڏينهن ناس ٿي ويندو، تنهنڪري تون سدائين ويد جي آگيا موجب منهنجو سمرڻ ۽ پوڄا ڪندو رهجانءِ." مطلب ته اهڙيءَ طرح ٢١ ڏينهن ان براهمڻ وٽ رهي نند راس بهاري ڪيس اُپديس ڪندو رهيو، تنهنڪانپوءِ دوارڪا روانو ٿيو."

راجا پريڪشت پڇڻ لڳو ته "هي شڪديو جي سوامي! ڀلا مون جو ڀڳوان براهمڻ کي چيو ته تون شاستر موجب منهنجو ڌيان ۽ پوڄا ڪندو ڪر، سو ڀلي شڪ پيدا ٿيو اٿم ته پاربرهم نراڪار آهي، پوءِ ويدن ڪهڙيءَ طرح هنجي شتوتي ڪئي هوندي، اُهو ڪرپا ڪري ٻڌائي سمجهو مٿانءِ؟" شري شڪديو جي وراڻي ڏني ته "هي پريڪشت! ويد ۾ وئڪنٺ ناٿ جي شتوتي تمام گهڻي لکيل آهي. مون کي سمرتي ڪانهي اُن سڀ جي ورنن ڪرڻ جي، پر مختصر ٻڌايانءِ ٿو ته جنهن آدمي پرش جي ٻڌي، اندريون ۽ پراڻ وغيره جوڙيا آهن، سو ڀڳوان سدائين نرگڻ رهي پرهاند رچڻ وقت وراٽ روپ ڌاري، شيس ناگ تي آرام ڪري ٿو. اها ڪٿا هريت آهي.

براهمڻ جڏهن ڏٺو ته شيام سندر هتي اچي ويو آهي، تڏهن وٽس وڃي ڏنڊوت ڪري سندس چرڻن جي رج اکين ۽ سر تي رکي گد گد پرسن ٿيڻ لڳا. راجا ۽ براهمڻ ڀڳوان کي هٿ جوڙي وينتي ڪرڻ لڳا ته "هي ڪرپا ناٿ! جڏهن اوهان ديال تي درشن ڏنو آهي، تڏهن ڪرپا ڪري پنهنجن چرڻن سان هلي اسانجو گهر پوتر ڪريو." ٻئي ڀاري ويچار ڪرڻ لڳو ته ٻئي منهنجا پورڻ ڀڳت آهن، انلاءِ ٻنهي ڪنهن وٽ وڃڻ گهرجي. جي راجا وٽ ٿو وڃان ته براهمڻ کي ڏک پهچندو ۽ جي براهمڻ وٽ ٿو وڃان ته راجا ڏک ڪري، انلاءِ ائين ڪريان جو ٻئي خوش ٿين. سو ٻه ڪياءِ جو ٻه روپ ڌاري ٻنهي وٽ هڪئي وقت ويو. راجا سمجهيو ته ڀڳوان خاص مونوٽ اچڻ جي ڪرپا ڪئي آهي. پوءِ ته پنهنجي سنگاسڻ تي وهاري چرڻامرت وٺي وڏيءَ شان شيام سندر ۽ ٻين رشين جي پوڄا ڪياءِ ۽ ڏاڍيءَ خوشيءَ پرچي چوڻ لڳو ته "مون جهڙو ڀاڳوارو ٻيو ڪو به ڪونه هوندو، جو جن چرڻن جي درشن لاءِ وڏا وڏا يوگي ۽ رشي ڌيان لڳائيو ويٺا آهن، پر ڪو ٻيو ڪونه ٿو ڏسي، سي اڄ منهنجي محل ۾ براجمان آهن. اڄ وئڪنٺ ناٿ مونکي پنهنجو ڄاڻي پنهنجن چرڻن سان منهنجو گهر پوتر ڪيو." راجا جو ايترو پريم ڏسي وئڪنٺ ناٿ وٽس ڪيترا ڏينهن رهي پيو ۽ گيان اُپديش ڪرڻ لڳس.

هيڏانهن ڪنگال براهمڻ جا ڪيو جو دوارڪاناٿ کي ڪن جي آسڻ تي وهاريائين ۽ پنهنجي استريءَ سميت پريم ۾ اچي نچڻ لڳو. ڀڳوان جا چرڻ ڌوئي چرڻامرت ورتائين. دوارڪاناٿ کي ڪاٺ ڏيئي تلسيءَ جو ڏل مٽيءَ تي رکيائينس ۽ ڪچا پڪا، مٺا ڦڪا ڦل ۽ چانور ۽ پاڇي آڻي ڏاڍي پريم سان ڀڳوان ۽ رشين جي اڳيان رکيائين ۽ گنگا جل پيئڻ لاءِ آندائين. شيامسندر به ڏاڍي پريم سان رشين سان گڏ ويهي پوڄن ورتو. پوڄن ڪري رهڻ بعد براهمڻ هٿ جوڙي وينتي ڪرڻ لڳو ته "هي پربو! جڏهن کان آءٌ ٻال اوستا يوڳي وڏو ٿيو آهيان، تڏهن کان اوهانجي ڌيان ڀڄان ٻيو ڪي به ڪين ٿو

آهي، پر تڏهن به ٻالڪي انسان وڙهڻ واجب ڪبو؛ جو ته جو ڪري
پنهنجي ذات وارن کي ئي ڏجي. انلاءِ اوهين وڌيڪ عمو نه ڪريو
۽ ڪي وري ڳالهه کي گهٽو ڪريو. منهنجي ته ٻاڻ صلاح آهي ته ڏاج
ڏيڻ دستدا پور موڪلي ڏيو." ائين چئي ٻلرام تمام خوشي ٿي پنهنجو
هل ۽ موسل هٿيار زمين تي اڇلائي ٻانهن کي جوڻ لڳو ته "هاڻي
سمجهيم ته اهي سڀ ڪم مرلي منوهر جا آهن جو پورنائين ٻاهر لڳائي
پوءِ تو ٻالڪي کي ٻوڙي. جو پنهنجي ڀڳتن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪنهن
به ڳالهه ٻالڪ جو ويچار نٿو رکي. ائين ان طرح ڪٿي ٻچي وڃڻ به
سبڪ پرو ان ئي هوندس، نه ته هنن جي جا مجال آهي جو هن جي مرضي جي
خلاف ڪري. جڳو! آ؟ سندس مرضي جي برخلاف نٿو وڃان، ٻالڪو!
جيئن هو جوي تيئن ڪريو." ايترو چئي ڪپترا ڪمڙا، گهڻا هاٿي،
گهوڙا، داس، داسيون ۽ ٻيو به ڪيترو سامان سنڪلپ ڪري
هستناپور موڪليائين. ارجن پنهنجي گهر ٻچي شاستر وڌي سان
سيندرا سان شادي ڪئي."

ايتري ڪٿا ٻڌائي شري شڪديو جي جوڻ لڳو ته "هي راجا پريڪشت!
ڏس، نارائڻ پنهنجي ڀڳتن جو ڪيترو نه مان ٿو رکي. هاڻي مان
توکي اِن نارائڻ بابت هڪڙي ٻي به ڪٿا ٿو ٻڌايان جا ٻڌ:-

مثلاً شهر ۾ پنچالش والي هڪڙو راجا وڏو ايسور ڀڳت رهندو هو.
اُن شهر ۾ شرت ديو نالي هڪڙو براهمڻ به ڏاڍو ڀري ڀڳت رهندو
هو. هو ائين پور پرميشور جي سمرڻ ۽ ڌيان ۾ مگن هوندو هو. گذرڻ
جا نسواءِ جيڪي به ملندو هوس سو ڪائي سنتوش سان رهندو هو.
هر روز راڄ جو اهي ڀڳت (راجا ۽ براهمڻ) ٻاهر وڃي ويچار ڪندا
هوا ته سياڻي وٺڪڻڪ دات جي درسن لاءِ دوارڪا ڪاهلي پنهنجو جنم
سڦلو ڪندا سين، پر صاحب جو آئي نه وجهي هوندا هئا ته شيام سندر
ڪرپا ڪري جيڪڏهن پاڻهي سڀ اچي درشن ڏئي ته ڏاڍو چڱو.
دوارڪا نات هنن ٻنهي جي سچي سڪ ڏسي هڪڙي ڏينهن نارد مني
ويدويس، وسسٽ، انگرا، اگستيه، آتري، پرسرام ۽ ٻين رشين کي
ساڻ ڪري ان ولي رٿ ۾ چاڙهي مٿلا نگريءَ ڏانهن هليو. پنچالش راجا ۽

ٿيو. ديوڪي ماتا پنهنجن ڇهن ئي پٽن کي ڏسي ڏاڍو گد گد ٿيڻ لڳي. هيئنئر وسديو ۽ ديوڪيءَ کي ڀيڪاري پڪ ٿي ته شيام سندر ڀڳوان جو اوتار آهي. ڀڳوان جي ڪرپا سان انهن ڇهن ئي ڇوڪرن کي گيان اتپن ٿيو، جنهنڪري انهنکي پنهنجي اڳوڻي جنم جي خبر پيئي. پوءِ هو پنهنجي ماتا ۽ شيام سندر کي نمسڪار ڪري ديولوڪ ڏانهن هليا ويا. اهو حال ڏسي ديوڪي ماتا کي پهريائين ته شوڪ ٿيو، پر پوءِ شيام سندر کيس سمجهائي ڌيرج ڏنو."

هڪڙي ڏينهن ارجن شريڪرشڻ سان گڏ جي دوارڪا پريءَ ۾ اچي نڪتو. اتي هن ٻڌو ته وسديو جي ڌيءَ سڀدرا جا تمام سندر آهي ۽ جا وواهه جي لائق ٿي آهي، سا ٻلرام دريوڌن کي ڏيڻ ٿو چاهي، پر شيام سندر جي مرضي مونکي ڏيڻ جي آهي. ان ارادي ارجن ويس بدلائي سنياسي ويس ۾ رهڻ لڳو. ٻلرام هڪڙي ڏينهن کيس راڄ مندر ۾ گهرائي چرڻ ڌوئي ڏاڍي پريم سان پوڄن ڪرايو. جڏهن ئي ارجن جي سڀدرا تي نظر پيئي، تڏهن مٿس موهجي پيو ۽ سڀدرا به ارجن کي ڏسي موهت ٿي پيئي. هاڻي ٻئي جتان اتان نڪري وڃڻ جو رستو ڳولڻ لڳا.

آنترياميءَ شيام سندر، پنهنجي ڀڳت ارجن ۽ پنهنجيءَ ڀيڻ سڀدرا جي من جي اڇا ڏسي، سڀدرا ارجن کي ڏيڻ چاهيائين، پر ڀاءُ جي لحاظ کان وڌيڪ نه ڪڇيائين. هڪڙي ڏينهن وجهه وٺي ارجن هڪدم سڀدرا کي هٿ کان جهلي رٿ ۾ چاڙهي، هستناپور روانو ٿيو. يادون کي جڏهن اها خبر پيئي، تڏهن ٻلرام کي وڃي ٻڌايائون. ٻلرام غصي ٿي چوڻ لڳو ته "هي ڀيکاري ڪير جو منهنجي ڀيڻ هٿ ڦيري چورائي کڻي ويو؟ آ؟ ٻلرام تڏهن، جڏهن هنکي سزا ڏيئي سڀدرا موٽائي وٺي اچان." پوءِ پاڻ سان ڪيترا يادو وٺي ارجن جي پٺيان وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. شيام سندر تڏهن کيس چوڻ لڳو ته "ڀائي! ارجن پنهنجي ڦُڦيءَ جو پٽ وڏو عزيز، ذات ۽ ڪُل ۾ اتم آهي ۽ تنهنکان سواءِ ڀاڻ وديا ۾ ورتي اهڙو ته هوشيار آهي جو اسان يادون مان ته هڪ به ساڻس مٿ ٿي نه سگهندو. سچ ته ارجن سڀدرا جي ڪر ڪيو

ڏيان ۾ لين ٿي مڪتيءَ کي پراپت ٿيو.

هڪڙي ڏينهن شريڪرشن ديوڪيءَ کي چيو ته ”ماتا! تنهنجا مون تي گهڻا ئي تورا آهن، تنهنڪري جيڪي گهرڻيئي سو گهر.“ ديوڪي تڏهن روئي چوڻ لڳس ته ”هي پٽ! مونکي خبر پئي آهي ته تون ڀڳوان جو اوتار آهين، سو جيئن تو پنهنجي گروءَ جو مئل پٽ آڻي ڏنو، تيئن منهنجا ڇهه ئي پٽ جي بالڪ جي آڏري ڪنس مارايا هئا سي آڻي ڏيندين ته شوڪ لهي.“ ماتا جا اهڙا وچن ٻڌي شام سندر ۽ بلرام ٻئي سُتل لوڪ (پاتال) ۾ هليا ويا. راجا بليءَ کي جڏهن هنن ٻنهي ڀائرن جي اچڻ جي سڌ پئي، تڏهن وٽن اچي چرڻن تي ڪري پيو ۽ ڏاڍي آدرڀاءَ سان گهر وٺي آيو، جتي کين سنگاسڻ تي ويهاري چرڻ ڌوئي چرڻامرت ورتائين. پوءِ گلن جا هار گهڻي ۽ ڌوپ ڏيئي پريم سان پوڄن ورايائين. هٿ جوڙي ستوتي ڪري چوڻ لڳو ته ”هي ديناناٿ! جن چرڻن جو درشن ديوتائن کي به مشڪل ملي، انهن چرڻن سان مون غريب جي جهوپڙيءَ کي پوتر ڪيو اٿو، تنهن ڪري مان بالڪل ڏاڍو ڀاڳوارو ٿو سمجهان. جڏهن پرڀو شرومڻي منهنجو ڏاڏو پرهلاد توهانجي مهما جو انت پائي نه سگهيو، تڏهن مون اگيانيءَ جي ڪهڙي مجال آهي جو ستوتي ڪري سگهان. هاڻي ڪرپا ڪري پنهنجي اچڻ جو سبب ٻڌايو.“

بلي راجا جا اهڙا اڌين وچن ٻڌي شريڪرشن چوڻ لڳس ته ”هي راجا! هڪڙي ڏينهن مريچ رکي برهما جي ڌيءَ ٻين جوانيءَ جي ايمان ۾ ستري برهما جي مسخري ڪئي هئي، تڏهن برهما هنن ڪاوڙجي کين سراپ ڏنو ته ’اوهين ديت جو ٻوڙ ۾ وڃي جنم وٺو.‘ انهيءَ سراپ جي ڪري انهن ڇهن ئي ڀائرن هرڻاڪس ۽ هرڻاڪشپ جي گهر ۾ جنم ورتو. جڏهن راجا ڪنس انهن ڇهن ئي ڇوڪرن کي ماريو، تڏهن تنهنجي گهر اچي پيدا ٿيا. هاڻي ماتا ديوڪي انهن لاءِ شوڪ ڪري رهي آهي، جنهنڪري آءٌ هنن انهن کي وٺڻ واسطي آيو آهيان.“ راجا بليءَ گهڻي خوشيءَ سان اهي ڇهه ئي ٻالڪ آڻي اڳيان ويهاريا. شام سندر انهنکي پاڻ سان وٺي دوارڪا پريءَ ڏي روانو

مونکي تنهنجي مهما جي هيترا ڏينهن خبر ڪا نہ هئي، هرهينئر رشين کان سڌ پيم تہ تون ترلوڪي ناٿ آهين ۽ سڀني جيون ۾ تنهنجو پرڪاش آهي. سورير نارايڻ تنهنجي تيج سان روشن رهي، ساري جڳت کي سوجهرو ڏيئي ٿو ۽ جل ۾ بہ تنهنجوئي روپ سمجهڻ گهرجي. چندرما جي ڪرڻن مان جو امرت وسي سنساري جيون ۽ وڻن کي آنند ڏيئي ٿو ۽ هوا لڳڻ سان جو جيون کي آرام پهچي ٿو، سمند سدائي پريل رهن ٿا ۽ ڪڏهن بہ سڪن نٿا، وشنو ڀڳوان پالنا ڪندڙ، مهاديو ناس ڪندڙ ۽ برهما رچيندڙ آهي، اِنهن سڀني کان بہ تون اُتم آهين. تنهنجي مايا اهڙي تہ پاوان آهي، جنهن ساري جڳت کي موهي وڌو آهي ۽ تنهنڪري توکي ڪوبہ سڃاڻي نٿو سگهي. سو سواءِ تنهنجي شرڻ اچڻ جي سنساري مهاجار کان ڇٽڻ ڏاڍو ڪٺڻ آهي. جنهن بہ سنساري جيون جي پڌي پنهنجي وس رکي جنهن جاهين تو تنهن اُنهنکان ڪرم ڪرائين ٿو. مطلب تہ تنهنجي ڀيد کي ڪوبہ جاڻي نٿو سگهي. اجتاءِ مون پنهنجي آگيان ڪري توکي پنهنجو پٽ سمجهيو هو، پر هينئر نارد جي چوڻ تي سڌ پيئي اتم تہ تون نہ ڪنهنجو پٽ آهين، نہ پيءُ ۽ نڪي ڪو مائٽ مٽ ئي آهين. تون تہ فقط پرٿوي جي بار لاهڻ، ديتن ۽ اڌرمين کي مارڻ ۽ هري ڀڳتن کي سک ڏيڻ لاءِ يدوڪل ۾ اوتار وٺي آيو آهين. هاڻي مونکي اهڙو گيان ڏي جو آءٌ توکي پنهنجو پٽ نہ سمجهي، آدي پرش ڀڳوان سمجهان ۽ جنهن نہ آجاميل جهڙن مها پاپين کي مڪتي ڏنيئہ، تنهن مونتي بہ ديال ٿي ڀوساگر کان پار اُڪارينم. ۽ جيستائين سنسار ۾ جيئرو رهان، تيستائين تنهنجي سمرڻ ۽ ڌيان ۾ رهي دنيا جي مها جار ۾ نہ ڦاسان."

جڏهن شري ڪرشڻ اها ستوتي ٻڌي، تڏهن کلي کيس چيائين تہ "... هي وسديو! توکي جا ڳالهہ جاڻڻ گهربي هئي سا هينئر سمجهيئہ، ... تنهنڪري هاڻي پڪ سمجهہ تہ توکي پنهنجي مايا گمراہ نہ ڪندي."

... س! پوءِ اُن ڏينهن کان وسديو کي اهڙو گيان پيدا ٿيو جو شيام سندر ... ي پنهنجو پٽ نہ سمجهي، ايشور روپ سمجهڻ لڳو ۽ هري چرڻن جي

ڪر ته تنهنجي مردي مان اڳاتا جي گهڻا ڪلي ۽ مڪتي ملي."

وسديو نارد جي اهي ڳالهيون ٻڌي چوڻ لڳو ته "هي مني ناٿ! جيڪڏهن ائين آهي ته اوهين سڀ رشي ڪرپا ڪري اهڙو يگير ڪرايو، جنهن ۾ منهنجو مقصد پورو ٿئي." نارد تڏهن چوڻ لڳس ته "جڳو! تون تياري ڪر ته اسين سڀ تيار آهيون." وسديو بوءِ سڀ سامان گهرائي ڪڙو پويتر استان پسند ڪري يگيه جي تياري ڪئي.

جڏهن يگير شالا ۾ سڀ رشي، يادو ۽ ٻيا راجا اچي گڏ ٿيا، تڏهن وسديو ديوڪي سميت مقرر ڪيل يگير ڪرڻ اچي ويٺو. اڳني ڪنڊ ۾ آهوتي وجهڻ شرط شريڪرشن جي اجاسان ديوتا ظاهر ٿي پنهنجو پنهنجو حصو اچي وٺڻ لڳا. انهيءَ آڪاش ۾ ديوتائن منگلاچار ڳائي گل وسايا ۽ مڪت منڊپ ۾ برهمڻ ويد جو پاٺ پڙهي ڪيو. مطلب ته انوقت جيڪو آنند ڏسڻ ۾ ٿي آيو سو چوڻ کان ٻاهر آهي.

يگير پوري ٿيڻ بعد وسديو انهيءَ قول شريڪرشن کي سنڪلپ ڪري ارپڻ ڪيو ۽ يگير ڪرائيندڙن کي چڱي ڏکڻا ڏني. ٻيا ۾ جيڪي برهمڻ، سادو يا مهاتما آيا هوا تنکي ٻه گهوڙا دان ڏيئي راضي ڪيا ۽ جنهنڪري هرڪو ڪس آشرواد ڏيندو پنهنجي گهر روانو ٿيو. شيام سندر وري ڪورون پانڊون ۽ ٻين راجائن کي سندن لياقت سارو ڪپڙا ڏيئي رخصت ڏني. هي راجا پريکشت! جدا ٿيڻ وقت نند يشودا ۽ ٻين گوپين جي وراڳ پڻي ڪيا سي مان توکي پڌائي نٿو سگهان. سڀني جي وڃڻ بعد شيام سندر به سڀ سان اچي دوارڪا پرئي ۾ پهتو.

ڪڙي ڏينهن شيام ۽ ٻلرام پڻي پاڻ صاحب جو اٿي همسند جي دستور موجب جڏهن ماتا پتا کي پيرين پوڻ ويا، تڏهن انلند وسديو پنهنجو سر شام سندر جي چرڻن تي ڪٽي رکيو. اهو حال ڏسي شريڪرشن جوڻ لڳس ته "هي پتا! توهين هي ڇا ٿا ڪري مونتي پاپ ٿا چاڙهيو؟" وسديو تڏهن هٿ جوڙي شتوتي ڪري چوڻ لڳس ته "هي ڪرشن! تون پاربرهم پرميشور جو اوتار آهين، جنهن مرڻ سان پنهنجو ڪو واسطو ڪونهي ۽ نه ته تنهنجي ڪا آد يا انت ئي آهي.

ٿا. ساڌن جي درشن ڪرڻ سان گنگا سنان جو ڦل ملي وڃيٿو."
جڏهن رشي ٽيئي پنهنجي اها ڳالهه ٻڌي شرمائجي ويا، تڏهن
نارد مني دوارڪاناٿ کي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته "هي مهاپرڀو!
اوهين هي جيڪا اسانجي وڏائي ڪري رهيا آهيو، تنهنجا اسين
پڻ لائق نه آهيون. اوهين رڳو هي سنساري جيون جي اپديش
واسطي اسانجي هيتري مهما ڪري رهيا آهيو ته آئينده هو پراڻين
کي اُتم سمجهي اُنهن جو آدر ڀاءُ ڪندا رهن؛ نه ته حقيقتا اسانجو
ڪلياڻ انهي ۾ ئي آهي ته پنهنجو ڌيان هميشه اوهانجي چرڻن ۾
رکون. اوهان هي جو اوتار ورتو آهي سو رڳو ڀڳتن کي سک ڏيڻ ۽
دشٽن کي ناس ڪرڻ لاءِ؛ نه ته حقيقت ۾ اوهين جنم مرڻ کان رهت
آهيو. هي وئڪنٺ ناٿ! اسين اها چاهنا ڪري آيا آهيون ته شل
الٽي پهر اوهانجو ڌيان اسانجي هردي ۾ قائم رهي ۽ مرڻ ڪڏهن
پڇاڻ ۾ ڪڏهن به ڀرتي نه گهٽجي." ايترو چئي جڏهن اهي مهاتما
پنهنجي پنهنجي گهر وڃڻ لڳا، تڏهن وسديو اُنهنجي سامهون هٿ
جوڙي چوڻ لڳو ته "هي مهاتمائو! اهڙي ڪا تجويز ٻڌايو جو مان
جنم مرڻ جي ڦيري کان جهٽ پوسا گر پار لنگهي وڃان." اهو ٻڌي
سڀيئي رشي نارد ڏانهن نهارڻ لڳا. نارد تڏهن کلي چوڻ لڳو ته
"ڀائرو! وئڪنٺ ناٿ جي مايا اهڙي ته زبردست آهي، جنهن ساري
سنسار کي موهي پنهنجي وس ڪري ڇڏيو آهي. جئن گنگا جي
ڪناري تي رهندڙ گنگا جو مهاتم نه ڄاڻي ڪوهه تي سنان ڪندا، تئن
وسديو به سنساري مايا ۾ ويڙهجي، شيام سندر ٽريون پنئي جڳت
ڪرتا کي پنهنجو پٽ ڄاڻي، مڪت ٿيڻ جي وات اسانکان پڇيٿو.
هي وسديو! اڄان هيٺر سامهون ڏٺئي ته اسان سڀني رشين ترلوڪي
ناٿ جي شتوتي ڪئي، تڏهن به تو هنکي نه سڃاتو. پر انهر تنهنجو
ڪو به ڏوهه ڪونهي؛ جو جو پرميشور جي دياڪانسواءِ ديوتائون به
کيس سڃاڻي نٿا سگهن ته سنساري جيو ڪهڙي ليکي ۾ آهي جو
اُن جي ڀيد کي ڄاڻي سگهي. هاڻي مڪڙي ڳالهه تو پڇائي آهي ته
ڪروکيتر ۾ سڀيئي دل سان يگيه ڪري اُنجو ڦل شري ڪرشن کي ارپڻ

اوهين اسانکي اهڙي آشرواد ڪريو، جو اسين سدائين دوارڪا ناٿ
جي سيوا ۾ رهون.“ ڪنتي ۽ دروپدي جڏهن شيام سندر جي
وواهه جو سماچار ٻڌو، تڏهن ڏاڍيون خوش ٿيون ۽ آشرواد ڏيئي
رڪمڻي ۽ ٻين جي ڀاڳ جي واکاڻ ڪرڻ لڳيون. اُنهيءَ سمي ڀاما،
دروپديءَ کي چوڻ لڳي ته ”اسان ٻڌو آهي ته تنهنجو وواهه پنجن
ڀائرن سان ٿيو آهي، ڀلا! اهو ڪيئن ٿيو؟ ڪرپا ڪري اسانکي
سمورو احوال ٻڌايو.“ دروپديءَ ورائي ڏنس ته ”مهاراڻيون!
منهنجي پتا سويمور رچايو هو ۽ پڻ ڪيو ته جيڪو مڇيءَ کي نشان
ڪندو، تنهنکي مان پنهنجي ڌيءَ ڏيندس. جڏهن وڏا راجائون اهو
نشان ڪري نه سگهيا، تڏهن ارجن اهو نشان هڻي منهنجي پتا جو
پڻ پورو ڪيو ۽ مون ورمالا هنجي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏي. اهو ڏسي
اُتي ويٺل ٻيا ته سڀ خوش ٿيا پر دريوڌن ۽ ٻين اُڌرمين کان اها
سٺي نه ويئي ۽ اُنهن شرمندو ٿي پنهنجي ڀائرن سان لڙائي ڪئي ۽
هارائي پيا. جڏهن ارجن مونکي وٺي پنهنجي ماتا وٽ آيو ۽ اچي
چيائينس ته مون هڪڙي سوکڙي آندي آهي، تڏهن ماتا ڪنتيءَ
سواءِ منهنجي ڏسڻ جي هڻي ويئي ته ”ڀلو! پنهنجي ورهائي کائو.“
ايترو ٻڌي رڪمڻي ۽ ٻيون دروپديءَ جي واکاڻ ڪرڻ لڳيون.

هڪڙي ڏينهن شريڪرشڻ سڀا ۾ ويٺو هو، جتي ساڻس راجا پڻ شامل،
هيا ٻانڌو، ٻاڍو ۽ ٻيا ڪيترا راجائون ويٺا هوا ته اُنوقت ناردمني،
ويد وياس، وشوامتر، چوڻ رشي، شتانند، ڀاردواج، گوتم، وسشٽ،
آتري، مارڪنڊيه، اگستهه، پاراشر، پرشرام ۽ ٻيا ڪيترا رشي
وئڪنٺ ناٿ جي درشن ڪرڻ لاءِ آيا. اُنهنکي ڏسي شيام سندر
سڀني راجائن سميت اُٿي سهي ڏاڍي آدرڀاءُ سان اُنهن سڀني
مهاتمائن کي جوڳي آسڻ تي وهاريو ۽ سندس چرڻ ڌوئي چرنامرت
ورتو. پوءِ وڌيڪ سان پوڄا ڪري هٿ جوڙي شتوتي ڪري چوڻ
لڳو ته ”اڄ منهنجا وڏا ڀاڳ آهن جو مهڙا درلڀ درشن ٻالميڪي اچي
ٿيا آهن، اڄ بيشڪ منهنجو جنم سڦلو ٿيو. هري ڀڳتن جي درشن جي
مهما اپار آهي، جي جنم جنم جا پاپ ڪٽي ٿا جيئو جو نستارو ڪن

راجا پريڪشت! مطلب ته اُنوقت موهن پياري جي مکارونده ڏسڻ سان برجواسين کي جيڪو آنند ٿيو سو آءٌ ورنن ڪري نٿو سگهان.

اِنهيءَ ڪانپوءِ مرلي منوهر سيني گوپين کي ايڪانت ۾ وهاري هنن سان گڏ ريل وقت جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳن ته ”هي پراڻ پيارِيون! جو سک ۽ آنند مون اوهانسان اوهانجي وقت ڏٺو سو آنند هت سڀ طرح جي سامان موجود هئڻ تي به اجهان ڪون ماڻي سگهيو آهيان. جيڪو به پريم ۽ سچيءَ سڪ سان مونکي ياد ڪريٿو ته آءٌ بہ سداءِ اُن وٽ آهيان ۽ هڪ گهڙي به ڪانئس جدا نٿو رهان. هت جو مان آيو آهيان سو گرهڻ سنان جو ته رڳو نالو آهي، حقيقت ڪري اوهانسان ملڻ واسطي ئي آيو آهيان.“ ايترو ٻڌي گوپيون هٿ جوڙي چوڻ لڳيون ته ”هي سوامي! اوڌو جو گيان اسانکي اُن مهل ڏاڍو ڪوڙو ٿي لڳو، پر هينئر اسين اُن گيان کي سمجهون ٿيون. اوهانجو هت اچڻ ۽ درشن ڏيڻ اِهو به اسانجي اڳوڻي جنم جو ڪو ڀاڳ ٿو ڏسجي. هاڻي ته ديا ڪري اهڙو ورُدان ڏيو جو رات ڏينهن اوهانجي چرڻن جو ڌيان رهيئون.“ شيام سندر اُنهنجي اِچا موجب کين ور ڏيئي هليو ويو.“

شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته ”هي راجا پريڪشت! هڪڙي ڏينهن راجا يڌشٽر پنهنجن ڀائرن، ڪورون ۽ ٻين ڪيترن راجائن سميت سڀا ۾ ويٺي شري دوارڪاناٿ جي هن طرح ستوتي ڪئي ته ”اوهانجو نالو پرم هنس آهي، اوهان چار ويد پرگهٽ ڪيا آهن، گئن ۽ براهمڻن جي رکيا لاءِ اوتار ورتو آٿو ۽ سڀ ڪم پورڻ ڪرڻ وارا آهيو، اِنلاءِ اوهانکي وار وار نمسڪار هجي.“ هڪ پاسي راجائون پاڻ ۾ اِنريت ستوتي ڪري رهيا هوا ته ٻئي پاسي ڪنتي ۽ دروپدي، رڪمڻي ۽ ٻين پٽ راڻين کان سندن شريڪرشن سان ڪئن وهانو ٿيو تنهن بابت پڇڻ لڳيون. اهو ٻڌي هرڪنهن راڻيءَ جدا جدا طرح پنهنجو حال ورنن ڪيو ۽ سڀ کان پڇاڙيءَ جو سورهن هزار هڪسؤ ڪنيائون ڀوماسر جي زبردستيءَ ڪٽڻي وجڻ ۽ شريڪرشن اُنکي ماري ساڻن ڪئن وهانو ڪيو اِهو سربستو احوال ٻڌايو. پوءِ سيئي چوڻ لڳيون ته ”هي ماتائون!

جنھنوقت مري اچا ٻاوان آھي ۽ ڪرم جي گتي جاتي نٿي وڃي، تڏھن ڪجھہ ڪو دو ۽ دربودن توکي دکر تي ڏنا، اُن وقت ڪنس مونکي ڪون سي سڀ تو منھنجن ٻچن جي مارڻ لاءِ جيڪي مان تنجويزون ڪيون هيون. اچا مان ڪان جتاسمن مس تہ مراسفد اھي ستا وسس، هڏبون موندبون. اچا من ڪان جتاسمن مس. بس ا اوئي سبب جنھنڪري ڪان وڃي سمند جي وچ رھا سين. بس ا اوئي سبب جنھنجي ڏکر ڪان وڃي سمند جي وچ رھا سين.“ تنھنجي ڪاہہ ٺڏ لوي نہ سگھس.“

آھي، جنھنڪري تنھنجي ڪاہہ ئي نہ سگھس.“ لاءِ اُتي اچي نڪتا مواء تن نند ۽ يشودا، جي ٻہ گرھڻ جي سنان لاءِ اُتي اچي، تڏھن سالس گڏجڻ حلامن ھڏو تہ موھن ٻيارو ڪٽنب سميت آيو آھي، تڏھن سالس گڏجڻ لاءِ ڏاڍو وياڪل ٿيا ۽ ظاھر ٿيڻ لڳا تہ ”موھن ٻيارو سيئي راجائن جو سرتاج ٿيو آھي، تنھنڪري ڪنس اسان ڏانهن منھنڙ نہارڻ ٻہ لاءِ جو سرتاج ٿيو آھي، اُتي اسان گنوارن ايندي. وري جتي راجائي ناتو لڳو ٻيو آھي، اُتي اسان گنوارن ڪي وڃڻ ئي ڪيو ڏيندو.“ ھر جڳہِ تہ ڪٿي موھن ٻياري جي ماڻ جي ڏاڍي اُڪمر ھٿي، تنھنڪري جڳہِ ٻچا ئمدا اُتي اچڻ لڳا. اُنوقت شريڪرشڻ ڪي ڪٿون اچي ٻڌايو تہ نند يشودا ڪترن گوالن ڪي سان ولي جتي سنان ڪرڻ آيا آھن. تڏھن موھن ٻياري ڪان وڏيڪ وھوڙو سنو نہ ويو، جنھنڪري ٻربہ روپي گوڙھا وھڻ لڳس. اھو حال ڏسي دوکي ٻاڙا ڀجي ويٺي ۽ ٻنھنجي ٻاو سان اکمون اُگوي ٻاڄڻ لڳيس تہ ”مي لال! جتي تنھنجي راالي ولڻ سان حگت جو دکر ناس ٿئمو. اُتي توتي ڪھڙوا ڪي دکر ٻيو آھي جو من طرح روئس ٿو؟“ موھن ٻياري جواب ڏنو تہ ”مي ٻاڙا! جنھن وقت ڪان موھن نند ۽ يشودا جي مٺ اچڻ جو ٻڌو آھي، تنھن وقت ڪان منھنجو من اُنھنجي درشن ڏسڻ لاءِ ڏاڍو وياڪل ٿي رھيو آھي.“ ايترو چئي نند يشودا کي ولي اچڻ لاءِ اُگتي ملمو. يشودا کي ٻربان ايندو ڏسي ڊوڙي وڃي سندس چرڻن تي ڪري پيو. اُنوقت يشودا سندس مٿو مٿي ڪٽي جانئي سان لائي چمڻ لڳس. پوءِ موھن ٻيارو نند کي ڏسي ٻربہ روپي ٻالڪي اکين ۾ آڻي اُنجي چرڻن تي ڪري پيو. نند بہ کس ڏاڍي سڪ منجھان مٿو مٿي ڪري منھن ۾ وھاري ٻيار ڪيو. ان ٻ موھن ٻيارو گوال ٻالن سان ڏاڍي ٻربہ مان ٻاڪرپائي گڏيو. د

ٿيو، فقط انرڌ پنهنجي پوٽي ۽ ڪرتورما کي دوارڪا پريءِ ۾ جڏ يا؟.

جڏهن شيام سندر يادون سميت ڪروڪيتر ۾ اچي پهتو، تڏهن سڀني ننڍا وڏا سوارين تان لهي پيدل هلڻ لڳا، جو جو شاسترن ۾ چيل آهي تہ تيرٿ ياترا هميشہ پيدل ڪرڻ گهرجي. پر جيڪڏهن ساڄو رستو تي نہ سگهي، تڏهن بہ جتان تيرٿ سٿان ڏسڻ ۾ اچي اتان ضرور پيدل هلڻ گهرجي. تيرٿ سٿان تي پهچي دوارڪا نات سڀني سان گڏجي پهريائين برهم سمنڊ ۾، جتان ويد نڪتو هو، سنان ڪيو. پوءِ گئون، هاتي، گهوڙا ۽ وستر وغيره تيرٿوا سي براهمڻن کي دان ڪيا. اُن کان پوءِ جتي جتي مها پرش ۽ رشي رهيا پيا هوا، اُتي وڃي اُنهنجو درشن ڪيو. دريوڌن ۽ ٻيا ڪيترا راجائون ۾ جي اُتي گرهڻ سنان ڪرڻ واسطي آيا هوا، سي شري ڪرشڻ جي اچڻ جو پڌي وٽس هلڻ لاءِ آيا. راجا ڀيشمڪ ۽ نگن جت وغيره جيڪي شري ڪرشڻ جا سهرا ۽ سالا سنان ڪرڻ آيا هوا، سي بہ شري ڪرشڻ جو پڌي وٽس ڪيترين ڀيٽن ڪٺي آيا ۽ ڏاڍي پريم سان ساڻس مليا. ڪنتي شري ڪرشڻ کي چوڻ لڳي تہ "جيتوڻيڪ منهنجن پٽن تي تنهنجي سدائي ديا رهي آهي، پر سندن سؤٽن دريوڌن ۽ ٻين جي هٿان گهڻا ڏکر ڏنا اٿن. افسوس! جو تو سندن ڪا بہ سنڀال نہ لڌي، جنهن ڪري مونکي ڏاڍو ڏکر آهي." اِهو پڌي شري ڪرشڻ چوڻ لڳو تہ "هي ڀڃي! اِنہ منهنجو ڪو بہ ڏوهہ ڪونهي. ڏکر سکر سڀ پنهنجي قسمت سان مليتو. هي سڀ جيو پرميشور جي آڌين رهي، پنهنجن ڪرمن جو ڦل ڀوڳين ٿا." ڪنتي پوءِ وسديو کي چوڻ لڳي تہ "ڀاءُ! جڏهن کان تو منهنجو وهانءُ ڪيو، تڏهن کان وٺي منهنجي ڪا بہ سنڀال ڪا نہ لڌيءِ. دريوڌن جي هٿان مون جيڪي بہ ڏکر سٺا آهن سي رڳو هڪڙو پرميشور جاڻيتو. شيام ٻلرام جيتوڻيڪ ڏکين جي ڏکر جڏائڻ لاءِ اوتار ورتو آهي، تہ بہ منهنجي لاءِ هنن ڪجهہ ڪونہ ڪيو ۽ مونتي ڪا بہ ديا ڪا نہ آئي اٿن. پر آدا! اِنہ ڪنهنجو بہ ڏوهہ ڪونهي. ڪوٽن ڏينهن اچڻ ڪري خود ڀڳوان بہ ديا نٿو ڪري سگهي، تہ پوءِ ٻيا پيا ڇا ڪري سگهندا؟" وسديو روئي چوڻ لڳو تہ "هي ڀيڻ!

تہ سڀ سک ۽ ڏن شريڪرشڻ جي ڪرپا سان پُرڻهو آهي، جنهنڪري
ايمان هٿدا نہ ٿئي. آ؟ ۽ اُن وئڪنٽ ناٿ کي ائائي ٿو پرا رٿنا
ڪرڻ تہ شل جنم جنمانتر ۾ سندس داس ٿي سندس سيوا ۽ ٽهل ۾
لڳو رهان. آها! جو وقت مرڻ کي نٿو سمرجي، اهو سڀ اجايو
وڃيٿو ۽ ڪنهن بہ لمکي ۾ نٿو اچي." پتي جا اهڙا وچن ٻڌي سشيلا
سمجهي ويئي تہ تنهن انترجامي ڀڳوان گورڌن جي منهنجي اچا پوري
ڪئي آهي. پوءِ پتي کي چوڻ لڳي تہ "هي سوامي! اوهين نرسنسي
مرڻ جو ٻچن ڪندا رهو." اهڙو چئي کس ڪڏا وستر پهرائين ۽
سگنڌت وستوڻن ۾ لڳا رائيون. انهيءَ سندري سڪر ۽ مري ٻچن
چئي مت آس ۽ ديهہ ڇڏڻ بعد پتي وئڪنٽ ۾ وڃي واس ڪرڻ لڳا."

اهڙي ڪٿا ٻڌائي شري شڪديو جي چوڻ لڳو تہ "هي راجا پريڪشت!
ڏس، رڳو چئڻ مس جانورن جي ڏيڻ سان سداما اهڙيءَ اتم گتيءَ
کي پهتو، ۽ جيڪي پريم سان جنهن پرڪارن جا ٻچن ڀڳوان کي
ڀوڳ لڳائين ٿا، تنکي جيوتر آهي تہ ڪهڙو اتم سکر ملندو. داڻي ٿوکي
شريڪرشڻ جي ڪروکيتر ۾ وڃڻ بابت ٻڌايان ٿو جو تون ٻڌ:-

هڪڙي ڏينهن سورج گرهڻ لڳڻ ڪري شام سندر ۽ بلرام راجا
اگرسين کي چوڻ لڳا تہ "هي مهاراج! ڪروکيتر ۾ سورج گرهڻ جي
سنان ڪرڻ جو وڏو پهر لکيل آهي. اتي جيڪو دان ڪبو تہ
سو هزار دفعا وڌيڪ ٿيو ملي." اهو ٻڌي راجا پڇڻ لڳا تہ "ڀلا!
اهو مهاتم اتي جو ڪيئن ٿيو؟" شريڪرشڻ وراڻي ڏنس تہ "ڀائي!
اهو استان تمام پراڻو ۽ پوتر آهي. پوءِ اُنهيءَ ناٿ سيمتڪ کيتر
هو، پر پوءِ جڏهن پرشرام اتي کترين کي ماري انهن جي رت جي ندي
وهائي ۽ اُن رت سان پترن جو ترپڻ ڪرڻ لڳو. تنهنڪا مو ۽ رشين
اتي اچي تمام گهڻي تپسيا ۽ ڀڳوان جو ٻچن ڪيو. بس! ان بعد
اُنهيءَ ناٿ ڪروکيتر ٿيو ۽ سورج گرهڻ جي سنان ڪرڻ جو وڏو ڦل
ٿيندو." ڪروکيتر جي اهڙي مهما ٻڌي اگرسين ۽ ٻيا يادو ملڻ لاءِ
تيار ٿيا ۽ شريڪرشڻ پنهنجي ماتا پتا، رڪمڻي ۽ ٻين سڀني استرين
کي ساڻ وٺي ڏاڍي ٺاٺ ۽ ڌوم سان ڪروکيتر ڏانهن روانو

گڏجي آرتي ڪرڻ واسطي دروازي تي آئي ۽ سداما جي چرڻن
تي ڪِري متو جھڪي چيو ته ”هي پراڻناٿ! ٻاهر دروازي تي ڇو
بيٺا آهيو؟ اوهين ڪنهن به قسم جو ويچار نه ڪريو. ڀڳوان شريڪرشڻ
جي ڪرپا سان وشوڪرما اوهان جي پرپٺ اچي، هيءُ سندر محل
تيار ڪري ڏيئي هليو ويو آهي.“

سشيلا جنهنجو روپ عمدن ڳهڻن ۽ وسترن پهرڻ ڪري مٽجي ويو
هو، جنهنڪري سداما ڀوريا ته اُنکي سڃاڻي ڪونه، پر ٿوري گهڻي
وقت بعد کيس سڃاڻي ڀڳوان جي ستوتي ڪرڻ لڳو. پوءِ سشيلا سان
گڏجي اندر ويا، اچي ڏسي ته دروازن تي پردا موتين جي جهالرين
سان لڳا پيا آهن ۽ رتنن جڙيل ڪرسيون ۽ پلنگ پيل آهن. سڄي
گهر ۾ اگربتين ۽ چندن جلڻ جي خوشبوءِ اچي رهي آهي ۽ اهڙا اهڙا
هيرا جواهر لٽڪي رهيا آهن، جنجي چمڪ ڪري بتي ٻارڻ جي
گهرج ئي ڪانهي. اهڙو راجسي سامان ۽ ٺاٺ ڏسي سداما حيرت
۾ پئجي، جنهن پوءِ تنهن ويو اُداس ٿيندو. سشيلا پتيءَ جي اها حالت
ڏسي عجب ۾ پئجي پڇڻ لڳي ته ”پراڻناٿ! آدمي ڌن دولت
ملڻ تي پاڻ پرسن ٿيندا آهن، پر اوهانکي ڏسانٿي ته اهڙي اِندرپريءَ
جي سک ملڻ تي به اُداس ٿيا پيا آهيو، اِنلاءِ ڪرپا ڪري اُنجو ڀيد
ٻڌايوم.“ سداما وراڻي ڏنيس ته ”هي پياري! هيءَ مايا تمام زبردست
آهي، جا ساري جڳت کي موهي وٺي ٿي. جنهن غريبيءَ ۾ مونکان هري
ڀڄن ٿي سگهندو هو، تنهن ۾ دولت ۽ سک پائڻ ڪري ڪونه ٿي
سگهندو، اهو سمجهي مان اُداس ٿيڻ لڳو اٿم. ڏس! شريڪرشڻ
بنان گهرئي مونکي هي بيشمار ڌن ڏنو ۽ اهو به ٿورو سمجهي مکه مان
ڳالهه ٻاهر نه ڪڍيائين. سچ پڇين ته مون کي من ڳالهه جي ذري به خبر
ڪانهي. آءٌ ته هيانءَ پنهنجي پراڻي جهوپڙيءَ جو پڇتاءُ ڪري رهيو
هوس. سچ آهي ته گڏوان ۽ ٻرد ٻار ٻٽي تي ڪرپا ڪرڻ جو حال
زبان سان چئي نه ٻڌائيندا آهن. آءٌ ڏاڍو پڇتايان ٿو جو مون هيتريءَ
عمر تائين ترڀوڻ پتيءَ جو درشن نه ڪري اجائي عمر وڃائي. پياري!
تون به مايا کي پنهنجو نه سمجهجي، آئنده پڻ اهو خيال ڪندي رهه

ڪاڇو تہ نہ ڳوليم. جيڪڏهن ڳوڙان ها تہ هو ڏئيم ها، پر
جيڪر لالچي سمجهيم ها. هيرا پرا هميشہ کي ڪٺي سمجهائيندس."

جڏهن اهڙيءَ ويچار ڪندو سداما پنهنجي ڳوٺ وٽ پهتو تڏهن
پنهنجي جهوپڙي نہ ڏسي اُنهي بدلي جا تي ڏسي تہ جهوپڙيءَ واري هنڌ
تي هڪڙو عاليشان سونو محل جواهرن سان جڙيل نئون ٺهيو پيو آهي،
اُنهي جي چوڌاري سندر باغ جنهن ۾ قسمين قسمين گل لڳل آهن ۽
ڏاڍي سونهن ڏيکي رهيو آهي. وڻن تي طوطا، ڪوئلون، مور ۽ ٻيا
سندر پکي مڌر مڌر لاتيون لنوي رهيا آهن. گلن تي ڀونئر رس
واسطي ڦيران ٿي رهيا آهن. محل جي دروازن تي چوڪيدار ۽
سپاهي بيٺا آهن ۽ ڪيترا داس داسيون پنهنجي پنهنجي ڪم ۾
لڳا پيا آهن. سداما اهو اچرج ڏسي عجب ۾ پئي چوڻ لڳو تہ ”هي
پرميشور! ٿوري وقت اندر هيڏو وڏو عاليشان مڪان ڪنهن
ٺاهيو هوندو؟ آءٌ پاڻهي تہ هن پاسي ڪونہ نڪري آيو آهيان؟
هنوقت جاڳي رهيو آهيان يا سمهيو ٿو ڏسان؟ اڙي! هو منهنجي پراڻي
جهوپڙي ڪيڏانهن وئي ۽ منهنجي عورت استري ڪٿي هوندي؟
افسوس! لوڀ سڀني پاپن جو مول آهي. لالچ ۾ ڦاسي ڳوٺ کان ٻاهر
نڪتس، جنهنجو ڦل اهو مليم جو گهر ۽ استري ٻئي وڃايم. هي
نارائڻ! هاڻ ماڻهي جا ڪري ڪيڏانهن وڃان؟"

جنهنوقت سداما اُن سوچ ويچار ۾ اُٿي بيٺو هو، تنهنوقت سشيلا
پنهنجي ڀتيءَ کي ڏسڻ لاءِ دريءَ مان جهلڪي نهاريو ۽ جڏهن سداما تي
نظر پيس، تڏهن داسين کي حڪم ڏنائين تہ وڃي منهنجي سوامي
کي اندر وٺي اچو. داسيون اهو حڪم ٻڌي سداما وٽ وڃي ڏنڊوت
ڪري کيس اندر هلڻ لاءِ چوڻ ۽ کيس جهنڊڻ تولي صاف ڪرڻ لڳيون.
سداما اُنهنجو ايترو آدر ستڪار ڏسي ڏچي پئجي ويو تہ ”مائيون! مون
غريب براهمڻ کي هن راجائي محل ۾ ڇو ٿيون وٺي هلو؟" داسيون
تڏهن چوڻ لڳيس تہ ”مهاراج! هي ئي اوهانجي ئي آهي، اوهين
پاڻ ڪنهن شڪ شبهي جي اندر هلو هلو." جڏهن سداما اُنهن تي
اعتبار نہ ڪري دب کان ڇهڻ لڳو، تڏهن سشيلا ٻاڻ داسين سان

ڪائڻ ڪري رڪمڻي ناراض ٿيندي، تڏهن اما لب نه ڪائي رڪمڻيءَ کي چوڻ لڳو ته ”هي پراڻ پياري! هي براهمڻ منهنجو وڏو مائٽ آهي. سنساري سکن ڏکن سان چاڙيتو ۽ آنئي پهر منهنجو سمرڻ ڪريتو.“

جڏهن پهر رات گذري تڏهن دوارڪا ناٿ سداما کي محل ۾ وٺي وڃي پنهنجي پلنگ جي نزديڪ ٻئي پلنگ تي سمهاريو ۽ سندس پير مهڻ لڳو. پوءِ ته اڌ رات تائين سداما سان نندپڻ جون ڳالهيون ڪندو رهيو. جڏهن سداما کي ننڊ آئي، تڏهن انترياميءَ انهل ويچار ڪرڻ لڳو ته ”هن براهمڻ کي پٽن جي گهرج ته آهيئي ڪانه. افسوس آهي جو سندس استريءَ سنساري سکن ماڻڻ واسطي هنکي زبردستيءَ موڪليو آهي. انڪري هنکي اڄ مالامال ڪري ڇڏجي جو ديوتائون به مٿس ريس ڪن. اهو ويچار ڪري ڀڳوان وشوڪرما کي ياد ڪيو جو هڪدم اچي سامهون بيٺو. پوءِ هنکي سداما پريءَ ۾ هڪڙو اهڙو محل ناهي اچڻ جي آگيا ڪئي، جنهن جهڙو بيو تنهي لوڪن ۾ نه هجي ۽ آٺ سدپون نو نڌيون اتي واسو ڪن، جنهنڪري سداما کي ٻي ڪا به گهرج ڪانه رهي.

رات رهي صبوح جو سداما شريڪرشڻ کان موڪلائڻ لڳو ۽ شيام سندر رساڻس گڏ جي ڪيس اماڻڻ لاءِ آيو. موڪلائڻ وقت اکين ۾ پاڻي آڻي چوڻ لڳو ته ”هي مترا! تو پنهنجي ديا ڪئي جو مت اچي درشن ڏنئه، هاڻي ايترو ڪجه جو دليون نه وساريج.“ سداما شريڪرشڻ کان موڪلائي گهر ڏانهن موٽڻ لڳو. وات تي شيام سندر جو منوهر روپ ياد ڪري اکين ۾ پاڻي آڻي چوڻ لڳو ته ”شريڪرشڻ جيڪا ديا درشني مون تي ڪئي، تنهنجو عيوض ته مان انيڪ جنمن تائين به سندس سيوا ڪرڻ سان ڪيس ڏيئي نٿو سگهان، پر مايا ته ملبم ڪانه، جنهنڪري منهنجي ڪتلائي ڇڏي وڃي. جهڙو هٿن خالي آيو هوس تهڙوئي تو موٽي هلان ۽ استريءَ جا چوند پير؟“ وري خيال آيس ته ”اما غريبي جڳي آهي، جنهن ۾ ڀڳوان جو پڇن ته آنند سان ٿيندو. سچ! مايا وارا سداءِ جنتا ۾ رهن ٿا. اڙي! ڀڳوان جو ساکيات درشن ملي انکان وڌيڪ ڪهڙو ڏن گهرجي؟ جڳوڪيم جو دوارڪاناٿ کان

تي سداما ڏيا ٿيندي آهي ۽ اهنڪارين جو ايمان ٽوڙيندڙ آهيو.
اوهانجو ڀي سندر ۽ مرڪندڙ چهرو اهڙو ته سونهن ٿو، جنهنجي سوڀيا
ورڻن ڪرڻ جي مون ۾ پوري طاقت ڪانهي. جنهنجا ته اکوٽي جمر
جا ڀاڳ کابا آهن، جنهنڪري اوهانجو درشن ٿاتو اٿم. مان ڪنهن
نه اجاير رکي ائين گهرانتو ته ائٿي پورشل اوهانجي ڏيان ۽ سمرڻ
۾ لين رهي، سنساري وهنوار سڀني وانگر سمجهان."

شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته "هي راجا پريکشت! جڏهن انهيءَ سداما
گهڻي شتوتي ڪئي، تڏهن دوارڪاناٿ کاني چيو ته "هي متر! مان
تنهنجي امرت روپي ڳالهين کان ڏاڍو پرسن ٿيو آهيان، هاڻي
ٻڌائي ته ڀاڀي منهنجي لاءِ ڪا سوکڙي ڏني اٿئي يا نه؟" اهو
ٻڌي سداما شرمندو ٿيڻ لڳو ۽ ويچار ڪرڻ لڳو ته مٺ کن چانورن
جي، جا تمام سڙيل آهي، آءٌ هن ترلوڪي نٿ کي ڪيئن ڏيان؟ جئن ني
انهن کان هو چانورن جي مٺ ٻه لڪائڻ لڳو، تئن ني سڙيل ڏوڻي
سڀ چانور پٽ تي ڪرڻ لڳا. ننڍ نندن تڏهن هڪ ڏيئي اها مٺ
سندس ٻه مان ڪڍي ورتي ۽ ڏاڍي پريم مان انهن سڙيل چانورن
جي هڪ لپ کائي چوڻ لڳو ته "هي سداما! پريم سان ڏنل هڪڙي
گل ۽ تلسيءَ جي ڏال چاڙهڻ ڪري جڳت ۾ مان خوش ٿيان ٿو، اوترو
پريم کانسواءِ لکن مڻن مڌاين ڪري آءٌ راضي نٿو رهان. دريوڌن
مونلاءِ ڏاڍا مال مڌايون ٺهرايا هوا، پر پريم ٻنان مونکي نه وڻيا. وڌر
وٽ پريم جي ڏنل ڀاڄي به ڏاڍي چاد سان کاڌم. انلاءِ هيڪي ٻه
آندو اٿئي، اهو ٿورو نه سمجهه ۽ جو ته پريم جو ٿورو به گهڻو آهي."

چانورن کائڻ وقت شريڪرشڻ چوڻ لڳو ته "واهه واهه! جهڙو سواد
اڄ مونکي هن چانورن مان آيو آهي، اهڙو سواد ماڻا يشودا ۽
ديوڪي جي پرچن ڪرائڻ مان به نه آيو." ايترو چئي جئن ٻي ڀيرا
ته هڪڙي ٻي مٺ ڀري ڪان، تئن رڪمڻي سندس هٿ جهلي
چوڻ لڳي ته "مهاراج! اسين ٻه هڪڙي وٽي ٿيون ڪريون ته اسين
جو اوهانجي چرڻن ۾ رات ڏينهن پيون آهيون، تنکي به اهڙي سوادي
طعام مان آسد وٺڻندا يا نه؟" جڏهن شريڪرشڻ ڏلو ته ٻي لپ

سمجهي اها رات جهنگل ۾ رهي پياسون، تڏهن گرو سنديس استري
تي ڪاوڙجي پاڻ ٻنهي کي جهنگل ۾ ڳولڻ آيو هو ۽ ڏاڍو وياڪل
ٿي منهنجو توهانجو نالو پڪاري سڏ ڪرڻ لڳو ته جيتي ۾ مهجو
اُتان آواز ڏيو ته مونکي ڏيرج اچي، نه ته اوهانجي سوچ ويچار ۾
منهنجو پراڻ ٿو نڪري. اهڙيءَ طرح روئندو سڏ ڪندو گرو پاڻ وٽ
اچي پهتو هو ۽ مونکي ٿڌ کان ڏڪندو ڏسي ڊوڙي اچي ڪنيو هو ۽
منهنجو منهن مٿو جهڙو جيو هواءِ ته تو پنهنجي سيوا سان مونکي پرسن
ڪيو آهي، تنهنڪري مان توکي آشيرواد ٿو ڏيان ته سڀ وديا
جا پاڙهي اتمان سا ياد رهندءِ ۽ ڪڏهن به ڪين وسرندءِ. هي سداما!
جڏهن کان وديا پڙهي تون ۽ آءٌ مڪبٽي کان جدا ٿيا آهيون، تڏهن کان
وري اڄ ئي تنهنجو ملڻ ٿيو آهي، جنهنڪري مونکي اهڙي خوشي
ٿي آهي جو سمجهان ٿو ته سا ڪيات گروءَ جو درشن ٿيو اٿم."

ايترو ٻڌي سداما جو سنسو مٽيو. ٻوءِ هٿ جوڙي وينتي ڪرڻ
لڳو ته "هي دين ديال! اوهين ترلوڪي ناٿ ٿي مونکي ايترقدر جو
شرمندو ڪري رهيا آهيو؟ جڏهن ويد اوهانجا سواس آهن ۽ ٽنهي
لوڪن جا جيو اوهانجي پوڄا ڪندا، تڏهن توهان فقط سنساري جيون
کي وات ڏيکارڻ واسطي ئي وديا پڙهي هئي. توهانجي آدانت ۽
ڀيد کي ڪوبه نٿو ڄاڻي. اوهين ساري جڳت جا ماتا پتا آهيو ۽
سارو وهنوار پنهنجي اِڇا سان پيا ڪريو. جيڪي ٻربر سان اوهان
جو نالو جپي اوهانجي ڪٿا ۽ ڪيرتن ڪندا، تنکي ٻن لوڪ ۾ ته
جس مليٿو پرانت سمي مڪتي پراپت ٿئيٿي. اوهين اک ڇنڀ ۾
ساري برهمانڊ کي ناس ڪري پيدا ڪري سگهو ٿا ۽ ساري سنسار
جي پالنا ڪريو ٿا، جنهنڪري اوهانکي وشومڀر ڪوٺجي ٿو. اوهين
پنهنجي اِڇا سان منشيه شرير ڌاري سنساري جيون کي وات ڏيکارڻ
واسطي، جيڪي منشيه کي ڪرڻ گهرجي، ڪم ڪري رهيا آهيو.
هي ديناٿ! جنهن چترڀڄ روپ سان اوهين پيتامبر پهري، ٻيجنتي
مالا پائي، شنک چڪر گدا پدم هٿن ۾ کڻي، گرڙ تي سواري ڪندا آهيو،
اهڙي روپ کي منهنجي وار وار نمسڪار آهي. اوهانجي غريبن

ڳالهيون ڄاڻيندو هو ۽ ڏڌ مکڻ چورائي کائيندو هو، ۽ منهنجو سندس
متر ڪي ڏسي باقي خاطري تہ اهي سڀ ڳالهيون سچيون آهن.

سداما شيام سندر جي اهڙي قدر ڪرڻ ڏسي چوڻ لڳو تہ "شايد
شريڪرشڻ سڃاڻي نٿو ۽ پاڻ جي اهو ڪو سچو منهنجي هيترو قدر
سيوا ۽ خاطري ڪري رهيو آهي." شريڪرشڻ انترجامي اهو حال
ڄاڻي سداما جي سنسي مٽائڻ لاءِ چوڻ لڳو تہ "هي مترا توکي ياد
هوندو تہ آءٌ ۽ تون سانديپن گروءَ وٽ پڙهندا هئاسون ۽ اُتون ڏينهن
۾ تنهنجو ويواهہ پڻ ٿيو هو. ڪٿ پاپي تہ خوش پرسن آهي نہ؟ هيڏانهن
اينڏي وات تي ڪا تڪليف تہ ڪانہ رسيئي؟ پيارا! گهڻن ڏينهن
کان مونکي تنهنجي ڏسڻ جي سڪ هئي ۽ ڇو ڪيئي جو پنهنجو
درشن ڏيئي پنهنجي چرڻن سان اچي منهنجو گهر پوتر ڪيئي. مون
کي چڱيءَ طرح خبر آهي تہ تون اُنهن ڏينهن ۾ ئي دنيا کان پري
رهندو هئين. ٻڌائيم تہ هاڻي تنهنجو گذران ڪئن ٿو ٿئي؟ ڏس!
سورهن هزار هڪ سؤ اٺ استريون هوندي بہ آءٌ ڪنهن جي وس ڪين
آهيان. انهيءَ گماني بہ سنسار ۾ رهي پنهنجو من الڳ رکي ٿا ۽
جو جو منهنجي خبر آهي تہ سنسار سداءِ قائم ڪونهي. هي سداما!
ڪوڙي نہ پيار ۽ ديا سان سانديپن گروءَ مونکي سڀ وديا سيکاريو،
جنهن جي عيوض جيڪڏهن مان سڄي عمر ٽهل ڪريان تہ بہ ٿورو
لاهي نہ سگهان. تو بہ پڙهڻ لکڻ مڙل منهنجي ڏاڍي مدد ڪئي هئي
۽ منهنجي ٻاران گروءَ جي ٽهل ٽڪور جي ڪندو هئين. آءٌ پائيان
تو نہ هي ڳالهہ بہ وسري ڪانہ هوندي جو جڏهن هڪڙي ڏينهن
گرو پتني توکي ۽ مونکي ڪاٺ ڪرڻ لاءِ جهنگ ۾ موڪليو هو ۽
جڏهن ڪاٺيون مٿي تي رکي گهر موٽياسون ٿي، تڏهن وات تي
اهڙو واچوڙو اچي لڳو ۽ برسات پئي هئي جو پاڻ اڳتي وڌي نہ
سگهيا هئاسين. تڏهن اُنوقت اهڙي اچي پئي هئي جو نيٺ تو مون
کي ڪٽي ٻاهر لڪايو. مطلب تہ سڀ تڪليف تو پاڻتي سٺي بہ منهنجي
رکيا ڪرڻ نہ ڇڏي. هي مترا آءٌ تنهنجي اُن سچي پريت جو
ڪيترو ورڻ ڪريان. جڏهن آءٌ ۽ تون اُنوقت گهر پهچڻ مشڪل

لڳو ته هي ساڳيو ٻچو ائين ٿي رهيو آهي يا ڪو سپنو ٿو ڏسان. پوءِ ته دوارڪا ناٿ سداما کي هٿ کان جهلي پنهنجي سنگاسڻ تي آڻي وهاريو ۽ پنهنجي ديوي سان سندس ڏوڙ ڇنڊي پيرن مان ڪنڊا ڪڍي چرڻن ڌوئڻ لاءِ رڪمڻيءَ کان جل گهريو ۽ سداما کان سندس اهڙيءَ حالت جو سبب پڇڻ لڳو. پيرن ڌوئڻ وقت سداما ائين وچون جتن جتن پنهنجو پير لڪايو ٿي، تتن تتن ويڪنٺ ناٿ ديال ٿي پنهنجي هٿن سان بلڪل چڱيءَ طرح اُنجا چرڻ ڌوتا. رڪمڻي ۽ ٻيون پٽ راڻيون اهو حال ڏسي پاڻ ۾ چوڻ لڳيون ته "جو نه سداما جي سيوا اسين پنهنجن هٿن سان ڪريون، جنهنڪري پراڻ پتيءَ کي ايتري محنت ڪرڻي نه پوي." شري ڪرشڻ سندن اِها ڳالهه نه ٻڌي ۽ سداما جي بدن تي چندن لڳائي ديوتا وانگر وڏيءَ سان پوڄا ڪرڻ لڳو ۽ قسمين قسمين پوڄن ڪرائي سداما کي ترپت ڪيو. پوءِ رڪمڻيءَ ۽ ٻين راڻين کي چوڻ لڳو ته "هاڻي اوهانجو وارو آهي، جيترو وڻيو، پنهنجي هٿن سان سندس سيوا ڪريو."

اِنرِيت ڀڳوان سداما جي سيوا ڪري پوءِ کانئس ڪشل منگل پڇڻ لڳو. اهو ڏسي رڪمڻي، ستيڀاما ۽ ٻيا يادو عجب ۾ پئجي چوڻ لڳا ته "ڀائي! شاهوڪار ۽ اڇي اُجري آدميءَ جو ته هرڪو آدرستڪار ڪرڻ چاهيندو، پر هن دردري (ڪنگال) براهمڻ اگهڙي جسم ۾ خبر نه آهي ڪهڙو اهڙو وڏو تپ ڪيو آهي يا ڪو منجهس اهڙو وڏو گڻ آهي، جنهنڪري ترلوڪ ناٿ ڀڳوان پنهنجن هٿن سان سندس هيتري سيوا ڪري رهيو آهي." ستيڀاما جا ڳالهائڻ جي ڏاڍي چتر هئي، سا ٻين استرين کي چوڻ لڳي ته "ڀيڻرون! اڳي ته شيام سندر اسان سان ڏاڍيون وڏائي جون ڳالهيون ڪندو هو، پر هيئنئر سندس مترڪي ڏسي وٺو. آءٌ نٿي ڀانيان ته هن ساڄيءَ عمر ۾ ڪو نئون ڪپڙو سپني ۾ به ڏٺو هجي، پاڻ جي ڳالهه ته اجان پري رهي. خبر نه آهي هن براهمڻ ديوتا کي ڪنگالپڻي ايتريقدر ڇو اچي ورايو آهي؟ پر ڏاڍو ڪو ڀاڳوارو ٿو ڏسجي جو ويڪنٺ ناٿ کي پنهنجي وس ڪري ڇڏيو اٿس. هون پڌو هو ته شري ڪرشڻ



TA PRESS GORAKHPUR

ڪرشن جو سداما جي سيوا ڪرڻ ۽ رڪمڻي وغيره راڻين جو
عجب کائڻ (صفحو ۱۳۰)



اُنهن ڏوري ڪاڌي تي ڪٽي پٽوان جو سوٽ ڪري لٽ ڪٽي دوارڪا
ڏانهن روانو ٿيو. واٽ تي ويچار ڪندو ٿي ويو ته ڏسجي ڇا ٿو
ٿئي. منهنجي ڀاڳ ۾ مايا ملڻ ته لکيل ڪانهي، مان آنند ڪند
شريڪرشڻ چندر جو درشن ملندم ته به آ؟ منهنجو جنم سڦلو سمجهندس.
باقي مون کي شڪ اٿم جو تراوڪي ذات سو رهن هزار ڪمرن وارن محلن
۾ رهندو، جتي وڏن وڏن راجائن جو پهچڻ به مشڪل آهي، اُتي
مون جهڙي ڪنگال کي ڪير اندر وڃڻ ڏيندا؛ ڪير منهنجي
خبر ڪندي پوندي. هيئنر شرم کان منهنجي گوڙ به مولي نٿو وهي
سگهان. افسوس! مون جهڙي جهوپڙي، جنهن ۾ ايڪ ڀيري آنند
سان وقت گذاريندو هوس، جنهن ڏني ۽ شيام سندر وٽ پهچڻ
۾ ڏاڍو ڪشٽ ٿو ڏسڻ ۾ اچيم."

اهڙيءَ طرح سوچ ويچار ڪندو سداما دوارڪا پريءَ وٽ اچي
پهتو، جتي ڇا ڏسي ته چوگرد سمنڊ ئي سمنڊ لڳو پيو آهي. وچ ۾ ڏاڍيون
سهڻيون عمارتون ٺهيل آهن ۽ گهر گهر ۾ منگلاچار ۽ مون ڪٿا ئي
رهي آهي. جڏهن دوارڪا ناٿ جي محل وٽ پهتو، تڏهن اچي ڏٺائين
تيس ته محلن کو اندر وڃڻ نه ڏنيم، انڪري هو هو ٻاهران ٿيا رهندو
پئي هليو. جيتوڻيڪ شريڪرشڻ جو سداما اهڙو حڪم هوندو هو ته
ڪنهن به براهمڻ کي ڪنهن به وقت اندر اچڻ کان روڪ نه ٿئي.
محل وٽ پهچڻ شرط دربان ڊوڙي اچي شريڪرشڻ کي ٻڌايو ته
"مهاراج، هڪڙو ڪنگال براهمڻ اهڙيءَ حالت ۾ آهي، جنهنکي نه پيرن
۾ جتي آهي ۽ نه بدن تي ڪو ڪپڙو ئي اٿس، تمام ڏٻرو ڏسڻ ۾
اچيتو. هو دروازي تي بيٺو آهي، اوهانجي ڀيٽا ڪري رهيو آهي
۽ سداما سندس نالو آهي." ايترو ٻڌندي ئي شري ڪرشڻ، جنهن
رڪمڻي سان جوڙ راند پئي ڪئي، هڪدم سنگاسڻ تان لهي راند
جهڙي ڇڏي، اُگهاڙو سداما جي گڏجڻ لاءِ ڊوڙيو. جڏهن سداما
شريڪرشڻ کي ايندو ڏٺو، تڏهن ڊوڙي اُنجي چرڻن تي ڪِري
پيو ۽ تمام سڄو ڏاڍي پريم سان ڪنهن اُٺاري پنهنجي ڇاتيءَ سان
لاتو. ايتري ڪرپا دوارڪا ناٿ جي پاڻ تي ڏسي، سداما خيال ڪرڻ

پڌو آهي ته مهاتمائن ۽ ست پرشن جي درشن ڪرڻ ڪري سڀ ڏک
ڏور ٿي ويندا آهن ۽ سک جي پراپتي ٿيندي آهي. وري شريڪرشڻ
وٽ، جو ترلوڪي ناٿ آهي ۽ براهمڻن تي سندس ڏاڍي ڪرپا
آهي، وڃڻ ڪري اوهانکي سڀ ڪنهن ملڻو آهي ۽ نڪشت. تنهنڪري
هي پراڻ پتي! آءٌ اوهانکي وري ٻه وينتي ٿي ڪريان ته اوهين
هڪدفع وڃي اُن شيام سندر جو درشن ڪري اچو." سداما جوڻ
لڳس ته "هي پياري! سچ آهي ته آءٌ شريڪرشڻ سان متر تا رکي
سگهان پائيندس. جيڪڏهن مان وٽس لنگهي ويندس ته مونکي ڪنگال
جاڻي گهڻي دولت پڻ ڏيندو، پر اهڙي ترلوڪي ناٿ کان، جو
ڌرم، ارٿ، ڪام ۽ موکش جهڙي پدارٿن ڏيڻ وارو آهي، ڌن
دولت گهرڻ واجب نه آهي؛ ڇو جو اها دولت هميشه رهڻ واري
نه آهي. آءٌ سمجهانٿو ته غريبيءَ ۾ جهڙو ڏيان ۽ سمرڻ پڳوان جو ٿئي
ٿو، اهڙو شاهوڪاريءَ ۾ ڪڏهن به نه ٿيندو. سنساري سکن ۾ ليٽيو
وڃڻ ڪري پرلوڪ جو خيال ڀلجيو وڃي. اڳوڻي جنم ۾ ڪو
دان ڪيو هوندم ته هن جنم ۾ به مليم، ٻئان ڏيڻ جي ماڻ مشڪل آهي.
سچ پڇين ته هن غريبيءَ ۾ پاڻ چڱا ڏينهن پيا گذرن." سشيلا ورندي
ڏنيس ته "هي سوامي! آءٌ سمجهانٿي ته سنساري سک سڀني سمان
آهي. آءٌ اوهانکي ڪنهن به لالچ ڪري اوڏانهن نٿي موڪليان،
پر رڳو انلاءِ چوانٿي ته اُن پار برهم پرميشور جي درشن ڪرڻ سان
مڪتي ٿيندي." سداما تڏهن چوڻ لڳس ته "چڱو! جيڪڏهن
تنهنجي اهڙي مرضي آهي ته وڃانٿو، پر چيل آهي ته گرو يا مهاتما
وٽ هٿين خالي وڃڻ نه گهرجي. مونکي هاڻي ايتري توفيق ڪانهي
جو اُتي ڪجهه ڀيٽا طور کڻي وڃان."

پتيءَ جا ايترا لفظ ٻڌي سشيلا پاڙي ۾ وڃي ڪٿان چار مٺيون
چانورن جون وٺي آئي ۽ هڪڙيءَ پراڻيءَ سڙيل ڌوتيءَ ۾ ٻڌي سداما
کي ڏيئي چيو ته "هي سوامي! اسان غريبن جي هيءَ ننڍڙي ڀيٽ
هو ترپون پتي ڏاڍي پيار ۽ سک سان سويڪار ڪندو." استريءَ جي
ايتري گهڻي چوڻ تي سداما لاچار اُها هڙ وٺي، ڪڇ ۾ ڪڇي ۽

ڌرم ڪرم تي رهي، براهمڻن ۽ سنت پرشن جي سوا ڪندا هوا. آن شهر ۾ سداما نالي هڪڙو ويد شاستر پڙهيل براهمڻ ۾ رهندو هو. اهو سداما شري ڪرشڻ سان گڏ هڪڙي ئي گروءَ وٽ وديا پڙهيو هو. اهو براهمڻ اهڙي غريبي ۾ پنهنجو جنم گذاريندو هو جو ڪيس ٻت ڍڪڻ لاءِ ۾ ڪو ڪپڙو ڪونه هوندو هو ۽ نڪي وري پيٽ ڀرڻ لاءِ ڪو پورو پوجن ملندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن ته اصل بکيو رهندو هو. ايتري هوندي به منجهس سدائي خوش رهندو هو. سشيلا اُنجي استري ڪاڏي ۽ ڪڙي نه ملڻ تي به پريم سان سندس سوا ڪندي هئي. اهڙيءَ طرح اهي ٻئي استري پرش سنساري سک سڀني سمان سمجهي، رات ڏينهن ايشور جي ڌيان ۽ سمرڻ ۾ رهندا هوا ۽ سواءِ گهرڻ جي جيڪي وٽن هوندو هو تنهن تي راضي رهندا هوا.

هڪڙي پيري اهڙو اتفاق اچي ٿيو جو سداما، سندس استريءَ ۽ ٻچن کي سڄا سارا ٽي ڏينهن کاڌي پياڻ گذري ويا. جڏهن ٽئي ڏينهن بکَ کان وياڪل ٿي هو جهڪر روئڻ لڳا، تڏهن سشيلا سندس استريءَ کان ٻالڪن جو دک ڏٺو نه ويو. هوءَ هٿ جوڙي سداما کي چوڻ لڳي ته ”مهاراج! اوهان ٻڌو آهي ته شري ڪرشڻ لڪشمي جو پتي اوهانجو متر ۽ گروڀائي آهي. هو براهمڻن جي رکشيا ڪرڻ ۽ پاپين جي ناس ڪرڻ لاءِ اوتار ورتو آهي. جي انهيءَ سڄ آهي ته پوءِ اوهين جو نه ٿا وٽس وڃو، جنهن ڪري اوهانجو دک دور ٿي وڃي. آءٌ پڪ سان چوان ٿي ته جو اوهانکي گرهستي براهمڻ سمجهي ايترو ڌن ڏيندو، جو وري ڪا ۾ سنساري اچا نه رهندي.“ سداما چوڻ لڳس ته ”هي پياري! تنهنجو عقل ڇرڪ نه آهي ته اڄ ڪيڏانهن ويو آهي. جنهن ڪيترو وقت منهنجي حياتيءَ جو سک سان گذري ويو، تنهن باقي سمير به ايشور ڪرپا سان گذري ويندو. جيڪڏهن هن وقت لاچار ڪري اوڏانهن وڃان به، پر جي پڌائي سنت ڏکي پيا ٿا هو انهيءَ ۽ هڏ گڏ ٻچي پونه ۽ ته ماڻهو انهن چوندا ته سداما لالچ ۾ ڦاسي پنڌَ ۾ پيٽ وڃائي.“ سشيلا جواب ڏنس ته ”هي پراڻناٿ! مان اوهانکي لالچ ڪري اوڏانهن ڪونه ٿي موڪليان، پر هون

اهڙي زور سان ڌاتيءَ تي لتيائيس جو اُنجو برابر نڪري ويو . اهو ڏسي سڀئي رشي ڏاڍا پرسن ٿيا ۽ ٻلرام کي آشيرواد ڏيئي ڪيس گلن جو هار اهي گلي ۾ وڌائون، جيڏانهن ديوتائن به ائين ڪيو.

جڏهن رشين ڏٺيت جي مارجي وڃڻ ڪري پيغوف ٿي ٻلرام کي موڪل ڏني، تڏهن ٻلرام ڪيترن ئي تيرٿن تي وڃي سنان ۽ دان ڪيو. پوءِ ڪسال پرڀوءِ پرڪرما ڪري مرداوڙ آيو، جتي اڄي ٻڌاءِ ته پانڊون ۽ ڪورون جي رات ڏينهن ڏاڍي ٻڌ لڳي پئي آهي . اهو حال ٻڌي ٻلرام ڪروڪيتر ڏانهن هليو ۽ جنهن وقت دريوڌن ۽ ڀيمسين پاڻ ۾ وڙهي رهيا هوا اُنوقت هو به اچي اُتي پهتو. ٻلرام کي ڏسي ٻڌشٽر، ڀين سنڌس پائرن ۽ راجا دريوڌن ڏنڊوت ڪئي ۽ ٻلرام اُنهن سڀني کي آشيرواد ڏيئي چيو ته ”ڏکر جي ڳالهه آهي جو شيام سندر جي مٽ ٿي به اوهان پائرن پاڻ ۾ مٺ جي ٻڌ ڪري پنهنجن پائرن ۽ ٻين لڪن ماڻهن جو نقصان ڪيو ۽ جيڪو ڀيمسين ۽ دريوڌن کي تڙندو ڏسي رهيو آهيان . منهنجي نظر ۾ ته ٻئي هڪجهڙا شورويرآهن . تفاوت فقط هيءُ آهي جو ڀيمسن جا وڙهڻ وقت برابر تيا لڳن ۽ دريوڌن وري ترار ٻڌ هنگي جاڻندو آهي .“ ٻلرام انهي کي گهڻوئي سمجهايو، پر هو ٻئي مٽ جوڙي ڪيس جوڙ لڳا ته ” مهاراج ! جنگ جوئي ڌاٽي مات ڪري وڃڻ اسانکان نه ڪونه تيندو .“ جڏهن ميٺي سمجهائڻ تي به جوڙ سمجهيا، تڏهن ٻلرام ادا ايئور اچا سمجهي ڪٽي مات ڪئي .

شريڪرشڻ جي سمجهائڻ تي ٻگوان جي ادا ادا جاڻي ٻلرام دوارڪا موٽي آيو ۽ اُتان پنهنجي استريءَ ۽ ٻين ڪيترن پادون کي وٺي تيرٿ رٿيو ڪيترو ڌنهي آءِ ويو ته ڌرمُ مٿيا جو پاڀ ، جو تبوت سنان ڪرڻ سان جڏي ويو، سو رشين کي ڏيکاري اچان . سنڪاد ڪ رشي ٻلرام کي ڏسي خوش ٿيا ۽ ڪيس آشيرواد ڏيئي جوڙ لڳا ته ” بيشڪ ! تنهنجي ڌرم مٿيا ميٺڙاٺي وپئي.“ پوءِ اُنکان موڪلائي سنان دان ۽ ٻيا ڪيترا شپ ڪرم ڪري دوارڪا ڏي موٽي آيو.“

اُنهيءَ ڪٿا ٻڌي راجا پرڪشت جوڙ لڳو ته ” هي مهاراج ! اوهين

جي وس ٿي براهمڻ کي ماريو. هاڻي اهڙو ڪو پرائشچت ٻڌايو، جنهنڪري منهنجو شرير شد ٿئي ۽ هن سوٽ جو ڪو پٽ هجي ته ٻڌايوم ته انکي وياس گديءَ تي وهارجي." رشين تڏهن ڪيس رڳو تيرٿ ياترا تي وڃي اتي سنان ڪرڻ سان پاپ لهندو، اها صلاح ڏني ۽ پوءِ اگرشروا نالي روم هرشڻ جي پٽ کي اتي گهرائي وياس گديءَ تي وهاري، هي وردان ڏنو ته "توکي ٻنان پڙهڻ سڀ وديا ياد ٿي پوي." اڄان ايترو بلرام جي مکه مان نڪتوئي مس ته اگرشروا کي ڇهئي شاستر ۽ ارڙهن پراڻ ياد اچي ويا، ايتريقدر جو هو وياس گديءَ تي ويهي ڪٿا واچڻ لڳو. بلرام جي اها مهما ڏسي سڀيئي رشي خوش ٿي چوڻ لڳا ته "مهاراج! اوهانجي ديا سان سوٽ جي مرڻ جو ويچار ته ڇڏي ڏيو، پر بلوام نالي دئيت بانڊر روپ ڌاري اماس، پورڻماسي ۽ پارس جي ڏينهن اچي اسانجي يڳيه ۽ هوم هون ۾ گند اڇلائيندو آهي؛ جنهنڪري اسين ڏاڍا ڏکي ٿا گذاريون. اوهين جيڪڏهن ڪرپا ڪري ان بانڊر جو انت آڻيو ته جيڪر بي خوف ٿي يڳيه ڪندا رهون. بلرام تڏهن ڪين ڏيرج ڏيئي چيو ته "اوهين ڪنهن به ڳالهه جو فڪر نه ڪريو، آءٌ اوهانکي انهيءَ بانڊر جي ڏپ کان ضرور ڇڏائيندس."

رشين جي چوڻ موجب بلرام ڪيترا ڏينهن نيمشارڻيه ۾ رهي پيو. پورڻماسيءَ جي ڏينهن جڏهن ڏاڍي اونده ٿي ويئي ۽ ڪني پاڻيءَ جو مينهن وسڻ لڳو، تڏهن رشي بلرام کي اهي سڀ بانڊر جي اچڻ جا سانباها ٻڌائڻ لڳا. بلرام تڏهن پنهنجا هل ۽ موسل هٿيار تيار ڪيا. ايتري ۾ هو دئيت بانڊر روپ ڌاري اماس جهڙو ڪارو جبل جهڙو ڊگهو، وڏن ڏندن ۽ خوفناڪ شڪل سان ترشول هٿ ۾ کڻي گجندو اتي اچي پهتو، جنهنکي ڏسي بلرام پنهنجي هٿيارن سان مٿس الٽ ڪئي. دئيت، بلرام کي ڏسي سمجهي ويو ته بيشڪ زبردست آهي ۽ پنهنجي مايا سان گم ٿي ويو. پوءِ بانڊر روپ ٿي مل موتر جهڙيون ڪنيون شيون وسائڻ لڳو. بلرام پنهنجي هل جي نوڪ سان ان بانڊر کي کڻي زمين تي پٽڪاڙيو ۽ پوءِ موسل

گڏ تي ٻگهه ويٺا ڪن ته ٺٺي ٻاسي وڏو ٻاس جو جيلو روم مرشڻ سنگاسڻ تي ويٺو سنڪادڪ رشين کي ڪٿا ٻڌائي. ھلرام کي ايندو ڏسي سنڪادڪ رشي کيس آجيان ڪرڻ لاءِ اُٿي بيٺا، پر روم مرشڻ پنھنجي وڏيائي جي ايمان ڪري نه اُٿيو. ھلرام کي انھيءَ تان منڌان لڳي ۽ چوڻ لڳو ته ھن شودر کي ڪنھن ويٺاس گديءَ ڏني آهي؟ مري ڪٿا واچڻ واسطي اتڙو ٻگت ۽ گياني ھجي، جنھنکي لوڀ يا اھنڪار ته اصلي نه ھجي. ھي رشيو! ڏسو ويٺا ته ھي وڏيا ٻڌڻ تي برشاستر موجب ملت نٿو ڪري. ايمان جي نشي ۾ اٿڏو ٿي رھيو آھي ۽ نئڙوڏائي جي ڪاٻه ساڃهه نٿو رکي. منھنجو جنم خاص اڌرمين جي مارڻ واسطي ٿيو آھي، انڪري منھنجي روبرو جيڪو بدملت مليو تنھنجو ابراڏ ڪميا ڪري نٿو سگھان." ايترو چئي ھلرام منتر پڙھي ھڪڙو ڪکر روم مرشڻ ڏانھن اُلاڙيو، جنھنجي لڳندي ئي اُنجو سر وڍجي ڪري پيو. اھو ڏسي سنڪادڪ رشي ھلرام کي چوڻ لڳا ته "مھاراج! ھي سوت مرتيءَ جا چريتر ٻڌائي ٻالڪي تولي ٻڌندڙن کي ڪرتارت ڪندو ھو. ھڪڙو ھو پوءِ ھنکي ويٺاس گديءَ تي ويٺي جو اوھان ماريو سو چڱو نه ڪيو. اسانکي خبر آھي ته اوھان پنھنجي اڌا سان اوتار ورتو آھي ۽ ھي سوت براھمڻ ۽ کيترئي ھان بيدا ٿيل اسانجي آگيا سان ئي ويٺاس گديءَ تي ويٺو ھو، تنھنکي جو اوھان ماريو انڪري اوھان تي برھم ھتيا جو پاپ لڳو ۽ جلدي اوھانکي اُھو پرائشچت ڪرڻ گھرجي. جيڪڏھن اوھين ان ڳالھه جو ويچار نه ڪندا ته آئينده ٻيو ڪو برھم ھتيا ڪان نه ڇڏيندو، خود ڀڳوان به براھمڻن کي تمام اُتم ليکيو آھي. ڏسو جڏھن شام سندر توھانجي نئڌي ٻاو کي ڀرگو رشيءَ بيگناھ لت ھڻي ھئي، تڏھن ڀڳوان رشيءَ جو پير جھلي پنھنجي ھٿ سان مليو ھو ۽ پڇيو ھو ته منھنجي سخت ھڏي جي ڪري توھانجي ڪومل چرڻ کي ته ڪو ايذاءُ ڪو نه پھتو. انڪري براھمڻ جي ٻڌي وڏي سمجھڻ گھرجي."

رشين جو اھو چوڻ ھلرام کي سمجھه ۾ آيو ۽ چوڻ لڳو ته "مھاراج! اوھين سچ ٿا چئو. افسوس! مونکان براھمڻ ڪي تي ويٺي جو ڪروڌ

ڪري چوڻ لڳا تہ ”هي ديناناٿ! اوهان جي ليلا اپرمپار آهي. اوهان جي دربانن جئہ وجئہ سنڪادڪ رشين جي سراپ ملڻ ڪري جيڪي ٽي جنم ورتا ۽ اُنهن جنمن ۾ دشمني ڀاوَ سان توهان جو ڀڄن ۽ سمرڻ ڪيو ۽ توهان اُنهن جي اُڌار واسطي ٽي دفعا سڳڻ اوتار ورتي، پنهنجي هٿن سان ڪين ماري وري ٻہ وئڪنٺ موڪليو. اهڙو ديال ۽ ڀڳتن هتڪاري اوهان کانسواءِ ٻيو ڪير هوندو؟ اهڙيءَ طرح ستوتيون ڪري شريڪرشڻ کي ڏنڊوت ڪندا روانا ٿيا. تڏهن شريڪرشڻ يادون سميت دوارڪا پريءَ ۾ ڏاڍي آنند سان جيت جو نغارو وڄائيندو اچي پهتو. پوءِ سالو ۽ ٻين راجائن جي سڀ ملڪيت لٽي اچي اُگرسين کي ڏنائون. شيام سندر اُنهيءَ ڏينهن کانوئي يڌ ڪرڻ ڇڏي ڏني ۽ اِها پرتگيا ڪئي تہ آئينده ڪو بہ هٿيار نہ کڻندس.“

ايتري ڪٿا ٻڌائي شري شڪديو جي چوڻ لڳو تہ ”هي راجا پريڪشت! جڏهن ڪن ڏينهن کانپوءِ پانڊون ۽ ڪورون جي وچ ۾ مهاڀارت جي لڙائيءَ جون تياريون ٿيون، تڏهن شيام سندر راجا اُگرسين ۽ ٻلرام کي اُن بابت ٻڌائي صلاح ڪرڻ لڳو تہ مونکي هن يڌ ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي؟“ اِها ڳالهہ ٻڌي ٻلرام ويچار ڪيو تہ شيام سندر پانڊون جي اڇا پوري ڪرڻ واسطي هيءَ مها يڌ ڪرائڻ ڀانئيٿو، تنهنڪري جيڪڏهن مان حاضر رهي دريوڌن پنهنجي شش جي سهائتا ڪندس تہ شيام سندر کي اِها ڳالهہ نہ وڻندي ۽ جي شيام سندر جي حڪم ۾ رهندس تہ دريوڌن کي منيان لڳندي؛ تنهنڪري بهتر ٿيندو جو تيرٿ ياترا تي نڪري وڃجي، پوءِ وئڪنٺ ناٿ جي جنهن مرضي هوندي تئن ٿيندو. اهڙو خيال ڪري شريڪرشڻ کي وينتي ڪيائين تہ ”مهاراج! اوهين بيشڪ هستناپور وڃي جنهن واجب سمجهو تئن ڪريو، پر مونکي جيڪڏهن ياترا ڪرڻ لاءِ موڪل ڏيو تہ اُتان ٿيندو پوءِ اچي اوهان وٽ پهچندس.“ شريڪرشڻ جي مرضي مهاڀارت يڌ ڪرائڻ جي هئي، تنهنڪري ٻلرام کي نہ روڪيائين. ٻلرام شريڪرشڻ جي آگيا پائي ڪيترن تيرٿن جو رٿن ڪندو نيمشارڻيہ کيتر ۾ اچي پهتو. اُتي ڇا ڏسي تہ هڪڙي پاسي رشي ۽ مني

رهي، جڏهن شالو جو مرڻو ويجهو اچي پهتو، تڏهن ٻندرابن بهاريءَ
سدرشن چڪر سان هن جو سر وڍي ورتو. ديوتائن هنکي مرندو ڏسي
خوشيءَ وچون "جئي جئي" شبد ڪيا ۽ شري ڪرشڻ تي گل وسايا.

جنهن ڏينهن کان راجا ششپال يڌشٽر جي يگيه ۾ ماريو ويو، تنهن
ڏينهن کان دنت وڪر ۽ ودورٿ ششپال جا يار شري ڪرشڻ کان بدلي
وٺڻ جو ويچار ڪندا رهيا. هنن جڏهن ٻڌو ته راجا شالو اسانجي
يار جو متر هنوقت شري ڪرشڻ سان وڙهي رهيو آهي، تڏهن هو ٻئي
گڏجي فوج وٺي دوارڪا تي حملو ڪري آيا.

ششپال کي مارڻ ڪانپوءِ شيام سندر اڃان دوارڪا پهتو ڪون
ويو هو، اُنوقت دنت وڪر ۽ ودورٿ ٻنهي ڀائرن اچي اُتي گهيرو
ڪيو، جنکي ڏسي سڀ يادو ڀڄي ويا. دنت وڪر شيام سندر جي
سامهون اچي چوڻ لڳو ته "او منهنجي يار کي ماريو آهي، انلاءِ
توکي اڄ يادون سميت ماري يمپوريءَ موڪلي بدلو وٺندس. هاڻي
ڀلا تون پنهنجو هٿيار مونتي هلاءِ، جنهنڪري توکي اها اڃا رهجي
نه وڃي ته مون دنت وڪر تي هٿيار نه هلايو. جيتوڻيڪ تو وڏا وڏا
سورهيه ماريا آهن، پر تڏهن به تون اڄ منهنجي هٿان جيئرو بچي
گهر وڃين سو مشڪل آهي." اهڙيءَ طرح ٻولڻ ۾ ڪيترئون گاريون
ڪري دنت وڪر پنهنجي ترار شري ڪرشڻ تي هلائي، پر دئيت
سنگهارڻ (شري ڪرشڻ) پنهنجي ترار سان هنجي ترار کي ڪيرائي
چيو ته "اي دنت وڪر! تو منجهه جيڪو زور هو سو ته تو ترار هلائي
خلاص ڪيو، هاڻي خبردار ٿي بيهه جو منهنجو وارو تو اچي ٿو."
ائين چئي دوارڪاناٿ پنهنجي ترار اهڙي ته زور سان هنئين جو
دنت وڪر جي ڇاتيءَ ۾ وڃي لڳي ۽ هو مري ويو. اُنجي ڏڙ مان
جوت نڪري شيام سندر جي مک ۾ سمائجي ويئي.

جڏهن اهو حال ڏسي ودورٿ پنهنجي ترار کڻي شري ڪرشڻ جي
سامهون آيو، تڏهن دوارڪاناٿ اُنجو به سر سدرشن چڪر سان
پرٿويءَ تي ڪيرائي وڌو. اهڙيءَ طرح ٻنهي ڀائرن کي مرندو ڏسي، اُنجي
فوج ڀڄڻ لڳي. ديوتائون ڏاڍا پرسن ٿيا ۽ رشي مني ستوتي

وات مان خون وهڻ لڳو ۽ سارو بدن ڏڪڻ لڳس. جيستوڻيڪ اِئين ته ٿيو پر هو يڪدم پنهنجي مايا ڪري گم ٿي ويو ۽ باهر وسائڻ لڳو. پڳوان اُنجي اها مايا گم ڪري ڇڏي ۽ کيس وهان سوڏو پرٿوءِ تي ڪيرائي ڇڏيو. ايتريپر منڊر جي پل سان شالو پاڻکي قاصد بڻائي منهن مٿو مٿيءِ سان ڀريل، ڀڳهر وهائيندو شيام سندر وٽ اچي روئي چوڻ لڳو ته ”تنهنجي ماتا ديوڪيءَ مونکي موڪليو آهي ته راجا شالو، تنهنجي پتا وسديو کي پڪڙي ويو آهي سو تون جلدي اچي اُنجو بدلو وٺ.“ شيام سندر ٿورو وقت ٿيءِ پرپنهنجي ويچار ڪيو ته ”بلرام جي هوندي راجا شالو جي مجال ڪانهي جو وسديو کي پڪڙي وڃي.“ ايتريپر راجا شالو جڙتو وسديو ڻاهي اُنکي جوتيءِ کان جهلي شري ڪرشڻ جي سامهون وٺي آيو. مايا روپي وسديو ڦٿڪي ۽ روئي شيام سندر کي چوڻ لڳو ته ”هي پترا مان ته توکي ساري سنسار جو پيدا ڪندڙ، پالنا ڪندڙ ۽ رکيا ڪندڙ ڄاڻندو آهيان، پر اڄ ڀي راجا شالو مونکي تنهنجي اڳيان آڻي منهنجو ساهه ڪڍڻ تو چاهي، جنهنکان جلد ڇڏائينم. اها ڏاڍي شرم جي ڳالهه ڇٽبي، جو تو جهڙي پراڪرمي پٽ هوندي آءٌ هيترو ڏکر پايان.“

جنهنوقت مايا روپي وسديو اِنطرح ورلاپ ڪري رهيو هو، اُنوقت شالو للڪاري چوڻ لڳو ته ”هي شريڪرشڻ! ڏس مان تنهنجي روبرو وسديو کي جهلي آيو آهيان ۽ ماڻي اُنکي ماريانٿو، توکي جيڪڏهن ڪا طاقت آهي ته جلد اچي ڇڏائينس.“ ايترو چئي راجا شالو هن مايا روپي وسديو جو سر ترار سان وڍي ڀالي جي نوڪ تي ڪٽي چاڙهيو ۽ سيني ماڻهن کي ڏيکاري چوڻ لڳو ته ”هي شريڪرشڻ! ماڻي ڏٺئه جٽن پٽهين کي ماريم، تٽن هٽن سيني کي بہ ماري سمنڊ ۾ اُڇلائيندس.“

شيام سندر اُنهيءَ خيال ڪري ڏٺو ته معلوم ٿيس ته هو مايا روپي وسديو هو جنهنجو شالو سر وڍيو هو. پوءِ ته پنهنجو پانچجنيہ شنکہ وڄائي پنهنجو رٿ شالو جي ٻنيان ڊوڙائي، ترار سان ٻنڌس وهان ٽڪرا ٽڪرا ڪري سمنڊ ۾ ڪيرائي وڌو. اُنهيءَ شالو وهان ڻان ٽپي پنهنجي ترار شيام سندر تي هلائي ۽ گهڻو ديرتائين اها پڻ جلندي

ڏيٺي سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏيو آهي ۽ يادو وڻ ٻوٽي ۾ مٿا ٻها آهن."
اهڙو سپنو ڏسي شريڪرشڻ يڌشٽر کي چوڻ لڳو ته ”مهاراجا! رات
ڏاڍو ڀيڙو سپنو ڏٺو اٿم، جنهنڪري سمجهان ٿو ته ششپال جا مددگار
دوارڪا پوريءَ ۾ وڃي يادون کي ماري ناس ڪري ڇڏڻ ٿا. اِلاءِ
آگيا ڏيو ته اتي وڃي انهن جي رکيا ڪريان." راجا يڌشٽر سندس
آگيا مڃي، جنهن تي شيام ۽ بلرام دوارڪا ڏي روانا ٿيا.
شهر وٽ پهچڻ شرط ڪين ٻاسي ڪان مرلي نڪرندي ۽ سامهون ڪتي
کي روئندو ڏسي ٻئي اهڃاڻ ڏسي، شريڪرشڻ سمجهي ويو ته
دوارڪا پوريءَ تي ضرور ڪا آفت آئي ٿي ڏسجي.

شيام سندر راجا شالو جي يڌ جي خبر ٻڌي، بلرام کي دوارڪا
ڏي موڪلي پاڻ جلدي لڙائيءَ جي ميدان ۾ آيو، جتي اهڙا پاڻ
شالو جي وهاڻ کي مثال جو مو ڪنير جي حڪر وانگر ڦرڻ لڳو. راجا
شالو ڏٺو ته، پر پوءِ ڦرتي ڪري حڪرو پاڻ اهڙي زور سان
شيام سندر جي ڪني مٿ ۾ هنيائين جو يڪدم ڏنس ڪري پيس. اهو
حال ڏسي يادو ڏٺي ويا ۽ اداس ٿيڻ لڳا. راجا شالو پنهنجي اڳما ٿا
ڪري پنهنجي جست سمجهي، ڏاڍي اُپهاڻ ۾ پوڙهي چوڻ لڳو ته ”اڙي
ڪرشڻ! تون اهو آهين نه جو رڪمڻي کي، جنهن جو مڱڻو ششپال سان
ٿيو هو، زبردستيءَ ڪڍي وئين ۽ يڌشٽر جي يگيه ۾ ششپال کي ماري
ڇڏيئه. ماڻهن جي پنهنجو پاڻ ڇاهين ته جلدي پنهنجي پاسو ڪر، نه ته
مان اڄ توکان پنهنجي اُن مائٽ جو بدلو ضرور وٺندس. پوماسر،
شنڪاسر ۽ بس ڏينس جهڙو موتڪي نه سمجهجانءِ، جنهنڪي جسل ڪمت
ڪري مارين." اهڙو ٻڌي شيام سندر چوڻ لڳس ته ”مئي شالوا
شوروير پنهنجي وڏائي پاڻ نه ڪونه ڪندا آهن. پنهنجي وڏائي
پاڻ ڪندڙ کي ڪو به مان ڪونه ٿو ملي. ماڻهپي جيڪڏهن تو ۾ ڪو
ٻل آهي ته نڪرتي نروار ٿيءُ. سچ آهي ته جنهن جو موت ويجهو
ايندو، تنهن کي ٻلي ٻوي جي سمجهه ڪانه ٿي پوي. جڏهن ته ششپال
ماريو ويو، تڏهن تون نه مڪڙتي ڪل ۾ آڏامي ويندين." اهڙو چئي
شيام سندر پنهنجي ترار شالو جي سرتي هنئين، جنهنڪري هنجي

شيام سندر ۽ بلرام کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندس. سڀ يادو مونتي
کلندا ۽ مونکي ڪانئر ڪوٺيندا. رڪمڻي ماتا مون جهڙي پٽ
ڪري ڌڪر پائيندي جو مون پنهنجي پتا جو ناło ائين ڪرڻ ڪري
گهٽايو. مطلب ته ساري جڳت ۾ تو منهنجي گلا ڪرائي."

پرديمن جي واتان اهي وچن ٻڌي، سارٿي هٿ جوڙي وينتي
ڪري نمرتا سان چوڻ لڳو ته "هي دين ديال! اوهان کان لڙائي
جو احوال ڳجهو ڪونهي. مونکي منهنجي گروءَ ائين ٻڌايو هو ته
جڏهن يڌ ڪرڻ مهل يڌ ڪندڙ بيهوش ٿي وڃي ته اُنوقت سارٿي
کي گهرجي ته رٿ لڙائي جي ميدان مان ڪڍي تمام پري وڃي
بيهاري، پر جيڪڏهن هڪليندڙ ڦٽجي پوي ته يڌ ڪندڙ اُنجي
سنڀال ڪري. تنهنڪري جڏهن اوهين بيهوش ٿي پيا هوا، تڏهن ئي
اوهانجو رٿ هٿ ڪڍي اچي بيهاريو اٿم. هي ڪرپالو! هڪاڻ وقت
منهنجو رٿ پٽ تي رهجي وڃي ها يا ڪو ڦيٿو ڀڄي پوئس ها يا ڪا
رسي وغيره ٽٽي پوي ها ته منهنجو قصور ليکجي ها، پر هنريت ڪرڻ
ڪري آ؟ ٻئي ميار آهيان. خير! هاڻي اوهين هوش ۾ آيا آهيو، تنهن
ڪري وري هاڻي يڌ ڪربو." پرديمن چوڻ لڳو "هي سارٿي! تو
بيشڪ پنهنجي گروءَ جي حڪم موجب ائين ڪيو، پر منهنجي ته
ڏاڍي گلا ٿي نه؟ هاڻي قسم کڻ ته اها ڳالهه ڪنهنکي به نه ٻڌائيندين."

يادو پرديمن کي بيهوش ڏسي اُداس ٿي ويا هوا، سي هينئر
سندس رٿ ايندو ڏسي اهڙا خوش ٿيا جڻ مڙدي ۾ ساهه اچي وڃي.
پرديمن ايندي شرط سيني کي ڌيرج ڏيئي پنهنجي سارٿي کي چيو
ته "جلدي جتي ديومان (وزير) بيٺو آهي، اُتي مونکي وٺي هل."
اُتي پهچي پرديمن للڪاري چوڻ لڳس ته "اڙي! يادون کي بيگناهه
[illegible]جو تو مارين؟ تو ۾ ڪا مڙسي هجي ته مونسان اچي وڙهه." بس!
[illegible]وءِ ته ٻئي پاڻ ۾ اٽڪي پيا ۽ پرديمن ڦڙتي ڪري جلدي کيس ٻه ٽي
[illegible]رت موڪلي ڏنو. ٻئي پاسي سانب راجا شالو جي لشڪر کي ماري
[illegible]ڀڄائڻ لڳو." هي راجا پريڪشت! جنهنوقت اها يڌ ٿي رهي هئي، اُنوقت
[illegible]ريڪرشڻ اندرپرست ۾ سپنو ڏٺو ته "دوارڪا پوريءَ کي ڪنهن ٻاه

ڏينهن ۾ پدشلر جي ٻڪپه پوري ٿيڻ بعد شريڪرشن پرديمن ۽ ٻين کي
۾ دوارڪا ڏانهن موڪليو هو، ۽ پاڻ بلرام سميت پدشلر جي تمام
گهڻي پرپر ڏيکارڻ ڪري مستعد ٿي رهجي ويو هو. جڏهن سندن پٺيان
راجا شالو دوارڪاپوريءَ کي اچي گهيرو ڪيو هو ۽ منجهي مايا
ڪرڻ ڪري دوارڪا ۾ مهاپرلي جي وقت جو اندڪار ٿي ويو هو،
ماڻهو ۽ پسو وسڻ لڳا، تڏهن دوارڪا واسين ۽ جي اهو احوال اچي
راجا اگرسين کي ٻڌايو. اگرسين، پرديمن ۽ سانب ٻنهي ڀائرن کي
آگيا ڏني ته جهڙي صورت ۾ شريڪرشن ۽ بلرام هت ڪينهن تنهن
صورت ۾ اوهين ٻئي پاڻ روڏي فوج وٺي وڃي شالو سان وڙهو. پرديمن
جڏهن سانب، سانبڪي، ڪرت ورما ۽ ٻين سورويرن کي پاڻ سان
وٺي شهر کان ٻاهر وڙهڻ لاءِ آيو، تڏهن راجا شالو پنهنجي مايا سان
اهڙا ته تير اڇلايا جو چوڌاري اونده جا ڇانئجي ويئي. انوقت پرديمن
پنهنجو اهڙو هٿيار اڇلايو، جنهنڪري ڏاڍو سوجهرو ٿي پيو. پوءِ
ڪڙي پاڻ سان شالو جي رٿ جي ڌڄا پڃي جڏي. ٻئي سان
سارٿيءَ کي ماري هيٺ ڪيرايائين، ٽئين سان گهوڙن کي ماري
زمين تي ڪرايائين ۽ پوءِ شالو جي ڪيترن سورويرن کي گهايل
ڪري وڌائين. پرديمن جي اهڙي بهادري ڏسي راجا شالو ڏهي ويو
۽ پاڻ ۾ وڙهڻ جي سامرٿي نه ڏسي، مايا ڪري ڪڏهن وڏو روپ
ڌاري ته ڪڏهن ننڍڙو روپ ٿي آڪاش مان تير اڇلائڻ لڳو.
ماڻي ڪڙي پاسي راجا شالو پنهنجي پٽ سان پادون کي ڏکي
ڪري رهيو هو ته ٻئي پاسي کان سندس وزير پرديمن تي پاڻ ملائي
رهيو هو. پرديمن پنهنجي پاڻ سان اُن وزير کي بيهوش ڪري وڌو،
پر جڏهن هو هوش ۾ آيو، تڏهن ڪاوڙ ۾ پرجي ڪڙي گدا اهڙي
ته زور سان پرديمن جي سر ۾ هنيائين، جو هو مورڇا ٿي رٿ ۾ ڪري
پيو. پرديمن کي بيهوش ڏسندو ڏسي سارٿي لڙائيءَ جي ميدان مان
اهو رٿ ڪڍي ٻاهر هليو ويو. ٿورڙي دير کانپوءِ جڏهن پرديمن هوش
۾ آيو، تڏهن پنهنجو رٿ لڙائيءَ جي ميدان ۾ نه ڏسي، سارٿيءَ تي
ڏمريو ۽ چوڻ لڳس ته ”تو هونئي ڪلنڪ لڳايو ۽ ماڻي مان

مهل ڏاڍو لاچي ٿي پنهنجي من ۾ پشيمان ٿيڻ لڳو ته هي موڪي مورکر سمجهي کاں ٿا. ان ڪري ڪاوڙجي وڏيڪ مڪان ڏسڻ ڪا نسواءِ پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيو. يڌشٽر کي اها ڳالهه نه وڻي، پريمسين ۽ شيام سندر ڏاڍا پرسن ٿيا. دريوڌن پنهنجي سيا ۾ اچي منترين کي چوڻ لڳو ته "ڏسو! شري ڪرشڻ جو ٻل پائي يڌشٽر اهڙو ته ايمان ۾ پرجي ويو آهي جو اچ آ؟ سندس سيا ڏسڻ ويس ته پيمسين مونتي کلڻ لڳو ۽ منهنجو ايمان ڪياءِ. هاڻي آ؟ ۾ جيستاءِ انهنکان اهو بدلو نه وٺان تيسين پاڻکي دريوڌن نه سڏايان." هي راجا پريکشت! دريوڌن جي دشمني وڌڻ جو اهوئي سبب اٿيئي. اُن ڏينهن کانوئي دريوڌن پانڊون جا برا حال ڪيا، ڪين جوا ڪرائي تيرهن ورهيه بنواس ڏنو. ان بابت وستار سان ڪتا مهاڀارت ۾ لکيل آهي."

شري شڪديوجي چوڻ لڳو ته هي راجا پريکشت! جنهن ڏينهن کان راجا شالو ڪندنپور ۾ وڃي شيام ۽ ٻلرام کان هارائي پٺتي آيو هو، اُن ڏينهن کانوئي هن اها پرتگيا ڪئي هئي ته "جيڪڏهن مان يادون جو پڄ سنسار ۾ ڏاٺت ڇڏيان ته پاڻکي ڪيتري نه چوايان." راجا ششپال جي مرڻ جو ٻڌي شالو کي ڏپ ٿيو ته يادو ڏاڍا زبردست ٿا ڏسجن، سو انهنکي ٻنهن ڪنهن ديوتا جي ورڏان پائڻ جي جيتڻ ڏاڍو مشڪل آهي. اهڙو ويچار ڪري هو سچي من سان شري مهاديو جو ڌيان ڪرڻ لڳو. پولانات تڏهن مٺس پرسن ٿي ڪيس ور گهرڻ لاءِ چيو. شالو هٿ جوڙي وينتي ڪرڻ لڳو ته "مها پربو! موڪي هڪڙو اهڙو وماڻ ڏيو جو آڪاش ۾ اڏامي ۽ جنهنکي ڏسي يادو ڊڄي وڃن. وري اُن وماڻ کي ڪنهن به دئيت يا ديوتا جو هٿيار لڳي نه سگهي." شري مهاديو تڏهن ميه دانو کي گهرائي چيو ته "هڪڙو اهڙو وماڻ تمام وڏو ۽ ڪشادو راجا شالو واسطي ٺاهه، جنهنتي ڪوبه هٿيار اثر نه ڪري سگهي ۽ جتي هنجي اڇا پوي اُتي وڃي وڃي سگهي." مهاديو جي آگيا موجب ميه دانو يڪدم پنهنجي مايا سان هڪڙو وڏو وماڻ ٺاهي تيار ڪيو، جنهن ۾ راجا شالو پنهنجن بهادر جوڌن سان هٿيارن سميت چڙهي دوارڪا ڏانهن روانو ٿيو. اُنهن

اوپرت سنان لاءِ گنگا جيءَ تي ويو، جتي سڀ واڪايون ڏيئي چوڻ
لڳس تہ "مہاراج! وڏا ڀاڳن وارا آهيو جو هڙو يگيہ پورو ڪيو."

ٻاڏو هستناپور جي شوڀا ڏسي چوڻ لڳا تہ "هيلتاءِ اسان ائين
ٿي سمجهيو تہ دوارڪا پوريءَ جهڙو ٻيو سندر شهر سنسار ۾ ڪونہ
هوندو، پر هيئنر سمجهون ٿا تہ هستناپور کان جوءِ گوءِ ڪٿي نہ ويندي."
جڏهن يڌشٽر سنان بعد سڀني براهمڻن ۽ ڀيکارين کي دان ڏيئي رخصت
ڏني، تڏهن اهڙي سخاوت ڏسي هرڪو راجا يڌشٽر جي واکاڻ
ڪرڻ لڳو، پر درجوڌن کي اها وڏائي نہ وڻي. ٻاقي جو سڀ راجا
يڌشٽر جي ٻاجهون ڏنڊوت ڪرڻ لڳا، تنهن تہ هيڪاري درجوڌن
جي اندر ۾ حسد جي باهہ ٻاري.

شام سندر ڀڳوان پڻ راڻين کي ڪٺي ۽ دروپديءَ جي سوا
ڪرڻ لاءِ چڱي طرح سمجهائي ڇڏيو هو. جڏهن يڌشٽر ڀڳوانجي محل
۾ آيو، جو ميہ دانو ڪس لاءِ ڏنو هو، تڏهن ابسرائن ۽ گندرون
ديولوڪ کان اچي اتي ناچ گانو شروع ڪيو. اُنوقت راجا يڌشٽر
جي اهڙي شوڀا ٿي معلوم ٿي جو ڄڻ اندر امراوتيءَ ۾ اندر آسڻ تي
ويٺو آهي. يڌشٽر جي ايترقدر وڏائي ٿيندي بہ هڪڙي ذرو ايمان نہ
ٿيو، پر هو ائين ٿي سمجهڻ لڳو تہ هي سڀ پرتاب شام سندر جو آهي.
جنهنوقت راجا يڌشٽر ڀڳوانجي راج سڀا ۾ ابسرائن جو ناچ ويٺي ڏٺو،
اُنهيءَ درجوڌن ڏاڍي ايمان سان ڪيترا آدمي ساڻ ولي اُها
ميہ دانو واري ناٿل سڀا (محل) ڏسڻ آيو. هن شتان جي اهڙي تہ
رچنا ڪئي هئي جو هنہ اهڙيءَ چترائيءَ سان ٺاهي جو جوهر ٿهل هوا جن
۾ پاڻي پڻ معلوم ٿيو. وري ڪٿي هنڌ پاڻيءَ سان ڀريل حوض جڻ سڪل
ٿي نظر آيا. جڏهن درجوڌن اڳتي سڪل هنڌ کي پاڻي ڀانئي سمجهي
ڀڳوانجي ڌوتي مٿي کنئيس تہ ۽ ٿي هنڌ سڪل زمين سمجهي اُتان
هلڻ ڪري ڪپڙن سوڌو پاڻيءَ ۾ ٿي، تڏهن رڪمڻي، دروپدي ۽
ٻيون استريون کلڻ لڳيون ۽ ڀيمسين بہ ٺوڪ ڏيئي درجوڌن جي حسد
جي باهہ ۾ وڌيڪ گيہ وجهڻ لڳو. راجا يڌشٽر ڀيمسين کي ائين ڪرڻ
کان منع ڪئي، پر تڏهن بہ ڀيمسين جي کل بند نہ ٿي. درجوڌن اُن

وڏائي نہ وٽي ۽ هو حسد ۾ جلندو ڪروڌ ڪندو گھر ڏي موٽيو."

راجا پريڪشت ايتري ڪٿا ٻڌي پڇڻ لڳو تہ "هي شڪديو جي مهاراڄ! جتي سڀ راجائون اھڙي يگيہ ڪري پرسن ٿيا هوا، اُتي دريوڌن جي هنديت هلت ڪٿي ۽ اُن يگيہ جو ڪم ڪٿن هرڪنهنکي مليو هو؟" شڪديو جي وراڻي ڏني تہ "هي راجا! تون ڌنيہ آهين جو ڀڳوان جي ڪٿائن ٻڌڻ مان تون ڌاپين ئي ڪين ٿو. هاڻي ٻڌ اهو احوال هنديت آهي جو ارجن ۽ سندس ٻين ڀائرن راجا يڌشٽر جي آگيا خوشيءَ سان مڃي ٿي ۽ ڪنهن بہ ڪم ڪرڻ ۾ شرم نٿي ڪيو. ڪم راجائن کي وراهي ڏنل هو. جئن تہ ڀيمسين تي ڀوڄن ڪارائڻ جو ڪم ڏنل هو. خزانو وغيره راجا دريوڌن جي حوالي ڪيل هو ۽ خرچ ڪرڻ جو ڪم ڪرڻ تي رکيو ويو هو. آيلن راجائن جو آدرڀاءُ ڪرڻ ارجن تي رکيل هو ۽ سڀا کي سينگارڻ ودرتي ڪم رکيل هو. ديوتائن، رشين ۽ براهمڻن جو ستڪار ۽ سيوا ڪرڻ سهديو تي رکيل هو ۽ سامان گڏ ڪرڻ جو ڪم نڪل تي رکيو ويو هو. ۽ براهمڻن جا پير ڌوئڻ اهو شريڪرشڻ پاڻ ڪرڻ قبول ڪيو. دروپديءَ رڪمڻيءَ ۽ ٻين، آيلن جو ستڪار ڏاڍي پريم سان ڪيو ٿي. اهڙيءَ طرح شريڪرشڻ جي آگيا موجب راجا يڌشٽر يگيہ جو ڪم جن جن راجائن کي سونپي ڏنو هو، تن سڀني ڏاڍي پريم سان پورو ڪيو ٿي. فقط دريوڌن ئي هڪڙو هو، جنهن ڪپت ڪري رپئي جي هند ڏهہ رپيا تي ڏنا، اِنلاءِ تہ رپيا خلاص ٿي وڃن ۽ راجا يڌشٽر جي گلا ٿئي. پر ڀڳوان جي ڪرپا سان دريوڌن جي اِها منشا پوري ڪين ٿي، اُلٽندو يڌشٽر جي ڪيرتي ۽ جس وڌڻ لڳو، سبب تہ دريوڌن جي هٿ ۾ چڪريڪا ڌڻ ڪري اهڙو تہ پرڀاءُ هو جو جيڪڏهن هو هڪڙو رپيو خرچ ڪري تہ ڏهہ رپيا پيا پاڻهي پيا اچن. اهوئي سبب هو جنهنڪري، انترياميءَ هنکي خزاني جو مالڪ ڪيو هو، پر دريوڌن کي اُن چڪريڪا جي مهما جي سڌ ڪانہ هئي. هي راجا پريڪشت! جڏهن يگيہ چڱيءَ طرح ۽ ڏاڍيءَ ناموس سان سماپت ٿيو، تڏهن يڌشٽر بيشمار ڌن براهمڻن کي سندن اِڇا موجب ڏيئي راضي ڪيو. پوءِ دروپديءَ سان گڏ جي سڀني کي پاڻسان ولي



GITA PRESS, GORAKHPUR.

ششپال جو شريڪرشڻ ھٿان سدرشن چڪر ڪري سر ڪٽجڻ (صفحو ۳۸۴)

بدلفظ ڳالهائڻ کان ٻي منع ڪري، جو جو اوهين ڏسندا ته ڪو سگهوئي
اوهانجي روبرو مارجي ويندو."

جڏهن وئڪنٺ ناٿ جي منع ڪرڻ تي بہ ششپال ڪين نہ
مڙيو ۽ ششپال بڪواس بدلفظ شريڪرشڻ کي چوڻ ۽ نندا ڪري ئي
گهڻو وڌ ڳالهايو، تڏهن ڀڳوان سندر پنهنجي سدرشن چڪر سان
ششپال جو سر وڍي ڇڏيو. مرڻ وقت سندس وات مان هڪڙي
جوت نڪتي، جا پورياءِ آڪاش ۾ وڃي وري موٽي اچي شريڪرشڻ
۾ سمائجي ويئي. اهڙو حيرت ڏسي ديوتائون شريڪرشڻ تي گل
وسائڻ لڳا، رشي مني ستوتي ڪرڻ لڳا ۽ ٻيا راجائون ششپال
جهڙي آدمي جي مڪتي ڏسي عجب ۾ پيا."

اهڙي ڪٿا ٻڌي راجا پريڪشت چوڻ لڳو ته "هي مهاراج! ششپال
جي اهڙن ڪفر وچن چوڻ تي بہ نرڪ جي بدران شريڪرشڻ کيس
مڪتي جو ڏني ۽ برابر بڪواس بدلفظ ٻڌڻ کان پوءِ مارڻ جو
ڪهڙو سبب هو؟" شڪديو جي وراڻي ڏني ته "هي راجا! اهو حال
هن ريت آهي جو جيءُ وجيءُ، سنڪادڪن جي سراپ ملڻ ڪري ٽي
دفعا سنسار ۾ جنم ورتو ۽ ٽنهي دفعا ڀڳوان سان دشمني ڪري انهن مڪتي
پاتي. پهرئين دفعي انهن هرڻيه (جيءُ وجيءُ) هرڻاڪشيپ ۽ هرڻاڪش
ٿي ديوتائن کي ڏک ڏنا، تڏهن ڀڳوان وراهه ۽ نرسنگهه اوتار وٺي
انهن کي ماريو. ٻئي دفعي جڏهن راوڻ ۽ ڪنڀڪرڻ ٿي گئو براهمڻ
کي ڏک ڏيڻ لڳا، تڏهن وئڪنٺ ناٿ، شري رامچندر جو اوتار وٺي
انهن کي ماريو. ٽيون ڀيرو ٽئين جنم ۾ ششپال ۽ دنت وڪر روپ
وٺي، شريڪرشڻ کي پنهنجو دشمن ڄاڻي رات ڏينهن اُنسان دشمني
ڪندا آيا آهن. ڀڳوان ڪين سراپ جي مدت پوري ٿيڻ تي
سدرشن چڪر سان سر ڪاٽي مڪتي ڏني."

هي راجا پريڪشت! راجا يڌشٽر جو يگيه جڏهن تمام چڱي طرح
سان پورو ٿيو، تڏهن هن ڪوئيان راجائن کي سندن لياقت آهر
تحفا وغيره ڏئي رخصت ڏني ۽ هر ڪو خوش ٿيندو يگيه جي سارا ه
ڪندو اچي پنهنجي گهر پهتو. رڳو دريوڌن کي راجا يڌشٽر جي اها

ڪريو جنهن يگيه جو پرساد ڪنهن ڪانوَ کي ڏنو آهي. اوهانکي
خبر ڪانهي ته هن ڳنوار هميشه ڳانيون چاريون آهن ۽ پراين استرين
سان ڇيڙڇاڙ ڪئي آهي. اڄ تائين اهڙا ڪنهنکي سڌ ڪانهي ته هو
وسديو يادوَ جو پٽ آهي يا نند گوپ جو؟ ٻڌايو ته پوءِ هنکي ڪهڙي
ورڻ ۾ ڪوٺيو وڃي؟ عجب ڇنبو! جنهن ماڻهوءَ جي ماتا جي خبر نه
آهي، تنهنکي پرميشور جي پدوي ڏيئي رهيا آهيو. اڙي! اهو ڪرشڻ
اُهو آهي جنهن اندر جي پوڄا ڇڏائي، گووردن پهاڙ جي پوڄا ڪرائي
هئي. سواءِ کير ۽ ڏهي چورائڻ جي ۽ آڌرمي ڪم ڪرڻ کانسواءِ
هناجو ڪو هڪڙو ڪم ته ڄڻو ٻڌايو؟ خبر ڪانهيئو ته هو پنهنجي
دشمن جي ڊپ کان ڀڄي، پنهنجي جنم ڀومي ڇڏي وڃي، سمنڊ جي
وچ لڪي ويٺو آهي؟ اهو ئي آهي جنهن ٻندراٻن ۾ گوپين جا ڪپڙا
چورايا هوا. ٿورا ڏينهن ٿيندا جو هن چاڙهوورتو آهي، نه ته ڪيس
سڃاڻندو ئي ڪير هو؟ ايترين ڳالهين هوندي به خبر نه آهي ته اوهين
جو پاڻ هناجي پوڄا ڪرڻ واسطي سنڀريا آهيو؟ آءٌ قسم کڻي ٿو
چوان ته مونکي ڪا پاڻ پوڄائڻ جي مرضي ڪانهي، پر جا ڳالهه سچي
آهي سا چئي ڏني اٿمانوَ. اڙي! ڄڻي ويدوياس، نارد منيءَ ۽ پاراشر
جهڙا وڏا وڏا رشي هجن ۽ برهما، مهاديو ۽ اندر جهڙا وڏا ديوتا ۽
ويٺا هجن، اتي هن ڪرشڻ جي پوڄا ڪرڻ اهڙي آهي، جهڙي هوم
جي سامگري ڪتي کي ڏيڻ."

جڏهن ڪيترا بد لفظ ششپال شري ڪرشڻ کي چوڻ لڳو، تڏهن
ڪيترا مهاتمائون، رشي ۽ گياني ته اُٿي هليا ويا، پر ڀيمسين، درروڻاچاريه
۽ ارجن ڪروڌ ڪري ششپال کي چوڻ لڳا ته "آڙي مورکه اڀماني!
توکي لڄه نٿي اچي جو اسانجي روبرو وشڪنٺ ناٿ جي نندا ڪري
رهيو آهين. هاڻي بس ڪر، نه ته سر ڌڙ کان جدا ٿيو رکيو هوندءِ."
ايترو چوندي ڀيمسين يڪدم ششپال کي مارڻ لاءِ ڊوڙيو ۽ ششپال به
سندس سامهون ٿيڻ لڳو؛ جنهنڪري سڀا ۾ ويڙهه سبب ڊڄي ويا؛
شريڪرشڻ آنهل سنگاسڻ تان لهي ڀيمسين ۽ ٻين کي سمجهائي چوڻ
لڳو ته "اوهان مان ڪو به ششپال تي هٿيار نه هلائي ۽ نه ته ڪو ڪيس

آهي؟ جو جڳت جا نت ڀرتويءَ جي ڀار لاهڻ ۽ ادرمن کي ناس ڪرڻ
لاءِ ڀڳونجي اجاسان اوتار وٺي آيو آهي، تنهنڪري انکي ئي
اگهي روپ ۽ يگيه ارش سمجهڻ گهرجي. جنهن وڻ جي پاڙ کي پاڻي
ڏيڻ ڪري ٽارين ۽ پنن کي ازخود پاڻي پهچي وڃي ٿو ۽ ساوا رهن
ٿا، تيئن شريڪرشڻ جي پوڄا ڪرڻ ڪري سڀ ديوتائون ترپت ٿين
ٿا. خود شري گنگا جي ۾، جا سندس چرڻن مان نڪتي آهي ۽ ٽنهي
لوڪن کي تاري ٿي. انلاءِ مديحي ئي سمرڻ ۽ ڌيان ڪرڻ سان
سيني پاپن کان ڇوٽڪارو ملي ٿو. پوءِ جڏهن هي اُهو پاڻ ساڪات
پراجمان آهي، تڏهن ٻئي ڪنهنجي پوڄا لئي سگهندي؟"

سهديو جي اها ڳالهه ٻڌي شري ڪرشڻ کيس اشاري سان منع
ڪرڻ لڳو ته وڌيڪ نه چئو، پر اُتي جيڪي به ويٺا هوا سي سڀ
سهديو جي وڏائي ڪري چوڻ لڳا ته "واهه جي ڳالهه ڪئي اٿئي،
اسين سڀ توسان شامل راءِ آهيون." راجا يڌشٽر ڀڳونجي اجا
موجب سيني جي راءِ ٻڌي شري ڪرشڻ کي سنگاسڻ تي ويهاري
چرڻ ڌوئي چرڻامرت ورتو. پوءِ وئڪنٺ ناٿ کي پيتامبر پهرائي
ڪيسر ۽ چندن جو تلڪ ڏنئي. گهڻي ۾ ڇيتو و ڌوپ ميرن جواهرن،
جي مالا گلي ۾ وجهي وڏيءَ سان پوڄا ڪئي ۽ چوڻ لڳو ته "هي
ديناناٿ! اوهانکي ٽنهي لوڪن جي مالڪ هئڻ سبب ڪا به شيءِ
پيتا ڏيڻ ڪهڙي ڳالهه آهي، پر رڳو سماري وهنوار ڪري
ائين ڪجهي ٿو." اُن وقت جو آنند ڏسي سڀ اُتي ويٺل ڏاڍا
گد گد ٿيڻ لڳا ۽ ڀڳوان جي ستوته ڪرڻ لڳا."

اِتري ڪٿا ٻڌائي شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته "هي راجا
پريڪشت! اُن سڀ ڪارروائي ڏسڻ ڪري جيا ته سڀ خوش ٿيڻ
لڳا، پر ششپال، جنهنکي اها ڳالهه نه وڻي ۽ جو ڀڳونجو موت
پهچو آيل سمجهي، ڪدم اُتي ٻيهو ۽ ڪروڌ وچان سڀا ۾ چوڻ
لڳو ته "هي راجا يڌشٽر! ۽ اوهين ڏرتراشتر، ڀيشم پتامهه، درونڪن ۽
پيا! ڪٿ گياني ۽ ڌرماتما ٿي سمجهو ٿا ته جو ڇوڪري جو ڪرشي
جو ... ڪرشڻ جي پوڄا ڪرڻ قبولي اٿوءِ. اهو ٻه اهڙو ڪم

قبول ڪئي ۽ تنهنڪري آءٌ پاڻ جهڙو ڀاڳوان ٻئي ڪنهنکي نٿو
سمجهان. اوهان ڪرپا ڪري پنهنجن چرڻن سان منهنجو گهر
اڄ پوتر ڪيو، جن چرڻن مان شري گنگا جي نڪري ٽنهي
لوڪن کي پوتر ڪري رهي آهي. سنساري آدمي ڏن ۽
راڄ هئڻ سبب ڪنهنکي به پاڻ جهڙو نٿا ليکين، پر اوهين ٽنهي
لوڪن جا ناٿ ٿي به ايتري نمرتا رکو ٿا جو منهنجي خسيس ڪم
ڪرڻ ۾ به آنا ڪاني نٿا ڪريو." ڪنتي جراسنڌ جي مرڻ جو
پڌي چوڻ لڳي ته "هي شيام سندر! هاڻي اوهانجي ڪرپا سان
راجسوي يگيه چڱيءَ طرح پورو ٿيندو." اهو پڌي ڀيمسين کلي چوڻ لڳو
ته "هي ماتا! تون ناحق شيام سندر جي ڪوڙي وڏائي ڪري رهي
آهين. جراسنڌ کي ماريو مون جو ويهن ڏينهن جي سنگرام ڪانپوءِ
هنجو انت آندم." شيام سندر چوڻ لڳو ته "هي ماتا! ڀيمسين سچ
ٿو چوي، مون ته رڳو کيس اشارو ڏنو ته جراسنڌ کي ڪئن ماري."
اهو پڌي يڌشٽر ۽ ٻيا ويٺل ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳا.

جڏهن يگيه رچنا جو سانباهو ٿيو، تڏهن بيشمار راجائون پيڙهون
ڪٺي هستناپور ۾ آيا ۽ راجا يڌشٽر انهنکي ڏاڍي آدرڀاءُ سان سندن
لياقت سارو پاٺوت رهايو. نڪل کي ڀيشم پتامه ۽ دريوڌن ۽ ٻين
ڪورون کي پاٺوت گهرائڻ لاءِ موڪليو. ٻيا به ڪيترائي رشي مني،
گندرو، ڪنر، يڪش ۽ لوڪپال اُن يگيه ۾ نينڊ ڏيئي گهرايا ويا.
راجا يڌشٽر اُنهن سڀني آيلن جي وڏي سان پوڄا ڪئي. شيام سندر
يگيه جو هرڪو ڪم راجائن کي ورهائي ڏنو. يڌشٽر دروپديءَ سان
پاوپلي پڌي يگيه شالا ۾ آيو ۽ آگني ڪنڊ ۾ آهوتي وجهڻ لڳو. يگيه
جي اهڙي شوڀا ڏسي سڀ راجائون عجب کائڻ لڳا.

جڏهن يگيه نروگهن سماپت ٿيو، تڏهن يڌشٽر ڀيشم پتامه ۽ ٻيا
راجائون جي اُتي آيا هوا، تنکان پڇڻ لڳو ته مونکي صلاح ڏيو ته هن
يگيه ۾ پهريائين پوڄا ڪنهنجي ڪجي؟ اها ڳالهه پڌي جراسنڌ جو
پٽ سهديو اُٿي چوڻ لڳو ته "هي مهاراڄ! اوهين ڄاڻي پڇو ٿا؟ اهو
سوال ڇو ٿا ڪريو؟ شري ڪرشڻ کانسواءِ ٻيو ڪير پوڄڻ جوڳو

ته اُهي مڪت ٿي ويا. جڏهن سوسراڻو کي ٻنهي ٻل ۽ هزارين
هٿن جو اَپمان ٿيو، تڏهن پرشرام سندس اُهي سڀ ٻانهون ڪاٽي
سان وڍي ڪيس ماري ڇڏيو. پوماسر، ٻاڻاسر ۽ ڪنس وغيره ان
اَپمان جي ڪري پرائي حراب خوار ٿيا. انهيءَ اوهين ڏک سک کي
سمان سمجهي، منهنجو سمرڻ ۽ ڌيان ڪندا رهندا ته ڪڏهن به
ملاڪر نه ٿيندا. جيڪو مون ۾ چت ڌري ٿو ته مان به سدائين اُتي
رهان ٿو. سچو جنم ٻاب ڪري وري به جيڪڏهن ڪو اچي منهنجي
شرڻ وٺي ٿو ته اُنکي ڏاڍيءَ پريت سان پالوت رهايان ٿو."

اِيترو ٻڌي راجائون ونتي ڪري چوڻ لڳا ته "هي ڪرپا ساگر!
تڏهن اسانکي ٻنهنجي جپ ۽ پوڄا جو رستو ٻڌايو، جنهن ڪري
اوهان جو سمرڻ ۽ ڌيان ڪري ڀوساگر لنگهي پار پئون." ڀڳوان
ورندي ڏني ته "شاسترن جو چوڻ آهي ته مونکي هڪ گهڙي به نه
وساري منهنجي ڪٿا ٻڌندا رهو. سنساري وهنوار کي سپني وانگر
سمجهو. خوب دوم ڌرن ۽ يگ ڪري برهمڻن ۽ مهاتمائن جي سيوا
ڪريو. رعيت جي ٻچن وانگر پالنا ڪريو ۽ ڪوڙ ڪڏهن نه ڳالهايو.
ڪام ڪروڌ لوڀ موهه کي وس ۾ رکو ۽ ٻڇڙي ڪم کان پاسو
ڪريو. بس! جيڪڏهن ائين ڪندو ته اوهانکي ڪنهن به قسم جو
ڏک نه ٿيندو ۽ انت سمي وڪنٺ ڌام ملندو. هاڻي اوهين ٻنهنجي
گهر وڃي سگهو ٿا. راجا ٻڌشٽر راجسوءِ يگ ڪرڻ وارو آهي ۽ هن
اُتي اچڻ جي نمنڊ موڪلي آهي، سو اوهين سڀيئي ضرور اچجو."


آگيا موجب سڀ راجائون شيام سندر جو جس ڳائيندا، ٻنهنجي
ٻنهنجي ملڪ روانا ٿيا ۽ شيام سندر، ڀيم ارجن سميت سهدو کي
پالڻ ولي مستنابور آيو، جتي راجا ٻڌشٽر کين ڏسي خوشيءَ ۾
ٻرجي ڏاڍيءَ عزت سان ٻنهنجي گهر وٺي ويو. پوءِ جراسند جي مارڻ
جو احوال ٻڌي ٻڌشٽر جي خوشيءَ جو پار نه رهيو."

شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته "هي راجا پريکشت! راجا ٻڌشٽر
تڏهن هٿ جوڙي شريڪرشن جي ستوتي ڪري چوڻ لڳو ته "هي
دين ديال! اوهان منهنجي واسطي برهمڻ روپ ڌاري هڪ گهوڙڻ

گهٽو براهمڻ ۽ پرجا جي پالنا ڪندو رهجو ۽ راجائون جي پٽهي قيد ۾ رکيا هوا تن جا بند خلاص ڪر ته هو پنهنجي ديس وڃي راڄ ڪن."

انهيءَ ڪانپوءِ شريڪرشڻ سهديو کي وٺي جت سڀ راجائون قيد هوا اُتي آيو ۽ ڇا ڏسي ته هڪڙي وڏي قلعي ۾ سڀ راجائون قيد آهن ۽ ڏاڍا ڏکي آهن. شيام سندر جي آگيا موجب سڀ راجائون قلعي کان ٻاهر ڪڍيا ويا ۽ هو سڀ هري چرڻن تي ڪِري پيا. پوءِ ڏاڍي پريم مان هٿ جوڙي وينتي ڪرڻ لڳا ته "هي ديناناٿ دياجا ساگر! تو اسان تي ڏاڍي ڪرپا ڪئي جو هت اچي اسانکي ڇوٽڪارو ڏنو، نه ته اسانجو ڇٽڻ ڏاڍو مشڪل هو. اسان هن قيد ۾ ڏاڍا ڏک سٺا آهن، پر هينئر اوهانجي درشن ڪري اُهي سڀ دور ٿي ويا." بند راڄن بهاريءَ جي آگيا موجب سهديو اُنهنجون هٿڪڙيون ۽ زنجير ڀڃائي، کين سنان ڪرائي ڪپڙا پهرائي هٿيار پڌائي شريڪرشڻ وٽ آندو. اُن مهل دوارڪاناٿ جو چترڀج روپ ڏسي هو سڀ راجائون گڏ گڏ ٿيڻ لڳا ته "هي پريو! اوهين ڏنير آهيو. اوهين جيڪڏهن چاهيو ها ته دوارڪا ۾ ويٺي ئي جراسنڌ کي ماري اسانکي ڇڏائي سگهو ها، پر هيءَ خاص ڪرپا ڪيو جو اسانکي درشن ڏيڻ ڪرتارٿ ڪيو، جو درشن وڏن رشين منين کي سؤن ورهين تپسيا ڪرڻ سان به مشڪل ملي ٿو. اسانجو من هينئر راڄ ڪرڻ نٿو چاهي، انلاءِ اِجا آتئون ته آتئي پهر اوهانجي نالي جو سمرڻ ۽ چرڻن جو ڏيان ڪندا رهون، جنهنڪري سنساري مايا موهه روپي اُنڌاري کوهه مان نڪري ڀوساگر پار لنگهي وڃون. جراسنڌ اسانکي ڀلي قيد ڪيو، جنهنڪري جپ تپ کان به وڌيڪ ڦل ملي اوهانجو ساڪيات درشن ٿيوسون."

راجائن جي اهڙي شتوتي پڌي شريڪرشڻ جوڻ لڳو ته "ڀائي! آيمان ڪندڙ جو هميشه هڙو حال ٿئيٿو. جيڪو ڪام ڪرود وغيره کي پنهنجي وس ٿو رکي ۽ ڀڇڙو ڪرم نٿو ڪري، تنهنکي گهر ۽ جهنگل هڪ سمان آهن. ڏسو اُن اُيمان راجا نهوش، وين ۽ راوڻ جهڙن جو ڪهڙو خراب حال ڪيو. پر جن آهنڪار ڇڏي پنهنجي شرڻ ورتي، جهڙو ڪ ويشڻ، هنومان، آنبريش ۽ پرهلاد وغيره



نون يوگيشورن جو راجا جنڪ جي درٻار ۾ اچڻ (صفحه ۴۳۴)

تڏهن ٻئي گڏجي راڄ مندر ڏانهن موٽي آيا. رات جو ڀوڄن وٺي سمهي پيا ۽ صبح جو وري به اُتي اچي وانگر يڌ ڪرڻ لڳا. جڏهن اٺريت وڙهندي ڪس جو پورو ڏينهن لنگهي ويا ۽ سب تراراهون ۽ پيا ٿڪيا رهجي پيا تڏهن هاڻ به ڪشتي ڪرڻ لڳا ۽ جراسنڌ ٿڪڙي مڪ اٿڙي ته ڀيمسين جي ڄاڻي پر منٿين، جنهنڪري هو وياڪل ٿي رات جو شري ڪرشن کي چوڻ لڳو ته "مهاراڄ! مون ڏاڍو ٿڪاوان آهي ۽ مون سان اهڙي ڪجهه به نه ڪندا ته مان هاڻي ويندس، ماڻي اما ٻاهر اولهجي ڌن ۾ آهي."

ڀيمسين جا ايترا لفظ ٻڌي جڏهن ٿي دوارڪاناٿ پنهنجو منڊ سڌو سڌاڻي ٿي گهمايو، تنهن مهنجو سب سور لٿي ويو ۽ ڀيمسين کي ڄاڻي سان لڳائي پنهنجو ڪجهه ٻل ڏيئي سمجهائڻ لڳو ته "وڙهڻ وقت تون منهنجو اشارو سمجهي جراسنڌ کي مارج." ٻئي ڏينهن جڏهن ٻئي شوروير هاڻ ۾ وڙهڻ لڳا، تڏهن شري ڪرشن ڀيمسين کي ڪڙو ڪکر ڏيکاري جهري ٻه اڌ ڪري وڌو. اهو ڀيد سمجهي شيام سندر جي ٻل هاڻڻ ڪري جراسنڌ کي ڪٽي زمين تي اڇاڙيا ۽ ٻه ٽڪڙا ڄنگهه تي پير رکي ٻي ڄنگهه مٿي ڪڍي جهري وڌاءِ. جراسنڌ جو بدن جو وچ گهڻيل جو سو ٻه اڌ ٿي پيو ۽ هو مري ويو. جراسنڌ جي مرڻ ڪري ديوتائن خوش ٿي ڀيمسين ۽ اس لسي آڪاش مان گل وسايا ۽ "جئي جئي" جا شبد چوڻ لڳا. شيام سندر ۽ ارجن پير جي هاٿن تي زور ڏيئي سندس واکاڻ ڪرڻ لڳا.

جڏهن جراسنڌ جي مرڻ جي خبر شهر ۾ پهتي، تڏهن سندس راڻي روئندي پٽيندي شيام سندر وٽ آئي ۽ ڏورابو ڏيئي چوڻ لڳيس ته "واه مهاراڄ! جڪو اولڪي سر ڏيئي سنو تنهنکي مارڻ ۾ ڪيس ڪتا. مي ٻه راجا ٻلي جهڙو قصو ڪيو." سريڪرشن تڏهن راڻي کي ڏيرج ڏيئي ڀعلاب ڏانهن واپس موڪليو ۽ جراسنڌ جو پٽ سهديو شري ڪرشن کي پرمسور جاڻي سندس سرڻ آيو، جنهنڪري دوارڪاناٿ جراسنڌ جي ڪرياڪرم ڪرڻ بعد سهديو کي راڄ گاديءَ تي ويهاري پنهنجي مٽ سان تاڪ ڏيئي چيو ته "مي پترا! تون ڌرم سان راڄ ڪري

جو راڄ ڪيس مليو ۽ اڄتائين سندس ڪيرتي ڳائبي اچي. ان ڏسوان شرير کي سانڍڻ ڪري ڪا وڏائي پراپت ڪا نه ٿيندي، پراپڪار ڪرڻ ڪري جس مليٺو. اهڙو ويچار ڪري جراسنڌ شيام سندر کي چوڻ لڳو ته ”هي دوڄ راڄ! پهرياءِ ته اوهين ٻڌان ڪنهن ڇل ڪپٽ جي پنهنجو نالو ٻڌايو، تنهن کانپوءِ جيڪا شيءِ گهرجيو سا گهرو ته پوءِ اها مان پنهنجن پراڻن ڏيڻ کان به نه گسندس.“ شريڪرشڻ چوڻ لڳو ته ”هي راجا! جي تون سچ پچ ائين ڪرڻ چاهين ٿو ته مان ياڌون مان شريڪرشڻ چندر نالي آهيان ۽ هي ٻئي ڀيمسين ۽ ارجن منهنجي ڦڦيءَ جا پٽ آهن. منهنجي ۽ تنهنجي اڳ به ٽڪرا ٻاهر ملاقات ٿي آهي، تنهنڪري ڀانيان ٿو ته مونکي سڃاڻندو هوندين. اسين تو وٽ ڀکيا پنڻ ڪو نه آيا آهيون، پر يڌ ڪرڻ لاءِ آيا آهيون ۽ اميد نه اٿئون. تنهن مان ڪنهن هڪ سان وڙهڻ قبوليندين. بس! اهوئي دان گهرڻ آيا آهيون.“

شريڪرشڻ جا اهڙا وچن ٻڌي جراسنڌ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته ”توکي به يادگيري هوندي جو هڪدفعه مونکان هارائي ڀڄي ويو آهين ۽ ڊپ کان دوارڪا وسائي وڃي ويٺو آهين، تنهنڪري تو ڀاڄوڪڙ سان وڙهندي مونکي ته شرم ٿو اچي. ارجن مونکان عمر ۾ ننڍو آهي ۽ وري هڪ سال ڪليو (کدڙو) ٿي وراٽ راجا وٽ رهيو هو سو ان سان ڇا وڙهبو. هان! باقي ڀيمسين مون جهڙو آهي تنهن سان بلاشڪ وڙهندس، پر انهن سڀني ڳالهين کان پهرين مون وٽ يوڄن ونو ۽ پوءِ بلاشڪ ڌرم يڌ ڪبي.“

يوڄن وٺي رهڻ بعد جراسنڌ ٻه تراريون گهرائي هڪڙي پاڻ کنئي ۽ ٻي ڀيمسين کي ڏني، پوءِ شهر کان ٻاهر وڃي اکاڙي ۾ بيٺا. اتي جراسنڌ چوڻ لڳو ته ”هي ڀيمسين! منهنجي گهر براهمڻ روپ سان آيو هئين ۽ تنهنڪري پهرياءِ ترار تون هلاءِ.“ ڀيمسين وراڻي ڏنيس ته ”ڀائي! ڌرم يڌ ۾ گهڻين جي ڳالهه ٿيائي وڃڻ واجب ڪينهي، تڏهن تون پهرين سو ترار هلائي.“ پوءِ ته ٻنهي جي يڌ شروع ٿي هت ته جنهن کي وٺي سو ترار هلائي ۽ وڙهندي وڙهندي شام ٿي ويئي. جڏهن ڪنهن به نه هاريو،

براهمڻن کي ڀڳوان وليءَ اندر وٺي ويو ۽ ڪين ڏاڍي آدر ڀاءُ سان سنگاسڻ
تي ويهاري چوڻ لڳو ته "هي مهاراج! جڏهن ڪرپا ڪري هت اچي
اوهان منهنجو گهر پوتر ڪيو آهي، تڏهن مون ٻڌو ولو ته اوهانجا
چرڻ ڌوئي پنهنجو پرلوڪ سڌاريان." جراسنڌ جا اهي وچن ٻڌي
شيام سندر چوڻ لڳس ته "هي راجا! اسين تنهنجو ناءُ ٻڌي تمام
پريڪان هت آيا آهيون، سو جنهن آس سان آيا آهيون اها اسانجي
پوري ڪريو. جو جو شوروير کي پنهنجي سر ۽ دانين کي پنهنجي
پراڻ ڏيڻ ۾ ڪا به آناڪاني ڪانه ٿيندي آهي. دانين ۾ راجا
هرشچندر، راجا رنت ديو ۽ بلي راجا جون ڪٿائون لوڪان کي
ڳجهيون ڪين آهن. بلي راجا ته وڏو ڌرم ڌاري واڻس ڀڳوان کي
سڀڪجهه ڏيئي پاتال ۾ ويو ۽ ڏيڻ ۾ تيار ٿيو، جنهنجو ناءُ اڄتائين
روشن آهي. راجا شبي ڪبوتر جي عيوض پنهنجي بدن جو ماس
وڍي ڏنو هو. اُدالڪ رشي، جو جڏهن مٿي بوجهه ولندو هو،
تڏهن پاڻ نه کائي پنهنجو سمورو بوجهه مهمانن کي کارائي پاڻ وري
به بکيو رهيو. اهڙي دان ڪرڻ ڪري اُنکي ولکڻ نصيب ٿيو.
ڏڌيچ رشي پنهنجي بدن جون هڏيون اندر ۽ ٻين ديوتائن کي ڪم
آڻڻ لاءِ ڏنيون. هي راجا جراسنڌ! انهڪانسواءِ ٻيا به ڪيترائي داني
شخص ٿي گذريا آهن، جن پنهنجي پراڻن ۽ مال ملڪيت ڏيڻ ۾ ڪا به گهٽتائي
ڪانه ڪئي آهي ۽ اُنهن بابت ڪيترو ٻڌائي ڪيترو ٻڌائجن.
جڏهن اڳوڻي سمي ۾ اهڙا ڏاتار ٿي گذريا آهن، تڏهن هن وقت تون
ڏاتا ساڀاڳو آهين، سو جيڪڏهن تون اسانجي آس پوري ڪندين
ته تنهنجو جس ساري سنسار ۾ ڳائبو رهندو."

اهڙي ٻڌڻ بعد ۽ اُنهن جي مک جي ڪرانتي ڏسي، جراسنڌ کي
شڪ پيو ته هي براهمڻ نه آهن، پر ڪي راڄ ڪنور ٿا ڏسجن. انهيءَ
جي هي براهمڻ ڀيس اُتي پر ڏيڻ کان مون نه مڙيو، جهڙيءَ ريت منهنجو
ڌرم قائم رهي اچي. ڏسو راجا بليءَ کي سندس گرو شڪراچاريه
وامن ڀڳوان کي ٽي ٽيو پرٿوي ڏيڻ جي ڪيتري منع به ڪئي، پر
هن پنهنجي ڌرم قائم رکڻ لاءِ انهيءَ کي جهڙيءَ ريت لنوي اوڪين

ماڻهن کي ته به ڪرڻلاءِ تيار آهيان. آرجن ۽ ڀيا اوهان جا ڀائر اهڙا ته زبردست آهن جو ساڻن ڪنهن جي به پاڇڻ جي جاءِ ڪانهي، انلاءِ اُنهنکي حڪم ڏيو ته چوڌاري وڃي سڀني راجائن کي جيتي گهڻي دولت ڪٺي اچن ته پوءِ يگيه جو آرنڀ ڪجي." اهو ٻڌي يڌشنر پنهنجن ڀائرن کي چئني طرفن روانو ڪيو، جي ڪيتري وقت بعد سڀني طرفن جي راجائن کي جيتي بيشمار مال متاع ڪٺي آيا ۽ اچي يڌشنر کي ڏنائون. يڌشنر تڏهن شريڪرشڻ کي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته "مهاراج! هاڻي حڪم ڪريو ته ڇا ڪرڻ گهرجي؟" اهو ٻڌي اوڌو راجا يڌشنر کي چوڻ لڳو ته "مهاراج! هين سڀني ملڪن جي راجائن کي ته توهانجا ڀائر جيتي آيا، پر جيستاءِ جراسنڌ کي نه جيتيو اٿو، تيستاءِ اوهانجو يگيه نروگهن پورو ٿيڻ مشڪل آهي؛ ڇو جو هو اهڙو ته زبردست ۽ ڏسي وارو آهي جو هنکي جيتڻ ڪا سولي ڳالهه ڪانهي، خود اوهين به هنکان ڪٽي نه سگهندا. هڪ تجويز آهي جا جيڪڏهن ڪريو ته وقتي سوڀارا ٿي پوندا. اُها هيءَ آهي ته شيام سندر آرجن ۽ ڀيمسين کي ساڻسان وٺي براهمڻ جو ويس ڪري جراسنڌ وٽ وڃي. هو ڏاڍو داني آهي جنهنڪري هنجي ناموس چوطرف پکڙيل آهي ۽ هميشه من گهريو دان ڏيئيتو. ايتري قدر جو جيڪڏهن سسي گهرجيس ته اُن ڏيڻ ۾ به دير نه ڪندو. سو اُن ڪان وڃي هي تيئي ڀکيا گهرن."

اها ڳالهه ٻڌي راجا يڌشنر چنتا ۾ ٿيو جو ڏسي شيام سندر کيس چوڻ لڳو ته "اوهين ڪا به چنتا نه ڪريو. اوهين اوڌو جي چوڻ موجب ٻئي ڀائر همراهه ڏيو م ته جراسنڌ جو ڪم تمام ڪري اچان." بس! پوءِ راجا يڌشنر جي آگيا سان آرجن ۽ ڀيمسين کي ساڻ ڪري شريڪرشڻ جراسنڌ جي راجڌانيءَ ڏانهن هليو. جڏهن ڪن ڏينهن ڪانپوءِ هو جراسنڌ جي دروازي وٽ اچي پهتا تڏهن هڪڙي دربان راجا کي وڃي خبر ٻڌائي ته "مهاراج! هڪڙا ٽي تيجسوي براهمڻ توهانجي ملڻ لاءِ ٻاهر دروازي تي بيٺا آهن، حڪم ٿئي ته اندر وٺي اچان." جراسنڌ ڏاڍو خوش ٿي پاڻ دروازي وٽ آيو، تنهن

راجا پدمنر شريڪرشن وٽ هلجي سندس چرڻن تي پوڻ پانسو، تنهن
دوارڪانات اُنکي پنهنجي جاتئي سان لائي ڪيس پنهنجو وڏو جاطي
اُناجي چرڻن تي مستڪ نمايو. پوءِ پيمسين کي ۽ تنهنڪانپوءِ ارجن
نڪل ۽ سهديو سان گڏيو. اُن بعد جڪي پدا پرامڻ ۽ مکمر ماڻهو آيا
هوا تناحو پڻ يٽا پوگر آدرستڪار ڪري ڪين وڃا رپاءِ. جڏهن راجا پدمنر
ڏاڍي خوشي مان شيام سندر کي پنهنجي شهر اندر آندو، تڏهن
شهرجا سب استريون پرش شيام سندر جي درشن لاءِ پنهنجن دروازن
وٽ اچي بيٺا ۽ لنگهڻ وقت پنهنجا نمڻ لاري شام سندر ڏي پشپ
اُڇلائڻ لڳا. هاطي جڏهن مرلي منوهر محلات اندر اچي پهتو، تڏهن
ڪنتي ڏاڍي پريم سان ڪيس ڏسڻ لاءِ ۽ وڙي آئي ۽ شام سندر
سندس چرڻن تي ڪري پيو. هڏانهن شريڪرشن جون پٽ راڻيون
سيد وا ۽ رڪمڻي وغيره پڻ ڪنتي کي نمرين پيون. مطلب ته اُن
وقت جو آنند جا ورنن ڪهي! اهڙيءَ طرح شريڪرشن جي اچڻ
ڪري اندرپرست پر گهور گهور آنند ٿيڻ لڳا.

جڏهن اهڙيءَ طرح ڪيترائي مهينا شام سندر کي اُتي گذري
ويا ۽ ڪاپ پگيه جي ڳالهه ڪانه ٿي، تڏهن هڪڙي ڏينهن راجا پدمنر
سيا پر شريڪرشن کي جوڙ لڳو ته ”هي مهاراج! جن اوهانجو درشن
وڏن وڏن رشين ۽ يوگيشورن کي پڻ مشڪل ٿئي، تن ڪريا ڪري
مونکي ساڪشات درشن ڏيڻي ڪرتارٿ ڪيو آهي. هاطي مهنجي
اچا آهي ته آءٌ راجسوي يگم ڪريان، پر اوهانجي ڪريا بنان اُهو
ڪنڻ يگم پورو ٿي نه سگهندو. اوهان اڳ پڻ جئن ڪيترائي دفعا
مشڪلاتن اچڻ وقت منهنجي سهائتا ڪئي آهي تئن هينئر پڻ پنهنجي
مهر جي نظر سان منهنجو اهو سنڪلپ پورو ڪريو ته اُناجو ڦل اوهانکي
ارپڻ ڪري پوءِ اگرپار لنگهان. مونکي پڪ آهي ته اوهان جي
جڪو شرڻ آيو، تنهنجا سب منورٿ سڌ ٿيا.“
اهڙا اکرين وچن ٻڌي واسديو جوڙ لڳو ته ”هي راجا! آءٌ هرطرح
حاضر آهيان. اوهان مونکي پنهنجي پرم جي ڏورڻي پر وس ڪري
[illegible] آهي، جنهنڪري راجسوي يگم ته ڇڏيو پر پيو ڪو مشڪل ڪم

اهڙي ڪنڻ يگيه جو سنڪلپ ڪري ها . جيستائين جراسنڌ مارئيو نه ويندو تيستائين يگيه ٿيڻ ڪٺڻ آهي . جراسنڌ جي مارجي وڃڻ ڪري ٻه ڪارج سڌ ٿيندا . هڪڙو ته راجا يڌشٽر جو يگيه چڱيءَ طرح پورو ٿيندو ۽ ٻيو ته ويهه هزار آٺ سؤ راجائون قيد مان ڇٽي راجسوئه يگيه جي ڪم ڪار ۾ مددگار ٿيندا ؛ نه ته هون ۽ ايترا راجائون ڪنا ٿيڻ ڏاڍو مشڪل آهن . سو ڀلو ٿيندو اندرپرست ۾ هلي پانڊون سان ملاقات ڪريو ، پوءِ جئن مناسب ڄاڻو تئن ڪريو . جراسنڌ گئو ۽ براهمڻن جو ڀڳت اهڙو ته داني آهي جو سندس دروازي تان ڪو به سوالي خالي نه موٽيو هوندو . "

اوڌو جي اها صلاح پسند ڪري شيام سندر نارد کي چيو ته " مهاراج ! اوهين منهنجي پاران پانڊون کي وڃي چئجو ته اسين جلدئي اچڻ وارا آهيون . " پوءِ براهمڻ کي به موڪل ڏيئي چيائين ته " مهاراج ! راجائن کي وڃي ڌيرج ڏيو ۽ چئون ته آءٌ جلد اچي سندن ڇوٽڪارو ڪندس . " جڏهن اُن براهمڻ اچي سڀني راجائن کي شريڪرشڻ مهاراج جو نياپو ٻڌايو ، تڏهن هو سڀ خوش ٿي هري چرڻن جو ڌيان ڪرڻ لڳا . هيڏانهن نارد اندرپرست ۾ وڃي شريڪرشڻ جو نياپو راجا يڌشٽر کي ٻڌايو . شريڪرشڻ ، راجا اُگرسين وٽ وڃي پانڊون وٽ وڃڻ جي آگيا ورتي ۽ دوارڪا جي سنڀال واسطي ٻلرام کي اُتي ڇڏي پاڻ گهڻا شور وير ۽ يادو ولي اندرپرست ڏانهن روانو ٿيو ۽ آٺ پٽ راڻيون به ساڻس ڪنيائين . جڏهن شريڪرشڻ راجا يڌشٽر جي شهر جي ٻاهر اچي پهتو ، تڏهن اڳ ئي وڏي فوج کي ڏسي ڪنهن وڃي راجا يڌشٽر کي ٻڌايو ته " مهاراج ! اوهانتي ڪو دشمن ڪاهي آيو ٿو ڏسجي . " راجا يڌشٽر نڪل ، سوڌيو پنهنجن ڀائرن کي خبر ڪيڻ لاءِ موڪليو ، جن جلدئي اچي يڌشٽر کي شريڪرشڻ جي اچڻ جو احوال ڏنو . يڌشٽر کي اهو سماچار ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ پوءِ ڀڳوان جي اڳواڻيءَ لاءِ ڏاڍي ڌرم ۽ سک سان ارجن ، ڀيمسين ۽ ٻين ڀائرن ، ويد پاڙهيندڙ براهمڻن ۽ شهر جي مکيه آدمين سان گڏجي ڪيترين ئي ڀيٽن کڻي هليو . جئن ئي

سڀ پاڻ اوهانجي ياد گيري ڪري رهيا آهن. هن وقت هو راڄسوءِ
يگيه ڪرڻ جي اڇا ڪري رهيا آهن، پر سمجهن ٿا ته اوهانجي ڏيا
ڪانسواءِ سندن پورت پورو ٿيڻو نه آهي." اِها اِهي ڳالهيون ٻڌي
مليون ته ڀڳشٽر وٽان نيئڻ جي چٺي شيام سندر کي آئي، جنهن ۾
لکيل هو ته "هي پڀو! پرامٺ موڪلان راڄسوءِ يگيه جو سنڪلپ
ڪرايو آهي، پر اوهانجي اچڻ ڪانسواءِ منهنجو منورٿ پورو نه
ٿيندو ۽ جهڙيڪري منهنجي لڄ اوهانجي هٿ وس آهي."

شيام سندر جني ٻڌي پاڏون سان صلاح ڪرڻ لڳو ته "ڀائرو!
هڪ پاسي جراسند جي قيد ڪيل راجائن پنهنجي ڇوٽڪاري جو
نيايو موڪليو آهي ۽ ٻيڏانهن ڌارڌمي پاڏون وٽ هلڻ لاءِ چوي ٿو،
هاڻي ٻڌايو ته پهرئين ڇا ڪرڻ گهرجي؟" اُنهيءَ تي ڪن جو رايو
ٿيو ته پهرين راجائن کي هلي ڇڏائجي ۽ ڪن چيو ته پاڏون وٽ
هلڻ گهرجي. شيام سندر تڏهن اوڌو کان پڇڻ لڳو، جو هٿ جوڙي
چوڻ لڳو ته "هي ڪرپالو! منهنجا وڏا ڀاڳ آهن جو اوهين انترياسي
ٿي به موکان صلاح ٿا پڇو. جڏهن ائين آهي تڏهن منهنجي سمجهه
۾ آهي ته پهرين پاڏون کي ملي ڏيرج ڏجي، پوءِ اُتان ڀيمسين ۽
آرجن کي پاڻسان کڻي جراسند کي مارڻ لاءِ وڃڻ گهرجي. جراسند
کي ڏهن هزارن هاٿين جيترو زور آهي، جنهن سان برابري ڪرڻ وارو
ڀيمسين ئي هڪڙو آهي. وري هي وڪٽ ڳالهه! قيد ڪيل راجائن
جا ٻالڪ روئي جڏهن پتائن کي ياد ڪن ٿا، تڏهن ڪين انهن جون
ماتائون هن طرح ڏيرج ڏيئي سمجهائين ٿيون ته "اوهين روئو نه!
ڀڳوان شري ڪرشڻ جنهن ڀرتيءَ جي ڀار لاهڻ واسطي اوتار ڌاريو
آهي، سو جراسند پاپيءَ کي ماري اوهانجي پتائن کي ڇڏائيندو.
هي اهو وڪٽ ڳالهه آهي، جنهن گڄ (هاٿيءَ) جو گراه (واڳوءَ) کان ڇوٽڪارو
ڪيو ۽ ڪنس کي ماري ماتا پتا جو ڪشٽ نوارايو." سو پڪو آهي
جي رات ڏينهن توهانکي ڏيائي رهيا آهن انهنجي ۾ ملي سڌ لهجي.
راجا ڀڳشٽر فقط توهانجي ڀروسي راڄسوءِ يگيه ڪيو آهي، سو پهرئين
ٿي راجائن کي پنهنجي پراڪرم سان تابع ڪري ها، تنهنڪانسوءِ

هو. اُنکانپوءِ راجا اُگرسين وٽ اچي ڪٿا ٻڌندو هو. شري ڪرشڻ
جي ڪرپا سان دوارڪا پوريءَ ۾ ڪڏهن به ڪا بيماري يا ڏڪار
ڪو نه پيو، جنهنڪري سڀ ننڍا وڏا پرسن رهندا هوا.

هڪڙي ڏينهن جڏهن وئڪنٺ ناٿ سڀا ۾ ويٺو هو ۽ يادون سان
ڳالهيون ٻولهيون پئي ڪياءِ، تڏهن اُن وقت هڪڙي براهمڻ دربانن
کي اچي چيو ته "اوهين شري ڪرشڻ مهاراج کي وڃي ٻڌايو ته هڪڙو
براهمڻ اوهان سان ملڻ جي واسطي دروازي تي ويٺو آهي." دوارڪا ناٿ
اهو نياپو ٻڌي دربانن کي اُن براهمڻ کي اندر وٺي آچڻ لاءِ چيو.
براهمڻ کي سامهون ايندو ڏسي، شيام سندر سنگاسڻ تان هيٺ لهي نمسڪار
ڪري وٺي آچي پنهنجي پاسي ۾ وهاريائينس. پوءِ پڇڻ لڳس ته
"هي مهاراج! اوهين ڪٿان ٿا اچو ۽ ڪهڙي ڪم آيا آهيو؟" براهمڻ شيام سندر
جي اهڙي نمرتا ۽ مٺا وچن ٻڌي چوڻ لڳو ته "هي پرڀو! جراسنڌ
پنهنجي ٻل ۽ پراڪرم جي ڏاڍي وڏائي ڪندو آهي. اُن ويهه هزار
آٺ سؤ راجائون ڀاڙوٽ قيد ڪيا آهن، جن مونکي اوهان ڏانهن نياپو
ڏيئي موڪليو آهي ته اوهانجو پڻ آهي ته جڏهن جڏهن دشٽ ۽
آڌرمي هري ڀڳتن کي ڏک ڏيندا آهن، تڏهن تڏهن اوهين سڳڻ روپ
ڌاري ڀڳتن جي رکيا ڪندا آهيو. اِنلاءِ هن وقت اسانکي آڏين ڄاڻي
اسانکي ڏک کان ڇڏايو ۽ ڇوٽڪارو ڏيو. اسانکي رات ڏينهن
توهانجي درشن جي اڀلاشا آهي." اهڙا دين وچن ٻڌي ديناناٿ
اُن براهمڻ کي چيو ته "مهاراج! اوهين هنن کي ڌيرج وڃي ڏيو ته
مان سگهوئي اچي اوهانکي ڏک کان ڇڏائيندس."

ايتري ۾ نارد ٻين وڄائيندو اُتي اچي پهتو. شيام سندر ڪيس
نمسڪار ڪري سنگاسڻ تي پاڻسان گڏ وهاريو ۽ پڇڻ لڳس ته "هي
مني ناٿ! ڪا نئين ڳالهه هجي ته ٻڌاءِ. يڌشٽر ۽ ٻين پانڊون جي ڪا
سڌ هجيو ته اُهو به ٻڌايو ڇو جو ڪيترن ڏينهن کان سندن سماچار
ڪو نه ٿو اچي." نارد ورندي ڏني ته "هي انترجامي! اوهانکي سڀني
جڳت جي حال جي خبر آهي، پوءِ جو مونکان ٿا پڇو سو خاص اوهانجي
مون تي ڪرپا آهي. مان هينئر سڌو پانڊون وٽان ٿو اچان ۽ هو

ڪو اُلڪو نه ڪر، منهنجي مايا ٻلوان آهي. جڏهن اهڙا ساري جڳت کي موهي خود موڪلي ٿي ڇڏي، ته ٻئي کي ڪهڙي طاقت آهي جو اُنجي وس ٿي نه وڃي. هي نارد! سيني جيون جي ٻڌائيءَ ٻالڻ ڪرڻ وارو ۽ جنمي ورهين ۽ آشرمن جي ڌرم رکڻ وارو آءٌ آهيان. هي سڳڻ اوتار رکي اهڙي ڪري آهي ته سنساري جيئو موڪلي جڳ ڪرم ڪندو ڏسي، ٻالڪ به اُنريت ڪن. ماڻهو آئنده تون منهنجي ٻيد ۽ ڪمس جي ٻريکشا نه ڪري مري پڳتي ڪندو رهه."

ايترو ٻڌي نارد وري به وينتي ڪرڻ لڳو ته "هي پرڀو! موڪلي اهڙو وردان ڏيو، جنهن ڪري اوهانجي چرڻن جي ڀڳتي هميشه قائم رهي ۽ سنساري مايا موکي ڪو به اثر نه ڪري." ڀڳوان نارد کي سندس اِڇا موجب وردان ڏيئي موڪل ڏني. تڏهن هو ٻس وڄائيندو هري گڻ ڳائيندو سترم ٻاما وٽ آيو ۽ اچي کيس چيائين ته "شرڪرشڻ مهاراج توکان وڌيڪ رڪمڻيءَ کي پيار ٿو ڪري، تنهن ڪري تون شيام سندر موڪلي دان ڏيئي وري ماڻهو سان وٺ ته ٻوءِ هو تنهنجي وس رهي." اهو ٻڌي سترم ٻاما شيام سندر کان آگيا وٺي کيس نارد منيءَ کي سنڪلپ ڪري ڏنو. جڏهن نارد شيام سندر کي وٺي هلڻ لڳو، تڏهن سترم ٻاما کيس شريڪرشڻ جي تور جيترو سون ڏيڻ لڳي، پر نارد سون جي بدلي تلسي ڏل وٺي شيام سندر کيس موٽائي ڏنو ۽ پاڻ آنند سان برهم لوڪ ڏي روانو ٿيو."

شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته "هي راجا پريکشت! ڀڳوان شريڪرشڻ سنساري جيون کي واٽ ڏيکارڻ واسطي جنهن وقت جيڪو ڪم ڪندو هو سو ٻڌايان ٿو: ته جڏهن به ڪڪڙيون رات پٺئي هوندي هئي ۽ پکي ٻولڻ لڳندا هوا، تڏهن شيام سندر پنهنجو نِت روپ ڌاري ڏندڻ سنان ڪرڻ بعد سنساري ماڻهن وانگر پنهنجي آتما جو ڌيان ڪندو هو. سورج نڪرڻ بعد سنڌيا ترپڻ ڪري گائتري جپيندو هو. جنهن گهڙين ڏينهن چڙهڻ بعد براهمڻن کي دان ڏيئي اُنهنجي آشرواد وٺي پوءِ پوجا ونندو هو. جيتوڻيڪ شيام سندر کي ڪنهن به ڪرم ڪرڻ جو ڪو ضرور ڪونه هو، پر لوڪ مريادا قائم ڪرڻ واسطي سڀ نيم ڪندو

ستيڀاما جي گهر ويو. اُتي ڇا ڏسي ته شريڪرشڻ اڌوَ سان چوپڙ کيلي رهيو آهي. اُتان اُتي ورڻي جامونتي تيهن پٽ راڻيءَ جي گهر ويو، جتي شريڪرشڻ کي تيل ڦليل لڳائيندو ڏسي، ٻنان گڏ جڙڻ جيئي موٽي آيو. پوءِ چوٿين راڻيءَ ڪالنديءَ جي محل ۾ ويو، جتي شيام سندر کي پلنگ تي سمهيل ڏٺائين. ڪالندي ناردمنيءَ کي آيل ڏسي شريڪرشڻ جي چرڻن کي زور ڏيئي جاڳايو، جنهن تي ڀڳوان ڏنڊوت ڪري چيو ته "هي منيشور! تيرٿ روپي سادن جي چرڻن گهائڻ ڪري سنساري جيون جو گهر پويتر ٿئيتو، ڇگو ڪيئو جو ديا ڪري درشن ڏيئي ڪرتارٿ ڪيو." نارد آشيرواد ڏيئي متروندا جي گهر ويو، جتي ڏسي ته شريڪرشڻ براهمڻن کي ڀوڄن ڪرائي رهيو آهي. نارد کي ڏسي شريڪرشڻ هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته "هي براهمڻ ڪل ڀوشڻ! ڏاڍي ديا ڪيئو جو هن وقت آيا، هاڻي اوهين به ڀوڄن ڪائي جوٺ موٽڪي ڏيو ته اُنجي ڪائڻ ڪري پويتر ٿيان." نارد ورائي ڏني ته "هي ديون جا ديو! اوهين براهمڻن کي کارايو ته مان اچيو ٿو موٽي اچان." ائين چئي نارد ستيا ڇهين راڻيءَ جي گهر ويو، جتي ڏسي ته شيام سندر آنند سان وهار ڪري رهيو آهي. اِهو ڏسي اُتان پوئين ڀير سيدرا جي محل ۾ ويو، جتي دوارڪا ناٿ کي پوڄن ڪندو ڏٺائين. اُتان تي راڻي اڪشمڻا جي گهر ويو، جتي شريڪرشڻ کي شنان ڪندو ڏٺائين. اهڙيءَ طرح نارد هرڪنهن محل ۾ شريڪرشڻ کي جدا جدا رنگ روپ ۾ ڏٺو.

اِها مهما شريڪرشڻ جي ڏسي نارد من ۾ ڏاڍو لڄي ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته "مونکان ڏاڍي ڀل ٿي جو ترڀون ناٿ منهنجا ڀير ڏوئي چرڻامرت ورتو ۽ مون سندس پريکشا ڪئي؛ جنهنڪري وڏو پاپ ڪيم." اِجا اِهو ويچار پئي ڪياءِ ته آنترياميءَ کلي چوڻ لڳس ته "هي مني ناٿ! ڪهڙن ويچارن ۾ آهين؟" نارد تڏهن هرلي منوهر جي چرڻن تي سر رکي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته "هي ديناناٿ! مون اگيان ڪري اوهانجي پريکشا تي ورتي، پر اُنجو ڦل ملي ويم ۽ هاڻي ڪرپا ڪري منهنجو اپراڌ کميا ڪريو." ڀڳوان ورندي ڏنيس ته "منيشور! تون

ٿلهي جي اندر ويو، جتي دڪان ڏاڍي صفائيءَ ۽ سهڻائيءَ سان
سينگاريل هئا. گهر گهر ۾ هري ڪٿا ٿي رهي هئي ۽ ڀاڳوشيام سندر
جو جس ڳائي رهيا هئا. هنڌ هنڌ هوم يگيه ۽ پوڄا جڳا ڪرم ٿي رهيا ها.
ياد ڏاڍي پريم سان جڳا جڳا پدارت براهمڻن کي کارائي انهن جي
آشيرواد پائي رهيا هوا. جڏهن اهو آنند ڏسندو نارد رڪمڻيءَ جي
محل ۾ ويو، تڏهن اُتي هڪڙو اهڙو جڙائو سنگاسڻ ڏٺائين، جنهن جي
تجلي ڪري سندس سامهون اکر کڻڻ ئي مشڪل هئي. جواهرن تي
ڪبوترن ۽ پکين جا اهڙا ته چتر نڪتل هئا جو جهنگلي پکي موهجي
اچي اُتي ويها. مشڪ ۽ عنبر جي دونهينءَ کي بادل سمجهي، مورخوشيءَ
مان نچڻ لڳا. موتين جون جهالرون دروازن تي پئي لٽڪيون.
مطلب ته رڪمڻيءَ جي محل جي سونهن ورنن ڪرڻ "ننڍو منهن ۽
وڏي ڳالهه" وارو قصو ٿيندو. نارد اُتي ڏٺو ته شريڪرشڻ هٿ ۾ ٿي
هڪ رکي پيتامبر پهريو، ريشمي پوش ڪلهن تي ڪري نرڙ تي
ڪيسر جو تلڪ لڳائي، ڪنن ۾ ڪنڊل وجهي ون مالا ڳچيءَ ۾
پهري، نتور روپ ٺاهي سيجا تي ويٺو آهي ۽ هزارين داسيون هوندي
۾ رڪمڻي هٿ سان پکو لوڏي ٿي. شريڪرشڻ نارد کي ايندو ڏسي
اُتي ڏاڍي ڪري سنگاسڻ تي آڻي ڪئي وهاريو ۽ سندس چرڻ
ڌوئي وڏي سان پوڄا ڪئي. پوءِ هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته "هي
منشيور! اوهان ڏاڍي ڪرپا ڪئي جو هن غريبڙي جي جهوپڙيءَ ۾
اچي اُنکي پوتر ڪيو. اوهانجو درشن ملڻ ڏاڍو دُرلڀ آهي. هاڻي،
اوهانجي ڪهڙي سيوا ڪريان جو منهنجو پار ٿئي."

ڀڳوان جا اهي وچن ٻڌي نارد وينتي ڪري چوڻ لڳو ته "هي
ديو ديال! مان پاڻ اوهانجي درشن لاءِ آيو آهيان، جو جو اوهان
جي درشن بنان سنساري جيو ڀوساگر پار لنگهي نٿو سگهي. گنگا
اوهانجي چرڻن مان نڪري ساري سنسار کي سک ڏيئي رهي آهي.
مان ڪنگال براهمڻ ڪهڙي قطار ۾ آهيان، جو اوهانجي شستوتي
ڪري سگهان. هاڻي ديال ٿي اهڙو ور ڏيو جو اوهانجو سمرڻ
۽ ڌيان مون کان نه وسري." اهڙيطرح شستوتي ڪري نارد پيو ٻئيءَ

اُن سڀا ۾ ويٺا هوا سي اُٿي بيٺا ۽ ٻلرام کي هٿ جوڙي وينتي ڪرڻ لڳا ته ”هي ديناناٿ! اوهين ڌرم جي مورت سي ڪئن ايترو ڪروڌ ڪريو؟ دريوڌن اگيانيءَ جي ڪري ساري ستنا پورکي ناس ڪرڻ ڪو نهي ٿو؟ اسين هميشه راڄا اُگرسين جا تابعدار آهيون.“

جڏهن ٻلرام، ڀيشم پتامه ۽ ٻين سڀاسدن جا اهڙا وچن ٻڌا تڏهن پنهنجو ڪروڌ شانت ڪيائين. دريوڌن هاٿي ڍرو ٿيو ۽ سانب کي چڱا ڪپڙا پهرائي لڪشمڻا پنهنجي ڌيءَ سميت ٻلرام وٽ وٺي آيو ۽ هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته ”هي ناٿ! مون توهانجي مهما نه ڄاڻي جيڪي به گهٽ وڌ چيو، تنهنلاءِ مونکي ڪميا ڪريو. اسين اوهانجا داس آهيون ۽ داسن تي سدائين ڪرپا جي نظر ڪجي.“ اهڙيءَ طرح دريوڌن ڪيتري شتوتي ڪري، لڪشمڻا جو وواهه وڏيءَ ساڻ سانب سان ڪرايو ۽ ڪيترائي ڏاج، رٿ، گهوڙا، داس، داسيون ۽ ٻيو سامان ڏيئي، گهوٽ ڪنوار کي ٻلرام سميت دوارڪا روانو ڪيو. دوارڪا ۾ پهچي ٻلرام سربستو احوال اُگرسين ۽ شريڪرشڻ کي اچي ٻڌايو ۽ هو سڀ ڪورون جي ايمان پڇڻ جو حال ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا.“

هي راڄا پريڪشت! هڪڙي ڏينهن نارد مني امراوتي پوريءَ ۾ ڇا ڏسي ته راڄا اندر جون ڇهئي استريون پاڻ ۾ ويٺيون ڪونٿسن. تڏهن ويچار ڪيائين ته جڏهن ٻن ٽن جوئن جو اهڙو حال آهي ته پوءِ شريڪرشڻ، جنهنکي سورهن هزار هڪسو اٺ استريون آهن، اُتي ڇا وهندو واپرندو هوندو؟ وري شريڪرشڻ وٽن واري سان ويندو آهي يا ڪئن؟ اهو حال ضرور ڏسڻ گهرجي. ايترو ويچاري نارد دوارڪا ۾ آيو، جتي ڇا ڏسي ته اُتي ڏاڍا عمدا باغ آهن، جن ۾ جيڪي وڻ آهن سي سڀ گلن ڦلن سان ٽمٽار ٿيو بيٺا آهن. قسمين قسمين پکي مٺيون وڻندڙ ٻوليون ڪري رهيا آهن. تلاون ۾ بيشمار ڪمل ڪلي رهيا آهن، جن تي ڀنور رس پيڻ لاءِ ڏاڍي گونج ڪري رهيا آهن. دوارڪا جي سوني قلعي کي سمنڊ جو ڏاڍين لهرين جون جهولون هڻي رهيو آهي. استريون طرحين طرحين جا وستر ۽ ڀوشڻ (گهڻا) پهري هيڏي هوڏي گهمي رهيون آهن. نارد اهڙي سونهن ڏسندو

ڪورون کي پنهنجي راڄ جو ڪترو نه ايمان ٿيو آهي جو اسانکي
پنهنجن پيرن جي جتي نه ٿا سمجهن. اڄ شري ڪرشن جي ديا سان اندر
۽ ٻين ديوتائن کي به اهڙي سمرٿي ڪانهي جو راجا اُگرسين کي برو ٻول
چئي سگهن، سو هي دريوڌن ڪير جو منهنجي روبرو اهڙيون گاليون
ڪري؟ هاڻي منهنجو نالو ٻلرام تڏهن جڏهن هن سڀني کي شهر سميت
جمنا جل ۾ ٻوڙي ناس ڪريان." ايترو چئي ڪروڌ ۾ ڀرجي ٻلرام
ڀيشم پتامهه ۽ ڌرتراشٽر کي چوڻ لڳو ته "اوهين مت اگياني ۽ ايماني
دريوڌن کي گهرايو ته آءٌ ساڻس هٿ مڪائي ڪريان، جو جو سمجهاڻو
ته ميٺڙو مائٽي ۽ محبت جهڙي لڙائي ڪرڻي پوندي." پوءِ جڏهن
ڀيشم پتامهه جي گهرائڻ سان دريوڌن وري سڀا ۾ آيو، تڏهن ٻلرام چوڻ
لڳس ته "دريوڌن! اگياني ۽ اگياني منطرح تو سمجهاتو وڃي. گياني
سڀ ڳالهه جي آد انت ويچاري اهڙو ڪم ڪندو آهي، جنهنڪري
کيس پوءِ شرمندو ٿيڻو نه پوندو آهي ۽ اگياني بنان سمجهه جي ڪم
ڪري سزا پائي پوءِ پڇتائيندو آهي. تنهن گهوڙو جيستائين سوار
جي هٿان ڦهڪ نٿو کائي تيستائين چڱو پنڌ نٿو ڪري. تو ايمان ۾
ڀرجي ڪوبه ويچار نه ڪيو ته ڄاڻو جوش ۽ ائين ڪرڻ توکي مناسب
نه هو. مون توسان پريم جون ڳالهيون ڪيون ٿي، پر تو اهڙو جواب
ڏنو جو جيڪر ڪنهن نوڪر کي به نه ڏجي. منهنجي مرضي ڪا نه
هئي ته تو ۽ مون ٻنهي جي وچ لڙائي لڳي، پر تو بدلفظ چئي مونکي
ڪروڌ ڏياريو آهي، جنهنڪري پنهنجي ڪئي جي سزا پائي شرمندو
ٿيندين. توکي ايترو به خيال نه آيو ته ڪنهن جي گلا ۽ پنهنجي وڏائي
ڪرڻ چڱي نه آهي. اڙي! توکي پنهنجي ڏٺي شري ڪرشن جي مت
کي ڏيڻ ڪان لڄ ٿي اچي؟ جا توکي اُن ولکشڻ ذات جي پد وٽ
جي خبر ڪانهي؟ جنهنجي چرڻن جي رج اندر ۽ ٻيا ديوتائون پنهنجي
سر تي چاڙهڻ سان پنهنجي وڏائي سمجهن ٿا. اڙي ايماني! بداليم
ته اهڙي بندي اوهان جي ڪل ۾ ڪنهنکي ملي آهي جو اُن ريت تو
هٿ ۾ ڳالهائيس؟" ائين چئي ڪروڌ ۾ ڀرجي جڏهن ٻلرام ڀانيو ته
هستناپور کي ناس ڪريان، تڏهن ڀيشم پتامهه ڌرتراشٽر ۽ ٻيا جهڪي

کي پنهنجن عزيزن ۾ ئي ڏيڻ گهرجي، پر تنهنڪري ان ۾ بهتر ائين آهي
جو اهي پراڻن سنبنڌين ۾ ڏجن. هاڻي ته جي چڱو سمجهو ته سانپ کي
قيد مان مڪت ڪري، لڪشما سان پرڻائي منهنجي حوالي ڪريو.“
ٻلرام جي اهڙا ڳالهه ٻڌي دريوڌن سڀني ڪورون جي صلاح سان
ڪاوڙجي چوڻ لڳو ته ”هي ٻلرام! هاڻي مات ڪريو؛ اُگرسين جي
اجائي گهڻي وڏائي نه ڪريو؛ جو جو اسانکان اهو هڏڻ سنو نه ٿو
وڃي. سنسار ۾ ڪير ڪيس سڃاڻندو هو. هي ته دعا ڪري اسانکي
جن سان مائٽي ڪرڻ ڪري سندس ايتري پدوي وڌي. آها!
اسانجي همت هيٺ ٿي ته ايترو ايمان رکيٿو. عجب جنهن جو پيرن جي
جتي ٿي مٿي تي چڙهي. يادون کي اسان ئي ڇٽ ڏيئي راجا ڪيو،
تنکي ايتري حاجت ڪرڻ شرم نٿو اچي. شريڪرشڻ دوارڪا جو
راج پائي پنهنجي اڳين ڳالهه وساري ويٺو آهي ڇا؟ هميشه مٿرا ۾
گوالن سان رهندو هو؛ هي ته اسان ئي کيس گادي ڏياري، تڏهن
سندس ڳاٽو راجائن ۾ ٿيو. واه جو ٻلائي جو قول مليوسين. اڙي!
ايتري ٻلائي ڪنهن ٻئي سان ڪريون ها ته هو جنم تائين اسانجو
احسان نه وساري ها. شرم جي ڳالهه جنهن جو يادو اسانجا زيردست
ٿي، اسانجن ئي ڇوڪرين سان شادي ڪرڻ ٿا گهرن. ٻائي! آڪاش
مان پاڻي بدران پٿر وسي نٿا سگهن. هي ته اسانجوئي برتاب آهي
جو اسانسان مائٽي ڳنڍڻ ڪري پيا راجائون ۾ سندس آدرياءُ
ڪن ٿا، نه ته کين ڪير پڇي ها؟ سانپ جي بيشرمي ته ڏسو جو
سويمبر مان زوريءَ منهنجي ڌيءُ کڻي ويو. اسين جيڪر کيس اُتي
ماري ڇڏيون ها، پر وري به مٿي مائٽيءَ جي لحاظ ڪري ائين نه
ڪيوسين. افسوس! جو اوهين هنجي سفارش ڪرڻ آيا آهيو. خود
اندر کي به سمرٿي ڪانهي جو اسانسان سامهون وڙهي سگهي. اهو
سڀ ڏوهه ڀيشمر پتامهه ۽ ڌرتراشٽر اسانجن وڏن جو آهي، جن يادون
جو آدرياءُ ڪري اُنهنکي ايترو مٿي چاڙهيو.“ اهڙيءَ طرح ڪئور
وڃي چئي دريوڌن سڀا مان اُٿي هليو ويو.
ٻلرام هاڻي اوڏو ۽ پنهنجن ٻين ساٿين کي چوڻ لڳو ته ”ڏسو!

لوو نہ تہ بوءِ ٻہجڻ مشڪل ٿيندس."

نارد جا ايترا وچن ٻڌي راجا اُگرسين شيام سندر ۽ ٻين ٻاروُن
کي گهرائي، ڪن فوج وٺي هستناپور تي چڙهي ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو.
شيام سندر تڏهن وڏي سينا وٺي هستناپور اچڻ لاءِ تيار ٿيو. اتي
ٻارام، جو دريوڌن جو گهوڙيو متر هو، شري ڪرشڻ کي چوڻ لڳو تہ
"مي ديناناٿ! ڪورو منهنجا جهونا متر آهن سو ٿورڙي ڳالهہ واسطي
لڙڻ جهڳڙو ڪيئن، انلاءِ مونکي آگيا ڪريو تہ آءٌ وڃي سولائي سان
سانب کي ڇڏائي اچان. بوءِ جي منهنجو چوڻ نہ مڃيو تہ آءٌ
هڪڙوئي اُنهن لاءِ بس آهيان ۽ ڪين جو گهي سزا ڏيئي سانب ڇڏائي
ايندس." شري ڪرشڻ آگيا ڏني ۽ ٻارام، اڪرور، اوڌو ۽ ٻين
ڪيترن ٻاروُن کي ساٿ وٺي هستناپور روانو ٿيو، جتي اچي
هڪڙي باغ ۾ لٿو ۽ دريوڌن کي اڪرور ڏوارا پنهنجي اچڻ جو
جوائي موڪليائين. اڪرور جي واتان ٻارام جي اچڻ جو ٻڌي
دريوڌن، جو ٻارام جو شش هو، ڏاڍو خوش ٿي ڀيشم پتامہ، دروڻاچاريہ
۽ ٻين ڪيترن سان گڏجي ٻارام کي وٺي اچڻ لاءِ باغ ۾ ويو. اتي
پهچي دريوڌن ٻارام جي چرڻن تي ڪري ونتي ڪري چوڻ لڳو
تہ "مي مهاپربو! جنهن اوهان ڪرپا ڪري درشن ڏنو آهي، تنهن
پنهنجي اچڻ جو ڪو سبب ٻڌايو ۽ منهنجي گهر هلي پنهنجا پير چرڻ
گهمايو." ٻارام چوڻ لڳو تہ "ڀائي! اوهان جو سانب کي قيد ڪيو آهي،
تنهنجي ڇڏائڻ لاءِ اُگرسين شري ڪرشڻ کي وڏي فوج وٺي وڃڻ
لاءِ حڪم ڏنو، پر مون شري ڪرشڻ کي ونتي ڪئي تہ ڪورو منهنجا
پراڻا متر آهن، اُنهن سان وڙهڻ مناسب ڪونهي ۽ مان اڪيلو
وڃي ٿو سانب کي وٺي اچان. افسوس آهي جو اوهان ڪيترن گڏجي
هڪڙي ڇوڪري کي اڌرم سان جهلي قيد ڪيو آهي ۽ ايترو نہ خيال
ڪونہ ڪيو تہ منهنجا حمايتي اوهانجو ڪهڙو اچي حال ڪندا؟
سمجهو تہ هو ٻالڪ اگيان جي ڪري اهو ڏوهہ ڪيو جو راڄ ڪنيا
کي سويمبر مان کڻي ويو، پر تڏهن نہ اوهانکي متر ڌرم تہ پالڻ
گهرجي ۽ هنکي قيد ڪري دکي ڪرڻ نہ گهربو هو. بيشڪ! جو ڪرين

ٻڌي ڪري چوڻ لڳو ته "ڀائي! اِنهن يادون جو هميشه کان اهو حال آهي، جو ڇڳي ڪم ۾ اچي ڪجهڙو نه ٿيو وڃي ٿو وڃن."

جڏهن ڌرتراشٽر اها ڳالهه ٻڌي، تڏهن ڏاڍي غصي مان دريوڌن کي سانپ جي پڪڙي اچڻ لاءِ چيائين. دريوڌن، ڪرڻ ۽ ٻين ڪيترن جوڌن کي پاڻسان وٺي سانپ تي چڙهي ڪئي؛ جڏهن سانپ جي رٿ کي چوگرد ويڙهي ويا، تڏهن هو چوڻ لڳين ته "ياد رکو ته آءٌ شريڪرشڻ جي ويڙهه مان پيدا ٿيو آهيان، تنهنڪري پٺ ڏيڻي ڪونه ڄاڻندس. اوهين جي پهلوان آهيو ته هڪ هڪ تي ساهڻون اچو." ڪرڻ تڏهن چيس ته "ڀائي! سچ ٿو چوين ته تون اسان کان زورآور آهين، پر ياد رک ته اسان ڪنهن دوارڪا ويندين سو نه خيال لاهي ڇڏ ڇ. ڇگو ڀلا هاڻ آءٌ ته پاڻ هڪٻئي کي هٿن جي صفائي ڏيکاريون." سانپ تڏهن پنهنجن پاڻ سان ڪرڻ جي رٿ جا گهوڙا ۽ سارٿي ماري ڇڏيا ۽ ڪيترائي تير دريوڌن ۽ ٻين سڀني پٽين کي هنيائين. جڏهن دريوڌن ڏٺو ته سانپ هڪ هڪ سان وڙهڻ ڪري نه هارائيندو، تڏهن سڀيئي گڏ جي مٿس هٿيار هلائڻ لڳا. سانپ به شريڪرشڻ جي چرڻن جو ڌيان ڪري اهڙا نه پاڻ هنين، جو سڀني مهارٿين کي حيران ڪري ڇڏيائين. پر نيٺ دريوڌن جي شور ويرن سانپ کي جهلي ورتو ۽ ڪرڻ کيس پنهنجي رٿ ۾ چاڙهيو. پوءِ ته هستناپور وٺي آيس، جتي دريوڌن چوڻ لڳس ته "ڪٿي سائين! هاڻي يادون جو ٻل ڪيڏانهن ويو؟" اهو ٻڌي سانپ شرم کان ڪنڌ ڪٺي هيٺ ڪيو. پوءِ ته دريوڌن جي حڪم سان سانپ کي قيدخاني ۾ رکيو ويو. نارد منيءَ اُنوقت دريوڌن جي سڀا ۾ ڪرڻ ۽ ٻين کي اچي چيو ته "سانپ کان چوڪ ٿي، اِنلاءِ اوهانکي کيس قيد ڪرڻ نه گهربو هو. ٻلرام اوهانکان اُناجو بدلو وٺڻ ايندو، اِنلاءِ اوهانکي کپي ته اُنکي پنهنجو ٻل ڏيکاريو، پر هن ويچاري کي ڪنهن به قسم جو ڏک نه ڏجو." نارد پوءِ اُتان دوارڪا ڏانهن روانو ٿيو. دوارڪا ۾ اچي اُگرسين کي سمورو احوال ٻڌائي چوڻ لڳو ته "دريوڌن ۽ ٻيا ڪورو سانپ کي قيد ڪري ڏاڍا ڏک ڏين ٿا، اِنلاءِ اوهين جلدي وڃي هنجو سماءُ

جدائي ڀاڄي وڃي. ٻوءِ ٻروت جيڏو وڏو روپ ڌاري، ٻلرام سان وڙهڻ آيو. ٻس! ٻوءِ ته ٻنهين جي ڀاڳ اچي حوب ٻڌ لڳي. نيٺ ٻلرام ان ٻاندر کي ڳچيءَ کان جهلي اهڙو ته گهوگهو ڏنو جو منهن ڪ، اکين، ڪنن توڙي دات مان رت ڦلا ڪري وهڻ لڳو ۽ مري ويو. اُن مهل ديوتائون آڪاش مان گل وسائڻ لڳا."

ماڻي مي راجا ٻريکشت! مان توکي شريڪرشڻ جي ڀت ساڻس ٻابت، جنهن راجا دريوڌن جي ڌيءُ لڪشمڻا سان شادي ڪئي هئي، ڪجهه ٻڌايان ٿو. لڪشمڻا جڏهن شادي ڪرڻ جي لائق ٿي، تڏهن دريوڌن اُنجو سويمور رچي گهڻن راجائن کي ڀاڳوت گهرايو. جڏهن شريڪرشڻ جي ڀت ساڻس اها ڳالهه ٻڌي تڏهن ٻو ٻه سويمور ور جي سڀا ۾ آيو. لڪشمڻا تمام سندر ۽ سشيل هئي. سونهن ۾ جيءَ مالا کڻي سيني راجائن کي ڏسندي جڏهن ساڻس وٽ اچي پهتي، تڏهن سندس روپ ڏسي ساڻس مٿس موهجي پيو ۽ ويچار ڪيائين ته جيڪڏهن راجڪماري ور مالا ڪنهن ٻئي جي ڳلي ۾ وجهي وڌي ته ٻوءِ سندس ملڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پوندو، انڪري زبردستيءَ اُنکي رٿ ۾ چاڙهي دوارڪا ڏانهن کڻي هلڻ گهري. ائين ويچاري ساڻس ڪنهن ۾ اچي يا ڊپ ٻنان لڪشمڻا کي عت کان جهلي وڃي رٿ ۾ ويهاريو، ٻوءِ دوارڪا ڏانهن هلڻو ويو.

اهو حال ڏسي سڀ راجائون اچي ٿيا. دريوڌن ۽ ٻيا ڪورو شرمندا ٿي ڪروڌ ڪري چوڻ لڳا ته "ڏسو ساڻس ڪهڙي نه بيهودي ڪلت ڪئي آهي، جو اسانجو ڪوبه ڊپ نه ڪري اسان جي زبردستيءَ جوڪري کڻي ويو آهي. اچا ڪو راجا کڻي وڃي جا ته اي ڳالهه هئي، پر يادو ته مشهور ٻنهنجون جوڪرون اسانکي ڏيندا آيا آهن. ڏاڍي اچه جي ڳالهه هئي جو هيءُ جاموٽ رچ جوڏو هتو، اسانجي ويٺي راج دلاري کڻي وڃي. آها! هيءُ ٻدناميءَ جو ٽڪو اسان تان عمر ڀر نه لهندو. ڀڪ اٿئون ته شري ڪرشڻ سمجهوتي ٻنهنجي ڀت جي ٻيرائي نه ڪندو. ٻر جي اڌرم جي رستي وڙهڻ لاءِ تيار ٻنڪڻي ٿيندو ته ٻه اُميد اٿئون ته هارائي ڀاڄي ويندو." اها ڳالهه

۾ آيو، جتي پنڊريڪ جي پٽ کي ٻراهمڻن سميت، جن کيس اُبتي
ريت يگيه ويڌي ڪرايو، پنهنجي تيڄ سان جلائي ڀسم ڪري ڇڏيو.
پوءِ دوارڪا اچي سربستو احوال وئڪنٺ ناٿ کي ٻڌاياءِ."

هي راجا پريڪشت! هاڻي توکي ٻلرام جي پراڪرم ٻابت ڪا ڳجهه
ٻڌايان ٿو ته دوود ٻاندر سگريو جو مائٽ ڪشڪندا پريءَ ۾ رهندو هو
۽ ڏاڍو ٻلوان هوندو هو. تنهنڪري جڏهن سندس مائٽ ڀؤماسر جي
مارجي وڃڻ جي خبر پيئي، تڏهن اُنجي بدلي وٺڻ لاءِ ڏاڍي ڪروڌ
مان دوارڪا پريءَ ڏانهن روانو ٿيو. واٽ تي ڪيترا شهر ۽ ڳوٺ
ويران ڪندو، استرين سان زبردستي ڪندو آيو ۽ پنهنجي مايا سان
پاڻي ۽ باهه وسائيندو لوڪن کي ڏاڍو ڪشٽ ڏنائين. ننڍڙن ٻارن
کي جبل جي غارن ۾ لڪائي مٿان پٿر رکي ايندو هو ۽ ڪڏهن ته
ماڻهن کي کڻي وڃي سمنڊ ۾ اُڇلائيندو هو. جتي هري ڀڳت ۽ رشي
تپسيا ۾ ويٺا ڏسندو هو ته اُتي ڌڳند اُڇلائي اُنهنکي دکي ڪندو هو.
ڪڏهن ڪڏهن ته هڪڙن جون استريون کڻي وڃي ٻين جي پاسي
۾ سمهاري ايندو هو. جڏهن اِنريت ماڻهن کي دک ڏيندو اچي دوارڪا
۾ پهتو، تڏهن ننڍڙو روپ ڌاري شيام سندر جي محلات مٿان اچي
ويٺو، جنهنکي ڏسي سڀ راڻيون ڊڄڻ لڳيون. اُتان ڏٺائين ته ٻلرام
رئيوت پروت تي گندروڻ ۽ گندروڙين سان وهار (سير) ڪري رهيو هو.
اِهو سڀ جا رهڙي هن دوود ٻاندر خيال ڪيو ته پهرياءِ ٻلرام کي ماري
پوءِ شري ڪرشڻ کي وٺجي. اِهو ويچار ڪري هو هوڪر رئيوت پهاڙ
تي ويو، جتي جا وڃي ڏسي ته ٻلرام گندروڙين سان راڳ ڳائي ۾
رڌو ويٺو آهي. اِهو وجهه وٺي هو ٻاندر هڪڙو ننڍڙو روپ ڌاري
کيڪون ڪري، هڪڙي وڻ تان ٽپي وڻ تي ٽپڻ لڳو ۽ گندروڙين
جا ڪپڙا پنهنجي مل موتر سان خراب ڪري ڇڏيائين. اِها حرڪت
ڏسي گندروڙين ٻلرام کي ڪيت ڏني، جنهن تي ٻلرام هڪڙو پٿر
ٻاندر کي اُڇلائي هنيو. پٿر لڳڻ ڪري هو ٻاندر ڪاوڙجي ميٽ،
اچي استرين جا ڪپڙا ڦاڙڻ ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڦٽا ڪرڻ لڳو.
اتي ٻلرام ڊوڙ پائي وڃي جهليس، ته هو ننڍڙو روپ تي هٿ مان

ٻندرڪ شري ڪرشڻ جو چيو نه مڃيو، تڏهن ڀڳوان سدرشن چڪر
کي حڪم ڏنو، جنهن سڀ لشڪر کي راجا سميت ماري ناس ڪيو.
ٻندرڪ جي پٽ، جڏهن ٻڌو ته منهنجي پيءُ جو، جنهن ٻاڻ کي
اجرامر ٿي سڏيو، ڪنهن نه هڪڙيءَ ساعت ۾ پراڻ نڪري ويو،
تڏهن ڪروڌ ڪري چوڻ لڳو ته "هيرا هاڻي منهنجي پيءُ کي
جنهن ماريو آهي، تنهنکي آءٌ ٻيان مارئي نه ڇڏيندس." اهڙي ارادي
سان هو شري مهاديو جي تپسيا ڪرڻ لڳو ۽ شيام سندر جيت
ڪري دوارڪا موٽيو."

هي پريڪشت! جڏهن ٻندرڪ جي پٽ گهڻو وقت تائين شري مهاديو
جي تپسيا ۽ ڌيان چڱي طرح پوري سان ڪيو، تڏهن ڀولاناٿ اُن کي
درشن ڏيئي پڇيو ته "ڇا گهرجني؟" راجڪمار ورندي ڏني ته
"آءٌ پنهنجي پيءُ جي ماريندڙ کان بدلو وٺڻ ٿو چاهيان." شري
مهاديو چيس ته "وڃ منتر اُبتا پڙهي دڪشڻا گني ۾ هوم ڪر ته اُن
ڪنڊ مان هڪڙي راڪشڻ نڪري تنهنجو حڪم مڃيندي. پر ياد
ڪجانءِ ته جيڪي ڀڳوان ۽ براهمڻ جي ڀيٽي نه رکندا هوندا، ان
تي ئي اُن جو زور هلندو." ايترو چئي شري مهاديو انترڌان ٿي ويو
۽ راجڪمار يگيه ڪرڻ شروع ڪيو. جڏهن ڀولاناٿ جي چوڻ موجب
يگيه ڪنڊ مان ڪرتيا نالي هڪڙي راڪشڻ تمام ڀيانڪ روپ
ڌاري ترشول هٿ ۾ کڻي ڏند ڪرٽيندي ٻاهر نڪري چيو ته "هي
راجڪمار! ٻڌائم ته تنهنجو دشمن ڪٿي آهي؟" راجڪمار ڏس
ڏنس ته "منهنجو دشمن واسديو نالي دوارڪا پوريءَ ۾ رهي ٿو، جتي
وڃي تون هنجو ڪم خلاص ڪر." اهو ٻڌي ڪرتيا اُنهيءَ ساعت
دوارڪا اچي پهتي ۽ پنهنجي تيج سان دوارڪا کي جلائڻ لڳي.
دوارڪا واسي تڏهن ڊڄي شري ڪرشڻ وٽ آيا ۽ کيس راڪشڻ
جو سمورو احوال ٻڌايائون. شيام سندر کين ڌيرج ڏيئي چيو ته
"ڊڄو نه، اجهو ٿو هنکي هن پوريءَ مان ڪڍايان." پوءِ سدرشن چڪر
کي آگيا ڪيائين ته "جلدي ڪرتيا کي ڀڄائي هلي آءُ." سدرشن چڪر
پنهنجي تيج سان ڪرتيا راڪشڻ کي ڀڄائي ڪاشي پوريءَ

ڏينهن براهمڻ کي گهرائي چيائين تہ "دوارڪا وڃي شري ڪرشڻ کي نياپو
ڏي تہ جڳائي ٿو مان سمجهين تہ منهنجو ويس ڇڏي ڏي، نہ تہ مونسان
يڌ ڪري اچي فيصلو ڪر." براهمڻ اهو نياپو کڻي دوارڪا پوريءَ
۾ ويو، جتي پهچڻ بعد اُگرسين سندس جڳي خاطري ڪئي ۽ پوءِ
ڪائنس اچڻ جو احوال پڇڻ لڳو.

براهمڻ تڏهن چيس تہ "هي مهاراج! مان ڪاشيءَ جي راجا
پنڊريڪ جو موڪليل آهيان. جيتوڻيڪ چوندي اچڻ تي اجهو، پر
تڏهن بہ قاصد پڻي جو ڌرم پالڻ منهنجو فرض آهي. اوهين جيڪڏهن
مونکي منهنجن پراڻن جي رکيا ڏيڻ جو انجام ڪريو تہ ڳالهہ ٻڌايانو."
شيام سندر تڏهن کيس پڪ ڏني تہ تنهنجو ڪوبہ ڏالو ڪونہ ٿيندو.
براهمڻ تڏهن کيس سچي حقيقت ڪري ٻڌائي.

شري ڪرشڻ ڏاڍيءَ خوشيءَ سان اُن براهمڻ جو نياپو ٻڌو. پيا
يادو براهمڻ تي ڪاوڙ لڳا ۽ کي تہ ڪاوڙجي اُٿي ڪرڻ لڳا، جنهن تي
شري ڪرشڻ اُنهنکي سمجهايو تہ "ڀائي! قاصد مار تيڻ نہ گهرجي." پوءِ
براهمڻ کي چوڻ لڳو تہ "هي مهاراج! توهين راجا کي چئجو تہ آءٌ
اوهانجو نياپو ٻڌي گهڻو پرسن ٿيو آهيان. اوهين لڙائيءَ لاءِ تيار
رهجو. مان اُتي اچي هارائي يا تہ پنهنجو ويس مٽائيندس يا توکي
ماري تنهنجو ماس پسن پکين کي کارائيندس." براهمڻ تڏهن ڪاشيءَ
۾ آيو ۽ سمورو احوال اچي پنهنجي راجا کي ٻڌايائين.

ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ شري ڪرشڻ يادون کي ساٿ ساڻ وٺي ڪاشيءَ
۾ پهتو، جتي پاڻ جهٽ ئي پنهنجو شنک وڄايائين. شنک جو آواز
ٻڌي راجا پنڊريڪ وڏو لشڪر وٺي شري ڪرشڻ جي سامهون ٿيڻ
لڳو. خوب يڌ ٿيو ۽ جنهن ۾ ڪيترا پهلوان پنهنجا پراڻ ڏيڻ لڳا.
جڏهن راجا پنڊريڪ چترڀڄ روپ بڻجي شيام سندر جي سامهون
اچي للڪاريو، تڏهن وئڪنٺ ناٿ کاڻي سندس مڪت لاءِ ورتو
۽ چوڻ لڳس تہ "سچ ٻڌاءِ تہ اهو پاڪندي روپ ڪنهن جو آهي؟
هاڻي پنهنجو اهو ويس بدلائي مونکان پنهنجي ڏوهہ جي معافي گهر،
نہ تہ هينئر جو هينئر تنهنجو سر ڌڙ کان جدا ڪيو ويندو." ايماني

جو استان تيار ٿي ويو. مٿي ۽ ٿڌي هوا لڳڻ شروع ٿي، جنهنڪري
سڀ ٻرج نار ٻون خوشيءَ ۾ اچي مرڌنگ، ڪرتال ۽ ٻيا واڄا وڄائڻ لڳيون
۽ پنهنجي ڳائڻ توڙي نچڻ سان ٻارا مرڪي رجهائڻ لڳيون. ٻارام ٻه انهنجو
سچو پريم ڏسي سائين نچڻ ۽ ڳائڻ لڳو. ديوتائون وماڻن ۾ چڙهي
آڪاش مان گل وسائڻ لڳا. انهيءَ ايترو ته آنند جانئي ريو جو
جمنا جل وهڻ کان بند ٿي رهيو ۽ ٻئي ديوتا به لڳڻ بند ڪيو.

نچڻ ٻن ٻارام اهڙيطرح ۾ مئا بند راٻن ۾ رهي ٻرج ٻالڪن سان راس ليلا
ڪري انهنکي آنند ڏنو ۽ نند يشودا کي شيام سندر جون ڳالهيون
ٻڌائي پرسن ڪرڻ لڳو، تڏهن مڪڙي ڏينهن ڪانئن دوارڪا موٽي
وڃڻ جي موڪل گهرياءِ. انوقت سيني جو من اداس ٿيڻ لڳو، پر
لاچار ڪيس رخصت ڏيڻي پئي. سيني گوپين گوالن انيڪ سوکڙيون
شيام سندر لاءِ آڻي ڏنيون. ٻارام سيني کي ڌيرج ڏيئي دوارڪا
ڏانهن موٽيو، جتي ٻڌي سمورو حال اچي شري ڪرشڻ کي ٻڌاياءِ.“

شري شڪديو جي مهاراج چيو ته ”هي راجا پريڪشت! انهن ڏينهن ۾
ٻدربڪ نالي وڏو پرتاپي راجا ڪاشيءَ ۾ رهندو هو. انجي اها مرضي
هئي ته پنهنجو چترڀڄ روپ ڌاري واسديو جي نالي سان سنساري جيون
کان پالڪي ٿوجا پائين، تنهنڪري اُن ٻيا ٻه هٿ ڪاٺ جا ٺهرايا. ٻوءِ
ٻتامبري پوري مُڪٽ مٿي تي رکي ٻيجنتي مالا پائي ڪنس ۾ ڪنڊل
وجهي، شري ڪرشڻ وانگر گلي ۾ ٻن مالا وجهي شنک چڪر گدا پدم هٿن
۾ ڪٺي ڪاٺ جو گرڙ جوڙڻ واسطي ٺهرايو. اهڙيءَ طرح ٻيا ڪيترائي
راجائون ۽ رعيت ٻدربڪ کان ڊڄي ڪنس واسديو سمجهي پوڄا ڪرڻ
لڳا. پر جن اُو اڌرم سمجهي پوڄا نٿي ڪئي تنکي ڏاڍا ڏک ٿي
ڏناءِ. انهيءَ تي ماڻهون ۾ ٻولا چالي ٿي ته ڪنهنکي واسديو ڪري سمجهي؟

جڏهن راجا ٻدربڪ کي پنهنجي پوڄا ڪرائڻ ڪري ڏاڍو
ايمان ٿيو، تڏهن مڪڙي ڏينهن سڀا ۾ ويهي چوڻ لڳو ته ”شري ڪرشڻ
نالي وارو ڪير آهي جو دوارڪا ۾ رهي ٿو ۽ جنهنکي ماڻهو مون وانگر واسديو
ڪري ٿا سمجهن؟ ڏسو مون پرٿويءَ جي ٻار لاهڻ لاءِ اوتار ورتو آهي،
مونکي ڇڏي واسديو سان صفائي ڪرڻ گهرجي.“ ٻوءِ مڪڙي

ياد ڪو خوش ٿي رهيون آهن." شام جي وقت جڏهن ٻلرام شهر گهمڻ لاءِ نڪتو، تڏهن چا ڏسي ته گوپيون ڏاڍيون ڏکيون ٿي ويٺيون آهن. جڏهن انهن جي نظر ٻلرام تي پئي، تڏهن سڀ ڪيس چوگرد وڪوڙي ويون ۽ پڇڻ لڳيون ته "ٻڌاءِ! اسان جو پيارو ڪٿي آهي؟ ۽ ڪڏهن اسان کي ياد به ڪندو آهي يا نه؟ جڏهن ٻنهي ڀائرن ڇڏي متراويو هو تڏهن سو هڪ ڏينهن اهو ڪهڙو ڪان ٿو گوپين جو نياپو ڏياري موڪليو هوائين پر پوءِ ته وري ڪڏهن ڪا خبر به ڪانه ورتي اٿس. هاڻي ٻڌون ٿيون ته سمنڊ جي وچ دوارڪا پوري وسائي اتي وڃي رهيو آهي. اتي سورهن هزار هڪ سئو اٺن مها سندر راج ڪنيائن سان وواهه ڪيو اٿس ۽ انهي پور انهن سان ريڌو رهيو. پلا پوءِ هو ڳوٺاڻين اسان گنوارين وٽ ڪٿي ايندو؟ هي ٻلرام! موهن پياري کي ايترو به ويچار ڪونه آيو ته سندس وڇوڙي ۾ اسان جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ جيڪڏهن ڪو پسون يا پکي پاليو آهي ته انجي پريت به ڪين وسرندي آهي. هاڻي سمجهون ٿيون ته جهڙو منهن جو ڪارو آهي، تهڙو اندر جو به ڪارو آهي؛ نه ته جيڪر تهڙو ڪٺور پڻو نه ڪري ها." ايترو چئي سڀ گوپيون اچي ڏاڍي روئڻ ۽ چتڪيون. ٻلرام تڏهن کين ڌيرج ڏيئي چوڻ لڳو ته "شيام سندر انهي پور اوهان جي ياد ڪندو رهيو." گوپين تڏهن مس مس روئڻ بند ڪيو ۽ ٻاهر چوڻ لڳيون ته "هاڻي ٻاڪي ٻلرام جو آسرو وٺڻ گهرجي، جو جو شيام سندر وانگر ڪپٽي ڪين آهي." ٻلرام وراڻي ڏني ته "اوهين فڪر ڪونه ڪريو آءٌ فقط ٻن مهنن لاءِ هت موڪل وٺي آيو آهيان، پوءِ جڏهن توهين چونديون تئن ڪبو." اهڙي طرح ٻلرام گوپين سان پريم جون ڳالهيون ڪري سندن من وندرائڻ لڳو. پوءِ چوڻ لڳين ته "اڄ پورڻماسي جي رات آهي، اوهين سينگار ڪري اچو ته آءٌ اوهان سان راس ليلا ڪريان."

انهيءَ موجب ٻلرام ۽ گوپيون ٻنهي ڀائرن جي ڪنڄن (گهٽين) ۾ شام جو پهتا ۽ ٻلرام جي سونهن ڏسي سڀ گوپيون ڪيس راس ليلا ڪرڻ لاءِ منت ڪرڻ لڳيون. بس! پوءِ ته ٻلرام جي "هون" ڪرڻ تي راس ليلا

وينديڙ ڪندين ۾ طرح جئين نٿو سگهي. جيڪي شخص براهمڻ کي ڏان مال موٽائي ولن ٿا، سي ڪيترن ئي ورهين تائين نرڪ جو ڪينئون ٿي نيچ جون ٻوگين ٿا. براهمڻ کي ڪڏهن به ڪنهن وجهه هون نه گهرجي. مون تي جود جيڪڏهن براهمڻ ڪاوڙجي ته مان ٻاڻ اڏيتائين ساڻن سندس سيوا ڪريان. اوهان ٻڌو هوندو ته ڪڙي ڀيرتي ٻرگو رشي بي گناه نند ۾ منهنجي ڇاتيءَ تي اچي لت هڻي، پر آءٌ ائين سمجهوي ان جو ٻمر موٽڻ لڳس، جڻ منهنجي سخت ڇاتيءَ جي ڪري هنجي ڪومل پير کي ايذاءُ نه پهتو هجي. براهمڻ جي خوش رهڻ سان لوڪ پرلوڪ ٻئي سڌرن ٿا. جيڪي منشيه براهمڻ کي مون جهڙو نه ڄاڻي ڪجهه ڀيد رکن ٿا، تنکي ضرور نرڪ ڀوڳڻو پوندو. الله اوهانکي منهنجي چئي پٽاندر هلڻ گهرجي."

ايتري ڪٿا ٻڌي راجا پريڪشت حيرت لڳو ته "هي مهتورا! ارگ جهڙي ڌرماتما راجا کي رڳو ٿوري ڳالهه ڪرڻ ڪري ۽ اهو به ڀاڃڪرتيءَ ۾، جو ايتري وڏي سزا ملي؟" شڪديو جي ورالي ڏني ته "هي راجا! نرگ کي پنهنجي ڌرم ۽ دان جو ايمان رهندو هو، تنهنڪري اها حالت ٿيس. ان لاءِ دان ۽ ڌرم ڪري ڪڏهن به ايمان نه ڪجي."

ڪڙي ڏينهن شام ۽ ٻلرام جش ٻئي گڏ ويٺا هئا، ته اوچت ٻلرام شري ڪرشڻ کان ٻندرابن وڃڻ لاءِ آگيا گهري. شري ڪرشڻ کيس رخصت ڏني، جنهنڪري ٻلرام ماتا پتا کان موڪلائي هل موسل کڻي رٿ ۾ چڙهي ٻندرابن روانو ٿيو. وات تي ڪيترن راجائن سان ملاقات ڪندو، اچي ۾ ساڌبس پنهنجي گروءَ جي استان تي اچي پهتو. اتي گروءَ ۽ گرو پتنيءَ کي ڏنڊوت نمسڪار ڪري ٿورا ڏينهن رهي ٻندرابن آيو. جا ڏسي ته شيام سندر کانسواءِ سڀ گانيون رنبي رهيون آهن ۽ ڳاءِ ڪانڌ جهڙي ڏنو اٿن. گهروب پهچڻ مهل نند يشودا، گوپيون ۽ گوال ڏاڍي پريم سمجهان ساڻس ملڻ لاءِ ڊوڙي آيا. ٻلرام نند يشودا جي چرڻن تي ڪري پيو. پوءِ ٻلرام کي گهروڻي ڏهي ڪاڻس حال احوال پڇڻ لڳا. ٻلرام ورالي ڏنس ته "اوهانجي ڪرپا سان شام سندر ۽

يادون سان گڏ جي شڪار ڪرڻ ويو، تنّن جا ڏسي ته کوه ۾ هڪڙو سانڊي سان والاريو پيو آهي. اُنهيءَ تي پنهنجن پنهنجن سنگتين کي وٺي اچي اُهو کوه ڏيکاريائون.

جڏهن ڪيترين تجويزن ڪرڻ سان به هو سانڊو کوه مان ٻاهر نه نڪتو، تڏهن هو سڀ شريڪرشڻ وٽ آيا ۽ کيس سانڊي کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ وينتي ڪيائون. ڀڳوان انترياميءَ کي ته سڀئي ڳالهه جي سڌ هئي، سو جنّن ئي کوه وٽ اچي پنهنجو پير سانڊي کي ڇهايائون، تنّن ئي هو سندر روپ راجا بڻجي پيو ۽ کوه مان ٻاهر نڪري شيام سندر جي پيرن تي ڪري پيو. پوءِ هٿ جوڙي شتوتي ڪرڻ لڳو ته "هي وئڪنٺ ناٿ! اوهان ڪرپا ڪري مونکي درشن ڏيئي مڪت ڪيو. اوهان ڪانسواءِ مون جهڙي اڌرميءَ کي جيڪر ڪير تاري؟" پرديومن ۽ ٻين هيءَ عجيب حالت ڏسي شريڪرشڻ کان پڇيو ته "مهاراج! هي ڪير آهي ۽ ڇو سانڊو ٿيو هو؟" سو روپيد اسانکي ٻڌايو ته جنهنڪري اسانجو اهو سنسو مٽجي وڃي." شيام سندر تڏهن بياکيرن وانگر ساڳيو سوال نرگر کي ڪرڻ لڳو. اُن ورندي ڏني ته "هي انتريامي! جيتوڻيڪ اوهانکان ڪجهه به لڪل نه آهي، به تڏهن به اوهانجي آگيا موجب سربستو احوال ٻڌايان ٿو." پوءِ ته ساجي پنهنجي جنم ڪٿا ڪري ٻڌايائينس ۽ ڪٿن سراپ ملڻ سو به ڄاڻايائينس. اُن بعد چوڻ لڳس ته "هاڻي جنّن ڪرپا ڪري درشن ڏيئي ڪرتارٿ ڪيو اٿو، تنّن اهڙو ور ڏيو جو اوهانجي چرڻن جي ڀڳتي سداءِ قائم رهيم." شريڪرشڻ راجا نرگر کي سندس اِڇا موجب ور ڏيئي موڪل ڏني؛ جنهنڪري هو ديولوڪ ڏي هليو ويو.

نرگر راجا جي وڃڻ بعد شريڪرشڻ سڀني يادون کي چوڻ لڳو ته "ڏسو براهمڻن جي مهما، جو اُئين ئي به ڪٿي ڪنهن تي ڪروڌ ڪن ته اُن لاءِ ڇٽڪو نه ٿئي. اِنلاءِ سمجهو ته ڪي گهرجي ته براهمڻ جي مال کي هٿ نه لائي. زهر کائڻ سان فقط هڪڙو آدمي مرندو آهي، پر براهمڻ جي مال هضم ڪرڻ ڪري سڄي ڪٽنب کي هلاکي ڏسڻي پوندي آهي. زهر کائڻ وارو وقت تي ڇٽي به پوي، پر براهمڻ جو مال کائي



راجا نوگر کي سانڊي جي جوڙ مان مڪت ڪرڻ (صفحو ٣٠٠)

دان ڪيل ڳئن مان هڪڙي ڳانءِ موٽي اچي ٻنان، دان ٿيل ڳانئن ۾
گڏي. راجا بيخبريءَ ڪري اها ڳانءِ ٻئي براهمڻ کي دان ڪري
ڏني. جڏهن ٻيو براهمڻ ڳانءِ وٺي گهر روانو ٿيو، تڏهن اڳئين
دان وٺندڙ براهمڻ پنهنجي ڳئون سڃاڻي اُنکي واٽ ۾ روڪيو. انهيءَ
تي ٻئي جڻا پاڻ ۾ جهيڙو ڪندا راجا نرگ وٽ آيا ۽ پنهنجو حال
اوريائون. راجا تڏهن ٻنهي براهمڻن کي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته
"اوهان مان هڪڙو جڻو اها ڳانءِ کڻي ۽ ٻيو هڪ لک ڳئون بدلي ۾ وٺي."

اها ڳالهه ٻڌي پهريون براهمڻ ڪروڌ ڪري راجا کي چوڻ لڳو
ته "جا ڳانءِ ڌرم تي اها سوست ڪري مون دان ورتي ۽ ڪروڙ
ڏيڻ ملڻ تي به نه ڏيندس." راجا وينتي ڪري چوڻ لڳس ته
"مهاراج! بيخبريءَ ۾ مونکان اهڙي ڀُل ٿي وئي، ان لاءِ اوهين هڪ
ڳانءِ جي بدلي هڪ لک ڳئون وٺو، ۽ منهنجو اپراڌ کميا ڪريو."
جڏهن ايترين ڳانئن ملڻ تي به ٻئي براهمڻ راضي نه ٿيا ۽ رُسي گهر
هليا ويا، تڏهن راجا پشچاتاپ ڪري خيال ڪرڻ لڳو ته "مونکان
جو هي اڻڄاڻائيءَ ۾ پاپ ٿيو آهي سو ڪيئن لهندو؟" پاپ ڪاڻ
جتڻ لاءِ ويچاري راجا ڪيترائي دان براهمڻن کي ڏنو، پر سندس
سڀ نه مٽيو. جڏهن سندس مرتيو ٿيو ۽ جمدوت جمراج وٽ وٺي
ويس، تڏهن هن ڏاڍي آدرڀاءَ سان پاڻ سنگاسڻ تي ويهاري چيس
ته "هي راجا! تنهنجو پنن ته تمام گهڻو آهي، پر پاپ بلڪل ٿورو آهي،
ان لاءِ پهرياءِ پاپ جو ڏک ڀوڳيندين يا پنن جو سک؟" راجا وراڻي
ڏني ته "پهرياءِ پاپ جو ڏک پوءِ پنن جو سک ڀوڳيندس." جمراج
تڏهن ٻڌايس ته "تو هيڪر دان ڏنل ڳئون وري ٻئي براهمڻ کي
بيخبريءَ ۾ دان ڪري ڏني هئي، انڪري توکي ساهنڊو ٿي ڪيترن
ڏينهن انڌاري کوهه ۾ رهڻو پوندو. پوءِ جڏهن دواپر جي پڇاڙيءَ ۾
ڀڳوان شري ڪرشڻ اوتار وٺي توکي درشن ڏيندو، تڏهن تنهنجي
مڪتي ٿيندي." جمراج جو ايترو چوڻ ۽ نرگ جو ساهنڊو ٿي پوڻ ۽
پوءِ هڪڙي انڌاري کوهه ۾ رهڻ لڳو، جتي هڪڙي ڏينهن شري ڪرشڻ
ڀاڳاسر کي جيتي دوارڪا ڏانهن ٿي موٽيو، جڏهن پرديوم ٻين

اهڙا تہ قاتل آهن، جو سندن مان هڪڙي ساعت بہ توهانجي پاسي نٿو لڳي. هي ڪرپاسند! ڪنهن کي بہ اهڙي سمرٿي ڪانهي جو آهانجا گڻ ورنن ڪري سگهي. ڀاڳاسر اگيان سبب مونکي پنهنجو مددگار سمجهي اوهان سان ويڙهہ ڪئي، انلاءِ اوهين ديال تي هنجو آپراڌ ڪميا ڪريو ۽ کيس پنهنجي ڀڳت پرهلاد جي ڪل بہ چاولَ چاڙهي آيہ دان ڏيو."

پولانات جي ايتري شتوتي پڌي ترلوڪي نات کلي چوڻ لڳو تہ "هي پولانات! مون ۽ توهہ جيڪو پيد سمجهيٿو سو ضرور نرڪ ويندو ۽ تنهنجي ڌيان ڪرڻ وارو آنت مهل مونکي پائيندو. تنهنجي چوڻ سان مون ڀاڳاسر کي آيہ دان ڏنو. آ؟ تنهنجو ڀڳت سمجهي جيڪر سندس ايترا ڏمت نہ وڍيان ها، تہ اها رڳو سندس آيمان جي سزا ملي اٿس." ايترو پڌي شنڪر خوش ٿي ڪيلاس پروت ڏي هليو ويو.

شنڪر جي وڃڻ بعد ڀاڳاسر ڌمت جوڙي وئڪنٺ نات کي وينتي ڪئي تہ "هي ڪرپالو! جڏهن هيتري ديا ڪئي اٿو، تڏهن مهنجي گهر هلي پنهنجي چرڻن سان انکي پوتر ڪريو ۽ آنرڌ کي اوکا سميت پرڻائي گهر وٺي وڃو." بندرابن بهاري ڀاڳاسر جو چيو مڃي سندس گهر ويو، جتي هن ڀڳوان جو آدر ستڪار ڪيو ۽ سندس چرڻ ڌوئي چرڻامرت ورتو. پوءِ اوکا کي گهرائي کيس آنرڌ سان وڏي موجب پرڻايو ۽ ڪيترئي ڏاج، هاٿي ۽ گهوڙا ڏيئي دوارڪا روانو ڪيو. جڏهن يادو گهوٽ ڪنوار وٺي آنند سان دوارڪا موٽيا، تڏهن گهر گهر منگلاچار ٿي ويا."

شري شڪديو جي چوڻ لڳو تہ "هي راجا پريڪشت! نرگہ نالي راجا ڏاڍو پرتاپي ۽ ڌرماتما پيدا ٿيو، جنهن ايتريون تہ ڳائيون براهمڻن کي دان ڪيون، جنهنجو شمار ڪري نٿو سگهجي. اهڙي ڌرماتما راجا بيخبريءَ ۾ ٿوري پاپ ڪرڻ سبب سانڊي جو جنم وڃي ورتو، تنهنکي شري ڪرشڻ پنهنجو درشن ڏيئي ڪئين مڪت ڪيو سا ڪٿا تو پڌايانءِ:- راجا نرگہ هر روز نت نيم ڪري رهڻ بعد هزار ڳائيون براهمڻن کي دان ڪري پوءِ ڀوڄن وٺندو هو. هڪري ڏينهن انجي

فوج کي اچي ستائڻ لڳو تڏهن پرديمن، سانبڪي ۽ ٻيا يادو ڀڄي
اچي شريڪرشڻ کي چوڻ لڳا ته "مهاراج! شو جي موڪليل تپ
اسانکي ڏاڍو اچي جلايو آهي، انلاءِ مدد ڪريو نه ته اسانجو حال
ڪونهي." شريڪرشڻ تڏهن سيتوتپ کي اوڏانهن موڪليو، جنهن
ڪري شري مهاديو جو تپ ڀڄي پنهنجي مهاديو کي رکيا ڪرڻ لاءِ چوڻ
لڳو، پر مهاديو کيس شريڪرشڻ جي شرڻ وڃڻ لاءِ چيو. اهو ٻڌي هو
اگني تپ شريڪرشڻ جي چرڻن تي ڪري پيو ۽ وينتي ڪري
پنهنجو اپراڌ کميا ڪرائڻ لڳو. شريڪرشڻ مٿس ديا آڻي سندس
اپراڌ کميا ڪري چوڻ لڳس ته "اڄڪانپوءِ وري ڪڏهن به مري ڀڳتن
کي نه ستائجو، ڇاڪاڻ ته تون بلاشڪ ڀيڻو شري مهاديو جي وٽ وڃ."

اگني تپ جي وڃڻ ڪري سڀ يادو خوش ٿي پلا تي پيا ۽ ٻاڻاسر
جو ٻاجي وٻو هو-و تيار ٿي شيام سندر جي سامهون آيو ۽ ڏاڍي ايمان
پر پيرجي شريڪرشڻ کي وڙهڻ لاءِ للڪاريائين. جنهن تي پانيائين ته
شيام سندر تي پنهنجا هٿيار هلايائين تنهن تي ديوڪي نندن ڪروڌ پر
اچي سدرشن چڪر کي حڪم ڏنو، جنهن ٻاڻاسر جا سڀ هٿ ڪپي
وڌا. ٻاڻاسر پنهنجو اهڙو ڀيڙو حال ڏسي ڏاڍو لڄي ٿيو ۽ شري
شنڪر جي مهاراج کي چوڻ لڳو ته "هي ڀولانات! هون پنهنجي ايمان
جو ڦل پاتو، ڇاڪاڻ منهنجي رکيا ڪريو." شنڪر ڀڳوان جڏهن ڏٺو ته
دئيت جو ايمان ڍرو ٿيو آهي، تڏهن کيس وٺي وڃي شريڪرشڻ
جي چرڻن تي وڌائين ۽ اتي چوڻ لڳو ته "هي ڀڳت وتسل! اوهانجي
ليلا جو ڪوپار ڪونهي. اوهين فقط ڀرتوي جي ڀار اتارڻ لاءِ ڀڳتن
کي سک ڏيڻ لاءِ ۽ اڌرمين کي مارڻ لاءِ پنهنجي اڇا سان جنم وٺو ٿا.
سنسار پر منشيہ ديہ پائي جنهن اوهانجو سمرڻ نه ڪيو، تنهن امرت
کي ڇڏي جڻ زهر پيتو. جيڪي اوهانجو ڌيان ڇڏي سنساري ڄار
پر ڦاسن ٿا، تنڪي وڏو مورک سمجهڻ گهرجي. جنهنتي اوهين ديال
ٿي کيس پنهنجي ڌيان ۽ پوڄا جي راه ڏيکاريو ٿا، سو توهانجي
اپار مهما جاڻي ستسنگ ڪرڻ سان پوساگر پار لنگهي ٿو. مري ڀڳتي
۔ لڳڻ ڪڻ آهي ۽ وري سنساري آدمي ڪوڙي مايا موه پر

شيئن جي ڪل اوڏي هٿ ۾ ترشول کڻي ٻيل تي سوار ٿي ڀوتن ٻريتن ۽ پشاچن کي ٻاڻ سان وٺي شونت پور ڏانهن هليو ۽ جلدئي ٻاڻاسر وٽ اچي پهتو. ٻاڻاسر شنڪرڀڳوان کي ڏسي سندس پيرن تي ڪري هٿ جوڙي شتوتي ڪري چوڻ لڳو ته ”هي ديندیال! اوهانکا نسواءِ ٻيو ڪير منهنجي سهائتا ڪندو، اوهانجي مدد اڳ ته مي يادو جا تا ڪري سگهون؟“ پوءِ شيام سندر جي فوج ۾ چوائي موڪلياءِ ته توهان ۽ اسان جي وچ ۾ ڏوندو يڌ (هڪڙي سان هڪڙو وڙهندو) ٿيندي. وئڪنٺ ناٿ اها ڳالهه قبول ڪئي. پوءِ شيام سندر پولاناٿ سان ۽ ساتيڪي ٻاڻاسر سان ۽ ٻيا هڪٻئي سان وڙهڻ لڳا. اُنوقت ديوتا وماڻ ۾ چڙهي آڪاش مان اها لڙائي ڏسڻ لڳا. شيام سندر ۽ شنڪر جيو جهه پيهنڪريڌ ٿيڻ لڳي، هيڏانهن سوامي ڪارتڪ (مهاديو جي پٽ) ۽ پرديومن (شريڪرشڻ جي پٽ) جي وچ ۾ مها سنگرام ٿيڻ لڳو. هارام جڏهن ٻاڻاسر جا ٻه وڏا پهلوان ماري وڌا، تڏهن ٻاڻاسر ساتيڪيءَ سان وڙهڻ ڇڏي شري ڪرشڻ جي سامهون آيو ۽ پنهنجي تيرن جو مينهن وسائڻ لڳو. تڏهن شريڪرشڻ هڪڙو تير ڪيس اهڙو هنيو، جنهنڪري ٻاڻاسر جو سارٿي گهوڙن سميت مري ويو ۽ هو رٿ ڇڏي پيرين پيادو لڙائيءَ جو هنڌ ڇڏي اُٿي ڀڳو. شريڪرشڻ اُنهول پانچ جنير ناني جيت جو شنک وڄايو. ٻاڻاسر جي ماءُ پنهنجي پٽ جي ڀڄڻ جو حال ٻڌي اُگهاڙي لڙائيءَ جي ميدان ۾ ڊوڙندي آئي. اُگهاڙيءَ استريءَ کي ڏسڻ منع آهي ۽ ڌرم شاسترائين چوي ٿو ته جيڪڏهن پرائيءَ استريءَ کي اُگهاڙو ڏسجي ته جيستاءِ ڪوڙي تيل سان تي دفع اکيون نه ڌوئجن تيستاءِ ڏسندڙ جو پاپ نٿو مٽجي. شريڪرشڻ اُنکي اُگهاڙو ڏسي پنهنجون اکيون ڪٺي هيٺ ڪيون، جنهنڪري ٻاڻاسر وڃي ولي شهر ۾ پهچي ويو ۽ هڪڙي ئي تمام وڏي فوج تيار ڪري شريڪرشڻ سان وڙهڻ لاءِ آيو، پر شيام سندر اُها به سڀجي جٽ ڪري ڇڏيس. اهو حال ڏسي ٻاڻاسر پهچي شري شنڪر جي شرڻ ويو. پولاناٿ ڀڳت کي تمام وياڪل ۽ دکي ڏسي ڪاوڙجي تيوڙتب کي شيام سندر جي فوج ۾ موڪليو. جڏهن اهو تب دوارڪاناٿ جي

اوهان جي آشيرواد گهرجي، ٻيءَ آءٌ هن کي پاڻهي ڏسي وٺندس.“
نارد اهو ٻڌي هليو ويو.

جڏهن اُنرڌ کي جهلي ويٺل ڪان وڌيڪ ڏينهن گذري ويا ۽
سندس ڪو به پتو دوارڪا ۾ نه پيو، تڏهن هڪڙي ڏينهن پرڌيومن
يادون سان گڏجي شيام ۽ ٻلرام وٽ اداسائيءَ سان انرڌ جون ڳالهيون
ڪرڻ لڳو. شري ڪرشڻ انترجاميءَ کي سموري حال جي سڌ هئي، تڏهن
به ٻنهي کي پٽ پوٽي ڏين سان ادا ڳالهه نه ڪيائين. ايتري ۾ نارد مني
اچي سهڙيو، جنهن کي سڀني اٿي نمسڪار ڪيو. نارد پرڌيومن ۽ ٻين
کي اداس ڏسي انهيءَ سبب پڇڻ لڳو. جنهن تي شري ڪرشڻ ورائي
ڏنس ته ”هي ناٿ! اوهين درمند گهڻو ٿا، انلاءِ انرڌ جي ڪا خبر
هجي ته ٻڌايو. ٿورا ڏينهن ٿيندا ته هنن کي پلنگ سوڌو ڪو اڏائي کڻي
ويو آهي. ڪٿي ۽ ڪهڙا ڪٽي ويٺي آهي، ۽ سندس پتو ڪونه ٿو
پوي.“ نارد جواب ڏنو ته ”اوهين ڪا به ڳڻتا ڪا نه ڪريو. انرڌ
جيئرو آهي ۽ شونت پور ۾ ٻاڻاسر جي ڌيءُ سان پرڻيو پيو آهي؛
جنهن ڪري ٻاڻاسر ڪنهن ناگ ڦاسي ۾ ٻڌي ٻانڌي قيد رکيو آهي. سو
ٻنهان لڙائي ڪرڻ جي هو انرڌ کي نه ڇڏيندو. هاڻي اوهان کي جهڙن
مناسب ڏسڻ اچي تهڙن ڪريو.“ ايترو چئي نارد ٻرهم لوڪ ڏانهن روانو ٿيو.

شيام ۽ ٻلرام نارد جي وڃڻ بعد اُگرسين وٽ اچي ڪنهن سمورو
احوال ٻڌايو، جنهن تي اُگرسين کين سڄي فوج وٺي وڃڻ جو حڪم
ڏنو. شيام ۽ ٻلرام تڏهن ٻارنهن لشڪر وٺي ٻاڻاسر تي چڙهي ڪري
آيا. ٻاڻاسر جي دشمن سري ڪرشڻ جي وڏي فوج ڏسي ٻاڻاسر کي
وهي جتايو ته ”سڀ کي سري ڪرشڻ اچي گهيرو ڪيو آهي، هاڻي جهڙن
حڪم ٿئي تهڙن ڪجي.“ ٻاڻاسر تڏهن حڪم ڏنو ته ”جلدي تياري
ڪري يادون جي مٿي ساهون ٿيو ته آءٌ به اچو ٿو هان.“ ٻاڻاسر
ڏري شمڪر جي پوڄا ۽ ڌيان ڪري جلدي لشڪر ۾ آيو. ٻولاناٿ
کي معلوم ٿيو ته اڄ منهنجي ڀڳت تي ڪا بِهڙ آئي ٿي ڏسجي، تنهن
ڪري هاڻي اُنهي سهائتا ڪرڻ گهرجي. اهڙو ويچار ڪري جٽا جوٽ
...لڳائي گلي ۾ ناگ وجهي، ڪمرا ٿيون جي مالا پائي

انرڌ شري ڪرشڻ جو پوٽو آهي، جنهن شِشپال، جراسنڌ ۽ ٻين وڏن
وڏن پرتاپي راجائن کي جيتي راجا ڀيشمڪ جي ڌيءُ رڪمڻي ڪڍي
هئي." چترليکا جي ايتري ڳالهه ٻڌي اوکا چوڻ لڳي ته "ڀيڻ!
پراڻ پتيءَ کي ناگ ڦاس ۾ ٻڌل ٻڌي مونکي ذري به شانت نٿي اچي،
انلاءِ مونتي ڪٿي ڪهڙي به آفت اچي ته هڪ دفع آءٌ ضرور سڀا
منجهه انرڌ وٽ وينديس." ايترو چئي اوکا محل کان ٻاهر نڪتي
۽ راج سڀا ۾ اچي لڄ لاهي انرڌ وٽ وڃي ويٺي. اهو حال ٻڌي
ٻاڻاسر پنهنجي پٽ اسڪند کي ڀيڻ کي آڻان وٺي وڃڻ لاءِ چيو؛
جنهنڪري هو ڏاڍي ڪاوڙ منجهه اوکا کي اچي چوڻ لڳو ته "اي
ڀيڻ! تو لوڪ لڄ ڇڏي پنهنجي ماتا پتا جو ناموس گم ڪيو آهي.
آءٌ جيڪر توکي هينئر جو هينئر ماري وجهان، پر استري هتيا جي
پاپ جو ڊپ ٿو ٿئيم." اوکا جواب ڏنس ته "اي ڀاءُ! توکي جيڪي
وڻي سو چئو ۽ ڪر، مان ته پاروتيءَ جي وردان سان هي پتي ڪري
چڪي آهيان. هاڻي جي هنکي ڇڏي ٻئي سان وهانءُ ڪريان ته
سنسار ۾ پاڻکي ڪلنڪ لڳايان. ورڌاتا جيڪي منهنجي ڀاڳ ۾
لکيو هو سو ڏنو. هاڻي چاهي ته پاڻ ٿئي يا پرو ته به مان اُنتي راضي
رهنديس." اسڪند ڀيڻ کي هن ريت نٿر ڏسي زبردستي محل ۾
وٺي ويو ۽ مٿس پهرو ٻهاريائين، انلاءِ ته وري انرڌ وٽ نه وڃي ۽
انرڌ کي زنجير ۽ هٿڪڙيون وجهي ٻئي هنڌ قيد ۾ رکيائين.
هاڻي هڪ پاسي انرڌ اوکا جي وڇوڙي ۾ وياڪل رهڻ لڳو ته ٻئي
پاسي اوکا انرڌ جي جدائيءَ ۾ ڪاڌو پيتو ڇڏي ڏنو. انرڌ تڏهن
نارد منيءَ جو ڌيان ڪيو، جنهن وٽس اچي دلاسو ڏنس ته "پٽ! ڪنهن
به ڳالهه جي چنتا نه ڪر. شري ڪرشڻ ٻلرام سميت جلدي توکي
اچي هتان ڇڏائيندو." پوءِ ٻاڻاسر وٽ وڃي کيس سمجهائڻ لڳو
ته "اي راجا! انرڌ کي جو تو قيد ۾ رکيو آهي، سو پردومن جو پٽ ۽
شري ڪرشڻ جو پوٽو اٿيئي. توکي يادون جي ٻل ۽ پراڪرم جي
چڱي خبر آهي، تنهنڪري جئن مناسب سمجهين تئن ڪر." ٻاڻاسر
ايمان سان جواب ڏنو ته "اي مني ناٿ! مونکي سڀ سڌ آهي، رڳو

ٺڪري جو ڪمدار يڪدم وڃي ٻاڻاسر کي ٻڌايو. ٻاڻاسر انهيءَ تي
تلوار ۽ ترشول کڻي اوکا جي دروازي تي اچي للڪاري چوڻ لڳو
ته ”اڙي ! تون ڪهڙو چور آهين جو منهنجي راڄ محل ۾ بنان
موڪل گهڙي آيو آهين؟ هاڻي جلد نڪري اچ ته توکي اُنهجو
بدلو ڏيان.“ ٻاڻاسر جو آواز ٻڌي اوکا ڇرڪندي ڪنبندي انرڌ
کي اچي چيو ته ”پراڻ ناٿ ! منهنجو پيءُ ڪيترن دئيتن کي وٺي
اوهانکي مارڻ لاءِ آيو آهي ۽ نٿي ڄاڻان ته اوهين ڪو منهنجي هٿان
ٻچي سگهندا.“ انرڌ اوکا کي ڌيرج ڏيئي چيو ته ”هتان ڪي ڇرڪندي
آهين، ڏس ته تنهنجي ڏسندي ڏسندي هن سڀني کي ڪيئن ٿو
ناس ڪريان.“ پوءِ ته ٻاهر نڪري ٻاڻاسر کي للڪاري چوڻ لڳو
ته ”ڀائي ! هاڻي جي طاقت رکندو هجين ته نڪري ٿي نروار.“
ٻاڻاسر دئيتن جي فوج وٺي انرڌ تي اُلر ڪرڻ لڳو. انرڌ اُن مهل
ڪروڌ ڪري ڪيترن ئي دئيتن کي ماري ڇڏيو. گهڻا ته ڦٿجي ڪري
پيا، باقي پنهنجو ساهه بچائي اُتي ڀڳا. ٻاڻاسر جڏهن ڏٺو ته هي جو ڪرو
ڏاڍو زور وارو ٿو ڏسجي، تڏهن ناگ ڦاس، جا کيس شنڪر کان
مليل هئي سا، اُڇلائي انرڌ کي ڦاسائي ورتائين ۽ پوءِ کيس سڀا ۾
وٺي وڃي چيائين ته ”اڙي ٻالڪ ! هاڻي آ؟ تنهنجو پراڻ وڃڻ ٿو،
جنهنکي ٻه رکيا واسطي سڏڻو هجيئي تنهنکي گهراءِ.“ انرڌ ويچار
ڪرڻ لڳو ته جيڪڏهن هنن پنهنجي ٻل پراڪرم سان ناگ ڦاس
کي ٽوڙي نڪري ٿو وڃان ته شري شوجي مهاراج جو اپمان ٿيندو،
تنهنڪري حرڪت نه آهي جيڪڏهن ڪجهه موکي ملاکي پوندي.
ڀڳوان کي جيڪي ڪرڻو هوندو سو پاڻهي ٿيندو.

اوکا انرڌ جو حال ٻڌي وياڪل ٿيڻ لڳي ۽ چترلکا کي گهرائي
چوڻ لڳي ته ”هي سکي ! منهنجو پيارو دکر ڏسي ۽ هاڻ هن طرح آنند
۾ رهان، تنهنکان بهتر آهي ته مري وڃان.“ ائين چئي ڏاڍا
ورلاپ ڪرڻ لڳي. چترلکا ڌيرج ڏيئي چوڻ لڳس ته ”سکي !
ڪا ٻه چنتا نه ڪر، اڄ جو منتر شام ۽ بلرام هتي اچي انرڌ کي
ٽڪارو ڏيندا ۽ پوءِ تو سميت کيس دوارڪا پرتي وٺي هلندا.

طرح ڪليو جو هڪڙي ڏينهن اوکا انرڌ کي سهيل ڏسي ويچار ڪيو ته منهنجي پاهر نه نڪرڻ ڪري ضرور سيني کي شڪ پيو هوندو، تنهنڪري دروازو کولي جڏهن ئي پاهر نڪتي تڏهن ئي انرڌ جي برپر ڪپڙن وجهڻ نه ڏنو ۽ موتي محل اندر آئي. اها حالت ڏسي دربانن کي شڪ پيو ۽ هو پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا ته "ڀائي! اڄ ئي پهر اوکا جو محل بند رهيو تو، پر اندر ڪنهن مرد جو ڳالهائڻ پڻ اچي تو." هيو چوڻ لڳو ته "جي ائين آهي ته پاٽاسر کي يڪدم پڌائڻ گهرجي." ٻيون چوڻ لڳو ته "راڄ ڪنيا تي چغلي هڻڻ پنهنجو ڌرم نه آهي." اجا انهيءَ ڳڻ تور ۾ هوا ته پاٽاسر اُتان اچي نڪتو ۽ محلات تي مهاديو جي ڏنل ڏجا نه ڏسي چوڪيدارن کان اُن بابت پڇڻ لڳو. چوڪيدارن جواب ڏنس ته "مهاراج! ڪيترن ڏينهن کان اها ڏجا پاٽيهي پڇي ڪري پيئي آهي." هاٺي پاٽاسر ڏاڍو خوش ٿيڻ لڳو جو سمجهائين ته مهاديو جي وردان ڪري منهنجي لڙڻ وارو پيدا ٿيو آهي. اجا سندس وات ۾ اها ڳالهه هئي ته هڪڙي چوڪيدار هٿ جوڙي چيس ته "مهاراج! ڪيترن ڏينهن کان راڄ ڪنيا جي محل ۾ هڪڙي پرش جي ڪلڻ ۽ ڳالهائڻ جو آواز پڌجي تو. اسين ته سمجهون نٿا سگهون ته هو ڪير آهي ۽ ڪهڙي رستي کان آيو آهي."

پهريدار جا اهي وچن پڌي پاٽاسر ڪاوڙ ۾ ڀرجي هٿيار ڪٽي يڪدم اوکا جي محل اندر گهڙي ويو، جتي جا وجي ڏسي تـه هڪڙو مها سندر شيام ورن پرش اوکا سان پلنگ تي سمهيو پيو آهي. پاٽاسر اُن جو روپ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سمجهڻ لڳو ته اوکا سان شادي ڪرائڻ جو ته بيشڪ لائق آهي. پوءِ محل کان ٻاهر اچي پنهنجن ماڻهن سان احوال ڪرڻ لڳو ته منهنجو دشمن اچي ويو آهي، پر جڏهن ته هينئر هو سمهيو پيو آهي انلاءِ سمهيل کي مارڻ واجب ڪينهي. اوهين سڀ محل کي چوگرد گهيرو ڪري بيٺا رهو ۽ جنهنڪري هو هتان ڀڄي نه سگهي ۽ پوءِ جڏهن هو سمهي اُٿي تڏهن مونکي پڌائجو. بس! پوءِ ته ڪيترو ئي لشڪر اوکا جي محل کي چوگرد گهيرو ڪري بيٺو. هيڏانهن انرڌ ۽ اوکا جاڳي چوپڙ راند ڪرڻ لڳا، جنهن بابت

ڪرڻ لاءِ تيار آهيان." پوءِ چترلکا بلڪل تڪڙو سڌي دوارڪا پهتي
انهن اُڏامندي اچي پهتي. جادوءَ جي زور انرڌ جي محل ۾ پهتي،
جتي هو پلنگ تي اڪيلو سمهيو هو ۽ سپني ۾ اُوکا سان پريم ڪري
رهيو هو. چترلکا تڏهن هنکي پلنگ سميت کڻي اُڏاڻي ۽ هڪڙي ساعت
۾ آڻي اوکا جي محل ۾ پهچايائينس. پوءِ اوکا کي چوڻ لڳي ته "هاڻي
آ؟ تنهنجي چت چور کي کڻي آئي آهيان، اڳتي تنهنجي خوشي
جئن وڻئي تئن سانس نڀاءِ." اوکا چترلکا جي پيرن تي ڪري پيئي ۽
هٿ جوڙي سندس ستوتي ڪرڻ لڳي ته "تو جو منهنجو هي ڪم
ڪيو آهي، تنهن لاءِ سڄي عمر اهو احسان نه ڀلائيندس." چترلکا پوءِ
پنهنجي گهر هلي ويئي ۽ اوکا ڊپ ۽ لڄ کان من ۾ ويچار ڪرڻ
لڳي ته ڪٿ انرڌ کي جاڳائي پنهنجو منورٿ پورو ڪاهي. هڪڙ
هو ڏاڍي مٺي سُر سان ڳائڻ وڄائڻ لڳي، جنهنڪري انرڌ جاڳي جو ڏاري
هنڌ اُهو ڏانهن نهارڻ لڳو ۽ ناواقف جاءِ ۾ ڏسي من ۾ چوڻ
لڳو ته هت مونکي پلنگ سوڌو ڪنهن آندو آهي؟

اوکا پنهنجي پراڻ پياري کي جاڳندو ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيڻ
لڳي ۽ اُنجي سندرتا جي ڌيان ۾ مگن ٿي ويئي. انرڌ کيس ڏسي
چيو "هي پراڻ پياري! تون ڪير آهين ۽ مونکي هت جو آندو
اٿيئي؟ اوکا جڏهن اُنجو ڪوبه جواب نه ڏنئي لڄ کان پريان
ڪنڌ ۾ وجهي بيهي رهي، تڏهن انرڌ کيس هٿ کان جهلي پنهنجي
پلنگ تي آڻي ويهاريو. پوءِ پريم جون ڳالهيون ڪري انرڌ پنهنجي
گهراڻي جو حال ٻڌايس. اوکا تڏهن سڀني جو سڀ احوال ۽
چترلکا جي مدد جو سمورو بيان ڪري ٻڌايس. ان ريت ڳالهين
ڪندي صبح ٿي ويو. اوکا تڏهن انرڌ کي پنهنجين سهيلين کان
لڪائي ٻئي هنڌ ويهاريو، جتي هنجي سيوا چاڪري ڪرڻ لڳي،
پر جادئي اُهکي انرڌ جي حسن پٺيان ويئي.

هڪڙي ڏينهن اوکا ۽ انرڌ ڳالهه ٻولهه ڪري رهيا هوا ته اُن وقت
اوکا جي ماتا اندر لنگهي آئي ۽ انرڌ جي سندرتا ڏسي گد ٿي
ويئي. اهڙيءَ طرح چار مهينا انرڌ جو حال لڪو رهيو، پوءِ من

ناليءَ ۽ گهر جي ڪا به خبر ڪانهي. مون جڏهن ماتا پاروتيءَ وٽ وديا پڙهي ٿي، تڏهن هن مونکي چيو هو ته ”تنهنجو سوامي توکي پورباءِ سپني ۾ اچي ملندو ۽ پوءِ تون اُنجي تلاش ڪجانءِ.“ رات اها ڳالهه ته لڳي آئي، پر هاڻي آءٌ اُنکي ڳولي ڪٿان آڻيان ۽ هي پنهنجو دک ڪهڙو ورو ڪنهنکي ٻڌايان؟“

اُوکا ايترو چئي ٿڌا ساهه کڻڻ لڳي. تڏهن چترليکا ڏيرج ڏيئي چيس ته ”پيرڻ! ڪنهن به ڳالهه جو ويچار نه ڪر مان تنهنجي چت چور کي جتي به هوندو اُتان وٺي آڻي توسان ملائيندس. تون مونکي آڳيان ڏي ته آءٌ ٽنهي لوڪن ۾ جيڪي به سندر پرش آهن، تن سڀني جي تصوير ڪڍي توکي ڏيکاريان ۽ اُنهن مان تون پنهنجي چت چور کي سڃاڻي مونکي ٻڌائجانءِ. پوءِ اُنکي آڻڻ منهنجو ڪم آهي.“ اِها ڳالهه ٻڌي اُوکا ڏاڍي پرسن ٿي ۽ چترليکا گڻيش ۽ شاردا جي پوڄا ڪري تصويرون ڪڍڻ لڳي. چترليکا ڪيترنئي ديوتائن جا چتر ڪڍي ڏيکاريس، پر اُوکا پنهنجي چت چور کي اُنهن ۾ نه ڏٺو. چترليکا تڏهن شريڪرشڻ ۽ پرديمن جي شڪل ڪڍي ڏيکاريس جي ڏسي اُوکا لڄ ڪرڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي ته چت چور ضرور اُنهن جي آکهه مان هوندو. اهو ٻڌي جئن ئي چترليکا انرڌ جي تصوير ڪڍي، تئن ئي اُنکي ڏسي اُوکا بيهوش ٿي ويئي. جڏهن هوش ۾ آئي تڏهن چوڻ لڳي ”اي پيرڻ! رات سپني ۾ اهوئي پرش منهنجو من چورائي ويو آهي. هاڻي اهڙي تجويز ڪر، جنهنڪري اهو مون کي ملي؛ نه ته منهنجو پراڻ اُنجي وڇوڙي ۾ نڪري ويندو. چترليکا وراڻي ڏنيس ته ”پياري! فڪر ڪونه ڪر هاڻي هي پاڻکان لڪي نٿو سگهي؛ جو ته هي شريڪرشڻ جو پوٽو انرڌ ناليءَ دوارڪا پريءَ ۾ رهندو آهي، جتي سدرشن چڪر جي رکيا ڪرڻ سبب ڪو به آدمي دئيت يا راڪشس شريڪرشڻ جي آڳيا بنا اُتي وڃي نٿو سگهي.“

چترليکا کان ايترو ٻڌي اُوکا اُداس ٿي چوڻ لڳي ته ”پيرڻ! جڏهن اهڙو حال آهي ته پوءِ منهنجو پراڻناٿ ڪئن مونسان ملندو؟“ چترليکا چيس ته ”پيرڻ! ڪو به اُلڪو نه ڪر آءٌ سڀ تنهنجي واسطي

خبر نه آهي ته بابو منهنجو وهانو ڪنهن سان ٿو ڪري ته اُنهيءَ ويچار
۾ ڪيس اُتيئي ننڊ اچي ويئي. سڀني ۾ جاڳي ڏسي جو هڪڙو
نوجوان شيام مورت تمام سندر جڙاءُ مڪٽ مٿي تي رکيل، ڪنن
۾ ڪنڊل پيل پيتامبر پهريل موتين جي مالا ڳچيءَ ۾ پيل، ريشمي
پيتامبري اوڍيل سندس پير ۾ اچي ويٺو آهي، جنهنکي ڏسي موهه
لڄ ڪرڻ لڳي. جڏهن ان پرش پريم جي ڳالهين سان ڪيس موهي
وڌو، تڏهن پاڻ ۾ اُن موهني مورت سان پريم جون ڳالهيون ڪرڻ
لڳي ۽ حسن ئي پانياء ته اُنکي جوليان تش ئي سندس اکر کلي ويئي ۽
من جي من ۾ رهجي ويس. جاڳڻ بعد اوڪا ان پرش کي نه ڏسي ڏاڍو
وياڪل ٿيڻ لڳي ۽ ويچار ڪرڻ لڳي ته هاڻي ڪيئن ڪجي. جيڪڏهن
اکر نه کليم ها ته مونکي ضرورت منهنجو من هورائي پنجي نه وڃي
ها. بس! پوءِ ته سڄي رات ڏاڍي وياڪلتا ۾ گذاريائين ۽ اُن روپ
جو جيترو ڪيترو ڏيان پنهنجي هرديءَ ۾ رکي سمهڻ پائيو پر ننڊ نه
آيس. صبوح جو ڪيترو سج مٿي چڙهيو تڏهن به اوڪا پلنگ تان نه
اُٿي. انهڪري سندس ساهيڙيون سمهڻ واري ڪوٺيءَ ۾ ويئيون، جتي
اوڪا کي روئندو ۽ وياڪل ڏسي سمجهائڻ لڳيون. چترليکا ساهيڙيءَ
اوڪا جو حال ڏسي ڏجي پڇيو ته "اي پياري! توکي ڇا ٿيو آهي
جو ايتري قدر روئي ڳري رهي آهين؟ مونکي پنهنجو پيد ٻڌاءِ ته
آ؟ ضرور اُن جو اُپاءُ ڪنديس." اوڪا ساهيڙيءَ جون اهي پريم ڀريون
ڳالهيون ٻڌي پلنگ تان لڄ ۾ پيرجي آهستي آهستي چوڻ لڳي
ته "پيڻ! تون منهنجي حال محرم آهين، تنهنڪري اندر جي ڳالهه
ٿي ٻڌايانءِ پر ڪنهن سان به اُها ڪانه ڪانه ۽ توکي جيڪڏهن
ڪا تڪوار سمجهوي اچي ته اُها ڪجهه. رات سپني ۾ هڪڙو تمام
سندر سمام ورڻ پرش منهنجي پلنگ تي پرسان اچي ويٺو. جڏهن هن
پريم جون ڳالهيون ڪري منهنجو من کسي ورتو، تڏهن مون لڄ
جڏي اُنکي ڳلي سان لڳائڻ واسطي پنهنجي پانهون ڊگهيڙي. ائين
ڪرڻ سان اکر کلي پئي، جنهنڪري هو پرش مونکان ڦاٽ ئي ويو.
پر اُهو موهني روپ پيرون ۾ وسي رهيو اٿم ۽ افسوس اٿم جو اُنجي

ڏانهن موٽيو ۽ پنهنجن ٻانهن جي ٻل سان سڄي سنسار کي جيتي راڄ
ڪرڻ لڳو ۽ هر روز ڪيلاس پربت تي وڃي شنڪر جي پوڄا ڪندو هو.

اِنريت جڏهن ڀاڳاسر سان ڪوبه وڙهڻ وارو نه رهيو ۽ اُن جون
هزار ٻانهون ٻنا وڙهڻ جي ڪوماڻجڻ لڳيون، تڏهن هو وڏن وڏن
پهاڙن کي ڪٽي پٽي پهاڙن تي هٿي ٻرزا ٻرزا ڪرڻ لڳو، پر تڏهن به
اُنکي شانتي ڪا نه آئي. هڪڙي ڏينهن ويچار ڪيائين ته سواءِ لڙائيءَ
جي هي سڀ ٻانهون مونکي ٻار ڀاسن معلوم ٿين، انڪري ڀلو ٿيندو ته
مهاديو وٽ هلي ڪنهن دشمن جو پتو پڇان. اهڙو ويچار ڪري هو
مهاديو وٽ آيو ۽ اُنکي پنهنجي مَن جو مطلب اچي ٻڌايائين. پوءِ چوڻ
لڳس ته "جيڪڏهن ٻيو ڪو وڙهڻ لاءِ تيار نه آهي ته توهين ئي تيار
ٿيو." مهاديو سندس اهڙا اهنڪار ڀريل وچن ٻڌي ويچار ڪيو ته
مون هنکي ڀڳت ڄاڻي اهو ور ڏنو سو هي اڳياني اُتاولو مونسان وڙهڻ
تو چاهي، اِنڪري سندس ايمان ٽوڙڻ گهرجي. پوءِ کيس چوڻ لڳو ته
"هي ايماني! جلدي تنهنجي ايمان ٽوڙڻ لاءِ شري ڪرشڻ اوتار
وٺندو ۽ توسان وڙهندو." اهو ٻڌي ڀاڳاسر ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پڇڻ
لڳو ته "هي ڀولاناٿ! ڀلا مونکي اِن اوتار جي ڪئن سڌ پوي؟"
مهاديو تڏهن کيس هڪڙي ڌڄا ڏيئي چيو ته "هيءَ تون پنهنجي محل
مٿان کوڙي ڇڏ ۽ جڏهن ڀل هيءَ پاڻهي پاڻيهي ڪري پوي، اُن مهل
تون پنهنجو دشمن پيدا ٿيو سمجهه." ڀاڳاسر اها ڌڄا وٺي خوشيءَ
سان ڪٽي پنهنجي محل مٿان کوڙي ڇڏي ۽ هر روز اُن ڌڄا کي
ڏسي پنهنجي دشمن پيدا ٿيڻ جي آسا رکندو هو.

اوکا هاڻي ٻارهن ورهين جي هڪڙي تمام سندر ڪنيا ٿي آهي،
جنهنجي سامهون چندر ما به لڄي ٿئي ٿو. هڪڙي ڏينهن ڀاڳاسر اوکا
کي وڏو ڏسي ويچار ڪيو ته هاڻي هيءَ شاديءَ جي لائق ٿي آهي.
پوءِ ڪيترا راڪشس ۽ دئيت اُنجي محلات وٽ نگهباني لاءِ ويهاريائين
ته ڪو ڏاريو پرش اُتي وڃي نه سگهي. اوکا پنهنجي سواميءَ سان
ملڻ واسطي اٺئي پهر شري پاروتي جو ڌيان ۽ پوڄا ڪرڻ لڳي.
هڪڙي ڏينهن اوکا رات جو اڪيلي پلنگ تي ويٺي ويچار ڪيو ته

جي لحاظ ڪري ڪٿي شانت ڪيائين؛ وري به پهو وڏو داءُ رکي راند ڪيائين. ايشور ڪرپا سان بازي کٽيائين، اُهول به سڀئي راجائن گڏ جي ڪوڙ ڳالهايو ته رڪمڻي کٽيو آهي. انهيءَ تي يڪدم آڪاش واڻي ٿي ته ”بلديو جي جيت آهي.“ پر اُنهن راجائن ڪوبه خيال ڪونه ڪيو. بس! مهنڊ بلديو جي غصي جي حد ڪانه رهي؛ جو رڪمڻي جو ڪوبه لحاظ نه رکي، رڪمڻي کي چوڻ لڳو ته ”مورکا! ماڻهي ڳنڍي به دل مان دشمني نه ڇڏيندءِ.“ ايترو چئي پنهنجي هل؛ موسل سان رڪمڻي کي پورو ڪري ڇڏيائين. اهو حال ڏسي جڏهن ٻيا راجا ڀڄڻ لڳا، تڏهن اُنهن کي به اهو حال ڪيائين، جي پنهنجو ساهه بچائي اُٿي ڀڳا. باراتي پوءِ سمورو حال ڄڻن جو ٻڌي شام سندر کي اچي ٻڌايو؛ گوپت ڪنوار ولي جلدي دوارڪا ڏانهن موٽيا. دوارڪا واسي سندن اچڻ جو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا.“

هي راجا پرڪشت! ماڻهي مان توکي اڳ آيو؛ آنرڌ جي ڪٿا ٻڌائيندو سا ٻڌ: برهما جي ونس ۾ ڪشپ پيدا ٿيو، جنهن کي هرڻاڪشپ مهابلوان پٽ پيدا ٿيو. اُن کي گهر پرهلاد جنم ورتو، جنهن جي ونس ۾ بلي راجا پيدا ٿيو، جنهن جي ڪيرتي اڃا سنسار ۾ قائم آهي. انهيءَ بلي راجا کي سو پٽ پيدا ٿيا، جن مان باڻاسر وڏو پٽ تمام سگهارو ۽ ڌرماتما هو، جو شري مهاديو جي پوڄا؛ تپسيا ڏاڍي پريم سان ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن جڏهن اهو باڻاسر ڏاڍي پريم ۾ اچي شري مهاديو جي ڌيان ۾ نچڻ ۽ ڳائڻ لڳو، تڏهن ڀولانات پرسن ٿي ٻارنهي سمپ درشن ڏئي چوڻ لڳس ته ”هي پترا تنهنجو پريم ڏسي آءٌ ڏاڍو خوش ٿيو آهيان، ماڻهي جا اڇا هجيئي سا گهر.“ باڻاسر تڏهن هٿ جوڙي ونتي ڪئي ته ”هي دين دیال! او مهاڻي جڏهن اوهان آهيو ته تڏهن پورڻ مونکي امر ڪريو. تنهن کان پوءِ جو ڏهن لوڪن جو راڄ ڏيئي اهڙو بل ڏيو، جو پوءِ ڪوبه مونکي جيتي نه سگهي.“ ڀولانات تڏهن پرسن ٿي کيس هزار ٻانهون ڏيئي چيو ته ”هي پُٽ! [illegible] اچا موجب اُئين ٿيندو؛ ڪوبه توکي جيتي ڪونه سگهندو.“ اهو ور پائي باڻاسر اُتان موڪلائي پنهنجي راڄ محل

انهن راجائن کي اماڻي اچان، پوءِ جڏهن تنهنجي اچا هوندي تڏهن کبو." ايترو چئي هو سڀئي راجائن کان موڪلائڻ ويو، جتي هو چوڻ لڳس ته "ڏس! هيترو مال ۽ ڏاج شيام ۽ ٻلرام کي ڏنيءَ، پر هنن ايمان وڃان خيال به ڪونه ڪيو ۽ جنهنڪري اسانکي ڏاڍو دل ۾ تپ پيو آهي ۽ سمجهون ٿا ته توکي اسان کان به زياده ڏکر ٿيو هوندو. پيو اسين نئا پانيون ته رکمڻي جي پيري ٻلرام جيڪا توسان بڇڙي حالت ڪئي هئي سا ڪا توکي وسري ويئي هوندي. هاڻي لڙائي ڪري ته انهن سان پوري پئي نٿا سگهون، انڪري تون ٻلرام کي هٿ ڳهراءِ ته ساڻس جوئڙ کيڏي سڀ مال جوا ۾ کسي وٺونس. شري ڪرشڻ سان بگاڙڻ جو ڪو ضرور ڪونهي."

اها ڳالهه ٻڌي رکمڻي کي اڳوڻي ڳالهه ياد آئي ۽ ڏاڍي جڙ لڳيس، سو اچي ٻلرام کي راجائن وارو نياپو ٻڌايائين. ٻلرام اماڻ ساڻس گڏجي راجائن جي سڀا ۾ آيو، جن ڏاڍي آدرڀاءُ سان کيس وهاريو ۽ رکمڻي سان جوئڙ کيڏڻ لاءِ چيائونس. راند شروع ٿي ۽ رکمڻي پهريون ٻه رانديون ٻلرام کان کٽيون. جڏهن ٻلرام سڀ پئسا هارايا، تڏهن رکمي ايمان ۾ پرچي ٻلرام کي چوڻ لڳو ته "هيندر سڀ هارائي ويٺو آهين پوءِ ڇا سان راند ڪندين؟" انهيءَ تي پيا سڀ راجائون ٽوڪبازي ڪري کلڻ لڳا. ٻلرام تڏهن شرمند ٿي وڏو داءُ رکيو ۽ جڏهن اهو کٽي رپيا کٽڻ لڳو، تڏهن سڀئي راجائن اڏرم سان چيو ته "اها راند رکمڻي کٽي." ٻلرام لاچار ٿي اهي رپيا رکمڻي کي کٽي ڏنا ۽ پيو وڏو داءُ رکيائين. ٻلديو وري به کٽيو، پر هنن بيئان راجائن ڪوڙ ڳالهائي رکمڻي جي فائدي ۾ چيو. ٻلرام کي انهيءَ تي غصو لڳو، تڏهن رکمي ايمان ۾ پرچي ٻلرام کي چوڻ لڳو ته "پائي! ڪا وڙهين جو ٿو؟ ڀلا تو پنهنجو سڄو جنم ڳنوارن سان بن ۾ ڳائيون چارڻ ۾ گذاريو، سو تون راجسي جوئڙ راند مان ڇا ڄاڻين؟ اها راند ڪرڻ ۽ دشمن سان لڙڻ راجائن جو ڌرم آهي ۽ نه تو جهڙي ڳنوار جو."

ايترو ٻڌي ٻلديو جي غصي جي حد نه رهي، پر وري به رکمڻي

آهي ته اسين پنهنجي ڌيءَ جو وهانءُ توهانجي پٽ سان ڪرايون."
رڪمڻيءَ جواب ڏنو ته "دادي جو حال توکي سڻايو ٿيو آهي سو وري
جهيڙو ڪرائڻ ٿي چاهين؟" اهو ٻڌي رڪمي چوڻ لڳو ته "ڀيڻ! ڊپ ڪو نه
ڪر، منهنجي مرضي آهي. اها آهي ته پرديمن کي جو ڪري ڌيئي
شري ڪرشڻ سان نئين ماٺتي ڳنڍيان ۽ جهيڙو اڳوڻو وير مٽجي
وڃي." ايترو چئي رڪمي سوئمبر سڀا پر ماڻهو ويو. هيڏانهن پرديمن
ٻه ماتا جي آگيا سان اتي سڀا پر آيو. جڏهن رڪماوتي ورمالا کڻي
سڀني راجائن کي ڏسندي پرديمن وٽ پهتي، تڏهن اُن سانوري صورت
تي موهجي اُها مالا سندس ڳچيءَ ۾ ڪڻي وڌي. اهو حال ڏسي اتي
ويٺل راجائن کي ڏاڍو حسد ٿيو ۽ پرديمن کان ڪنوار کسڻ جي
رٿ ڪرڻ لڳا. هيڏانهن رڪمي شاستر ودِّيءَ سان پنهنجي ڪنيا
پرديمن کي پرڻائي، گهڻوئي ڏاج ڏيئي دوارڪا روانو ڪيو.
وات تي انهن راجائن ڪمس گهيرو ڪيو، پر پرديمن پنهنجي اڪيلي ٻل ۽
پراڪرم سان سڀني کي ڀڄائي ڪڍيو. پرديمن جي دوارڪا
پهچڻ تي گهر گهر آنند ٿيڻ لڳا.

ڪجهه ورهين بعد پرديمن کي رڪماوتيءَ مان هڪڙو سندر ۽
تيجسوي انرڌ نالي پٽر پيدا ٿيو. براهمڻن هنجي جنم ڪنڊلي ڪڍي
ڏاڍي واکاڻ ڪئي. رڪميءَ جڏهن ڏوهٽي جي جنم جو ٻڌو،
تڏهن خوش ٿي وسديو کي چوائي موڪليائين ته "آءٌ پنهنجي پوٽي
اوهانجي پوٽي سان پرڻائڻ چاهيان ٿو." اها ڳالهه قبول پيئي ۽
شباهارام ڏاڍي ڌوم ڌام سان انرڌ کي پرڻائڻ ويا. وهانءَ جي
رسم پوري ٿيڻ بعد جڏهن رڪميءَ جوپ ڏاج وغيره تمام سندر کي
ڏنا، تڏهن راجا ڀسمڪ شري ڪرشڻ کي چوڻ لڳو ته "مهاراج!
وهانءُ ٿي گذريو هاڻي ڪي وڏيڪ نه رهيو ۽ جو جو پيا راجائون جي
وٽ آيا آهن تن سڀني کي اوهانجي ڏاڍا ڌار ڏيڻ." شري ڪرشڻ
اها ڳالهه رڪمڻيءَ سان ڪئي، جنهن وري پنهنجي ڀاءُ کي
سموري ڳالهه ٻڌائي ۽ رخصت وٺڻ لڳي. رڪميءَ انهيءَ تي جواب
ڏنس ته "ڀيڻ! توهان ڪنهن به ڳالهه جو ڊپ نه ڪريو، مان پورپاهه تو

پڌي ڏوکو ڪاڏو. سو جڏهن اوهانجي شتوتي ويد ۽ شاستر ۾
واکاڻيندي پورا نٿا پون، تڏهن ٻلا منگتن جي ڪهڙي مجال آهي.
مون ته نارد منيءَ کان، جو آٺ ئي پهر توهانجا گڻ ڳائيندو، اوهانجي
مهما پڌي براهمڻ کي اوهان وٽ موڪليو هو ۽ اوهان ديال تي مان
داسيءَ کي پاڻوت آندو. هاڻي مان اهو گهران ٿي ته ٻل جنم جنمانتر
۾ توهانجي داسي ٿي رهان ۽ منهنجو پريم توهانجي چرڻن ۾ لڳو رهي."

ايترو پڌي شيام سندر چوڻ لڳو ته "پياري! تنهنجو يقينو پورو
آهي. مون ته رڳو تنهنجي پريت جي پريکشا وٺڻ لاءِ اهڙا ڪٺور وچن
چيا، پر ڏسان ٿو ته تنهنجو پريم مون ۾ سچو آهي. جيتوڻيڪ منهنجن
ڪٺور وچن پڌڻ ڪري تنهنجو ٻاهريون رنگ سو پياو ٿي ويو هو،
پر اندريون پريم ذرو به نه گهٽيو. پتورت استرين جو اهو ڌرم آهي
ته پنهنجي پتيءَ جي آگيا موجب هلن. آءٌ تنهنجي سندرتا تي موهجي
ڪندن پور ڪونه آيو هوس، پر رڳو تنهنجي سچي پريم کي ڏسي.
هاڻي تون ڪابه چنتا نه ڪر." شيام سندر جي اهڙا وراڻي پڌي رڪمڻي
ڏاڍي خوش ٿي ۽ ڏاڍي پريم سان هنجي سيوا ڪرڻ لڳي."

هي راجا پريکشت! اهڙيءَ طرح شري ڪرشڻ دوارڪا پريءَ ۾
سورهن هزار هڪسو اٺ استرين سان رهي، گرهست آشرم جو ڌرم
شاستر موجب پالڻ لڳو ۽ سندس سڀيئي استريون پتورت ڌرم سان
آٺ ئي پهر سندس سيوا ڪنديون رهيون. هي پريکشت! جڏهن رڪميءَ،
پڌو ته شري ڪرشڻ کي پرديمن نالي پٽ ڄائو آهي، تڏهن پنهنجي
استريءَ کي چوڻ لڳو ته "پنهنجي ڌيءَ رڪماوتيءَ جو سويمبر ڪريون
ٿا، تنهنڪري تون منهنجيءَ ڀيڻ رڪمڻيءَ کي سندس پٽ سوڌو هتي
گهراءِ." پوءِ هڪڙو براهمڻ موڪلي رڪمڻيءَ کي ماڻهو موڪليو ويو،
جا شري ڪرشڻ جي آگيا سان پرديمن کي پاڻسان وٺي اچي پهتي.
رڪمي پنهنجي ڀيڻ کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، پر هوءَ اڳوڻي ڳالهه
لڙائيءَ هارائڻ واري ياد ڪري ڪند ڪٽي بيٺ ڪياءِ. سندس
استريءَ، رڪمڻيءَ جي پيرن تي سر رکي وينتي ڪيس ته "اڄ ڳوڻن
سالن کانپوءِ تو اسان تي ڪرپا ڪئي آهي، انڪري اسانجي مرادي

طرح ورنن ڪري سگهان. اوهان مونهن صرور ڪو اوگڻ ڏسي اهڙي ڳالهه ڪئي هئي. جي ائين آهي ته منهنجو اپراڌ ڪميا ڪريو، جو جو وڏا مشهور نندن تي دَيا ڪندا آهن. هي ديناناٿ! مون منهنجي اکين سان ڏٺو ته درواسا ۽ ششپال جهڙن پاپن راجائن کي، جنکي منهنجي پل جو ايمان نه، اوهان هڪڙي ساعت ۾ پڄايو. اوهين جو جڳ جا ته اوهين منهنجي ڀڳتن کي سداء ڪنگال رکو ٿا، اُن جو سبب هيءُ آهي جو دنيا جا مالڪ ڀڳتن ۽ راڄ جي ايمان ۾ اندا ٿي اوهانجو ڏيان ۽ سمرڻ جهڙي ٿا ڏين. انهيءَ اوهين اُنهن تي ڪرپا ڪري اُنهنکي غريب بڻائي پنهنجو ڀڳتي ڪرايو ٿا، جنهنڪري هو ڀوساگر پار لنگهيو وڃن. جهڙو هرڪو جو ڀڳتي غريبي ۾ ٿي سگهندو تهڙو شاهوڪاري ۾ ٿي نٿو سگهي. انبريش، پرهلاد، رشب ديو، ڀرت ۽ ڌرو جهڙن گهڻئي راجائن سنساري سک ڪوڙو سمجهي، پنهنجو راڄ ۽ ڪٽنب جهڙي دنيا کان الڳ ٿي، وڃي اوهانجي چرڻن جو ڌيان لڳايو، جنهنڪريئي ته اڄتائين اُنهنجو نالو قائم آهي. اوهان جو جو ته اوهان مونکي منهنجي مرضيءَ تي ڇڏ آندو آهي سا ڳالهه بلڪل پوري آهي، جو جو جتي لڪشمي اوهانجي داسي ٿي رات ڏينهن اوهانجي سيوا ۾ رهي، اُتي پلاءَ ڪهڙي شمار ۾ آهيان جو اوهانجي لائق ٿيان؟ هي جڳت پال! ششپال ۾ اوهانجوئي پيدا ڪيل آهي. جي مان اوهانجي سيوا جهڙي اُنکي قبول ڪريان ها ته جئن راجا انبريش ۽ ٻيا اوهانجو ڀڳتي ڪري مڪت ٿيا ۽ ڀوساگر پار لنگهي ويا، تئن جڳڪر منهنجو حال نه ٿئي ها. اوهانجي ديا سان هيئنر منهنجو نالو سداء قائم رهندو. هي وئڪنٺ ناٿ! جيڪي استريون اوهانجي ڀڳتي کان منهن موڙيو ٿيون، تنکي شل ششپال ۽ دنت وڪر جهڙا پتي ملن. آءٌ تن ۽ من سان اوهانجي پانوَ تي رهنديس ۽ اوهانجي دشمن کي پنهنجو شترو سمجهنديس. جيڪي استريون پنهان ڪپٽ جي پنهنجي پتيءَ جي سيوا ڪن ٿيون، تنجي سنسار ۾ سڀ ڪامنا پوري ٿئي ٿي ۽ انت ۾ مڪت ٿيون ٿيون. هي ناٿ! اوهان جو ته مون مڱڻ جي واٽان اوهانجي سارا

يعني براهمڻ جي مٿان جنهن موڪلي تنهنجي وواهہ جو نياپو موڪليئي.
سچ آهي تہ استريءَ جو عقل سندس ڏائيءَ کڙيءَ ۾ ٿيندو آهي.
مون تہ تنهنجي گهرائڻ سان اچي تنهنجو پرڻ پورو ڪيو هو؛ ٻيوان
هيترن راجائن جي سامهون منهنجي پت رکي. بلرام أنوقت جيڪو
پراڪرم ڏيکاريو سو بہ توکان ڳجهو ڪونهي. مون توکي خوشيءَ
سان ڪونہ آندو آهي، اِنلاءِ هينئر بہ توکي موڪل آهي؛ جيڪڏهن
تنهنجو من گهري تہ مونکي ڇڏي بلاشڪ تو جيڙي أتم ڪل واري
راجا وٽ وڃي رهہ."

اهڙا ڪنور وچن ٻڌي رڪمڻي روئڻ لڳي؛ سندس منهن پيلو
ٿي ويو. شيام سندر کي ڪوبہ جواب نہ ڏيئي، ڪنڌ هيٺ ڪري
پيرن جي نهن سان ڌرتي کوٽڻ لڳي، ڏپ وچون بدن ڪنبڻ
لڳس؛ مورڇت ٿي ڪِري پيئي. جڏهن ٻيوان ڏٺو تہ متان چنتا سبب
پراڻ نڪري وڃنس، تڏهن أتان أٿاري ڏيرج ڏنائينس؛ پوءِ چوڻ لڳس
تہ "هي رڪمڻي! مون توسان مسخري ٿي ڪئي؛ تو ناحق منهنجي
ڳالهہ گهڻي ڪري ايترو ڏکہ پاتو. مان توکان وڌيڪ ڪنهنکي بہ پيار
ڪونہ ٿو ڪريان. تو پاڻيو تہ مان توکي ڇڏي ڏيندس، پر متان
ڪو اهڙو ويچار ڪندي آهين."

شيام سندر جا اهڙا پريم ڀريل وچن ٻڌي رڪمڻيءَ جو شوڪ ڏور
ٿيو. پوءِ هٿ جوڙي وينتي ڪري چوڻ لڳي تہ "هي ديناناٿ! ڀلا
اوهان ڪهڙي مطلب سان اهڙا ڪنور وچن مونکي چيا؟ آءٌ تہ سداءِ
پاڻکي اوهانجي داسي سمجهندي آهيان. اوهانجو مونکي ٻئي
ڪنهن راجا وٽ وڃي رهڻ جو چيو، سو اوهانکان أتم ٽنهين لوڪن
۾ ٻيو ڪير آهي جنهن وٽ وڃي رهان؟ اوهانجي جهنڊتي ڪرپا
ٿئي أهوئي تہ راجا ٿي سگهيٿو. آها! وڏا وڏا راجائون سنساري
سکہ؛ راڄ پاڳہ ڇڏي توهانجو ڀڄن ڪري ڀؤساگر پار لنگهيون ٿا. جڏهن
پرٿوي دکي ٿي توهانجي شرڻ اچي ٿي؛ براهمڻ توڙي هري ڀڳت دکہ
پائين ٿا، تڏهن اوهين سگڻ اوتار وٺي پرٿويءَ جو بار لاهي گئو براهمڻن
کي سکي ڪريو ٿا. مون ۾ اهڙي طاقت ڪانهي جو اوهانجا گڻ پورڻ

ڪلپ ورڪش وٺي دوارڪا ڏي موٽيو.

هيڏانهن شيام سندر دوارڪا پهچي پنهنجي ستيڀاما جي اڱڻ ۾ ڪلپ ورڪش لڳارايو ۽ راجا اُگرسين کان آگيا وٺي انهن سورهن هزار هڪسؤ ڪنيائن سان وواهه ڪيو. پوءِ سڀني کي جدا جدا محل ۾ رهائي اوترا روپ ڌري هرهڪ کي آنند ڏيڻ لڳو؛ جنهنڪري انهن رڪمڻي سان حسد نه ڪيو. هرڪا استري صبح، جو شيام سندر جي سيوا ۽ چاڪري پريم سان ڪندي هئي.

هڪڙي ڏينهن شري ڪرشڻ رڪمڻي جي محل ۾ ويٺو هو، انوقت ڀڳوان جي اڳيان رڪمڻي کي ايمان ٿيو ته شري ڪرشڻ جي جيترين استرين کان آءٌ ئي سڀڪان وڌيڪ سندر آهيان؛ جنهنڪري هو مونکي وڌيڪ ڀانئي ٿو. ڀڳوان انترجامي هو ڏسي ويچار ڪيو ته رڪمڻي کي ڪاوڙ ڏياري انهي پريم جي پريکشا ڪريان ته ڪيئن پنهنجي روپ جو ايمان آهي يا منهنجي پريت گهڻي آهي؟ اهڙو ويچار ڪري رڪمڻي کي چيائين ته "هي پياري! تو جهڙي سندرتا کي مون جهڙي سان وواهه ڪرڻ واجب نه هو. شاسترن ۾ چيل آهي ته وڃي وواهه ۽ پريت هڪجهڙن سان ڪرڻ گهرجي. آءٌ ڪنهن ملڪ جو راجا ڪونه آهيان، پر جراسندھ جي ڀَو کان ڀڄي اچي هن سمنڊ جي وچ ۾ لڪو آهيان. جڏهن کان جنم ورتو اٿم تڏهن کان جڳ ڪم هڪ ۾ ڪونه ڪيو اٿم. جيڪو منهنجو ڀڄن ۽ سمرڻ ڪري، تنهنکي دنيا کان ورڪت ۽ ڪنگال بنايان؛ تنهنڪري منهنجي ڀڳتي کي سنساري سک ملندو ڪونه. وري منهنجي عادت اهڙي جو ڪنهن سان ۾ پريت نه رکان ۽ سڀڪان الڳ رهان. شايد نه ڏٺءِ ته منگتن کي ناڻو وغيره ڪجهه ڏيندو هوس، جنڪان مون بابت وڏي موٽسان وواهه ڪيو اٿئي، انڪري ڏاڍو ڏوکو کاڌو اٿئي. اڙي! ششپال جهڙي ٻلوان راجا کي، جو جراسندھ ۽ ٻين وڏن راجائن کي چاهي وٺي آيو هو، نه قبول ڪئي جا ڏاڍي چوڪ ڪئي. آها! مون جهڙي گاهين چارڻ واري سان وواهه ڪري، پنهنجي ڪل کي ناحق ڪلنڪ لڳايئي. وري جوڪرين کي جنهن گالهه ۾ شرم ٿيڻ گهرجي سا تو ڪانه ڪئي.

پورڻ ڪرڻ وارا آهيو. اوهين خاص پنهنجن ڀڳتن جي رکيا ڪرڻ لاءِ سنسار ۾ منشيه جو جنم وٺي سيني کي سک ڏيو ٿا، جنهنڪري سنساري ماڻهو اُن روپ جو ڏيان، پوڄا ۽ سمرڻ ڪندا. پلا! جڏهن توهانجي شتوتي شاردا، شيش، گڻيش ۽ مهيش به برابر ڪري نٿا سگهن، تڏهن مون ۾ ڪهڙي سمرٿي آهي جو اوهان جا گڻ ورنن ڪري سگهي. اها ته جنهن تي اوهانجي ڪرپا ٿئي، سوئي اوهانکي سڃاڻي سگهي ٿو. منهنجي پٽ اوهانکي نه سڃاڻي مها اڌرم ڪيو ۽ جنهنجي سزا هنکي ملي چڪي. هاڻي هي بالڪ ڀڳت اوهانجي شرڻ آيو آهي، تنهنکي ابيه دان ڏيو." شريڪرشڻ تڏهن پنهنجو هٿ ڀڳدت جي مٿي ۽ پٺيءَ تي گهمائي کيس آشيرواد ڏني. اُن کان پوءِ شريڪرشڻ ڀڳدت سان گڏجي اُن هنڌ ويو، جتي ڀوماسر سورهن هزار هڪسؤ راڄ ڪنيايون پوريون هيون ۽ جي ڀڳوان جو سمرڻ ڪري رهيون هيون. جڏهن ئي هنن سانوري صورت ۽ موهني مورت کي ڏٺو، تڏهن ئي سڀ گد گد ٿي وئڪنٺ ناٿ جي سامهون اچي بيهي رهيون ۽ هٿ جوڙي قيدخاني مان ڇٽڻ ۽ پاڻسان وٺي هلڻ لاءِ وينتي ڪرڻ لڳيون. ڪنيائن جا دين وچن پڌي شريڪرشڻ کين دلاسو ڏيڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته "جي اوهانجي گهر وڃڻ جي مرضي هجي ته اوهان سيني کي اُني پهچايان." پر ڪنيائن ائين ڪرڻ نه قبوليو ۽ چوڻ لڳيون ته "مهاراڄ! هينئر توهانجا اهي چرڻ ڇڏي ڪيڏانهن وڃون! انلاءِ پنهنجي شيوا ۾ رکو."

شريڪرشڻ اُنهنجي سچي پريت ڏسي، سيني راڄ ڪنيائن کي دوارڪا ڏي موڪلي ڏنو ۽ پاڻ ستيه ڀاما سان گرڙ تي وهي اندر جو ڇتر ۽ ڪنڊل ڪٺي اندرپريءَ ڏانهن هليو. اندر، جنهن ڀوماسر جي مرڻ جو پڌي خوشيون پئي ڪيون، تنهن جڏهن شريڪرشڻ جي اچڻ جو احوال پڌو، تڏهن سيني ديوتائن کي ساڻ ڪري وئڪنٺ ناٿ وٽ آيو ۽ پنهنجو سر هري جرڻن تي رکي پاڻ سان اندر وٺي ويو ۽ اندر آسڻ تي وهاريو ۽ ڏاڍي پريم ۽ شردا سان سندس شتوتي ڪئي. وئڪنٺ ناٿ تڏهن خوش ٿي اُهو ڇتر ۽ ڪنڊل اندر کي ڏنا ۽

اوهانکي وڙهڻ واجب ڪينهي، آءٌ هينئر ٻاڻ وجهي ٿو سڌائي اهان."
ائين چئي مُردئيت ترشول هٿ ۾ کڻي شريڪرشڻ جي سامهون آيو
۽ ڪروڌ ۾ ڀرجي ڏند ڪرٽي پنهنجا هٿيار شريڪرشڻ تي هلائڻ لڳو.
ڀڳوان داسديو اُنجا سڀ هٿيار پنهنجي سدرشن چڪر سان ڀڃي
ڇڏيا. مردئيت جنهنکي پنهنجي سر هوا، تنهن پنهنجا پنهنجي وات کولي
ڀانيو ته شيام سندر ڏانهن وجهي ڪس ڳهي وڃان، پر ترلوڪي ناٿ
پنهنجي سدرشن چڪر سان هنجا پنهنجي سر وڍي ڇڏيا. بس! اُن
ڏينهن کان ڀڳوان کي مراري ڪري چوندا آهن. مردئيت
جي مرڻ جو ٻڌي سندس ست پٽ وڏو لشڪر وٺي شري ڪرشڻ
جي سامهون آيا، پر ڀڳوان اُنهن سڀني جو انت آندو. ڀوماسر جڏهن
پنهنجي وزير مردئيت ۽ سندس ستن پٽن جو فوج سميت مارجي
وڃڻ جو ٻڌو، تڏهن ڪروڌ ۾ ڀرجي شريڪرشڻ سان وڙهڻ لاءِ آيو
۽ گهڻيئي هٿيار شيام سندر تي هلايائين، پر هلي مڙوئي پنهنجي سدرشن
چڪر سان سڀ ڀڃي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيا. انهيءَ تي ڀوماسر
ڪاوڙجي للڪاري چوڻ لڳو ته "اڄ تون منهنجي هٿان جيئرو
بچي نه ويندين." پوءِ هڪڙي ترار زور سان شيام سندر کي هنيائين.
جڏهن اُن ۾ ڪو پورو ڪونه پاريو، تڏهن هڪڙو وڏو ترشول کڻي
شريڪرشڻ کي هڻڻ لاءِ وڌايو. ستيه ڀاما اِتي ڏسي ڀڳوان کي چوڻ
لڳي ته "مهاراج! هاڻي جلدئي هنکي ناس ڪريو." جنهنتي وئڪنٺ ناٿ
يڪدم پنهنجي چڪر سان هنجو سر وڍي ڇڏيو.

ڀوماسر جي مرڻ کان پوءِ سندس ماتا پنهنجي نُنهن ۽ ڀڳدت پنهنجي
پوٽي کي شريڪرشڻ وٽ وٺي آئي ۽ ڪيترا هيرا جواهر ۽ ٻيون
بهتون آڻي شريڪرشڻ جي چرڻن اڳيان رکيائين. پوءِ هٿ جوڙي
ستوتي ڪرڻ لڳي ته "هي جوتي سروپ، ڀڳتن هتڪاري! اوهانجي
اپار مهما آهي. اوهين سنساري وستن جي ڪا به چاهنا نٿا رکو.
[illegible] اوهانجي چرڻن جي داسي ٿي رهڻي ۽ وڏا وڏا
[illegible] رات ڏينهن اوهانجي چرڻن جو ڌيان ڪندا رهندا، اهڙن
چرڻن [illegible] پنهنجي وار وار نمسڪار آهي. اوهين سڀني جو منورٿ

ڪيو، ۽ پڳوان پنهنجي پراڪرم سان سيني کي ڄڙ وِڄڙ ڪري ڇڏيو ۽ راجڪماري وٺي آنند سان اچي دوارڪا پهتو.

اهڙيءَ طرح شريڪرشڻ جون اٺ پٽ راڻيون جوڻ ۾ آيون تيون، جنهنجا نالا هي آهن: ١. رڪمڻي ٢. جامونتي ٣. ستيه ڀاما ٤. ڪالندي ٥. متروندا ٦. ستيا ٧. ڀدرا ۽ ٨. لڪشمڻا. انهن آٺن استرين مان بيشمار سنتان پيدا ٿيو.

هڪڙي دفعه ستيه ڀاماڪي ڪلپ ورڪش جي اڇا ٿي. اهو ڪلپ ورڪش اندر وٽ هو، تنهنڪري شيام سندر ستيه ڀاما کي ٻاڻ سان وٺي اندر وٽ ويو ۽ ڪلپ ورڪش بابت ٻڌايائينس. اندر اها ڳالهه قبول ڪئي، پرهن شرط تي ته ڀوماسر، جو منهنجو ڇتر ۽ ڪنڊل کڻي ويو آهي سي آڻي ڏيندين. شريڪرشڻ تڏهن گرڙ تي چڙهي ستيه ڀاما کي ساڻ ڪري ڀوماسر نگريءَ ۾ آيو. اتي ڇا ڏسي ته ڀوماسر جو شهر جنهن قلعن اندر هن تجويز سان ٺهيل هو جو ٻاهريون قلعو جبل جو تيار ٿيل هو، ٻيو هٿيارن جو ٺهيل هو، ٽيون پاڻيءَ سان ڀريل هو، جو ٿين قلعي جي چوڌاري باد پئي ورهي، پنجون هوا جو جڙيل هو، تنهنجي اندر ڇهون پاش (رسين جي ڄاري) جو ٺهيل هو ۽ انهيءَ جي اندر ستين قلعي ۾ ڀوماسر رهيو ٿي. ڀڳوان جي آگيا موجب سدرشن چڪر، گدا ۽ گرڙ هڪڙيءَ ساعت ۾ جبل، پٿر ۽ هٿيارن کي ناس ڪري پاڻيءَ کي سڪائي ڇڏيو. باد کي وسائي هوا کي اڏائي ۽ رسين جي ڄاري کي رستو بنائي ڇڏيو. جڏهن جهين قلعي جي دروازي وٽ شريڪرشڻ پهتو، تڏهن بيشمار جوڌا سامهون وڙهڻ لاءِ آيا، پر هڪڙي گرڙ پنهنجن چنبن ۽ چهنبن سان. انهن سڀني جوڌن کي ناس ڪري ڇڏيو. پوءِ ڀڳوان قلعي جي اندر وڃي پنهنجو پانچ جنيه نالي شنک وڄايو. شنک جو آواز پڌي ڀوماسر ننڊ مان جاڳي جوڻ لڳو ته "اڙي! مون تنهي لوڪن ۾ ڪو به ڪونه ڇڏيو جو مون سان وڙهڻ جي سمرٿي رکي، سو اڄ ڪير آهي جنهن اچي مونکي ننڊ مان جاڳايو آهي؟ ڇڱو! آءٌ به ڏسي منهنجي ڇڱي خبر ٿو وٺان." انوقت مرنالي دئيت سندس وزير ڀوماسر کي جوڻ لڳو ته "مهاراج! منهنجي جيئندي

کي پنهنجو سوامي ڪري جنم سڦلو ڪريان." پوءِ پنهنجن ساهيڙين کي اهو اندروارو احوال ٻڌايائين.

هڪڙي ڏينهن صبوح جو نگن جت راجا شيام سندر کي وينتي ڪري چيو ته "ڪرپانڌان! آءٌ اوهانجي سيوا ڀاڳ ڪري نه سگهيو آهيان، انڪري ڏاڍو لڄي آهيان. ڌاطي جڳ ڪرا ۾ آگيا مڃي سا ڪريو ته سيوا ڪرڻ لاءِ تيار آهيان." شيام سندر سڀما جو سچو ڀريم ڏسي راجا کي چوڻ لڳو ته "اوهانجي واڪاڻ ٻڌي گھڻن ڏينهن کان اسانجو من ٿي تڙپيو ته اوهان سان ملاقات ڪجي؛ اڄ آشا اسانجي هيڪٽر پوري ٿي جو اوهانکي ڏسي ڏاڍو آنند ٿيا سين. جيتوڻيڪ ڪيترن جو ڌرم پنڻ نه آهي، تڏهن به اوهانجي پريت ۽ گھڻي چوڻ تي مان گھران ٿو ته اوهانجي سنيل ۽ گڻوتي ڪنيا ستيا مونکي پرڻائي ڏيو." راجا اهو ٻڌي گد گد ٿيڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته "هي ديناناٿ! جتي خود لڪشمي اوهانجي سيوا ۾ اڻٿڪ رهي ٿي، مونجي ڪنيا ڪهڙي ڳالهه ۾ آهي، جنهنجي اوهين چاهنا ڪريو ٿا. آءٌ سمجهان ٿو ته مونجو ڪو وڏو ڀاڳ جاڳيو آهي جو مون تي دَيا ڪري مونکان اها گھر ڪري رهيا آهيو. پر مون هڪڙو پرڻ ڪيو آهي ته جيڪو مونجن سٺ ڏاندن کي هڪڙي دفعي نٿيندو تنهنکي جوڪري پرڻائي ڏيندس. ڪيترائي راجڪمار واپس موٽي ويا آهن، پر اوهان ۾ مونجي وڏي اميد آهي جو سمجهان ٿو ته هيءُ مشڪل ڪم اوهان ڌاران ٻيو ڪو ڪونه ڪندو، انڪري مونجي پرڻ جي پت رکو." شيام سندر راجا جي ڳالهه مڃي اُهي ستئي ڏاندن کي هڪڙي ئي دفعي نٿي ڇڏيو. اهو ڏسي نگن جت ڏاڍو پرسن ٿيو. سڀ ڏسندڙ ڏاڍا عجب ۾ پئجي ويا ۽ دوارڪاناٿ جي شڪتي ڪرڻ لڳا. پوءِ راجا ڏاڍي ڌوم ڌام سان پنهنجي ڪنيا مرلي منوهر کي پرڻائي ڏني ۽ بيشمار ڏاجو ۽ هيرا جواهر ڏيئي روانو ڪيو. ٻيا راجائون جي اُن سويمبر ۾ آيا هوا سي شرم وچون حسد ڪرڻ لڳا ۽ اهو ٻوراڪو ڪيائون ته "هن ياد وکي اها ڪماري هتان ڪڏهن ... وڃڻ نه ڏيندا سين." پوءِ ته سيني اچي شري ڪرشن کي گھيرو

اوهانجي ڳالهه ٿيندي." اهو ٻڌي مترسين پنهنجي ڀيڻ کي وڃي
سمجهايو، جنهن تي هوءِ شيام سندر وٽان هٿي ٻري ٿي پيئي. ارجن
انهن شري ڪرشن کي وڃي ڪن ۾ چيو ته "مهاراج! هن وقت جيڪڏهن
ڪنهنجو لحاظ ڪندا ته ڳالهه بگڙي ويندي. انلاءِ جيڪي ڪرڻو
هجيو سو جلدي پٽ ڪري وٺو." شري ڪرشن تڏهن يڪدم متروندا
کي هٿ کان جهلي رٿ تي وهاري دوارڪا ڏانهن روانو ٿيو.
اهو حال ڏسي ٻيا راجائون رٿن تي چڙهي سندس پٺيان ڊوڙيا ۽
جڏهن چؤگرد کيس گهيرو ڪري ويا، تڏهن پنهنجن ٻانهن سان سڀني
کي ڀڄائي ڇڏيائين. پوءِ ڀاڻ آنند سان دوارڪا ۾ اچي شاستر
مرياد موجب متروندا سان وواهه ڪيائين."

ابتري ڪٿا ٻڌائي شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته "هي راجا پريڪشت!
شيام سندر ستيا نالي راجڪماريءَ سان ڪئن پرڻيو اها ڪٿا ٻڌي
وٺ: اڳا هڪڙو آهي جو نگن جت نالي ايوڌيا پريءَ جي راجا پنهنجي
ڪنيا جو سويمور رچي هي پڻ ڪيو ته "جيڪو ٻه منهنجن ستن
ڏاندن کي هڪڙي ئي وقت نٿيندو، تنهنکي مان پنهنجي ڌيءَ
پرڻائيندس." انلاءِ جيڪي راجائون اتي آيا ٿي تن جڏهن ڏاندن
کي ڏٺو ٿي تڏهن ئي همت ٿي ڪنهن ۾ انهنجو نڪتو پڻ قبول نه ٿي
ڪيو. اهو سماچار ٻڌي شيام سندر ارجن سميت ايوڌيا پريءَ ۾ آيو.
نگن جت شيام سندر جو ٻڌي سندس اڳواڻي لاءِ ويو ۽ ڏاڍي آدر ڀاءُ
سان گهر وٺي آيس. پوءِ شاستر وڌيءَ سان سندس پوڄا ڪري تمام
گهڻي خاطري ڪئي. ان بعد هٿ جوڙي شتوتي ڪري چوڻ لڳس
ته "هي ويڪنٺ ناٿ! اڄ منهنجا وڏا ڀاڳ آهن جو اوهانجا چرڻ
جي ٽنهين لوڪن کي تارڻ وارا آهن، منهنجي گهر آيا ۽ انهنکي
مون هٿن سان ڌوتو. آها! جتي اوهانجا چرڻ پيا، اتي سدائين
جئي جيڪار ٿيا." جڏهن انهيءَ طرح راجا گهڻي شتوتي ڪري
رهيو هو، تڏهن راجڪماري ستيا به شيام سندر جي موهني مورت
ڏسي مٿس موهجي من ۾ چوڻ لڳي ته "هي ڀڳوان! اڳوڻي جنم ۾
منهنجو ڪو ڀڄن ڪيل هجي ته انهجي پرتاب سان هن موهڻي مورت

ته ڪوهيڙ رکيل هئي، جو جتي پاڻي هجي اتي سڪي نظر اچي ۽ جتي
سڪي ڏسڻ ۾ اچي اتي پاڻي ڀريو پيو هجي. اها خبر جڏهن دريوڌن
کي پيئي تڏهن هو ۾ اها جاءِ ڏسڻ لاءِ آيو. هڪڙي هنڌ پاڻي ۽ ڀر
ڀڄڻ جي خيال کان هن پنهنجا ڪپڙا مٿي ڪنيا ۽ ٻئي هنڌ جڏهن
فرش سمجهي هٿانس هلڻ ڪري سندس ڪپڙا پسجي پيا، تڏهن
شري ڪرشڻ جي گهٽي روڪڻ تي ڀيمسين ڏاڍو کلڻ لڳو. دريوڌن
ڏاڍو شرمندو ٿي پنهنجي گهر موٽي ويو. اُن وقت کان وٺي پاندون
سان وڏيڪ دشمني ڪرڻ لڳو. ارجن جي سهائتا سان اگني ديوتا
جي بيماري لهي ويئي، جنهن خوش ٿي گانڊيو ڌنش، دويه ڪوچ،
هڪڙو رٿ ۽ سفيد رنگ جا چار گهوڙا، هڪڙي ٻئي جنهن مان
ٻاڻ کٽن ئي نه، هڪڙي ترار ۽ ڍال ارجن کي ڏنا.

چار مهنا شيام سندر رهي راجا يڌشٽر کان موڪلائڻ لڳو.
اُن وقت پاندو ڏاڍو اداس ٿيڻ لڳا، ۽ شيام سندر کين ڌيرج ڏيئي
ارجن ۽ ڪالندي کي ساڻ وٺي اچي دوارڪا پهتو، جتي اُن سان
شاستر وڌيءَ موجب وواهه ڪيو.“

شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته ”هي راجا پريڪشت! متروندا سان
شيام سندر جي شادي ڪهڙي ريت ٿي، سو ٻڌ: شري ڪرشڻ جي ٻئي راجه ديوي
جا اجين جي راجا کي پرڻائي ويئي هئي، تنهنکي متروندا نالي تمام
سندر ڪنيا پيدا ٿي. جڏهن هوءَ وواهه جي لائق ٿي، تڏهن مترسين
اُنهي پاڻ سويمبر رچي سڀني راجائن کي نيند موڪلي. جڏهن
گهڻن ملڪن جا راجائون اتي اچي سهڙيا تڏهن شري ڪرشڻ، پنهنجي
جاهتا هن ڪنيا رکي ٿي، ارجن سميت اُجين اچي پهتو. متروندا
ورمالا کڻي سويمبر استان تي اچي بيٺي ۽ جڏهن ئي شري ڪرشڻ
کي پريان ڏٺائين، تڏهن ئي مٺس موهجي، اها مالا کڻي گلي ۾ وڌائينس.
اهو حال ڏسي سڀئي وينل راجائون حسد ۾ ڀرجي ويا. دريوڌن، جو
۾ پنهنجن ڀائرن سميت اتي هو، سو ته ميڪاري جلي خاڪ ٿي ويو.
۽ متروندا جي ڀاءُ کي چوڻ لڳو ته ”ويچار ڪريو ته ڪرشڻ اوهانجي
ملڪ جو پٽ ٿي، جيڪڏهن جو ڪري کڻي ويندو ته لوڪ ۾

درشن ٿيو. هي ديندیال! اسانجا تراوهين ئي هڪ رکشڪ آهيو. هاڻي جڏهن هيتري ڪرپا ڪئي آٿو تڏهن هي برسات جا چار مهينا اسان وٽ ٽڪي پئو."

يڌشٽر جو جوڙ نہ هوتائي پڳوان وٽن چار مهينا رهي پيو. هڪڙي ڏينهن شيامسندر ارجن سان گڏ جي جهنگل ۾ شڪار ڪرڻ ويو، جتي ارجن کي ڏاڍي اُڃ لڳي ۽ هو شيامسندر کي اُتي ترسائي، پاڻ جمنا جي ڪناري تي جل پيئڻ لاءِ ويو. پاڻي پيئڻ بعد ڏٺائين تہ هڪڙي مها سندر ڪنيا تپسيا ڪري رهي آهي. ارجن تڏهن اُن ڇوڪريءَ کان سندس ۽ سندس پتا جو نالو ۽ اُتي وهڻ جو سبب پڇيو. ڇوڪريءَ وراڻي ڏني تہ "منهنجو نالو ڪالندي آهي ۽ سوريہ جي ڌيءَ آهيان. هت وهڻ جو سبب هيءُ آهي تہ جڏهن کان هون وشڻو ڀڳوان جي مهما ٻڌي آهي، تڏهن کان اهو پرڻ ڪيو اٿر تہ اُنکانسواءِ ٻيو ڪنهنکي ٻر نہ وريندس. انهيءَ آشا ۾ آءٌ رات ڏينهن اُن هون جي ڌيان ۽ سمرڻ ڪرڻ ۾ وقت وتيت ڪريان ٿي." ارجن ڪالنديءَ جا اهڙا درد ۽ پريم ڀريل وچن ٻڌي سمورو احوال اچي شريڪرشڻ کي ٻڌايو. مرلي منوهر پوءِ ڪالنديءَ وٽ ويو ۽ سندس اِڇا پوري ڪيائين.

هڪڙي دفعي جڏهن شريڪرشڻ ۽ ارجن ويٺا هوا تہ آگني ديوتا اچي وينتي ڪئي تہ "هي ديندیال! مونکي اجيرڻ (بدهضمي) جي بيماري ٿي پيئي آهي ۽ ڪنهن بہ ريت نٿي لهير. اِنلاءِ نندن بن کي جنهنبر تمام گهڻيون گڻ واريون ٻوٽيون آهن، جيڪڏهن جلائيندس تہ بيماري لهي ويندير." شري ڪرشڻ تڏهن ارجن کي جيو جو ڪ اُن بن جو مالڪ هو. ارجن اگني ديوتا کي موڪل ڏني جو وڃي بن جلائڻ لڳو. اُن بن اندر ميہ دانو رهندو هو. اُن جڏهن اهو حال ڏٺو، تڏهن ارجن وٽ ڊوڙي آيو ۽ اگني ديوتا کي سندس مڪان جلائڻ کان منع ڪرڻ لاءِ وينتي ڪئي. ارجن اگن ديوتا کي ائين ڪرڻ کان روڪيو ۽ جنهنڪري ميہ دانو ڏاڍو خوش ٿيو. هاڻي اُن ميہ دانو ارجن جي مهرباني لاهڻ لاءِ ڪيس هڪڙي اهڙي سڀا تيار ڪري ڏني، جنهنکي ڏسي سڀڪو عجب کائڻ لڳو. اُن سڀا ۾ اهڙي

دوارڪا ۾ پهچڻ، ايشور اجا سان خوب برسات پوڻ ۽ بيماريءَ جو
يڪدم ڏور ٿي وڃڻ. ڪڏهن ڏينهن شري ڪرشن اڪرور کي خلاصو
سڏي چوڻ لڳو ته ”چاچا! اوهين اداس نه رهو. اوهان وٽ جيڪا
مڻي آهي سا سڀني جي روبرو موٽ ڪڍي اچو، جنهنڪري بلرام
۽ ستيڀاما جو مونبرشڪ آهي سو لهي وڃي. پوءِ اها مڻي وري ۾
اوهانکي موٽائي ڏيندس.“ اهو ٻڌي اڪرور اها مڻي، راجا اگرسين
جي درٻار ۾، جتي بلرام ۽ ٻيا يادو ويٺا هوا، آڻي شيام سندر جي
اڳيان رکي ۽ هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته ”هي مهاراج! هيءَ مڻي وٺو ۽
منهنجو اپراڌ معاف ڪريو. اڄ ڏينهن تائين جيڪو سون هن مڻي مونکي
ڏنو سو سڀ مون جڳ ڪرڻ ۾ خرچ ڪيو آهي.“ جڏهن اها مڻي
بلرام ۽ ستيڀاما ڏٺي، تڏهن سندن شڪ وڃي رهيو ۽ ڏاڍا شرمندا
ٿيا. شري ڪرشن تڏهن بلرام کي هٿ سان لائي ڏيرج ڏنو ته توهين
ڪنهن به ڳالهه جي چنتا نه ڪر. سنسار ۾ استري ۽ دولت ٻئي جهڳڙن
بلائون آهن، جنهنڪري استري پرش ۽ ڀائن ڀائن جو ويڙهه وير ۽ روڌ
پئجو وڃي، سمجهو کي انهن ٻنهي سان پريت ڪرڻ نه گهرجي.“
پوءِ اها مڻي اڪرور کي موٽائي ڏنائين.

راجا پريڪشت پڇڻ لڳو ته ”هي شڪديو جي مهاراج! جڏهن
اڪرور گيانوان هو، تڏهن سندس صلاح سان ستراجت جو مارو ويو
۽ مڻي وري پنهنجي هٿ ويو؟“ شڪديو جي ورائي ڏنس ته ”هي راجا!
اهو سڀ دروهه (مائلي) جو ڦل آهي، جنهنڪري جو هٿن ڦيرڦار ۽ وڪار
جاڳيو. دنيا ۾ جي ٽيڪرا ڪڙا ۽ جهڳڙا ٿين ٿا تن ٽن تي سڀني جو
مول ڪارڻ زن (استري)، زمين ۽ زر آهن. سو انهن ۾ جنهن
پريت نه رکي، سو سمجهه ته سنسار ساگر کي پار پوندو.“

هي راجا پريڪشت! ستراجت جو مرڻ ٻڌي شيام سندر پڻ شهر ۽
پين کي ٻڌائڻ سان ٿي هليو آيو هو، جنهنڪري جهمڻ کس اڳين سان
وري مڻي جي اها ڳالهه ۽ وڌي آيو. ٻڌ سمر جي خوشي جو انت نه هو.
هو هٿ جوڙي چوڻ لڳس ته ”هي نراڪار! انارجا اڳئين جنم
۾ ڪي سڀا ڪرم ڪيل تا ڏسجن، جنهنڪري ڳور ويٺي اوهانجو

ڊپ کان دوارڪا ڇڏي اُٺي ويا. اڪرور ڪاشيءَ ۾ رهڻ لڳو، جتي
هر روز مٺيءَ جي پرتاپ سان ويهه مڻ سون پراپت ڪري ڏاڍا دان
پن ۽ سٺ ڪرم ڪندو هو. شري ڪرشڻ کي اِن ڳالهه جي سموري
سمڪ هئي ته اڪرور سيمنتڪ ڪاشيءَ تڪيو پيو آهي ۽ وڏو دانِي
وڃي بڻجي ويٺو آهي.

بلرام ڪيترن ڏينهن کان پوءِ دريوڌن کي گدا يڌ سيکاري
دوارڪا موٽي آيو. جڏهن اُنهن ڏينهن ۾ دوارڪا پريءَ ۾ ڏاڍو ڏڪار
۽ بيماري اچي پئي ۽ جنهنڪري پرجا گهڻو دکي ٿيڻ لڳي. اُن
مهل سڀ پنهنجو حال شري ڪرشڻ کي اچي ٻڌائڻ لڳا ۽ وينتي ڪري
چوڻ لڳس ته "مهاراج! اهڙي ڪا تجويز ڪريو ۽ جنهنڪري اسان
جو هي دک ميٽجي وڃي." شري ڪرشڻ جي ڪرپا سان اڪرور جو
مان اهڙو مٿي ٿيو جو جتي هو رهيو ٿي اُتي سدائين سڪار ۽ پئسي
جي ڪوت ڪانه ٿي رهي. ٻئي وقت تڏهن اڪرور جي مان مٿي ڪرڻ
لاءِ پرجا کي چيو ته "جنهن شهر مان ساڌو ۽ مهاتما هليا ويندا آهن،
اُتي جا ماڻهو ڏاڍو دک پائين ٿا. ڏسان ٿو ته اڪرور جڏهن کان
دوارڪا ڇڏي ويو آهي، تڏهن کان هتي آناج جي مهانگائي ۽
بيماري وڌي آهي." اهو ٻڌي ياد و چوڻ لڳا ته "مهاراج! سچ ٿا
چئو، اسان پاڻ اوهان جي ڊپ کان ڪين ٿي ڪڇيوسين. سچ
آهي ته جيستائين اڪرور دوارڪا ۾ هو تيستائين اسان ڪڏهن ۾
ڪو دک ڪونه ڏٺو. هاڻي توهين ديا ڪري ڪيس هت گهرايو ته سڀ
سولي ٿي پوي." شري ڪرشڻ تڏهن ڪين اڪرور کي ڳولي اچڻ ۽
آدر ڀاءُ سان آڻڻ لاءِ ڪاشيءَ موڪليو، جتي اُنهن اچي اڪرور
کي وينتي ڪئي ۽ ڪيس ڏڪار ۽ بيماريءَ جو احوال ٻڌايو. پوءِ
شيام سندر جو نياپو ڏنو ته جيڪڏهن اوهانکي منهنجي ڀڳتيءَ جو
ڀرم آهي ته يڪدم هليا هلو."

اڪرور اهو ٻڌي ڏاڍي خوشيءَ سان اُٿي مٺي ڪٺي ٻاڌون سان گڏ جي
دوارڪا هليو آيو. اڪرور جي پهچڻ تي شيام سندر ۽ بلرام ڪيس
اڳيان اچي ڏاڍي آدر ڀاءَ سان شهر ۾ اندر وٺي ويا. اڪرور جو

شتڌنوا نا اُميد ٿي اُها مڻي اڪرور وٽ رکي، هڪڙي تِز
گهوڙي تي چڙهي جنڪپور ڏانهن ڀڄي ويو. دوارڪا ڇڏڻ وقت
جنهن مهل شيام سندر شتڌنوا جي ڀڄي وڃڻ جو ٻڌو، تڏهن ٻاڻ ۽
بلرام رٿ ۾ چڙهي سندس پٺيان پيا ۽ جلدي اچي جنڪپور وٽ
جهليائونس. شري ڪرشڻ تڏهن سدرشن چڪر سان سندس سر وڍي
وڌو. پوءِ سندس ڪپڙا ڦولڻ لڳو، پر مڻي جو پتو ڪونه پيس. اُتي
بلرام کي چوڻ لڳو ته ”ناحق هنکي ماريوسين جو مڻي ته وٽانس
نڪتي ئي ڪانه.“ شتڌنوا کي مارڻ مهل بلرام پريان بيٺو هو،
تنهنڪري ڀڳوان جي مايا سان بلرام جي من ۾ شڪ اُٿيو ته شايد
شيام سندر اُها مڻي ستيڀاما کي ڏيڻ لاءِ تڏهن تو مون کان
لڪائي. پوءِ شيام سندر کي چوڻ لڳو ته ”ڀڳوان جي من وٽ مڻي
ڪانهي ته اوهين دوارڪا هلو ۽ اُتي ڳولا ڪريو، متان هٿي ڪنهن
وٽ رکي آيو هجي ۽ آءٌ اڃا پوءِ جنڪپوري ڏسي ٿو اچان.“ شري ڪرشڻ
بلرام جي من جو حال جاڻي ورتو ۽ دوارڪا پوريءَ ڏانهن موٽي آيو.

جنڪپوريءَ ۾ بلرام جي پهچڻ جو ٻڌي، اُتي جو راجا ڪيس
ڏاڍي آدرڀاءَ سان راڄ محل ۾ وٺي ويو ۽ گهڻيءَ خاطرداريءَ سان
ماڻوت رهايو. راجا دريوڌن جڏهن اهو ٻڌو ته بلرام شري ڪرشڻ سان
رُسي جنڪپوريءَ اچي رهيو آهي، تڏهن اُتي اچي بلرام کي ٻاڻ
سان پنهنجي گهر وٺي ويو، جتي سندس ڏاڍي خاطري ڪيائين. پوءِ
هٿ جوڙي چوڻ لڳس ته ”منهنجا وڏا ڀاڳ آهن جو اوهانجو درشن
ٿيم. گهڻن ڏينهن کان اها اُمر ته آءٌ اوهانجو شش ٿي اوهان کان
گدا يُڌ سکان.“ بلرام دريوڌن جي سچي پريت سمجهي، کيس پنهنجو
شش (شاگرد) ڪري کيس گدا يُڌ سکارڻ لڳو.

هيڏانهن شيام سندر دوارڪا ۾ پهچي ستيڀاما کي شتڌنوا
جي مارڻ جي اچي خبر ڏني ۽ چوڻ لڳس ته ”مڻي وٽانس ڪانه
نڪتي.“ ستيڀاما کي اُنهيءَ تي شڪ جاڳيو ته مون پيارو مڻي
بلرام کي ڏيئي آيو آهي ۽ مون سان ٺاهو ٿو ڪري. اڪرور
رما جو شتڌنوا جي مارجڻ جو ٻڌو سو اچي نه پراڻن جي

جي چوڻ تي ستراجت کي ماري شريڪرشڻ سان ويرو ڏو اٿر، ان لاءِ خبر نہ آهي تہ ڪهڙو حال ٿيندو.

ستراجت جي استري پتيءَ کي مئل ڏسي روئڻ پٽڻ لڳي ۽ ستيہ ڀاما ٻوءِ پتا جي لوٿ سڙهن تيلن وغيره ۾ رکي، شيام سنڌروت دستنابور ويئي ۽ شريڪرشڻ کي سمورو حال ڪري ٻڌايائين. دوارڪا ناٿ اڪين ۾ پاڻي آڻي ستيہ ڀاما کي ڌيرج ڏيئي چيو تہ "ڀڳوان جي پاڻي اِنهن ورلاپن ڪري ڪو هو جي ڪو نہ اُٿندو، باقي تنهنجي پتا اِها ڳالهہ ٻڌي ستيہ ڀاما کي ڌيرج آيو. تنهنجي پتا جي مارينڌڙ کي جيسين نہ ماريو اٿئون تيستائين شانتي نہ ايندي سين."

ستيہ ڀاما کي ڌيرج آيو.

پٺي ڏينهن دوارڪا ناٿ هستنا پور ڪان روانو ٿيو ۽ شتڌنوا جڏهن ٻڌو تہ شيام ۽ بلرام اچي پهتا آهن، تڏهن اُها مٽي ڪٽي ڪرتورما ۽ اڪروروت وجي هت جوڙي چوڻ لڳو تہ "ڀائرو! مون اوهانجي چوڻ تي ستراجت کي ماري شريڪرشڻ سان ويرو ڏو، هاڻي اِنهيءَ هٿان منهنجو بچڻ مشڪل آهي. اِنلاءِ اوهانجي شرڻ آيو آهيان ۽ شرڻ پئي جي لڄ رکي بڌايوم تہ ڪٿي لڪان؟ يا هي اڪرورا تون منهنجو رت هڪل تہ آ؟ شريڪرشڻ سان وڙهان." اڪرور جواب ڏنس تہ "مورکا! هيئنئر پنهنجي اگيانتا ڏيکارڻ آيو آهين. شروع ۾ نٿي ويچار ڪيئي تہ ستراجت کي مارڻ ڪري شريڪرشڻ سان دشمني وجهندين. اسانکان تنهنجي رکيا ڪانہ ٿيندي، جتي وٽيئي اُتي پنهنجي وڃ. ڇا تنهنجي مدد ڪري اسين پاڻکي جنجال ۾ ڦاسايون؟ خبر ڪانہيئي تہ شريڪرشڻ سان وڙهي ڪنهن سک پاتو آهي؟ جنهن گووردن پروت کي چيچہ تي کنيو ۽ وڏن وڏن جوڌن ۽ راڪشسن کي هڪ کن ۾ ماريو، تنهنسان اسانجي پڄڻ جي جاءِ آهي؟ دنيا ۾ مطلب واسطي ماڻهو انيڪ ڳالهيون ڪندا، پر پڌوان کي پنهنجي نفع نقصان جو ويچار ڪري ڪم ۾ هت وجهڻ گهرجي؛ جنهنڪري پوءِ ڏک ڏسڻو نہ پويس."

ڪري، آءٌ مٿي موڙائي سترا جت کي ڏني ۽ چوڻ لڳس ته ”مهاءِ
اسانجي ڪم جي نه ٿيندي، جي ته انهي پچا اسانکان نه اڻندي.
اوهان جو موٽڻي دوش مڙهيو هو انهو ڪو به سوچ نه ڪريو.“ سترا جت
تڏهن لاچار آءٌ مٿي ورتي ۽ شيام سندر سڀيئي پاپا کي گهر ولي آيو.“

شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته ”هي راجا پريکشت! حاطي هڪڙي
ٻي ڪٿا تو ٻڌايان ۽ ته شت ڌنوا ٻادو سترا جت کي ماري سمنتڪ
مڻي کڻي شري ڪرشڻ جي ڊپ کان ڪڻن دوارڪا ڇڏي ڀڳو.
هڪڙي ڏينهن دوارڪا ۾ شيام ۽ ٻلرام کي ڪنهن اچي چيو
ته ”ٻڌشٽر ۽ سندس ڀائرن کي دريوڌن لاک جي گهر ۾ بند ڪري
جوڏاري باهر ڏياري آهي ۽ هو سڀ پنهنجي ماتا سميت جلي ويا.“
اهو حال ٻڌي ٻنهي ڀائرن کي ڏاڍو خيال ٿيو ۽ يڪدم رٿ
تيار ڪري هستناپور روانا ٿيا. دريوڌن جي سڀا ۾ اچي ڏسن ته
ڌرتراشٽر ۽ ٻيا سڀ نڍا وڏا اداس ويٺا آهن. ڀيشم پتامهه ۽ دروڻاچاريه
جي اکين مان لڙڪ پيا وهن، گانڌاري ۽ ٻيون ڪورون جون
استريون پانڊون کي ياد ڪري ورلاپ ڪري رهيون آهن. اهو
حال ڏسي شيام ۽ ٻلرام به انهن وٽ وڃي ويٺا ۽ ٻڌشٽر بابت پڇڻ
لڳا. جڏهن ڪين ڪنهن به جواب نه ڏنو، تڏهن وڊر شيام سندر کي
ڪن ۾ چيو ته ”دريوڌن پنهنجي ڀائرن جي ٻراڻي ونڻ جو پورو
بند وبست ڪيو هو، پر اوهانجي ڪرپا سان سڀيئي صحيح سلامت آهن.“

شيام ۽ ٻلرام جي پريت شت ڌنوا ٻادو کي، جنهن سان ستيڀاما
جو پرڻو مڱڻو ٿيو هو، اڪرور ۽ ڪرتورما وڃي چيو ته ”سترا جت
مڻي جو رائڻ جو ڪلنڪ دوارڪا ناٿ تي لڳائي، پنهنجي ڌيءَ جو
مڱڻو توسان ڪري انکي شري ڪرشڻ سان پرڻايو آهي، جنهنڪري
تنهنجي گهڻي ڪهتائي ٿي آهي. هنوقت شيام ۽ ٻلرام هتي ڪونهن
اهڙي تون سترا جت کي ماري پنهنجو ور جو ڪين تو وٺيس؟ شت ڌنوا
انهن ڳالهه ٻڌي اُن ڏينهن سترا جت جي گهر ويو، جتي اندر وڃي
سهيل سترا جت کي جهڪو ڀ سون ۽ مڻي هٿ ڪري گهر ۾ جوا سي سڀ
کڻي آيو. جڏهن گهر پهتو تڏهن ويچار ڪرڻ لڳو ته اڪرور ۽ ڪرتورما

ورلاپ ڪرڻ لڳا ۽ ستراجت کي گهڻ وڏا ڳالهائڻ لڳا. ڪيترا ته منڪي مارڻ لاءِ پڻ سنبريا، پر بلرام سيني کي ڏيرج ڏيئي سمجهائڻ لڳو ته "اوهين ڪنهن به قسم جي چنتا ڪا نه ڪريو جو شيام سندر کي ڪوبه دک ڏيئي نٿو سگهي، هو اڄ ئو مڻي ڪڍي اچي." پر ڪنهنکي به ڏيرج نه آيو. پوءِ سيني گڏجي ديوي جي مندر ۾ درگا جو پاٺ وهاريو، انهيءَ لاءِ ته شري ڪرشڻ صاحب سلامت موٽي.

هيڏانهن شريڪرشڻ جامونتي ۽ مڻي ڪڍي اچي راجا اُگرسين جي دربار ۾ پهتو، جتي وسديو ۽ ٻيا سڀ ڪيس ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ ڏاڍا شادمانا ٿيڻ لڳا. رڪمڻي ۽ ٻين استرين کي جڏهن اها سڌ پيئي، تڏهن ڏاڍو خوش ٿينديون ڳائينديون ۽ وڄائينديون گهر موٽيون. هڪڙو يادو اُن وقت چرچو ڪري موهن پياري کي چوڻ لڳو ته "مهاراج! مڻي جو ته رڳو بهانو ٿي ڏنو، باقي حقيقت ۾ ويا هوا جامونتي سان پرڻجڻ." شيام سندر اها ڳالهه ٻڌي کلي ڏنو. پوءِ ستراجت کي گهرائي اها مڻي ڪيس ڏيئي چوڻ لڳو ته "ڀائي! هيءَ مڻي وٺ جنهنجي ڪري ۽ پرسين جي مارڻ جو ڪوڙو ڪلنڪ لڳايو هوءِ. تنهنجي ڀاءُ کي شينهن ماري مڻي ڪڍي ويو هو، جنهن شينهن کي جامونت رڇ ماري مڻي ڪڍي هئي. ۽ جامونت وري پنهنجي ڌيءُ مونکي پرڻائي اها مڻي ڏاج ۾ ڏني آهي. خير! مان توکي هيءَ واپس ڏيان ٿو."

ستراجت مڻي کڻي گهر ته آيو، پر من ۾ ڏاڍو شرمندو ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته "مون ناحق شيام سندر تي ڪوڙو ڪلنڪ لڳايو. هاڻي مونکي واجب آهي ته پنهنجي ڌيءُ ستيڀاما کيس پرڻائي، اها مڻي ڏاج ۾ ڏيان ۽ اپراڌ کان ڇٽان." اهو ويچار ڪري ستراجت پنهنجي استريءَ کان پڇيو، جنهن به اِن ڳالهه جي پٺڀرائي ڪيس. ستراجت تڏهن موڙو ڄڻي پنهنجي گروءَ هٿان وسديو جي گهر موڪلي ڏنو. راجا اُگرسين اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڏاڍي ڌام ڌوم سان ڄاڃ وٺي شيام سندر کي پرڻائڻ آيو. ستراجت شاستر وڌيءَ سان پنهنجي ڌيءَ شريڪرشڻ کي پرڻائي، اها مڻي ۽ ٻيا به ڪيترا هيرا جواهر ۽ گهڻا ڪپڙا ويڃ ۾ ڏنائينس. شريڪرشڻ ٻيون سڀ شيون قبول

جڏهن ئي پانسو ڏينهن مٿي جهيڙي ڪري ٿڪي ويا، تڏهن ئي آواز تي
ڄامونت ننڊ مان جاڳي پيو ۽ ستاويهن ڏينهن تائين شري ڪرشڻ سان
ماٺ ۾ ڪندو رهيو. جڏهن ڪوهه ڌار ڀيچ شيام سندر تي دلي ته
سگهيس ۽ هڪ اچ جي وڏي سڀ زور ڏرو ٿي ويس، تڏهن شري ڪرشڻ
پر ڪري مڪڙي اهڙي مڪ گوڏن تي هنيس جو هو زمين تي وڃي
رهيو. انهيءَ وچار ڪرڻ لڳو ته هيترا ڏينهن مون سان وڙهي مونکي
جهڪي سگهي، اهڙو ٻلوان شري رامچندر جي اوتار شيام سروپ کان
سواءِ ٻيو ڪوبه ڪونه هوندو. جڏهن اهو گمان ڄامونت جي مردي
۾ جاڳيو، تڏهن ڀڳوان جوش ٿي ٻري رگهوناٿ جو روپ ڌاري،
ڌنش ٻاڻ کڻي ڄامونت کي درشن ڏنو. ڄامونت اهڙو سروپ ڏسي
ڀڳوان جي چرڻن ۾ ڪري پيو ۽ پريم روپي پاڻي اکين ۾ آڻي هٿ
جوڙي وينتي ڪري چوڻ لڳو ته ”جي ديناناٿ! اوهان ڏاڍي
ڪرپا ڪئي جو اوتار وٺي مونکي پنهنجو درشن ڏنو. مونکي ياد مٿي
جهڙي ريت هو ته شري رامچندر، شري ڪرشڻ جو اوتار وٺي پنهنجي گهر
ايندو. پريو! تنهن ڏينهن کان وٺي مان اوهانجي درشن جي اڪلاڏا
سان واٽ ڏسندو هوس. اڄ سڀني جو اهو سورت ٻائي ڪرتارٿ
ٿيس. هاڻي ڪرپا ڪري پنهنجي اچڻ جو سبب ٻڌايو؟“

شيام سندر ڄامونت جي ستوتي ٻڌي پرسن ٿيو. پوءِ سمورو احوال
مڻي جي گم ٿيڻ ۽ مٿس ڪلنڪ لڳڻ جو ڪري ٻڌايو ۽ چوڻ لڳو
ته ”هاڻي اها مونکي ڏي ته مونتان ڪلنڪ لهي.“ ڄامونت تڏهن خوش
ٿي چيس ته ”مهاراج! اها ته رکو مڻي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، پر مڻي
جنهنجي هٿ ۾ آهي، اها منهنجي ڪنيا، سا اوهانکي سونپڻ ڪرڻ ٿو.
امڻ ته اوهين اها وٺڪار ڪندا ۽ جنهنڪري منهنجو جو ٽڪارو
ٿئي.“ پوءِ پنهنجي ڪنيا سري ڪرشڻ کي پرڻائي اها مڻي کڻي کيس ڏنائين.

[illegible] ادا [illegible] ، جهڪي سري ڪرشڻ ٻارهن ڏينهن جو [illegible]
ڏٺي [illegible] آيو هو، سي اوترا ڏينهن ترسي سندس واٽ
[illegible] روئندا پسندا دوارڪا پهتا، جتي اگرسين،
[illegible] اهو حال ٻڌي روئڻ لڳا ۽ ڪا ڏو پڇو جڏهن

جنهن مونکان اِها مڻي راجا اُگرسين لاءِ گهري تي، تنهن ئي منهنجي ڀاءُ کي ماري اِها مڻي ڪنئي آهي. بس! ان ويچار ڪري ڏينهن اداس رهڻ لڳو ۽ سڀني کي شريڪرشڻ بابت ڏورايو ڏيڻ لڳو ته هو منهنجي مڻي گم ڪري ويو آهي. اِها ڳالهه نيٺ ڦهلجندي شري ڪرشڻ جي ڪن تائين وڃي پهتي.

شريڪرشڻ پاڻتي اِهو ڪلنڪ لڳو ڏسي ڀرياءُ ته ڏاڍو اداس ٿيو، پر پوءِ ٿورو ويچار ڪري راجا اُگرسين جي درٻار ۾ جتي وسديو بلرام ۽ ٻيا گهڻا يادو ويٺا هوا، وڃي چياءُ ته ”مهاراج! هي جو مونتي سيتيءَ پرسين کي ماري مڻي ڪڍي وڃڻ جو ڪوڙو ڪلنڪ لڳائي رهيا آهن، اِنلاءِ آگيا ڏيو ته پرسين ۽ مڻيءَ جو وڃي پتو ڪڍي اچان ۽ پاڻ تان ڪلنڪ لاهيان.“ راجا اُگرسين ماٺ ۾ رهيو تڏهن شريڪرشڻ ڏهن ٻارهن يادون ۽ پرسين جي سيوڪن کي پاڻ سان ڪٺي اوڏانهن ويو، جتي پرسين هرڻ جي پٺيان گهوڙو ڊوڙايو هو. پتو ڪڍندي اُنهيءَ غار وٽ پهتا، جتي پرسين جو لاشو پيو هو. شينهن جي پير جو نشان ڏسي سمجهڻ لڳا ته پرسين کي شينهن ئي ماريو آهي. پر مڻي اُتي ڪا نه ڏٺائون. پوءِ سيتيءَ گڏجي غار جي اندر گهڙڻ لڳا، پر تمام اونداهو ڏسي گهڙڻ جي نه ڪيائون ۽ شريڪرشڻ کي چوڻ لڳا ته ”اسين هلي اِها شاهدي ڏينداسون ته پرسين کي شينهن ماري مڻي ڪنئي آهي ۽ شينهن کي وري ڪو ماري مڻي غار ۾ کڻي ويو آهي. اميد اٿئون ته اِن ڳالهه ڪرڻ تي اوهان تان ڪلنڪ لهي ويندو.“ شيام سندر چيو ته ”جيستاءِ مڻي نه ملي آهي، تيستاءِ مونکي سنتوش نه ايندو، اِنلاءِ آءٌ اندر غار ۾ وڃان ٿو ۽ اوهين ٻارهن ڏينهن غار جي منهن وٽ ترسي منهنجو رستو ڏسجو. جيڪڏهن نه آيس ته پوءِ اِهو حال وڃي گهر ٻڌائجو.“

ائين چئي شريڪرشڻ اُن آنڌاري غار ۾ گهڙي ويو. اڳيرو وڃي ڏسي ته هڪڙو سندر محل ۽ باغ ٺهيل آهن، جتي جامونت ناليءَ رڇ جي مها سندر سروپ ڌيءَ جامونتي پنهنجي هٿ ۾ مڻي کنيون پينگهي ۾ ويٺي لڏي ۽ جامونت ٻرڙيان سمهيو پيو آهي. شريڪرشڻ

ڪري هو ڏڍو ڏنو ان تي بيو ۽ ٻاٻا جي منهن ۾ ڪنهن ڪي به پاڻ جهڙو
سمجهڻ نه لڳو. ٻئي ڏينهن هو اها مڻي ڳلي ۾ وجهي شريڪرشڻ
جي دربار ۾ ويو. مڻي جي پرڪاش ڪري دربار ۾ ويٺل سڀ
شريڪرشڻ کي چوڻ لڳا ته ”مهاراج! اڄ سوريه نارائڻ مهاراج
پرتاب جو پنهنجي درشن ڪرڻ لاءِ آيو.“ شريڪرشڻ چيو ته ”ڀائي!
هي سوريه ديوتا نه آهي، پر ستراجت يادو آهي جنهن تپسيا ڪري سوريه
ديوتا کان مڻي وٺي ڳلي ۾ پاتي آهي ۽ هوئي اچي پيو.“ انهيءَ
ستراجت اها مڻي وجهي ڪيترائي دفعا شريڪرشڻ جي دربار ۾
اپنڊ ويندو هو. ٻئي دفعي هو سڀ سڀاسد شريڪرشڻ کي چوڻ
لڳا ته ”مهاراج! جيڪر اها مڻي ستراجت کان وٺي راجا اگرسين کي
ڏجي؛ سبب ته ستراجت کي اها سونهين نٿي ڪين ٿي؟“ ايترو ٻڌي
شريڪرشڻ ستراجت جي پرکڻا ونڻ لاءِ کلي کيس چوڻ لڳو ته ”ڀائي!
راجائون سڀني کان وڏا ٿين ٿا، تنهنڪري جنهن وٽ جا شيءِ سڀني
کان اچي هجي سا راجا کي ڀيٽ ڪري ته سندس لوڪ پرلوڪ
ٻئي سڌرن. انهيءَ تون اها مڻي راجا اگرسين کي ڏيئي جس کٽ.“
ستراجت ڪو جواب نه ڏيئي اداس ٿي گهر موٽيو. ستراجت اها
سوري ڳالهه پنهنجي ڀاءُ پرسين سان اچي ڪئي، جنهن اها
مڻي وٺي پنهنجي ڳلي ۾ وڌي. ٻئي ڏينهن پرسين شڪار
ڪندي مڻي پائي گهوڙو ڊوڙائيندي، ساٿين کان جدا ٿي
ٻئي جهل جي ڪناري وٽ وڃي پهتو. اتي هڪڙو شينهن رهندو
هو سو گهوڙي جي اچڻ جو آواز ٻڌي ٻاهر نڪري آيو ۽ پرسين کي
گهوڙي سوڌو ماري سندس ڳچي مان اها مڻي ڪڍي غار ۾ اندر
ٿي گهريو ته جامونت والي رڇ شري رامچندر جو ڀڳت اتي پهچي،
شينهن کي غار جي دروازي وٽ ماري اها مڻي کڻي ويو. مڻي
جي روشنائي ڪري جامونت جي جاءِ جا اندري غار ۾ مڻي سا
ڏينهن واسگر روشن رهڻ لڳي.

پرسين جا ساٿي کيس موٽندو نه ڏسي، ستراجت وٽ آيا ۽ سمورو
احوال ٻڌايائونس، جنهن تي ستراجت کي شڪ جاڳيو ته شريڪرشڻ

ڀڳوان جي دَيا ۽ مهنجي نصيبن ڪري جي هي اُهوئي ڇوڪرو جيئرو جاڳندو واپس آيو هجي ته عجب ڪونهي. مهنجو پٽ به جيڪر هيلتائين ايڏي عمر جو هجي ها." پوءِ پرديومن کان پڇڻ لڳي ته "بابا! تنهنجو نالو ڇا آهي؟ ڪٿي تنهنجو جنم ٿيو؟ ۽ هت ڪيئن آيو آهين؟" ايتري ۾ وسديو، ديوڪي ۽ شري ڪرشڻ به اُتي اچي نڪتا. نارد به اوڏي مهل اُتان اچي نڪتو، جنهن پرديومن جو سمورو حال شروع کان آخر تائين ٻڌايو ۽ پوءِ رڪمڻيءَ کي چوڻ لڳو ته "جنهن پٽ جي چنتا ۾ هيترا سال گذاريو آهين، سو اجهو هيءُ اڳيان بيٺو اٿيئي." ايترو ٻڌي رڪمڻي ڊوڙي، پرديومن کي ڀاڪر پائي چمڻ لڳي ۽ رتيءَ کي پنهنجي ننهن ڄاڻي پيار ڪرڻ لڳي. هي راجا! شيام سندر کي پرديومن جي هرائجي وڃڻ جي ساڳي سڌ هئي، پر رڪمڻيءَ کي نه ٻڌايائين؛ جو ته هنکي شمبر دئيت کي مارڻو هو."

شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته "هي راجا پريڪشت! جن ڏينهن ۾ پرديومن شمبر دئيت وٽ هو، تن ڏينهن ۾ ستراجت يادو شري ڪرشڻ تي مڻي چورائڻ جو ڪوڙو ڪلنڪ ڏنو هو، پر پوءِ شرمندو ٿي پنهنجي ڌيءَ اُنکي پرڻائي ڏني هئائين. اُها وارتا هن ريت آهي جو ستراجت نالي يادو دوارڪا پريءَ ۾ رهندو هو. هن گهڻن ڏينهن تائين سورج نارائڻ جي تپسيا ۽ سچي من سان ڌيان ڪيو. تڏهن سورج نارائڻ خوش ٿي اُنکي پنهنجو درشن ڏنو ۽ مڻي ڏيئي چوڻ لڳس ته "هنکي مون جهڙو ڄاڻي هرروز اِنجي پوڄا وڏي سان ڪجانءِ ته سداءِ سکي رهندين ۽ جنهن گهر يا نگر ۾ هيءَ مڻي هوندي اُتي ڪنهن به قسم جي بيماري يا سڪائي نه ايندي. مطلب ته جيڪو سچي من سان هن مڻيءَ جي پوڄا ڪندو، تنهنجي گهر سداءِ رڌي سڌي قائم رهندي." ايترو چئي سورج نارائڻ انترڌان ٿي ويو."

ستراجت اِها مڻي پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي گهر آيو ۽ پوءِ هرروز نيم سان اِن جي پوڄا ڪرڻ لڳو. پوڄا ڪرڻ ڪري ائين ٿيڻ لڳو جو هرروز ويهه مڻ سون جا اُها مڻي ستراجت کي ڏيڻ لڳي، جنهن

بچي توکان بدلي وٺڻ لاءِ ساماڻو آهيان. سچ آهي ته تو پاڻ پنهنجي گهر ۾ موت کي پاليو آهي. هن حڪمت ۾ ڪوبه ڪنهنجو به پاپ ڪونهي. سدا کان اهو وهنوار هلندو ٿو اچي."

ايترو ٻڌي شمبر دئيت ٿي باهه ٿي ويو ۽ تلوار هٿ ۾ کڻي پرديمن کي للڪاري چوڻ لڳو ته "آءٌ ٻچا! تڪڙي ٿي تلوار، ڏسان ڪير توکي بچائي." ائين چئي پنهنجي تلوار پرديمن تي هلايائين، پر پرديمن پنهنجي تلوار سان هن جي تلوار ڪيرائي وڌي. پوءِ دئيت پرديمن تي اگني باڻ ڇوڙيو جو هن پنهنجي جل باڻ سان وسائي ڇڏيو. جڏهن ڪيتري لڙائي ۾ هڪ ٻئي جا هٿيار ڀڃي ناس ڪيا، تڏهن هڪ ٻئي ۾ لٺجي ڪشتي ڪرڻ لڳا. جڏهن اُن ۾ پرديمن نه هاريو، تڏهن دئيت پنهنجي مايا سان پٿرن جي برسات وسائڻ لڳو. جڏهن اُن ۾ به دئيت ڪامياب نه ٿيو، تڏهن پرديمن کي کڻي آڪاش ۾ اڏامي ويو. پرديمن اُتي وڃي دئيت کي اهڙي ته تلوار هڻي جو هن جو سر ڪپجي زمين تي ڪري پيو. اُن وقت ديوتائون خوشيون ڪرڻ لڳا ۽ آڪاش مان پشپ وسائڻ لڳا. سنساري ماڻهون، جن دئيت جي ڊپ ڪري سڀ هوم هون ۽ يگيه وغيره ڌرمي ڪاريه ڇڏي ڏنا هوا، سي همٿ وري ڪرڻ لڳا ۽ پرديمن جي ستوتي ڪرڻ لڳا. پرديمن اُن گهڙيءَ تي شري ڪرشڻ جو بالو رکي رتي سان، جا اُن مهل ٻارهن ورهين جي بالڪي بڻجي بيٺي هئي، وماڻ ۾ چڙهي اچي دوارڪا پهتو. جڏهن هو ٻئي رڪمڻي جي اڱڻ ۾ وماڻ مان لهي اچي بيٺا، تڏهن رڪمڻيءَ جون سهيليون پرديمن جو ههڙو سندر سروپ ڏسي، لڄ وچون ڪنڌ هيٺ ڪري بيهي رهيون؛ رتيءَ جي سندرتا کي ڏسي سڀ عجب ۾ پئجي ويون. پرديمن اُن وقت ڪانئن پڇڻ لڳو ته "منهنجا ماتا پتا ڪٿي آهن؟" اها ڳالهه ٻڌي سڀ استريون عجب ۾ پيون. هڪڙيون رڪمڻي ساهڙين کي چوڻ لڳي ته "اديون! اُها ماتا ڪهڙي نه وڏ ڀاڳڻ هوندي، جنهنکي ههڙو سندر سپاتر نمو آهي. افسوس! منهنجو ٻچڙو جنهنکي ڪو چورائي کڻي ويو، اُهو به شڪل هوبهو هن جهڙو هجي.

کي ماري توکي دوارڪا وٺي ويندو." ايترو چئي نارد ٻني روانو
ٿيو ۽ رتي ٻه اهو حال ٻڌي ڏاڍي خوشيءَ ۽ ٻريرسان اُنکي پالڻ لڳي
جڏهن پرديومن ڏهن ورهين جو ٿيو ۽ جڳائي منائي سمجهڻ
لڳو، تڏهن هڪڙي ڏينهن رتيءَ کي، جا سينگار ڪري اُن سان
پيار ڪري رهي هئي، چيو ته "تون مونکي ماتا وانگر پاليندي
آئي آهين، پوءِ هنريت پتيءَ وانگر جو ڏسي رهي آهين؟" رتي تنهنتي
مرڪي چوڻ لڳيس ته "هي پراڻ ناٿ! آءٌ اوهانجي استري آهيان."
پوءِ کيس ساڳي جنم ڪٿا ڪري پڌايائين، جا ٻڌي هو رتيءَ کي
پنهنجي استري ڄاڻي، شمير دئيت کي پنهنجو دشمن سمجهڻ لڳو.
رتي ڪامديو کي چوڻ لڳي ته "هي پيارا! مهاديو جي آشيرواد سان
هون پنهنجو منورٿ پاتو، پر رکمڻي اوهانجي ماتا وڇوڙي ڪري
ڏاڍي دکي آهي. اِنلاءِ هينئر شمير دئيت کي ماري جلي پنهنجي
ماتا کي سک ڏيو. هي دئيت مايا پڻ ڏاڍي ڄاڻندو آهي ۽ توهان
پر ڪڏهن لڙائي ڪان ڪئي آهي؛ تنهنڪري اوهين مونکان
مايا پڻ سکي وٺو."

جڏهن پرديومن ١٢ ورهين جي عمر تاءِ رتيءَ کان سڀ مايا پڻ سکي
ورتي ۽ پاڻ پڻ لڙائيءَ جي سمرٿي ڄاتي، تڏهن شمير دئيت کي اڏڙا
وڃي چوڻ لڳو؛ جنهنڪري لڙائي شروع ٿي. هڪڙي ڏينهن پرديومن
راند ڪندو دئيت جي سڀا پڻ هليو ويو، جتي دئيت سڀا پڻ ويٺان کي
چوڻ لڳو ته "هي ٻالڪ منهنجو آهي." پر پرديومن ڪروڌ پڻ پرجي
جواب ڏنس ته "خبردار! مونکي ائين سڏيو ٿيئي؟ مان ته تنهنجو
دشمن آهيان. هڪ دفعو هت گنديءَ ڏس پوءِ آهن هٿن جون صفا پون."
شمير دئيت تڏهن سڀا سڌن کي چوڻ لڳو ته "پائي! ڏسو ته زماني جو
حال! هنکي پالي وڏو ڪيم يعني نانگ کي کير پيارير." پوءِ پرديومن
کي چوڻ لڳو ته "ڪٿي ٻچا! موت ويجهو آيو آٿيئي جا جوا اڙيون
ڪنور ڳالهيون ٿو ڪرين؟" پرديومن وراڻي ڏنيس ته "منهنجو موت
ويجهو آيو ڪونهي، پر تنهنجو ٿو ڏسجي. آءٌ! تو ته مونکي سنڌس
اُڇلائي هڪدم مارڻ ٿي چاهيو، پر ناراڻ جي ڪرپا سان جيءَ

دئيت جي ڪنبا ٿي وڃي رهي.

ڀڳوان جي اڄا موجب ڪامديو رڪمڻي جي گرڀ مان جنم ورتو ۽ اهڙو ته سندر سروپ هوس، جهڙڪي سورج ۽ چندرما ڏسي لڄي ٿي ٿيا. راجا اگرسين جوتشين کان انهيءَ جنم لڳن ڪڍايو، جنهن تي هو چوڻ لڳس ته ”مهاراج! هيءُ ڇوڪرو پنهنجي ٻل ۽ پراڪرم ۾ شريڪرشڻ جهڙو ٿيندو. پوءِ سندس نالو پردومن رکي دڪشڻا وٺي پنهنجي گهر روانا ٿيا.

نارد مني شمبر دئيت کي وڃي چيو ته ”پردومن نالي تنهنجي دشمن شري ڪرشڻ جي گهر جنم ورتو آهي ۽ ٻارهن ورهن جي عمر ۾ هو توکي ماريندو.“ ايترو چئي نارد برهم لوڪ ڏانهن هليو ويو. هيڏانهن شمبر دئيت ويچار ڪيو ته ڪڏهن مينڍو ٿي پردومن کي ڪٽي وڃي سمنڊ ۾ اڇلائيندس ته منهنجي من جي چنتا دور ٿي ويندي. اهو ويچاري هو دئيت هوا جو روپ ڌاري دوارڪا ۾ آيو ۽ رڪمڻي جي محل ۾ وڃي پردومن کي کڻي اڏامي ويو. ٻالڪ کڻي ويندو ڪنهن نه ڏٺو ۽ جڏهن رڪمڻي ٻالڪ کي نه ڏسي روئڻ لڳي، تڏهن سڀ استريون عجب ۾ پئجي ويون. شمبر دئيت پردومن کي سمنڊ ۾ اڇلائي گهر هليو ويو. ڀڳوان جي اڄا سان هڪڙي مڇي پردومن کي ڳهي وئي. جڏهن هڪڙي مهاڻي اُن مڇيءَ کي ڄار ۾ ڦاسائي دئيت وٽ وڪڻڻ لاءِ آندو، تڏهن اُن مڇيءَ جي پيٽ مان هڪڙو سندر سهڻو جاڳندو ٻالڪ نڪتو جو ڏسي سڀ عجب ۾ پئجي ويا ۽ هوءَ مايا روپ استري (رتي) اُن ڇوڪري کي شمبر دئيت کان لڪائي پالڻ لڳي. جڏهن ڇوڪرو وڏو ٿيو، تڏهن هڪڙي ڏينهن شمبر دئيت هنکي ڏسي ورتو ۽ هنجي سندرتائيءَ تي موهجي رتيءَ کي انجي پالڻ لاءِ ڀارت ڪرڻ لڳو. هيڏانهن نارد مني هن مايا وتي رتيءَ کي وڃي چيو ته ”هي ڇوڪر ڪامديو نالي تنهنجو پتي آهي. هن جي ماتا رڪمڻي ۽ پتا سري ڪرشڻ دوارڪا ۾ رهندا آهن. شمبر دئيت هنکي چورائي سمنڊ ۾ اڇلايو هو، پر مهاديو جي ڪرپا سان جيئرو رهي تو وٽ پهتو آهي. هيءُ وڏو ٿي شمبر دئيت

شريڪرشڻ پنهنجو رٿ دوارڪا ڏانهن هلايو ۽ جڏهن نزديڪ پهتو، تڏهن اُگرسين ۽ وسديو ڏاڍيءَ خوشيءَ مان کين شهر اندر وٺي ويا ۽ اُن ڏينهن سڄي دوارڪا واسين ڏاڍا آنند منگل ڪيا. ديوڪي ڪل جي رسم موجب رڪمڻيءَ کي محل اندر وٺي ويئي ۽ پوءِ براهمڻ گهرائي وهانو جي مهورت جي پڪ ڪرڻ لڳا. راجا اُگرسين پنهنجن مٽن مائٽن کي جوائي موڪليو. وهانو جي ڏينهن ڪيتري ڪيتري جا راجائون ۽ مترا جي ڪنا ٿيا هوا، اُنوقت دوارڪا جي جيڪا شوڀا هئي سا ورنن ڪرڻ کان ٻاهر آهي. راجا اُگرسين شيام سندر ۽ رڪمڻيءَ کي چڱا وستر ۽ زيور پهرايا ۽ جو گرد مٽ مائٽ ويٺي ويا. گر براهمڻ شاستر موجب شريڪرشڻ جو رڪمڻيءَ سان وهانو ڪرائي ڦيرا ڦيرايا. اُنوقت گهر گهر آنند لڳا پيا هوا ۽ ديوتا آڪاش مان پشپن جي ورشا ڪرڻ لڳا. راجا اُگرسين اُنوقت ڏاڍو دان پنج ڪيو. وهانو پوري ٿيڻ بعد راجا اُگرسين سڀني آيل مهمانن کي رخصت ڏني. مطلب تہ دوارڪا ۾ رڪمڻيءَ جي اچڻ ڪري گهر گهر لڪشميءَ جو واسو ٿي ويو.“

راجا پريڪشت شري شڪديو جي کان پڇڻ لڳو تہ ”هي مهاراج! ڪامديو کي شري مهاديو ڀلا ڪيئن جلايو، سو تہ ڪرپا ڪري ٻڌايوم؟“ شري شڪديو جي چوڻ لڳو تہ ”هي راجا! هڪڙي ڏينهن شري مهاديو ڪيلاش پروت تي ڌيان ۾ ويٺو هو تہ ڪيس ڪامديو اچي ستايو جو هنجو ڌيان ٽٽي ويو. مهاديو تڏهن پنهنجي ٽين اک کولي ڪامديو ڏانهن نهاريو ۽ جنهنڪري هو جلي رک ٿي ويو. اُنجي پسر ٿيڻ ڪري رتي ڪامديو جي استري ڏاڍا ورلاپ ڪرڻ لڳي. جڏهن پاروتي رتيءَ جي اها حالت ڏٺي، تڏهن دَيا ڪري چوڻ لڳي تہ ”هي رتي! تون ڪو ويچار نہ ڪر. ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ ڀڳوان شريڪرشڻ اوتار وٺندو ۽ رڪمڻيءَ سان سندس وهانو ٿيندو، تڏهن اُنجي گرڀ مان ڪامديو پيدا ٿي شمبر دئيت جي گهر ايندو. اُنلاءِ تون شمبر دئيت جي گهر وڃي سندس ڪنيا ٿي رهہ، جتي تو کي تنهنجو سوامي ملي سک ڏيندو.“ اهو ٻڌي رتيءَ کي ڏيرج آيو ۽ هوءَ



GITA PRESS GORAKHPUR

ڪامديو کي شري مهاديو پنهنجو ٽيون نيتر (اک) کولي ڀسم ڪري رهيو آهي (صفحه ٣١٥)

جڏهن پنهنجي لشڪر جي اهڙي دُردشا ڏٺي، تڏهن جراسنڌ کي روئي
ڇوڙڻ لڳو ته ”مهاراج! شري ڪرشڻ زبردستيءَ رڪمڻيءَ کي کڻي ويو ۽
اسان کان لڙائيءَ ۾ ڪجهه به ٿي نه سگهيو. هاڻي ڪهڙو منهن کڻي
وڃبو ۽ اهو داغ عمر ڀر نه لهندو، اِنلاءِ بهتر ٿيندو ته هاڻي وڃي مرجي.“
جراسنڌ وراڻي ڏنيس ته ”هي مهاراج! اوهان جهڙن گيانين کي
آءٌ وڌيڪ ڇا سمجهايان ۽ ڇو جو هاڻي، لاڀ، ڏک سک سڀ پرميشور
جي آڏين آهن. جيڪي ڀڳوان جي مرضيءَ ۾ اچيٿو سوئي هو ڪري
ٿو، اِنلاءِ ڏک سک سمان سمجهي سنساري وهنوار کي سڀني حيلن
سمجهڻ گهرجي. مون به ستر دفعا شري ڪرشڻ کان هاريو هو،
پر تڏهن به آءٌ اُداس نه ٿيس؛ تنهنڪري وقت ٽاري ڇڏڻ گهرجي ۽
ڪنهن ڏينهن پنهنجي من جو مطلب پائي وٺبو.“ جڏهن اهڙيءَ طرح
سمجهائڻ تي ششپال کي ڌيرج آيو، تڏهن سڀڪو راجا پنهنجي
پنهنجي گهر روانو ٿيو ۽ ياد و دوارڪا ڏي وڃڻ لڳا.

هيڏانهن راجا ڀيشمڪ جي پٽ رڪميءَ جڏهن جراسنڌ ۽ ٻين جي
ڀڄي وڃڻ جو حال ٻڌو، تڏهن ڪاوڙجي سڀا ۾ ويٺل راجائن کي،
جي ونن وهانو تي آيا هوا، چوڻ لڳو ته ”اها ڪهڙي نياءَ جي ڳالهه
آهي جو هن ريت زبردستي ڪري منهنجي ڀيڻ کي شري ڪرشڻ کڻي
وڃي. ياد رکو ته جيستائين منهنجي شرير ۾ ساهه آهي، تيستائين رڪمڻيءَ
کي ڪڏهن به ڪاهي وڃڻ نه ڏيندس. هينئر مان اهو پڻ (انجام)
ٿو ڪريان ته جيستائين اُنهن ٻنهي ڀائرن کي ماري يا قيد ڪري
رڪمڻيءَ کي موٽي وٺي نه اچان، تيستائين ڪندن پور ۾ پنهنجو منهن
نه ڏيکاريندس.“ ائين چئي بيشمار لشڪر ساڻ ڪري شري ڪرشڻ جي
پٺيان ويو. واٽ تي شيام سندر کي للڪاري چوڻ لڳو ته ”هي ياد و!
ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ مڙسيءَ جهڙي ته ٿورو وقت ترسي مون سان
بيهي لڙائي ڪر. آءٌ ڪو جراسنڌ يا ششپال ڪونه آهيان. اڙي
گنوار! جڏهن گوڪل ۽ ٻندرابن ۾ لڪ چورئي مکڻ چورائي کائيندو
هوئين، تڏهن مونکي به گنوار سمجهي منهنجي ڀيڻ چورائي آئين ۽
اها خبر ڪانه پئي ته هوءَ مون جهڙي ٻرتابي ۽ سورهيه جي ڀيڻ آهي.


COPYRIGHT
& SONS

گھات ڪريان؟ هن وقت تو ڪانسواءِ ٻيو ڪنهن جو به آسرو ڪونهي."

اڃان رڪمڻي اهي خيال پئي ڪيا ته هڪڙي سکي سڏي چيس ته ”پياري! تون ايتري ويچار ۾ ڇو ويٺي آهين؟ تو آنترِيامي تنهنجو حال ڄاڻي ضرور هتي ايندو، انلاءِ ڌيرج ڪر ۽ وياڪل نه ٿيءُ. آءٌ ته سمجهان ٿي ته هو ڪندنپور ۾ پهچي ويو آهي.“ رڪمڻي چوڻ لڳي ته ”هي سکي! منهنجي ٻاڻ کٻي اکر ۽ ٻانهن ڦرڪي رهيون آهن، جنهن ڪري سمجهان ٿي ته سگهڻ چڱا آهن.“ اڃان ائين پئي چيائين ته برهمڻ اچي آسيس ڏيئي چيس ته ”هي رڪمڻي! مهاراج شريڪرشڻ جن ٻارام ۽ فوج سميت باغ ۾ اچي لٿا آهن.“ اهو وقت رڪمڻي کي اهڙي خوشي ٿي جو مڙدي جي بدن ۾ ساهه اچي ويو. پوءِ ته برهمڻ راجا ڀيشمڪ وٽ وڃي شيام سندر جي اچڻ جو حال جڻن جو تڻن ڪري ٻڌايو. راجا ڀيشمڪ شريڪرشڻ کي آيل ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پنهنجا چار پٽ ساڻ وٺي رتن ساڻ ٿالهي ڀرائي باغ ۾ ويو، جتي شريڪرشڻ جي اڳيان اهي ڀيٽ رکي وينتي ڪري چوڻ لڳو ته ”هي مها پڀو! اوهان مون دين تي ڏاڍي ديا ڪئي جو پنهنجا پويتر چرڻ هن پرٿوي تي آندو ۽ جنهنڪري مان اڄ ڏاڍو ڪرتارٿ ٿيو آهيان ۽ پنهنجو منورٿ پورو ٿيل سمجهان ٿو.“ راجا پوءِ شيام سندر کي جوڳي استان تي وهاري سندس لاءِ هرڪو بند وبست ڪري راڄ محل ڏانهن موٽيو. وات تي اهي ٻه پڇائيندو پئي آيو ته رڪمڻي بيشڪ شريڪرشڻ جي ئي لائق آهي، پر افسوس! ڇا ڪريان جو منهنجو وس ڪونهي. ڪندنپور واسين جڏهن هنن ٻنهي ڀائرن جي اچڻ جو ٻڌو، تڏهن اهي به ٽوليون ڪري درشن ڪرڻ لاءِ ويا ۽ شريڪرشڻ کي ڏسي پاڻ ۾ چوڻ لڳا ته ”رڪمڻي جو وهانو جيڪڏهن شريڪرشڻ ساڻ ٿئي ته ڏاڍو چڱو.“

صبح جو سانت ٿيڻ لڳا. هڪڙي پاسي ڄڃ جي تياري ۽ ٻئي پاسي منگلاچار ٿيڻ لڳا. جڏهن باقي ساهه وڃي رهيو، تڏهن رڪمڻي ڪيترين ساهيڙين ساڻ گڏجي ديويءَ جي پوڄا ڪرڻ لاءِ هلي. رڪمڻي مندر ۾ پهچي ديويءَ جي پوڄا ڪرڻ لڳي ۽ هٿ

اڪيلو اوڏانهن روانو ٿيو آهي؛ جنهنڪري مونکي پڪ آهي تہ اُتي
موهن ۽ ٻين راجائن جي وچ ڏاڍي ٻڌ ٿيندي، اِنلاءِ آگيا ڪريو
تہ مان بہ اوڏانهن وڃان." اها ڳالهہ ٻڌي اُگرسين چيس تہ "تون
منهنجي سڀئي سٿنا وٺي اڄرو جلد وڃ جو جي تي سگهيئي تہ وات
تان ئي شريڪرشڻ کي موٽائي وٺي اچ." بلرام تڏهن ڪيترو لشڪر
ٻاڻ سان وٺي ڪندن پور روانو ٿيو ۽ وات تي اچي شريڪرشڻ کي
گڏيو، جنهي جوڻ لڳس تہ "ادا! هي ڇا؟ مونکي بہ ٻاڻ سان نہ وٺي
اڪيلو آئين!" ٻڌيو کي ڏسي شريڪرشڻ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پوءِ تہ
جلدئي اچي ڪندن پور پهتا. ڇا ڏسن تہ گهر گهر منگلاچار ٿي رهيا
آهن ۽ سڀ ننڍا وڏا، استريون پرش ڇڱا وستر ۽ گهڻا پهري جهجهي
ڏسڻ لاءِ خوشيون ڪري رهيا آهن. اهو حال ڏسي شيام سندر
پنهنجو رٿ راجا ڀيشمڪ جي باغ ۾ وڃي بيهاريو ۽ براهمڻ کي چيائين
تہ "مهاراج! اوهين وڃي رڪمڻيءَ کي اسانجي اچڻ جو احوال ٻڌايو."

هيڏانهن راجا ڀيشمڪ، ششپال جي اچڻ جي نزديڪ اچڻ جو حال
ٻڌي پنهنجي فوج ۽ ماڻهن سان گڏجي اگواڻي ڪرڻ لاءِ ويو ۽
جاجن کي آڻي لائق استان تي ويهاريائين. پوءِ ڀوڄن وغيره سامان جي
سڀ ضرورت موجود ڪري ڏنائين. رڪمڻيءَ کي ڪنگڻ ٻڌائي اُن
جي هٿان دان پڻ ڪرايو ويو. جيتوڻيڪ شريڪرشڻ پهچي ويو
هو، تہ بہ رڪمڻيءَ کي اُن سندس خبر ڪانہ پئي هئي، تنهنڪري
هوءَ ويچاري ڏاڍي سوچ ويچار ۾ پئجي ويئي ۽ من ۾ چوڻ لڳي
تہ "شايد شيام سندر منهنجي جهڙي ڏسي مونکي نرلڄ سمجهيو ٿو
ڏسجي. ورنہ هو براهمڻ بہ موٽي ڪونہ آيو آهي سو يا تہ ويڪنٺ ناٿ
مونکي ڪروپ سمجهي ڪريا نہ ڪئي يا براهمڻ واٽ ڀلجي
دوارڪا ئي ڪونہ ٿو وڃو ڏسجي. يا ائين بہ ٿيو جو جراسنڌ
جي اچڻ جو ٻڌي هو براهمڻ نہ آيو هجي. افسوس! جيڪڏهن ششپال
سماڻي وواه ڪري مونکي ٻاڻ سان وٺي ويندو تہ پوءِ آءٌ ڇا ڪري
سگهنديس؟ دنيا جي سمتري پوڄا ۽ جپ تپ بہ ڪا سهائتا ڪانہ
ڪئي. هي پرميشور! هاڻ مان ڇا ڪريان؟ ڪنهن وٽان يا ٻاڻ

هرگز قبول ڪانه ڪرڻ ۽ آءٌ اهڙيءَ ڀروسو رکي ويٺي آهيان ته اوهان جي سيوا ڪري پنهنجو جنم سڦلو ڪريان. جي اوهان کي خيال رهي ته ڪُلونتي ڇوڪري پنهنجو پاڻ وهانو لاءِ نيا ڀونه موڪليندي آهي، ته هي دين ديال! اُنجو هيءُ سبب آهي جو اوهانجي مهما، جا ساري جڳت ۾ مشهور آهي، پڌي منهنجي لڄ لهي ويٺي آهي. توهانجي چرڻن جي رج ملڻ واسطي جڏهن وڏا ڀوڳي ۽ منيءَ اڃا رکن ٿا، تڏهن آءٌ ڀر اُنهن چرڻن جي سيوا ڪري اُها رج مٿي تي رکي پنهنجو جنم سڦلو ڪنديس. هي مها پرڀو! ششپال جلدي ڄڃ وٺي ڪنڊنپور ايندو، اِنلاءِ اوهين ڀ، هن جنيءَ ڏسڻ شرط جلدي اچي مونکي هتان وٺي وڃو. جي ائين نه ڪيو ته آءٌ آپگهات ڪنديس ۽ ٻيو جنم وٺي توهانجو پاڇن ڪري اوهان وٽ پهچنديس. هي دين ديال! هتان ائين ڪريو جو شينهن جو شڪار گدڙ کڻي وڃي. اوهانکي اهو خيال ٿئي ته راڄ مندر مان مونکي ڪيئن کڻي وڃو ته اُنجي هيءَ رت بيهاري اٿم جو وهانو کان اڳ آءٌ ديويءَ جي پوڄا لاءِ شهر کان ٻاهر مندر ۾ وينديس، جتان مونکي اوهين پاڻ سان وٺيو وڃجو. اوهانجو نالو دين ديال مشهور آهي، اِنلاءِ اُن نالي کي ضرور سارٿڪ ڪجو.» جنيءَ جو سماچار پڙهي ڏاڍو خوش ٿي براهمڻ کي نيا ڀو ڏناءِ ته ”هي برهم ديو! جڏهن ڏينهن کان مون رڪمڻيءَ جي روپ ۽ گڻن بابت نارد منيءَ کان ٻڌو آهي، تڏهن ڏينهن کان مونکي ڀ اُن جي ملڻ جي چاهنا آهي ۽ اُها ڀ خبر اٿم ته سندس وڏو ڀاءُ مونسان دشمني رکي ٿو، جنهنڪري رڪمڻيءَ جو وهانو مونسان ڪرڻ نٿو چاهي. ڀاڳي جڳو! سڀاڻي صبوح جو پاڻ ٻئي هتان روانا ٿينداسون ۽ هلي رڪمڻيءَ جي اِڇا پوري ڪبي.“

ٻئي ڏينهن صبوح جو شري ڪرشڻ براهمڻ کي ساڻ ڪري رٿ ۾ چڙهي ڪنڊنپور ڏانهن روانو ٿيو. اُتي پهچڻ سان ڏاڍا ڄڃ سڳڻ ڏسڻ آيا. هيڏانهن ٻلرام اُگرسين کي وڃي ٻڌايو ته ”راجا ششپال، جراسنڌ ۽ ٻين گهڻن راجائن سان گڏ ڄڃ وٺي رڪمڻيءَ سان پرڻجڻ لاءِ ڪنڊنپور ويو آهي ۽ مونهن بيارو ٻڌاڻ ٻڌائڻ جي

اُگرسين جو نوڪر سڏبين ٿا. ڀلا! اهڙي کي رڪمڻي پرڻائي سنسار
۾ ڪهڙو جس کٽندا؟ نيٺ به جيل آهي ته ويو؛ وهانو ٿانءُ سان
ڪرڻ گهرجي. خيال ڪري ڪريو ٿا ته شريڪرشڻ سان رڪمڻيءَ جي
وهانو ڪرڻ ڪري جڏهن ماڻهو مونکي گوال جو سالو ڪري سڏيندا،
تڏهن آءٌ منهن مٿي ڪٿي ڪڍندس؟ الله! منهنجو خيال آهي ته ششپال
کي رڪمڻي پرڻائي ڏجي. هو اصل راجائن مان به آهي ۽ وري
جنهنجي ڏب ڪري ٻيا ڪيترا راجائون ٿرٿر ڪنبن پيا ٿا."

جڏهن اها ڳالهه سڀني سڀاسدن ٻڌي ڪٿي مات ڪئي؛ راجا
ڀيشمڪ به پنهنجي وڏي پٽ جي ڳالهه کي رد ڪري ڏيڻي نه سگهيو،
تڏهن راجڪمار جوتشين کي گهرائي چڱو لڳن ٻڌي، هڪڙي براهمڻ
هٿان رڪمڻيءَ جو مڱڻو جتي راجا ششپال کي ڏياري موڪليو. ششپال
مورڙ دلي خوش ٿيو ۽ براهمڻ کي چڱي ڏڪڻا ڏيئي واپس موڪليائين.
وهانو جون تياريون ٿيون ۽ راجا جڏهن پنهنجي ڪل جي رسم
رسم شروع ڪئي، تڏهن ڪن ساهيڙين رڪمڻيءَ کي اچي ٻڌايو ته
تنهنجو وهانو راجا ششپال سان مقرر ٿيو آهي؛ جنهنڪري هاڻ تون
جلدي راڻي ٿيندين." اهو ٻڌي رڪمڻي ڏاڍو اُداس ٿي ۽ خيال
ڪرڻ لڳي ته ڪنهنکي شيام سندر ڏانهن موڪلي پنهنجي اڇا پرگٽ
ڪريان. پوءِ هڪڙي براهمڻ کي چٺي ڏيئي دوارڪا ۾ شريڪرشڻ
وٽ موڪليائين. براهمڻ چٺي کڻي دوارڪا ۾ پهتو ۽ اها چٺي اچي
ڏنائين. شريڪرشڻ براهمڻ جو ڏاڍو ستڪار ڪيو ۽ پڇي ڪانئس
رڪمڻيءَ بابت سمورو احوال ٻڌائين. پوءِ رڪمڻيءَ جي چٺي پڙهيائين
جنهن ۾ لکيل هو ته "هي ترلوڪي ناٿ! آءٌ اوهان جهڙو سندر ٻيو
ڪو ڪونه ڏسانٿي. جڏهن کان مون اوهانجي شوڀا ٻڌي آهي،
تڏهن کانولي آءٌ بالڪپڻ اوهانجي داسي سمجهڻ رهي آهيان؛
اوهانکي نسواءِ ٻئي ڪنهنجي به اڇا ڪانهي. الله او دين ديال ٿي
مونکي پنهنجي چرڻن ۾ رکو. جيتوڻيڪ آءٌ سمجهان ٿي ته اوهانجي
لائق نه آهيان، پر مون داسيءَ طور رهي ٽهل ڪريان. منهنجو وڏو
ڀاءُ زبردستيءَ مونکي ششپال سان پرڻائي ٿو، پر مونکي اها ڳالهه

يعني آئٽي پڻ موهن پياري جي سانوري صورت جو ہر ہر سان ڏيان ڪرڻ لڳي ۽ هر روز شري پاروتيءَ جي پوڄا ڪري جي وردان گهرڻ لڳي تہ ”هي گئُوري ماتا! مونکي جيڪڏهن پتي ملي تہ شيام سندر ئي ملي.“ پوءِ پنهنجي من ہ پڪو پرڻ ڪياءِ تہ شيام سندر کانسواءِ ٻئي ڪنهن سان وواه نہ ڪنديس. جڏهن رڪمڻي موهن پياري جي سنيهہ ۾ اُداس رهندي هئي، تڏهن ساهيڙيون اچي شيام سندر جو چريتر پڙهائي کيس وندرائينديون هيون.

هڪڙي ڏينهن راجا ڀيشمڪ رڪمڻيءَ کي ڏسي ويچار ڪيو تہ هاڻي رڪمڻيءَ جو ضرور وهانو ڪرڻ گهرجي، تنهنڪري پنهنجن پٽن، وزيرن ۽ ويجهن عزيزن سان صلاح ڪرڻ لڳو تہ رڪمڻي اهڙي ڪنهن راجڪمار کي ڏجي جو ساڃهو ۽ گڻوان هجي. سڀ ہ ويٺا سيني پنهنجو پنهنجو رايو ڪيترن ئي راجڪمارن لاءِ ڏنو ۽ اُنهنجو روپ ۽ گڻ پڙهايو، پر راجا کي ڪو ہ پسند نہ آيو. اِتي راجا جي وڏي پٽ رڪميءَ، شِشپال بابت چيو، پر ننڍي پٽ شريڪرشڻ جو ناالو ورتو ۽ چوڻ لڳو تہ ”وسديو، جو ڏرماتما آهي تنهنجو پٽ ڪرشڻ ڏاڍو گڻوان ۽ ٻهاوان آهي. راجا ڪنس ۽ ٻين ڪيترن اڌرمين راجائن کي ماري هو پرجا کي سک ڏيئي رهيو آهي. اهڙي پرتاپيءَ کي رڪمڻي ڏيڻ ڪري پنهنجو پڻ جس وڌندو.“ بس! اِها ڳالهہ ٻڌي سڀ وزير ۽ پيا مت مائٽ، خوش ٿيا، پر راجا جي وڏي پٽ ڪي، جنهن جي صلاح سان راڄ جو ڪاروبار هلندو هو، اها ڳالهہ نہ وڻي ۽ سيني کي غصي ٿي چوڻ لڳو تہ ”اڙي مورکو! خبر ڪانہ اٿو تہ هو ڳنوار ڳانيون چاريندڙ آهي، جنهنجي ذات پات جو ہ ڪو نشان ڪونهي. ڪو نند جو پٽ پيو چويس تہ ڪو وسديو جو. آچتاءِ ڪنهن کي ہ سمڪ ڪانهي تہ حقيقت ڪري هو پٽ ڪنهنجو آهي. وري اهي يادو ڪي بنيادي راجائون ڪينهن، جا ٿيو جيڪڏهن هو تورن ڏينهن ہ وڏي ويا آهن. ڪٿي شريڪرشڻ کي وسديو يادو جو پٽ سمجهيو وڃي تہ بہ يادو اسان جهڙا اصل گهراڻي جا تہ نہ آهن. اسين اچا اُنهن وٽان چوڪريون آڻيون تہ نهي. وري شريڪرشڻ کي

فوج ونئي متراپوريءَ ۾ آيو ۽ اُتي سينٽي گهڻو دُرائي نمون جايون جوڙائڻ
شروع ڪيا. پوءِ پنهنجو مائٽ اُتي جڏي باڻ پنهنجي ديش آيو.
شيام ۽ بلرام هٿي تجويز ڪري پهاڙ تان لهي دوارڪاپوريءَ ۾
اچي پهتا، جتي دوارڪاواسي ڪين ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيا ۽ سڀ
آنند پرڙهڻ لڳا. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ رئيوت راجا پنهنجي ڪنيا
ريوتي دوارڪاپوريءَ ۾ آڻي بلرام سان پرڻائي ۽ شيام سندر بلرام
ساڻ گڏجي ڪندنپور وڃي راجا ڀشمڪ جي ڌيءَ رڪمڻي، جا
شسپال سان مڱائي ويٺي هئي، ڪيترن ئي راجائن جي وچ مان
زبردستي ڪڍي گهر آڻي اُن سان وواهه ڪيو."

اهو ٻڌي راجا پريکشت پڇڻ لڳو ته "هي مهاراج! ڀلا اها ڳالهه
ڪئن آهي سا ته وستار سان ٻڌايوم؟"

شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته "هي راجا پريکشت! ڀشمڪ نالي
هڪڙو مها پرتاپي راجا ڪندنپور نگر ۾ ڌرم سان راج ڪندو
هو. جڏهن رڪمڻي واري ڪنيا هنکي پيدا ٿي، تڏهن جوتشين کان
جنم لگن جو ڦل پڇيائين، جن ٻڌايس ته هيءَ ڪنيا جو لکڻ شري ڪرشن
ڀڳوان سان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهو ٻڌي راجا ڏاڍو خوش ٿيو. جڏهن اها
ڪنيا وڏي ٿي، تڏهن ناردمني ڪندنپور ۾ اچي رڪمڻيءَ جو
هٿ ڏسي اُنکي چيو ته "پنهنجو وارو شري ڪرشن چند آنند ڪند
سان ٿيندو." اها ڳالهه ٻڌي رڪمڻي ڏاڍو پرسن ٿي ۽ ناردمني
اُتان دوارڪاپوريءَ وڃي، شري ڪرشن کي رڪمڻيءَ جي سروپ ۽
گڻن جي مهما ٻڌائي. ڪيترا ڀاٽ ڪندنپور وڃي شري ڪرشن
جو يش ۽ گڻ ڳائڻ لڳا ۽ جنهن ڪري اُتي جي مائٽن کي شيام سندر
جي ڏسڻ جي ڏاڍي آڪانڪشا ٿي. جڏهن اها ڳالهه راجا ڀشمڪ جي
ڪن پئي، تڏهن اُن ڀاٽن کي گهرائي شيام سندر جي ليلا ٻڌي.
رڪمڻي ته ناردمنيءَ کان مرلي منوهر بابت اڳيئي ٻڌي چڪي هئي،
پر جڏهن ڀاٽن کان به اهي ڏاڍي ٻڌي، تڏهن ته هر گهڙي
ڪمس شري ڪرشن سان وواهه ڪرڻ جي گهڻي چاهنا اُڀري ٿي. بس!
پوءِ ته کائيندي پيئندي، اُٿندي ويهندي، جاڳندي ۽ سمهندي

ڀوساگر مونکي اُڪاري پار ڪريو."

راجا مچڪند جي اها ستوتي ٻڌي شري ڪرشڻ ڪلي چيس تہ "هي مچڪند! هاڻي جڏهن توکي ڪنهن بہ شئي جي لالچ ڪانهي تڏهن ڀوساگر لنگهڻ جي هيءَ تجويز تو ٻڌايان ۽ تہ ايڪانت ۾ رهي منهنجو سمرڻ ۽ ڌيان ڪر. پوءِ جڏهن اهو شرير ڇڏي براهمڻ جي گهر جنم وٺندين، تڏهن منهنجي ڀڳتيءَ ڪرڻ ڪري تون اهو شرير ڇڏي مون ۾ لين ٿي ويندين." ايترو ٻڌي راجا مچڪند شري ڪرشڻ جي چرڻن تي ڪري پيو ۽ ڪانئس آشيرواد وٺي بدريڪاشرم ڏي تپسيا ڪرڻ لاءِ هليو ويو. اُتي ڏاڍي تپسيا ڪرڻ بعد اهو بدن ڇڏي براهمڻ جي گهر جنم ورتائين ۽ هري ڀڳتيءَ جي پرتاپ سان مرتيو بعد ڀڳوان ۾ لين ٿي ويو."

شري شڪديو جي چوڻ لڳو "هي راجا پريڪشت! شري ڪرشڻ راجا مچڪند کان موڪلائي متراءِ ۾ اچي ٻلرام کي چيو تہ "مون راجا مچڪند جي درشٽيءَ سان ڪال يون کي ناس ڪرايو آهي، هاڻي هلو تہ هلي ڪال يون جي فوج کي ماري پرٿويءَ جو بار لاهيون." ائين چئي ٻئي ڀائر ڪال يون جي فوج ۾ گهڙي پيا ۽ سيني کي ماري پورو ڪيائون. ايتري ۾ جراسنڌ پنهنجي فوج سميت اچي اُتي پهتو. ڀڳت وتسل ڀڳوان جراسنڌ جي منورٿ پورڻ ڪرڻ لاءِ ٻلرام سميت اُتي ڀڳو جو ڏسي جراسنڌ جو وزير چوڻ لڳو تہ "هي مها راج! ڏسو اوهانجي ٻل ۽ پرتاپ اڳيان ڪير ٿي سگهندو؟ اهو هو ٻئي ڀائر پيرين اگهاڙا ڀڄندا وڃن." هاڻي جڏهن جراسنڌ انهن ٻنهي ڀائرن کي ڀڄندو ڏٺو، تڏهن پاڻ پنهنجي فوج سميت انهنجي پٺيان ڪاهي پيو ۽ پڪاري چوڻ لڳين "اڙي او ڊڄڻا! ڀڄو ڇو ٿا؟ بيهو تہ ڪي هٿن جون صفايون ڏيکاريانوَ." پوءِ ٻئي ڀائر هڪڙي پهاڙ تي چڙهي وڃي بيهي رهيا. جراسنڌ ڇا ڪيو جو اُن پهاڙ جي چوڌاري ڪاٺين جا انبار رکائي باهہ لڳارائي ۽ جيڪو رستو پهاڙ تان وڃڻ جو هو اُتي پاڻ بيهي رهيو. جڏهن باهہ چوٽيءَ تائين لڳي ويئي ۽ جراسنڌ سمجهو تہ هاڻي هو ٻئي سڙي مري ويا هوندا، تڏهن

ڪان ڇٽي وڃن. هاڻي جڏهن ڪا مرضي هجي سو ور گهُر."

وئڪنٺ ناٿ جي درشن ڪرڻ ڪري راجا مچڪند کي گيان اُتپن ٿيو ۽ هو ڀڳوان کي هٿ جوڙي وينتي ڪرڻ لڳو ته "هي مهان پرڀو! اوهين نرگڻ نراڪار، آوناشي پرش آهيو، فقط هري ڀڳتن کي سک ڏيڻ لاءِ سگڻ اوتار ڌاريو ٿا. توهانجي آد انت ۽ ليلا کي ڪو به نٿو ڄاڻي. هيءُ سنسار توهانجي مايا ۾ ويڙهيل آهي، تنهن ڪري ڪنهن کي به گيان نٿو رهي ۽ سڀ آدمي ڪام، ڪروڌ، لوڀ ۽ موهه جي ڄار ۾ اهڙا ته ڦاٿا پيا آهن، جو ڪنهن به طرح اُن مايا روپي ڦاهيءَ کان ڇٽي نٿا سگهن. هي ديناناٿ! اوهانجي ڪرپا کانسواءِ سنساري جيون جو هن مايا روپي اونداهي کوهه مان ٻاهر نڪرڻ ڏاڍو ڪٺن آهي. جنهن اوهانجي شرڻ ورتي ۽ اوهانجو ڌيان ۽ سمرڻ ڪري ٿو، سو مايا جال کان ڇٽي پرم گتي پائي ٿو. افسوس اٿم جو آءٌ هلنداءِ راڄ ۽ ڌن جي نشي ۾ توهانجو سمرڻ نه ڪري اوهانکان بيمکه رهيو آهيان. مان سنساري سکن ۾ لپٽجي رهڻ جي سڀ آس ٿي ويا. مسٽر فقط هي شرير بچيو اٿم، جنهنکي راجا ڪري ٿا ڪوٺين ۽ اُهو به ڪنهن ڪم جو نه آهي، جو ته مرڻ کانپوءِ ڪيس جيو جنتو کائين ۽ ڏاڍي ٻانس اچيو [illegible] سڙي خاڪ ٿيو وڃي. انهيءَ جنهنکي پنهنجي شرير ۽ ٻـل جو ايمان آهي، تن کي سمجهڻ گهرجي ته منش شرير پائي جنهن ڀڳوان جو ڀڄن ۽ سمرڻ نٿو ڪري ۽ سنساري وهنوار ۾ پنهنجو من لڳائي ٿو، تنهنجي ٻيڙي ڇڱي ڪانه ٿيندي. هي ڪرپالو! جو مستم سواءِ ڪنهن اچا جي فقط اوهانجي خوش ڪرڻ لاءِ اوهانجو سمرڻ ۽ ڌيان ڪري ٿو، تنهنکي وڏ ڀاڳي سمجهڻ گهرجي، ٻيا اهڙا آدمي سنسار ۾ تمام ٿورا ليندا. مونکي پنهنجي اگيان ۽ ايمان ڪري ڀوساگر پار لنگهڻ جي ڏاڍي چنتا هئي، پر اڳوڻي جنم جي ڀڄن سهاءِ ڪرڻ ڪري اوهان پنهنجو درسن ڏيئي مونکي ڪرتارٿ ڪيو؛ تنهنڪري مونکي اهڙن چرڻن جي ڌيان بنا ٻي ڪا به شيءِ جا سنساري مايا موهه ۾ ڦاسائي، ڪانه گهرجي. آءٌ اوهانجي شرڻ آيو آهيان، انهيءَ

مچڪند غار ۾ سمهيو پيو هو ۽ شري ڪرشڻ انترياميءَ کي ان ڳالهه جي خبر هئي، تنهنڪري ديوتائن جي ور ساچي ڪرڻ لاءِ ڪال يون کي وٺي وڃي مچڪند جي درشٽيءَ دوارا ان ماريو ۽ اُنهيءَ پسر تي وڃڻ ڪانپوءِ ڀڳوان پنهنجو سندر سروپ ڌاري مچڪند کي درشن ڏنو.

راجا مچڪند اهڙي موهني مورت ڏسي اُتي ساشٽانگ ڏنڊوت ڪيو ۽ هٿ جوڙي ستوتي ڪرڻ لڳو ته "هي ديناناٿ! اوهان جهڙو سندر سروپ مون اڳي ڪڏهن ڪونه ڏٺو آهي. هاڻي جڏهن ديال ٿي درشن ڏنو اٿو، تڏهن ڪرپا ڪري ٻڌايو ته اوهين ڪير آهيو، جو اوهان جي اچڻ ڪري هيءَ ساري انڌاري غار روشن ٿي ويئي آهي؟ جيڪڏهن اوهين مونکان منهنجو نالو پڇو ٿا ته مونکي مچڪند ڪري سڏين ٿا. مان مشهور راجا مانڌاتا جو پٽ آهيان ۽ دئيتن سان وڙهڻ بعد ديوتائن مونکي هت اچي سمهڻ لاءِ چيو هو ۽ اهو ور ڏنو ته مونکي جاڳائڻ وارو منهنجيءَ نظر پوڻ سان يڪدم ڀسم ٿي ويندو. اهو حال اوهان پاڻ پنهنجي اکين ڏٺو." شري ڪرشڻ ورندي ڏنيس ته "هي مچڪند! مان توکي پنهنجو ڪهڙو نالو ٻڌايان، ڇوته منهنجن نالن جو ڪو انت ئي ڪونهي. ڀل ڪو شرير جا وار يا برسات جون بوندون ته ڳڻي سگهي، پر منهنجن نالن جو ڪو انت اچي نٿو سگهي. انلاءِ رڳو هڪ دفعو ڌرتيءَ جي ڀار لاهڻ واسطي يدوڪل منجهه وسديو ۽ ديوڪيءَ جي گهر ۾ جيڪو اوتار ورتو اٿم، تنهن ۾ منهنجو نالو "واسديو" سڏجي ٿو. مٿرا ۾ راجا ڪنس کي دئيتن سميت ماري ڌرتيءَ جو ڀار لاٿم. سترهن دفعا راجا جراسنڌ جي ڪٽڪن کي هٽايم ۽ هو هارائي اُٿي ڀڳو. ارڙهين دفعي هو پنهنجي مدد لاءِ ڪال يون کي وٺي آيو، جو اوهانجي نظر پوڻ سان جلي خاڪ ٿي ويو. هاڻي جي تون پڇين ته ڪال يون کي مون پنهنجي هٿن سان ڇو نه ماريو؟ ته اُنجو هيءُ سبب آهي جو ديوتائن جي ور ساچي ڪرڻ لاءِ مونکي توکي درشن ڏيڻو هو، تنهنڪري ڪال يون کي تنهنجي نگاهه سان مارائڻو هوم. اڳئين جنم ۾ تو منهنجي ڏاڍي تپسيا ڪئي هئي، جنهنجو ڦل اڄ پائي تون جنم مرڻ



جوڙ لڳو ته ”هي راجا! اهو مچڪند اڪشواڪو ڪُل مان ماندهاتا جو وڏو، بهادر، پرتاپي ۽ چڪرورتي راجا هو. هن پنهنجي ڌرم ۽ تپسيا جي بل سان سڀني راجائن کي جيتي پنهنجي وس ڪيو هو. اُن ڏينهن ۾ دئيتن ۽ ديوتائن جي لڙائي ۾ جيتي، سندن راڄ کسيو هو. تنهن وقت اندر ۽ ٻيا ديوتائون راجا مچڪند جي بهادري ٻڌي مرتيو لوڪ ۾ وٽس اچي کيس جوڙڻ لڳا ته ”هي راجا! اسين دئيتن جي هٿان ڏاڍو دکي ٿيا آهيون ۽ تنهنجي شرڻ آيا آهيون، انڪري دَيا ڪري دئيتن کان اسانکي پنهنجو راڄ ملي ولي ڏيو.“

هي ڳالهه هميشه کان ٿيندي آئي آهي ته جڏهن براهمڻ، ديوتائن ۽ سنتن مهاتمائن تي ڏک اچي پوندو آهي، تڏهن ڪيترا اُنهن جي رکيا ڪندا آيا آهن. سو اهڙا ڏينهن وجهن ٻڌي راجا مچڪند ديوتائن جي مدد ڪري دئيتن کان کين راڄ ولي ڏنو. اهڙيءَ طرح ڪيترائي ڀيرا ديوتائن جي سهائتا ڪري راجا مچڪند دئيتن کي ڀڄايو ٿي. انهيءَ راجا مچڪند کي دئيتن سان وڙهندي ڪئين سال گذري ويا ۽ تنهنڪري هڪڙي ڀيري سوامي ڪارتڪ ديوتائن جي سهائتا لاءِ آيو ۽ ديوتائن راجا مچڪند کي چيو ته ”هاڻي اسانجي سهائتا سوامي ڪارتڪ ڪندو، ۽ اوهان مهرباني ڪري اسانکي گهڻي مدد ڏني، انڪري مڪتي کانسواءِ جيڪو ور گهرو اوهانکي ڏيون.“ راجا مچڪند تڏهن پنهنجي گهر وڃڻ ۽ ٻارن ٻچن سان ملڻ لاءِ چيو، جنهن تي ديوتائن ورندي ڏني ته ”تنهنجي ونس مان هينئر ڪوبه ڪونه بچيو آهي.“ راجا مچڪند انهيءَ تي ورڻي چيو ته ”جيڪڏهن ائين آهي ته اهڙي ايڪانت واري جاءِ ٻڌايو، جتي وڃي رهان ۽ ڪوبه نه اُٿاريم، جو جو ننڊ ڪئي گهڻا ڏينهن گذري ويا اٿم.“ ديوتائن خوش ٿي اهو ور ڏنس ته ”گند ماڌن نالي پهاڙ جي غار ۾ وڃي سمهي رهه، جتي ڪوبه توکي ڪين جاڳائيندو. جيڪڏهن ڪنهن اچي ائين ڪيو ته تنهنجي نظر پوڻ سان يڪدم ڀسم ٿي ويندو. اسين توکي هيءُ به آشرواد ٿا ڪريون ته توکي ڀڳوان جو درشن ٿيندو، جنهنڪري تون ڀري پار پوندين.“ هي راجا! انهيءَ ورڊان ڪري

لڳو. وئڪنٺ ناٿ تڏهن هڪڙو ته مليڇ جي بدن کي ڇهڻ واجب نه ڄاتو، ٻيو ته ديوتائن جي وردان سچي ڪرڻ واسطي راجا مچڪند کي درشن ڏيئي پوءِ گرپار اُتارڻو هوس، تنهنڪري اُتي ڀڳو ۽ ڪال يون به ڪيس پڪڙڻ لاءِ ٻنيان ڊوڙيو. ڪال يون تڏهن ايمان وچون چوڻ لڳس ته "خبردار! جي ڀڳو آهين. مون کي راجا ڪنس ۽ جراسنڌ نه سمجهجانءِ، مان يادون جو ٻج به دنيا ۾ نه ڇڏيندس. ڪيترين ئي پهلوانن کي لڙائيءَ جي ميدان مان ڀڄي وڃڻ مرڻ جهڙو آهي. اڙي! آءٌ ته توکي ڏاڍو زبردست سمجهي توسان وڙهڻ آيو آهيان، پر تون هن ريت ڪانئرن وانگر ٿو ڀڄين؟ هڪڙي ساعت ته بيهي مون سان وڙهه. آءٌ پڪ ٿو ڏيانءِ ته ڪڏهن ڪين ماريندو سانءِ." شيام سندر ڪيس ڪو به جواب نه ڏيئي، هڪڙيءَ مٿ جيڏيءَ وڏيءَ ٽڪريءَ تي اهڙو ڀڄندو ٿي ويو جو هو نه ته نااُميد ٿي ٿي ۽ نڪي جهلي ئي سگهي. اهڙيءَ طرح ڊوڙندي ڊوڙندي ڀڳوان تمام پريءَ نڪري ويو ۽ پوءِ هڪڙيءَ ٽڪريءَ جي غار ۾، جتي راجا مچڪند سمهيو پيو هو، گهڙي ويو. اُتي راجا مچڪند جي مٿان پنهنجو پيتامبر وجهي پاڻ لڪي هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ بيهي رهيو. جڏهن ڪال يون ڊوڙندو سهڪندو اُتي اچي پهتو، تڏهن سمهيل ماڻهوءَ کي ڏسي سمجهڻ لڳو ته شايد شري ڪرشڻ خوف کان پيتامبر ڪري سمهي رهيو آهي. تڏهن ڏاڍيءَ ڪاوڙ مان هڪڙي لت اُن سمهيل ماڻهوءَ (راجا مچڪند) کي هڻي چيائين "اڙي! اهڙي ڪهڙي بهادري آهي، جو لڙائيءَ جي ميدان مان ڀڄي هت اچي سمهي پيو آهين؟ اُٿ نه ته هينئر توکي ماري يم پريءَ پهچايانءِ." ائين چئي جئن ئي هن جو پيتامبر لاٿائين، تئن ئي راجا مچڪند جاڳي پيو ۽ اُنجي درشٽي پوڻ ڪري ڪال يون يڪدم سڙي ڀسم ٿي ويو. مرڻ وقت سندس درشٽي شيام سندر تي پيئي، جنهنڪري هو پاپن کان ڇٽي مڪت ٿيو."

راجا پريکشت پڇڻ لڳو ته "هي سوامي! راجا مچڪند اهڙو ڪهڙو تيجوان هو، جنهنجي نظر پوڻ سان ڪال يون جهڙو پرتاپي راجا سڙي ڀسم ٿي ويو ۽ وري هن غار ۾ ڇو اچي سمهيو هو؟" شري شڪديو جي

ڪرڻ لڳو. ڪال يوڻ جو اپترو لشڪر ڏسي شري ڪرشڻ ٻلرام کي
چوڻ لڳو تہ "ڀائي! يادون کي تہ ڏاڍو سنڪٽ اچي سامهون ٿيو
آهي، هاڻي ٻڌاءِ تہ ڇا ڪجي؟" ٻنهي صلاح ڪئي تہ سمنڊ ۾ هڪڙو
قلعو ٺاهجي، جتي يوڳ شڪتيءَ سان سڀ مٿراواسي متان ڪڏهن اتي
ملي رکجن. انهيءَ صلاح پٺيان وشوڪرما کي گهرائي شام سندر
هڪڙي ٻيٽ ٺاهڻ جو حڪم ڏنو، جنهنڪري وشوڪرما يڪدم وڃي
اهو ڪم ڪيو. جڏهن اهو سڀ ڪم تيار ٿي ويو، تڏهن شري ڪرشڻ
يوڳ مايا کي گهرائي حڪم ڏنو تہ "تون هينئر وڃي سڀني مٿراواسين
۽ ڳائين وغيره کي راتو رات مٿرا مان وٺي وڃي دوارڪا پهچاءِ.
پر ائين ڪجي جو ڪنهن بہ آدميءَ کي خبر نہ پوي." يوڳ مايا
آگيا پائي جڏهن سڀ مٿراواسي ننڊ ۾ غافل هوا، تڏهن انهن کين کڻي
دوارڪا ٻيٽ ۾ پهچايو. پرڀات ٿيڻ سمنڊ جو آواز ٻڌي سڀ مٿراواسي
جرڪ ماري اٿيا ۽ عجب ۾ پئجي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳا تہ
هي ڇا! هت ڪٿي اچي پهتاسون؟ پر پوءِ سمجهيائون تہ اهو سڀ
ڀڳوان شري ڪرشڻ چندر جي مايا آهي؛ جنهنڪري سڀ خوش ٿي
نند نندن جي واکاڻ ڪرڻ لڳا."

شري شڪديو جي چوڻ لڳو تہ "هي راجا پريڪشت! جڏهن سڀ
مٿراواسي دوارڪا ٻيٽ ۾ پهچي ويا، تڏهن ڀڳوان چتر ڀڄ روپ
ڌاري، پيتامبر پهري موتين جي مالها ڳچيءَ ۾ وجهي، هڙاؤ مڪٽ
مٿي تي رکي ڪنن ۾ ڪنڊل وجهي، هٿن ۾ شنک چڪر گدا
۽ پدم کڻي، مشڪندو ڪال يوڻ جي سامهون آيو. ڪال يوڻ کيس
ڏسي من ۾ چوڻ لڳو تہ "هي اهوئي راجا آهي، جنهن ڪنس جهڙي
پراڪرمي ۽ جراسنڌ جي وڏي فوج کي اڪيلوئي ماريو آهي؛ جنهن
بابت نارد ڏس ڏنو هو؟ هن وقت هو ڪو بہ هٿيار نہ کڻي پيدل مون سان
وڙهڻ لاءِ اچي رهيو آهي، تنهنڪري مونکي بہ واجب آهي تہ هٿيار
نہ کڻي ساڻس اچي وڙهان." پوءِ رٿ مان لهي پنهنجي لشڪر کي
پڪاري چوڻ لڳو تہ "خبردار! متان ڪنهن هن موهني مورت
تي هٿيار هلايو آهي." ان بعد هو پاڻ اڪيلوئي شام سندر ڏي اچڻ

جي فوج ۾ گهڙي پيا ۽ بيشمار پهلوان ماري وڌائون. اڍائي گهڙين ۾ ساري سئنا ناس ٿي ويئي ۽ سواءِ جراسنڌ جي ٻيو ڪوبه جيئرو ڪونه بچيو. جراسنڌ کي بلرام تڏهن ٻڌ ڪري جهلي وٺي آيو ۽ شريڪرشڻ کان پڇڻ لڳو ته "جي آگيا ڪريو ته هن آڌرمي جو انت آڻيان." شريڪرشڻ جواب ڏنس ته "نه! هينئر هن جي ماري ڇڏڻ جو وقت ڪونهي، پر ته هي ٻيا به بار جهڙا اڌرمي ڪٺا ڪري مون سان وڙهڻ اچي؛ جنهنڪري پوءِ سڀني کي ماري پرٿويءَ جو بار لاهجي." بلرام تڏهن جراسنڌ کي جيئرو ڇڏي ڏنو ۽ هو ڏاڍيءَ لڄ ۽ شرم ۾ ٻڏي پنهنجي ديس ڏانهن موٽيو. ويچار ڪيائين ته راڄ گدي ڇڏي جهنگل ۾ جيڪر هليو وڃجي، جو جو ميتري لشڪر ۽ عزيزن جي مارجي وڃڻ ڪري هاڻي راڄ ڪرڻ ڪنهن قسم جي ڦڪائي آهي. پر پوءِ ٻين مٿن مائٽن ڌيرج ڏيئي سمجهايس ته لڙائي ۾ جيت ۽ هار هميشه ٿيندي آهي، تنهنڪري پهلوانن ۽ عاقلن کي اهڙي ڳالهين ۾ خوش يا رنج ٿيڻ واجب نه آهي، اِنلاءِ ڌيرج ڌرڻ گهرجي. حرڪت ڪانهي وري فوج گڏ ڪري دشمن سان وڙهنداسون ۽ ڪين ماري ڪنس وٽ موڪليندا سون."

اها ڳالهه ٻڌي جراسنڌ کي ڌيرج آيو ۽ فوج گڏ ڪرڻ لڳو؛ هيڏانهن شيام ۽ بلرام پنهنجي ججي منائي فوج سميت آنند سان راڄ گديءَ ڏي آيا. اُن وقت ديوتائون آڪاش مان گل وسائڻ لڳا. مٿرا ۾ پهچڻ وقت مٿراواسي ڏاڍيون خوشيون ڪرڻ لڳا، استريون مٿان ماڙين تان شيام سندر ۽ بلرام تي گل وسائڻ لڳيون. اهڙيءَ طرح هٿي پائر سڀني کي آنند ڏيندا راجا اُگرسين وٽ اچي اُنکي پيرين پيا ۽ لڙائيءَ مان سڀ آندل مال اڳيان رکي جوڙڻ لڳس ته "هي پرٿوي ناٿ! اسان اوهان جي پرتاپ سان دشمن کي ماري ڀڄايو آهي، اوهين آنند سان راڄ ڪري پرجا کي سکي ڪريو."

جراسنڌ هن دفعي لشڪر وٺي مٿرا ۾ وڙهڻ لاءِ آيو، پر سڀيئي دفعا هار کائي موٽيو. جڏهن ارڙهين دفعي چڙهي ڪرڻ جو ويچار ڪيائين، تڏهن ڪال يون نالي مليڇ ٽي ڪروڙ لشڪر وٺي مٿرا تي گهيرو

اها ڳالهه ٻڌي شريڪرشڻ چيو ته "ٻلرام! انهنکي مارڻ ڪو مشڪل ڪونهي، پر جڏهن ته مونکي دنيا ۾ گهڻا ڪم ڪرڻا آهن، تنهنڪري جراسنڌ کي مارڻ جو اپاءُ پوءِ ڪيو ويندو." ايتري ۾ شريڪرشڻ ٻلرام کي ساڻ ڪري اگرسين وٽ آيو ۽ چوڻ لڳس ته "مهاراج! مونکي حڪم ڪريو ته آءٌ جراسنڌ سان وڙهان ۽ اوهين ٻاڌون سان گڏجي شهر جي رکيا ڪريو." اگرسين جي آگيا پائي شيام ۽ ٻلرام شهر جي ٻاهر آيا ۽ رٿن تي چڙهي ٿوري سٺا ولي لڙائيءَ جي ميدان ۾ آيا. شري ڪرشڻ اُن مهل پانچجنيه نالي شنک وڄايو، جنهنڪري پرٿوي ۽ آڪاش ڌڌڪڻ لڳا ۽ جراسنڌ جا پهلوان ٻڌ ڪنبڻ لڳا. جراسنڌ پنهنجو رٿ شريڪرشڻ جي روبرو آڻي ايمان وڃان چوڻ لڳس ته "اڙي ڇوڪرا! تون ماميءَ کي ماري مونسان وڙهڻ آيو آهين، انڪري مان توتي دهيان نه ڏيندس. بهتر آهي ته هتان ڀڄي وڃ، جو ته اُن ۾ تنهنجي ڀلائي آهي." پوءِ ٻلرام ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳو ته "توکي جيڪڏهن پراڻ پيارا نه هجن ته آءُ سامهون، پوءِ ڏسان جهڙن صفاين ڏس. اڙي! توکي مارڻ ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي، جيڪا ڪانهي ته مان جراسنڌ آهيان." تڏهن شري ڪرشڻ چوڻ لڳس ته "ايماني! پنهنجي وڏائي ٻاڻ ڪرڻ آڳيانين جو ڪم آهي. پهلوان پنهنجي واڪاڻ پاڻ نه ڪري سيني سان نمي ملي، وقت تي پنهنجي طاقت ڏيکاري ٿا. توکي ٻلرام جي ٻل جي خبر ڪانهي؟ شايد موت ويجهو آيو ٿو ڏسجيئي. تون جو مونکي ماميءَ جو ماڙيندڙ ٿو ڪوٺين، سو هنکي نه پنهنجي اڌرم جو ڦل پوڳڻو پيو ۽ سمجهان ٿو تنهنجو به ساڳيوئي حال ٿيندو."

ايترو ٻڌي جراسنڌ ڏاڍي ڪاوڙ مان پنهنجي فوج سميت شيام ۽ ٻلرام تي ڪاهه ڪرڻ لڳو ۽ پڪاري چوڻ لڳو ته "گهڻا ڏينهن ڀڄي ويا آهيو اڄ مونتي گهرڻ وينڊا ۽ اوهين به وڃي ڪنس ۽ دئيتن سان ٻليون ٻليون وارتائون ڪجو." پوءِ ته شيام ۽ ٻلرام تي ٻاڻن جو وسڪارو ڪرڻ لڳو، پر اهي سڀ ٻاڻ ائين لڪي ويا جيئن سورج ٻادلن ۾. ڏاٺي شيام ۽ ٻلرام پنهنجا رٿ ڊوڙائي جراسنڌ

جڏهن اُگرسين ڌرم سان مٿرا جو راڄ ڪرڻ لڳو ۽ شيام بلرام اُنجي حڪم ۾ حاضر بيٺا هوا ۽ راڄ ۾ ڪوبه ڏکي ڪونه هو، تڏهن اُنوقت آستي ۽ پراپتي ڪنس جون ٻه استريون پنهنجي ور جي وڇوڙي ۾ ڏاڍيون وياڪل رهيون ٿي. هڪڙي ڏينهن ٻنهي ڀينرن پاڻ ۾ روئي اهو ويچاريو ته هتي پروس رهڻ کان بهتر آهي ته پنهنجي پتا جراسنڌ جي گهر هلي رهون. اهو ويچار ڪري هو اوڏانهن ويون ۽ ڪئن شيام بلرام ڪنس کي دئيتن سميت ماريو ۽ اُگرسين کي تخت تي ويهاريو، سو سڀ احوال روئي پنهنجي پيءُ کي ٻڌايائون. اهو حال ٻڌي ايهاني جراسنڌ ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ سڀا ۾ وڃي پنهنجن منترين کي چوڻ لڳو ته ”اهو اهڙو ڪهڙو پهلوان يدوڪل ۾ پيدا ٿيو آهي، جنهن ڪنس جهڙي هڪڙي زبردست کي دئيتن سميت ماري ڇڏيو آهي؟ بس! هاڻ هي پرڻ ٿو ڪريان ته جيستائين ڪنس جي بدلي سڄي مٿرا پريءَ کي يادون سميت جلائي ڪرشڻ ۽ بلرام کي جيئرو ٻڌي هت نه آڻيان، تيستائين پاڻکي جراسنڌ نه سڏايان.“ پوءِ ايئان وچون خيال ڪرڻ لڳو ته يادون ۾ ايتري همت ڪانهي جو آءٌ اُنهنجي سامهون فوج وٺي وڃان، پر منهنجي رڳي هڪڙي تلوار ئي اُنهن لاءِ بس آهي. اهو ايئان انهيءَ ڪري هوس جو ڪيس ڪرشڻ ۽ بلرام جي پراڪرم جي سڌ ڪانه هئي. اهو ويچار ڪري هن سيني راجائن کي، جي سندس تابع هوا، پاڻوٽ گهرايو ۽ بيشمار لشڪر پاڻ سان وٺي مٿرا پريءَ تي چڙهي ڪيائين. اُنوقت سڀ ڏکپال ۽ ديوتا ڪنبي ويا، پر خود پرٿوي به ڏڪڻ لڳي. نه رڳو ايترو پر مٿرا واسي به ڊڄي اچي شريڪرشڻ کي چوڻ لڳا ته ”مهاراج! جراسنڌ جنهن طرف کان اچي گهيرو ڪيو آهي، هاڻي ٻڌايو ته ڪيڏانهن ڀڄي وڃون؟“ شريڪرشڻ اُن مهل ويچار ڪرڻ لڳو ته ڇا ڪجي. ايتري ۾ آڪاش مان ٻه رٿ هٿيارن سان آيا، جنکي ڏسي بلرام چوڻ لڳو ته ”مهاراج! توهان پرٿويءَ جي بار لاهڻ ۽ ڌرمي ڀڳتن کي سک ڏيڻ لاءِ ته اوتار ورتو آهي، انلاءِ اگني روپ ڌاري هنن سيني دئيتن کي جلائي ناس ڪريو.“

مٿان پليو آهين ته پڻ توکي سورگ موڪليندا ۽ پانڊو نرڪ ۾. نرڪ ۽ سورگ ته ڀڳوان جي ڪرپا سان ملندو. آءٌ تنهنجي ڀلائيءَ لاءِ توکي هي تنهنجو ڀلو ڪندڙ ڌرم ٻڌايان ٿو، پوءِ جي اُئين ڪندين ته ناموس ٿيندءِ ۽ جي ڪين ڪندين ته پڇتائڻو پوندءِ."

اڪرور جا اهڙا وچن ٻڌي ڌرتراشٽر ڪنهن مٺ ڪان جهلي چوڻ لڳو ته "هي پيارا! تو هي جيڪي امرت روپ وچن منهنجي ڀلائيءَ لاءِ چيا سي بالڪل چڱا آهن. آءٌ پڻ سمجهان ٿو ته شريڪرشڻ پرٿويءَ تان بار اُتارڻ واسطي سڀ ڀلائي ۽ برائي ڪرڻ جي سگهه پنهنجي مٺ وس رکي آهي، سو جيئن هو ڪي وڻندو تيئن ٿيندو. اُنهي اچا ٻلوان آهي، تنهنڪري آءٌ ڪجهه نٿو ڪري سگهان. افسوس! جو تنهنجو اهو اُپديش منهنجي هردي ۾ ڪجهه اثر نٿو ڪري ۽ بجليءَ وانگر جهٽڪو ڏيئي نڪريو وڃي. وري درجوڌن ۽ منهنجا پيا پٽ ته اصلي مڃيندڙ ڪون ٿا ۽ سڀ ڪم ڪار پنهنجي مرضيءَ موجب پيا ڪن. انهيءَ آءٌ ڪنهن به قسم جي دست اندازي ڪانه ٿو ڪريان ۽ اڪيلو ويٺي پرميشور جو ڀڄن ڪريان ٿو. توهان شريڪرشڻ کي منهنجي ڏنڊوت ڪجو." اڪرور ورندي ڏني ته "هي ڌرتراشٽر! ڀڳوان جي مايا ڏاڍي ٻلوان ٿي ڏسجي جو منهنجو اُپديش تنهنجي دل ۾ اثر نٿو ڪري. حمرن آهي ته ڀڳونت ٻاڻ جي اچا ڪهڙي آهي." پوءِ ڪانئس موڪلائي ڪنتيءَ جي گهر آيو، جتي هن کي سمجهائي ڌيرج ڏيئي رٿ ۾ چڙهي روانو ٿيو.

مٿرا ۾ پهچي اڪرور، شيام ۽ ٻلرام کي هستناپور جو سماچار ٻڌائڻ لڳو ته "هي مهاراج! تنهنجي ڦپي ڪنتي ۽ سندس پٽ ٻڌشٽر ۽ ٻيا سڀ، اڌرمي درجوڌن هٿان ڏاڍا ڏکي آهن. اوهين ته سڀ جاڻو ٿا ويڪ جا جواب." شريڪرشڻ تڏهن سنساري منش وانگر ڏاڍو اُداس ٿيو، پر پوءِ ٻلرام سان صلاح ڪري اهو پرڻ ڪيائين ته "مها ڀارت جي لڙائي ڪري پرٿويءَ جو بار هلڪو ڪنداسين." هي راجا پريکشت! دستاءِ جيڪي ٻند راس ۽ مٿرا ٻاٽ ٻڌايو اٿم ۽ سو اُجان پوروارڌ يعني پهريون حصو ٿيو، هاڻ اُترارڌ يعني پويون حصو ٿو ٻڌايان.

کان اهي لفظ ٻڌا سڌا نہ ويا، تنهنڪري اُني وهڻ واجب نہ سمجهي
اٿيو ۽ ودر سان گڏ هن جي ٻڌ شهر جي گهر آيو. ها ڏسي تہ ڪنتي ٻچن
جي شوڪ ۾ اُداس ويٺي آهي. اڪرور تڏهن سندس چرڻن تي مٿو
رکي شيام سندر جون ڏاڍ سوکڙيون اڳيان رکيس. جڏهن ڪنتي
ڏاڍي آدر سان اڪرور کي ويهاريو، تڏهن جو ماڻس پرچائي
ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ "مي ماتا! وڌاتا سان ڪنهنجو وس هلي
نٿو سگهي ۽ هميشہ ڪو ڪهڙو بہ نٿو رهي. سنسار ۾ جنم وٺي سک ۽ ڏک
ٻئي ڏسڻا پون ٿا، تنهنڪري وڌيڪ شوڪ ڪري پنهنجو بدن نہ
ڳار، جو تہ انهن ڪرڻ مان ڪجهہ بہ ڪين ورندو." اهو ٻڌي
ڪنتي پنهنجي من کي ڪجهہ ڌيرج ڏنو. پوءِ وسديو ۽ پهن جي جهڳلائي
بات پڇڻ لڳي ۽ اهو بہ اڪرور کان پڇڻ لڳي تہ "ڪڏهن شيام
۽ بلرام، مولکي، انهن شهر ۽ هن سندس پائرن کي ياد ڪن ٿا يا نہ؟
۽ ڪڏهن اهي منهنجي ٻچن جي رکيا ڪندا؟ جو تہ دريوڌن نالي
منهن سان ڏاڍي ڪوس بازي لڳايو ويٺو آهي. هن آنڌي ڌرتراشٽر
جا ڏک، جي مو سندس پٽ دريوڌن جي صلاح سان ڏئي ٿو، سٺا نٿا
وڃن. رات ڏينهن اهو دريوڌن منهنجي ٻچن جي براڻي وٺڻ جي
تجويز ۾ آهي. ڪيترا دفعا ڀيمسين کي زهر گڏيل لڏون کارائڻ لاءِ
موڪليا اٿن. لوهہ ڪاسو اسانکي لاک جي جڳهہ ۾ ويهاري باهہ ان
آڳ لڳايائون، ۽ ٻيا انهي جي ڪريائون ٻئي دفعا بچيا آهيون. هاڻي
ٻڌاءِ تہ جڏهن هن قسم جي دشمني ۽ ڏکا ڪندا رهن ٿا، تڏهن ڪيئن
اسين اُنهن جي هٿان بچي سگهنداسون؟ بس! اهوئي شوڪ مونکي
اندر کائي رهيو آهي. جيئن بہ ٻڪري بگهڙن جي ٽولي ۾ رهي، هر وقت
ڊڄي ٿي ۽ مرڻ پنهنجي جيئڻ کان وڌيڪ سک نٿي پائي، تئين
منهنجو حال آهي. هاڻ اسين بچي بہ نٿا سگهون. ٻڌان ٿي تہ
شري ڪرشڻ جن جي ڏک ٽارڻ لاءِ جنم ورتو آهي تہ پوءِ ڇا منهنجو
ڏک، جي ڏسي بيٺو جي آهن، جو نٿو لاهي. هيلتائين؟ پاڻ کي
... وٽ سمجهيو ويٺي هيس، پر هينئر سمجهان ٿي تہ منهنجو بہ ڪو
... جن شيام سندر ڪنس جهڙي آڪڙيس کي ماري

گهمائڻ لڳو. جڏهن ڪنگال کي گهڻي ڌن ملڻ تي بيحد خوشي ٿيندي آهي، تڏهن آڪروُر جو به ساڳيو حال ٿيو. پوءِ ته اڪروُر شتوتي ڪري چوڻ لڳو ته ”هي دين ديال! جڏهن ڪبڄا کي سندر سروپ ڏيئي من اڇا پوري ڪيو، تڏهن مونکي به اهڙو گيان اُپديش ڪريو جو آئون پڻ اوهانجي چرڻن جو ڌيان رکي جنم مرڻ کان ڇٽي پوان.“

اڪروُر جي اها شتوتي ٻڌي شري ڪرشڻ چوڻ لڳس ته ”ڄڳو! جيڪو ور گهرجيئي سو گهري وٺ.“ تڏهن هن وينتي ڪري چيس ته ”مهاراج! مونکي اهو ور ڏيو جو استريءَ ۽ اولاد جي پريت منهنجي من مان نڪري وڃي ۽ سداءِ اوهانجي چرڻن جو ڌيان رهي.“ شري ڪرشڻ اهو ور ڏيئي پوءِ پنهنجي مايا سان سندس برهم گيان کسي چوڻ لڳس ته ”هي چاچا! اوهين يادو ڪل جا وڏا ۽ پتا سمان تي منهنجي ايتري شتوتي ۽ سيوا ڇو ٿا ڪريو؟ آءٌ اوهانجي درشن واسطي هت آيو آهيان ۽ اوهانجي پڃ پرتاپ سان دئيت ته سڀ ماريا ويا آهن، باقي هڪڙي ڳالهه جو ويچار اٿم سو به اُميد اٿم ته اوهانجي ديا ڪرڻ سان ٿي ويندو. ٻڌانئو ته جڏهن کان مهاراج پانڊو سورگ ڌام پڌاريو آهي، تڏهن کان ڌريوڌن سندس پٽن يڌشٽر ۽ ڀيم ۽ ارجن ڪنتيءَ منهنجي پڦيءَ کي ڏاڍا ڏک ڏنا آهن. انلاءِ اوهين هيڏانهن اوڏانهن وڃي ڪين ڏير ڪري ڏيئي سندن خبرچار ڪڍي اچو.“

ايترو ٻڌي آڪروُر هستنا پور ڏانهن روانو ٿيو ۽ شري ڪرشڻ ڪيترين ئي سوکڙيون ڪنتيءَ، يڌشٽر ۽ سندس ڀين ڀائرن لاءِ کيس ڏنيون. ڪيترن ڏينهن کانپوءِ آڪروُر هستنا پور اچي پهتو. شهر کان ٻاهر تلاءُ، باغيچا ۽ مندر، جي ڪ راجا پانڊو ۽ اُنجي وڏن ٺهرايا هوا، ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ جڏهن ڌريوڌن جي سڀا ۾، جتي ڌرتراشٽر، ڀيشم پتامه، درونا چاريه، اشوٿاما ۽ وِدر وغيره ويٺا هوا، آيو تڏهن سڀني کيس يادو ڪل جو وڏو سمجهي ڏاڍو آدر ڀاءُ ڪري وهاريو، پر ڌريوڌن آيان دڇون طعني طور پڇڻ لڳس ته ”وسديو، ڪرشڻ ۽ بلديو ڪٿي آهن؟ ۽ اگرسين جو پنهنجو پٽ مارائي راڄ وٺو ڪري ۽ کيس ڪابه لڄ ڪانهي اهو ڪٿي آهي؟“ اڪروُر

اوڌو کان پڇڻ لڳو
ويو ۽ برج جو ناو ولي تڏا ساد ڪڍڻ لڳو. پوءِ اوڌو کان پڇڻ لڳو
تہ ” ڪڻ توا، ڪهڙي طرح گيان سڪاري آئين؟“ اوڌو تڏهن ڪند
هيٺ ڪري شيام سندر کان موڪلائي وسد پو ۽ ديوڪي وٽ آهي
ڪس نند توڙي يشودا جو نياپو ڏنو ۽ مڪڻ منڍاپون جيڪي يشودا
موڪليون هيون سي شيام ۽ بلرام ڏاڍي پريم سان کاڌيون ۽ اوڌو
کي بہ منجهان ٿوريون ڏنائون.“
شڪديو جي چوڻ لڳو تہ ” هي راجا پريڪشت! جڏهن ڏينهن کان
ولي مرلي منوهر ڪبجا جي گهر وڃڻ جو ساڳس انجام ڪيو هو،
تنهن ڏينهن کان ولي هوءِ هرروز موهن پياري جي وات نهاريندي
رهي. هڪڙي ڏينهن شيام سندر ويچار ڪيو تہ ڪبجا سان اقرار
ڪيو اٿم، تنهنڪري اتي ضرور وڃڻ گهرجي. اهو ويچاري اوڌو
سان گڏجي ڪبجا جي گهر ويو. ڪبجا شري ڪرشڻ کي پالوٽ آيو
ڏسي بالڪل گدگد ٿيڻ لڳي ۽ ڪيس سنگاسڻ تي وهاري ڏاڍي
ڪرڻ لڳي. پوءِ ڪس طرحين طرحين پوڄا ڪرائي هٿ جوڙي ويني
ڪرڻ لڳي تہ ” هي ڪرپانڌ! ڪو وقت هت رهي موکي
ڪريو.“ شيام سندر سندس پڳتي کان پرس ٿي ور ڏنس تہ ” هي
ڪبجا! تون جڏهن جڏهن موکي ياد ڪندينءَ، تڏهن تڏهن مان تو
وٽ هليو ايندس.“ پوءِ ڪبجا کان موڪلائي گهر روانا ٿيا.
هڪڙي ڏينهن شري ڪرشڻ اوڌو کي چوڻ لڳو تہ ” پائي! استرڻ
جي پڳتي ڏسي جڪس هاڻي هل تہ هڪڙي ڀيرو بہ پريم ڏيکاريان.“
پوءِ بلرام کي پاڻ سان ولي تيئي گڏجي اڪرور جي گهر آيا
اڪرور کين ايندو ڏسي، پنهنجو مسڪ شري ڪرشڻ جي چرڻن تي
رکيو ۽ پنهنجو پاڳر جا گهڙو سامهون، ڏاڍي پڳتي ۽ پريم سان
ڪڍي رکيو ۽ پنهنجو پاڳر سنگاسڻ تي وهاريائين، جتي سندن چرڻ
ڪس اندر ولي ويو ۽ پيڙي سندن پوڄا ڪياءِ. پوءِ قسمين قسمين پوڄا
ڏوئي جوڙاموٽ ولي سندن آڏو آڻي اڳيان رکيائين. شيام سندر ڏاڍي پريم سان
ٿانوس پر جڏهن اڪرور ڏسي اڪرور
اڌو پوڄ ڪيو. اُن مهل ڀڳوان جي موهني مورت ڏسي
اڪرور پريم اچي سو جو شري ڪرشڻ جا چرڻ جهلي پنهنجي اکين

هيءَ حالت ڪٿي آهي، هاڻي تون وري سگڻ روپ جي پريت جدائي نرگڻ جو ڌيان ڪرائين ٿو. اهڙيءَ طرح سيکارين ٿو، جنهن ۾ ٻڪايل جي اڳيان ٻوڇن جي رکيل ٿالهي ڪسي اُنکي جنهنجي ته خيالي ٻوڇن ڪر. جي شيام سندر کي گيان سيکارڻو هو ته جو آڌيءَ رات جو ٻنسي وڄائي اسانکي گهران گهرائي راس ليلا ڪري اسانجو من چورايائين ٿي ۽ هينئر مٿرا ۾ وڃي وڏو گياني ٿي ويٺو آهي؟"

اهڙي طرح گهڻيون ڳالهيون ڪري گوپين پنهنجن ڳوڙهن سان اوڌو جا چرڻ ڌوتا ۽ ورلاپ ڪري چوڻ لڳيون ته "هي شيام سندرا! تنهنجي جدائيءَ جو ڏک هاڻي وڏيڪ اسانکان سٺو نٿو وڃي، انڪاءِ جلدي اچي پنهنجي مورت ڏيکاري اسانجو دک ٽاريا پراڻ ڪڍي ڇڏيو. آشا سدائين دکدائي آهي، نراس رهڻ ڪري سوچ مٽيو وڃي. ٻار." ايترو چئي گوپيون اوڌو کي شيام سندر جي راس ليلا ڪرڻ جا اِستان ڏيکاري چوڻ لڳيون ته "هي اوڌو! تون اسانجو هي نياپو موهن کي ضرور ڏج ته تنهنجي وڇوڙي روپي درياءَ جي لهرن سان اسانجو بدن روپي گهر ٻڏي ٿو تنهن کي اچي بچاءِ."

جڏهن اِن نياپي ڏيندي سڀ برج ٻالائون جهرين وانگر هوش ڀان نڪري ويون، تڏهن اوڌو هي حال ڏسي اُنهنکي نمسڪار ڪري چوڻ لڳو ته "هي گوپيون! منشيه جنم پائڻ جو ڦل اوهانکي ئي مليو آهي، جو اٿئي پهر اُن شيام سندر جي يادگيريءَ ۾ لڳايو ٿيون. توهانجي پريت جي برابري ڪوبه ڪري نٿو سگهي. شاسترن ۾ اِسترين کي نِنديو اٿن، پر اوهانجو گيان ديوتائن کان به سرس آهي. آءٌ سچ ٿو چوان ته وئڪ... نات جيتري پريت اوهان سان رکيٿو، اوتري ا... ڪي. هي گوپيون! پرميشور ... ڏئي ها ته آءٌ ڪهڙو نه وڏڀاڳي ... ۾ جيڪر ... ون ۾ ... ها؟ ... وڃن. جنهن ... ۾ اُنکان جدا ... تم ... ساڌنت سان ... نہ آهيو."

اوهانکي جدائي جو ڏک ڪلش نه ڏيندو. هي گوپيون! شري ڪرشن هي نه سمجهو ته جڏهن اوهان راس ليلا ڪرڻ وقت مونکي پرش ياونا سمجهي مونکي ڀاب جي نظرسان ڏٺو هو، تڏهن مان انتردان ٿي ويو هوس ۽ وري جڏهن گيان جي رستي پرميشور جاڻي منهنجو ڌيان ڪيو، تڏهن پڳتي جي وس ٿي درشن ڏنو هوم. انهيءَ منهنجي نرگڻ روپ جو ڌيان هميشه ڪريو ته مان اوهان آڏو پرتيڪش موجود هوندس.“

اهي گيان ڀريل ڳالهيون ٻڌي سڀ گوپيون چوڻ لڳيون ته ”هي اوڌو! تون جيڪي هي سوکڙيون کڻي آيو آهين ۽ اسانجو جتن جوڳ اُتي جڏي آيو آهين، سو هي سڀ موٽائي وٺي وڃ، اسان کي ته اُن موهني مورت جو درشن کپي. جڏهن اسانکي اُنجي ڌيان ڌرڻ جو ڪجهه به نه سمجهيو، تڏهن هو پوڳ ۽ وئراڳ جون ڳالهيون لکي جو اسانجي اندر جي وڏائي ٿو ڏکائي، خبر نه هيلتاءِ اسانکي سنديس موڪلي اهڙي اُميد هئي، پر هميشه ته پوڳ ۽ وئراڳ جو نياپو ڏئي اسانکي نااميد ڪيو آهيس. ڀلا! اسين گهوار ڏڪڻ ڪٿان واري پوڳ مان ڇا ڄاڻون؟ انهيءَ ڪري اسانکي وٺي وڃ.“

اوڌو گوپين جا اهي گيان ڀريا وري به ڪين سمجهائڻ لڳو ته ”هي گوپيون! جنهن ڀاڳيءَ جي ليکو نٿو ٿئي، تنهن سنساري وهنوار سڀني وانگر ڪوڙو آهي. انهيءَ اوهانکي پنهنجون اکيون بند ڪري، مردي پر ناراين جو ڌيان من لڳائي ڪرڻ گهرجي، ته پوءِ اوهانکي اُنجو درشن ٿيندو.“ اهو ٻڌي هڪڙي گوپي چوڻ لڳي ته ”هي اوڌو! جيڪڏهن نندلال جو روپ ۽ ريکا نه آهي ته ڀلا ٻڌايو پوءِ ڪي ٻنسري ۽ ڪنهن لوڌيو ۽ ڪنهن اُڪريءَ سان ٻڌائينس ۽ ڪنهن اسانجو مکڻ چورائي کاڌا. تنهنجي ڪري تون پنهنجي اُن ڪوڙي گيان کي ڍڪي رک. هڪڙو ته اسين شيام سندر جي وڇوڙي ۾ اگنيءَ وانگر ڪال ٿي رهيون هيون سين، ٻيو تون اهڙيون اجايون ڳالهيون ٻڌائي اسانجي من تي لوڻ ٿو ٻرڪين. هي اوڌو! اگي اشرور شيام سندر کي هتان موڪلي ويو، تنهنجي وڇوڙي اسانجي

ڪرتارٿ ٿيس. هاڻي جيڪو نياپو ۽ چٺي موهن پياري جي آندي
اٿم سو دل لائي ٻڌو."

جڏهن اڌو شيام ۽ بلرام جي ڪشل ڪلياڻ ورتن ڪرڻ کان
پوءِ گوپين کي چٺي ڏني، تڏهن سيني برهه ڀالائن اها چٺي پنهنجين
اکين تي رکي ڇاتيءَ ڇاتيءَ سان لڳائي. پوءِ جڏهن چٺي کولي اڌو
پڙهي ٻڌائڻ لڳو، تڏهن گوپين ڏٺو ته ڪبجا جو نالو لکي وري
داخل هو ۽ اتي گوپين جو نالو لکيل هو تڏهن چوڻ لڳيون ته "ڏسو!
موهن پياري جو من انهيءَ ڪبجا ۾ لڳو رهي ٿو، جنهنڪري ئي
هر وقت ان جو نالو ياد اٿس." چٺي ٻڌائي اڌو چوڻ لڳو ته "اي
گوپيون! شريڪرشڻ مون کي اوهان ڏي اٿم گيان سيکارڻ واسطي
موڪليو آهي، سو اوهين يوڳ جي آشا ڇڏي يوڳ جو ساڌن ڪريو،
ته اوهان کي هي جدائيءَ جو ڏک نه ٿئي. اي گوپيون! اوهان کي
شريڪرشڻ کي، جو آدي پرش ٽنهي لوڪن کي پيدا ۽ پالڻ ڪرڻ
وارو آهي، پنهنجو پتي نه سمجهڻ گهرجي. منشيه جو شرير پنجن
تتون مان ٺهي ٿو. ان شرير ۾ آدي پرش جي پرڪاش رهڻ ڪري
منشيه کي اٿڻ ويهڻ ڳالهائڻ ٻولهائڻ، جاڳي ۽ ٻاهري ڪم ڪرڻ جي
سمرٿي رهي ٿي. پرميشور جي مايا سان انهيءَ اهو روپ ڪنهن کي به
ڏسڻ ۾ نٿو اچي، تنهنڪري اوهين ان نرگڻ روپ جو سمرڻ ۽ ڌيان
ڪريو ته هو انهيءَ پر اوهان وٽ هميشه رهندو. هو سگڻ روپ سان رهڻ
ڪري گيان ۽ ڌيان ۾ ڪنهن پوڻ سمجهي، اوهان جي ڀلي واسطي وڃي
متراءِ ۾ رهيو آهي. اوهين شريڪرشڻ جو چمتڪار، جڙ ۽ جيئتن سڀني
۾ هڪ جهڙو سمجهو. جو ڀڳوان کي سڀ جاءِ ۾ وياپڪ ڄاڻي ٿو،
تنهنکي جدائيءَ جو تفاوت ڏسڻ ۾ نٿو اچي. اي گوپي! جو جيڻ مرڻ
گهٽڻ وڌڻ کان رهت، آڪاش وانگر هر هنڌ پکڙيل آهي. جيئن ڪنهن
استريءَ جو پتي پرديس ويو هجي، پوءِ ڪيس سمهندي جاڳندي
اٿندي وهندي، کائيندي پيئندي ڌيان ۾ پاڻ وٽ ڏسندي رهي،
نه انکي سندس پتيءَ کان جدا نه سمجهڻ گهرجي. سو جيڪڏهن اوهين
به انهيءَ ڌيان ۾ لين رهي انکي پاڻ کان جدا نه سمجهنديون ته

ماڻهو جنهنکي ناراڻ ۽ ديپ ديالو جون ڏيا سو ڏرم ۽ ديا ڀلائي، اهڙو
ته نردئي ٿيو آهي جو فقط ٻن ڪوهن پنڌ تي وڃي ٻه اسانکي روبرو
ته درشن نٿو ڏئي، ٻه نياپا موڪلي اُتلو ڦٽن تي لوڻ ٻرڪي ٿو." ٻي
چوڻ لڳي "مائي! اوهين جنتا نه ڪريو جڏهن ته اُن مهنا پرتوي،
ٻن ۽ ٻوٽا، برسات جي آشا تي سورج جي اُپت جو دڪر ڀاڳتي ڪٽي
صبر ۾ رهنتا ته پوءِ ميگهه راجا برسات وسائي اُنهنکي ناري ٿو جڏي،
تئن شام سندر به ضرور اچي پنهنجي چندر مکر جي ڏيکائي سان
اسانجي اندر جي تپت وسائيندو." ڪڙي گوپي چوڻ لڳي ته
"پوريون! جو اجايون ڳالهيون ڪري وقت وڃائي رهيون آهيو.
اوهانکي پوريا اوڌو ڪان اچڻ جو سبب ته پڇڻ گهرجي؟" تڏهن
ڪڙي گوپي شوق تي چوڻ لڳي ته "ڏاڍيون ڪي نراسيون آهيو.
جڏهن هو اسانجي پرواهه ئي نٿو ڪري، تڏهن پاڻ جو هر هر اُنجو
حال پڇون." اهي ڪلور وچن ٻڌي ٻيون گوپيون اوڌو کي هٿ جوڙي
چوڻ لڳيون ته "هي مهاتما! هن گنوار جو شل وات سڙي جو اهڙا
ڪنڌ وچن ٿي ڪڍي، تون اسانکي سچ ٻڌاءِ ته مرلي منوهر
ڪڏهن هت ايندو؟"

اوڌو گوپين جو اهو حال ڏسي من ۾ چوڻ لڳو ته آءٌ نٿو ڀانيان
ته سنسار ۾ ٻئي ڪنهنکي به وئڪنٺ ناٿ جي ايتري ڀڳتي ۽ پريتي
هوندي. اهو ويچاري سيني کي نمسڪار ڪري چوڻ لڳو ته "هي
گوپيون! اوهان جهڙو ڀاڳ ٻئي ڪنهنجو ٿيڻ ڏاڍو مشڪل آهي،
جو اوهين ايتري پورا اهڙي پريت شام سندر سان رکو ٿيون. منهنجو
به ڪو اڳين جنم ۾ پڇ ڪبل آهي، جهنڪري اوهانجو درشن
مليم. سنساري جيو ويد پراڻ ٻڌن ٿا ۽ ڀڳيه هوم، دان ورت ۽
تيرت انهي آشا تي ڪن ٿا ته هري چرڻن جي ڀڳتي اُنس ٿئي، پر
آءٌ نٿو ڀانيان ته اوهان جهڙي پدوي ڪا اُنهنکي به ملندي. ايلاءِ
آشرواد ڪريو ته مونکي به اوهان جهڙي هري چرڻن ۾ پريت
رهي. هي گوپيون! شري ڪرشڻ مونتي ڪا ڏاڍي ڪرپا ڪئي جو
مونکي اوهان ڏانهن موڪلائين، جهنڪري اوهانجو درشن ڪري

تنهنجو نالو مذڪر پيو آهي. تون اُن ڪپتيءَ جو ماڻت تي اسان
وٽ آيو آهين ۽ جنهن ته شيام ورڻ (ڪارا) ڪپتي آهن، انلاءِ تون اسان
کي نه ڇهه." هي چوڻ لڳي "هي ڀونر! جيڪڏهن تون مونکي ڪوڻ
ڪُبريءَ داسيءَ جهڙي به نه آهيان، تڏهن اُتي ڇا هلي ڪريان؟ آها!
جنهن نه ماري بن ۾ سرندو وڄائي هرڻ کي ڀڪڙيندو آهي، تنهن موهن
ٻه مرلي وڄائي اسانکي پنهنجيءَ ڄار ۾ ڦاسايو آهي."

جنهنوقت گوپيون هن ڀونر سان ڳالهيون ڪري رهيون هيون،
تنهنوقت هڪ گوپي چوڻ لڳي ته "ڀينرون! اِنهيءَ شريڪرشڻ رڳو
هن جنم ۾ ڪنورپڻو نه ڪيو آهي، پر هنجي هميشه اهڙي حالت آهي.
جنهن شري رام اوتار ۾ ٻاليءَ ناليءَ ٻاندر کي ٻاڻ اهڙا ماريائين.
شورپڻکا راوڻ جي ڀيڻ جا مٿس موهت ٿي تنهنجو نڪ وڍياءِ.
وامن اوتار وٺي راجا بليءَ کان ٽي پير پرٿويءَ جا وٺي اُنسان انڌير
ڪياءِ. يعني براهمڻ سمجهي سنڪلپ ڏيڻ بعد وراٽ روپ ڌاري
ٻن پيرن ۾ سڀ لوڪ والاري ڇڏياءِ ۽ ٽئين پير پرٿوي نه ملڻ ڪري
راجا بليءَ جهڙي ڌرماتما کي ٻڌي پاتال موڪلياءِ. اڃان بيا به جيڪي
ڪپٽ جا ڪم ڪيا اٿس سي ڪيترا ٻڌائي ڪيترا ٻڌايانو. جي
چئو ته اهڙي ڪپٽيءَ سان تڏهن ايتري پريت ڪري دک ڇو ڪرڻ
گهرجي؟ ته ٻڌو جو توهين ۽ آءٌ ڪهڙي ليکي ۾ آهيون، جڏهن وڏا
وڏا راجائون ۽ اُنجي شتروتي ۽ ڪتا ٻڌڻ سان راڄ پاٽ ۽ گهر
ٻار ڇڏي مڪت ٿيڻ لاءِ بن ۾ هليا وڃنثا. خود ديوڪنيائن جو چت
به جڏهن جاءِ نٿو رهي، تڏهن ٻوءِ اسين ڪهڙي ليکي ۾ آهيون."

اهو ٻڌي هڪڙي گوپي چوڻ لڳي ته "هي ڀيڻ! ڀلا ٻڌاءِ ته شيام
سندر ڪي سنڌس ڇوڙي ڪري اسانجي پراڻن ولڻ مان ڪڏهن
قل پرابت ٿيندو؟" هي چوڻ لڳي ته "پوري! ٻڌءِ ڪونه ته ڪبري
هڪڙي گڪي جا ڏئيتن جو جواو ڪائي ۽ داسي جواراڻي، تنهنکي
هن وڃي پٽ راڻي بنايو آهي. ٻڌاءِ انکان وڌيڪ ٻاڻ لاءِ ٻيي
ڪهڙي شرم جي ڳالهه آهي." ٻي چوڻ لڳي ته "عجب ته ڏسو جو

تنهن اساڻن ۾ ڀونر روپي اکيون، ۽ ڪمل روپي چنڊ مک موهني
مورت جو رس پي، اُن نشي ۾ اٿي پور متواليون ٿي رهيون ٿيون.” هي
راڌا! اُنوقت شام سندر جي ياد گيريءَ ۾ گوپيون اهڙو ته لين ٿي
ويون جو اُنهنکي پنهنجي شرير ۽ ڪپڙن جي به سڌ نه رهي. اُنوقت
هڪڙو شيام رنگ ڀونر اُتي اُڏامندو آيو، جنهنکي ڏسي هڪڙي گوپي
چوڻ لڳي ته ”هي سکيون! جو نياپو اوڌو کي ڏيڻ ڀانيو ٿيون سو
منهنجي مرضي آهي ته هن ڀونر هٿان ڏياري موڪليو.” ٻي چوڻ لڳي
”ڪٿي سکي! تون سمجهين ٿي ته هي ڀونر اسان جو قاصد ٿي برابر
نياپو وٺي پهچائيندو؟ آءٌ ته سمجهان ٿي ته هي جيڪي ڪارا ڏسن
ٿا، سي سڀ نيت ڪپت جي کاڻ آهن. جيتوڻيڪ موهنکي شيام
رنگ تي يقين نه آهي، پر جا ڪريان جو اُن چت چور جي گائون
۽ سندر روپ ياد اچڻ سان منهنجو من هڪ هنڌ نٿو رهي.”

جڏهن اهو ڀونر گوپين جي ويجهو اچڻ لڳو، تڏهن هڪڙي سکي
وري به کس چوڻ لڳي ته ”هي ڀونرا! تون اسانوٽ نه اچ. تون
متھرا وڃ جتي اڳيئي تو جهڙو شيام ورڻ اُتي جي استرين سان وهار
ڪري رهيو آهي.” ٻي چوڻ لڳي ”ڏسو ٿيون هي ڀونر ڪهڙو نه
مغرور آهي، جو ڪنهنجي به پرواهه نه ڪري ڪٿي به وهي نٿو.” ٽي
چوڻ لڳيس ”هي ڀونرا! متھرا وڃي منهنجي چت چور کي چئجانءِ ته
پنهنجي گوشگهرن جي پريت ڇڏي، اُنهنکي ڏکر ڏيڻ ڪو نياءُ آهي
جا؟ جڏهن ڀونر هڪڙيءَ گوڙيءَ کان وڌيڪ ڪنهن به گل تي ويهي نٿو
رهي، تنهن توکي به اُتي متھرا ۾ اُلڪي پوڻ نه گهرجي. آها! لڪشمي
تنهنجو سيايو نه جاڻي، اڳگاڻ سڀ توتي موهجي پيئي آهي. جيڪڏهن
هنکي تنهنجي ڪنورتائي جي سڌ هجي ها ته ڪڏهن به توسان پريت
نه ڪري ها. اهي متھرا واسڻيون به تنهنجو نردئيڻو نه ڄاڻي مايا جار
۾ ڦاٿيون آهن، اڃا هيٺئين پاڻهي چڙهونديون.” وري چوٿين چوڻ
لڳي ”سکيون! جيڪڏهن هو اسانجي ڪا به سڌ نٿو لهي ته پوءِ پاڻ وري
اهڙي ڪٺيءَ کي نياپا جو موڪليون؟” هڪڙي چوڻ لڳي ته ”هي
ٻيڻ... تو ماڌو جي چرڻ ڪمل جو رس پيتو آهي، تنهنڪري ٿي ته

ڏسي ته گوپيون ڳوڙهن ۾ شريڪرشڻ جا حال چريتر ۽ گڻ ڳائي ڏهي
ولوڙي رهيون آهن . جڏهن جڏهن ڳوڙهه وٽان تي لنگهيو، اُتي اُتي
شريڪرشڻ جي يادگيري ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. جڏهن جمنا جي ڪناري
تي پهچي سنان ڪري نت نيم پوڄا ڪرڻ لڳو ، تڏهن ڏسي ته
ڪيتريون گوپيون ڳها ڳوڙيون ڪٽيو پاڻي ڀرڻ لاءِ ويٺيون اچن ۽
هرڪنهن جي وات موهن پياري جي ئي ڳالهه آهي . وات تي نند جي
دروازي اڳيان رٿ بيٺو ڏسي، جو گوپيون انومان ڪرڻ لڳيون
ته اڪرور شايد وري موٽي آيو آهي يا موهن پياري هئي ڪنهنکي
اسانجي سڀاءُ وٺڻ لاءِ موڪليو آهي . اهڙيءَ طرح ويچار ڪنديون
اچي جمنا جي ڪناري تي پهتيون ۽ اوڌو سندن پريت ڀريا
ڳالهيون ٻڌي گدگد ٿيڻ لڳو ."

شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته ”هي راجا پريکشت ! گوپين جو
اوڌو کي شيام سندر وارو پيتامبر، مکٽ ۽ بن مالا پهريل ڏٺي ، سو
خيال ڪرڻ لڳيون ته متٿرا وڃڻ وقت جو موهن پياري آدمي
موڪاڻ جو انجام ڪيو هو سو شايد هي ٿو ڏسجي . پوءِ ته وٽس
ويجهو اچي ڪانئس شيام سندر جا ڪشل ڪلياڻ پڇڻ لڳيون ته
”هي اوڌو ! موهن پياري کي اسانجي يادگيري هئي يا نه؟ هو ڏاڍو
ڪپٽي ۽ نردئي ٿو ڏسجي . جنهن وٽس ٿيا پنهنجن وٽڻ سان ڪم رکي
ٿي، پر ڪنهن سان به سچي پريت نٿي رکي يا طوطو ٿل واري وڻ تي
ويهي ، سگهي وڻ ڏانهن نهاري به نٿو يا جنهن ڀونرن گان جو رس وٺي
مطلب ڪڍي اُڏامي وڃي ٿو يا جنهن پينو بيکه وٺي وري اُتي بيٺي
به نٿو يا جنهن پرجا نئين راجا جو حڪم مڃي ، پراڻي جو ڪوبه ڀئو
نٿي رکي يا جنهن شش وديا پڙهي وري گروءَ وٽ رهي نٿو يا جنهن
براهمڻ يجمان کان ڏکڻا وٺي پوءِ اُتي ترسي نٿو ، تنهن شيام سندر
مرتيو لوڪ ۾ جنم وٺڻ سان سنساري منشن وانگر جيستائين تي اسان
سان راس ليلا ڪيائين تيستائين سو اسان سان پريم هوس ، پر هينئر
اُنجو ڪهڙو ڪم جو اسانجي سڌ لهي؟ جنهن ته اُنجي مرڪڻ ،
نهارڻ ۽ امرت روپي مٺين مٺين ڳالهين تي ديو ڪنيائون موهجيو وڃون ،

وياڪل ٿيڻ لڳا، تڏهن اڌو ڌيرج ڏيندي چوڻ لڳو ته ”اوهين اداس نه ٿيو. موهن پيارو جاڻ ته منهنجي پنيان آيو.“ پوءِ وسديو جون موڪلايل سوکڙيون ۽ جني ڏيندي چوڻ لڳو ته ”اوهين وڏي ڀاڳ وارا آهيو جو انهيءَ پورڻ شيام سندر جي بالڪپڻ ۽ پريتي رهيؤ ٿي. سچ پچو ته هو به اوهانکي هروقت ياد ڪريتو.“ يشودا أما جني ڏاڍي پريم سان جمي اکين تي رکي چيو ته ”هي اڌوا سچ ٻڌاءِ ته موهن پيارو ڪڏهن هت ايندو؟ آ؟ ته هرروز صبح جو سويل کير مکڻ روٽي کارائيندي هئس، پر پوءِ اُتي وڃڻ ڪري ڪمزائين ڪندو هوندو؟ سمجهانئي ته ڏاڍو ڏٻرو ٿي ويو هوندو. وري لاچارو اهڙو آهي جو ڪڏهن ڪنهن کان ڪجهه گهرندو به ڪين هوندو.“

اڌو وراڻي ڏني ته ”اوهين شريڪرشڻ کي آدي پرش ڀڳوان سمجهي ڇڏيو ته جنهن باهر ڪائنس پر لڪل رهندي آهي، پر ظاهري ڏسڻ ۾ ڪين ايندي آهي، تنهن ان نرالي روپ جو پرڪاش هر سيني جي شرير ۾ آهي. هو جڳت آتما سڀ هنڌ موجود رهي ٿو، پر گيان ملڻ کان سواءِ ڪنهن نٿو ڏسي سگهجي. انڪري اوهين به اُنکي هروقت پاڻ وٽ موجود سمجهي، اُنجي چنتا نه ڪريو. هو ته فقط ڀڳتن جي ڀڙ ٽارڻ ۽ پرٿويءَ جي بار لاهڻ لاءِ سڳڻ اوتار وٺي، سنساري جيون کي ڌرم جي رستي ڏيکارڻ لاءِ ليلا ڪري رهيو آهي. جنهن نه ڪنهن گهرڀاتيءَ کي ڏسي گهرڀاتي ٿي وهندو آهي، تنهن پريم سان پرمشور جي ڌيان لڳائڻ وارا به اُن جو روپ ٿي وڃن ٿا. اوهين به جيڪڏهن هن کي گهڻو گهڻو پيارڪ سمجهي، ڌيان لڳائيندا ته پڪ آهي ته اُن جهڙا ٿي ويندا. هو نه ته ڪنهنجو اولاد آهي ۽ نه ڪو اُنجو ماءُ پيءُ آهي. هي ته ڪو اوهان جو اڳوڻي جنم جو ڪيو ڪمل ڀاڳ آهي، جنهنڪريءَ اُنسان ايتري پريت ٿي اٿو. اوهين هنکي آتما مي سمجهي جيئو، ته هو اوهانکي درشن ڏيندي دير ڪيئين ڪيئين ڪندو.“ ايترو ٻڌي يشودا چوڻ لڳي ته ”هي اڌوا مان ته هن کي گهڻوئي سمجهايان ٿي، پر هو نيڻ کو مڃيندي نٿو.“

پريان جو اڌو جمنا تي سنان ڪرڻ لاءِ ويو ته وات تي جا

۽ پهتو، جتي ڇا ڏسي ته طرحين طرحين پکي وڻن ۾ ٻوليون ڏئي رهيا آهن ۽ قسمين قسمين ڳائيون گاهه چري ٽپي ڪڏي رهيون آهن. اُن مهل جي شوڀا ڏسي اوڌو ڀڳوان جي مهما ڪرڻ لڳو. جڏهن شهر اندر آيو، تڏهن نند ۽ ٻيا گوپ گوپيون کيس مرلي منوهر سمجهي وٽس ڊوڙي آيا، پر ڪرشڻ کي نه ڏسي ڏاڍو اداس ٿيا. پوءِ اوڌو کي موهن پياري جو موڪليل ڄاڻي، ڏاڍي آدرڀاءَ سان پنهنجي گهر وٺي ويا، جتي سندس ڏاڍي خاطري ڪرڻ لڳا. پوءِ هرڪو وسديو، ديوڪي، شيام ۽ بلرام جا ڪشل منگل پڇڻ لڳو. نند چوڻ لڳس ته "هي اوڌو! ڀلا ٻڌاءِ ته ڪڏهن شيام ۽ بلرام مون ۽ يشودا کي ياد به ڪندا آهن؟ مون ته سندن وڇوڙي ۾ کاڌو پيتو به ڇڏي ڏنو آهي. هرروز پيو سڻيران ته متراوجي کين ڏسي اچان، پر سنساري ڪمن کان فرصت ئي ڪانه ٿي مليم. ڪنهن مهل ٻن ۾ وڃان ته اُتي اچي اهو خيال پويم ته شايد ڪٿي لڪي ويٺا آهن ۽ جهنگ ۾ کين ڳولڻ نڪران. پر جڏهن ڳوليندي ڳوليندي پتو نه پويم تڏهن اداس ٿي موٽي اچان. شيام سندر جي مرلي ۽ لڪڻ ڏسي منهنجي جا حالت ٿئي ٿي سا چوڻ کان ٻاهر آهي. ڪٿي! موهن پيارو انجام موجب هتي ايندو يا نه؟ هي اوڌو! ٻال ليلا ڪري ۽ چريتر ڏيکاري هن جيڪو آنند اسانکي ڏنو هو، تنهن بابت ڪڏهن به وسديو ۽ ديوڪي سان ڪا وارتا ڪندو هو يا نه؟" وري يشودا روئي اوڌو کي چوڻ لڳي ته "هي اوڌو! منهنجو شيام، جو رات ڏينهن توسان رهندو آهي، خوش ڄڻو ڀاو ته آهي نه؟ هن اسانکي وساري ته ڪونه ڇڏيو آهي؟ اسان اگيان ڪري هنکي پنهنجو پٽ سمجهيو هو، پر هو ته ساکيات ايشور آهي. آها! هنجي سانوري صورت موهڻي نٿي وسري. ڀلا! اهو ته ٻڌائيم ته اُتي ته ڪا ڏنگائي ڪانه ٿو ڪري، جئن مٽ گوپين کي ڏاڍو ستائيندو هو؟ هتي ته گوال ٻالن سان رڌو وڻندو هو، پر اُتي ڪنهن سان راند ڪندو هوندو؟ ڀلا! هيڏانهن اچڻ لاءِ توکي ڪو نياپو ڏنو ٻه اٿس يا نه؟"

جڏهن اهڙيءَ طرح نند ۽ يشودا ڪيترئي ڳالهيون ڪري روئي

ڏي موڪلڻ گهرائڻو. تون اُتي وڃي اُنهنکي اهڙو گيان سيکار جو ڪين ڌيرج اچي." اهو ٻڌي اوڌو چوڻ لڳو ته "هي ديانات! سنساري جولي ٻريت سنجي وانگر ڪوڙي سمجهي، اوناشي پرميشور جو ڌيان ڪرڻ گهرجي." شيام سندر کلي چوڻ لڳس ته "هي اوڌو! تون جيڪي چوين ٿو سو سڀ سچ آهي، پر اهڙو گيان اُپديش گوپين کي وڃي ڪر، جي منهنجو پرمشور وانگر سمرڻ ڪن ۽ نند يشودا کي به اهڙو اُپديش ڪج ته جو مونبر پتر ڀاو ڇڏي، مونکي ايشور سمان سمجهون ۽ منهنجو پوڄن ڪن." اوڌو چوڻ لڳو ته "اوهانجي آگيا سر مٿي آهي، پر جيڪڏهن تو منهنجي گمان اُپديش ڪري به شانت نه ٿين ته پوءِ منهنجو ڪهڙو وس هلندو."

شري ڪرشڻ ڪيترن قسمن جا ڪپڙا، گهڻا ۽ سوکڙيون نند يشودا ۽ گوپين کي ڏيڻ لاءِ اوڌو کي ڏنا ۽ هڪڙي چٺي، جنهنجي وڏن کي نمسڪار، ننڍن کي آشيرواد ۽ گوپين کي يوگ گيان لکي اوڌو کي ڏيئي چيو ته "تون هيءَ چٺي پاڻ پڙهي مطلب سڀني کي ٻڌائج ۽ جيئڙي طرح ٿئي اچي اهڙي طرح اُنهنکي ڌيرج ڏيئي پوءِ جلد موٽي اچج." پوءِ رٿ ۾ چاڙهي ٻندراٻن موڪلڻ وقت اکين ۾ پاڻي آڻي، شري ڪرشڻ اوڌو کي نياپو ڏنو ته "ماتا يشودا کي چئج ته اسين اُٿي پاڻ جلدي تو وٽ ايندا اسين، تون ڪنهن به ڳالهه جي چنتا نه ڪج ۽ اسانکي دليون نه وسارج." جڏهن وسديو اوڌو جي وڃڻ جو سما چار ٻڌو، تڏهن اُن به گهڻيون سوکڙيون نند يشودا کي موڪلي چٺي لکي اوڌو کي ڏني، جنهنجر نند کي لکيائين ته "توهانجو منهنجي پٽن کي گهڻو وقت پالڻو، اُن اُپڪار جي عوض مان ڪترا به جنم ڪٽي توهانجي سيوا ڪريان ته بدلو ڏيئي نٿو سگهان. توهين جوڪرن جي ڪا به چنتا نه ڪريو، ڪنهن وقت هو اچي پنهنجا درشن ڏيئي ڪرتارٿ ڪري ويندو."

جنهن وقت اوڌو متّرا کان روانو ٿيو، تنهن وقت گوپين کي چڱا سگن ڏسڻ آيا ۽ جيڪي سمجهڻ لڳيون ته پاڻ موهن پيارو پاڻ ٿو اچي يا ڪو سنديسو کڻي ٿو اچي. ساڃهه جو اوڌو ٻندراٻن

پوءِ ٻئي ٻانهن گروءَ ۽ گرياڻيءَ کي پيرين پئي متر ڏانهن روانا ٿيا.

سندن اچڻ جي ٻڌي وسديو ۽ راجا اگرسين ڏاڍي ڌام ڌوم سان، ڳائيندا وڄائيندا کين راڄ مندر ۾ وٺي آيا ۽ درمند خوشيون ٿيڻ لڳيون. هي راجا پريکشت! گروءَ جي ايڏي وڏي پدوي آهي. سنسار ۾ ٽن قسمن جا گرو ٿين ٿا. هڪڙا اُهي جي منتر اُپديش ڪن، ٻيا ودّيا پاڙهين ۽ ٽيان ڌرم جون ڳالهيون سيکارين. انهن ٽن قسمن جي گروءَ کي ايشور سمان سمجهي، اُنهن جي سيوا ڪرڻ گهرجي."

شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته "هي راجا پريکشت! شيام سندر، نند يشودا ۽ گوپين کي گيان سيکارڻ لاءِ اوڌوءَ کي وٽن موڪليو هو سو ٻڌايانءِ: جڏهن مرلي منوهر، نند يشودا ۽ ٻين گوپين جون ڳالهيون اوڌو سان ويهي ڪندو هو، تڏهن اوڌو پنهنجي گيان جي هٺ ۾ ٻرجي مٺس کلندو هو. اِنلاءِ نند نندن هڪڙي ڏينهن راس ليلا وغيره ۽ برجواسين جون ڳالهيون جيڏي ٻارام کي چيو ته "ڀائي! مون پنهنجي انجام موجب ڪنهن آدمي کي ٻند راهن نه موڪليو آهي، تنهنڪري مون ڏاڍي چنتا ۾ هوندا. هاڻي ڪنهن کي موڪلي اُنهن کي ڌيرج ڏجي." شيام سندر من ۾ ويچار ڪيو ته اوڌو کي پنهنجي من ۾ ڳيتيءَ جو ڏاڍو هٺ آهي، تنهنڪري کيس گوپين کي گيان سيکارڻ واسطي موڪلي ڏسان، ته گوپين کي منهنجي پريت جي اڳيان گيان اثر ڪريٿو يا نه؟ ۽ اوڌو جو ايمان ۾ اُتي وڃڻ سان گم ٿي ويندو. پوءِ اوڌو کي چوڻ لڳو ته "هي متر! جڏهن مون هيڪر برج ٻالائن سان راس ليلا ڪئي هئي، تڏهن مهادو ۽ ٻين ديوتائن کي اهڙو اچي شوق لڳو جو مهادو گوپيشور ۽ چندرما چندرڪلا نالي استري ٿي، مونسان اچي راس ڪيايائون. اهڙيءَ طرح ٻين ۾ ڪيترن ئي ديوتائن استري روپ لڌي، راس ليلا جو آنند ورتو. نند يشودا ۽ ٻيون گوپيون منهنجي وڇوڙي ۾ ڏاڍو دکي ٿي رهيون آهن ۽ آ؟ اُنهن کي موٽي ٻند راهن اچڻ جو وچن ڏيئي آيو هوس، جنهن انجام ڪري ئي هنن جو حياتيءَ ٻراڻ ٻچيو آهي. تنهنڪري توکي ڏاڍو گيان وان، شانت سياو وارو ۽ پرم متر جاڻي، ٻند راهن

سو ڪٿي ويو ۽ هاڻي تہ مونکي اُنجي سڌ ڪانهي. اها ڳالهہ هلندي شريڪرشڻ، بلرام سميت انهي ماڻهو وٽ پهتو. جڏهن اندر وڃي شنکاسر (پانچجنيہ) کي بہ مارڻ تي اُن جوکر جو پتو نہ پيو، تڏهن پڇتاءُ ڪري چوڻ لڳو تہ ”هي بلرام! ڏاڍو ڪوتو ڪم ٿيو جو دئيت کي مارڻ تي بہ جوکر جو پتو ڪونہ ٿو پوي.“ بلرام وراڻي ڏنيس تہ ”هي ديناناٿ! اوهانکي تڏهن دئيت جو اُڌار ڪرڻ گهرجي.“ شريڪرشڻ تڏهن شنکاسر کي مکتي ڏيئي، اُنجو شنک روپي بدن پنهنجي وڄائڻ واسطي کنيو ۽ پوءِ يمپريءَ جي دروازي تي وڃي اُهو شنک وڄايائين. شنک جو آواز ٻڌي سڀ نرڪ واسي، نرڪ مان نڪري ويڪنٺ ڏانهن هليا ويا ۽ ڌرمراجا ڊوڙي اچي شريڪرشڻ جي چرڻن تي ڪري، ڏاڍي آدرڀاءُ سان شيام ۽ بلرام کي پنهنجي گهر وٺي آڻي پنهنجي سنگاسڻ تي وهاريو. سندن چرڻ ڌوئي چرڻامرت ورتائين ۽ ونئي سان پوڄا ڪيائين. پوءِ تہ ڏاڍي پريم سان هٿ جوڙي ستوتي ڪيائين ۽ اچڻ جو سبب پڇڻ لڳو. شريڪرشڻ تڏهن چوڻ لڳس تہ ”هي ڌرمراجا! منهنجي گروءِ جو پٽ سمنڊ ۾ ٻڏي مئو آهي، سو ضرور تو وٽ آيو هوندو؟ اِنلاءِ اُهو موٽائي ڏينم ۽ جي تون چوين تہ مٿس جو پرپريءَ کان واپس نٿو وڃي سگهي تہ اها مريادا بہ منهنجي ٻڌل آهي، تنهنڪري توکي منهنجي آگيا مڃڻ کپي.“ ڌرمراڄ آماڪ اُهو جوڪرو آڻي اڳيان حاضر ڪيو جو ڏسي شريڪرشڻ ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ پوءِ ڌرمراڄ کي ڀڳتي وردان ڏيئي، بلرام ۽ اُن جوکر کي پاڻسان وٺي گروءِ وٽ آيو ۽ پيرين پئي چوڻ لڳو تہ ”هي گرديوا! وٺو هي پنهنجو جوکرو. اوهان جيتري محنت وٺي مونکي وديا سيکاري، تنهنجو عوض آءٌ پوراپورو ڏيئي سگهيو آهيان، اِنلاءِ اوهان بہ ڪجهہ آگيا ڪريو.“ سانديپن پٽ کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ شريڪرشڻ کي ڀڳوان جو اوتار سمجهي چوڻ لڳو تہ ”هي ترلوڪيناٿ! جنهنکي تو جهڙو ستاڳرو مليو، تنهنکي ڪهڙي ڳالهہ گهرج رهندي؟ هاڻي پرسن ٿي توکي اها آشرواد ٿو ڏيان تہ تنهنجي ڀانشڪي تاءِ هي رهندي ۽ سدا ۾ تنهنجو جس پکڙيو رهندو.“

جنهنڪري ئي اسانکي وڌ ياپڙهڻ جو ڦل ملندو.“ ساندپپن چوڻ لڳين ته ”هي پتر! مونکي ته ڪابه گهرج ڪانهي، پر اوهانجي گرياڻيءَ کان پڇان ته اُنکي جنهن شئي جي گهرج هجي سا اوهانکان گهران.“ ساندپپن تڏهن استريءَ سان ڳالهه ڪئي، جنهن چيس ته ”جيڪڏهن هي ڇوڪرا اهڙا پراڪرمي آهن، ته چوين ته پنهنجو پٽ جو سمنڊ ۾ ٻڏي ويو آهي، تنهنکي آڻي منهنجي چنتا دور ڪن ۽ اُئي سندن گرڊڪشڻا ڄڻبي.“ ساندپپن کي اها ڳالهه وڻي ۽ هُنهي استري پرش سموري حقيقت ٻڌائي. ۽ ٻوءِ چوڻ لڳين ته ”اوهانکي جيڪڏهن گرڊڪشڻا ڏيڻي آهي ته اهو ڇوڪر آڻي ڏيو، جو ته اُنجو وڇوڙو اسانکان هڪڙي ساعت به سنو نٿو ٿئي.“

شريڪرشڻ ۽ ٻلرام گروءَ کي پيرين پئي اُتان موڪلائي هليا ۽ اهو انجام ڏنا؟ ته اوهانکي ڇوڪر ضرور آڻي ڏينداسون. ٻوءِ ڏاڍيءَ ڪاوڙمان سمنڊ جي ڪناري تي اچي پهتا. سمندر ڪين اهڙو غصي ڏسي، ڏڄندو ڏڪندو پاڻيءَ کان ٻاهر اچي گهٽيئي رتن پيتا ڪڻي شريڪرشڻ اڳيان رکي، هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته ”هي وئڪنٺ ناٿ! اوهان پرٿويءَ جي ٻار لاهڻ لاءِ ۽ مري پڳتن کي سک ڏيڻ لاءِ سگڻ اوتار ڌارڻ ڪيو آهي. جڏهن شيش پنهنجن هزارن زبانن سان اوهانجا گڻ ڳائي به اوهانجي گڻن جي آد انت نٿو پائي ۽ رشي توڙي مني به اوهانجي ڀيد کي نٿا سمجهي سگهن، تڏهن مون ۾ ڪهڙي سمرٿي آهي جو اوهانجي برابر شتوتي ڪري سگهان. منهنجا وڏا ڀاڳ جاڳيا جو توهان ديال تي درشن ڏنو ۽ توهانجا چرڻ شپرش ڪري اڄ مان ڪرتارٿ ٿيس.“

اها شتوتي ٻڌي شري ڪرشڻ خوش ٿي سمندر کي چوڻ لڳو ته ”منهنجي گروءَ ساندپپن جو پتر تون پنهنجي لهر سان اندر گهلي ويو آهين سو جلدي آڻي ڏي.“ سمندر تڏهن وراڻي ڏني ته ”هي مها پريو انترياميُ! اهو ڇوڪر مونوٽ ته ڪونهي، پر ٻانچ جنهن نالي دئيت، جو ڏاڍو ٻاوان آهي ۽ جل ۾ رهيتو جيون کي ٻلڪل ڏکر ڏيئيتو،



... لاۓ جھگم مان کا لیون گڈ کرٹ (صفحہ ۲۷۶)

جوڪرن جي حتي يا حتي رهڻ ڪري ڪو پد نه سمجهيو." پس!
پوءِ نند راءِ پنهنجن سڀني گوالن کي اُتي ڇڏي، باقي انهن کي ٻاڻ سان
ولي ٻندرابن ڏانهن روانو ٿيو.

جڏهن شيام ۽ بلرام، نند ۽ پٽن کي اماڻي گهر آيا، تڏهن وسديو
۽ ديوڪي ڪين ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيا ۽ سندن مٿرا پري گد گد ٿيڻ
لڳي. ٿورن ڏينهن گذرڻ بعد وسديو، شيام ۽ بلرام کي جڻيو پائي
ڏاڍيون خوشيون ملهايون. پوءِ ٻنهي ڀائرن کي سانديپن نالي پنڊت
وٽ اُجين نگريءَ ۾ وديا پڙهڻ لاءِ موڪليو. وات تي سداما نالي
براهمڻ گڏس، تنهن ڪان پڇيائون ته "ڪيڏانهن ٿو وڃين؟" جنهن
جواب ڏنو ته "وديا سکڻ لاءِ ٿو وڃان." پوءِ اُنکي به ٻاڻ سان رٿ
۾ چاڙهي اُجين پهتا. گروءَ وٽ اچي هٿ جوڙي وينتي ڪيائون
ته اسانکي وديا دان ڏيو." جنهنتي پنڊت گهڻي خوشيءَ سان ڪين
پاڙهڻ لڳو. هڪڙي ڏينهن پنڊتياڻي شيام سندر ۽ سداما کي ڪاٺيون
ڪرڻ لاءِ جهنگل ۾ موڪليو. جڏهن هو ٻئي ڪاٺيون ڪري موٽڻ لڳا،
تڏهن وات تي اچي اهڙي برسات پئي جو گهر پهچڻ مشڪل ٿي پيو
۽ اُها رات جهنگل ۾ رهي پيا. ويچارو گرو ۽ گرياڻي سڄي رات
هنن لاءِ ڳڻتي ڪرڻ لڳا ۽ ٻئي ڏينهن سلامت آيا.

شيام ۽ بلرام پنهنجي سٺوا سان گروءَ کي اهڙو ته خوش ڪيو
جو ٿورن ڏينهن اندر چارئي ويد، ڇهئي شاستر، اڙهن پراڻ مطلب ته
سڀ وديا گروءَ کان پڙهي ورتي. سانديپن تڏهن من ۾ چوڻ لڳو ته
رڳو هڪڙي وديا سا به ورهين ۾ پوري ڪرڻ مشڪل آهي، پر هنن
ٻنهي ڀائرن ٿورن ڏينهن اندر چوڏهن وديائون ۽ چوهٺ ڪلائون پڙهيون
آهن، سو ضرور هي ڪي اوتار ٿا ڏسجن. وديا پڙهي پوري ڪرڻ
بعد شري ڪرشڻ گروءَ کي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته "هي گرديو!
توهان جي ديا سان اسان سڀ وديا پڙهي پنهنجو مطلب حاصل ڪيو
آهي، اُنجي عوض جيڪڏهن اسين ڪيترا به جنم ولي اوهانجي
سيوا ڪريون ته به اُنجو بدلو نٿا ڏيئي سگهون. انڪري اسانجي
سمرٿيءَ آهر جيڪا گرو دکشڻا چئو سا ڏيون ۽ اوهانجي آشيرواد ولي گهر

بندرابن ڇڏڻو سگهہ توکي هت ڪڏهن ڪونہ ملندو. جيڪڏهن تون نردئي ٿي ائين ڪندين تہ گوپيون ۽ گوال سڀ تو بنان ڪيئن جيئرا رهي سگهندا؟ ۽ پوءِ اُن ۾ ڪو توکي جس ڪونہ ملندو. اُگرسين کي راڄ ڏيئي اُن جي هٿ هيٺ ڪم ڪرڻ کان وري بہ بهتر اٿيئي تہ بندرابن هل."

اهڙيءَ طرح گوالن شري ڪرشڻ کي گهڻي قدر سمجهايو، پر هن نہ مڃيو. تڏهن ڪيترا گوال تہ مٿرا ۾ رهي پوڻ واسطي تيار ٿيا ۽ نندراءِ کي چوڻ لڳا تہ "اوهين هلو اسين پوءِ شيام سندر کي سمجهائي پاڻ سان وٺي اينداسين،" پر نندراءِ شوڪ سبب تصوير وانگر بيهي شيام سندر ڏانهن نهارڻ لڳو. اهو حال ڏسي بلرام چوڻ لڳس تہ "پتا جي! اوهين ڪو بہ ويچار ڪونہ ڪريو، اسين هتان ڪم لاهي جلدي اچي اوهان سان ملنداسين. هي پتا! بندرابن ڇڏڻو سگهہ هٿي هند ملڻ مشڪل آهي. اِنلاءِ اسانکي پاڻ هت سگهہ ڪين ايندو، پر لاچار ڪجهہ وقت لاءِ اسانکي ڇڏيو." اِها ڳالهہ ٻڌي نند وري بہ ڪين چوڻ لڳو تہ "آءٌ توهانجي ماءُ کي ڇا وڃي چوندس، جا اوهان جو رستو نهاري رهي هوندي. جڏهن اوهانکي پنهنجي وڇوڙي ۾ اسانکي مارڻو هو تہ ڇو نہ ٿي گووردن پهاڙ اسان مٿان ڪيرايو تہ جيڪر ڏيکي مري وڃون ها ۽ پوءِ هيءَ حالت تہ نہ ٿئي ها؟"

جڏهن اهڙيءَ طرح نند ۽ پيا ورلاپ ڪرڻ لڳا، تڏهن شيام سندر ويچار ڪيو تہ "هي اسانجي وڇوڙي ڪري جي نہ سگهندا، اِن ڪري پنهنجي مايا، جنهن ساري سنسار کي ڀلائي رکيو آهي، اُنهن تي وڌي ۽ کلي چوڻ لڳو تہ "هي پتا جي! اوهين اُداس ڇو ٿيا آهيو؟ آءٌ اوهان وٽان ڪو پري تہ ڪونہ آهيان، رڳو تن ڪوهن جو مفاصلو آهي." ڀڳوان جي اُن مايا پوڻ ڪري نند کي ڌيرج آيو ۽ اُنوقت ڪانئس موڪلائي بندرابن ڏي هلڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. وسديو جو پاڻ سان ڪيترائي سامان کڻي آيو هو، سو نندراءِ کي ڏيئي وينتي ڪري چوڻ لڳو تہ "هي نند! اوهان جيڪو مون تي اُپڪار ڪيو آهي، تنهنڪان تہ مان ڪڏهن بہ ڇٽي نٿو سگهان. جنهن

وهاري ٻوجا ٻرتشنا ڪري تاڪ ڏنو ۽ ٻنهي پائر ٻنهيجي مٿي سان اگرسين متان ڇنوراوڏيا. متّروا سي خوش ٿي شريڪرشڻ جي شتوتي ڪرڻ لڳا. اگرسس جي حوارائي موڪلڻ تي سڀ ٻاڏو متّرا ۾ موٽي آيا. ٻوءِ شريڪرشڻ کين جهيڙوو مال متاع ڏيئي اهڙو تہ خوش ڪيو جو انهنکي ڪنهن بہ شيءِ جي ضرورت نہ رهي."

ايتري ڪتا ٻڌائي شري شڪديو جي چوڻ لڳو تہ "هي راجا پريڪشت! اگرسين وسديو کي ساڻ ڪري ڪينرا رن، گهڻا ۽ وستر ٻاڻ سان ڪٺي شري ڪرشڻ سان گڏ جي آئي آيا، جتي نند برجواسين سان ناڪيجي بہ لقل هو. نند بہ اُن مهل ويچار ڪري رهيو هو تہ "هاٿي گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن ٻندراٻن کان آئي سو شام ۽ ٻلرام اڃن تہ متان روانا ٿيون." ايتري ۾ شام سندر اُتي اچي نند جي پيرن تي ڪري پيو. ٻوءِ وسديو ۽ اگرسس بہ ڏاڍي پريم سان نند کي پاڪر پائي گڏيا. شري ڪرشڻ تڏهن کين چوڻ لڳو تہ "مي ٻنا جي! اوهان مهلتاءِ جو موکي پالي وڏو ڪيو آهي، تنهنجو ديوص تہ مان ڪنهن بہ طرح ڏيئي نٿو سگهان. مون ٻرج ۾ مکڻ ۽ ڏهيون کائي ڏاڍيون ڏڱايون ڪيون، ٻراوهان وقت ٻوقت مون کي کمبا ٻئي ڪٿي ۽ راجا ڪنس منهنجي دشمن کان نہ ڊڄي، سداءِ منهنجي پالنا ٻئي ڪئي. هاٿي هڪڙي گالهہ جوانٿو، جنهن ڪري اُمد تہ اوهانکي مڏان نہ لڳندي. اُدا هيُ آهي تہ هيٺڙ تورو وقت مونکي متّرا ۾ رهڻ ڏيو تہ آءٌ ياڏون ۽ ٻنهنجي ماتا کي سڪر ڏيان. يشودا ماتا کي اوهين ڏيرج ڏيئي سمجهائجو تہ جيتوڻيڪ آءٌ ظاهري هٿ رهندس، تہ بہ مونکي اوهين ٻاطوڻ سمجهيجو ۽ ڪڏهن بہ دليون نہ وساريو."

شام سندر جي واتان ايترو ٻڌي نند راءِ اچي روئڻ ۾ جتڪيو ۽ بيهوش ٿي ڪري پيو. گوال پال سڀ اُداس ٿي چوڻ لڳس تہ "موهن پيارا! اسان سان ڪيئن ڪري هيٺڙ هتي رهڻ ٿو پائين؟ اسين سمجهيون ٿا تہ ڪنس کي ماري، اُنجو مال متاع ڏسي پلمو آهين. جمڪڏهن ائين آهي تہ ٻندراڻ ۾ هلي اُتي راڄ ڪر.

ٻڌي ڪئي، اُن مهل ڪنس نوڪرن کي آگيا ڪئي ته باجن وا ... کي بند ڪريو ۽ نند جوڪرن کي ٻاهر ڪڍي وجهي سڀني کان جدا ڪريو. پوءِ نند گوالن، وسديو، ديوڪيءَ ۽ اُگرسين مهاراجي پتا کي به ماري وجهو ۽ انهن ڪمن جو ڪو ٻاجي نه وڃي."

راجا جو حڪم ٻڌندي جڏهن ئي هنن نوڪرن ٻانهيو ته اسين وجهي ترارين سان انهن سيني جو ڪم پورو ڪري اچون، تڏهن ئي شيام سندر پنهنجي تيج ۽ پرتاپ سان کڙڪي ڪري هڪ انهن سيني کي ناس ڪري ڇڏيو. بس! پوءِ شيام سندر ٽپ ڏيئي تختي تي، جتي راجا ڪنس ڏاڍي آبان سان ويٺو هو، چڙهي ويو ۽ پنهنجي بدن ۾ اهڙو ته پرڪاش پرگهٽ ڪيو، جنهنجو تيج ڪنس نه سهي اکيون کٽي بند ڪيون. ڀڳوان اتي وجهه وٺي ڪنس کي تختي تان هيٺ ڪيرائيو ۽ تنهي لوڪن جو ڀار ڀاري ڪري اُنجي ڇاتيءَ تي چڙهي "ٻاپ! ٻاپ!" پڪاري چوڻ لڳس ته "اَت! ڇا ٿو ٿئي؟" پر ڪنس جو اُتي پراڻ نڪري ويو ۽ ڇاڪاڻ جو آٺئي پهر شيام سندر جو ڌيان رهندو هو، تنهنڪري مڪتي پائي وئڪنٺ ڌام وڃي پهتو.

هي راجا! ويچار ڪر ته جيڪي دشمنيءَ سان به پرميشور جو چنتن ڪري پار پهچي وڃن ٿا، تڏهن ڀلا اُنهنجا ڪهڙا نه وڏا ڀاڳ هوندا جيڪي رات ڏينهن سچيءَ ڀڳتيءَ سان ڀڳوان جو سمرڻ ۽ ڌيان ڪن ٿا.

ڪنس کي مئل ڏسي سندس ٻيا آٺ ڀائر نند لال کي مارڻ لاءِ ڊوڙيا، پر ٻلرام اُنهن کي اُتيئي پورو ڪيو. بس! پوءِ ته سڀ ديوتا جئي جئي شبد اُچارڻ لڳا ۽ گهر گهر ۾ خوشيون ملهائڻ لڳا. ديوتا نمسڪار ڪري سڀ پنهنجي پنهنجي گهر ڏانهن هوتيا.

جڏهن اها خبر راڻين کي محلات ۾ پهتي، تڏهن اهي روئنديون پٽينديون جمنا جي ڪناري تي آيون، جتي ڪنس کي زمين تي پيل ڏسي ورلاپ ڪري چوڻ لڳيون ته "افسوس آهي جو توهين جهڙو پرتاپي راجا تي اڄ ڀتر وانگر هن ڌرتيءَ تي پيا آهيو. شري ڪرشڻ ۽ پنهنجن وڏن سان هن طرح ناحق دشمني ... اڄ جيڪر توهان ... حال نه ٿئي ها.



PUBLISHED BY
GIRDHARI LAL & SONS
ARTISTS & PHOTOGAPHERS
ANARKALI LAHORE

PRINTED AT
MEHTA HALF-TONE PRESS
ANARKALI LAHORE

ڻ جو ڪنس کي تخت تان گهلي هيٺ ڪيرائي مارڻ (صفحو ٢٧١)

آڏرم جو عوض ضرور ڏيندو."

وڙهڻ مهل شيام سندر پنهنجو بدن اهڙو ته سخت بڻائي ڇڏيو جو ڪوبه هٿيار جيڪر ڪس وڌي نه سگهي. جڏهن شريڪرشڻ چاڻور ساڻ هٿ هٿ سان، ڇاتي ڇاتي سان ۽ پير پير سان ملايو، تڏهن چاڻور گهڻيئي زور ۽ وٽ ٻچ شيام سندر کي سوگهي ڪرڻ لاءِ ڪيا، پر ڪجهه به دال نه ڳريس. ڏاڍي اداس ٿي دل ۾ چوڻ لڳو ته "افسوس آهي جو مون ڪڏهن ڪڏهن به وڏن پهلوانن کي مڪڙيئي ٻچ ۾ پورو ڪيو هوندو، پر هي ٻالڪ ته ڪوڙڪ جو ٺيل آهي، جنهنجي رڳن آڳر جي زور ڏيڻ سان منهنجي ڇاتي ٿي ڪنبي."

هي پريڪشت! چاڻور ۽ مشٽڪ کي شيام ۽ ٻلرام جي مهما جي خبر ڪانه هئي، پر هنن اڳئين جنم ۾ ڪو تپ ڪيو هو، جنهنڪري سندس بدن وٺڪنٺ ناٿ کي ٿي لڳو. ڀڳوان جي مهما ۾ عجب آهي جو جڏهن چاڻور پنهنجي حال سان شريڪرشڻ سان وڙهيو ٿي، تڏهن شيام سندر پنهنجي هٿ پاڻ کي ٻچايو ٿي. جڏهن ئي چاڻور ٻوئتي هٿي مڪڙي مڪ شيام سندر جي ڇاتي ۾ هڻڻ پئي، تڏهن ئي شريڪرشڻ هن جا ٻئي هٿ جهلي، چئني طرفن گهمائي اهڙو ته زور سان ڪڍي زمين تي ڦٽو ڪيس، جو آڪاڙي جي مٿي ۾ گهڙي ويو ۽ مري ويو. هيڏانهن ٻلرام ۾ مشٽڪ جو اهڙوئي حال ڪيو. انهن پهلوانن جي مارجي وڃڻ بعد شل ۽ توشل ترارون ڪڍي شريڪرشڻ سان وڙهڻ آيا، پر شيام سندر انهنجو ۾ مشٽس وانگر حال ڪيو. اها روٻڪار ڏسي ٻيا پهلوان پنهنجو پراڻ ٻچائي اٿي ڀڳا."

هي راجا پريڪشت! اهڙي حالت ڏسي متر واسي ۽ هري ڀڳت گدگد ٿيڻ لڳا ۽ شيام سندر جي مهما ڪري پنهنجو مڪ پويتر ڪرڻ لڳا. پوءِ چوڻ لڳا ته "گوڪل ۽ برجواسين جا وڏا ڀاڳ آهن جو شيام سندر اتي جنم ورتي، ڪس نت نئون درشن ڪرائي رهيو آهي. راجا ڪنس ۾ ٻاپي تيڻ تي انهن سان ڏاڍي پلائي ڪئي، جو هنن کي گهرائي اسانکي درشن جو لاب ڏنائين نه ته ديوتائن کي به اهڙو درشن ملڻ ڏاڍو ڪٺڻ آهي." جنهن مهل متر واسين شيام سندر جي شتوتي

اڏرم جو نيوس ضرور ٿو ڳيندو."

وڙهڻ مهل شيام سندر ٻنهي جو ٻڌن اهڙو ته سخت بنائي وڌو جو ڪو به هٿيار جيڪر ڪيس وڍي نه سگهي. جڏهن شري ڪرشڻ چاڻور ساڻ هٿ سان ، ڇاتي ڇاتي سان ۽ پير پير سان ملايو، تڏهن چاڻور گهٽيٺي زور ۽ وٽ ٻيچ شيام سندر کي سو گهي ڪرڻ لاءِ ڪيا، پر ڪجهه به دال نه ڳريس. ماٺي اداس ٿي دل ۾ چوڻ لڳو ته "افسوس آهي جو مون ڪوڙن ڪوڙن ٻه وڏن پهلوانن کي مڪرڻي ٻيچ به پورو ڪيو هوندو، پر هي ٻالڪ ته ڪو رڪ جو بنيل آهي، جنهن جي رڳ آڱر جي زور ڏيڻ سان منهنجي ڇاتي ٿي ڪنبي."

هي پريڪشت! چاڻور ۽ مشٽڪ کي شيام ۽ ٻلرام جي مهاجي جبر ڪانه هئي، پر هنن اڳئين جنم ۾ ڪو تپ ڪيو هو ۽ جنهن ڪري سندس ٻڌن وئڪنٺ ناٿ کي ٿي لڳو. ڀڳوان جي مهما به عجيب آهي جو جڏهن چاڻور پنهنجي حال سان شري ڪرشڻ سان وڙهي رهيو هو، تڏهن شيام سندر بنيان هٿي ٻالڪي ڀڄايو ٿي. جڏهن ئي چاڻور ٻوٽي هٿي مڪڙي مڪ شيام سندر جي ڇاتي ۾ هڻڻ ٿي چاهي، تڏهن ئي شري ڪرشڻ هن جا ٻئي هٿ جهلي، چئني طرفن گهمائي اهڙو ته زور سان ڪٺي زمين تي ڦٽو ڪيس، جو آڪاڙي جي مٿي ۾ گوڙي ويو ۽ مري ويو. ميدان ٻلرام به مشٽڪ جو اهڙوئي حال ڪيو. انهن پهلوانن جي مارجي وڃڻ بعد شل ۽ توشل ترارون ڪڍي شري ڪرشڻ سان وڙهڻ آيا، پر شيام سندر انهنجو به مٿئين وانگر حال ڪيو. اها روڪار ڏسي ٻيا پهلوان پنهنجو پراڻ ڀڄائي اٿي ڀڳا."

هي راجا پريڪشت! اهڙي حالت ڏسي مٿرا واسي ۽ هري ڀڳت گدگد ٿيڻ لڳا ۽ شيام سندر جي مهما ڪري پنهنجو مکر پوتر ڪرڻ لڳا. پوءِ چوڻ لڳا ته "گوڪل ۽ برج واسين جا وڏا ڀاڳ آهن جو شيام سندر اتي جنم وٺي، ڪيس نت نئون درشن ڪرائي رهيو آهي. راجا ڪنس به ڀاڳي ٿيڻ تي اسان سان ڏاڍي ڀلائي ڪئي، جو هن کي گهرائي اسانکي درشن جو لڀ ڏنائين ته ديوتائن کي به اهڙو درشن ملڻ ڏاڍو ڪٺڻ آهي." جنهن مهل مٿرا واسين شيام سندر جي شتوتي

ڪال سمجهي ڪنبڻ لڳو، يادون اُنهيءَ پنهنجو رکپال تي سمجهيو،
يوگين ۽ مهاتمائن کي پار برهم پرميشور تي ڏسڻ ۾ آيو ۽ عام آدمين
شريڪرشڻ کي اُهو ڇوڪرو تي سمجهيو، جنهن نند ٻڻ ۾ پوتنا راڪشڻ
کي ماري ۽ وڻ يملا ارجن پاڙ کان اُکوڙيا هوا ۽ گووردن پروت
پنهنجي آڱر تي کڻي، اندر جو ايمان توڙيو ۽ ڪيترن دئيتن کي
ماري ڪاليناگ کي جمنا مان ڪڍيو هو. ڪي ته ٻري کين ڇوڪرو
ڄاڻي چنتا ڪرڻ لڳا ته ڪنس ڏاڍو اڌرمي ۽ بي رحم آهي، جو هن
نازڪ بدن ٻارڙن کي هڙن زبردست پهلوانن سان ڪشتي وڙهائي
انهنجو پراڻ وٺڻ ٿو چاهي، اِنلاءِ اهڙو اڌرم ڏسڻ واجب ڪينهي."

هي راجا پريڪشت! جڏهن ئي شريڪرشڻ اکاڙي ۾ وڃي بيٺو تڏهن ئي
چاڻور، مشٽڪ ۽ ٻين پهلوانن کيس چوگرد اچي گهيرو ڪيو ۽ چوڻ
لڳس ته "هي ڪرشڻ! اسان تنهنجي پهلوانيءَ جي هاڪ ٻڌي آهي،
سو اڄ ته ڪشتي وڙهي راجا کي خوش ڪريون. اسان ٻڌو آهي
ته تون گوالن سان ٻن ۾ ڏاڍي عمدي ڪشتي وڙهندو آهين، ان
ڪري هتي ۾ ته ڪا پنهنجي هٿن جي صفائي ڏيکار. گڏ لڪائڻ جي
نه، پر هڙئي سڀا ۾ ڏيکاري پاڻکي ظاهر ڪرڻ گهرجي." شريڪرشڻ
ورندي ڏنين ته "ڀائي! اسان ٻالڪن سان اوهان پهلوانن کي ڪشتي
ڪرڻ سوڀيائي نٿي ڏئي. جوڙي آهي ته دشمني، دوستي، وهانو ۽
ڪشتي هڪ جهڙن سان ڪرڻ گهرجي. اِنلاءِ اوهين پهلوان پاڻ ۾
ڪشتي ڪري سڀا ۾ ويٺلن کي خوش ڪريو ۽ اسين ته جو ٻري ٻن
کان آيا آهيون، سي ۾ ته اوهانجي جوانمردي ڏسون." اتي چاڻور
چوڻ لڳو ته "ڀلا! ڏسڻ ۾ سو ڇوڪرو پيو اچين، پر ڪم جهڙي
ڪيا اٿيئي سي ته ڪو وڏو پهلوان به مشڪل ڪندو. تنهنجو
ڀراڪرم اسين گهڻن ڏينهن کان ٻڌندا پيا اچون، سو اڄ اُهو ست
ضرور ڏيکاري سڀا سڌن کي خوش ڪر." ائين ڳالهيون ٻوليون
ڪندا شريڪرشڻ چاڻور سان ۽ ٻلرام مشٽڪ سان ڪشتي وڙهڻ
لڳا. اُنهيءَ مٿرا واسي شريڪرشڻ کي ڇوڪرو سمجهي ۽ راجا ڪنس
جو اڌرم ڏسي من ۾ ڪنس کي سراپ ڏيئي چوڻ لڳا ته "هي پنهنجي

جڏهن هاٿي شيام سندر کي سونڍ ۾ ويڙهي زمين تي ڇاڙي پنهنجي ڏندن سان ڏهايو، اُنوقت ديوتائون، گوال ٻال ۽ مٿرا واسي پڳوان کان شيام سندر جا ڪشل پڇڻ لڳا. شريڪرشڻ ننڍڙو روپ ٺني هاٿيءَ جي ٻنهي ڏندن وچان نڪري آيو ۽ پوءِ سامهون بيهي تاڙيون وڄائي هاٿيءَ کي للڪارڻ لڳو. شريڪرشڻ جي اها ڦڙتي ڏسي سڀ ننڍا وڏا سرهاٿيا ۽ تاڙيون وڄائي کلڻ لڳا. جڏهن هاٿي وري ڏانهس ڏوڪندو آيو، تڏهن سندس پيٽ جي ميدان نڪري پٺيان وڃي پڇ کان جهلي اهڙيءَ طرح گهلڻ لڳس جئن گرڙ نانگ کي. هاٿي جڏهن هاٿي شريڪرشڻ ڏانهن ڦرڻ لڳو، تڏهن ٻلرام اُنجي سونڊ کي جهلي مڪون هڻڻ لڳو. اهڙيءَ طرح سونڍ ۽ پڇ کان جهڪي مڪون هڻي اُن هاٿيءَ کي اهڙو ٿڪايائون جئن ٻلي ڪُتي کي.

جڏهن هاٿي انرپت مار کائيندو نرٻل ٿي ويو، تڏهن شريڪرشڻ سونڊ کان جهلي اهڙو ته ڇاڙيس جو هو بيهوش ٿي زمين تي ڪِري پيو. پوءِ شيام سندر اُنجي ڇاتيءَ تي پير رکي سندس ٻئي ڏند ڪڍي ورتا ۽ پر ڪري اهڙا ته زور سان اُن هاٿيءَ جي مٿي تي هنيا جو هو مري ويو. پوءِ هڪڙو ڏند پاڻ کنياءِ ۽ ٻيو ٻلرام کي هٿ ۾ ڏناءِ. اهو حال ڏسي هو پهلوان ۽ ٻيا پهلوان سندس سامهون وڙهڻ لاءِ آيا، پر شيام ۽ ٻلرام اُنهن ڏندن سان سڀني کي مار ڪي پورو ڪيو.

هاٿيءَ جي مرڻ بعد شام ۽ ٻلرام گوالن سميت کلندا، آهستي آهستي رنگ ڀومي ۾ اندر آيا. اُنوقت سڀا ۾ ويٺلن جنهن جنهن پاونا سان ڪنس ڏي ڏٺو، تنهنکي اُنوجب ڏسڻ ۾ ٿي آيا. مي راجا پريڪشت! شريڪرشڻ گيتا ۾ ارجن کي جيو آهي ته "جيڪو منهنجي جنهن روپ جو ڌيان ڪري ٿو، تنهنکي مان اُن روپ منجهه ئي درشن ڏيان ٿو." سو جانور ۽ منشڪ کي شام ۽ ٻلرام ڏاڍا زبردست پهلوان ڏسڻ ۾ آيا، مٿرا جي استرين کي ڪام روپ تمام سندر ڏسڻ ۾ آيا، گوال ٻالن ۽ ٻين متن مائٽن کين پنهنجو عزيز ٿي سمجهيو، نند ۽ ٻين گوپن کي پنهنجو اولاد پئي ڏسڻ ۾ آيا، ڪنس جا مت ائٽ هنن کي دشمن روپ سمجهي ڏسڻ لڳا. راجا ڪنس پنهنجو

آڪاڙي ۾ اچي ڪنا ٿيا ۽ ڏاڍي ايمان سان نچڻ ٽپڻ لڳا. راجا ڪنس به ڏاڍيءَ مغروريءَ ۾ پنهنجي اوچي سنگاسڻ تي اچي ويٺو. نند ۽ ٻيا راجائون ڪنس کي ڀيٽون ڏيئي پنهنجن پنهنجن جاين تي وڃي ويٺا. اُنوقت ڪنس چاڻور ۽ مشٽڪ کي گهرائي ڪن ۾ چوڻ لڳو ته "پهلوانو! مونکي اڄ اوهان ۾ گهڻي اُميد آهي جو اوهين شيام ۽ بلرام کي ماري جم پريءَ پهچائيندا. هان اوهانکي انهيءَ جو چڱو عيوض ڏيندس."

هي راجا پريڪشت! اُنهيءَ اُهو تماشو ڏسڻ لاءِ ديوتائون به ومانن ۾ چڙهي آڪاش ۾ اچي بيٺا ۽ متُرا واسي ايترا ته اچي گڏ ٿيا جو وهڻ ته ڇڏيو پر بيهڻ جي به جاءِ ڪانه هئي. ايتري ۾ ٻئي ڪرشڻ، بلرام ۽ گوال ٻالن سميت رنگ ڀوميءَ جي دروازي تي، جتي ڪنس جو مست هاٿي بيٺو ريل هو، اچي پهتا. شري ڪرشڻ پيلوان کي هڪل ڪري چوڻ لڳو "اڙي! دروازي تان هاٿي هٽاءِ ۽ اسانکي راجا ڪنس وٽ وڃڻ ڏي، نه ته ياد رک ته هاٿيءَ سميت جيئرو نه رهندين." اهو ٻڌي هو پيلوان چوڻ لڳو ته "اڙي او ڳنوارو! ڳائين چارڻ وارن ۾ طاقت ئي ڪيتري هوندي؟ مفت ڇتاڪ نه هڻو، جي ڪا مڙسي اٿو ته پورين هن هاٿيءَ کي هٽائي پوءِ بيشڪ اندر وڃو. مونکي رکو اوهانجي سندرتا ۽ ڪوملتا تي ڪهل ٿي اچي جو جاڻي واڻي پنهنجي جان جوکي ۾ وجهڻ آيا آهيو." اهو ٻڌي شري ڪرشڻ پنهنجو ڏنڊو لاهي چيائين کي ٻڌو ۽ بلرام ڪاوڙجي اُن پيلوان کي چوڻ لڳو ته "او مورک ڪمذات! گهڻو نه ڳالهاءِ نه ته هاٿيءَ سودو تو پورو ڪريانءِ." پيلوان تڏهن غصي ۾ اچي جهٽ ئي هاٿيءَ کي چرڪ ڏيئي بلرام جي پاسي هلايو، تنهن ئي هو مست هاٿي گرجنا ڪندو بلرام ڏي ڊوڙيو. بلرام به پير ڪري اڙو ته لونشو هنيس جو هو هاٿي سونڊ ويڙهي ڪيڪرات ڪندو پوئتي هٽيو. اهو حال ڏسي اُتي ويٺل ٻيا پهلوان ڪنبڻ لڳا ۽ من ۾ چوڻ لڳا ته "ڪير هنن ڇوڪرن کي جيتي سگهندو؟" پيلوان به خيال ڪيو ته جيڪڏهن اڄ هنن ڇوڪرن کي هاٿيءَ هٿان نه ماريان ته ڪنس جيئرو نه ڇڏيندم، اِنلاءِ زور سان هاٿيءَ کي چرڪ ڏيئي شيام ۽ بلرام ڏانهن ڊوڙايو.

لڪرن سان ماري انت آندو.

هاڻي شري ڪرشن ٻلرام کي چوڻ لڳو تہ ”ٻالڪي گهران نڪتي گهڻو وقت ٿيو آهي، انڪري پتاجي اُلڪو ڪندو هوندو، تنهنڪري يڪدم موٽي هلڻ گهرجي. مٿرا واسي ڏاڍي خوشي ۾ ٻڌڻ ۽ پهلوانن جي مرڻ جو ٻڌي، خيال ڪرڻ لڳا تہ هي جو ڪرا سا ڇا رڻ آدمي نہ آهن، پر ڪي ديوتائون ٿا ڏسجن. ورڌاتا جا کيل عجيب آهن جو ڪنس پنهنجو موت پاڻيهي گهرائي ورتو آهي.

نند، شيام ۽ ٻلرام ٽولي گوالن کي ڇڏي ڏسي سمجهيو تہ شري ڪرشن وات تي ڪنهنڪان ڪيڙا ڪسا هوندا، انڪري چوڻ لڳس تہ ”ٻچا! هت ہ ڏنگاين ڪرڻ کانسواءِ رهين نٿو. هي ٻندرابن ڪونہ ڏلو اٿيئي، جتي گوالن جا ڏڏ کير ڪسيندو واهين. هت تنهنجون اهي اڙڏايون ۽ زبردستيون هلي نہ سگهنديون؟“ اهو ٻڌي شيام سندر ورائي ڏني تہ ”پتاجي! اسان شهر تمام چڱو آنند ڏٺو. اوهين ڪوبہ فڪر ڪونہ ڪريو.“ پوءِ تہ سيئي ويهي پوڄن ڪرڻ لڳا. پوڄن بعد هرڪو وڃي نندرا ديوتي جي گود ۾ ليٽيو. سڀني ڏينهن جي ٿڪاوٽ ڪري شري ڪرشن ۽ ٻلرام کي ڏاڍي ننڊ ڪٺي ويئي ۽ سڀئي پرجا آرام ۾ هئي، پر ويچاري ڪنس کي آرام ڪونہ هو. هو طرحين طرحين سپنا ڏسڻ ۽ جرڪ ماري اُٿڻ لڳو.“

ايتري ڪٿا ٻڌائي شڪديوجي چوڻ لڳو تہ ”هي راجا پريڪشت! جڏهن ڪنس پنهنجي پهلوانن جي مرڻ جو ٻڌو، تڏهن ڏاڍو دلگير ٿي من ۾ چوڻ لڳو تہ ”ڪرڏاڍي زبردست دشمن سان پيو آهي، نٿو ڀانيان تہ ڪو منهنجو سر سلامت رهندو.“ بس! ان اداسيءَ ڪري صبوح جو سوير وزيرن کي حڪم ڏنائين تہ ”جيڪي راجائون ڏنگل ڏسڻ آيا آهن تنکي ڪوٺيو. نند ۽ ٻين برجواسي يادون کي بہ پنهنجي لائق موجب وهاريو ۽ ڪنني وارو اکاڙو تيار ڪرايو.“

اها آگيا پائي منترين رنگ ڀومي جي رچنا ڪئي. پوءِ سڀني کي گهرائي پنهنجي پنهنجي لياقت سارو جاين تي وهاريو. چاڻور، مشٽڪ، شل، توشل ۽ ٻيا بہ ڪيترا پهلوان پنهنجن شاگردن سميت

شري رامچندر جو اوتار وٺي آڏرهي راوڻ جي آنت آنديو ۽
وڀيشڻ کي اُهو راڄ ڏنئو. اِنلاءِ آءٌ اوهانجي اهڙن اوتارن کي
وار وار نمسڪار ڪريان ٿو. اوهانجي ڌيان ڪرڻ سان هي جيءُ
ڀوساگر لنگهي وڃي ٿو. اوهين منشيه کي سنساري مايا ۾ ڦسائي اُنجو
تماشو ائين ڏسو ٿا جئن آرسيءَ ۾ آدمي پنهنجي شڪل ڏسي ٿو.
آها! هن سنساري مايا مان ڇٽڻ، اوهانجي ڪرپا ڪانسواءِ ڏاڍو
ڪٺڻ آهي. اوهانجي پوڄا انيڪ قسمن سان ٿئي ٿي. ڪي
اوهانجي مورت ٺاهي پوڄا ڪنتا، ڪي اوهانجي چرڻن جو ڌيان
ڪنتا، ڪي اوهانجي نالي يگيه ۽ هوم ڪنتا، ڪي جهنگل ۾ وڃي
ايڪانت ۾ اوهانجي تپسيا ۽ ڌيان ڪنتا، ڪي گرهستي ٿي ۾
سڀني سان اوهانجو ڌيان ۽ سمرڻ ڪري ڀوساگر پار لنگهي وڃن
ٿا، ڪي اوهان سان پريت رکي سنسار کي سپني سمان سمجهي،
اوهانجي ئي گڻن جو گان ڪندا وتن. ڀلا! جڏهن وڏا وڏا ڀوڳي،
گياني، تپسوي ۽ خود شيش شاردا ۽ اوهانجا گڻ پورئي طرح ورڻن
ڪري نٿا سگهن، تڏهن مون اگيانيءَ کي ڪهڙي طاقت آهي جو
اوهانجي مهما ورڻن ڪري سگهان. توهانجو ٿالو دين ديال آهي،
تنهنڪري مونکي پنهنجو داس ڄاڻي منهنجي هردي ۾ جو ايمان ۽
اگيان جي ڳنڍ آهي، تنهنکي گيان روپي آگ سان جلايو ۽ اهڙو ڪو
گيان اُپديش ڪريو، جنهنڪري سڀ وقت اوهانجي ئي سيوا پوڄا
۾ لڳو رهان."

هي راجا پريڪشت! جڏهن اڪرور اها شتوتي پوري ڪئي تڏهن
شري ڪرشڻ جمنا جل ۾ انترڌان ٿي ويو ۽ اڪرور پاڻيءَ کان
ٻاهر اچي شيام ۽ ٻلرام کي رٿ تي ويٺو ڏسي ڌڙڪندو ڪنبندو
وٽن آيو. سندن اهڙو حال ڏسي شري ڪرشڻ پڇڻ لڳس ته "هي
چاچا! اوهين ڇو ڌڙڪي رهيا آهيو؟ ۽ سنان ڪرڻ وقت ذري
مٿو پاڻيءَ کان ٻاهر ڪڍيو ۽ اسان ڏانهن نهاري وري ٽٻي ٿي
هنيو ۽ هيتري دير ڪيو سوچيو؟ اوهان جمنا جل ۾ ڪو عجب تماشو
ته ڪونه ڏٺو؟" اڪرور اها ڳالهه ٻڌي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته

صورت ۽ موهني مورت لڪشمي سميت آڀوشڻ (گهڻا) پهري، ڪيسر ۽ چندن جو تلڪ لڳائي، ڳلي ۾ ڪوستڀ مڻي ۽ ويجنتي مالا وجهي، پيتامبر پهري چتر ڀڄ روپ ڌاري، شنک چڪر گدا ۽ پدم هٿن ۾ جهلي شيش ناگ تي ويٺو آهي، جنهنڪري ڏاڍو سندر ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. ۽ وري ڏسي ته برهما، شو، اندر، ورڻ، ڪبير ۽ ٻيا ڪيترا ديوتائون، رشي مني ۽ ڀڳت جن شري ڪرشڻ جي سامهون هٿ جوڙي ستوتي پيا ڪن. اپسرائون ناچ ڪري رهيون آهن ۽ گندرو راڳ ڳائي رهيا آهن. انهيءَ شري ڪرشڻ تي ڪٿون چئور پئي لوڏيا ته ڪٿون واس ڌوپ پئي ڪيو، ته ڪي وري سندس اڳيان وار وار نمي رهيا هوا. جڏهن اڪرور اها سڀ ليلا جل اندر ڏٺي، تڏهن سندس پريم متعجب ٿيو ۽ شري ڪرشڻ کي پرميشور جو اوتار سمجهڻ لڳو ۽ پوءِ پاڻ به ستوتي ڪرڻ لڳو ته "هي ناٿ! اوهين ٽنهي لوڪن جا مالڪ ۽ جڳت ڪارڻ رمت آهيو. ڪنهن ۾ به اهڙي سمرٿي ڪانهي جو اوهانجي ليلا ۽ آد انت جو ڀيد ڄاڻي سگهي. جٿن ندين ۽ نارن جو پاڻي وهي وڃي سمنڊ ۾ ملي ٿو، تٿن سنساري آدمي جيڪا پوڄا ۽ دان وغيره ديوتائن جي نالي ڪندا، سا سڀ اوهانکي ئي پهچي ٿي ۽ مرڻ بعد سڀ جيو اوهانجي روپ ۾ ملي وڃنٿا. جٿن جل جا جيو پنهنجو حال نٿا ڄاڻن، تٿن برهمانند جا جيو مايا جي وس ٿي توهانکي نٿا سڃاڻن. هي پورڻ برهم! نرمل روپ!! توهين سڀني لوڪن جا ڪرتا ڌرتا آهيو، فقط ڀڳتن، براهمڻن ۽ هري ڀڳتن کي سک ڏيڻ ۽ اڌرمين کي ناس ڪرڻ لاءِ اوتار ڌارڻ ڪريو ٿا. هي جوتي سروپ! اوهان متسيه روپ ڌاري ويدن کي پاتال مان ڪڍيو، هيگريو اوتار وٺي مڌ ڪيٽڀ دئيت کي ماريو، سمنڊ ولوڙڻ وقت ڪڇون جو اوتار ڌاري مندراچل پربت کي پٺي تي کنيو، واراه اوتار ڌاري هرڻاڪش دئيت کي ماري پرٿوي پاتال مان ٻاهر ڪڍيو. نرسنگهه روپ ڌاري هرڻ ڪشيپ کي ماري پرهلاد ڀڳت جي رکيا ڪيو، وامن اوتار وٺي ديوتائن جو ڀلو ڪيو، پرسرام اوتار ڌاري ايڪيهه ڀيرا ڪيترين کي ناس ڪيو،

ايترو ٻڌي اڪرور هٿ جوڙي وينتي ڪئي ته ”هي ويڪنٺ ناٿ انترياميءَ پرڀو! ڪنس جي ڪرتوتن جو حال ته اوهانکان ڳجهو ڪونهي، مان ڇا چئي ٻڌايانو. ڪنس، وسديو ۽ اڳرسين کي مارڻ جا اُپاءَ ڪيا آهن، پر هو اجهاءِ اوهانجي ڪرپا سان جيئرا آهن. ڪنس جو جيڏو حال ٻڌو اٿو تيڏو ئي اڳتي آهي. جڏهن ورشڀاسر دئيت اوهانجي هٿان مارجي ويو، تڏهن نارد مني ڪنس کي اوهانجي هٿان سندس مرتيو ٿيڻ جو احوال اچي ٻڌايو ۽ اهو ٻڌائينس ته اوهين حقيقت ڪري وسديو ۽ ديوڪيءَ جا پٽ آهيو. بس! پوءِ ته نارد جي وڃڻ بعد پاپي ڪنس وسديو ۽ ديوڪيءَ کي ڪٺي قيد ڪيو آهي ۽ اوهانجي پراڻن وٺڻ جي پٺاني اوهانکي ڌنش يگيه ۾ گهرائڻ لاءِ مونکي هيڏانهن موڪليو اٿس.“

اها ڳالهه ٻڌي شريڪرشن ٻلرام ڏانهن نهاري کلو ۽ نند کي چوڻ لڳو ته ”پتاجي! اڪرور پاڻون ۾ وڏو مهاتما آهي، ڪنس جي آڳيا موجب ڌنش يگيه جو اتسو ڏسڻ واسطي پاڻکي ڪوٺڻ آيو آهي، جنهنڪري ساڻس ضرور گڏجي وڃڻ گهرجي. اوهانکي به نند موڪلي اٿس، انهيءَ ڳوٺ ۽ گوالن ولي اوڏانهن هلو.“

هي راجا پريڪشت! نند، شريڪرشن جي ڳالهه ڪيترائي دفعا آزمائي هئي، تنهنڪري هينئر ۾ سندس چوڻ مڃي بندراٻن ۾ ڍنڍورو گهمرائي سڀني گوالن کي چوائي موڪليو ته راجا ڪنس ڌنش يگيه جي اتسو ڏسڻ واسطي اسان سڀني کي گهرايو آهي، انهيءَ ڪري صبح جو سڀيئي گوال کير ڏڌ ۽ مکڻ وغيره کڻي مٿرا ڏانهن هلن. گوپين ٻڌو ته شريڪرشن به مٿرا وڃبو، تڏهن ونس واءِ ويلا مچائي ويٺيون ۽ اڪرور کي گهٽ وڌ ڳالهايائون.

ٻئي ڏينهن صبح جو سڀ گوال مکڻ وغيره کڻي نند جي دروازي وٽ آيا، جتي اڪرور، شيام ۽ ٻلرام کي پاڻسان ولي هلڻ جي تياري ڪري رهيو هو. سڀ گوپيون شريڪرشن جي چوطرف بيهي ڏاڍي ڏکر سان چوڻ لڳيون ته ”هي پراڻ پيارا! تون اسانکي ڇو ڇڏي ڏيئي مٿرا ٿو وڃين؟ اسين تو بنان هڪ پل به جيئي نه سگهنديوسين.“ وري اڪرور کي چوڻ لڳيون ته ”هي اڪرور! هي ڪوڙو ظالم تو

شريڪرشڻ جو آڪرور کان مٿرا واسين جو احوال پڇڻ

آڪرڙ، پلنگ تي ليٽيو، تڏهن شريڪرشڻ ۽ بلرام ڪيس مٿ
پيرڙون ڏيڻ لڳا. پوءِ ڪيترا گوپ گوپيون اچي وسديو ۽ ديو
جو ڪشل سماچار پڇڻ لڳا ۽ راجا ڪنس پرجا جي ڪهڙيءَ
پالنا ٿو ڪري، اهو پڻ پڇي چوڻ لڳا ته ”اسين سمجهو
جيستائين آڏر مي ڪنس جيئرو هوندو، تيستائين گئُو، براهمڻ ۽ پرجا
ڪڏهن به اُنجي هٿان سک نه ملندو. جنهن پاپيءَ پنهنجي ڀيڻ جا
پٽ ٻنان آبراڏ ماريا، تنهنکي ٻئي ڪنهن تي رحم ايندو؟“ آڪر
تڏهن ڪين چوڻ لڳو ته ”ڪنس جڏهن کان پيدا ٿيو آهي، تڏهن
ڪان يادون کي دک ملڻ لڳا آهن. سندس هلت جي نوهانسڪي ت
سموري سڌ آهي، پوءِ مان وڌيڪ ڇا چئي ٻڌايانو.“

شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته ”هي راجا پريڪشت! جڏهن نند ۽ ٻيا
گوپ آڪرڙر کان مٿرا جو حال ٻڌي پنهنجي پنهنجي گهر ڏي ويا،
تڏهن شيام سندر ۽ بلرام، جيڪو ويچار وات ۾ اڪرور ڪندو ٿي
آيو، اهڙوئي سندس سنمان ڪري اُن کان پڇيائون ته ”هي چاچا!
توهان ديا ۽ پريت ڪري اسانکي ڏسڻ آيا سو ته تمام چڱو ڪيو،
پر توهين اسانجا وڏا ٿي اسان اولاد جي ڀيرن تي جو ڪري ٻيا ۽
اسانکي پاپ لڳايو؟ اسانکي ته اوهانجي سيوا ڪرڻ گهرجي. ڀلا!
ٻڌايو ته مٿرا واسي ته خوش پرسن آهن نه؟ ۽ اسانجا ماتا پتا
وسديو ۽ ديوڪي ته آنند منگل ۾ آهن؟ راجا ڪنس اسانجو مامو،
جو وڏو پاپي پيدا ٿيو آهي ۽ جو گئُو، براهمڻ ۽ يادون کي دک
ڏيئي ستائي رهيو آهي ۽ وسديو ۽ ديوڪيءَ کي قيد ۾ رکيو اٿس،
اُنڪري اسان کي ڏاڍو ارمان آهي. سچ پڇو ته منهن ويچارن اسان
واسطي ايترو دک ڀوڳيو آهي جو جيڪڏهن هو اسانکي گوڪل ۾
آڻي نه لڪائين ها ته هوند ايترو دک نه پائين ها. وڏي تعجب جي
...الهه ته هيءَ آهي جو ديوڪيءَ جي ڇهن ننڍ... ارڻ ۽ هيتر.
... ۾ اچا ڪنس جو من اڌرم
...ڪري ٻڌايو ته اوهان جو مت
... وقت اوهانکي ڇا چئي ه

ننڍ ننڍو



...رور جو شري ڪرشڻ کي گڏ ڏيڻ لاءِ ورنداون اچڻ (صفحو ٢٥٦)

GITA PRESS, GORAKHPUR

مون ڪم واسطي موڪليو اٿس. اڄ مونکي ڇا سڳن ڏسڻ اچن ٿا، جنهنڪري سمجهان ٿو ته ضرور ڀڳوان ذات جو درشن ملندم. آها! جنهن روپ ڏسڻ واسطي وڏا يوگي ۽ مهاتما هزارن ورهيه اپسيائون ڪندا، تنهنکي آءُ پنهنجن نيترن سان ڏسي پنهنجو جنم سڦلو ڪندس. پنهنجو سر ڀڳوان جي چرڻن تي رکي انهن چرڻن جي رج مٿي تي رکندس. هو جڏهن جو ديتائن پنهنجو ديا جو هٿ مونتي رکي مونکي اٿاريندو، تڏهن مان ڀاڳ ڀريو وڏڀاڳي ٿي ڪهڙي نه سمجهندس. آءٌ هن ديتائن کي ڪنس جو سڄو حال ٻڌائيندس ۽ هو اتم ته سڀ ڄاڻي ٿو. مونکي ضرور من پرساگر ڪان پار لنگهائيندو."

جڏهن اڪرور اهڙا ويچار ڪندو ورندابن جي ويجهو اچي پهتو، تڏهن سج ٻرٽوپڻ کي پهرين پوڻ لڳو ۽ سڀ گوپيون گوال سندس سڄي پريت ڏسي پنهنجي پريم جو هٿ وسارڻ لڳا. ايتري ۾ اهان مرلي منوهر بلرام ۽ گوالن سميت بن مان ڳائيون چاري ڪلندو ورندابن ڏانهن اچي پهتو. اڪرور انهيءَ ڪري شريڪرشن جي ۽ ڪڏهن بلرام جي چرڻن تي سر رکي اهڙيءَ طرح پنهنجي اکين جي لڙڪن سان انهنجا چرڻ ڌوتا، جيئن سنساري جيو مهاتمائن جي اچڻ تي جل سان انهنجا چرڻ ڌوئيندا آهن. پوءِ هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته "مهاراج! آءٌ اڪرور ياد وسي اوهانجو ٻانهون آهيان." شريڪرشن اهو ٻڌي اڪرور کي وڏو سمجهي انهجو مٿو پيرن تان کڻڻ لڳو، پر اڪرور پنهنجي پريم ۾ اهڙو ته مگن ٿي ويو هو جوکيس پنهنجي شرير جي به سڌ نه رهي هئي. تنهنڪري بلرام انجو مٿو پنهنجن هٿن سان مٿي کڻي "چاچا" چئي ڏاڍي آدر پيار سان اندر گهر وٺي ويو، جتي نند ڏاڍي پيار سان کيس گڏيو. شريڪرشن اڪرور کي آسڻ تي ويهاري پنهنجن هٿن سان انجا چرڻ ڌوئڻ لڳو ۽ اڪرور شرمندو ٿي پنهنجا پير هٽائڻ لڳو، پر شيام سندر پيو نه ڇڏي. چوڻ لڳس ته "مهاراج! توهين بتا سان آهيو، تنهنڪري اوهانجي سيوا ڪرڻ اسانتي ورض آهي." پوءِ ڏاڍي پريم سان اڪرور کي ٻوجن ڪرائيون ۽ پان سوپاري ڏيئي پرس ڪيائونس. کائڻ بعد جڏهن

اچي، هٿ جوڙي شريڪرشڻ کي چوڻ لڳو ته "مهاراج! آءٌ ب[...]
ساڻ راند ڪندس." مرلي منوهر هنکي يڪدم سڃاڻي ورتو ۽ [...]
لڳس ته "چڱو! بلاشڪ جيڪا راند چوين سا توسان ڪريان[...]
ڪپٽ روپي گوال (وبوماسر) چوڻ لڳس ته "جئن ٻگهڙ ٻڪريءَ
ٻنيءَ تي کڻي ڀڄي ويندو آهي، تئن هرڪو چوڪرو ٻئي کي کڻي ڀڄي[...]
مرلي منوهر ائين ڪرڻ قبول ڪيو. پوءِ ته هو ڪپٽ روپي گوال ڪيترن
چوڪرن کي کڻي غار ۾ لڪائي آيو ۽ اُنهي دروازي تي پٿر [...]
وڏي ڇپ رکي آيو. هاڻي شريڪرشڻ کي اڪيلو ڏسي للڪار[...]
چوڻ لڳو ته "هي شريڪرشڻ! اڄ توکي سڀني يادون ۽ مرڻ واسي[...]
سميت ماري، راجا ڪنس جي ڇاتيءَ جو بار هلڪو ڪندس." ائين[...]
جٽي پنهنجو روپ بدلائي اصلي صورت ۾ اچي جئن ئي شريڪرشڻ[...]
تي اُلر ڪيائين، تئن ئي ڀڳوان ڪيس ٽنگن کان جهلي لتن ۽ ٺونشن سان
خوب ماري پراڻ ڪڍيا. پوءِ گوالن کي غار مان ڪڍي آيو. انوقت
ديوتائون خوش ٿي شيامسندر تي آڪاش مان گلن جي ورشا ڪرڻ
لڳا. شام جو مرلي منوهر مرلي وڄائيندو گوال ٻالن ساڻ گهر موٽي آيو."

هي راجا پريکشت! ڪيشي ۽ وبوماسر جي مرڻ بعد ڪڪڙي ڏينهن
اڪرور، ڪنس جي آگيا سان بندرابن ڏانهن روانو ٿيو. واٽ تي
ويچار ڪرڻ لڳو ته "افسوس! منهنجو جنم موٽڪان ڪو به چڱو ڪم نه
ٿيو، سبب جو هن آدمي ڪنس جي سنگت ۾ گذاريم. خبر نه آهي
ته ڪهڙو اهڙو چڱو ڪم ڪيو اٿم، جنهنجي ڦل ڪري اُنهن چرڻن جو
وڃي درشن ڪندس، جنهان گنگا جي وهي تنهين لوڪن کي تاري
رهي آهي. آها! جن چرڻن جو ڌيان برهما، ديوتائون ۽ رشي مني
اُٺئي پهر ڪري رهيا آهن، تن جي رج آڄ آءٌ پنهنجي مستڪ تي
رکي، ڀوساگر کان پار لنگهندس. جئن نه ٻالي ستسنگ ڪرڻ ڪري
تري پار پوندو آهي، تئن منهنجو به ڪو ڀاڳ ڀلو ٿيو آهي جو ڪنس
جي آگيا سان آنند ڪند شري برج چند وٽ وڃان ٿو ۽ هڪ اٿم ته
اُنهي موهني مورت ڏسڻ سان ئي منهنجي انيڪ جنمن جا پاپ ناس ٿي
ويندا." راجا ڪنس حقيقت ڪري موٽي ڏاڍي ديا ڪئي جو موٽڪي

دين ديال! سمندر ۾ دوارڪا ٻڏي وسائي ٻانڌون کي لوڪ پرلوڪ
جو سک ڏيندا. هي مڪند مراري! ڪال ٻڌن ۽ وبوماسر دئيتن کي
ماريندا ۽ سورهن هزارڪ سؤ ڪنيا؟ جيڪي هن پنهنجي وانو ڪرڻ
واسطي ڳڏ ڪيون آهن، انهن سان اوهانجو وواهه ٿيندو ۽ رڪمڻي
جي اڳا پوري ڪرڻ لاءِ شسپال ۽ ٻين راجائن کي جيتي انسان
شادي ڪندا. اڄ کان نئي ڏينهن راجا ڪنس کي توهانجي هٿان
مثل ڏسندس ۽ اندر پرٿي کان پارجات وڻ آڻي ستيه ڀاما پنهنجي
استري جي گهر لڳائيندا ۽ راجا نرگ گرگٽ (ساندي) جي جوڻ
کي جدائي مڪتي ڏيندا ۽ جامونت جي ڪنيا آڻي انسان وواهه
ڪندا. هي مها پرڀو! ڪنس جي اڌرمن ڪري سڀئي پادو ۽ گهڻو
پرامڻ ڏاڍو دک پائي رهيا آهن، انلاءِ ڪرپا ڪري پرٿوي جو ٻار
اڏاريو. هي ديا ساگر! مان اوهانکي سمجهائي اوهان جي شرڻ آيو آهيان،
نه ته اوهانجي اپرم پار ليلا کي ڪير ڄاڻي سگهي ٿو؟ موکي اڄا ڪئي
پرسن آهي ته اوهين گهڻو پرامڻ جي رکيا ڪرڻ، هري ڀڳتن
کي سک ڏيڻ، دئيتن ۽ اڌرمين کي مارڻ واسطي واردار اوتار
ولي پرٿوي جو بوجو اڏاريو ٿا."

جڏهن شري ڪرشڻ جي شتوتي ڪري نارد مني شري ڪرشڻ کان
موڪلائي برهم لوڪ ڏانهن هليو ويو، تڏهن بندراٻن پهاڙي گوال ٻال
سان وٽي راند ڪرڻ لڳو. ميڏانهن راجا ڪنس هوش ۾ اچي وبوماسر
کي گهرائي چوڻ لڳو ته "هي مترا مون شيام ۽ بلرام جي مارڻ لاءِ
جيڪي دئيت موڪليا، تن سڀني کي اُن ماري جڏيو ۽ منهنجون سڀ
رٿون هن الٽ پلٽ ڪري وڌيون آهن. واسطي موکي تو ۾ ئي فقط
[illegible]ڏو آسرو آهي، انلاءِ تون بندراٻن ۾ وڃي منهنجو ڪم پورو ڪري
[illegible]ڄ ته مان تنهنجو عمر ڀر احسان مڃيندس." وبوماسر ورندي ڏنيس
"مها راجا! اوهان تان منهنجو سڄو شرير قربان آهي ۽ اوهانجو حڪم
[illegible]ڻ لاءِ هر دم تيار آهيان. جو سيوڪ پنهنجي ڌڻي جو حڪم نٿو مڃي
[illegible]جو هي لوڪ توڙي پرلوڪ ۾ ڪٿي وس ٿا." ائين ڪنس کان موڪلائي
[illegible]ل روپ ٿيي، جتي شري ڪرشڻ گوالن سان وٽي راند ڪئي اتي

چنتا دور ڪندس.“ پوءِ ته ڪيشي دئيت کي للڪاري چوڻ لڳو ته ”هي ڪپٽي راڪشس! جڏهن تون خاص منهنجي مارڻ واسطي آيو آهين، تڏهن پوءِ هنن غريبن کي ڇو ٿو ڏکياري ستائين؟ منهنجي سامهون اچ ته پوءِ تنهنجي طاقت جي ڪل پوي. آءٌ ته سمجهان ٿو ته، جهڙيءَ ريت پتنگ اچي ڏيئي اُبر جلي مرندو آهي، تهڙيءَ ريت تنهنجو به حال ٿيڻو آهي.“ اهو ٻڌي ڪيشي دئيت ڪروڌ ۾ ڀرجي شيام سندر ڏانهن ڊوڙندو آيو ۽ پنهنجا اڳيان پير کڻي جهڙي پاڻيءَ تي نيائين ته مرلي منوهر کي هٿان، تهڙيءَ هن سندس پير جهلي ڦيرائي ڦيرائي ائين کڻي زمين تي اڇلايس، جهڙي گرڙ ناگ کي. هوش ۾ اچڻ کانپوءِ هوگهوڙي روپ راڪشس وات ڦاڙي شيام سندر ڏانهن ڊوڙندو آيو، انهيءَ اراديءَ تي ته ڳيهي وڃانس. اُنهيءَ شري ڪرشڻ پنهنجي ٻانهن لوهه جهڙي سخت ڪري اُنجي وات ۾ وڌي ۽ جهڙي دئيت پانيو ته ڏندن سان چباڙي ڇڏيانس، تهڙيءَ سندس ڏند ڀڄي پيا. پوءِ ته شيام سندر پنهنجا هٿ ايترا وڌايا جو دئيت کي ساهه کڻڻ ڏکيو ٿي پيو ۽ بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيو ۽ مري ويو. دئيت جي مرڻ بعد ديوتائون خوشيون ڪرڻ لڳا ۽ آڪاش مان گل وسائڻ لڳا. پٺ راهن واسي اهو حال ڏسي آنند وچان ڀڳوان کي ڇڏي ويا ۽ چوڻ لڳس ته ”تو هن دشٽ کان اسانجو پراڻ بچايو نه ته بچڻ ڏاڍو ڪٺڻ هو.“

راجا ڪنس ڪيشي جي مارجڻ جو ٻڌي بيهوش ٿي ويو. هيڏانهن دئيت کي ماري شيام سندر ڪڙي وڻ جي هيٺان وڃي ويٺو، جتي نارد اچي سندس ستوتي ڪري چوڻ لڳو ته ”هي ترلوڪي ناٿ! چڱو ٿيو جو اوهان هن زبردست ڪيشي دئيت کي ماريو. آءٌ ڏسان ٿو ته جاڻور، مشتڪ، شل ۽ توشل پهلوان، راجا ڪنس پنهنجي پائرن سميت، دنت وڪر اُنهنجا ماڻت سڀ مرديءَ سمان ڏسڻ ۾ ٿا اچن ۽ اهو به ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته اوهين پنهنجي گروهه سادين جي مثل ٻالڪ کي جم پريءَ مان موٽائي کڻي ايندا. هي ماڌو مڪند! جرا سنڌ، ششپال وغيره آڌرمي راجائن ۽ راڪشسن کي ماري، ارڙهن اڪشوهڻيون جوڌن جون ڀارت جي يڌ ۾ ناس ڪرائيندا. ۽ هي

۽ آيا ته جانور ۽ مُشڪ، جنسان ڌنيار ۽ گوپ ٻراٻري نٿو ڪري
سگهي، سي اُنهن کي ضرور ماريندا. ۽ ڌنو جي اُنهن کان ته ٻچي مون
وٽ اچي پهتا ته آءٌ کين ماري هن ڪامنا پوري ڪندس. پوءِ اُنهن
کي مارڻ بعد وسديو ۽ ديوڪي کي، جي زهر جي ٻاڙ آهن، ماريندس.
تنهن کانپوءِ پنهنجي پيءُ اُگرسين ۽ ٻين ٻاڌون کي ماريندس، جنهن ڪري
سڄي دنيا مان مري پٽن جي ٻاڙ پٽجي ويندي. پوءِ پنهنجي سهڙي
جراسنڌ، ٻاڻاسر ۽ دنت وڪر راجائن سميت خوشيءَ سان راڄ ڪندس."

اِهي اِيمان ڀريل ڳالهيون ٻڌي اڪرور چيس "هي ڪنس مهاراج!
اوهانکي مٺيان نه لڳي ته ڪڙي ڳالهه حوان جا مٺي آهي ته مان
اوهانجو حڪم بجاءِ آڻيندس، پر وچار ڪريو ته راڻ ڪيڏو نه
پرتاپي راجا هو، جنهن مون کي به پنهنجي وس ڪيو هو ۽ اندرو جهڙو
نالي هٿيار ٻاڻوت رکندو هو، جنهنسان وڏن ٻهاڙن کي به ٽڪر ٽڪر
ڪري ڇڏيندو هو سو به موت کان نه بچيو، اُلٽو جيڪو ڄائو آهي
سو هڪ ڏينهن اوس مرندو. ٻڌو ڪين اٿو ته بندي جي من هڪڙي
ته صاحب جي من ٻي. اوهان جيڪي وچار ڪري رکيو آهي، خبر
نه آهي ته ڀڳوان جي اُنهن ڪهڙي مرضي آهي. جنهن نه مرڻ وقت
مشير پنهنجا مٿ ڦير بچا ڙيندو آهي، تنهن اوهانجو حال به ٿو ڏسجي.
مان اوهانجي حڪم موجب ڪرشڻ ۽ ٻارام کي وٺي ايندس، پر ياد
رکو ته اُنهنسان دشمني ڪرڻ ڪري اوهانجو ڀلو ڪونه ٿيندو."

شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته "هي راجا پريڪشت! شيام سندر
ڪيشي ۽ ٻوما سر دئيتن کي ڪٿ ماريو ۽ ناردمني ڪٿي اچي شتوتي
ڪئي سو سڀ توکي ٻڌايان ٿو. جڏهن ڪنس، ڪيشي دئيت کي شيام
۽ ٻلرام لاءِ موڪليو، تڏهن هو هڪڙي تمام وڏي زبردست گهوڙي
جو روپ ڌاري صبح جو سوير نندراءِ ڏانهن هليو، جتي اچي ڏاڍي
خوشيءَ مان پنهنجو پڇ بچائڻ ۽ سُنبن سان زمين اُکوڙڻ لڳو. گهوڙي
کي ڏسندي سڀ گوال ٻال ڊڄي ويا ۽ پنهنجو پراڻ بچائيندو نه ڏسي
شريڪرشڻ وٽ وڃي سمورو احوال ڪين ٻڌايائون. شيام سندر کين
دلاسو ڏيندي چيو ته "اوهين ڊڄو نه، مان هاڻي اُنکي ماري اوهانجي

چنتا دور ڪندس." پوءِ ته ڪيشي دئيت کي للڪاري چوڻ لڳو ته "هي ڪپٽي راڪشس! جڏهن تون خاص منهنجي مارڻ واسطي آيو آهين، تڏهن پوءِ هنن غريبن کي ڇو تو ڏکيو ڪري ستائين؟ منهنجي سامهون اچ ته پوءِ تنهنجي طاقت جي ڪل پوي. آءٌ ته سمجهان ٿو ته، جهڙيءَ ريت پتنگ اچي ٻاٽيءَ اندر جلي مرندو آهي، تهڙيءَ تنهنجو به حال ٿيڻو آهي." اهو ٻڌي ڪيشي دئيت ڪروڌ ۾ ڀرجي شيام سندر ڏانهن ڊوڙندو آيو ۽ پنهنجا اڳيان پير کڻي جهڙيءَ ريت اٿيائين ته مرلي منوهر کي هٽائڻ، تهڙيءَ هن سندس پير جهلي ڦيرائي ڦيرائي اڇلايس، جو هو زمين تي اچي پيو. جهڙو گرڙ ناگ کي. هوش ۾ اچڻ کانپوءِ هو گهوڙي روپ راڪشس وات ڦاڙي شيام سندر ڏانهن ڊوڙندو آيو، انهيءَ ارادي تي ته کيس ڳهي وڃانس. انهيءَ شري ڪرشڻ پنهنجي ٻانهن لوهه جهڙي سخت ڪري انجي وات ۾ وڌي ۽ جهڙيءَ دئيت ٻانهن ته ڏندن سان اٽڪي ڇڏيائينس، تهڙيءَ سندس ڏند ڀڄي پيا. پوءِ ته شيام سندر جا هٿ ايترا وڌايا جو دئيت کي ساهه کڻڻ ڏکيو ٿي پيو ۽

جي جوڪري، جا تو اٺن تي ٻچا ڄڻي پالئين ۽ جا هوءَ تنهنجي هٿن
مان ڇڏائي آڪاش ۾ اڏامي ويئي، سا جوڪري نه هئي ۽
شريڪرشڻ تنهنجي ڀيڻ ديوڪيءَ وٽ قيدخاني ۾ جنم ورتو هو، جنهنکي
وسديو ننڍپڻ جو ٻت سمجهي آڌي رات نند جي گهر پهچائي آيو هو
۽ اُنجي بدلي اُها جوڪري کڻي آيو هو. ٻلرام به وسديو جو پٽ
آهي، اُنکي يوگ مايا ديوڪيءَ جي پيٽ مان ڪڍي روهڻيءَ جي
پيٽ ۾ وڌو هو ۽ وسديو تنهنجي ڊپ کري روهڻيءَ کي نند جي
گهر موڪلي ڏنو هو، جتي ٻلرام پيدا ٿيو هو. هون توکي شروع ۾ ئي
جاڻ ڪري ڇڏيو هو ته ديوڪيءَ جي ٻارن کان هوشيار رهجِ، ها
جڏهن وسديو ۽ ديوڪي اهڙيءَ ستوتي ڪري درشن هائي خوش ٿيا، تڏهن ڀڳوان چيئن ته ''توهين ڪا ۾ جنتا نہ ڪريو. اوهانکي ياد هوندو ته اڳوڻي جنم ۾ اوهان منهنجي تپسيا ڪئي هئي، جنهنتي مون خوش ٿي اوهانکي درشن ڏنو هو. اوهان اُنوقت مون کان ور گهريو هو ته مون جهڙو پٽ اوهان وٽ ٿئي ؛ انهيءَ اڄا پوري ڪرڻ لاءِ اوهان وٽ جنم ورتو اٿم. شايد اوهين پنهنجي اڳوڻي جنم جو حال ڀلجي ويا ٿا ڏسجو. هاڻي جلدي ڪري مون کي گوڪل ۾ پهچائي يشودا جي هنج منجهه سمهاري اچو ۽ جوجو يشودا کي ڇوڪري جوڪري هنوقت پيدا ٿي آهي، اُها آڻي ڪنس جي حوالي ڪريو. يشودا پڻ اڳوڻي جنم ۾ منهنجيءَ ٻال ليلا ڏسڻ جو ور گهريو هو، سو اُنکي ۾ ٻال چريتر ڏيکاري ڪنس کي ماري اچي توهان سان گڏبس.''

ايترو ۾ ديوڪي چوڻ لڳي ته ''هي ڪرپانڌان ا هجو، تڏهن پنهنجو اهو روپ سميٽيو.'' پوءِ ڀڳوان ٻالڪ روپ ٿي روئڻ لڳو ؛ پنهنجي مايا اهڙي ٻکيڙ پاءِ جو وسديو ۽ ديوڪيءَ کي مٿس سانجي گالهه سٻني جيان سماجهڻ ۾ آئي. وسديو پتر جي جمڻ تي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هزارين گئون دان ڪرڻ جو من ۾ سنڪلپ ڪياءِ. شريڪرشڻ کي جاتيءَ ٻان. لائي جنتا ڪرڻ لڳو ته ڪٿي لڪائجس، جنهنتي ديوڪيءَ نند جي گهر يشودا وٽ ڪٿي وڃڻ لاءِ صلاح ڏنيس. پر قيد مان ڪيئن ٻاهر نڪرجي ؟ انهيءَ ويچار ۾ هئاجي ويا ته ايتري ۾ جا ڏس ته سڀني هٿڪڙيون ؛ زنجير لهي ڪري پيا آهن، سڀ دروازا پاڻ کان پاڻهي کلي پيا آهن ؛ چوڪيدار ننڊ ۾ غافل ٿيا پيا آهن. اهڙو وجهه ڏسي وسديو شريڪرشڻ کي ٽوڪريءَ ۾ رکي، مٿي تي کڻي گوڪل ڏانهن روانو ٿيو. اُنوقت ڏاڍي انڌيري رات هئي ۽ مينهن ۾ جهڙي نه آج نه بوان ته ڪڏهن بوان. ڀڳوان تي مينهن جا ڇنڊا نه پون، انلاءِ شيش ناگ مٿاس ڇايا ڪندو هلو ؛ وسديو جلدئي اچي جمنا جي ڪناري تي پهتو. جا ڏسي ته درياءُ شمش

ڪهڙي ناري جو جيڪر سمرڻ ڪن ۽ ڪهڙي ليلا ڳائي ڀؤ ساگر پار لنگهن؟ اوهين جنم مرڻ کان رهت آهيو، رڳو ڀڳتن جي اڌار واسطي اوتار وٺو ٿا. جهڙي اڳي مڇ، ڪڇ ۽ ٻيا اوتار ورتا اٿو، تهڙي هاڻ به ڌرتيءَ جي بار لاهڻ، ڀڳتن کي سک ڏيڻ ۽ ادرمين کي ناس ڪرڻ لاءِ اوتار وٺي پنهنجي ليلا ڪريو." ايتري ستوتي ڪري ديوءَ آڪاش واڻيءَ وانگر وسديو ۽ ديوڪيءَ کي چيائون ته "جنهنجي درشن واسطي اسين تيئي لوڪ گهمون ٿا، سو اوهانجي گهر اوتار وٺي، سڀني دشمن کي ماريندو ۽ ڌرتيءَ تان بار لاهي اوهانکي سک ڏيندو ۽ اوهانجي ڪري اسانکي به درشن ملندو. اوهين ڪنس جو ڪو به ڊپ نه ڪريو، ڇو ته هنجو موت اچي ويجهو پهتو آهي." جڏهن وسديو ۽ ديوڪيءَ ايتري ستوتي ٻڌي، ته ڪنهنکي ڏٺائون به ڪونه، تڏهن پڪ ٿين ته ڀڳوان جلد اچي اسانجو ڏک ٽاريندو.

شڪديو چوڻ لڳو ته "هي راجا پريڪشت! جڏهن وئڪنٺ ناٿ گرڀ ۾ آيو، تڏهن ڏاڍا آنند ٿيڻ لڳا. سڀ وڻ ٽڻ ڦلاهي پيا، نديون ۽ واهه پاڻيءَ سان ڀمڙار ٿي ويا. مورن ۽ پکي خوشيون ڪرڻ لڳا. براهمڻ يگيه ڪرڻ لڳا ۽ سادو ايڪانت ۾ ايشور سمرڻ ڪرڻ لڳا. آڪاش ۾ عجيب نظارو ڇانئجي ويو؛ ديوتا گندرپ ۽ اپسرائون ويمانن ۾ چڙهي واڄا وڄائڻ ۽ ڳائڻ لڳا. مطلب ته هر هنڌ منگل چار ٿي ويو. جنهن وقت اهي سڀ ڳالهيون ٿي رهيون هيون، تنهن وقت ساوڻ مهيني جي اشٽميءَ بڌر ڏينهن، روهڻي نکشتر ۾ اڌ رات جو ڀڳوان شري ڪرشڻ جو اوتار ٿيو. هي راجا! جڏهن ڀڳوان، وسديو ۽ ديوڪيءَ کي ان قسم جو درشن ڏنو، تڏهن انهن ٻنهي گيان جي درشٽيءَ سان شري ڪرشڻ ڀڳوان جو اوتار سمجهي هٿ جوڙي ستوتي ڪئي ته "هي ديون جا ديو! اسين توکي نمسڪار ڪريون ٿا. شيش ناگ ۽ شاردا به جڏهن تنهنجو انت نه پائي هارائجي ويا تڏهن اسان ۾ ڪهڙي سمرٿي آهي جو تنهنجا گڻ ڳائي سگهون. جڏهن جڏهن ڌرم، براهمڻ ۽ مري ڀڳتن تي ڀيڙ پيئي آهي ۽ ڌرتيءَ تي پاپ جو بوجو زياده ٿيو آهي، تڏهن تو اوتار ورتو آهي. اسين ڌڻيا ڀي

۾ بند ڪري راڪشس جو پهرو بهاري ٻاڻ محلات ڏانهن موٽي آيو. اُن ڏينهن ڌب وجون ڪنس سواءِ ڪاڌي پيتي جي سمهي پيو.

ٻئي ڏينهن ڪنس قيدخاني ڏي ويو، جتي ديوڪيءَ ۽ وسديو جو چمڪندڙ چهرو ڏسي، سمجهي ويو ته من گرڀ ماں منهنجو مارڻندڙ ضرور پرگهٽ ٿيندو. اتي خيال آيس ته ديوڪيءَ کي ماري ڇڏجي، پر خيال ڪيائين ته "افسوس! دنيا جي بدنامي ٿيندي. لوڪ چوندا ته راجا ٿي ڪڙي گريٺي اهڙي استريءَ کي ماريائين ۽ اهڙي آڏر ڪري منهنجو پيڻ ۽ عمر ٻئي گهٽندا. ٻيو! حرڪت ڪانهي جيڪو پار ٿيندو تنهنکي ئي ماريندس." اهڙو ويچار ڪري هو محلات ڏانهن موٽيو ۽ پهريدارن کي حڪم ڏنائين ته "جنهنوقت ٻالڪ پيدا ٿئي اُنوقت اچي سڌ ڏجو."

اتري ڪندي به هو هرروز قيدخاني ۾ اچي خبر ڪڍي ويندو هو ۽ وسديو ۽ ديوڪيءَ جي تيهه کي ڏسي اُٿي پهر کائيندي، پيئندي، جاڳندي، سمهندي ۽ ملندي اُن شيام سندر جي يادگيري رهندي هيس ۽ اُنهي روپ جي ڌب ڪان هو رات ڏينهن وياڪل رهندو هو. هيڏانهن وسديو ۽ ديوڪي ڪنس جي دکن ڪري هري حرڻ جو ڌيان ڪندا رهيا.

جڏهن گرڀ جا ڏينهن اچي پورا ٿيا، تڏهن شيام سندر وسديو ۽ ديوڪيءَ کي سپني ۾ اچي چيو ته "اوهين جنتا نه ڪريو مان جلدئي اچي ٿو اوهانجا بند خلاص ڪريان." اهو سپنو ڏسي جاڳي پيا ۽ ڌب لڳي ته ڪنس پاپي هيڏي ٻالڪ کي متان ماري وجهي، سو ورلاپ ڪري روئڻ لڳا. اُنوقت برهما، مهاديو ۽ ٻيا ديوتائون آڪا ٿي اُتي اچي ڀڳوان جي شتوتي ڪري چوڻ لڳا ته "هي پاربرهم پرميشور ستم سروپ! اسين سڀ اوهانجي شرڻ آهيون ۽ اوهين گهٽا روپ ڌاري سپني جيون کي سک ڏيوتا. جيڪو به ڀڳت اوهانجي نالي جو سورڻ ۽ سروپ جو ڌيان ڪري ٿو، تنهنکي ڀوساگر مان پار اُڪرڻ ۾ دير ئي نٿي لڳي. پر جيڪو اوهانجي ڀڳتي نٿو ڪري سو ڏاڍا ڏک [illegible] اوهين جڏهن سگڻ روپ نه ڌاريو ته پوءِ سنساري جيو

ايتري ڪٿا ٻڌي راجا پريڪشت چوڻ لڳو تہ ”هي شڪديو جي
مها راج! نارد مني جهڙو گياني ۽ هري ڀڳت تي بہ ڪنس کي جو ٻن
قسم جي صلاح ڏنائين؟“ شڪديو وراڻي ڏني تہ ”هي راجا! نارد مني
انڪري اِهي پاپ ڪنس جي هٿان ڪرايا تہ هن جا اڳوڻي جنم
جا پاپ ناس ٿي وڃن ۽ شري ڪرشڻ جلد اوتار وٺي، اچي سندس
آنت آڻي. هي پريڪشت! جڏهن اُهو ڪنس ديوتائن، رشين ۽ ٻاهمڻن
کي گهڻن قسمن جا ڏک ڏيڻ لڳو ۽ وسديو جا ڇهہ پٽ پڻ ماريائين،
تڏهن وسديو ۽ ديوڪي هري جي چرڻن جو ڌيان ڪري اها پرارٿنا ڪرڻ
لڳا تہ ”هي پرڀو! ڪنس اسانکي نروس ٿو ڪري، انلاءِ جلدي
اچي سهائتا ڪري اسانکي ڏک کان ڇڏايو؛ ڇو تہ توهانکان سواءِ اسانجو
ٻيو ڪو بہ آجهو آسرو ڪونهي.“ ڀڳوان هاڻي ويچار ڪيو تہ ديوتائون
مٿرا ۽ گوڪل ۾ جنم وٺي چڪا آهن، تڏهن ٻلديو کي ديوڪيءَ جي
گهر ۾ آنداءِ ۽ پنهنجي اِڇا سان يوگ مايا ديوي کي ڪوٺياءِ. جڏهن اها
ديوي ڀڳوان جي اڳيان هٿ جوڙي اچي بيٺي تہ حڪم ڪريو تہ
جا ڪريان؟ تڏهن کيس چوڻ لڳو تہ ”هينئر متراپريءَ ۾، جتي راجا
ڪنس منهنجن ڀڳتن کي ڏک ٿو ڏئي، وڃ ۽ ديوڪيءَ جي گرڀ ۾
ٻلديو جيڪو ستون ٻالڪ ٿيو آهي سو اُتان ڪڍي وڃي روهڻيءَ جي
پيٽ ۾ وجهہ. پر ياد رکج جو اِها ڀيت ڪنهنکي بہ نہ پوي. انهيءَ ڪر
ڪرڻ ڪاڻ ڪلجگ ۾ يوگ مايا يشودا جي گهر ۾ وڃي واسو ڪيو ۽
شري وئڪنٺ ناٿ جڳت جي منگل واسطي ديوڪيءَ جي گرڀ ۾ آيو.

قيد ٿيڻ کان هڪ ڏينهن اڳي ديوڪي جمنا تي سنان ڪرڻ
ويئي هئي، جتي يشودا پڻ آئي هئي. اُتي ٻاهر ڪنس جي ڪاڻن
ڏيڻ جي ڳالهہ ٻولهہ ڪيائون، جنهن تي يشودا چوڻ لڳيس تہ ”مان
پنهنجو پٽ توکي ڏيئي تنهنجو مان پاليندس.“ اهڙو اقرار ڪري
گهر هليون ويئون. جڏهن ديوڪيءَ کي اٺون گرڀ ٿيو، تڏهن ڪنس
قيدخاني تي زبردست راڪشسن جو پهرو مقرر ڪيو ۽ وسديو کي
انين ٻالڪ پهچائڻ لاءِ سخت تاڪيد ڪري ويو. نہ رڳو ايترو پر
ويچاري وسديو ۽ ديوڪيءَ کي هٿ ڪڙيون ۽ زنجير وجهي ڪوٺيءَ

کي جَڏي ڏنو ۽ ٻاڻ موٽي، پنهنجي راڄڌانيءَ ڏانهن هليو آيو. وسديو ديوڪيءَ سميت پنهنجي گهر اچي پهتو.

جڏهن ڪيترن ڏينهن گذرڻ بعد ديوڪيءَ کي پٽ ٿيو، تڏهن وسديو اُهو ٻچڙو آڻي ڪنس جي اڳيان رکيو. ڪنس تڏهن کلي چيس تہ ”وسديو! تون بيشڪ سچار آهين، پٽ جو موهہ ڇڏي موٽ ڪِيس کڻي آيو آهين. خير! مونکي هن مان تہ ڪو ڀؤ ڪونهي، انهيءَ ڪري کڻي وڃيس.“ وسديو خوش ٿي ٻچڙو کي گهر کڻي آيو.

ايشور اِڇا سان ناردمني ڪنس جي درٻار ۾ آيو، جتي ڪنس ڪيس ڏاڍو آدرڀاءُ ڪري وهاريو. نارد تڏهن ڪنس کي چوڻ لڳو تہ ”وسديو کي پٽ جو موٽائي ڏِنءِ؟ خبر ڪانہ اٿيئي تہ سيني ديوتائن گوڪل ۽ مٿرا ۾ اچي جنم ورتو آهي. ديوڪيءَ جي آٺين گرڀ مان شري ڪرشڻ اوتار وٺي تنهنجي انت آڻيندو؟ ڏس! تنهنجا مِت مائٽ سڀ، ياد ۽ ديوتائن جا اوتار ٿي، تنهنجا دشمن ٿي بيٺا آهن.“ پوءِ آڱ ليڪا پرٿويءَ تي ڪڍي ڪنس کي ڏيکاريائين ۽ ڳڻيائين تہ پهچي ٻاسن کان آخر اچي آڱ ٿي ٿيا، تڏهن ٻڌائينس تہ ”خبر نہ آهي تہ ڪهڙو اُنهن لڳڪو توکي ماري.“ پوءِ نارد روانو ٿي ويو.

نارد جي وڃڻ بعد ڪنس وسديو کي گهرايو ۽ ٻچڙو کي پرٿويءَ تي ڦهڪاري ماري وڌو. پوءِ وسديو ۽ ديوڪيءَ کي ڪٺي قيد ڪيائين ۽ پنهنجي پيءُ اُگرسين کي وسديو ۽ ديوڪيءَ جو مددگار سمجهي، مٿانئس پهرو ٻهاريائين. هن راڪشسن کي گهرائي حڪم ڏنو تہ ”ديوتائن، مٿرا ۽ گوڪل ۾ اچي جنم ورتو آهي، انهيءَ ڪري جيڪي يدونسي مٿرا ۽ گوڪل ۾ ڏسو اُنهنکي ماري ڇڏيو.“ اهڙيءَ طرح ديوڪيءَ جا ڇهہ پٽ بہ وسديو انجام بموجب آڻي ڏنا، جي ڪنس بروقت ماري ڇڏيا. هيڏانهن ڪنس جي حڪم موجب راڪشس مٿرا ۾ وڃي يادون کي مارڻ لڳا. راڪشسن ۽ ڪنس جي ڀؤ کان ڪيترا ياد ۽ مٿرا ڇڏي پانچال (بنگال)، ۽ ٻين شهرن ۾ وڃي لڪا. وسديو پنهنجي استري روهڻيءَ کي گوڪل ۾ سندس عزيز نند وٽ موڪليو، جتي هن سندن ڏاڍي سارسنڀال لڌي.“

ڪرڻيندي چوڻ لڳس ته ”جنهن وڻ مان زهري ڦل پيدا ٿئي، تنهن وڻ کي شروع ۾ ئي پاڙ کان پٽي ڦٽو ڪرڻ گهرجي.“

ويچاري وسديو کي ڏاڍو ويچار ٿيو، ۽ سمجهائين ته هن وقت منهنجي ڪاوڙجڻ ڪري ديوڪيءَ جا پراڻ نه بچندا، جو ته چيل آهي ته ”زبردست دشمن غصو ڪري تڏهن پاڻ ماٺ ۾ رهجي. جڏهن تڏو لوهه گرم لوهه کي ويندو آهي، تهڙيءَ طرح صبر ڪندڙ وڃي دشمن کي جيتيندو آهي.“ پوءِ هٿ جوڙي ڪنس کي چوڻ لڳو ته ”هي ڀرتوي ناٿ! دنيا ۾ اوهانجي برابري ڪير ڪري سگهندو؟ اوهين ڀڙا پهلوان ٿي ڪري هڪڙيءَ اهڙا استريءَ جو خون ڪريو سو ڪيترو نه برو آهي؟ شاستر، استري مارڻ کي وڏو پاپ ليکين ٿا ۽ اهڙي پاپ ڪندڙ جون ڪيتريون پيڙهيون نرڪ ۾ وڃن ٿيون. سنسار ۾ جواني ۽ راڄ ڪنهن سان نيبهه نه ٿيو آهي، رڳو جس ۽ اپجس وڃي رهيو. انڪري نيٺ ته مري وڃڻو آهي، سو ائين نه ٿئي جو پوءِ اوهانجو اپجس رهجي وڃي.“

اها ڳالهه ٻڌي ڪنس چيو ته ”هي وسديوا تو پاڻ به ته آڪاش واڻي ٻڌي؛ انڪري اهڙي تجويز ڪرڻ گهرجي؛ جنهنڪري منهنجو مرڻ نه ٿئي. جيڪڏهن هينئر ديوڪيءَ کي نه ماريندس ته منهنجي چنتا لهندي ڪين. آءٌ توکي ٻيءَ جوڪريءَ سان پرڻائيندس، جنهنڪري بي فڪر ته رهندس.“

وسديو خيال ڪيو ته هي پاپي پنهنجي هٺ کان هيٺ نه لهندو؛ تنهنڪري اهڙي تجويز ڪجي جو هنکي به سنتوش اچي ۽ ديوڪي به نه مري. هن ڪجي جو جيڪو ڇوڪرو ڄمي سو آڻي ڪيس ڏجي. ان وچ خبر نه آهي ڪير مري ڪير جئي. جي ڪنس مري ويو ته به پيڙا لٿي ۽ جي ديوڪي مري ويئي ته به لهيو. اهڙو خيال ڪري ڪنس کي چيائين ته ”مهاراج! آءٌ اوهان سان انجام ٿو ڪريان ته ديوڪيءَ کي جيڪو اولاد ٿيندو سو اوهان وٽ يڪدم پهچائيندس. اوهانکي ديوڪيءَ کان ته خوف ڪونهي، انڪري هن ويچاريءَ کي ڇڏي ڏيو.“ اهڙو انجام ولي ڪنس وسديو ۽ ديوڪي



PUBLISHED BY
GIRDHARI LAL & SONS
ARTISTS & PHOTOCAPHERS
ANARKALI LAHORE

PRINTED AT
M[illegible]TA HALF-TONE PRESS
[illegible] AHORE

ديوڪي کي مارڻ ۽ وسديو جو ساڻس انجام ڪرڻ (صفحه ١٨٥)

ڪرتيندي چوڻ لڳس ته ”جنهن وڻ مان زهري ڦل پيدا ٿئي، تنهن وڻ کي شروع ۾ ئي پاڙ کان پٽي ڦٽو ڪرڻ گهرجي.“

ويچاري وسديو کي ڏاڍو ويچار ٿيو، پر سمجهائين ته هن وقت منهنجي ڪاوڙجڻ ڪري ديوڪيءَ جا پراڻ نه بچندا، جو ته جهل آهي ته ”زبردست دشمن غصو ڪري تڏهن پاڻ مات ٿي رهجي. جهڙي ٿڌو لوهه گرم لوهه کي وڍيندو آهي، تهڙيءَ طرح صبر ڪندڙ وجهه وٺي دشمن کي جيتيندو آهي.“ پوءِ همت جوڙي ڪنس کي چوڻ لڳو ته ”هي پرٿوي ناٿ! دنيا ۾ اوهانجي برابري ڪير ڪري سگهندو؟ اوهين هڙا پهلوان ٿي ڪري هڪڙيءَ اٻلا استريءَ جو خون ڪريو سو ڪيترو نه برو آهي؟ شاستر، استري مارڻ کي وڏو پاپ ليکين ٿا ۽ اهڙي پاپ ڪندڙ جون ڪيتريون پيڙهيون نرڪ ۾ وڃن ٿيون. سنسار ۾ جواني ۽ راڄ ڪنهن سان نيبهه نه ٿيو آهي، رڳو جس ۽ اپجس وڃي رهيو. انڪري نيٺ ته مري وڃڻو آهي، سو ائين نه ٿئي جو پوءِ اوهانجو اپجس رهجي وڃي.“

اها ڳالهه ٻڌي ڪنس چيو ته ”هي وسديوا تو پاڻ به ته آڪاش واڻي ٻڌي، انڪري اهڙي تجويز ڪرڻ گهرجي، جنهنڪري منهنجو مرڻ نه ٿئي. جيڪڏهن هينئر ديوڪيءَ کي نه ماريندس ته منهنجي جنتا لهندي ڪين. آءٌ توکي ٻيءَ ڇوڪريءَ سان پرڻائيندس، جنهنڪري بي فڪر ته رهندس.“

وسديو خيال ڪيو ته هي پاپي پنهنجي هٺ کان هيٺ نه لهندو، تنهنڪري اهڙي تجويز ڪجي جو هنکي پرسنتوش اچي ۽ ديوڪي به نه مري. هن ڪجي جو جيڪو ڇوڪرو ڄمي سو آڻي کيس ڏجي. ان وچ ۾ خبر نه آهي ڪير مري ڪير جئي. جي ڪنس مري ويو ته به پيڙا لٿي ۽ جي ديوڪي مري ويئي ته به ٺهيو. اهڙو خيال ڪري ڪنس کي چياءِ ته ”مهاراج! آءٌ اوهان سان انجام ٿو ڪريان ته ديوڪيءَ کي جيڪو اولاد ٿيندو سو اوهان وٽ يڪدم پهچائيندس. اوهانکي ديوڪيءَ کان ته خوف ڪونهي، انڪري هن ويچاريءَ کي ڇڏي ڏيو.“ اهڙو انجام وٺي ڪنس وسديو ۽ ديوڪيءَ



PUBLISHED BY
GIRDHARI LAL & SONS
ARTISTS & PHOTOGRAPHERS
ANARKALI LAHORE

Printed at

(صفحہ ۱۸۰)

ڀرٿويءَ ۽ ديوتائن جي آهڙي شنوتي ٻڌي آڪاش واڻي ٿي ته "موکي ڀرٿويءَ جو ڏک معلوم آهي، سو مان اوتار وٺي ضرور اوهانجو بار هلڪو ڪندس. موکان اڳوڻي جنم ۾ تپسيا ڪري وسديو ۽ ديوڪيءَ اهو ور گهريو آهي ته مان وٽن جنم وٺان. ساڳيءَ طرح نند ۽ يشودا ۾ تپسيا ڪري آهڙو ور گهريو هو. انهيءَ ڪري آءٌ انهن جي آشا پوري ڪرڻ لاءِ متراءَ ۾ وسديو ۽ ديوڪيءَ جي گهر ۾ جنم وٺندس ۽ گوڪل ۾ وڃي نند ۽ يشودا کي پنهنجون ٻال ليلائون ڏيکاريندس، پوءِ ڪنس ۽ ٻين آدرمي راجائن کي ماري پنهنجي ڀڳتن کي سک ڏيندس. اوهين ديوتائون، برج گوڪل ۽ متراءَ ۾ يدوونسي ۽ گوالن جي گهرن ۾ وڃي جنم وٺو، جنهن اوهين سڀ منهنجون ليلائون ڏسي سگهو ٿيو."

اها آڪاش واڻي ٻڌي سڀيئي خوش ٿي پنهنجي موٽيا ۽ نارائڻ جي آگيا موجب ديوتائون ۽ سندس استريون متراءَ ۽ گوڪل ۾ جنم وٺي پاڻکي يدوونسي ۽ گوال ٻال چوارايو. همدانون جڏهن وڌن جي زمائن برهما جو حڪم وٺي گوپين جو جنم ورتو. هاڻي ديوڪيءَ جي وواهه جي ڳالهه ٻڌ ته اهو ڪيئن ٿيو.

متي جيڪي آيا آهيون ته ديوڪ اُگرسين جو ڀاءُ هو، جنهنکي ڇهه ڏيئر هيون جي جيڪي هن وسديو کي پرڻائي ڏنيون. جڏهن ديوڪي ستين ڌيءَ پيدا ٿيس ۽ شاديءَ جي لائق ٿي، تڏهن ڪنس جي آگيا سان اُها به وسديو کي پرڻائي ڏني.

وهانو ٿيڻ بعد ڪنس ڏاڍي پريم وچان وسديو ۽ ديوڪيءَ جو رٿ هڪليندو هليو. اجان متراءَ کان ٿورو پريرو ويو ته آڪاش واڻي ٿي ته "هي ڪنس! جنهن ديوڪيءَ کي تون هيتريءَ خوشيءَ سان پهچائڻ تو وڃين، اُنجي گرڀ وارو اٺون ٻار توکي ناس ڪندو."

آڪاش واڻي ٻڌي ڪنس ڊپ کان ڏڪڻ لڳو ۽ ديوڪيءَ کي ماري ڇڏڻ جو پڪو ارادو ڪيائين، جو هو سمجهيائين ته "نه ديوڪي هوندي ۽ نه ان جو اٺون ٻار منهنجي مارڻ لاءِ پيدا ٿيندو." اهڙو خيال ڪري ديوڪيءَ کي وارن کان گهلي هيٺ ڪيائين ۽ ترار ڪڍي ڏند

راجا تڏهن ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته "اهڙي آڏي ٻهتڪان اهو نپٽو هوس ته وڏيڪ بهتر هو؛ جو جو ڪيا ته بهتر جي هڻڻ ڪري آڏهي جو جس ۽ ڌرم ٻئي هليا وڃن ٿا.

آئن ورهين جي ڄمار ۾ ڪنس مگڌ ديس ۾ وڃي جراسند سان ڪشتي وڙهيو ۽ جڏهن جراسند ڪنس کي پاڻ کان زبردست سمجهيو تڏهن پنهنجون ٻه ڇوڪريون ڪيس پرڻائي ڏنائين، جي هو ساڻ وٺي متھرا ورتي ۾ آيو. انهيءَ ڪانپوءِ پنهنجي پيءُ اگرسين سان دشمني رکي ڪيس چوڻ لڳو ته "تون رام نام جپڻ ڇڏي شري مهاديو جي جو نام جپ." پر اگرسين اها ڳالهه نه مڃيس، جنهنڪري پيءُ کي گادي تان لاهي پاڻ راڄ ڪرڻ لڳو. راڄ ۾ اهو ڍنڍورو گهمايائين ته "ڪوبه آدمي رام نام نه سمري ۽ نه ڪو يگيه هوم، دان، ڌرم يا تپسيا ۽ جپ وغيره ئي ڪري. جيڪو اهو حڪم نه مڃيندو، تنهنکي سخت سزا ملندي." ڍنڍوري گهمڻ بعد ڪنس جي راڄ مان سڀ چڱا ڪرم بند ٿي ويا ۽ پاڻ براهمڻن ۽ هري ڀڳتن کي ڏکر ڏيئي، دئيتن جي صلاح سان راڄ ڪرڻ لڳو ۽ پرٿوي جي سڀني راجائن کي پنهنجي ٻل سان جيتيائين."

ايتري ڪٿا ٻڌائي شري شڪديو چوڻ لڳو ته "هي راجا! جڏهن ڪنس جي ڏپ ڪري پرٿوي تي سڀني شڀ ڪرم ڪرڻ ڇڏي ڏنا، براهمڻ ۽ مهاتمائون، راڪشسن جي هٿان ڏکر پائڻ لڳا ۽ پرٿوي پاپن جو بوجهو سهي نه سگهي، تڏهن هوءَ ڳئو روپ ڌاري روئندي اندر وٽ ويئي. اندر پرٿوي جو اهڙو حال ٻڌي ٻين ديوتائن کي ساڻ ڪري برهما سان گڏجي، ڪيلاش پروت تي شري مهاديو وٽ دانهن ڪٺي ويو. مهاديو تڏهن سڀني کي پاڻسان وٺي کير ساگر تي، جنهن ۾ وشنو ڀڳوان رهندو هو، اچي شتوتي ڪئي ۽ چوڻ لڳو ته "هي پاربرهم! جنهن اوهان وقت بوقت پاپين کي ناس ڪري، ڳئو براهمڻن ۽ سنت مهاتمائن جي رکيا ڪئي آهي، تنهن ديننڊر ۾ اٿي اڻين ڪريو جو ڪنس ۽ سندس ٻين حمايتي راڪشسن جي پاپ ڪرمن ڪرڻ ڪري، پرٿوي تمام دکي ٿي اوهانجي شرڻ آئي آهي."

منهنجو نالو ڪال نيمي هو ۽ لنڪا جي لڙائيءَ ۾ هنومان مٿان مٿو هوس. ماڻهو توهان ڪابه جنتا نه ڪر." اتترو چئي هو اتان روانو ٿي ويو.

پوتنا ريڪا ٻگهوان جي اهڙي اجا هوندي سمجهي، من ڪي شانتي ڏني. هيڏانهن ساهڙيون پوتنا ريڪا کي ٻگولنديون اتي اچي گڏيون ۽ سندس منهن جو رنگ ۽ سينگار بگڙيل ڏسي، ڪانئس سبب پڇڻ لڳيون. پوتنا ريڪا چوڻ لڳس ته "اوهان کان جدا ٿيڻ تي هڪڙي باندر اچي ستايو، جنهنجي ڊپ کان اجا تاءِ ڪنبي رهي آهيان." پوءِ سڀ سهيليون رٿ ۾ چاڙهي راڄ محل ۾ وٺي آيون.

ڏهن مهنن گذرڻ بعد پوتنا ريڪا کي پٽ ڄڻيو، جنهنجي ڄمڻ سان اونده پکڙجي وئي، ڌرتي ڌڏڪڻ لڳي، هزارين وڻ ڪري پيا، بادل گجگوڙ ڪرڻ لڳا ۽ وڄ چمڪاٽ ڪرڻ لڳي. راجا اگرسين پٽ ڄمڻ ٿيڻ ڪري ڏاڍي خوشي ملائي ۽ خوب دان ڌرم ڪرڻ لڳو. جڏهن جوتشين کان جوڪر جي ڄمڻ ڪندلي ڪڍائي پڇيو ويو، تڏهن سندس نالو ڪنس رکي چوڻ لڳا ته "هي بالڪ ڏاڍو پهلوان ٿيندو، ديوتائن، براهمڻن، سادن ۽ مرد ٻڍن کي ڏاڍي ايذا ڏيندو. جڏهن سندس پاپ ڪري ڌرتي دکي ٿيندي، تڏهن ٻگهوان اوتار وٺي ڪنس پنهنجي هٿن سان ماريندو." اگرسين جوتشين جا اهي وچن ٻڌي اداس ٿي، ايشور اجا تي راضي رهي صبر ڪرڻ لڳو.

ڪنس جڏهن پنجن ڇهن ورهين جو ٿيو، تڏهن ڏاڍي حرڪت بازي ڪرڻ لڳو. مٿرا واسي جوڪرن کي زبردستي جهنگل ۾ وٺي وڃي ماري سندن لوٿون ٿڻائن ۾ لڪائي ايندو هو. ڪڏهن سدان جي ٻوائي جوڪرن کي جمنا جي تي وٺي ويندو هو ۽ ڪن ڏکو ڏيئي پاڻيءَ ۾ ٻوڙي ڇڏيندو هو. ڪنس جي اهڙين ڪرتوتن ڪري سڀ مٿرا واسي ڏکي، پنهنجن جوڪرن کي گهرن ۾ لڪائڻ لڳا ۽ اوهان ڪرڻ لڳا ته هي پاپي اگرسين جي ونش مان ڪڏهن ڪين پيدا ٿيو آهي. ڪڏهانءَ اگرسين ٻڌو ڏرماتما ڪڏهانءَ هي رعيت کي ايذا ڏيندڙ. جڏهن اگرسين رعيت جي دکي ٿيڻ جو حال ٻڌو، تڏهن ڪنس کي گهڻو سمجهايو، پر هو اڃا بي تي پاڻ وڏيڪ ستائڻ لڳو.

تڏهن آڪاش واڻي ٿي ته "ديوڪيءَ جي اٺين گرڀ مان ڪنس
کي مارڻ وارو پيدا ٿيندو." آڪاش واڻي ٻڌي ڪنس ديوڪيءَ
کي ڪٺي قيد ڪيو، جتي ڀڳوان جنم ورتو."

راجا پريڪشت پڇڻ لڳو ته "هي سوامي! ڪنس ڪهڙيءَ طرح پيدا
ٿيو ۽ شري ڪرشڻ متڙا ۾ جنم وٺي گوڪل ويو، اهو احوال ٻڌ
پڌايو م." شري شڪديو جي وراڻي ڏنيس ته "اُهن ڏينهن ۾ راجا
آهڪ يادوءَ متڙا ۾ راڄ ڪندو هو، هنکي ديوڪ ۽ اُگرسين ٻه پٽ
هئا. آهڪ جي مري وڃڻ ڪري سندس وڏو پٽ راجا ٿيو ۽
پون ريکا راڻيءَ سان شادي ڪيائين. پون ريکا تمام سندر ۽ پتورت استري
هئي. هڪڙي ڏينهن پون ريکا ساهيڙين سان گڏ جهنگل جو سئر ڪرڻ
ويئي ۽ گهمندي گهمندي ساهيڙين کان جدا ٿي، هڪڙي خوفناڪ
هنڌ اڪيلي وڃي نڪتي. اوچتو هڪڙو راڪشس گهمندو اچي
نڪتو ۽ پون ريکا جو روپ ڏسي موهت ٿي پيو ۽ اُگرسين جو روپ
بنائي ساڻس ڀوڳ ڪرڻ پانيو." تڏهن پون ريکا راڪشس کي سمجهائڻ
لڳي ته ڏينهن جو ڀوڳ ڪرڻ اڌرم آهي؛ جنهنڪري اسان ۽ ڌرم ٻنهي
جيتي پاپ لڳندو." ۽ پون ۾ انيڪ نصيحتون ڏيئي پارڻ بچائڻ ٿي
پانيو، پر راڪشس سندس هڪ به نه مڃي ۽ زبردستي ڪري خواهش
پوري ڪئي. اهڙي اڌرم ڪري سندس روپ وري به راڪشس
جهڙو ٿي ويو، جنهنڪي ڏسي پتورت پون ريکا کي ڏاڍو غصو لڳو ۽
ڏڪار ڏيئي چوڻ لڳيس ته "اڙي او آڌرمي نيچ چنڊال! تو جو
مي چل ڪري منهنجو ست بگاڙيو، سو اهڙي ڪپاتر پٽ پيدا ڪرڻ
کان تنهنجي ماتا سنڌ چونه ٿي ويني. جي آدمي منشيه جنم پائي
ڪنهنجو ست بگيڙين ٿا، تنکي انيڪ جنمن تائين نرڪ ڀوڳڻو پوندو."

راڪشس چوڻ لڳس ته "هي پون ريکا! تون مونکي سراپ نه ڏي.
توکي سنڌ سمجهي مون توسان اهو ڪرم ڪيو ۽ توکي منهنجي
ڌرم جو ڦل ڏنم؛ جنهنڪري توکي هڪڙو وڏو پرتاپي پٽ ٿيندو،
جو پرٿويءَ جي سيني راجائن کي جيتي چڪرورتي راڄ ڪندو ۽
ڀڳوان شري ڪرشڻ اوتار وٺي اُن سان وڙهندو. اڳوڻي جنم ۾

اسڪندر ڏهون

اسڪندر ڏهون راجا ڀرڪشت ڀڌ
۱ جڏهن شرندر ڀاڳوت جا ۱۹ اسڪندر ڀڌ جن ڏهون راجا ڀرڪشت ڀڌا آئي، تڏهن شري
ڪرشن ڀڳوان ٽپڙ ڪري مڪتي جي وات ڏسڻ ۾ آئي، تڏهن شري [illegible] مهاراجا تو هان
[illegible] ڪيس گيان ٽپڙ ڪري جوڙ ڪري لکيو هو ”مها راجا! [illegible] اهو سمجهيم ته جن جن
[illegible] وڪي اوار ڪري، لکي پيدا ٿيون، ان مان اهو [illegible] ۽ سي ويندي
[illegible] ڪيا اوٿن وڏيون ڀلا ٿيون، سي گذاريو [illegible] وقت [illegible] گهڻيون
[illegible] ۽ ڏيان ۾ [illegible] شري ڪرشن اوتار ولي [illegible] ڪي ڪو
[illegible] وليس جي ڪيا [illegible] شري ڪرشن لاءِ ۽ هري ڀڳتن ڪي ڪو
[illegible] آدمين جي ڀڳت ڀڳڻ لاءِ ۽ هري ڀڳتن ڪي [illegible] ڀڳوان
[illegible] سيساري، سي ڀلاڻ ڳوران ٿو. اوهان، جو پيدا ٿيو ته ڀڳوان
ليلائون سيساري [illegible] ڏيو ڪي جي گرڀ مان ڪنهن
ڏيڻ لاءِ ڪيئن هيون، سي ڀلاڻ ڏيو ڪي جي گرڀ مان [illegible] توهان اهو ۾
[illegible] ڪان رحمت آهي، ۽ تڏهن منهنجو مٿا [illegible] ۽ تڏهن ۽ روهڻي
[illegible] ورلو؟ ڪرپا ڪري اهو [illegible] ڪيو هو، تڏهن ۽ روهڻي
[illegible] ڏيو ڪي جي گرڀ ۾ واسو ڪيو هو، تڏهن اوهين مونکي
[illegible] ته [illegible] ڏيو ڪي جي ڪوليس؟ آها! جڏهن جڏهن اوهين مونکي
ڪي [illegible] ڪرپا ڪري، ٽڻ ٽڻ منهنجي پاس وحي وڏندي.
لمون ڏيکاريون اڏ ايو ٿا، ٽڻ ٽڻ منهنجي پانو ته پاندون
[illegible] وقت [illegible] ڏرو ڏا [illegible] جي ڀت ڪا وڙجي پانو ته پاندون
[illegible] ڪا وڙجي ۽ منهنجي پراڻ ولڻ لاءِ منهنجي [illegible]
[illegible] نشان ۾ [illegible] ۽ منهنجي شيام سندر منهنجي
[illegible] ۽ [illegible] اڏايو هو، انوقت انهي شيام سندر منهنجي
[illegible] اڏايو هو، انوقت انهي لوڪن ڪي پيدا ڪندڙ
[illegible] شري ڪرشن انهي لوڪن ڪي پيدا ڪندڙ
[illegible] شري ڪرشن [illegible] سهائڪ آهي، انهي
[illegible] جي ڪل [illegible]
[illegible] هر ڀتر پڌ ايو“
[illegible] ڏنيس ته ”مي راجا! تون ڏڍا ڳي
[illegible] ڏراجي [illegible] اينري آڪڻدا آڻي
[illegible] ڀلڻ جي اينري [illegible]
[illegible] مسرون [illegible] ڏالي [illegible]
[illegible] ۾ ڏو ونس ۾ [illegible] آن [illegible]
[illegible] پتر پيدا ٿيو. [illegible]
[illegible] ڪي سترهن راڻيون [illegible]
[illegible] ڪنس جي سوٽ [illegible]

موجب اسانجو جنم سنسار ۾ ٿئي، پر اِها ڪرپا ڪريو ته ديوتائن جي ويريه مان اسانکي منشيه جنم ملي.“ شري شوجي مهاراج چيئن ته ”جڳو! ائين ئي ٿيندو.“ پوءِ جنهن استريءَ سان اندر مٿي ڀاڙتي ويو هو، تنهنکي شنڪرڳوان چوڻ لڳو ته ”تون پڻ منشيه شريره پيدا ٿي، اُنهن پنجن ئي جي استري ٿيندين.“ هي دروپد! انهيءَ جوڪري دروپديءَ تو وٽ جنم ورتو آهي ۽ اُنهن پنجن اندرن راجا پانڊو جي گهر جنم ورتو آهي، تنهنڪري تون ان ڳالهه جي ڪا به چنتا نه ڪر. اها ڳالهه ٻڌي دروپد راجا کي شانتي آئي.

نوٽ. ڪٿي ائين به لکيل آهي ته ان دروپديءَ شنڪر مهاراج جو سمرڻ ڪيو هو، تڏهن شوجيءَ پرسن ٿي پڇيس ته ڇا گهرجيئي؟ هن پنج دفعا پنهنجي واتان ”پتي، پتي، پتي، پتي، پتي“ چيو، جنهنڪري شوجيءَ کيس اهو ورڏنو. انهيءَ تي دروپديءَ شنڪر کي چوڻ لڳي ته ”مهاراج! هي ڪهڙو ٿو غضب ڪرين. مون ڪو پنجن پتين واسطي تنهنجي تپسيا ڪا نه ڪئي هئي.“ شوجيءَ تڏهن وراڻي ڏنيس ته ”آءٌ ڇا ڪريان! تو پاڻ پنهنجي واتان پنج پتي گهري ورتا. خير! هاڻي چنتا نه ڪر، تنهنجا اهي پنج پتي پاڻ ۾ سلوڪ سان رهندا ۽ تنهنجو ڪو به وار ونگو نه ٿيندو.“

تن لوڪن جو ڌڻي پوتن ۾، ويا پڪ آهي تنهنجي مايا،
آتي سندر سروپ تنهنجو، آتي سندر جنهن جايا،
دشٽن مردن سڀ جو پالڪ، جنهنجو نيم آهي آٽل،
پريو نواس ڀڳتن جو نرمل، منش اندر آهي استل،
پيڙا ڪليش ڏسي ڀڳتن جو، اوتر جلدي ڌاريو تا،
موهن هي مرليڌر ماڌو، جوڻ اسان دکر تاريو تا،
جلد پڌاريو هي گڻو پالڪ، دشٽن ناس ڪندڙ سوامي!
هي برج راج هي نند لال، جلدي اچو آنترجامي!
تنهنجي مهر بنان پد مڪتي، ملڻ آهي بلڪل ڪٺن،
آچو جلد آچو هي سوامي، ڪاٽيو اچي پارت ٻنڌن،
هن دکي جيون کي ڪرشڻا، سڦلو سکدائي بنائي،
پنهنجو سڀاجهي داس هوڏوهه کي، دويه درشن نتيه ڪرائي.

جڏهن ارجن دروپديءَ کي سويمبر ۾ جيتي وٺي آيو ۽ هوءَ سڀني پانڊون ۽ دروپديءَ سان پنهنجي شادي تي اچي پنهنجي ماتا ڪنتي کي چيو ته اسان هڪڙي شيءِ آندي آهي، تڏهن ڪنتي وراڻي ڏني ته وچي ورهائي کڻو. انهيءَ ڪري ماتا جي آگيا موجب پنجن ئي ڀائرن دروپديءَ سان سهواس ڪيو. راجا دروپد کي اها ڳالهه نه وڻي، سو ويد وياس کان صلاح پڇيائين. ويد وياس دروپديءَ جي پورو جنم بابت ٻڌايس ته هڪڙي دفعي ديوتائن جا ڏلو جو هڪڙو سندر ڪمل جو گل گنگا جي ۾ لڙهندو پئي ويو. اندر کي خيال ٿيو ته پتو ڪجي ته اهو گل ڪٿان آيو؟ جڏهن اندر اُن ٿان تي، وچي پهتو ته جا ڏسي جو هڪڙي تمام سندر استري روئي رهي آهي ۽ هن جا لڙڪ گنگا جي ۾ پوڻ ڪري ڪمل جا گل ٿي لڙهي رهيا آهن. اهو حال ڏسي عجب ۾ پئجي اندر اُن استريءَ کان پڇيو ته ”تون ڪير آهين ۽ جو روئي رهي آهين؟“ استري تڏهن اندر کي مٿي پروت تي وٺي ويئي، جتي شنڪر ۽ پاروتي وهار ڪري رهيا هوا. اندر کي ڏسي هنن سندس ڪوهه آدرياءُ نه ڪيو، جنهنڪري اندر کي ايمان ٿيو ته هي ڪير، جي مون سڀني ديوتائن جي راجا کي نٿا ليکين. اندر جو اهو ايمان ڪرڻ ۽ شنڪر جي مٿس درشٽي پوڻ سان هو سڪي ڪاٺ ٿي پيو. پوءِ شوجي مهاراج کانئس انجام ورتو ته جي وري ايمان نه ڪرين ته تنهنجو پراڻ بچي. اندر لاچار اهو انجام ڪيو. شوجي مهاراج تڏهن کيس هڪڙيءَ غار ۾ وٺي ويو، جتي جا ڏسي ته اها چار اندر سندس شڪل جهڙا ويٺا آهن. اندر انهن کي ڏسي ڏهي ويو، جنهن تي شوجي مهاراج چيس ته ”پائيا هنن ۾ تو وانگر ايمان ڪيو هو، جنهنڪري هن غار ۾ بند آهن. هاڻي منهنجي مرضي آهي ته اوهين پنجئي سنسار ۾ وڃي جنم وٺو.“

شوجيءَ جو اهڙو سراپ ٻڌي هو پنجئي شوجيءَ جي چرڻن تي ڪري ورلاپ ڪرڻ لڳا. مهاديو ڀولاناٿ تڏهن کين دلاسو ڏنو ته اوهين ڊڄو نه. اوهين سنسار ۾ جنم وٺي چڱا ڪرم ڪندا ۽ ڏاڍا پهلوان ٿيندا. انهيءَ تي هن پرارٿنا ڪئي ته ”هي پريو! اوهانجي آگيا

اُنهن کي گرڀ ٿيندو ۽ ڪين هڪڙو ٻچو پيدا ٿيندو.“

انبڪا پنهنجي سس جي آگيا سان ويدوياس وٽ نگن ٿي آئي، پر اچي وجون اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ انهيءَ ڪري ڌرتراشٽر نالي کيس انڌو پٽ ڄائو. انبالڪا شرم ڪري سائي ٿي ويئي ۽ ويدوياس وٽ وڃڻ ڪري کيس گرڀ ته ٿيو، پر منجهانئس پانڊو نالي روڳي ٻچو پيدا ٿيو. ٻئي ڀيري وري پنهنجي داسي کي ويدوياس وٽ نگن ٿي وڃڻ لاءِ جو چا ڪيائون ته ڀِ ڊاڄ يا شرم جي اُتي لنگهي ويئي ۽ کيس وِدُر نالي پرم ڀڳت ٻچو پيدا ٿيو.

ڌرتراشٽر کي ڏڄوڌن ۽ ٻيا سؤ پٽ گانڌاريءَ نالي استريءَ مان پيدا ٿيا ۽ پانڊو راجا کي يڌشٽر، ارجن، ڀيمسين، نڪل ۽ سهديو.

اهي پنجئي پانڊو دروپديءَ سان پرڻيا ۽ پنجني کي دروپديءَ مان هڪڙو ٻچو پيدا ٿيو، جي سڀني کي مهاڀارت جي لڙائيءَ ۾ اشوٿاما هڪڙيءَ رات سمهيل ڏسي ماري ڇڏيو. يڌشٽر جي پوروي نالي ديويڪا استريءَ مان ديوڪ، ڀيم سين کي هڊمبا راڪشسڻ مان گهٽوتڪچ ۽ سهديو کي رجيا مان سهوتر، ۽ نڪل کي ويڻومتيءَ مان نرمتر، ارجن کي سُڀدرا مان اڀمنيو تنهنجو پتا، اُلوپي مان ايراوان ۽ ايراوان اهي ٻه پٽ پيدا ٿيا. ان ايراوان ارجن سان ڏاڍي يڌ ڪئي هئي، جا مهاڀارت جي اشوميڌ پرو ۾ لکيل آهي. جڏهن اشوٿاما توکي مارڻ واسطي برهماستر هلايو هو، تڏهن دوارڪا نات شري ڪرشن، اُترا تنهنجي ماتا جي پيٽ ۾ تنهنجي رکيا ڪئي. هي راجا پريڪشت! جنميجي تنهنجو وڏو پٽ مها پرتاپي ۽ چڪرورتي راجا پيدا ٿيو آهي. هو تنهنجي بدلي وٺڻ لاءِ اهڙو يگيه ڪندو، جنهن ۾ ساري پرٿويءَ جا ناگ ساڙائي ماريندو ۽ شڀ ڪرم ڪرڻ ڪري سنسار ۾ هن جو وڏو جس ٿيندو. ويدوياس منهنجي پتا منهنجي شش کي چارئي ويد ۽ سڀ پراڻ پڙهايا هوا، پر هي شري مد ڀاڳوت، جو سڀني ويدن جو سار آهي، مون کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي ڪونه پڙهايا ۽ ۽ اها امرت روپي ڪٿا آءٌ توکي ٻڌائي رهيو آهيان.

هي راجا پريڪشت! پراتي راجا جي ونس ۾ پيدو نالي ديوانيءَ

مان پيدا ٿيو. راجا يدوءَ جي ونش ۾ اُگرسين ۽ ديوڪ ٻه پٽ پيدا
ٿيا. اُگرسين کي ڪنس نالي پٽ پيدا ٿيو ۽ ديوڪ کي چار پٽ ۽
ديوڪي وغيره ست ڌيئون پيدا ٿيون، جي وسديو سان پرڻيون هيون.

پانچال ديش جي راجا ڪنتي ڀوج جي راجا شورسين سان ڏاڍي
پريت هوندي هئي. اُن ڪنتي ڀوج کي ڪنتي نالي هڪ ڪنيا
هئي جا پانڊو راجا کي پرڻائي ڏنائين، جنهن مان يڌشٽر ۽ ٻيا پانڊو
پيدا ٿيا. هڪڙي دفعي ڪنتيءَ ننڍپڻ ۾ درواسا رشيءَ جي ڏاڍي
سيوا ڪري کيس پرسن ڪيو هو، جنهن ڪري رشيءَ کيس هڪڙو
اهڙو منتر سيکاريو، جو ديوتائون وٽس هليا اچن. ڪنتيءَ
هڪڙي ڏينهن اُن منتر جي آزمائش لاءِ جهٽ ئي سوريه ديوتا کي
آواهن ڪيو، تٽ ئي سوريه ديوتا وٽس هليو آيو ۽ ڪانئس گهرائڻ
جو سبب پڇڻ لڳو. سوريه جو تيج ڏسي ڪنتي ڏڪي هٿ جوڙي
چوڻ لڳي ته "هي مهاراج! مون ته رڳو منتر جي پريکشا وٺڻ لاءِ
توهانکي گهرايو، انلاءِ ڪرپا ڪري واپس موٽي وڃو." سوريه وراڻي
ڏني ته "هي ڪنتي! منهنجو اچڻ اجايو نه ٿيندو، منهنجي اچڻ
ڪري توکي هڪڙو پٽ پيدا ٿيندو."

اِها ڳالهه ٻڌي ڪنتي ويچاري ڊڄي ويئي ۽ وينتي ڪري
چوڻ لڳيس ته "مهاراج! آءٌ اڃان ڪنواري آهيان، سو پٽ ٿيڻ
ڪري لوڪ ۾ منهنجي نندا ٿيندي." سوريه وراڻي ڏنيس ته "هي
ڪنتي! تون ڊپ نه ڪر. پٽ ڄمڻ بعد تون وري به اڳي ڪنواري
جا ڪنواري ڏسڻ ۾ ايندينءَ." ائين چئي سوريه اُتان هليو ويو.

ايشور جي اِڇا سان ڪنتيءَ کي هڪڙو مها سندر تيجسوي پٽ
ڪنڊلن ۽ ڪوچ (زرهه) پهريل پيدا ٿيو، جنهنکي ڪنتيءَ پيٽيءَ ۾
بند ڪري، گنگا ۾ لوڙهي ڇڏيو. اهو ڇوڪر **ڪرڻ** نالي مشهور آهي،
جو مهاڀارت ۾ دريوڌن جي طرفان وڙهيو ٿي ۽ جنهنکي ارجن
تنهنجي ڏاڍي ماريو هو. ديوڪيءَ جي پيٽ مان شري ڪرشڻ ۽
سيدرا نالي ڇوڪريءَ جنم ورتو. باقي دروپديءَ جي وهانءَ جو
مختصر احوال تو هڏايانءِ جو ڏيان ڏيڻ هيٺ:-

اُنهن کي گرڀ ٿيندو ۽ ڪين هڪڙو پٽ پيدا ٿيندو."

انبڪا پنهنجي سس جي آگيا سان ويدوياس وٽ ننگن ٿي آئي، پر لڄ وچون اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ تنهنڪري ڌرتراشٽر نالي ڪيس انڌو پٽ ڄائو. انبالڪا شرم ڪري سائي ٿي ويئي ۽ ويدوياس وٽ وڃڻ ڪري ڪين گرڀ ته ٿيو، پر منجهانئس پانڊو نالي روڳي پٽ پيدا ٿيو. پوءِ هڪ وقت پنهنجي ڏاسي کي ويدوياس وٽ ننگن ٿي وڃڻ لاءِ جيو جا ڪنڊن ۾ ڏپ ڏاءِ يا شرم جي اُتي لنگهي ويئي ۽ ڪيس وڊر نالي پرم پڳٽ پٽ پيدا ٿيو.

ڌرتراشٽر کي ڌريوڌن ۽ ٻيا سؤ پٽ گانڌاريءَ نالي استريءَ مان پيدا ٿيا ۽ پانڊو راجا کي يڌشٽر، ارجن، ڀيمسين، نڪل ۽ سهديو.

اهي پنجئي ڀائر دروپديءَ سان پرڻيا ۽ پنجني کي دروپديءَ مان هڪڙو هڪڙو پٽ پيدا ٿيو، جن سڀني کي مهاڀارت جي لڙائيءَ ۾ اشوٿاما هڪڙيءَ رات سمهيل ڏسي ماري ڇڏيو. يڌشٽر جي پورو نالي ٻيءَ استريءَ مان ديوڪ، ڀيمسين کي هڊما راڪشڻ مان گهٽوتڪچ ۽ سهديو کي رڃيا مان سهوتر ۽ نڪل کي ويڻومتيءَ مان نرمتر، ارجن کي سڀدرا مان اڀمنيو نالي پٽ، اُلوپي مان ايراوان ۽ ايراوان اهي ٻه پٽ پيدا ٿيا. ان ايراوان ارجن سان ڏاڍي يڌ ڪئي هئي، جا مهاڀارت جي اشومين پرو ۾ لکيل آهي. جڏهن اشوٿاما توکي مارڻ واسطي برهماستر هلايو هو، تڏهن وڪرمت رات شري ڪرشن، اُترا تنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ تنهنجي رکيا ڪئي. هي راجا پرڪشت! جنمڻ تنهنجو وڏو پٽ مهاڀارتا ۽ ڪورورتي راجا پيدا ٿيو آهي. هو تنهنجي بدلي وٺڻ لاءِ اهڙو يگيه ڪندو، جڏهن ۾ ساري ڀرتيءَ جا ناگ ساڙائي ماريندو ۽ شپ ڪرمن ڪرڻ ڪري سڀ ۾ سچو وڏو جس لهندو. ويدوياس منهنجي پتا پرڪشت شڪن کي چارئي ويد ۽ سڀ پراڻ پڙهايا هوا، پر هي شري مدڀاڳوت، جو سڀني ويدن جو سار آهي، مونکان سواءِ ٻئي ڪنهن کي ڪونه پڙهايو ۽ اها اموڪ روني ڪٿا آ؟ توکي ٻڌائي رهيو آهيان.

هي راجا پرڪشت! سڀني راجا جي ونش ۾ پيدا نالي ديوياني ۽

راڻيءَ کي آڻي ڏنو، پر راڻين جي ڀاڳ پرپت هئڻ سبب اُهو آڏو آڏو ڪري ڪاڍائون. ٻنهي استرين کي گرڀ ٿيو، پر جڏهن ڏينهن پورا ٿيا، تڏهن آڌ آڌ ڇوڪر ڄَميو، اڌ رڳو ۽ ٽڪ ڪٽڪ برابر ڪنهن آڌ مان ڄيرو نڪتي. راجا اهو حال ڏسي اُهي ٻه آڌ ٻالڪن جا جهنگل ۾ ڪٽي ڦٽا ڪرايا ۽ ٻُل ورائي ڪائڻ جو پڙي پنهنجين راڻين تي ڏاڍو اچي ڪاوڙيو.

ڳوان جي ڪرپا سان راجا جتي اُهي ٻه اڌ اُڇلايا هوا، اُتي جرا نالي هڪڙي راڪشسڻ اچي پهتي ۽ اُن پنهنجي مايا سان اُنهن ٻنهي ٽڪرن کي ڳنڍي وڌو ۽ هو ڇوڪر جيئرو ٿي اُٿيو. تڏهن راڪشسڻ کيس راجا وٽ کڻي آئي. راجا اهو ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ اُن جو نالو **جراسند** رکيائين. اهو جراسند ڏاڍو ٻلوان ۽ تيجسوي هو، جنهن کي ڀيمسين شري ڪرشڻ جي ديا سان ٻنهي ٽنگون چيري ماريو.

جرا سند جي ونش ۾ شانتنو نالي راجا پيدا ٿيو، جنهن جي ڪل مان تون آهين ۽ اُن جي ونش ۾ ڪُرو نالي راجا پيدا ٿيو، جنهن جي پرتاپ ڪري ڪرو کيتر مشهور آهي. راجا شانتنو جي پهرين استريءَ گنگا مان ڀيشم پتامه جهڙو ٻلوان ۽ ڌرماتما پتر پيدا ٿيو ۽ ڏنش ودِيا ۾ سندس مٽ ٻيو ڪو ڪونه هو. شانتنو جي ٻي استريءَ ستيه وتيءَ مان چترانگد ۽ وچتروِيريه ٻه پتر پيدا ٿيا. هي راجا پريڪشت! اها ستيه وتي اُها آهي جنهن سان منهنجي ڏاڏي پاراشر منيءَ نديءَ ۾ ٻيڙيءَ تي ڀوڳ ڪيو هو ۽ جنهن مان ويدوياس منهنجو پتا پيدا ٿيو. هڪڙي ڏينهن ستيه وتيءَ جو پتر چترانگد جهنگل ۾ شڪار ڪرڻ ويو، جتي هڪڙي گندرو کيس ماري وڌو. باقي وچتروِيريه کي ٻه ڀينر امبڪا ۽ امبالڪا نالي ڪاشيءَ جي راجا جون ڌيئر پرڻايون. پر افسوس! جو وچتروِيريه به سواءِ ڪنهن سنتان جي مري ويو. تڏهن ستيه وتي پنهنجي ونش وڌائڻ لاءِ ويدوياس منهنجي پتا کي گهرائي چيو ته ”وچتروِيريه جي ٻنهي استرين مان هڪڙو هڪڙو پتر پيدا ڪر.“ ويدوياس، جو پرميشور جو اوتار هو، چيو ته ”هي ماتا! وچتروِيريه جون ٻئي استريون مون وٽ ننگن ٿي اچن ته منهنجي ڏسڻ سان

ٻاڏي ته ملڻ ڪري ڏاڍا لئي ويا هئا، تنهنڪري راجا اُنهن ٻچيل ٻچوڙي کي شوڌ رچولو جلدي ويو هو، ڪاٺ لاءِ ڇيو. جنهن تي راڻيءَ ۽ راجڪمار اُهو ڪاٺ تي ته ابتري ٻه ٽڪرو چنڊال ڪٽيو ولي اهي اُتي سڙيو ۽ ٻار ڪان وڍا ڪاٽ تي راجا جي اڳيان ڪري پيو ۽ روئي چوڻ لڳو ته "منهنجو پراڻ ڇو وڃي، اللهءِ هي جوت جاڳيو ڪاٺو تا اُها اوهانجو لائق نه آهي. اها جوت منهنجو حصو آهي، مونکي ڏيو ته مان پنهنجا پراڻ بچايان." راجا اُن چنڊال کي ٻه پرميشور روپ جاڻي نمسڪار ڪئي، ٻه راڻي ۽ راجڪمار ٻڪ جي ڪري چنڊال کي ليلڙائي چيو ته "اسين ٻڪ جي ڪري ڏاڍا تنگ ٿيا آهيون، اللهءِ اهو اسانکي ڪاٺ ڏي." چنڊال اصلي نه مڃيو ۽ جنهنڪري هو وري ٻه ٻکيائي رهجي ويا.

ڀڳوان پنهنجن ڀڳتن جو هي قسم جو ڏرم ۽ ڏيرج ڏسي، اُن چنڊال مان پنهنجي شيام ورن تي، هٿن ۾ شنک چڪر گدا ۽ پدم ڪٽي ڪين درشن ڏنو. پوءِ راجا، راڻي ۽ راجڪمار کي چيو ته "مان توهانکان بلڪل خوش ٿيو آهيان ۽ جيڪو ور گهرجيو سو وٺو." رنتديو، تڏهن هٿ جوڙي چوڻ لڳس ته "هي ديناناٿ! مونکي اهو ور ڏيو جو منهنجي راڄ ۾ ڪو ڪنگال نه رهي ۽ منهنجو من سدا اوهانجي چرڻن ۾ لڳو رهي." ڀڳوان تڏهن کين مُن گهريو ور ڏيئي اُنهيءَ شريرسان وهان تي وهاري ويڪنٺ روانو ڪيو.

شڪديو جي چوڻ لڳو ته "هي راجا پريڪشت! رنتديو جي ڪل ۾ دروپد نالي هڪڙو مها پرتاپي راجا پيدا ٿيو، جنهنکي دروپديءَ نالي ڪنيا پيدا ٿي، جا پنجن پانڊون جي استري ٿي رهي. انهيءَ دروپد راجا کي درشٽ ديومن ۽ ٻيا ڪيترائي پٽ پيدا ٿيا. اُن درشٽ ديومن مها ڀارت جي لڙائي ۾ درونا چارج جو سر وڍيو هو. اُن ونش ۾ ورڌرت نالي هڪڙو تيجسوي راجا ٿيو، جنهنکي ٻه استريون هيون. هي راجا مها پرش جي ڏاڍي سيوا ڪندو هو، جنهنڪري هڪڙي ڏينهن ڪنهن رشيءَ خوش ٿي کيس هڪ ڦل راڻين کي کاڻ لاءِ ڏنو ته سنتان پيدا ٿئي. راجا اُهو ڦل وڍيءَ

راڻيءَ کي آٽي ڏنو، پر راڻين جي پاڻ پريت هئڻ سبب اهو آٽو اڌ
اڌ ڪري کاڌائون. هنن ٻنهي استرين کي گرڀ ٿيو، پر جڏهن ڏينهن
پورا ٿيا، تڏهن اڌ اڌ ٻوڪر ڄمڻيو، اهڙيءَ طرح جهڙڪ برابر
سنتان پيدا ٿين، تڏهن اڌ اڌ ٻوڪر ڄمڻيو، اهو حال ڏسي اهي ٻه اڌ ٻالڪن
کنهن اڌ مان ڇيريو هوندي. راڄا اهو حال ڏسي اهي ٻه اڌ ٻالڪن جو ٻڌي
جا جهنگل ۾ ڪٽي ڦٽا ڪرايا ۽ قل وراهي کائڻ جو ٻڌي
ڪاوڙيو.

پنهنجين راڻين تي ڏاڍو اڃي کاوڙيو.
پنهنجين راڻين تي ڏاڍو اجي ٻه اڌ اڇلايا هوا، اُتي جرا
ٻگوان جي ڪرپا سان راڄا جتي اهي ٻه اڌ اڇلايا هوا، اُتي جرا
نالي هڪڙي راڪشسڻ اچي پهتي ۽ اُن پنهنجي مايا سان اُنهن
ٽڪرن کي گنڍي وڌو ۽ هو ٻوڪر جيئرو ٿي اُٿيو. تڏهن
ٻنهي ٽڪرن کي گنڍي وڌو ۽ هو ٻوڪر جيئرو ٿي اُٿيو. تڏهن
راڪشسڻ کيس راڄا وٽ کڻي آئي. راڄا اهو ڏسي ڏاڍو پرسن
ٿيو ۽ اُن جو نالو **جراسنڌ** رکيائين. اهو جراسنڌ ڏاڍو ٻلوان ۽ تيجسوي
هو، جنهن کي ڀيمسين شريڪرشڻ جي ديا سان هٿي ٽنگون ڇيري ماريو.

جرا سنڌ جي ونش ۾ شانتنو نالي راڄا پيدا ٿيو، جنهنجي
ڪرو نالي راڄا پيدا ٿيو، جنهنجي
نان تون آهين ۽ اُن جي ونش ۾ ڪرو نالي راڄا پيدا ٿيو، جنهنجي
پرتاپ ڪري ڪرو ڪيتر مشهور آهي. راڄا شانتنوءَ جي ٻئي استريءَ
گنگا مان ڀيشم پتا مهر جهڙو ٻلوان ۽ ڌرماتما پتر پيدا ٿيو ۽ ڏنش ودّيا
۾ سندس مٽ ٻيو ڪو ڪونه هو. شانتنوءَ جي ٻي استريءَ ستيہ وتيءَ
مان چترانگد ۽ وچتر ويريہ ٻه پتر پيدا ٿيا. هي راڄا پريڪشت! اها
ستيہ وتي اُها اٿيئي جنهن سان منهنجي ڏاڏي پاراشر مُنيءَ ٻنڌڻ
۾ ٻيڙيءَ تي يوڳ ڪيو هو ۽ جنهن مان ويدوياس منهنجو پتا پيدا ٿيو.
هڪڙي ڏينهن ستيہ وتيءَ جو پتر چترانگد جهنگل ۾ شڪار ڪرڻ ويو،
جتي هڪڙي گنڌرو کيس ماري وڌو. باقي وچتر ويريہ کي ٻئي
انبڪا ۽ انبالڪا نالي ڪاشيءَ جي راڄا جون ڌيئر پرڻايون. ٻ
افسوس! جو وچتر ويريہ ٻه سواءِ ڪنهن سنتان جي مري ويو. تڏهن
ستيہ وتي پنهنجي ونش وڌڻ لاءِ ويدوياس منهنجي پتا کي گهرائي
چيو ته، ”وچتر ويريہ جي ٻنهي استرين مان هڪڙو هڪڙو پتر پيدا
ڪر.“ ويدوياس، جو پرميشور جو اوتار هو، چيو ته ”هي ماتا! وچتر ويريہ
جون ٻئي استريون مون وٽ ننگي تي اچن ته منهنجي ڏسڻ سان

ڪا ڏي نہ ملڻ ڪري ڏاڍا ٿي ويا هئا، تنهنڪري راجا اُهو ٻچڙو جهڙو ڪ
شودر جو ٻچو جڏي ويو هو، کائڻ لاءِ ڏنو. جڏهن ٿي راڻيءَ ۽ راجڪمار
اُهو کاڌو ٿي تہ اتري هڪڙو چنڊال ڪتو وٺي اچي اُتي بيٺو ۽
بک کان وياڪل ٿي راجا جي اڳيان ٻڪري پيو ۽ روئي چوڻ لڳو
تہ ”منهنجو پراڻ ٿو وڃي، انهيءَ ڪري جوٺ جا اوهين کائو ٿا اُها
اوهانجو لائق نہ آهي. اها جوٺ منهنجو حصو آهي، مونکي ڏيو تہ
مان پنهنجا پراڻ بچايان.“ راجا اُن چنڊال کي بہ پرميشور روپ
ڄاڻي نمسڪار ڪئي، پر راڻيءَ ۽ راجڪمار بک جي ڪري چنڊال
کي ليلائي چيو تہ ”اسين بک جي ڪري ڏاڍا تنگ ٿيا آهيون،
انهيءَ اهو اسانکي کائڻ ڏي.“ چنڊال اصلي نہ مڃيو ۽ جنهنڪري
هو ويچارا بہ بکيا ئي رهجي ويا.

ڀڳوان پنهنجن ڀڳتن جو هن قسم جو دک ۽ ڏيرج ڏسي، اُن چنڊال
مان پنهنجي شيام ورن تي، هٿ ۾ شنک چڪر گدا ۽ پدم ڪٽي کين
درشن ڏنو. پوءِ راجا، راڻيءَ ۽ راجڪمار کي چيو تہ ”مان توهانکان
بلڪل خوش ٿيو آهيان ۽ جيڪو ور گهرو سو وٺو.“ رنتديو، ٽنهي
هٿ جوڙي چوڻ لڳس تہ ”هي دينانات! مونکي اهو ور ڏيو جو
منهنجي راڄ ۾ ڪو بہ ڪنگال نہ رهي ۽ منهنجو من سدا اوهانجي
چرڻن ۾ لڳو رهي.“ ڀڳوان ٽنهي کين من گهريو ور ڏيئي اُنهيءَ
شريرسان وِمان تي چاڙهي وئڪنٺ روانو ڪيو.“

شُڪديو جي چوڻ لڳو تہ ”هي راجا پريڪشت! رنتديو جي ڪُل
۾ دروپد نالي هڪڙو مها پرتاپي راجا پيدا ٿيو، جنهنکي دروپديءَ
نالي ڪنيا پيدا ٿي، جا پنجن پانڊون جي استري ٿي رهي.
اِهي دروپد راجا کي دِرشٽديومن ۽ ٻيا ڪيترائي پٽ پيدا ٿيا.
اُن دِرشٽديومن مهاڀارت جي لڙائيءَ ۾ دروڻاچاريہ جو سر وڍيو
هو. اُن وَنش ۾ ورهدرت نالي هڪڙو تيجسوي راجا ٿيو، جنهنکي
ٻہ استريون هيون. هي راجا مهارشن جي ڏاڍي سيوا ڪندو هو،
جنهنڪري هڪڙي ڏينهن ڪنهن رشيءَ خوش ٿي کين هڪ ڦل
راڻين کي کائڻ لاءِ ڏنو تہ سنتان پيدا ٿئي. راجا اُهو ڦل وڏي

دشينت جي مرڻ بعد ڀرت اهڙو ته پرتاپي ساٻيو، جو هن ڪئين دفعا آشوميڌ يگيه ڪيا ۽ ڏاڍا دان پڻ ڪيا. اندر ڪيترائي دفعا يگيه جو گهوڙو چورائي ويو، مگر ڀرت پنهنجي ٻل ۽ پراڪرم سان ڪانئس گهوڙو کسي آيو. هن ڪيترائي مليڇ ۽ دکدائي راجا ماري پرٿوي تان بوجو دور ڪيو. سندس راڄ ۾ سڀڪنهن موجود ۽ سک شانت هوندو هو. هنکي سندس راڻين مان پٽ نٿي پيدا ٿيا، پر پوءِ ڪن ڏينهن گذرڻ بعد ڪٺو رشي جي ڪرپا سان ڪيس پٽ پيدا ٿيو، جنهنجو نالو ڀارت دواڄ رکيو ويو."

هي راجا پريڪشت! اُن ڀرت جي ڪل ۾ رنتديو نالي هڪڙو مهاتما پيدا ٿيو. راڄ سنگاسڻ تي نه ويٺو، پنهنجي استري ۽ پٽ سميت بن ۾ وڃي ڀڳوان جو ڀڄن ڪرڻ لڳو، جتي ڪاڏو ٻيٺو ۾ هلڏي ڏناءِ. جيڪڏهن ڪو ٻنان گهرئي آڻي ڏيندو هوس ته کائيندو هو نه ته ڦال ڦول تي ئي گذران ڪندو هو. هڪڙي دفعه اهڙو اتفاق ٿيو جو سانده اٺيتاليهه ڏينهن ته ٻنان ڪاڌي جي لنگهيو ويس ۽ اُوڻنجاهين ڏينهن ڪير اناج ڏيئي ويس. راجا اهو تيار ڪرائي تي حصا ڪري جڏهن ئي ٻانيو ته ڀوڄن ڪريان ته ناراين پاڻ هڪ براهمڻ جو روپ ڌاري سندس پريکشا وٺڻ واسطي آئي اچي چيو ته "هي راجا! مان ڏاڍو بکايل آهيان ۽ مونکي ڪجهه کائڻ لاءِ ڏي." اها ڳالهه ٻڌي رنتديو پنهنجو حصو ڏاڍي خوشي سان هنکي کارايو. جڏهن ناراين روپ براهمڻ جي بک نه لٿي، تڏهن راڻي ۽ راجڪمار ۾ پنهنجو حصو هنکي کارايو ۽ پاڻ جهڙن جو تڙن بکيا رهيا. براهمڻ کين آشيرواد ڏيئي انترڌان ٿي ويو. اهڙي طرح کين ٻيا ۾ ڪيترا ڏينهن ٻنان ڪاڌي کائڻ جي گذري ويا.

هڪڙي ڏينهن راجا کي ورڻ ۾ ڪٿان ٿورو اناج مليو ويو ۽ جڏهن ئي تنهي وراهي ڀوڄن ڪرڻ تي ٻانيو، تڏهن هڪڙي شودر کين اچي چيو ته "مونکي ڏاڍي بک لڳي آهي ڪجهه ڀوڄن ڪرايو." راجا اُنکي پنهنجو اتٿي (مهمان) سمجهي سڀ ڀوڄن کارايو ۽ پاڻ تيئي ... ۾ بکيا ئي رهيا. راڻي ۽ راجڪمار، جي گهڻن ڏينهن



راجا رنتي ديو ۽ سندس ڪٽنب جو ڏيا پٽو ڏيکارڻ. (صفحو ١٧٣)

کي به سمجهه، البت پهتر ڇنڊ ۾ ته هري لڄن ڪري، پنهنجو ڪو ڏوهه ڪونه ڪريون." ديوانيءَ اها ڳالهه پسند ڪئي، جنهن ڪري راجا پنهنجي ننڍي پٽ ڀرت کي جواني تولائي ڏني ۽ ڪانئس پنهنجو پيدا ٿيو رتو. پوءِ ڪيس راڄ گديءَ تي ويهاري پاڻ ديوانيءَ سميت ٻدريڪا شرم ڏي هليو ويو، جتي پرمشور جو ڌيان ۽ تپسا ڪري مڪت ٿيو."

شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته "هي راجا! هاڻي ڀرت جي ونس جو حال ٻڌ، جنهن مان ڪيترا پيدا ٿيا آهن. ان ڀرت جي ونس ۾ دُشمنت نالي هڪڙو مها پرتاپي راجا ٿي گذريو آهي. هڪڙي ڏينهن جهنگ ۾ شڪار تي ويو ته ڪڻو رشيءَ جي ڪٽيا ۾ هڪڙي تمام سندر ڇوڪري ڏٺي، جنهن تي موهجي ڪانئس سندس پتا جو نالو پڇڻ لڳو. ڇوڪريءَ پنهنجو نالو شڪنتلا ۽ پنهنجي پيدائش جو حال وشوامتر ۽ مُنيڪا اپسرا جو ٻڌايو. پوءِ دشمنت کي تمام آدر ڀاءُ سان ڪٽيا ۾ وٺي آئي ۽ ڦل ڦول جل وغيره آڻي سندس خاطري ڪرڻ لڳي. شڪنتلا جي ان حالت ڪري دشمنت ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ پوءِ انهيءَ گڏهي گندرپ وواهه ڪيو. هري اچا سان شڪنتلا کي گرڀ ٿيو ۽ دشمنت ڪيس اتي جلدي راڄڌانيءَ ڏانهن موٽي آيو، اهو چئي ته "توکي جڏهن پتر پيدا ٿئي تڏهن مون وٽ هلي اچج."

دشمنت جي وڃڻ تي شڪنتلا سڄي ڳالهه ڪڻو رشيءَ کي ڪري ٻڌائي. ڏهن مهيني شڪنتلا کي هڪڙو مها سندر ۽ ڀاڳوان پتر پيدا ٿيو. ننڍڻ ۾ ئي جو ڪرو اهڙو ته تيجسوي ساماڻو جو شينهن کي ڪنن کان جهلي وٺي اچڻ لڳو. هڪڙي ڏينهن ڪڻو رشيءَ شڪنتلا کي راجا وٽ موڪليو، پر افسوس! جو جنهن مهل شڪنتلا درٻار ۾ راجا وٽ آئي، اُن وقت هن ڪيس نه سڃاتو. جڏهن ئي شڪنتلا نرآدر ٿي پاڻ موٽي ته آڪاش واڻي ٿي "هي راجا! شڪنتلا سچ ٿي چوي ۽ هيءُ ڇوڪر تو منجهان ئي پيدا ٿيو آهي، انهيءَ ڪري انهن ٻنهي کي وٺي وڃي پنهنجي محلات ۾ وهار. ياد رک! ڌرماتما پتر پتا کي نرڪ ۾ وڃڻ کان بچائيندو." اهڙي آڪاش واڻي ٻڌي راجا، شڪنتلا ۽ پتر کي راڄ محل ڏانهن موڪليو ۽ ڇوڪر جو نالو ڀرت رکيو.

ٻنهي ۾ ڪريٺو اُهو اُتر آهي، ۽ جيڪو جوڻ سان ڪري تو اُهو مڌير (وچولو) آهي؛ جيڪو جوڻ سان ۽ نڪو ڪجهي سو ٻتر نه آهي پر ٻتر آهي. ٻروڻ جي اهاڳالهه ٻڌي ڀاڳي ڏاڍو ٻرسن ٿيو؛ ٻنهنجو پڌايو کيس ڏيئي، ڪانئس جواني وٺي ڪيترن ئي ورهين تائين ديوياڻي سان ڀوڳ ڀوڳيندو رهيو، پر تڏهن به سنڌس من ڍائو ڪين.

ٿري شڪديو جي جوڻ لڳو ته ” هي راجا! جڏهن ڀاڳي سنساري سُکن ۾ قاتل رهيو؛ ڀوڳيه ڪرڻ ڪرڻ سان کيس گيان ٻرابت ٿيو ته ”ڏسو! هون پتر جي جواني وٺي ڪيترو سُک ڏٺو، تڏهن ۽ اڄان دل ڍائي ڪين آهي. افسوس! هنئي جو دلو ٻاڻي وڃڻ سان ٻرجو ٻوي، پر هي اِندريون هيترا ورهيه سُک ڀوڳي اڄان ڍاپيون ڪين آهن. آها! هن سنساري جار ۾ ڦاسي مرڻ ڪري منهنجو جنم اُڪيارٿو ٿيندو، اِنلاءِ پرلوڪ سڌارڻ واسطي هينئر هري ٻجن ڪرڻ گهرجي.“ اهڙو ويچار ڪري ديوياڻيءَ کي ٻڪري تماشي جو احوال ٻڌائڻ لڳو جو ٻاڻ جهنگل ۾ ڏٺو هئائين ته ”ٻڪري ٻڪري ٻڪري کوهه ۾ ڪري پيئي، تنهنکي ٻڪري ٻيءَ ٻڪرا جي ٻاهر ڪڍيو. ٻڪريءَ ٻن ٻڪر کي ٻنهنجو سوامي سمجهي، ڪيترن ڏينهن تائين سنساري سُک ڀوڳيو. جڏهن اُنکي ٻه ٻچا ٿيا، تڏهن اُهو ٻڪر ٻيءَ ٻڪريءَ سان ڦاسي پيو، جنهنڪري ٻورين ٻڪري ٻنهنجي بي عزتي سمجهي، ٻاليندڙ ٻراهمڻ جي گهر هلي ويئي. ٻراهمڻ ٻڪر جي نالائقي سمجهي کيس ٻڌو ڪري ڇڏيو، پر ٻڪر گهڻي آزي نيزاري ڪري ٻراهمڻ کان اُها جواني موٽائي ورتي؛ جنهنڪري هو وري ۽ سُکن ۾ اَٽڪي پيو.“

ايتري ڳالهه ٻڌي ديوياڻي جوڻ لڳي ته ”مهاراج! ٻڪر وڏو مورکه هو جو وري اچي ٻڪريءَ سان خراب ٿيو.“ ڀاڳيءَ تڏهن مرڪي چيس ته ” هي ديوياڻي! اُها ساڳي حالت تنهنجي ۽ منهنجي آهي. هي ديوياڻي! جيڪڏهن آدميءَ کي دنيا جي ساري دولت، استريون، پتر مطلب ته سڀ قسم جا سُک ملن، تڏهن به ترشنا اهڙي زبردست آهي جو سنڌس من سنساري سُکن مان ڍاپجيئي نه ٿو. جئن نرٻاڻ ۾ گيهه وجهڻ ڪري لاٽ وڌندي ويندي آهي، تئن من ترشنا

جي زور تي منھنجو جوڙ نہ ٿيو، شرمشٺا سان يوڳہ ڪري سنتان پيدا ڪيو آھي، انلاءِ سراپ ٿو ڏيان تہ تون ٻوڙھو ۽ نرٻل ٿي، استريءَ سان يوڳہ ڪرڻ جو لائق نہ رھندين.“ شڪراچاريہ جي واتان اھي لفظ نڪتائي مس تہ راجا پياتي ٻڍو ٿي پيو، ڏند ڀڄي پيس، وار اڇا ٿي. آيس ۽ اکين جي روشني ٻہ گھٽجي ويس. پنھنجي اھڙي حالت ڏسي راجا پياتي ھٿ جوڙي شڪراچاريہ کي وينتي ڪرڻ لڳو تہ ”ھي ڪرپالو! آءٌ اجان سنساري سکن کان ترپت نہ ٿيو آھيان، انلاءِ پھريون گناہ معاف ڪريو.“ شڪراچاريہ راجا جا اھڙا ڏين وچن ٻڌي ۽ ڏيءَ جي سک ڏانھن نظر ڪري مٿس ديا آڻي جواب ڏنس تہ ”خبردار منھنجو سراپ مٽجي تہ نٿو سگھي، پر جيڪڏھن تنھنجن پٽن مان ڪو ھڪڙو توکي جواني ڏيڻ ٻانئي تہ پوءِ تون وري جوان ٿي سگھين ٿو.“

اھڙي آشيرواد ٻڌي راجا خوش ٿي، ديوياڻي کي راجڌانيءَ ڏانھن ولي ويو. اُنھن ڏينھن ۾ راجا کي شرمشٺا مان پروُنالي ليون پٽر پيدا ٿيو ھو. راجا پنھنجي وڏي پٽ کي گھرائي کانئس جواني گھري، پر ھن خيال ڪيو تہ جيڪڏھن پتا جي منھنجي جواني ولي پنھنجي ماتا سان يوڳہ ڪندو تہ وڏو اڌرم ٿيندو، انلاءِ جواب ڏنائينس تہ ”پتا جي! مون اجان سنساري سک ڪونہ ڏٺو آھي، تنھنڪري ائين ڪرڻ لاءِ لاچار آھيان. وري پڇاڙيءَ ۾ اڇا وار ڏسڻ ۾ اچن، اھو سڀ کان برو آھي؛ جو تہ انھن اڇن وارن سبب ئي نہ استري پيار ڪري، نڪي دشمن ڊڄي ۽ نہ تہ راجائي آدر ڪري.“

وڏي پٽ جو اھڙو رکو جواب ٻڌي راجا ٻين پٽن کان پڇيو، جن بہ ساڳيوئي جواب ڏنس. تڏھن راجا پنھنجي ننڍي پٽ پروءَ کي (جوڪ شرمشٺا مان ڄائو ھوس) چيو. پروءَ ھٿ جوڙي جواب ڏنس تہ ”پتا جي! منھنجو شرير توھان ئي دوارا تہ پيدا ٿيو آھي، تنھن ڪري جواني ڪھڙي وڏي شيءِ آھي؟ منھنجا پراڻ بہ توھان مٿان قربان آھن. جيڪڏھن سؤ جنم اوھانجي سيوا ڪريان تہ بہ اوھان جي قرض کان ڇٽي نٿو سگھان. جڪو پتر ماتا پتا جي سيوا، جوڻ

توکي پنهنجي پيٽ مان ڪڍي مران، تڏهن تون موکي ان وديا سان جيئرو ڪج." شڪراچاريہ پنهنجو پيٽ ڦاڙي ڪچ کي ٻاهر ڪڍيو ۽ پاڻ مري ويو. ڪچ پوءِ سنجيوني وديا سان کيس جيئرو ڪيو.

ڪن ڏينهن گذرڻ بعد جڏهن ڪچ شڪراچاريہ کان موڪلائي گهر وڃڻ لاءِ تياري ڪرڻ لڳو، تڏهن ديوياڻيءَ کيس وواهہ ڪرڻ لاءِ پاڻ آکيو. ڪچ گروءَ جي ڌيءَ پڻ سمان سمجهي انڪار ڪيو، جنهن تي ديوياڻيءَ ڪاوڙجي سراپ ڏنس تہ "تو جيڪا وديا منهنجي پيءُ وٽان سکي آهي، سا وسري ويندئي."

ڪچ ورائي ڏنيس تہ "هي ديوياڻي! تو ڌرم آڌرم جو ڪجهہ بہ ويچار نہ ڪري سراپ ڏنو آهي، تنهنڪري آءٌ بہ تو سراپ ڏيان ٿو تہ تنهنجو وواهہ ڪنهن بہ براهمڻ سان نہ ٿيندو." اهوئي ديوياڻيءَ کي سراپ ملڻ جو ڪارڻ آهي. هاڻي ديوياڻيءَ يياتي راجا سان جو وواهہ ڪيو سو ڪن ڏيٺي ٿو:—

شڪراچاريہ جڏهن موٽي ورشپروا جي ملڪ ۾ اچي رهيو، تڏهن ديوياڻيءَ جي اڇا موجب راجا يياتيءَ کي گهرائي پنهنجي ڌيءَ کيس پرڻائي ڏني ۽ شرمشٺا هزار داسين سميت کيس ڏاج ۾ ڏيئي روانو ڪيو. راجا يياتي راڄڌانيءَ ۾ اچي ديوياڻيءَ سان ڀوڳ ولاس ڪرڻ ۾ مشغول رهيو ۽ شرمشٺا کي هڪڙي الڳ جاءِ رهڻ واسطي ڏنائين.

راجا کي ديوياڻيءَ مان ٻہ پٽر پيدا ٿيا. هڪڙي ڏينهن جڏهن يياتيءَ راجا باغ ۾ سير پئي ڪيو، تڏهن شرمشٺا کي ڏسي مٿس موهت ٿي پيو ۽ شرمشٺا بہ جا رتو ڌرم کان شڌ ٿي هئي، تنهن سنتان ٿيڻ جي اڇا سان راجا جي اڇا پوري ڪئي. اهڙيطرح راجا کي چوريءَ شرمشٺا وٽ ايندو ويندو هو ۽ کيس اُن مان ٽي پٽر ٿيا. هڪڙي ڏينهن ديوياڻيءَ راجا کي شرمشٺا سان رتي ولاس ڪندو ڏسي، تنهي ڳالهہ تي ويٺي ۽ انجام نہ ٻاڙڻ ڪري يياتيءَ وٽان رسي پنهنجي پيءُ جي گهر هلي ويئي ۽ اچي شڪراچاريہ کي سمورو احوال ٻڌايائين. راجا يياتي بہ ڏُٻ ڪري شڪراچاريہ وٽ اچي سهڙيو. شڪراچاريہ ڪروڌ ڪري چوڻ لڳس "هي راجا! تو پنهنجي ٻل ۽ راڄائي نشي

صلاح ڪري ورهسپت جي پٽ ڪچ کي شڪراچاريه وٽ اُن وديا
سکڻ لاءِ موڪليو. شڪراچاريه ڪچ جي نمرتا پاڻ تي موهجي، ڪيس
پنهنجي گهر ۾ رکايو ۽ سنجيوني وديا سيکارڻ لڳو. اتي ديوياڻي
۽ ڪچ جي پاڻ ۾ ڏاڍي پريت ٿي ويئي.

دئيتن جڏهن ڏٺو ته ڪچ اسانجي گروءَ کان سنجيوني وديا
سکڻ آيو آهي ۽ سمجهائون ته جيڪڏهن هي اها وديا هتان سکي ويو
ته پوءِ اسانجي دشمن ديوتائن کي جياري وجهندو ۽ تنهنڪري بهتر
ٿيندو ته انکي اڳئي ماري ڇڏجي. هڪڙي ڏينهن ڪچ جڏهن گروءَ
جون ڳانئون جهنگل ۾ چارڻ ويو، تڏهن دئيتن ڪيس ماري ٽڪر ٽڪر
ڪري ڪٽي هڪڙي کوه ۾ اڇلايو. سانجهيءَ جو جڏهن ڳانئون ته آيون
پر ڪچ جي موٽي نه اچڻ ڪري، ديوياڻيءَ شڪراچاريه کي ڌيان
ڪرڻ سان معلوم ٿيو، تڏهن هوءَ
باهت ٻڌايو. شڪراچاريه کي ڌيان ڪرڻ سان معلوم ٿيو ته ڪچ
کي دئيتن ماري وڌو آهي ۽ جڏهن ديوياڻيءَ کي اهو ٻڌايائين، تڏهن هوءَ
شوڪ وچون ورلاپ ڪرڻ لڳي. ڌيءَ کي شوڪاتر ڏسي شڪراچاريه
ڪچ کي وري جيئرو ڪيو. اهو سماچار ٻڌي دئيتن کي گهڻي
ڳڻتي ٿي. اهڙيءَ طرح گهڻا ڀيرا ٿيندو
رهندو ته اسانکي مارڻ مان ڪهڙو فائدو ٿيندو ۽ تنهنڪري اهڙي ڪا
تجويز ڪجي جو هو وري جي نه سگهي. اهو ويچار ڪري دئيتن
وري ٻه ڪچ کي ماري سندس شرير مان رس ڪڍي اچي شڪراچاريه
کي پياري. ڪچ جي وري ٻه نه موٽڻ تي ديوياڻيءَ وري ٻه پتا کي
ڪي هاري. شڪراچاريه وري ٻه ڌيان لڳايو، پر ڪٿي ٻه پتو
ڪونه پيس. جڏهن پنهنجي اندر ۾ ڌيان لڳايائين، تڏهن خبر پيس
ته دئيتن شراب ۾ ڪچ جي شرير جو رس ملائي پياريو آهي. پوءِ ڌيءَ
کي چوڻ لڳو ته ”ديوياڻي! ڪچ کي جيارڻ ڪري آءٌ پاڻ مري
ويندس.“ ديوياڻي وري ٻه هٺ ڪري اهڙي تجويز ڪرڻ لاءِ پرارٿنا
ڪرڻ لڳيس، جنهن ۾ پاڻ ٻه جيئرو رهي ۽ ڪچ ٻه صحيح سلامت
اچي. پوءِ شڪراچاريه منتر پڙهي ڪچ کي پنهنجي پيٽ ۾ جياري ”جڏهن آ
انکي سنجيوني وديا پاڙهي ۽ ڪچ کي جياءِ ته

ڄاتي

ڪيس ڪوهه مان ڪڍي ڇڏيو، سو ٻڌڻ احوال ڪري ٻڌايو.
شڪراچاريه کي انهيءَ تي ڏاڍي چڙ لڳي ۽ ويچار ڪرڻ لڳو
تہ ”اهڙي مهٺيگور راجا جي راڄ ۾ رهڻ کان تہ ڪرهني کائڻ چڱو
آهي.“ پوءِ ديوانيءَ کي پاٽسان ولي اهو راڄ ڇڏي ٻاهر نڪتو.
جڏهن ورشپروا کي اها خبر پيئي، تڏهن هو ڊوڙي شڪراچاريه جي
شرڻ ويو ۽ هٿ ٻڌي وينتي ڪري چوڻ لڳو تہ ”هي مها راڄ! هي
سڀ راڄ ڀاڳ اوهانجي ڪرپا سان مليو اٿم، سو جي اوهين ويندا
هليا تہ هي سڀ ناس ٿي ويندا. انڪري منهنجو اپراڌ معاف ڪريو ۽
موٽي منهنجي راڄ ۾ هلو.“ اهي وچن ٻڌي شڪراچاريه چيس تہ
”هي راجا! تو تہ منهنجو ڪو بہ اپراڌ ڪو نہ ڪيو آهي، پر تنهنجي
ڌيءَ ديوانيءَ جي بيحد بيعزتي ڪئي آهي، انڪري جيئن
ڌيءَ سو منهنجي ساڪر تہ موٽي هلان.“ تڏهن
ڳالهہ ڪري ديوانيءَ پرسن رهي
ورشپروا ديوانيءَ کان پڇيو، جنهن شرمشٺا جي ساهيءَ هلت جو
بيان ٻڌائي چيس تہ ”راجا! پياتيءَ سان منهنجو واهہ ٿيڻو آهي،
انڪري تنهنجي ڌيءَ هزار ٻانهين سان منهنجي داسي ٿي ولي رهي.“
ورشپروا تڏهن پنهنجي ڌيءَ سان ديوانيءَ جي ساهيءَ ڳالهہ وڃي
شرمشٺا وراڻي ڏنيس تہ ”پتا جي!
ڪئي ۽ ڪانئس راءِ پڇيائين.
اوهان موڪلي جنهن ڏنو آهي ۽ ٻالي وڏو ڪيو آهي، انڪري جنهنڪي
وٺيو تنهنڪي منهنجي ٻانهن سونپي ڏيو.“ ورشپروا شرمشٺا جي اها
ڳالهہ ٻڌي پرسن ٿيو ۽ ديوانيءَ کي قبوليت ڏيئي، گرو شڪراچاريه
کي پنهنجي شٿان ڏي موٽي ولي آيو.“

ايتري ڪٿا ٻڌي راجا پريکشت پڇڻ لڳو تہ ”هي شڪديو جي مها راڄ!
اوهانجو مٿي چيو تہ ورهسپت جي پٽ ڪاچہ ديوانيءَ کي سراپ
ڏنو تہ تنهنجو ڪيتريءَ سان وهانءُ ٿيندو سو ڀلا ڇو؟“ شڪديو جي
وراڻي ڏنيس تہ ”هي راجا! هڪڙي ڀيري دئيتن ۽ ديوتائن جي
وچہ ڏاڍي لڙائي لڳي ۽ جنهنڪري ديوتائن ڪيترن دئيتن کي
ماري وڌو ۽ اهي دئيت شڪراچاريه سنجيوني وديا سان وري
جيئرا ڪري ٿي ڇڏيا. جڏهن ديوتائن کي اها خبر پيئي، تڏهن

ولي سهيلين سميت ٻاھر سنان ڪرڻ ويئي. جڏهن سيئي تلاءَ جي ڪناري تي ڪپڙا لاهي تلاءَ ۾ سنان ڪرڻ لڳيون، تڏهن شري مهاديو ۽ نارد اُتان اچي لنگهيا، جنکي ڏسي سيني لڄي تي پنهنجا پنهنجا ڪپڙا ڍڪيا، پر شرمشٺا پل وڄون تڙ تڪڙ ۾ ديوياڻيءَ جا ڪپڙا وڃي پهريا. ديوياڻيءَ تڏهن ڪاوڙجي شرمشٺا کي چوڻ لڳي تہ "تون انهن ڪپڙن پائڻ جي لائق نہ آهين، جو تہ تنهنجو پيءُ منهنجي پتا جو چيلو آهي ۽ آءٌ براهمڻ جي جوڪري آهيان، سو تو منهنجا ڪپڙا جو پهريا؟ اھو ائين ٿيو جڻ ٻگهہ جي آھوتي ڪتو ڪائي يا شودر تي ويد پڙهي."

ديوياڻيءَ جا اهڙا ڪٺور وچن شرمشٺا کان سٺا نہ ويا، سا ڪاوڙ ۾ ڀرجي چوڻ لڳيس تہ "اڙي او بيڪارڻ جي ڌيءَ! سڄو ڄمر پٺڙي منهنجي پيءُ جي گهر جا ٽڪر کاڌا آهن ۽ توکي پاليو اٿس، سو تون ٿي مونسان برابري ڪرين." ايترو چئي غصي وچان ديوياڻيءَ جا اُگهاڙي ويني هئي، تنهنکي کڻي کوهه ۾ اُڇلايائين ۽ پاڻ سهيلين سميت گهر موٽي آئي. جو اُنوقت راڄا بياتي شڪار ڪندو اُن کوهه وٽ اچي پهتي ۽ پنهنجي نوڪر کي کوهه مان پاڻي ڀري اچڻ لاءِ چيو. نوڪر جڏهن کوهه مان پاڻي ڀرڻ ويو، تڏهن منجهس هڪڙي سندر ڪنيا پيل ڏسي، راڄا کي اچي ٻڌايائين. راڄا اُماڻڪ کوهه وٽ آيو ۽ پنهنجو ڊپتو ديوياڻيءَ کي ٻڌڻ لاءِ اُڇلائي ڏنو ۽ پوءِ کيس هٿ ڏيئي کوهه مان ڪڍي ٻاهر ڪيائين. ديوياڻي، بياتيءَ کي چوڻ لڳي تہ "هي راڄا! هري اڄا سان اهڙو سنڄوڳ ٿيو جو تو منهنجو هٿ جهليو آهي، انلاءِ مان تنهنجي ٿي چڪيس. ورسپت جي پٽ ڪچ جيڪو مونکي سراپ ڏنو هو تہ تنهنجو وهانءُ براهمڻ سان نہ ٿي، هڪڙي کيترڻ سان ٿيندو سو اڄ برابر پورو ٿيو."

راڄا، ديوياڻيءَ جي اها ڳالهہ ٻڌي مٿس موهت ٿي پيو ۽ ساڻس وهانءُ قبولي راڄڌانيءَ ڏانهن موٽي آيو. ديوياڻيءَ گهر اچي پنهنجي پتا شڪرا چاريہ کي شرمشٺا جا چيل ڪوڙا وچن ٻڌايا ۽ ڪيئن هن کيس کوهه ۾ اُڇليو اها وارتا بہ چئي ٻڌائي. پوءِ راڄا بياتيءَ ڪيئن

کيس ڪوھ ماڻ ڪيڏي ٻچايو، سو ٻڌ احوال ڪري ٻڌايو. شڪراچاريہ کي انھيءَ تي ڏاڍي چڙ لڳي؛ ويچار ڪرڻ لڳو تہ ”اھڙي مھٺيگور راجا جي راڄ ۾ رھڻ کان تڪرھني ڪاٺڻ چڱو آھي.“ پوءِ ديوياڻيءَ کي ساڻس ولي اھو راڄ ڇڏي ٻاھر نڪتو. جڏھن ورشپروا کي اھا خبر پيئي، تڏھن ھو ڊوڙي شڪراچاريہ جي شرڻ ويو؛ ھٿ ٻڌي وينتي ڪري چوڻ لڳو تہ ”ھي مھا راڄ! ھي سڀ راڄ ڀاڳ اوھانجي ڪرپا ساڻ مليو اٿم، سو جي اوھين ويندا ھليا تہ ھي سڀ ناس ٿي ويندا. انڪري منھنجو اپراڌ معاف ڪريو؛ ھوتي منھنجي راڄ ۾ ھلو.“ اھي وچن ٻڌي شڪراچاريہ چيس تہ ”ھي راجا! تو تہ منھنجو ڪو بہ اپراڌ ڪونہ ڪيو آھي، پر تنھنجي ڌيءَ سو منھنجي ڌيءَ ديوياڻيءَ جي بيحد بيعزتي ڪئي آھي، انڪري جڏھن گالھ ڪري ديوياڻي پرسن رھي سا ڪر تہ موٽي ھلان.“ تڏھن ورشپروا ديوياڻيءَ کان پڇيو، جنھن شرمشٺا جي ساڻيءَ ھلت جو بيان ٻڌائي چيس تہ ”راجا! پياتي سان منھنجو وواھ ٿيو آھي، انڪري تنھنجي ڌيءَ ھزار ٻانھين سان منھنجي داسي ٿي ھلي رھي.“ ورشپروا تڏھن پنھنجي ڌيءَ سان ديوياڻيءَ جي ساڻي گالھ وڃي ڪئي؛ ڪ نمس رايو پڇيائين. شرمشٺا وراڻي ڏنيس تہ ”پتا جي! اوھان موٽڪي جنم ڏنو آھي؛ پالي وڏو ڪيو آھي، انڪري جنھنڪي وٽيو تنھنڪي منھنجي ٻانھن سونپي ڏيو.“ ورشپروا شرمشٺا جي اھا گالھ ٻڌي پرسن ٿيو؛ ديوياڻيءَ کي قبوليت ڏيئي، گرو شڪراچاريہ کي پنھنجي شھر ڏي موٽي ولي آيو.

ايتري ڪٿا ٻڌي راجا پريڪشت پڇڻ لڳو تہ ”ھي شڪديو جي مھا راج! اوھانجو مٿي چيو تہ ورھسپت جي پٽ ڪاچ ديوياڻيءَ کي سراپ ڏنو تہ تنھنجو ڪيتريءَ سان وھانءُ ٿيندو سو ڀلا ڪير؟“ شڪديو جي وراڻي ڏنيس تہ ”ھي راجا! ھڪڙي ڀيري دئيتن ۽ ديوتائن جي وچ ڏاڍي لڙائي لڳي؛ جنھنڪري ديوتائن ڪيترن دئيتن کي ماري وڌو ۽ اھي دئيت شڪراچاريہ سنجيوني وديا سان ورئي جيئرا ڪري ٿي ڇڏيا. جڏھن ديوتائن کي اھا خبر پيئي، تڏھن

وليءَ سهيلن سميت باغ ۾ سنان ڪرڻ ويٺي. جڏهن سيئي تلاءَ جي
ڪناري تي ڪپڙا لاهي تلاءَ ۾ سنان ڪرڻ لڳيون، تڏهن شري
مهاديو ۽ نارد اُتان اچي لنگهيا، جنکي ڏسي سيئي اچي، تي پنهنجا
پنهنجا ڪپڙا ڍڪيا، پر شرمندا ٿي وڃڻ ڪري تڪڙ ۾ ديوانيءَ جا
ڪپڙا وڃي پهريا. ديوانيءَ تڏهن ڪاوڙجي شرمندا کي چوڻ لڳي ته
"تون انهن ڪپڙن پائڻ جي لائق نه آهين، جو ته تنهنجو پيءُ منهنجي
پيءُ جو چيلو آهي ۽ آءٌ براهمڻ جي ڇوڪري آهيان، سو تو منهنجا
ڪپڙا ڇو پهريا؟ اهو ائين ٿيو جنهن ٻگير جي آهوتي ڪتو کائي
باشودر ٿي وڃي پڙهي."

ديوانيءَ جا اهڙا ڪلور وچن شرمندا کان سٺا نه ويا، سا ڪاوڙ ۾
ڀرجي چوڻ لڳس ته "اڙي او ڀڪارڻ جي ڌيءَ! سڄو جنم پٺوي
منهنجي پيءُ جي گهر جا ٽڪر کاڌا آهن ۽ توکي پاليو ائين، سو تون
ٿي مون سان برابري ڪرين." ايترو چئي غصي وچان ديوانيءَ جا
اگهاڙي ڇيلي ڇڏي، تنهنکي ڪٺي کوه ۾ اُڇلائي ۽ پاڻ سهيلين سميت
گهر موٽي آئي. جوار اُنوقت راجا ٻياتي شڪار ڪندو اُن کوه
وٽ اچي پهتو ۽ پنهنجي نوڪر کي کوه مان پاڻي ڀري اچڻ لاءِ
چوي. نوڪر جڏهن کوه مان پاڻي ڀرڻ ويو، تڏهن منجهس هڪڙي
سندر ڪنيا ڀيل ڏسي، راجا کي اچي ٻڌايائين. راجا اُمالڪ کوه
وٽ آيو ۽ پنهنجو ڊپٽو ديوانيءَ کي پڪڙڻ لاءِ اُڇلائي ڏنو ۽ پوءِ کيس
هٿ ڏيئي کوه مان ڪڍي ٻاهر ڪڍيائين. ديواني، ٻياتيءَ کي چوڻ
لڳي ته "هي راجا هري اڄ سان اوهڙ سنجوگ ٿيو جو تو منهنجو
هٿ جهليو آهي، انڪري مان تنهنجي ٿي چڪس. ورهسپت جي پٽ
ڪچ جيڪو مونکي سراپ ڏنو هو ته تنهنجو وهانءُ براهمڻ سان نه
ٿي، هڪڙي ڪشتريءَ سان ٿيندو سو اڄ برابر پورو ٿيو."

راجا، ديوانيءَ جي اها ڳالهه ٻڌي مٿس موهت ٿي پيو ۽ ساٽس
وهانءُ قبولي راڄڌانيءَ ڏانهن موٽي آيو. ديوانيءَ گهر اچي پنهنجي
پيءُ شڪراچاريه کي شرمندا جا ڪل ڪوڙا وچن ٻڌايا ۽ ڪيئن هن
کيس کوه ۾ اُڇليو اها وارتا به چئي ٻڌائي. پوءِ راجا ٻياتيءَ ڪئن

ن کي نند بڻ ۾ گيان سيکاريو هو ۽ مرڻ وقت ۾ شاوڪ راجا کي
ائي چيائين تہ "تون انهن جو جنتر ناهي پاڻوت رکر ۽ جڏهن
تي ڪا آفت اچي پوي، تڏهن اهي پڙهي اُن موجب هلت ڪجہ."
هڪڙي ڏينهن ماتا پاروتي شري مهاديو کي چيو ته ”سوامي! وشڻو ڀڳوان جنهن اِستري روپ سان دئيت کي موهيو هو سو آءٌ ڏسڻ گهران ٿي؟“ شري مهاديو اِنهيءَ تي پاروتيءَ سميت ڀڳوان وٽ وئڪنٺ ويو، جتي کيس موهني روپ ڏيکارڻ لاءِ چياءِ. وشڻو ڀڳوان کيس وراڻي ڏني ته ”هي مهاديو! اُن روپ ڏسڻ ڪري، تون ڪام وس ٿي پنهنجو پاڻ وساري ويهندين.“ مهاديو اِنهيءَ تي ٺڪ ڏنيس ته ”منهنجون اِندريون سداءِ منهنجي وس آهن، انڪري منهنجي اِها حالت نه ٿيندي ۽ وري اهو روپ پاروتي ڏسڻ چاهي ٿي، اِنلاءِ اُنجو مونتي ڪوبه اثر ٿي نه سگهندو.“

ڀڳوان تڏهن سندس چوڻ ٻڌي، اُتان انترڌان ٿي ويو ۽ هوءِ اُتي شيام سندر جي اچا سان هڪڙو سهڻو باغ، منجهس ڪيترن عمدن تلاون، وڻن ۽ قسمن جي پکين سان پيدا ٿيو. شري پاروتي، جنهن پنهنجي سندرتا سمان ٻئي ڪنهنکي به نٿي ڄاتو، سا موهني روپ

ڪي ٻه ڀيڻ جو وجهه نه مليو. ڀڳوان تڏهن موهني روپ ڌاري ديوتائن
۽ دئيتن جي وچ ۾ اچي بيٺو. دئيتن جو اهڙو موهني روپ ڏسڻ ۽
امرت جو ڀيڱ وراري جهڙڻ. پوءِ موهنيءَ کي فيصلي ڪرڻ لاءِ امن
ڪيائون ۽ مٿس اها ڳالهه ڇڏيائون ته جو جنهن کي ۾ ڏيندي سو پيئندو.
موهنيءَ سندن اهو چوڻ قبول ڪري، امرت جو ڪلش ڪاٺي ورتي،
پهرين دئيتن ۽ ديوتائن کي پنگت ۾ وهاريو. پوءِ ديوتائن کان وٺي
امرت پيارڻ شروع ڪيائين. راهوءَ نالي دئيت جڏهن ڏٺو ته هي ۽
موهني سڀ امرت ديوتائن کي پياريندي وڃي، تڏهن پنهنجو روپ
بدلائي سورج ۽ چندرما جي وچ ۾ اچي ويٺو ۽ اهو امرت پيتائين.
سورج ۽ چندرما تڏهن رڙ ڪري چيو ته "سنڀال هي دئيت آهي."
موهني روپ ڀڳوان اهي وچن ٻڌي هڪدم امرت چندرما کي پياري،
سدرشن چڪر سان راهوءَ جو سر وڍي ڇڏيو. امرت جي پرتاپ
ڪري دئيت مئو ته ڪين، پر اٿاو سر ۽ ڌڙ ٻه روپ ٿي اٿي بيٺا.

ديوتائن جي چوڻ تي ڀڳوان هنکي نه ماري، ڪين صلاح ڏني ته
"اڄکي تون دئيتن جا سياهه جهڙي سورج سميت ٻئي ستن گرهن سان
گڏ رهه." بس! اُن ڏينهن کان سوءِ نو گره ٿيا ۽ اجاءِ راهوءَ جي
دشمني سورج ۽ چندرما سان هلندي اچي ۽ جنهنڪري اماس جي ڏينهن
۽ پورڻماسي جي رات جڏهن انهيءَ کي پورڻ پرڪاش ٿيندو، تڏهن
هو ڪين روڪي اونداهي ڪري ٿو. ان بعد ڀڳوان انترڌان ٿي ويو.

جڏهن موهني روپ ڀڳوان انترڌان ٿي وڃڻ روانو ٿيو،
تڏهن دئيت هوش ۾ اچي چوڻ لڳا ته "هو سڄو سڀ امرت
ديوتائن کي پياري ڪيڏانهن هلي ويئي." پوءِ دئيت پنهنجي ڀل
سمجهي ۽ ناراض ٿي ڪين ڏوکو ڏيندو ڏسي ڪاوڙجي، ديوتائن
سان لڙائي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا. هيڏانهن ديوتائن ۾ پنهنجي تياري
ڪئي ۽ ٻنهي جي پاڻ ۾ لڙائي شروع ٿي. جڏهن پرميشور جي ڪرپا
سان ديوتائن دئيتن کي ماريو، تڏهن ٻلي راجا وڙهڻ جي سمرٿي
سان ساري ... ڪرڻ لڳو. ديوتائون اُن وقت ڏٺي ناراض
سمرڻ ڪري ... سوڻا گهرڻ لڳا، جهڙتي ڀڳوان پنهنجي

وقت گذري ويو، جڏهن ڏٺائون ته ڪجهه ڪين ٿو نڪري
تڏهن جنهن جي گهرجي سو ٿيو. لڪشمي سو ديوتائن کي ڪيو
جنهن ڏٺي سا سمنڊ مان ٻاهر نڪتي، سو ڏسي ديوتائن
ڏسي لڳا. ڏهين دفعي لڪشمي ٻاهر نڪتي. سندس سونهن
هٿ ۾ ڪمل ۽ ڪنهن هٿ ۾ مالا هئي. سا جڏهن سمنڊ مان ٻاهر آئي
ديوتائن ۽ ديتن ٻنهي سمجهيو ته سمنڊ ولوڙڻ جو ڦل اهو آهي
تڏهن "اسين ڪنداسون، اسين ڪنداسون." لڪشمي انهي تي چوڻ
لڳي ته "زبردستي نه ٿيندي ڪنهن کي به ڪانه ملندي. هو جنهن سڀ گڻ
موجود هوندا تنهن کي آءٌ پنهنجي لاءِ موجب ڪندس." هوتي
ديوتائن توڙي ديتن ٻئي جهيڙا آهن. ڪنهن اوهين سڀئي
ڀڳت آهيو، جنهن جي هنڌ ۾ سچائي ۽ ٻيا گڻ آهن،"
جڏهن لڪشمي جي چوڻ موجب سڀ پنهنجي جاءِ تي وڃي ويٺا، تڏهن هن
سڀني ۾ ڪوبه سچو نارايڻ کي ڏسي گلن جا هار ۽ ٻيا
تيجسوي ۽ بل ۾ اتم سمجهي، انهن جا سندس هٿ ۾ هئي سا ڳچي
ڳچيءَ ۾ وڌي. لڪشمي جي ائين ڪرڻ ڪري سڀ نرسن ٿيا ۽
آڪاش مان گلن جي ورشا ٿي. مطلب ته ٽنهي لوڪن ۾ آنند
ڇانئجي ويو. اهڙي آنند ڪري ديوتائن ۽ ديتن ۾ نئين سوال آيو ۽
هو وري به نارايڻ جي آگيا سان سمنڊ ولوڙڻ لڳا. نائين دفعي
شراب نڪتو جو ديتن ڪنيو. ڏهين دفعي هڪڙو تيجسوي مهان سندر
پرش ڌنونتر نالي وئيد (حڪيم) ڀڳوان جو اوتار هڪڙي هٿ ۾
امرت جو لوٽو ۽ ٻئي هٿ گل کڻي سمنڊ مان نڪتو. امرت نڪرندو
ڏسي ديوتائن ۽ ديتن ٻئي ڏاڍو خوش ٿيا، جو پنهنجي محنت
سڦلي سمجهيائون. هيٺئر ديتن مان هڪڙي زبردستي اهو امرت جو
ڪلش ڌنونتر کان کسي ورتو، جنهنتي ديوتائن پنهنجو اڌ حصو
گهريو، پر ديتن جواب ڏيڻ لڳن ته "اسانجي پيئڻ بعد باقي جيڪي
بچندو سو ملندو." ديوتائن تڏهن پنهنجو حال وڪنٺ ناٿ سان
ڪرڻ لڳا، جنهن کين دلاسو ڏنو ته "آءٌ پاڻيهي ان ڳالهه جو واهو ڪريان."
امرت جو ڪلش ڏسي ديتن پاڻ ۾ اچي وڙهڻ لڳا ۽ هر ڪنهن



دئيتن اها ڳالهه خوشي ئي قبول ڪئي. پوءِ مندراچل جبل کڻي آڻي سمنڊ ۾ وڌائون. انکانپوءِ پاتال مان واسوڪي نانگ کي پرميشور جو نياپو ڏيئي وٺي آيا. هاڻي جڏهن مندراچل کي ماڌاڻي ڪري سمنڊ ۾ وجهڻ لڳا، تڏهن اهو هيٺ تي نه بيهي هلڻ لڳو. تڏهن سڀ ديوتا ۽ دئيت نراس ٿي، پرميشور کي وينتي ڪرڻ لڳا. نارايڻ سندن اهڙي وينتي تي ڪڇون اوتار ڌاري اهو پهاڙ پنهنجي پٺي تي جهليو. پوءِ ته ڀڳوان جي آگيا سان ديوتائن ۽ دئيت واسوڪي نانگ کي پروت جي چوگرد ويڙهي ولوڙڻ لڳا. انهيءَ واسوڪي نانگ جي وات مان جهي نڪتي تي سا دئيتن کي ڏاڍو هلاڪ ڪرڻ لڳي. اُن ولوڙڻ ڪرڻ سبب هڪڙو زهر نڪتو، جنهنجي گرمي ڪري ديوتائن ۽ دئيت ڊڄي ويا ۽ سمنڊ جا سڀ جيوجنتو مرڻ لڳا. تن ديوتائن ۽ دئيتن تڏهن ڀڳوان جي ستوتي ڪئي، جنهن تي ڀڳوان کين صلاح ڏني ته ”اوهين مهاديو جي ستوتي ڪريو ته زهر کيس پيئڻ لاءِ وٺي چئو.“ ڀڳوان جي آگيا موجب تن ائين ڪيو ۽ مهاديو سندن چوڻ نه موٽائي، هڪڙي ٽڪ سان اهو زهر پي ڇڏيو. اُن زهر پيئڻ ڪري مهاديو جي ڳلي ۾ نيرو داغ ٿي پيو، جنهنڪري سندس نالو نيل ڪنٺ پيو. پوءِ ديوتائن مهاديو جي ستوتي ڪئي.

هاڻي جڏهن ڀڳوان جي آگيا سان هو سمنڊ ولوڙڻ لڳا، تڏهن هڪڙي تمام سندر ڪامڌينو (ڳئون) نڪتي، جنهنکان هر ڪا سنواري وستو ملي سگهي. جڏهن ديوتائن ۽ دئيتن اها ڪٽڪ پاتيس، تڏهن ڀڳوان اها وسشٽ رشيءَ کي ڏني، انهيءَ لاءِ ته براهمڻ ۽ رشين کي جڏهن ڪنهن پدارٿ جي گهرج پوي تڏهن ڪاڻس وٺن ۽ پوءِ ديولوڪ ۾ جڳ ڪن. انکانپوءِ وري به سمنڊ ولوڙڻ لڳا. ڀڳوان تڏهن چيس ته ”هاڻي جيڪي نڪرندو اُن مان هڪڙي شيءِ دئيت کڻن ۽ ٻي ديوتا.“ تنهن پٺيان اُچيشروا نالي هڪڙو تمام سهڻو گهوڙو نڪتو، جو دئيتن راجا بلي جي حوالي ڪيو. ٽئين دفعي ايراوت هاٿي نڪتو جو ديوتائن ورتو. پنجين دفعي ڪؤسٿڀ مڻي تمام چمڪندار نڪتي جا سري نارائڻ پاڻ ڪنئين، ۽ انهيءَ

تي وڪڻڻ لاءِ اچي سُدرشن چڪر سان توکي ماريندو، تڏهن تنهنجو موڪش ٿيندو. اڄ منهنجا وڏا ڀاڳ آهن جو رشيءَ جي ڪرپا سان اوهانجو درشن پائي ڪرتارٿ ٿيس. هاڻي آگيا ڪريو تہ آءٌ پنهنجي لوڪ ڏي وڃان." اتي ڀڳوان کي اهو هاٿي بہ پنهنجو تن ڇڏي هڪڙي راجا جي سروپ ۾ ٿي، هٿ جوڙي استوتي ڪري چوڻ لڳو تہ "هي ڀڳت وتسل! آءٌ بہ اڳئين جنم ۾ هڪڙو راجا هوس ۽ رات ڏينهن هري پرماتما جي چرڻن ۾ ڌيان لڳائي راڄ ڪندو هوس. هڪڙي ڏينهن اگستيہ مني مون وٽ آيو، پر آءٌ جو پنهنجي ڌيان ۾ لڳو ويٺو هوس، تنهنڪري اُنهيءَ کي ڪهڙو بہ آدر نہ ڪيم ۽ مان ڪري ويٺي رهيس. منهنجي اهڙيءَ هلت تي اگستيہ مني ڪاوڙجي سراپ ڏنم تہ "هي مورکہ! تون جو شريت مست هاٿي وانگر ويٺو آهين، سو وڃي هاٿيءَ جو جنم پاءِ." مون بہ اچي تي پنهنجو گناهہ بخشايو ۽ پنهنجي نماڻي وينتي ڪيس. تڏهن هن مونکي چيو تہ هن تلاءَ ۾ تنهنجو پير گراهہ جهليندو ۽ وئڪنٺ ناٿ اُنهيءَ اچي سهائتا ڪندو ۽ جنهنڪري تنهنجي مڪتي ٿيندي. اڄ اُن اگستيہ مني کي وارون وار ڌنيواد هجي، جنهنجي ڪرپا ڪري اوهانجو مونکي ساڪيات درشن ٿيو، جو تپسوين توڙي رشين کي بہ مشڪل ٿي سگهيو." اهو ٻڌي ڀڳوان اُن راجا کي پاڻ سان گڏ گرڙ تي ويهاري وئڪنٺ وٺي ويو."

ايتري ڪٿا ٻڌائي سوت شڪديوجي چوڻ لڳو تہ "هي راجا! جنهن هاٿي کي واڳوءَ پڪڙيو هو، تنهن سڀ سنساري جيو ڪال جي منهن ۾ پيا آهن. سو جڏهن هاٿي وانگر دکي ٿي، سچي دل سان نارائڻ کي پڪاريو، تڏهن ئي پرڀو اچي سهائتا ڪندو. هاڻي ڀڳوان ڪڇون جو اوتار ڪيئن ورتو، تنهن بابت ٿو ٻڌايان ۽:—

ديوتائون ۽ دئيت ٻئي ڪاشيپ رشيءَ جا پٽ آهن، پر سداهہ پاڻ ۾ سندن دشمني هلندي اچي. ڪڏهن ڏسو تہ دئيتن کي جيتي اندر ديوتائن سميت راڄ ڪري رهيو آهي، تہ ڪڏهن دئيت ٽنهي لوڪن جو راڄ ڪري رهيا آهن. هڪڙي ڀيري اندر کي وات ۾ دروا سا رشي گڏيو ۽ کيس پرڻام ڪيائين. رشي اُنهيءَ نيءَ جوش تي

ڏيان ڪريان جو ضرور اچي منهنجو اُڌار ڪندو ۽ اُهوئي
پڻي جو اڄهو آهي.“ اهڙو ويچار ڪري هو سچي دل سان نارايڻ
سمرڻ ڪرڻ لڳو. پرميشور هاٿيءَ جي ستوتي ٻڌي ڪيس ڇهڻو ڏ
سماجهڻي، گرڙ تي چڙهي وئڪنٺ مان آيو. جڏهن گاجيندر ڏٺو
ڀڳوان وئڪنٺ ناٿ ٻريان گرڙ تي چڙهيو منهنجي مدد لاءِ پيو اچي
تڏهن اُن تلاءَ مان ڪمل جو گل جهني، پنهنجي سونڍ ۾ جهلي مٿي
آڪاش ڏانهن ڪٽي چوڻ لڳو ته ”هي نارايڻ! هي ديناناٿ! هي
ڀڳت وتسل! هي دکر ڀڃن! هي شيام سندر! آءٌ تنهنجي شرڻ آيان
۽ جلدي اچي منهنجو اُڌار ڪر.“ هن اچا اها ستوتي ڪري پوري مس
ڪئي، ته ڀڳوان گرڙ تان لهي پيرين پيادو ڊوڙي، هڪدم اُتي اچي
سدرشن چڪر سان گراھ کي ماري، گاجم کي تلاءَ مان ڪڍي ورتو.
گراھ جي مرڻ وقت آڪاش مان ڦلن جي ورشا ٿي ۽ ڀڳوان
جي هٿان مارجڻ ڪري هو گراھ مان هڪڙو خوبصورت پرش
راجائي پوشاڪ ۾ ظاهر ٿي، شري نارايڻ جي چرڻن تي ڪري
شتوتي ڪري چوڻ لڳو ته ”هي دينا ناٿ! اڳئين جنم ۾ آءٌ گندرو
هوس. هڪڙي ڏينهن پنهنجين استرين سان وڻن ۾ چڙهي سير ڪندو
پئي ويس، ته وات تي هڪڙو سهڻو تلاءُ ڏسي اُتي جل وهار ڪرڻ
لڳس. اُتي ديول رشي اچي پئي شنان ڪيو ۽ آءٌ اگيانتا ڪري
پنهنجي استرين جي چوڻ تي رشيءَ کي مسخري ڪرائڻ لاءِ ٽبي
هڻي ڪيس ٽنگ کان جهلي پاڻيءَ ۾ گهلي ويس. جڏهن رشي اُني ڪري ٻيو
تڏهن سندس پير ڇڏي تلاءَ مان ٻاهر نڪري اچي پنهنجن استرين
سان کاڻ لڳس. منهنجي ان هلت ڪري ڪاوڙجي، رشيءَ مونکي
سراپ ڏنو ته ”هي گندرو! تو جا مونسان ناحق اها هلت ڪئي آهي،
اِنلاءِ تون گراھ جو جنم وٺي هن پاڻيءَ ۾ پيو رهه.“ اهو سراپ ٻڌي
آءٌ شرمندو ٿيس ۽ رشيءَ کي چوڻ لڳس ته ”هي ڪرپالو! مون پنهنجي
ڪئي جو ڦل پاتو، پر ديا ڪري ٻڌايو ته ان سراپ کان ڇوٽڪارو
ڪڏهن ٿيندو؟“ تڏهن هو رشي چوڻ لڳو ته ”ڪيترن ئي ورهين گذرڻ
بعد هڪڙي ڏينهن تون جڏهن هاٿيءَ جو پير جهليندين، جنهنجي پڪار



GITA PRESS GORAKHPUR

اِسڪنڌ آٺون

راجا پريڪشت شڪديو جي سوامي کان پڇڻ لڳو تہ ”هي مهاراج! گجيندر (هاٿي) کي گراهہ (واڳوءَ) کان ڀڳوان ڪيئن ڇڏايو هو اها ڳالهہ تہ مونکي وستار سان ٻڌايو؟“ شري شڪديو جي وراڻي ڏنيس تہ ”هي راجا! پرميشور جيتوڻيڪ اوناشي پرش، جمڻ مرڻ کان رهت آهي، پر تڏهن بہ جڏهن ڀڳتن تي ڪا آپدا اچي پوي ٿي تہ اُن مهل منکي ڀڳت جي رکيا لاءِ سڳڻ اوتار وٺڻو ٿو پوي. ساڳئي ريت گجيندر جي پراڻ بچائڻ لاءِ ڀڳوان اوتار ڌاريو هو اها ڳالهہ هن ريت آهي.

ترڪوٽ نالي هڪڙو جبل هوندو هو. ان جبل تي طرحين طرحين وڻ هوندا هئا، جن ۾ قسمين قسمين خوشبودار گل هئا، جنهنڪري خوشبوءِ ڪري منشن جو مغز ترٿي ويندو هو ۽ ڀانت ڀانت جي پوتين، ولسن ڪري اُن پروت جي سوڀيا اڃي سندر هئي. اُن جبل تي هڪڙو وڏو تلاءُ هوندو هو، جنهن ۾ هزارين ڪملن جا گل ٽڙيا پيا هوندا هئا. ان تلاءُ ۾ ڪيترا ڪڇڙون، مڇيون ۽ واڳو پڻ هوندا هئا. هڪڙي ڏينهن ان جبل تي رهندڙ گجيندر (هاٿين جو راجا) ڪيترن هاٿين سان گڏجي، اُن تلاءُ تي پاڻي پيئڻ لاءِ آيو. جڏهن اهو هاٿي پاڻي پي ٻاهر ٿي نڪتو، تڏهن هڪڙو واڳو سندس پوئين پير ۾ چڪ وجهي کيس پاڻيءَ ۾ گهلڻ لڳو. هاٿي ۽ ٻنهي جي لڙائي شروع ٿي. ڪڏهن گجيندر گراهہ کي ٻاهر سڪيءَ تي گهلي ٿي آيو، تہ ڪنهن وقت گراهہ منکي پاڻيءَ ۾ اندر گهلي ٿي ويو. ائين ڪندي ڪندي جڏهن گهڻو وقت گذري ويو، گجيندر کي سڀ هاٿيون ڇڏي ويون ۽ سندس پراڻ ڪنٺ اچي رهيو، تڏهن دک ۾ ڀرجي ويچار ڪرڻ لڳو تہ ”افسوس! جو هيڏي آپدا جي وقت مون کي سڀ اڪيلو ڇڏي ڀڄي ويا. آءٌ سمجهان ٿو تہ اڳئين جنم جي پاپن، گراهہ ٿي منهنجو پير پڪڙيو آهي. انهيءَ جو تہ مان اُن ڀڳوان جو

جنبڙي خراب ٿي رهيا آهن، سي
جي آدمي پرميشور جي مايا ۾ جڳا ڪرم ڪري ۽ ڪنت
ڏاڍا ڏک ڀوڳيندا. ان لاءِ گرهست کي ڀاڄن جي پرتاپ
جو رستو وٺڻ گهرجي. هي يڌشٽر! جنهن ڀڳتيءَ ۽ ڀاڄن جي پرتاپ
سان آءٌ برهما جو پٽ ٿيو آهيان، سو ٻڌي وٺ.
اڳئين جنم ۾ آءٌ هڪڙو سڌو گنڌرو پيدا ٿيو هوس ۽ ڏاڍو سهڻو
گانئي ڄاڻندو هوس، جنهنڪري استريون ۽ پرش اڪثر ڪري موهت
ٿي پونديون هيون ۽ سبب آءٌ ۾ استرين تي موهت ٿي پيا ڪوڻ
موهت هوندا هئا. انهيءَ سبب ديوتائن جي سڀا ۾ گائڻ
هڪڙي ڏينهن ديوتائن جي سڀا ۾ گائڻ
ڀوڳ ولاس ڪندو هوس. سو راڳ گائڻ
ويئس، پر منهنجو من، جو هڪڙيءَ استري ۾ ڦاٿل هو، سو
لڳي ئي نه پيو. اوچتو منهنجي نظر انڌرا رشيءَ تي وڃي پئي،
۾ لڳي ئي نه پيو. اوچتو منهنجي طور ڪلي ڏنو. بس! انهيءَ منهنجي
جنهنجي شڪل ڏسي مون مسخريءَ طور ڪلي ڏنو. بس! انهيءَ منهنجي
اپراڌ ڪري ديوتائن مونکي شودر جي گهر وڃي جنم وٺڻ جو سراپ
ڏنو. مون تڏهن هڪڙي براهمڻ وٽ داسيءَ جي گرڀ ۾ جنم ورتو،
جتي ست سنگ ۾ رهي مري ڀڳتيءَ ڪرڻ ڪري مونکي هيءَ نارد پدوي
ملي آهي. هي يڌشٽر! تون وڏڀاڳي آهين، جو جنهن شريڪرشڻ جي
نام جپڻ ۽ ڪٿا ڪيرتن ڪرڻ سان آدمي پڪت ٿي وڃي، سو
پرماتما رات ڏينهن تو وٽ حاضر رهي، توکي پنهنجو پوجيه سڀاڳو
حڪم ڏيندي رهيو آهي. اهوئي سبب آهي جو اسين رشي، ديوتائون
۽ پيا منشير اڄي درشن ڪرڻ لاءِ ان پراڻي نو وٽ اچون ٿا.
راجا يڌشٽر! شري ڪرشڻ جي ايتري مهما ٻڌي پريم ۾ ٻڏي ويو
سوچ ڪرڻ لڳو ته ”پارا! جنهن ڀڳت وتسل جي هيڏي مهما تنهنکي
اسين پنهنجو عزيز سمجهوي ڪانئس ڪم وٺي رهيا آهيون.“ اهو ويچار
ڪري هو شريڪرشڻ جي چرڻن تي مستڪ رکي روئڻ لڳو. انهيءَ
تي ڀڳوان اشاري سان نارد کي جيوتر ”توهي ڄا ڪيو جو منهنجا
پيد کولي ٻڌايئه. هاڻي هي مٺي مائنٽيءَ جو پريم جڏي مونکي پرميشور
ڪري پوڄيندا.“ نارد وراڻي ڏني ته ”هي ديناناٿ! اڄ ته
اوهانجي مايا ۾ پليا پيا هئا، پر هاڻي سندن هود جدائي ڪين ڪرتا
ڪريو.“ بس! انهيءَ ڏينهن کان ولي راجا يڌشٽر ڏاڍي پريم ۽ شرڌا
سان ڀڳوان شريڪرشڻ کي پورڻ سمجهوي، اُنجو ڏيان ۽ سمرڻ
ڪانئس موڪلائي برهم لوڪ ۾ هليو ويو.

ٻوءِ سنڌن ماناري ڪيهاوَ ڏيٺي ۽ٻا ماڪي ڪنيون وڃن ۽ ٻاڻ دکي ٿيو.
ساڳيوئي حال ڏنوانن جو ٿه آهي. انهيءَ سبب ڪري آءٌ سنساري
ٻوم جڏي ورڪ ٿيس ۽ نيڪنرات ڏينهن پرميشور جي ڏيان ۾
پرس آهيان. آءٌ ٽڪي طعامن ڪارائيندڙ جي واڪاڻ ڪرڻانئو ۽ ٿه
ٿي سگهي ٻور ڏيندڙ جي گلا ڪرڻانئو. ڪوڙن ٻا مٺن وجهن جوندڙ
تي عبو ٻا خوشي ۾ ڪانه ٿو ڪريان. ڪٽي ڪو هٿا ڪٽرا ٻورائي
ٻالڪي ۾ جاڙمي گهمائيم ٻا زمين تي ڏوڙ ۾ سهارينم ته مونکي سکر
ٻا دکر ڪونه ڏسڻ ۾ اچي. مي پرهلادا! مي جيئڻ جوراسي لکر
جوليون ٻوڳي ٻهڳاڙتي جو اچيو مي منشيم جولو ٻائي. ٻوءِ جي اُءِ
جولو ٻائي ۾ ٻگوان جو ٻچس ٻا سمرڻ نه ڪيائين ته ٻڌاءِ اُن جهڙو
ڪمبخت ٻيو ڪير جڻيو؟ مي يڌشٽرا پرهلاد، اوڌوت جو اهو گيان
ٻڌي ڏاڍو خوش ٿي گهر موٽيو.

واطي آءٌ توکي گرهست آشرم جو احوال ٿو ٻڌايان، جنهن تي ٻ
ٽن آشرمن جو دارمدار آهي. گرهستي کي گهرجي ته ٻنهنجي
وت آهر هرروز دان ٻعر ڪندو رهي. جي ٻيو نه ته ٻه آماس،
پورڻماسي، سنڪرات، پارس ۽ ورهيه جي ٻورئين ڏينهن ته ضرور
ڪجهه دان ڪرڻ گهرجيس. گرهستي کي هرروز ڪٿا ڪيرتن ٻڌڻ
ڪرڻ گهرجي ۽ سداءِ جيون تي دبا رکڻ کپيس. ٻنهنجي ڪمائي
مان ديوتائن جي نالي ٻگيه دون ۽ هوم ڪري. آتٿين کي کاڌو
کارائي ۽ ڪٽنب جي ٻالنا ڪري. ٻرساٿ ٻريت نه رکي، سداءِ
موتي جي چرڻن ۾ ڏيان لڳائيندو رهي ته سنڌس مڪتي ٿئي.
اهوئي طريقو من ٻيو ساگر مان تري نڪرڻ جو آهي.

مي يڌشٽرا هيءَ ڳالهه ڏيان ۾ رکڻ گهرجي ته جيڪي ۾ دان ٻا
ديوتائن پترن جي نالي ٻگيه ۽ شراڌ وغيره ڪجهه، سي ڪنهن
گٽوان ۽ ٻاتر براهمڻ کي ڏجن. جنهن جڳهه زمين ۾ تورپشي ٻعر جيترو
ساڻ گهٽولاءِ مليٿو، تنهن ست ٻاتو کي توروئي دان ڏيڻ سان گهٽو
ٻعر ملي ٿو. سڀني ٻگيس کان گيان ٻگيه يعني پرميشور جي ڪٿا
ڪيرتن اتم آهي. ڪنهنجو ٻرو نه جاهڻ، سنتوش ۾ رهڻ اهو
سڀني ڌرمن جو مول آهي. جو گرهستي ٻنهنجي ڌرم موجب هليٿو
سو اُن ٻرم هنس سنياسي کان ٻهتر آهي، جو ٻنهنجو ڌرم نٿو ٻالي.

ڪنهن ٻه شهر يا وسنديءَ ۾ هڪ رات کان وڌيڪ رهڻ نه گهرجي.
شرڌا سان جيڪي ڀکيا طور ملي سو وٺي راضي ٿئي. ڪو به
ڪپڙو پاڻ وٽ نه رکي ۽ سدائين اڪيلو رهي. سڀني جيون تي
هڪ جهڙي دَيا رکي، هريءَ جي چرڻن جو ڌيان ڪندو رهي. ڪو به
پنهنجو چيلو چاٽي نه ڪري ۽ نه پنهنجي رهڻ لاءِ ڪا جهوپڙي ٺاهي
رهي. سنسار کي سپني جيان سمجهي، موت جي چنتا نه ڪري.

هي يڌشٺر! هاڻي هڪڙي سنياسيءَ جي ڳالهه ٿو ٻڌايان ۽ ته
پرهلاد جڏهن تخت تي ويٺو تڏهن سندس چال هئي جو هو سير گهمڻ
ويندو هو ۽ جتي ڪنهن گيانيءَ جو پتو پوندو هوس ته اُتي وڃي،
ڏاڍي پريم سان هري چرچا ۽ گيان گوشٽ ڪندو هو. هڪڙي
دفعي ڇا ڏسي ته دتاتريه نالي هڪڙو اوڌوت تمام ٿلهو متارو ۽
تيجوان، اُگهاڙن لڱن پرميشور جي ڌيان ۾ زمين تي ويٺو آهي.
پرهلاد اُنهيءَ اوڌوت کي ڏسي ڪيس نمسڪار ڪري ستوتي ڪرڻ
لڳو ۽ کانئس سندس ٿلهي متاري هئڻ ۽ گيان ٻڌڻ جي جاچنا ڏيکاري.
دتاتريه ورندي ڏنيس ته "هي ڀڳت جن! تون جو چوين ٿو ته
"اُديم نه ڪندي به ٿلهو متارو ڇو ٿو ڏسڻ ۾ اچين" تنهنجو سبب
هيءُ آهي ته مون دنيا ۾ رهي گهڻوئي ڏن ڪمايو، پر ڏٺم ته ڏينهون
ڏينهن ترشنا وڌندي ويندي. نيٺ خيال ڪيم ته هيءُ منشيہ جنم اجايو
وڃائڻ واجب ڪينهي، پر جنهن مطلب لاءِ مليو آهي سو سڌ ڪرڻ
گهرجي، پر جي ائين نه ڪندس ته نرڪ ۾ پوندي ڏاڍا ڏک ڀوڳيندس.
بس! اهوئي سبب آهي جو منشيہ هريءَ جي چرڻن ۾ پريت نٿو رکي
۽ دنيوي فڪر ۾ ڦاٿو پيو آهي، سو ڏکيوئي رهندو. ٻاهريون
آنڌڪار سورج جي روشنائي ڪري گم ٿئي ٿو، پر اندر جو آنڌڪار
ڀڳوان جي ڀڄن ڪرڻ سان وڃي ٿو. هي پرهلاد! تو جو پڇيو ته
"تون پاڻ وٽ ڪا به شيءِ ڪا نه ٿو رکين" سو مون گهڻيئي ڌنوان ڏٺا،
پر سڀ دنيا جي فڪر ۾ ڦڪا ٿيو آهن. اُنهن کي مايا وڃڻ جو ڀَو
هڪڙي پاسي ته راجا جو خوف ٻئي طرف، چورن ۽ ڌاڙيلن جي ڌڪا ۽
ڪان رات جو ننڊ ڪا نهين. جهڙن نه مکيون سخت محنت ڪري ماکي
گڏ ڪن، پر ڪنجوسي ڪري هڪڙو به ڦڙو پاڻ کي نه کائين،

سان ڪوڙ نہ ڳالهائي. پرميشور جي اڃا سان ڪا استري وڌوا
ٿي پوي تہ هوءَ ملڪ ڪاڏو ڪاٽي، پرميشور جو لاڳن ۾ ڌيان ڪندي
رهي. ڪڏهن بہ سٺن طعامن کائڻ جي خواهش نہ رکي ۽ نڪي چڱا
ڪپڙا ڍڪي يا زيور پائي پاڻ سينگاري. جا استري پنهنجي
ڌرم ڪرم تي رهي، شاستر آگيا پٽاند استري ڌرم پالي ٿي، سا مرڻ
ڪانپوءِ وئڪنٺ وڃي، لڪشمي وانگر پنهنجي پتي سان آنند پائيندي.

جيئني وطن کي گوڙهي تہ چوري وغيره پاڙن ڪرمن کان پري
رهن ۽ هرروز يوگہ ڪرڻ ۾ پريت نہ رکن، جو تہ ائين ڪرڻ سان
ڪو اولاد پيدا ڪونہ ٿيندو. استري رتو اچڻ واري ڏينهن کان
اشنان ڪرڻ بعد جڏهن پڪ ٿئي تڏهن ساڻس سنبرگ ڪرڻ واجب
آهي ۽ ائين ڪرڻ سان ئي ڌرماتما اولاد پيدا ٿيندو. مگر رتوءَ جي
ٽن ڏينهن اندر يا ڏينهن جو ڀوڳ ڪرڻ سان پرش جو تيج، ٻل،
ڌرم ۽ عمر گهٽجي وڃنٿا. جيڪو پرش رتوءَ ڪانپوءِ چوٿين ڏينهن
استريءَ وٽ نٿو وڃي، تنهنکي مها پاپ چڙهندو. هي پڌ شلوڪا مٿي
چئن آشرمن جو ڌرم ٿو پڌايان ۽ سو ڌيان ڏيئي ٻڌ:-

برهمچاري وٽين ورهين جي اندر ماتا پتا جي آگيا سان گروءَ
گهر وڃي اُنجي تن ۽ من سان سيوا ڪري. ڪڏهن بہ وار نہ ڪوڙائي
۽ ڀڪيا ڪري اچي پنهنجو پيٽ پالي. ڪاوڙ ڪرڻ يا ڀيڙا لفظ چوڻ
جهڙي ڏڻ گهرجنس. ڪا بہ سگندي شيءِ بدن کي نہ مکي ۽ استريءَ
جي سنگ کان سدائين پري رهي. شاستر چونٿا تہ "استري باهہ ۽ پرش
گيهہ سمان آهن. جيئن گيهہ باهہ تي ڳرڻ بنان رهيو نہ ٿيندو، تيئن
پرش جي بہ حالت آهي. الاءِ استرين جو سنگ پرش لاءِ نقصان ڪار
آهي." ٢٤ ورهين بعد ڪنهن چڱي ڪل مان شادي ڪري
گرهست ڌرم پالي. جڏهن پنجاهہ ورهين جي عمر ٿئيس، تڏهن استريءَ
سميت ڪنهن ايڪانت استان ۾ رهي ڀڳوان جو سمرڻ ڪري.
اُتي ڦل ڦول ڪانپوءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ کائي ۽ سرديءَ توڙي گرميءَ ۾ پنهنجي
بدن کي ميرائي. ائين ڪندي مکي ڀڳوان جي روپ ۾ لين ٿي
وڃڻ گهرجي. ان بعد سنياس آشرم ۾ داخل ٿئي. سنياسيءَ کي

هي راجا! جيڪو انهن ڇهن ڪمن مان
ٻنهي سان ٻڌل آهي، سو انهن ٻنهي جي پورتي ڪري
ڪو نه ٿو ڪري، انکي پسون مثل سمجهه. پهرين جي پورتي ڇهني
ورڻن ۽ آشرمن کي ڪرڻ گهرجي. جو براهمڻ ويد پڙهي سنڌيا وغيره
ڪريٿو، پر پهرين جي پورتي نٿو ڪري، انجو اڌو سڀ اجايو آهي.
اهڙي طرح پين کي به سمجهه. براهمڻ انهن کي ٿي سمجهڻ گهرجي
جنهنجا سڀ سنسڪار ٿيا هجن ۽ ٻيا ورتي تي پنهنجو گذران ڪري، ٻه
ٻيا به اها نه هجي جا ڪنهنکان پيٽري ولاجي. براهمڻ کي سدائين
ست شاسترن ۾ ڌيان هجي ۽ هميشه يگيه ۽ هون هوم ڪندو رهي،
نه رڳو دان وٺي پر ڌئي به. ڪيٽرئي کي گهرجي ته يگيه ڪري، شاستر
پڙهي ۽ دان ڌئي، بهادر ۽ ڌرماتما تي ساڌن سنتن جي رکيا ڪري
۽ سدا پنهنجي من ۽ اندرين کي وس رکي. ويش واپار ڪري
ڌرم تي قائم رهي، ديوتائن ۽ براهمڻن جي پورتي ڪري ۽ شودر
مٿين ٽن ورڻن جي سيوا ٽهل ڪري ۽ انجي عيوض جيڪي ملي
تنهنتي گذاري. شودر کي ويد منترسان يگيه ڪرڻ نه گهرجي.
براهمڻ کي ٻئي آدمي جي نوڪري ۽ سيوا نه ڪرڻ گهرجي. هي
يڌشٽر! تون سوال ڪرين ته پوءِ درونا چاريه جهڙي مهاتما ڌريوڌن
جي نوڪري ڇو ڪئي؟ ته انجو جواب هي آهي ته هڪڙي ڌينهن
درونا چاريه جي پٽ آشوٿاما ڪنهن ٻئي ٻالڪ کي کير پيئندو
ڌسي پنهنجي پيءُ کان کير گهريو. درونا چاريه ڪنگال هئڻ سبب
پنهنجي پٽ کي کير ڌيئي نه سگهيو، پر پاڻي ۾ مينوڙي گهوي کير جي
عيوض پٽ کي ڌناءِ. اشوٿاما ته کير سمجهي پي ويو، پر دروناچاريه
پاڻکي ڌڪارڻ لڳو جو پاڻ کير جو به پٽ کي ڌيڻ لاءِ اسمرٿ ٿيو.
بس! انهي سبب ڪري لاچار وڃي ڌريوڌن وٽ رهڻو پيس. هي
يڌشٽر! هاڻي توکي استرين جو ڌرم ٿو ٻڌايان سو به ٻڌي وٺ:-
استري پنهنجي پتيءَ کي ايشور ڄاڻي انجي آگيا ۾ رهي. سدا
مٺا وچن ٻولي ۽ ڪڏهن به ڪنهن سان ڪوڙ نه ٻولي، اوپ ڪان
پري ڀاڄي، شڌ من سان پنهنجي پتيءَ ۽ وڏن جي سيوا ڪري.
جيڪي به ڪيس هجي تنهنتي راضي رهي، ڪڏهن پاڻجي به پتيءَ

ڏيا سان ترپر نالي دئيت کي ماريو هو، جنهنڪري سندس نالو
ترپراري پيو. اهڙا ڪٿا توکي پڌايان ٿو جا پڻ پڌي وٺ:—

ڪنهن سمي دئيتن ديوتائن کان هارايو تڏهن دئيت برهما جي
آگيا موجب ميردانو جي شرڻ ويا، جنهن پنهنجي مايا سان ٽي قلعا
سون، چانديءَ ۽ لوهه جا آڪاش ۾ اڏرندڙ جوڙي ڏنا، جي ڪڏهن
ڏسڻ ۾ ٿي آيا ته ڪڏهن غائب ٿي ٿي ويا. اهي دئيت پنهنجي
راڄا ترپر سان گڏ جي ديوتائن کي ڀڄائي انهن قلعن ۾ وڃي
لڪندا هئا. ديوتائن تڏهن لاچار ٿي وڃي شري مهاديو جي شرڻ
ورتي. شري مهاديو لڙائيءَ ۾ جڏهن دئيتن کي مارڻ لڳو، تڏهن ميردانو
پنهنجي مايا سان انهن قلعن ۾ هڪڙو امرت جو ڪنڊ ٺاهيو، جنهن ۾
جيڪي دئيت شري مهاديو ماريا ٿي سي وجهي وري جيئرا ڪري
ٿي ڇڏيا. دئيتن جي اها حالت ڏسي مهاديو ناراڻ جو ڌيان ڪرڻ
لڳو. شيام سندر شري مهاديو کي اداس ڏسي، پاڻ ڳئو ٿيو ۽ برهما
کي ڳابو بنائي انهيءَ ڪنڊ ٿي امرت پيئڻ لاءِ ويا. سندن سندرتا
ڪري ڪنهن به امرت پيئڻ کان ڪين نه روڪيو ۽ جنهنڪري
هڪڙيءَ ڪن ۾ سڀ امرت پي انترڌان ٿي ويا. اهو حال جڏهن
دئيتن ميردانو کي وڃي پڌايو تڏهن هو شري ناراڻ جي اها ليلا
ڏسي انهن قلعن کان ٻاهر هليو ويو. انهيءَ بعد شري مهاديو شيام سندر
جي ڪرپا سان ترپر نالي دئيت کي ماري سندس ٽئي قلعا ڀسم ڪيا.

ايتري ۾ شري شيام سندر جي پڌي، راڄا پرڪشت پاڻ کي
وڏڀاڳي سمجهڻ لڳو. پوءِ نارد منيءَ کي جس ورڻ ۽ جس آشرمن
جي ڌرمن جي پڌائڻ لاءِ وينتي ڪيائين. نارد مني تڏهن ڪيس چوڻ
لڳو ته ”هي ڌرم مورتي! جنهن منش ۾ تون هي ميليان گڻ ڏسين
تنهن کي سمجهه ته ڀڳوان پرس آهي. يعني جو سدا سچ ڳالهائيندڙ
آهي، دردي ۾ ديا رکي ۽ جنهن کي ڏکي ڏسي تنهن کي ان دک کان
ڇڏائڻ جو اپاءُ ڪري، پنهنجي وسعت سارو دان ڪري ۽
اڪباريون نه ڪري، لاڀ جڏهن سدا سنتوش ۾ رهي، سنساري
مايا کان پري رهي - ڏسڻ ۾ گذاري، پرميشور جي ڪٿا ۽ نام

آهي تہ منهنجن ڪيلن ڄڻن ڪهن جو
آهن تہ منهنجي وينتي آهي تہ منهنجن
ڪي ڏيٺي ڪرتا رت ڪريو ۽ اُنهنجي آڌرم ۽ باپ جي عيوض
سزا ڏيو. جيستائ اوهانجي ديا ۽ ڪرپا اُنون اَگيانين تي نہ
ي، تيستائ هو مايا جي جارمان ڇٽي نہ پوندو، تڏن اوهانجو بہ اُنون تي
ڪتوري پرڻ سان هو ڪتي نہ پوندو، تڏن اوهانجو بہ اُنون تي
پا ڪرڻ ڪري ڪابہ نہ گهٽبو."
پرهلاد جا اهڙا ديِن وچن ٻڌي، نرسنگهہ ڀڳوان پنهنجو غصو شانت
ٿيو ۽ پرهلاد کي چوڻ لڳو تہ "هي پترا! تون منهنجو پورڻ ڀڳت
نين، اِنلاءِ منهنجي اِڇا آهي تہ تون ويٺي راڄ ڪر، نہ تہ ماڻهو
ندا تہ پرهلاد هرڻ جي ڀڳت هئڻ ڪري بہ راڄ نہ پاتو. توکي
ڄ گدڻ جو ڪوبہ وڪار نہ لڳندو ۽ سدائ منهنجي چرڻن جي
ريت رهندي ۽ جيستائ دنيا قائم آهي تيستائ تنهنجو جس ڳائبو
هبو." پرهلاد تڏهن پنهنجي پيءُ جي اُڌار لاءِ ڀڳوان کي وينتي
ڪئي، جنهنتي ڀڳوان آئت ڏنس تہ منهنجي ڀڳت جو ڪوبہ مت
مائت ٻاڪ ست پيڙهيون نرڪ ۾ وڃي نٿيون سگهن. هاڻي تون ڪابہ
چنتا نہ ڪري وڃي پنهنجي پتا جو ڪريا ڪرم ۽ شراڌ ڪر."
ڀڳوان جي آگيا سان جڏهن پرهلاد سڀ ڪريا ڪرم ڪري چڪو،
تڏهن ڀڳوان کيس گاديءَ تي وهاري تلڪ ڏنو ۽ پوءِ برهما کي چوڻ
لڳو تہ اڳتي ڪنهن بہ دئيت کي اهڙو ساهت ور نہ ڏجي." ائين
چئي ڀڳوان اُتان انترڌان ٿي ويو. پرهلاد ڌرم سان پرجا پالڻ
لڳو ۽ آنٽي پهر هرئي جي ڀڳتيءَ ۾ لڳو رهيو.
ايتري ڪٿا چئي نارد چوڻ لڳو تہ "هي يڌشٽر! اها اتيٺي
ڪٿا. تون وڏو ڀاڳي آهين جنهن برماتما جي
جيءُ وِ جيءُ جي تن جنمن جي
چرڻن جو ڏيان برهما ۽ ٻيا ديوتائون آنٽي پهر ڪري رهيا آهن ۽
وڏا جوڳي ۽ رشي اُنجو درشن ڏيان ۾ بہ نتا پائين، اُهوئي شري ڪرشڻ
مهاراڄ تنهنجي لوڪن جو نات توکي پنهنجو ناجہ ڀڳت سمجهڻي تنهنجي
آگيا ۾ بينو آهي. اِهوئي سبب آهي جو دنيا ۾ ڀڳت وتسل سندس
نالو مشهور آهي. ڪڙي پيري شري مهادبو اُنوئي شيام سندر جي

مٿي جوڙي شتوتي ڪرڻ لڳو.

پرهلاد جي پريم ڀريل شتوتي ٻڌي نرسنگهه ڀڳوان جو غصو دور ٿيو ۽ پرهلاد جو مٿو مٿي کڻي ڏاڍي پريم مان کيس هنج ۾ ويهاري چوڻ لڳس ته ”هي پترا ٻڌاءِ ڇا گهرجيئي.“ پرهلاد تڏهن پريم ۾ پرجهي مٿي جوڙي چوڻ لڳس ته ”هي ديناناٿ! مون اڌرمي ڪل جي ٻالڪ تي ديال ٿي اوهان جا منهنجي رکيا ڪئي آهي، تڏهن ڪري آءٌ ٻاڻ جهڙو ڀاڳوارو ٻئي ڪنهن کي نه ٿو سمجهان. اوهين هن جڳت ۾ ڀڳتن کي سک ڏيڻ ۽ اڌرمين کي ناس ڪرڻ لاءِ اوتار ڌاريو ٿا، جن اوتارن جي ڪٿا ۽ ليلا ٻڌي مي منش مڪتي پائين ٿا. آها! اوهانجي مايا ڪير ظاهر ڪري سگهندو؟ اوهين جيڪڏهن چاهيو ته هنڪان گهڻو اڳي منهنجي ۽ جنهن پتا جي اَنت آڻي سگهو ها. هي ديناناٿ! اوهين جهڙو ڀڳتي ڪرڻ سان راضي ٿيو ٿا تهڙو يگيه، تپسيا ۽ دان وغيره ڪرڻ سان نٿا ٿيو. تپسيا ڪرڻ سان رڳو پنهنجو ڀاو ٿئي ٿو، ڀڳتي ڪرڻ سان سڀ پنڙهون ولڪنٺ وس ٿيون. اوهان جي شڪتي کي برها ديوتائون نه شانت ڪري نه سگهيا، پر مون اگياني ٻالڪ جي شتوتي قبول پئي، تڏهن ڪري هي ناٿ! آءٌ بيشڪ وڏڀاڳي آهيان. هي دين بنڌو! آءٌ هن سنساري مايا کان ڏاڍو ڏڄان ٿو، تنهن ڪري ديا ڪري مون کي پنهنجي شرڻ ۾ رکو. هي ناٿ! سنسار جو سک هميشه قائم ڪو رهي. ڏسو! منهنجو پتا ٽنهي لوڪن جو راڄ ڀوڳي ۾ اڄ موت هنڌ پنهنجي اکيان مٿو پيو آهي، جهٽڪ موئي ڪونه. ان لاءِ اهڙي ڪوڙي سنساري شئي جتاءِ دار آهي، جا مان توهانکان گهران؟ مونکي رڳو ايتري گهرج آهي ته جڏهن جڏهن مان جنم وٺان تڏهن تڏهن ستسنگ ۾ رهي، اوهانجي ڀالي جو جاپ ۽ چرڻن جي ٽهل ڪندو رهان ۽ هڪ پل به اوهين مونکان نه وسرو. پيو ته هي منش اگيانتا ڪري، سنساري سک مايا روپي اندي ... پيا آهن، تنکي گيان روپي رسي ڪڍائي اُنهيءَ کوهه مان ٻاهر ... ادار ڪريو. جيڪڏهن مٿو ته انهن اهڙا جتا ڪم ڪيائي

ايندو آهي تنهنجي هڏي نڪاٽي نه رهندي آهي.“ سو سڀئي تنهنجي
ٿو ته اوهانجا ٻه ڏينهن اچي پورا ٿيا آهن.“

پرهلاد جا اهڙا غصي ڏيندڙ وچن هڏي هرڻ ڪشيپ ڪاوڙجي
ترار ڪڍي چوڻ لڳس ته ”اڙي او مورک! مونکان ٻه وڌيڪ
زبردست جي نارايڻ آهي ته اچي تنهنجي رکيا ڪري.“

پرهلاد- ڀڳتن جي واسطي هو هرهنڌ موجود آهي.

هرڻ ڪشيپ- هن ٿنڀ ۾ آهي؟

پرهلاد—— بيشڪ آهي.

اجا پرهلاد جو ايترو چئي ٿنڀ ڏانهن نهارڻ ته جا ڏسي ته ڀڳوان
نرسنگهه روپ (اڌ آدمي ۽ اڌ شينهن جهڙو بدن) ڌاري ٿنڀ مان
ڏڪاري ڏني. اهو روپ ڏسي هرڻ ڪشيپ جڏهن ڀانيو ته وجي لونشو هڻانس
تڏهن اهو ٿنڀ ڦاٽي پيو ۽ منجهانس نرسنگهه ڀڳوان پرگهٽ ٿي، ڏاڍي
ڪاوڙ مان ڪيس للڪارڻ لڳو.

هرڻ ڪشيپ اهڙو ڀيانڪ روپ ڏسي منجهي ويو ۽ من ۾ چوڻ
لڳو ته ”هڙو اڌيت روپ مون اڄ ڏينهن تائين ڪڏهن ڪونه ڏٺو.
برهما جيڪو مونکي ور ڏنو هو تنهن مان ڪابه ڳالهه هن سان
لڳي نٿي سگهي ۽ ڀانيان ٿو ته هي مونکي ضرور ماريندو.“ اجا هو
انهي خيال ۾ هو ته نرسنگهه ڀڳوان کيس ڳهلي گوڏي تي ليٽائي سندس
پيٽ پنهنجن نهن سان ڦاڙي وڌو. اُنوقت نرسنگهه ڀڳوان کي ڏاڍو
غصو هو ۽ سندس اهو ڪروڌ ڏسي، ٽنهي لوڪن جا جيو ڏڪڻ لڳا.
ديوتائن تڏهن برهما کي نرسنگهه ڀڳوان جي شتوتي ڪري غصي لاهڻ
لاءِ چيو. برهما انهي تي ڀڳوان وٽ وڃي انيڪ پرڪارن جي شتوتي
ڪئي، پر تڏهن به ڀڳوان جو غصو ڍرو نه ٿيو. پوءِ ته واري سان شنڪر
مهاراج، اندر ۽ لڪشمي نرسنگهه ڀڳوان وٽ ويا، پر سندس ڪروڌ
شانت ڪري نه سگهيا. تڏهن سڀني گڏجي صلاح ڪئي ته ڀڳوان
جنهن ڀڳت جي رکيا لاءِ هي اوتار ورتو آهي، تنهنجي ئي پراٿنا تي
شانت ٿيندو. اهو ويچار ڪري پرهلاد کي اُتي موڪليائون، هو
ڀڳوان کي پرڪرما ڏيئي پنهنجو مستڪ ڀڳوان جي چرڻن تي رکي،

شريمد ڀاڳوت ص٥١١



GITA PRESS, GORAKHPUR.

ڀڳوان جو نرسنگهه روپ ڌاري ٿنڀ مان پرگهٽ ٿي هرڻاڪشيپ کي مارڻ (صفحه ٥١١)

لڳو ۽ پوءِ پرهلاد کي وري نه سمجهائي شڪول ڏي ڏياري، موڪلائي.
پرهلاد وري به ڇوڪرن کي اهوئي گيان سيکارڻ لڳو. ڇوڪرا، تڏهن
کيس وراڻي ڏني ته ”هي پرهلاد! اسين اڃا ننڍڙا ٻار آهيون، جڏهن
وڏا ٿينداسين تڏهن ڀڳوان جو ڀڄن ڪنداسين.“ پرهلاد تڏهن چوڻ
لڳين ته ”ڀائرو! ڀڳوان جو ڀڄن هن منش جنم کانسواءِ هو ڪٿي نه
ٿو ٿئي ۽ هي منش جنم وري ڪونه ٿو ملي. هي ته اسانجي
وڏن ڀاڳن جو پرتاپ آهي جو هي جنم مليو اٿئون ۽ انهيءَ منش جنم
لاءِ ديوتائون به سڪي رهيا آهن. انهيءَ ڪري هن پنهنجو نيتارو
سمجهو ته هيون سڀ ڳالهيون ڇڏيون ڪري پرميشور جي ڀڄن ۾ لڳي
رهو. هي سنساري سک شيشي سمان آهي ۽ پري پرماتما جو ڀڄن ٽوٽلي
ڀڳتي پارس پٿر وانگر آنند جي کاڻ آهي. سو جيڪر پارس ملڻ ڪري
ڪنهن شيءِ جو ڪجهه نٿو پوي، تنهن ڪري هي ڀڳتي ڪندڙ به همراه رهيتو.

پرهلاد جو اهڙو اپديش ٻڌي سڀ ڇوڪر سندس چوڻ پٽاندر هلڻ
لڳا ۽ رام نام اچارڻ لڳا. ڇوڪرن جي حالت تي گروءَ کي ڊپ لڳو،
سو ڪيئن ڏاڍو ڏمڪائڻ ۽ هرڻ ڪشيپ جو ڊپ ڏيڻ لڳس، پر ڇوڪرن
سندس هڪ به نه ٻڌي. انهيءَ تي گروءَ سيني ڇوڪرن کي پرهلاد سميت
هرڻ ڪشيپ وٽ وٺي وڃي کيس سمورو حال ٻڌايو. هرڻ ڪشيپ به
پرهلاد تي ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ کيس طرحين طرحين جا ڊپ ڏيئي مارڻ لاءِ
ڌمڪائڻ لڳو، پر پرهلاد مرڪي چوڻ لڳس ته ”هي پتا جي! جنهن
ڀڳوان جي شڪتيءَ ڪري اوهين راڄ ڪري رهيا آهيو، اهوئي
اوناشي پرش سڀني کان زورآور آهي ۽ هر هنڌ موجود آهي. هو
جا هي سو ٿي سگهيٿو. ٻئي ڪنهنکي به ذرهڪ هلت ڪرڻ يا دم هڻڻ
جي طاقت ڪانهي. مونکي پڪ آهي ته هو منهنجي اوس سهائتا
ڪندو. اوهين ٽالڪي ٽنڍي لوڪن جو مالڪ ۽ سڀني کي هٿ وس
سمجهي ويٺا آهيو، پر اڃا تاءِ ڪروڌ ۽ ٻين وڪارن کي نه وس ڪري
ڪونه سگهيا آهيو. انهيءَ واجب آهي ته پنهنجو اهو راڪشسي سڀاءُ
ڇڏي، اندرين کي وس رکي، پري پرماتما جي چرڻن جو ڌيان ڪريو،
ته هي سنسار ساگر تري پار پئو. سمجهو اٿن ته ”جنهنجو هوت ويجهو

سرشٽيءَ جو راجا ٿيان ۽ منهنجي تپسيا جو زور ڪڏهن به نه گهٽجي."

برهما هرڻ ڪشيپ کي اهو ور ڏيئي هليو ويو. پوءِ ته هرڻ ڪشيپ لڳو سڀني کي ستائڻ. سندس ظلم ڪري پرٿويءَ تان هون هوم، يگيه ۽ تپسيائون سڀ بند ٿي ويا ۽ هو ايترو ته ستائڻ لڳو جو چوگرد هاهاڪار مچي ويئي. هرڻ ڪشيپ کي چار پٽ ڄاوا، جن مان ٽي ته دئيتن جهڙا ساماڻا باقي چوٿون پرهلاد، جو سڀني کان ننڍو هو، تنهنجو سڀاءُ ۽ هلت چلت ديوتائن جهڙي هئي. هو اٺئي پهر سنتن ۽ مهاتمائن جي سنگ ۾ رهي، هريءَ جو ڀڄن ڪندو هو. ڪنهن به پراڻيءَ کي ڏک نه ڏيندو هو. آهڙي پٽ سان هرڻ ڪشيپ جو وير شروع ٿيو.

پنجن ورهين جي اوستا ۾ پرهلاد کي گروءَ وٽ پاڙهڻ لاءِ موڪليو ويو، جتي سندس گروءَ کي تاڪيد ٿيل هئي ته اهڙو جتن ڪجي جو هيءُ ڪڏهن به ڀڳوان جو نالو نه وٺي. ويچاري گروءَ گهڻيئي متا هنيا، پر پرهلاد پاڻ ته رام جو سمرڻ ڪندو رهيو، اُلٽندو ٻين شاگردن کي به اها هير وجهي ڇڏيائين؛ جنهنڪري گرو لاچار ٿي پرهلاد کي هرڻ ڪشيپ وٽ وٺي ويو. هوءَ جي دس ٿي هرڻ ڪشيپ پرهلاد کي هنج ۾ ويهاري جيڪي پڙهيو سو پڇڻ لڳو، جتي هو هنڪي رام نام جي مهما ۽ ستسنگ جو مهاتم ٻڌائڻ لڳو. هرڻ ڪشيپ تڏهن ڪاوڙجي پرهلاد کي سمجهائڻ لڳو ته "مورک! تون اسان جي دشمن جو نالو ٿو گهڻين ۽ پنهنجو ڌرم ڇڏي پنهنجي ٿو دلين جو واجب ڪيئني. هنڪانپوءِ گروءَ جي آگيا موجب هلج نه ته ڏاڍي سزا کائيندين."

پرهلاد پتا جو چوڻ ڌيان ۾ نه آڻي، اُلٽندو گيان جون ڳالهيون ٻڌائي ڪينس وڌيڪ چڙ ڏيارڻ لڳو. انهيءَ تي ڪاوڙجي هرڻ ڪشيپ دئيتن کي حڪم ڏنو ته "هي پرهلاد کي ماري اچو، جو ته ڏسان ٿو ته هو منهنجي دشمن جو نالو وٺي رهيو آهي. سياڻن چيو آهي ته جڏهن روڳي عضوي ڪري شرير جي ٻئي انگ کي خرابي پهچڻ جو ڀؤ هجي ته اهو ڪپي ڇڏجي." اهو ٻڌي هو دئيت پرهلاد کي انيڪ هٿيارن سان مارڻ لڳا، پر هي جو ڀڳوان جي ڌيان ۾ مگن ويٺو هو تنهنکي ڪا به اثر نه ٿيو. هرڻ ڪشيپ کي اهو ڏسي ڏاڍو عجب

سرشٽيءَ جو راڄا ٿيان ۽ منهنجي تپسيا جو زور ڪڏهن به نه گهٽجي."
برهما هرڻ ڪشيپ کي اهو ور ڏيئي هليو ويو. پوءِ ته هرڻ ڪشيپ لڳو سڀني کي ستائڻ. سندس ظلم ڪري پرٿويءَ تان هون هوم، يگيه ۽ تپسيائون سڀ بند ٿي ويون ۽ هو ايترو ته ستائڻ لڳو جو چئوگرد هاهاڪار مچي ويئي. هرڻ ڪشيپ کي چار پٽ ڄاوا، جن مان ٽي ته دئيتن جهڙا ساماڻا باقي چوٿون پرهلاد، جو سڀني کان ننڍو هو، تنهنجو سڀاءُ ۽ هلت چلت ديوتائن جهڙي هئي. هو اڃا ئي پرسنن ۽ مهاتمائن جي سنگ ۾ رهي، هريءَ جو ڀڄن ڪندو هو. ڪنهن به پراڻيءَ کي ڏک نه ڏيندو هو. آخري پتر سان هرڻ ڪشيپ جو وير شروع ٿيو.

پنجن ورهين جي اوستا ۾ پرهلاد کي گروءَ وٽ پاڙهڻ لاءِ موڪليو ويو، جنهن سندس گروءَ کي تاڪيد ٿيل هئي ته اهڙو جتن ٿئي جو هيءُ ڪڏهن به ڀلجي ڀڳوان جو نالو نه وٺي. ويچاري گروءَ گهڻيئي مٿا هنيا، پر پرهلاد پاڻ ته رام جو سمرڻ ڪندو رهيو، اُلٽندو ٻين شاگردن کي به اُها هير وجهي ڇڏيائين؛ جنهنڪري گرو لاچار ٿي پرهلاد کي هرڻ ڪشيپ وٽ وٺي ويو. موهه جي وس ٿي هرڻ ڪشيپ پرهلاد کي هنج ۾ وهاري جيڪي پڙهيو سو پڇڻ لڳو، جنهن تي هو هنڪي رام نام جي مهما ۽ ستسنگ جو مهاتم ٻڌائڻ لڳو. هرڻ ڪشيپ تڏهن ڪاوڙجي پرهلاد کي سمجهائڻ لڳو ته "مورک! تون اسانجي دشمن جو نالو ٿو گهنهين ۽ پنهنجو ڌرم ڇڏي پنهنجي ڏاڏن جو واجب ڪينهي. هنڪانپوءِ گروءَ جي آگيا موجب هلج نه ته ڏاڍي سزا کائيندين."
پرهلاد پتا جو چوڻ ڌيان ۾ نه آندي، اُلٽندو گيان جون ڳالهيون ٻڌائي کيس وڌيڪ چڙ ڏيارڻ لڳو. انهيءَ تي ڪاوڙجي هرڻ ڪشيپ دئيتن کي حڪم ڏنو ته "وڃي پرهلاد کي ماري اچو، جو ته ڏسان ٿو ته هو منهنجي دشمن جو نالو وٺي رهيو آهي. سياڻن چيو آهي ته جهڙي روڳي عضوي ڪري شرير جي ٻئي انگ کي خرابي پهچڻ جو ڊپ هجي ته اهو ڪپي ڇڏجي." اهو ٻڌي هو دئيت پرهلاد کي انيڪ هٿيارن سان مارڻ لڳا، پر هي جو ڀڳوان جي ڌيان ۾ مگن ويٺو هو تنهنکي ڪجهه به اثر نه ٿيو. هرڻ ڪشيپ کي اهو ڏسي ڏاڍو عجب

ڪرڻ ۾ ڏنو، الله ولڪنٺ مان ڪري دئيت جوڻ ۾ جنم وٺو
۽ ٽئي جنم ۾ اوڌارجي مڪتي لهندي. ان سراپ ملڻ ڪري پهرين
جنم ۾ هرڻاڪش ۽ هرڻيه ڪشپ نالي دئيت پيدا ٿيا. هرڻاڪش
پرٿوي پاتال ۾ کڻي ويو، جنهنڪري ديوتائن کي ڏاڍو ڪشٽ سهڻو
پيو ۽ هنکي مارڻ لاءِ ڀڳوان وارام روپ ڌاري، پاتال ۾ وڃي کيس
ماري ڌرتي پرٿوي کي آندو ۽ نرسنگهه اوتار وٺي پرهلاد کي
بچائڻ لاءِ هرڻيه ڪشيپ کي ماريائين. ٻئي جنم ۾ اُهي ٻئي راوڻ
۽ ڪنڀ ڪرڻ نالي جنم ورتو، جن کي شري رامچند راوتار وٺي
ماريو. ٽئين جنم ۾ شيشپال ۽ دنت وڪرتي جنم ورتو ۽ شري ڪرشڻ
کين ماري مڪتي ڏني." ادو هتي راجا يڌشٽر سوال ڪيو ته
"مهاراج! پرهلاد جهڙي ستوگڻي سان هرڻيه ڪشپ سندس پتا جو
دشمني رکي، هنکي مارڻ جا پچر پچايا؟ جو پوءِ نيٺ کيس ئي هرڻو
سو ۽ اهڙو پڳ، دئيت ڪل ۾ ڇو پيدا ٿيو؟" نارد وراڻي ڏني ته
"... هرڻاڪش جي مرڻ ڪري هرڻيه ڪشيپ سندس ڀاءُ

اِسڪند ستون

راجا پريڪشت شري شڪديو جيءَ کان پڇڻ لڳو تہ ”هي سوامي!
جڏهن دئيت ۽ ديوتائون ٻئي ڀڳوان وٽ هڪجهڙا آهن، تہ پوءِ
نارائڻ ديوتائن جي ڇو مدد ڪريٿو ۽ دئيتن کي ڇو ناس ڪريٿو؟“ اهو
ٻڌي شري شڪديو جي چوڻ لڳو تہ ”هي راجا! پرميشور وٽ ڀيد تہ
آهي ئي ڪونہ، اهو سڀ سنديس مايا آهي. ساڳيو سوال تو جهڙو هڪڙي
دفعي راجا يڌشٽر، ششپال جي مڪتي ڏسي نارد کان پڇيو هو، جنهن
ششپال ڀڳوان شري ڪرشڻ کي ڏاڍا ڀڇڙا لفظ چيا هئا. نارد جواب
۾ چيو هوس تہ پرميشور سڀني کي هڪجهڙو چاهيندو آهي. جيڪو بہ
پنهنجي من کي وڪارن کان روڪي پرميشور ۾ لڳائيٿو، اهو انهيءَ
جو روپ ٿي وڃيٿو، جئن ڀوريتڙي ڪينئن کي پنهنجو روپ بنائي
ڇڏي. ڏس! گوپين ڀڳوان کي پنهنجو پتي سمجهي پريت رکي، ششپال
۽ راوڻ هنن کي پنهنجو دشمن سمجهيو، ياڏون پنهنجو عزيز ڪري
ليکيو، اوهان پانڊون هن کي پنهنجو مائٽ ۽ منش ڪيس ايشور ڄاڻي
چت لڳايو. پر سڀيئي ان ڪرپالوءَ جي ڪرپا سان پار تري ويا.
هاڻي هن ششپال جي جنم ڪٿا ٻڌ تہ آهي ڪير. ششپال ۽ دنت وڪر
ڪنهن سمي جيءَ وجيءَ نالي وئڪنٺ ۾ ڀڳوان جا دربان هوا ۽ ڪين
سنڪادڪن جي سراپ ڪري ٽن جنمن ۾ وئڪنٺ مان ڪري
دئيت جوڻ ۾ اچڻو پيو. ٽنهي جنمن ۾ پرميشور سان دشمني رکڻ ڪري
هنن جي هٿان سندن موت ٿيو ۽ ٽئي جنم ۾ سندس مڪتي ٿي.“
ايترو ٻڌي راجا يڌشٽر پڇڻ لڳو تہ ”مهاراج! وئڪنٺ واسي
تہ پاپ ڪونہ ڪن، پوءِ انهن دربانن جيءَ وجيءَ کي ڇو دئيتن جو
جامون مليو؟“ نارد وراڻي ڏنيس تہ ”هڪڙي ڏينهن سنڪادڪ
پرميشور جي درشن ڪرڻ لاءِ وئڪنٺ ويا ٿي، جيءَ وجيءَ انهن
کي ڇوڪرو سمجهي اندر وڃڻ نہ ڏنو، جنهن تي انهن ڪاوڙجي
جيءَ وجيءَ کي سراپ ڏنو تہ اوهان، جو اسان کي پرميشور جو درشن

رهيا. دڌيچي جاڳي جڏهن اندر کي اوڏو ڏٺائين جو ڪرڻ سميت هنهجي
اڳيان بيٺو ڏٺو، تڏهن ادب سان اُٿي پڇڻ لڳس ته "مون ته ڪڙي
پٽ جو سنڪلپ ڪيو هو، پوءِ ڇو مشڪل ڪئي هيڏا تيا؟" اها ڳالهه
ٻڌي اندر دڌيچي کيس سمورو احوال ٻڌايو. پوءِ هٿ جوڙي
عرض لڳس ته "جهڙي صورت ۾ آءٌ هن اوڏو آهيان پالڪن سان گڏ
تنهنجي گهر مان نڪتو آهيان، انڪري مونکي پنهنجو پتر سمجهي
هن پنهنجي پاڙن کي آگيا ڪر ته ملي مون سان گڏ اندرپوري ۾
رهن." دڌيچي اندر جي اها ڳالهه خوشي سان قبول ڪئي، جو جو
دڌيچي ڏٺو ته منهنجا پٽ ديوتائي ورتا. پوءِ اندر ان مرڻ جو ڏپ
نه ڪري خوش ٿيندو، اُهي پالڪن سميت اچي راڄ ڪرڻ لڳو.

ايشور ليلا مهما

١. تن لوڪن جو ڌڻي پرڀو، وياپڪ آهي پريو مايا،
پوتر سندر سروپ پريوءَ جو، ڏورهه ادين جهڙو جايا،
دشٽ دمن، سرشٽي جو پالڪ، پريو امر اٽل آهي،
پريو نواس ڀڳتن جو من، هر هنڌ استل آهي.

٢. ڪرشڻ يشودا نندن سندر، ستم سندو سک راشي،
سک داتا هي سڀاڻ تون، سچدانند جي گڻ راشي،
پورڻ ڪندڙ آهين اڄائون، ٻن پريو نامي ڪوئي،
سڀني پرڪ ساڻ جو تو سمرڻ، ڏير مشڪل آهي سوئي.

٣. پريو! من جي حراب پاؤن، ڏور ڪحائين تن ڪان،
ڪڏهن ڏيندڙ ڀڳتي ملي، جتان جنم مرڻ ڦيري ڪان،
پاڻي پرم آنند اهڙي جو، جنهن جي پريو ڪارڻان،
ڏکان ڪرڻان مان شري هرڻ، جو موهه ممتا مارڻان.

٤. مي ليلاڌر، مرلي مراري، ڏين هندو ذڪر هرتا،
سرشٽي رچيندڙ جي سب ناگر، تون جڳ هرتا ڪرتا،
وسو ساري جي ليلا شڪتي، پريو سمجهڻ آهي مشڪل،
وچارڻ ۾ ڏير لڳي ٿي، اها ڳالهه سچي بلڪل.

...ٿي جو پٽر سنتان لاءِ ڪشيپ جي سيوا ڪر...

تنهن ڪيس سراپ ڏنو ته "تون وچي دئيت جي جوڻ ۾
اُنجو ڦل ڀوڳ." اها ڪٿا ٻڌي چترڪيتو کي ڪاوڙ ۾ ...
ٿيو، پر پاروتيءَ کي نمي جوڻ لڳو ته "ماتا! مون جا...
ڪئي، سا نه اوهانجي آپمان ڪرڻ لاءِ، پر اِنلاءِ ته سنساري...
اِهو ٻڌي پڇتاءُ نه ٿي پون."

ايتري ڪٿا ٻڌائي شري شڪديو جي چيو ته "هي راجا!...
چترڪيتو، پاروتيءَ جي سراپ ڪري ورترا سر دئيت اٿيو ٿ...
پرميشور جي ڀڳتي مٿس ڏيا هئي، انڪري مرڻ وقت هنکي اُهو گيان پ...

هاڻي راجا پريڪشت پڇڻ لڳو ته "هي شڪديو جي مها...
دتيءَ جا پٽ مُرت ڪهڙيءَ طرح ديوتا ٿيا؟" شڪديو جي وراڻي ڏني...
"جڏهن ڀڳوان وارا ۽ نرسنگهه اوتار ورتي دتيءَ جي ٻن پ...
هرڻيه ڪشيپ ۽ هرڻاڪش کي ماري ڇڏيو، تڏهن سوءِ ڏاڍو اُدا...
ٿي جوڻ لڳي ته "جنهن اِندر منهنجا ٻئي پٽ مارايا آهن، تنهنجي
مارڻ وارو پٽ پيدا ٿئي، اُنلاءِ ڪا اهڙي تجويز ڪريان." سو سوءِ
پنهنجي پتيءَ ڪشيپ جي ڏاڍي پريم سان سيوا ڪرڻ لڳي.
ڪشيپ دتيءَ جي سيوا کان پرسن ٿي کيس وردان گهرڻ لاءِ چيو،
جنهنتي دتي کانئس اِهو ور گهرڻ لڳي ته "مونکي اهڙو پٽ ڏي،
جو اِندر کي ماري سداءِ جيئرو رهي." ڪشيپ ويچارو دتيءَ جي
اِها ڳالهه ٻڌي ڏاڍو اُداس ٿيو، پر نيٺ پنهنجي وچن کي پاڙڻ
ڏيڻ لاءِ دتيءَ کي هڪ ورت رکڻ لاءِ چيو. دتي به اُنهيءَ ورت ۾ ڏاڍو
مشغول ٿي ويئي. اِندر کي جنهنمهل اها خبر پيئي، تنهن مهل پنهنجي
مرڻ جو وقت آيو سمجهي براهمڻ جو روپ ڌاري، جنهن مهل دتيءَ
ورت رکي پوڄا پئي ڪئي، اُتي اچي رات ڏينهن دتيءَ جي سيوا
ڪرڻ لڳو. ڪشيپ دتيءَ کي ورت رکڻ مهل ڪن نيمن پالڻ لاءِ
چيو هو، پر دتيءَ کان هڪڙي ڏينهن اهڙي ڀُل ٿي ويئي جو جنهنڪري
اِندر وجهه وٺي دتيءَ جي پيٽ ۾ اندر گهڙي وڃي سندس ٻالڪ
...کي اوڻونجاهه ٽڪرا ڪري وڌو. ايشور اِڇا سان اِهي اوڻونجاهه
...ڪر ٻالڪ بڻجي پيا ۽ گرڀ کان ٻاهر اچي دتيءَ جي اڳيان بيٺا

ڪيس اُنهيءَ يڳ جي ڏيارڻ جي ڳالهه ڪري ٻڌائي ۽ چيائينس ته
مون توکي اڳيئي چيو هو ته توکي اُن پتر جي جنم ڪري پورياءِ
ريت خوشي ٿيندي، پر پوءِ ڏاڍو ڏک ٿيندءِ. هاڻي تون پنهنجي
من کي ڌيرج ڏي ۽ سمجهه ته هي سڀ ايشور جي ڪرپا سان ٿئي ٿو.
هن ڪوڙيءَ دنيا کي ڇڏي هري چرڻن ۾ ڌيان لڳاءِ ته مڪتي
ٿيئي." اِن کان پوءِ نارد به ڪيس اهڙوئي پرو ڏنو.

هاڻي راجا پنهنجون اکيون کوليون ۽ نارد کي ليلڙائيون ڪري
چوڻ لڳو ته "ڪرپا ڪري هڪ دفعو هن جوڪر کي جيارڻ ته مون
کي ڌيرج ٿئي." اها ڳالهه ٻڌي نارد پنهنجي يوگ بل سان اُن
جوڪر جي جيو آتما کي گهرائي، راجا ۽ راڻيءَ جي سامهون بيهاري،
ڪيس سندس ڪايا ۾ اچڻ لاءِ چيو، پر هن اها ڳالهه نه مڃي ۽ چوڻ
لڳو ته "هيءُ ڪوڙي جنم جا ماتا پتا آهن ۽ مان ڪوڙي جنم جو
منهنجو پتر آهيان؟ جڳت جو ورتاءُ ائين آهي. انڪري منهنجي ۽
اُنهن جي ڪا ڳالهه ۾ واٽ نه سمجهڻ گهرجي. اڳوڻي جنم ۾ مان ۽
هيءُ ٻئي راجا هئاسين ۽ پاڻ ۾ لڙندي هن منهنجو سر وڍي مونکي ڏک
ڏنو هو، سوئي اڄ هن جنم ۾ پٽ ٿي ڪيس ڏک ڏيائون. انهيءَ
سڀ جيو هن دنيا ۾ پنهنجو ٻڌل هڪ ٻئي کان وٺي رهيا آهن."
ايترو چئي هو جيو آتما هليو ويو.

اها ڳالهه ٻڌي راجا ۽ راڻيءَ جو شوڪ مٽجي ويو ۽ پوءِ وري
ڀڳوان جو ڀڄن ڪرڻ لڳا. ڀڳوان مٿن پرسن ٿي هڪڙو سهڻو وِمان،
جو سڀني جاين تي پهچي سگهي، ڪيس ڏيئي انترڌان ٿي ويو. هڪڙي
ڏينهن راجا چترڪيتو اُن وِمان ۾ چڙهي ڪيلاش پربت تي اچي
پهتو، جتي ڏسي ته مهاديو پاربتيءَ کي گوڏي تي ويهاري ڪيترن
رشين کي وڏو گيان اُپديش ڪري. چترڪيتو اهو حال ڏسي چوڻ
لڳو ته "ڏسو! هيءُ پرم گيانين جو حال، جو جڳت گرو ٿي جٽا ڇڏي
ڏيو اٿس ۽ وٽي آدمين وانگر سڀا ۾ استريءَ کي گوڏي تي
ويهاري ويٺا آهن. سڌاري جيو به جڪر ائين ڪين ڪن." اها
ڳالهه ٻڌي مهاديو ڪا ڪي ڪاٻي ٻات ڪئي، پر پاروتيءَ کان سٺو نه ويو.

ٿيو تہ سڀ سک ڏکر ناراڻ جي اڃا سان ٿئي ٿو سو ڪيئن؟" شڪديو
وراڻي ڏني تہ "هي راجا! اڳوڻي جنم ۾ اهو ورتراسر چترڪيتو
نالي هڪڙو ڌرمي راجا هوندو هو، جنهنڪري سڀ پرجا منجهانس
ڏاڍو خوش هئي، راجا کي اولاد نہ هئڻ سبب رات ڏينهن ويچار
رهندو هو. هڪڙي ڏينهن آنگرا نالي رشي راجا وٽ آيو ۽ راجا کي
اُداس ڏسي ڪانئس اُنجو سبب پڇڻ لڳو. راجا تڏهن کيس سنتان
نہ هئڻ سبب دکي رهڻ جو ڪارڻ ٻڌايو ۽ وينتي ڪري چوڻ
لڳس تہ "ڪرپالو! جڏهن اوهين منهنجي چڱي قسمت ڪري هتي
آيا آهيو، تڏهن ڪا تجويز ڪريو ۽ مونکي ان ويچار کان ڇڏايو."
رشيءَ وراڻي ڏنيس تہ "منهنجي ڪرم ۾ پتر سنتان لکيل ئي ڪونهي،
انلاءِ تون پرميشور جو پوڄن ڪر، جنهنڪري تنهنجي مڪتي ٿئي."
راجا تڏهن آنگرا رشيءَ کي گهڻي منٿ ڪئي، جنهنتي رشي دَيا
ڪري چوڻ لڳس تہ "چڱو! توکي هڪڙو پٽ ٿيندو سهي، جنهنڪري
شروع ۾ ڏاڍي خوشي ٿيندءِ، پر پوءِ گهڻو رنج پيدا ٿيندءِ."

راجا اها ڳالهہ قبول ڪئي ۽ آنگرا رشيءَ جي ڪرپا سان کيس
پٽ ڄائو. راجا اُن پٽ جي پيار ۾ ايترو تہ ڦاسي ويو، جو سڄو
وقت راڻيءَ وٽ محل ۾ ويٺو رهندو هو. اها ڳالهہ ٻين راڻين کان
سٺي نہ وئي، جن حسد وچون اُن ڇوڪري کي مارڻ چاهيو.
هڪڙي ڏينهن ڇوڪري کي اڪيلو ڏسي زهر کارائي ڇڏيائونس،
جنهنڪري هو مري ويو. ڇوڪري جي ماءُ جڏهن پٽ کي مئل
ڏٺو، تڏهن ڏاڍا ورلاپ ڪري روئڻ لڳي. راجا اهو حال ٻڌي
بيهوش ٿي ڪري پيو ۽ اُنوقت سڄي شهر ۾ هاهاڪار مچي ويو."
ايترو چئي شري شڪديو جي چوڻ لڳو تہ "هي راجا! استري پنهنجي
ڪُل ۽ ٻنهي جو ڀلو نہ گهري، رڳو پنهنجي شرير جو سک چاهيندي آهي،
انلاءِ گياني کي استريءَ جي ڳالهہ تي ڀروسو ڪرڻ نہ گهرجي."
چترڪيتوءَ جو اهو احوال ٻڌي آنگرا رشي ۽ نارد مني وٽس آيا ۽ کيس
گهڻي قدر سمجهائڻ لڳا. راجا پنهنجي بيهوش حالت ۾ رشين کي نہ
سڃاڻي، ڪانئن سندن اچڻ جو احوال پڇڻ لڳو. تڏهن آنگرا رشيءَ

مٿي ۽ جنهن ڪري هو پڻ ارش جو حقدار ڪيو هو، سا نهوش
جي ان ڏس کان بيهڻ لڳي. گروءَ ورهسپت وٽ وڃي وينتي ڪرڻ
لڳي ته "هي مهاراج! ڪا اهڙي تجويز ڪريو جيئن منهنجو ستيوت ڌرم
بچايو." ورهسپت تڏهن کيس صلاح ڏيندي چوڻ لڳو ته "هي اندراڻي!
تون ڪو انعام ڪري راجا کي ٿورو وقت روڪ ته پوءِ مان پاڻهي
تو لاءِ بندوبست ڪريان ۽ جيئن ڪري تنهنجو پتي وري اچي راڄ ڪري."

جڏهن اندراڻي جي انعام جي معياد پوري ٿي، تڏهن نهوش
پنهنجو ماڻهو کيس ڪوٺڻ لاءِ موڪليو. اندراڻي اُن مهل ورهسپت
جي صلاح سان جواب موڪليس ته "منهنجو راجا جوڳو ۽ اشوميڌ
يگيه ڪرڻ سان اندر ٿئي ٿو ۽ تون سواءِ اُنهن يگين ڪرڻ جي
ديولوڪ جو راجا ٿيو آهين. جيڪڏهن تون پالڪي ۾
وهي، اُها براهمڻن کان کڻائي مون وٽ اچ، ته پوءِ
مونکي تنهنجي ڳالهه قبول آهي."

ڪام جي وس ٿي راجا نهوش پاپ پُڻ جو ڪو وچار نه
ڪري، ڪيترن ئي رشين ۽ براهمڻن کان زبردستي سان اُها
پالڪي کڻائي اندراڻي جي محل ڏانهن آيو. ويچارا
براهمڻ، جن ڪڏهن به ڪو ڪم ڪيو ڪين هو، سي اهڙا تڪڙا هلي
نٿي سگهيا. انهي تي راجا ڪام جي سٽيءَ ۾ انڌو ٿي، رشين کي لتون
هڻي جلد هلڻ لاءِ حڪم ڪرڻ لڳو. رشين تڏهن غصي وچون کيس
"ناڳ" ٿي پوڻ جو سراپ ڏنو. بس! انهي سراپ ڪري ويچاري
اندراڻيءَ جو ستيوت ڌرم بچي پيو ۽ پوءِ ورهسپت اندر وٽ
وڃي، ڪنهن ڪمل جي گل مان ٻاهر نڪري اچڻ لاءِ چيو. اندر
تڏهن برهم هتيا جي ڊپ کان ٻاهر نڪرڻ جي ڳالهه ٻڌايس، پر
گروءَ ورهسپت کيس يگيه ڪرائي انهي پاپ کان مڪت ڪرڻ جو
انعام ڏنو. جنهن کان پوءِ اندر ٻاهر نڪري آيو ۽ يگيه ڪري
برهم هتيا کان ڇٽي، وري اچي ديولوڪ ۾ راڄ ڪرڻ لڳو."

راجا پريڪشت شري شڪديو کي چوڻ لڳو ته "مهاراج! ورتراسر
دانو جو ... لڙائي ڪرڻ وقت مرڻ مهل ڪيئن اهو گيان

آيا آهيون. جڏهن ڦريل وڻ پنهنجي ڇايا، ڦلن ۽ گلن وغيره سان پسن
پکين ۽ جيون کي سک ٿو ڏئي ۽ ٿاريءَ وڍڻ تي به ڏکي نٿو ٿئي، تڏهن
اوهان جهڙن رشين جو بدن به پراپڪار لاءِ آهي. جيڪڏهن اوهين
سمجهو ٿا ته هيءَ ڪايا پٽي جي ڪرا جيتي، ته اوهين ڪڏهن به ڏيڻ
کان انڪار نٿا ڪريو." اندر جي اهڙي وينتي ٻڌي دڌيچ رشي
چوڻ لڳو ته "بابا! جنهن مالڪ هيءُ شرير ڏنو آهي، تنهن ئي جڏهن
اوهان کي اها صلاح ڏني آهي، ته پوءِ مان خوشيءَ سان پنهنجيون هڏيون
ڏيڻ لاءِ تيار آهيان ۽ ڄاڻو سمجهان ٿو ته هيءُ شرير هڪڙي ڏينهن
ضرور ناس ٿيندو. انهيءَ جيڪڏهن ڪنهن چڱي ڪم اچي وڃي ته
اُنجي سڦلتائي آهي. هاڻي آءٌ ڏيان ۾ لڳان ٿو ۽ اوهين پنهنجو ڪم ڪريو."

شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته "هي راجا! داني ته ههڙا، جي پنهنجي
شرير ڏيڻ تان به نه ٽرندا. داتا جو نالو سدا ءِ ڳائبو رهيو آهي. لالچيءَ
۽ شوم جو ڪو به نالو ڪونه ٿو وٺي. ڏس! اندر جهڙا راڄائون به
دڌيچ رشيءَ وٽ ڀيک مڱڻ آيا. انهيءَ دان جي هر هنڌ مهما آهي."

ديوتائن کي جڏهن لوڻ وقت ورسيت جي رسي ڇڏڻ جي خبر پيئي ۽ دئيتن کان مارائڻ جي ٻڪ ٿين، تڏهن برهما وٽ وڃي پنهنجو حال اوريائون. برهما تڏهن وشوروپ نالي ڪڙي وڏي تپسوي ۽ گياني کي سندن گرو بنائڻ جي صلاح ڏني. ديوتائن ائين ڪيو ۽ وشوروپ جي مدد سان دئيتن مارايو ۽ اندر جو راڄ وري قائم رهيو."

ان وشوروپ کي ٽي سر هوا، جنهنڪري هو هڪڙي وات سان سوم رس پيئندو هو، ٻئي سان شراب ۽ ٽئين سان اناج ورتائيندو هو. ڪنهن وقت اندر ڏٺو ته اهو پنهنجي گروهه وشوروپ جا ٽيئي سر ڪپي ڇڏيا. اُن برهم هتيا جي لڳڻ ڪري ديوتائن جا سڀ ڪم سڌ نه ٿيڻ لڳا. وشوروپ جي پتا کي جڏهن پنهنجي پٽ جي مارجي وڃڻ جي خبر پئي، تڏهن هن پنهنجي منترن سان ورترا سر نالي هڪڙو مها ڀيانڪ دئيت اندر جي مارڻ لاءِ پيدا ڪيو. اُن دئيت جي اهڙي ڀوائتي شڪل ڏسي سڀ ديوتائون ڊڄي ويا. اندر گهڻيئي ڪوشش اُن دئيت جي مارڻ جي ڪئي، پر سڀ اجائي ٿي. اندر تڏهن ديوتائن سميت نارائڻ جي شرڻ آيو ۽ کيس وينتي ڪري اُن مها ڀيانڪ دئيت کان بچڻ جي پرارٿنا ڪئي. نارائڻ اندر کي چيو ته "تون اگيانتا ڪري براهمڻ کي ماري برهم هتيا جي پاپ جو ڀاڳي ٿيو آهين، انهيءَ ڪري دئيت تي ڪوبه هٿيار اثر ڪري نه سگهندو، پر دڌيچ رشي جي هڏين مان، جنهن هزارين ورهيه تپسيا ڪئي آهي، وڄر (هٿيار) ٺاهي ان دئيت کي مارينداته مرندو." ايترو چئي وشنو ڀڳوان انترڌان ٿي ويو.

نارائڻ جا آهي وچن ٻڌي اندر ديوتائن سميت دڌيچ رشي وٽ آيو ۽ پرڻام ڪري کيس پنهنجي من جو مطلب ٻڌايو. دڌيچ اندر جي ڳالهه ٻڌي کيس سمجهائڻ لڳو ته "ويچار ڪر! شرير کي توري ڏک پهچڻ سان ڪيترو نه ايذاءُ اچيٿو، سو مان توکي پنهنجون هڏيون ڪيئن ڪڍي ڏيان؟ ڪايا هر ڪنهنکي پياري آهي، اهو تون ڀلا سمجهندو هوندين." اندر ورائي ڏنس ته "هي رشي شريشٽ! اوهانجو چوڻ سچو آهي، پر اسين ڀڳوان جي آگيا سان اوهانوٽ

دا ڪيئي. پر جڏهن ائين ڪرڻ سان به سرشٽي نه وڌي، تڏهن
دڪش ڀڳوان جو سمرڻ ڪيو، جنهن کيس مٿن ڪري سرشٽي پيدا
ڪرڻ جي آگيا ڪيئي. دڪش تڏهن آسڪني نالي جوءِ ڪرڻ سان
پرڻو ڪري، منجهانس ڏهه هزار پٽ پيدا ڪيا. نارد منيءَ اُنهن جي ڪنن
کي اهڙو ڏيان سيکاريو جو اُهي ڀڳوان جي ڀڄن ۾ لين ٿي ويا ۽
سرشٽي وڌائڻ جو ڪوبه ويچار ڪونه ڪيائون. دڪش کي انهيءَ تي غصو
لڳو ۽ هو نارد کي چوڻ لڳو ته ”اوهان ڏاڍو برو ڪم ڪيو آهي
جو منهنجن پٽن کي ڀڄائي ڪين تي رڻ به پاڙڻ نه ڏنا. توهين سڀني
ٽا ته گرهستي تي رهڻ چڱو ڪيندي، پر جيڪو گرهستي رهي ديو رڻ
رشي رڻ ۽ پتري رڻ اهي فرض پورا ڪري ٿو ۽ شاسترن جب پنهنجو ڪرم
ڪري ٿو، اُهو پرم هنس جي گتيءَ کي پهچي ٿو. توهانکي جو ويد ۽ شاستر جو
ڌرم نٿو وڻي، اِنلاءِ آءٌ اوهانکي سراپ ٿو ڏيان ته هن گهڙيءَ کان
وٺي ڪٿي به رهي نه سگهندا.“ نارد ايترو ٻڌي رهندو رهيو ۽
دڪش برهما وٽ ويو، جنهن کيس جوڪرين پيدا ڪرڻ جي آگيا ڏني.
دڪش ائين ڪيو ۽ جڏهن کيس سٺ جوڪريون پيدا ٿيون، تڏهن
جدا جدا جڻن کي پرڻائي ڏنائين، جنهن مان گهڻيئي سرشٽي پيدا ٿي.

ايترو ٻڌي راجا پريڪشت چوڻ لڳو ته ”هي شڪديو جي مهاراج!
اندر پنهنجي گروءَ برهسپت کي ناراض ڪري جو وشوروپ کي
پنهنجو گرو بنايو هو؟“ شري شڪديو جي وراڻي ڏنيس ته ”اندر ڏاڍي
هٺ ۾ پرجي ويو هو، سو هڪڙي ڏينهن جڏهن برهسپت وٽس آيو ته
هن جو آدر ڀاءُ ڪونه ڪيائين ۽ جنهنڪري هو رسي هليو ويو. هن جي
وڃڻ بعد اِندر کي ڏاڍو ويچار ٿي پيو ته هن ڪم سو ڏاڍو برو
ڪيو جو مايا جي مد ۾ گروءَ جو اپمان ڪيم. آها! گروءَ جي آشيرواد
سان ئي ته مونکي هي سڀ سک مليا آهن. پڪ اٿم ته هن جي ڪروڌ
ڪري اِها سڀ وڏائي ويندي هلي. اهو ويچار ڪري پنهنجو قصور
معاف ڪرائڻ لاءِ هو گروءَ برهسپت وٽ ويو، پر برهسپت کيس
پريان ايندو ڏسي گم ٿي ويو. اندر جڏهن گروءَ کي گهر ۾ نه ڏٺو
تڏهن اُداس ٿي موٽي آيو. اهو خبر لهي دئيتن اندر تي چڙهائي ڪئي.

اها ڳالهه ٻڌي جمراج وراڻي ڏنين تہ ”مورکو! اوهانکي نارائڻ جي ڏ
نالي جي مهما جي ڪٿان خبر هوندي؟ اها مهما تہ مهاتمائون ئي ڄاڻن.
ڀڳوان جي اها شان ۾ آهي، ٻالڪ ۽ ناس ٿيندو. انهي ماءُ ٻاپ
سڀجو جڳت ٻڌل رهيو، اڄاڻ اوهين اجاميل ٻابت ڪو فڪر نہ
ڪريو. اوهان جا تہ ڪي وڏا ڀاڳ جڏهن ٻڌو ڀڳوان جي
پارشدن جو درشن ڪيو.“

ايترو ٻڌي دوت چوڻ لڳا تہ ”مهاراج! جڏهن ڀڳوان جي
نالي وٺڻ سان ايترو ڦل ٿو ٿئي، تڏهن ويدن شاسترن ۾ ٻاهين کان
مڪت ٿيڻ لاءِ ٻيا جيترا سارا ورت ۽ نيم جو ورتن ڪمل آهن؟“
جمراج وراڻي تہ ”ٻابا! اهي سڀ نيم اُن لاءِ آهن جو ايشور
نام جي مهما نٿو ڄاڻي. ڪلجڳ ۾ هيءَ جو ڀڳو، تپسيائون ۽ ٻيا
ڪٺن پرائشچت ڪٿي نہ، سي رڳو انهي لاءِ تہ منش ڏجي ڪي ٻاپ
ڪرم نہ ڪن. نہ تہ جيڪر آدمي ٻي دنيا ۾ سداءِ ان دشواس تي
رهن تہ ڀلي ڪيترا ئي ٻاپ ڪٿي ڪريون، پر ڀڳوان جي نالي وٺڻ
سان شڌ ٿي ويندا سين.“ جمدوت تڏهن چوڻ لڳا تہ ”مهاراج! جڏهن
ائين آهي تہ پوءِ اسانکي جو ڇا موڪليو؟“ جمراج وراڻي ڏني تہ ”آءٌ
اوهانکي انهي ئي ماڻهن کي وٺي اچڻ لاءِ موڪليان ٿو، جيڪي شرير
پلجي ۾ ڀڳوان جو نالو نہ وٺڻ آهي پا ڪڏهن ڪا ڪٿا ڪيرتن نہ
ٻڌو آهي، انهي منش کي ٻاهي سمجهڻ گهرجي. منڪاسوءِ اوهين
ويچاري انهي ٻاهي کي آڻيندا ڪريو جو ڀڳوان کان بيمکھ هجي.“

راجا پريکشت نارائڻ جي نام جي ايتري مهما ٻڌي ڏاڍو پرسن
ٿيو ۽ شري شڪديو جي کي هٿ جوڙي چوڻ لڳو تہ ”مان اوهانجو گهڻو
شڪرگذار آهيان، جو نام جو مهاتم ٻڌائي مونکي ڪرتارت ڪيو آٿوَ.“

پڇڻ لڳو منکان اگر پراچين برهي جي ڏهن پٽن پرچيتا ٻاپ پڙهي
آيا آهي تہ هو شري مهاديو جي اپديش ڪري وڃي تپسيا ۾ لڳا ۽
پراچين برهي ۾ نارد جي اپديش ڪري وڃي ڀڳوان جو سمرڻ ڪرڻ
لڳو ۽ جنهنڪري راج ڌالي مٿڻ سڀ گوڻي گڏهه ۾ مهي ڪئي. پر
پوءِ نارد جي چوڻ تي دکس ڏالي راجا ٿيندا ٿيو، جنهن مانسي سرشٽي

ڀڳوان ويد ۾ چيو آهي ته ”جيڪو منهنجو نالو وٺندو، تنهنکي مان ڪرتارٿ ڪريان ٿو.“ جئن شينهن جو آواز ٻڌي جانور ڀڄي ويندا آهن، تئن رام نام وٺڻ ڪري پاپ ڊڄي بدن مان ٻاهر نڪري وڃن.“

جڏهن وشنو ڀڳوان جي پارشدن اهڙيون ڳالهيون چئي جمدوتن کي اُتان ڪڍي ڇڏيو، تڏهن آجاميل کي اُنهن جي درشن ڪرڻ سان گيان ۽ ويراڳ پيدا ٿيو. هو پرميشور جي نالي جي مهما ٻڌي پڇتائي چوڻ لڳو ته ”آفسوس! مون براهمڻ جي گهر ۾ جنم وٺي، پنهنجو ڪرم ڌرم ڇڏي ڪري، ويشيا جي سنگ ۾ رهي پنهنجي عمر برباد ڪئي. آها! جيڪڏهن هي ساڳو جيءُ نه اچن ها ته خبر نه آهي ته جمدوت ڪهڙا حال ڪن ها. جنهن نارائڻ جي نالي وٺڻ ڪري منهنجو ڀلو ٿيو آهي، اُهوئي هاڻي اُچاريندي پنهنجو جنم سڦلو ڪندس.“

آجاميل کي اهڙيءَ ريت پڇتائيندو ڏسي، هو پارشد ڪيس هڪ ورهيه وڌيڪ جيوت ڏيئي، پاڻ اُتان انترڌان ٿي ويا. انهيءَ کانپوءِ آجاميل هردوار ۾ وڃي سچي من سان پرميشور جو ڌيان ۽ سمرڻ ڪرڻ لڳو ۽ جنهنڪري هڪ ورهيه کانپوءِ ڪيس اُهي پارشد وئڪنٺ وٺي ويا. هي راجا! ڏس، جڏهن نارائڻ جي نالي وٺڻ سان مهڙي پاپيءَ جو به اُڌار ٿي ويو، تڏهن جيڪو سنسار کان الڳ ٿي ايڪاگر چت سان ڀڳوان جو ڀڄن ڪندو، تنهنجي ڪهڙي گتي ٿيندي اُهو تون پاڻ ويچار.“

ايتري ڪٿا ٻڌي راجا پريڪشت شري شڪديو جيءَ کان پڇيو ته ”مهاراج! جمدوت جي موٽي وڃڻ تي، تن جمراج کي جا وڃي چيو سو ته ديا ڪري ٻڌايو.“ شڪديو جيءَ جواب ڏنو ته ”جمدوت ڌرمراج وٽ وڃي چوڻ لڳا ته مهاراج! هيئنر دنيا ۾ انصاف ڪرڻ وارا ڪيترا ساماڻا آهن، سو جي اهڙو انصاف هليو ته پاپي وئڪنٺ ويندا ۽ ڌرماتما نرڪ جا دک ڀوڳيندا. اوهانجي آڳيا اُنوسار اسين آجاميل پاپيءَ کي وٺڻ ويا هواسين. اُن مرڻ وقت پنهنجي پٽ نارائڻ کي سڏ ڪيو، ته ايترهر وشنو ڀڳوان جا پارشد اچي، اسانکان هو پاپي کسي ويا ۽ انهيءَ ڪري اسانجي ڏاڍي بي عزتي ٿي آهي. هاڻي ڪا اهڙي صلاح ڪجي جو وري ائين نه ٿئي.“ دوتن جي

لڪيل آهي، تنهنڪي ڏوهه ۽ ڏا ٻجڙي لڪيل آهي، تنهنڪي اڏوهه سمجهڻ
گهرجي. اهڙو ڪوبه جيئ دنيا ۾ ڪونهي، جنهن طرح طرح جا اٿڻ
ويهڻ ۾ ٻاب تي ڪيو هوندو، جي آڪاميل جو واسطو جي گهرجيندا آهي،
ويا ٻڙي شاستر موافق هلت ڪندو هو. ڪڙي ڏينهن هو پنهنجي
پيءُ جي آڳيا موجب ڪنهن ڪم تي ويو هو. ولت تي جا ڏسي جو
ڪڙو ٻيل ڪنهن وڻشا سان پيو ڪلول ڪري. وڻيا هنگي ڏسندڻي
موهت ٿي سندس گلي ۾ ڦندڙي ٻڌي. جي نه ڪام جي وس ٿي
پنهنجو ڏوهه ڪرم، ماڻڻا. گرو خواه استري سڀ وساري، هنگي
گهر وٺي آيو ۽ هنسان گڏگذارڻ لڳو. ٿورن ڏينهن ۾ پيءُ جي ملڪيت
ٿوڪي، جو ريون لڳون ۽ جيا وجهه ڏندا ڪري پنهنجو ڪٽنب پالڻ
لڳو. بس! انڪري جي مهاپاپي کي اسين جم راجا ڏانهن وٺي آيا
آهيون، جتي هو پنهنجن ڪيلن ڪرمن جي سزا ڀوڳيندو."

حندوتن کان آڪاميل جي اڏوهه ڪرڻ جو احوال ٻڌي، وشنو ٻگوان
جا پارشد چوڻ لڳا ته "ڏوهه واداوت ته انصاف آهڻي ڪوڻه، جو
سندس ڏوت تنهن ابڙا ساڏن لوڪن کي نه سڃاڻين ٿا. شايد اوهان
ناراڻ جي نام جي مهما نه ٻڌي آهي، ته جو آدمي جاڻي واڻي يا
ڏڻا سان يا ڏب ڪري يا مسخري طور پرميشور جو نالو انت سمي
وٺندو، تنهنجا سڀ پاپ ناس ٿي ويندا. پر انت سمي جيڪڏهن
ڪنهنجي مک مان ناراڻ جو نام نڪري، ته انجا سڀ ڏوهه معاف
ٿي ويندا. هن ٻواهڻ ۾ انت سمي ناراڻ جو نالو اچاريو آهي، جو
جيتوڻيڪ سندس پٽ جو آهي، تڏهن به ٻگوان جي نام وٺڻ ڪري
هي سڀني پاپن کان مڪت ٿي ويڪنٺ وڃڻ جو لائق ٿي چڪو
آها! سنسار ۾ ناراڻ جي نالي وٺڻ کان مٿي پاپن جلائڻ وارو
ٻيو ڪوبه پرائشچت ڪونهي. جو آدمي "ناراڻ" اهو چئن اکرن
وارو نالو پنهنجي مک مان ڪڍندو، تنهنکي ٻگوان جاڻي پنهنجو ڏيندو
۽ سندس جنم جنم جا پاپ مٽي ويندا. جئن ڪڙي جنگ کي ڳولي
جي ڏڦ يا ڪنهن جي اڻ ڄاڻ کي ڪڙي ساعت ۾ جلائي خاڪ ڪيو
ڇڏي، تئن ناراڻ جي نالي وٺڻ سان پنهنجا پاپ ناس ٿي ويندا.

۾ پراڻيءَ کي ذڪر نه ڏيڻ ڪري ۾ پاپ لهي وڃن ٿا. پر جهڙو نه پرميشور جي چرڻن جي پريت ۽ اُنهيءَ نالي جپڻ ۽ ڪٿا ڪيرتن ٻڌڻ سان گهڻن جنمن جا پاپ جهڙي آدمي جلد ڇُٽي پائي ٿو، تهڙو تپسيا وغيره سان شد نه ٿو ٿئي. جئن سورج جي پرڪاش ڪري آنڌڪار ناس ٿي ٿو وڃي، تئن ڀڳوان جي نام اُچارڻ سان گهڻن جنمن جا پاپ ناس ٿي ٿا وڃن. اِنلاءِ دنيا ۾ اجي پرميشور ۾ پريت رکڻ، ست سنگ ۽ سادو سيوا ڪرڻ بنان ٻي ڳالهه واٽ ڪا نهي. جيڪي ڀڳوان کان بيمک آهن، سي پرائشچت ڪرڻ تي به شد نه ٿا ٿين. ڏڪڙو دفع ۾ پنهنجو چت ڀڳوان جي چرڻن ۾، جو پوري پريت سان لڳائي ٿو، سو سپني ۾ به جم جي ڏوتن کي نه ٿو ڏسي. اِنلاءِ هان توکي ڏڪڙي ڪٿا ٻڌايان ٿو جنهن ۾ وشنو ڀڳوان جي پارشدن ۽ جم ڏوتن جو سنواد ٿيو آهي.

آجاميل نالي ڏڪڙو براهمڻ هوندو هو، جنهنجو ڏڪڙي وئشيا سان گهڻو پيار هوندو هو. اُنهيءَ ڪري هو جوا رهڻ لڳو ۽ جوا وغيره پاپ ڪندو هو. اُن وئشيا مان هنکي نارايڻ نالي ڏڪڙو پٽر هوندو هو، جنهنکي هو ايترو نه پيار ڪندو هو، جو کائيندي، پيئندي، اُٿندي ويهندي، گهمندي ۽ سمهندي وقت هناجي يادگيري رکندو هو. جڏهن آجاميل جي مرڻ جو وقت اچي پهتو، تڏهن جم جا دوت ڀوائتي شڪل ڌاري مُدگر ۽ ڦاسي کڻي هناجي سامهون ڪڍڻ لاءِ آيا. آجاميل اُنهناجي ڀوائتو روپ ڏسي جئن ئي ڏٺو "نارايڻ! نارايڻ!" ڪري پنهنجي پٽ کي پڪاريو، تئن ئي اُن سمي نارايڻ نالي وٺڻ جي پرتاپ سان وشنو ڀڳوان جا پارشد اُتي اچي پهتا ۽ چوڻ لڳا ته "اسانجي هوندي اوهين هن نالو وٺي نه ٿا سگهو." جم دوت چوڻ لڳا ته "پاپي! هن شخص دنيا اچي ڏاڍا پاپ ڪيا آهن، تنهنڪري اسين پاپي کي جم راج وٺي وڃبو، جتي سندس ڪرمن موجب ڪيس سزا ڏني ويندي. او نارايڻ جا پارشد ٿي هڙي آڌرمي جو پاسو نه وٺو ۽ اسانکي هناجي وٺڻ کان منع نه ڪريو." وشنو ڀڳوان جا پارشد تڏهن چوڻ لڳا ته " اسانکي ڌرم ۽ آڌرم جو حال ٻڌايو ته ڪهڙي پاپ ڪرڻ واري ... ؟" جڏهن وٽن وراڻي ڏني ته "جا ڳالهه شاسترن ۾

اِسڪند ڇهون

راجا پريڪشت شري شڪديو جي کان پڇڻ لڳو تہ ”مهاراج! اهڙن
ھئي اسڪند ۾ آدمي جي ڏکشت وڃڻ واسطي ٻہ رستا، هڪڙو
پرورتي مارگ ۽ ٻيو نورتي مارگ ٻڌايا ويا ۽ جيئو مون تہ گياني لوڪ
نورتي مارگ کان سورج منڊل مان ٿيندا ويڪشت ڌام وڃن ٿا ۽ جي
جيو مايا جي گهڻي ڪري پرورتي مارگ کان چندر منڊل ۾ وڃي،
ڪرم موجب سورڳ جو سک ڀوڳي وري دنيا ۾ جنم ٿا وٺن ۽
انيڪ ڏکيون مونکي ٻڌايون اٿو. هينئر ڪرپا ڪري ٻڌايو تہ
اهڙو ڪهڙو ڪرم آهي، جنهنجي ڪرڻ سان ماڻهو آدمي منش ۾
پيهي ٿي سورڳ جو سک ڏسن ۽ ڪوبہ نرڪ ۾ نہ وڃي.“
شري شڪديو جي چوڻ لڳو تہ ”هي راجا! جي منش ڄاڻي ٻجهي
پاپ ڪندا، تنکي نرڪ جو ڏک ضرور ڀوڳڻو پوندو. انهيءَ منش کي
گهرجي تہ هو هميشه هڪڙي جو آڌار ڪندو رهي ۽ جيڪو ان ڳالهہ
جو ويچار نہ ڪري، سو جنهنجو جنم اجايو وڃائي ڇڏيو وڃائي ٿو.
جنهنڪري ڪوبہ پاپ ڪٿي ٿئي تہ انجي لاءِ ضرور پڇتاءُ ڪجي.
جيئن بيماري سواءِ دوا وٺڻ جي نہ لهندي آهي، تيئن پاپ بہ بنان
پرائشچت جي نہ ٿو مٽي. پر ياد رهي تہ هڪدفعو پاپ ڪري انجي
پرائشچت ڪرڻ بعد اهو پاپ لهي ٿو وڃي، بشرطيڪ وري ساڳيو
پاپ نہ ڪري. اهڙو آدمي واڳر ٿو جو دوا کائي پرهيز نہ ڪري
يا جهڙو هاٿي سنان ڪري وري اهي گٽ ۾ ليٽي. جيتوڻيڪ
جهڙو آڌار گيان مان سان ٿئي ٿو، تهڙو جڳن ڪرم ڪرڻ سان نہ ٿو
ٿئي، پر جڳا ڪرم هڪڙو ٻيو آهن جي پاپن کي اگهي وڍڻ نہ ٿا ڏين.
پاپن کي ناس ڪرڻ واسطي برهمچرج ورت ڌاري ڌرم ۽ تپسيا ڪرڻ،
اندرين کي ٻنڌڻ وس رکڻ، من کي سنسار جي وشين کان الڳ
رکڻ، سچ ڳالهائڻ، ڪنهنجو بہ برو نہ چاهڻ، پرابڪار ڪرڻ، ڪنهن

جمدوت وشواسڻ نالي نرڪ ۾ وجهي، مدگرن سان ائين ٿا ڪٽين،
جئن اُکريءَ ۾ مهريءَ سان ڏاڙهن کي ڪٽبو آهي. ٻاهر لڳائڻ واري
کي اهي جمدوت سارميه نالي نرڪ ۾ وجهي، بيشمار ڪتن کان
سندس ماس چڻائين ٿا. جو آدمي ڏن وٺي ڪوڙو نياءُ ٿو ڪري
يا ڪوڙي شاهدي ٿو ڏئي، تنهنکي اهي جمدوت سندس سر هيٺ ۽
پير مٿي ڪري وشواسن نرڪ ۾، جو رت سان ڀريو پيو آهي، ڪيرائين
ٿا. جو براهمڻ، کيتري يا وئش ڀسوءَ جو ماس ٿو کائي، ته اهو جهڙو وري
سرڻ جو روپ ڌاري اُن جو ماس کائي ٿو؛ جو براهمڻ، کيتري يا وئش
شراب ٿو پئي، تنهنکي جمدوت ڪيار ڪردم نالي نرڪ ۾ اُڇلائين ٿا،
جو لوهه سان ڀريو پيو آهي. جيڪو منش ساڌو سنت يا ڪنهن غريب
کي بنان اپراڌ گاريون گند ڏيئي سنائي ٿو؛ سورداس کي ٻاهرڻ تي
ٻه وات نٿو پڌائي، تنهنکي اهي جمدوت رکشوگڻ ڀوجن نالي نرڪ ۾
وجهيو اُڇلائين، جتي راکشس اُنهنکي کائين ٿا. جيڪو آدمي بدکاري
يا ساڌوءَ کي بيکه گهرڻ وقت چڙهون ڏيئيٿو يا گهور ڪري گهٽ وڌ
ڳالهائي ٿو، تنهنکي جمدوت شوُل پروت نالي نرڪ ۾ وجهي سندس
ماس سرڻين کان ٿا کارائين.”

ايترو چئي شڪديوجي چوڻ لڳو ته ”هي راجا! جو آدمي ويد
شاسترن کان بيمکه رهي، پرميشور جي ڪٿا ڪيرتن ۾ پريت نٿو
رکي، سو نرڪ ۾ وجهي دکه ڀوڳي ٿو. هي منش شرير ڀوڳن ڀوڳڻ لاءِ
ڪونه مليو آهي، پر ايشور ڀڄن ڪرڻ لاءِ مليو آهي. هن ڀاڳوت جي
پڙهڻ ڪري تنهنجو اپراڌ معاف ٿي ويو، هاڻي وئڪنٺ جو سکه ماڻ.”

مي جيئن داڻي ٻاڻي نه ملڻ ڪري ڏاڍا سختاب سهي بيهوش ٿيو ڪريو پوي ۽ هزارين ورهيه پيو اُتي ڦٿڪي. جيڪو شاستر جي وات جڏي پنهنجو من مانيو رستو اختيار ڪري ٻيڙي رستي وڃيٿو، تنهن کي اِهي جمدوت اسي پتر ٽالي نرڪ ۾ وجهو اُڇلائين، جتي وڻن ۾ ترارين جهڙا تکا پن آهن ۽ اُتي هن جهو جي بدن وڍجڻ ڪري ڪس ڏاڍو ڪشٽ ٿئيٿو. جو راجا ڪنهنکي ۾ ڪنهن ڏوه کانسواءِ اُنهن ئي سزا ڏيئي ٿو ته اُن کي اِهي جمدوت شوڪرمک ٽالي نرڪ ۾ وڃي گهاڻي ۾ پيڙين ٿا، جتي تيل وانگر پيڙجڻ ڪري هو ڏاڍو ڏک سهي ٿو. جو آدمي پنهنجي ڪمائي مان ديوتائن جو حصو نٿو ڏئي، فقط پنهنجو پيٽ ۽ ڪٽنب پالي ٿو، جمدوت اُنکي اَنڌڪوپ ٽالي نرڪ ۾ وجهو اُڇلائن، جتي نانگ ۽ وڇون اُن جو ڏاڍو برو حال ڪن ٿا. جو آدمي جڳيون ڏيون اڪيلو ٻاڻ لکائي ويهو کائي، ٻرهمڻ ڏسندڙن کي ذرو به نٿو ڏئي، اُن کي جمدوت ڪرمي ڀوجن ٽالي نرڪ ۾ وجهو اُڇلائين، جتي ڪروڙين ڪينئان هن جهو جو ماس کائيندا رهن ٿا. جيڪو منشيه ڪنهن برهمڻ جو ڌن يا ٻيءَ مان اُن جورئي ۽ زبردستيءَ سان کٽي ٿو، تنهن کي جمدوت سندگس ٽالي نرڪ ۾ وجهن ٿا، جتي لوهه جا لال تمائي بدن ڏنيمس ٿا. جو آدمي پرائي استريءَ سان ڀوڳ ٿو ڪري يا جا استري پنهنجو پتي ڇڏي پرپرش وٽ ٿي وڃي، تنهنجي بدن ۾ اهي جمدوت لوهه جي تتل مورت ڇنمڙائي ڏاڍا ڪليش ڏين ٿا. جيڪو آدمي نيچ اوچ ذات جو ويچار نه ڪري پرائي استريءَ سان ڀوڳ ٿو ڪري، تنهنکي جمدوت وڄر ڪنٽڪ ۽ شالملي ٽالي نرڪن ۾ وجهي وڏا ڪنڊا بدن ۾ تنبين ٿا. جو راجا زبردستيءَ سان ڪنهنجو ڌرم بگاڙي ٿو، تنهنکي جمدوت ويترڻي نديءَ ۾، جا رت ۽ پونءِ سان ڀري پئي آهي، ٻوڙين جي بدران اُهوئي کس کارائين ٿا، جتي اُهو ٻاهي ڏاڍو پڇتائي ٿو. جو منشيه پنهنجي داسي (نوڪرياڻي) سان ڀوڳ ٿو ڪري، تنهنکي جمدوت لالڀڪش ٽالي نرڪ ۾ وجهي رت ۽ پونءِ پيارين ٿا. جو آدمي ديوتائن جو ڀاڳ وٺي پنهنجي ڪائڻ لاءِ جيو هتيا ڪريٿو، تنهن کي

إنلاءِ توکي وڌيڪ نہ آهين ، جو لائق ئي نہ وڃڻ جو نرڪ ۾ تون! راجا ”هي
ٻڌائڻ ڏيان تہ آتيئي ٻڌڻ جي مرضي. چڱو! جي نہ ٻڌا ٻہ
هيٺ جي زمين طرف، ڏکڻ جو جن نوانوي کان پربت سُميرو نرڪ
راجا جو پرٿيءَ جي ڌرماج جو پٽ سورج . آهي مٿان جي پاتالن
۾ ڌرماج جنهنڪي ، ڌرماج اهو . آهن نرڪ اٺاويهہ مڙيئي . آهي
سورڳ کي ڌرماتما ۽ ڏي نرڪ کي پاپيءَ کانپوءِ مرڻ ، آهن ڏيندا
ڏک سگهہ موجب ڪرمن پنهنجن جيو هو جتي ، آهي موڪليندو ڏي
ڪري هي پاپن جي پاپي . آهي وٺندو جنم ۾ سنسار وري پوءِ
:— ٻڌ احوال جو اُن تہ وڃي جيئو ۾ نرڪ هن جنهن جنهن
کي اُن ، تہ ڪٽي سان ٻل ۽ چل استري ٻئي جو ڌن ۽ هٿي جو آدمي
ڪارڻ ۾ انڌ تامسر نالي نرڪ مها (مارينداڻ) سان (ڏنڊن) مُدگرن پڌي جمدوت
جيڪو . ملي نٿو پاتال يا ڪاڏو ۾ ڪاڇو منکي جتي ، وڃن ويو
ڪڍي ٻاهر ڪري پوانو کي پتيءَ انڌي جي استريءَ ڪنهن
سان مارينداڻ مدگرن جمدوت بعد مرڻ تنهنکي ، ڪريٿو پوڳہ سان اُن
جيڪو . وڃن ويو ۾ نرڪ تامسر انڌ وڌي عضوا سندس ۽ وڃن ويو
سان ايمان ، ڪري پالنا جي ڪٽنب سان ڪمائيءَ جي اڌرم آدمي
نرڪ رؤرؤ جمدوت تنهنکي ”ان آهيو رهيو ڪارائي اُنهنکي ؟ آ“ تہ چويٿو
پکيءَ پسون ٻا آدميءَ ڪنهن منشير جو . ٿا ڏنگائين کان نانگن اُچلائي ۾
جمدوت تنهنکي ، ماريٿو وچون دشمنيءَ يا واسطي کائڻ پنهنجي کي
ڏنگن جي نانگن ناڪ هيبت هو جتي ، وڃن ويو ۾ نرڪ رؤرؤ مها
ڪ پنهنجو ڏ رکي بريت سان ڏن منشير جو . ويٿو پوگيٿو ڪشت ڏاڍو ڪري
جمدوت تنهنکي ، رکي نٿو شرڌا ۾ شاسترن ۽ ڪري ٿٿو ڪرم
ڪائي اچيو سرطيون ماس اُنجو جتي ، وڃن ويو ۾ نرڪ نالي سوڌر
تنهنکي جمدو ، رکيٿو ۾ پڃري ٻڌي کي وغيرهن پکين پسن آدمي جو
آ پريل سان ٻونءَ ۾ رت سنجو جو ، ٿا اُچلائين ۾ نرڪ پاڪ ڪُميي
ماتا پتا پنهنجي آدمي جو . ٿا رين چٽڪا تيل گرم مٿانس اُتي ۽
مي ڏا ڪڙي جمدوت تنهنکي ، ڪريٿو دکي ڏيئي گاريون
، ٿا ڊوڙائين سان پيرن اُگهاڙن تان زمين

۽ چوڻ لڳس ته ”نرهري کنڊ ۾ نارائڻ نرسنگهه اوتار ورتو. پرهلاد ڀڳت تڏهن ڪانئس ور گهريو هو ته ”هي مهاراج! اوهين جيئن تي اهڙي ڪرپا ڪريو. جو آئينده سندن جوڻ ۾ اوهانجي چرڻن جو ڌيان ٻڌيو رهي.“ ڀڳوان نرسنگهه وراڻي ڏنيس ته ”هي پرهلاد! تون سنساري جيئن ڪي، جي مايا موه ۾ ڦاٿا پيا آهن، جن ڏي ڌيان لاءِ ڪو ور گهر.“ انهيءَ تي پرهلاد وري ٻه وينتي ڪري چوڻ لڳس ته ”مهاراج! اوهين ٻنهجي ڪرپا سان انهن منشن جا ٻيڙا ڪرم مٽائي، ٻنهجي چرڻن جي ڀڳتي ڏئي کين وئڪنٺ ۾ گهرائي وٺو.“ نرسنگهه ديو تڏهن وري چيس ته ”ڀلا! وئڪنٺ جي اهي چاهنا ڪندا آهن، جنکي ست سنگ پيارو آهي. ڪلجگ واسي ست سنگ کان پريان ڀڄن ٿا ۽ موه مايا جي موڙهه ۾ ڦاسل آهن. جنهنڪي پرمشور جي لنو لڳل هوندي آهي، انوت سب گڻ ٻاڻ کان ٻاهري اهي موجود ٿيندا آهن.“ ڀڳوان جي اها ڳالهه ٻڌي پرهلاد چوڻ لڳو ته ”مهاراج! تڏهن دنيا ۾ اهڙا ٻه موڪر پيا آهن، جنکي وئڪنٺ وڃڻ جي چاهنا نه هوندي؟ آها! هي سب اوهان جي مايا آهي. جنهنتي اوهانجي ڪرپا ٿئي، اهوئي وئڪنٺ وڃڻ جي چاهنا رکيتو. سچ! هرڪنهنکي اهڙو ڳيان هٿڻ ڏاڍو مشڪل آهي.“

اُن بعد شري شڪديو جي، راجا پريڪشت کي ٻين انيڪ کنڊن، ستن ديپن، آڪاش، سورج، چندرما، تارن ۽ ڌرو لوڪ، شيش ناگ ۽ نرڪن جو احوال ٻڌايو.

راجا پريڪشت شڪديو جي کان نرڪن بابت وستار سان پڇڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته ”مهاراج! اوهان وقت بوقت نرڪن بابت مونکي پي ٻڌايو آهي. ته پاپ ڪرم ڪندڙ نرڪ ۾ وڃي ڏاڍا ڏکڙ ڏسندا ۽ شب ڪرم ڪندڙ سورگ جا سک ڀوڳين ٿا. مونکي اهو نرڪ جو نالو ڏاڍو ڊيڄاري رهيو آهي. مونکان ٻنهجي سڄي عمر ۾ رڳو اهو مڪرو اپراڌ ٿيو آهي، جو براهمڻ جي ڳلي ۾ مئل نانگ وڌم. واڻي اهو نرڪ برهمنڊ ۾ ڪو جدا لوڪ آهي يا جاءِ؟ اهو سمورو حال ٻڌايو مان داعها ٿئم.“ شري شڪديو جي ڳلي وراڻي ڏنس ته

ڪري پيو ۽ چوڻ لڳو تہ ”هي ڪرپالو! اوهان هون مايا ۾ ڦاٿل ڪي گيان روپي وات ڏيکاري پار ڪيو آهي، اِنلاءِ آءٌ ڪيتري او هانجي مهما ڪريان.“ بس! پوءِ تہ اُها پالڪي اُتي ڇڏي، جهنگل ۾ وڃي هري ڀڄن ڪري مڪت ٿيو ۽ جڙ ڀرت اُتان روانو ٿي ويو.

راجا پريکشت هٿ ٻڌي شري شڪديو جي کان پرٿوي وغيره جو وستار پڇڻ لڳو، جنهن تي شڪديو جي هن کي انيڪ ڳالهيون ٻڌائي گنگا جي اُتپتي (پيدائش) جو وستار هن ريت ٻڌائڻ لڳو:-

”جڏهن ڀڳوان وامن اوتار وٺي راجا ٻلي کان ٽي پير پرٿوي جا دان ورتا، تڏهن ڀڳوان وراٽ روپ ڌاري هڪ چرڻ ۾ ست لوڪ ميڻيا ۽ ٻئي چرڻ ۾ ست لوڪ ميڻيائين آندا. برهما ڀڳوان جو چرڻ پنهنجي پرڻي ۾ آيو ڏسي، يڪدم اُتي پنهنجي ڪمنڊل مان پاڻي کڻي ڀڳوان جو اُهو چرڻ ڌوتو. چرڻ ڌوئڻ وقت جو پاڻي هيٺ ڪريو، تنهن مان هڪڙي ڌارا نرناراڻ پربت کان لهي، گنگوتري کان لنگهي پارت کنڊ ۾ آئي، جنهنجو نالو **گنگا** سنسار ۾ پرگهٽ ٿيو. اُن گنگا جو ايترو تہ مهاتم آهي جو جيڪو منجهس اشنان، جل پان يا درشن ڪرڻ لاءِ وڃيٿو، سو انيڪ پاپن کان مڪت ٿئيٿو ۽ جيترا قدم گنگا تاءِ کڻي ٿو، اوترن قدمن جي عيوض کيس سو سو يگين جو ڦل ملئٿو.“

اِها ڳالهہ ٻڌي راجا پريکشت پڇڻ لڳو تہ ”هي شڪديو جي! جڏهن منش کي رڳو گنگا جي تي اشنان ڪرڻ لاءِ وڃڻ ۽ درشن سان ايترو سو ن يگين جو ڦل ملئيٿو، تڏهن پلا پوءِ منهنجي ڏاڏي يڌشٽر جو ايترا يگيہ ڪيا تو ٻڌي ناڻو لڳيو ۽ پيا راجائون ٻڻ جو ڪري رهيا آهن؟“ شري شڪديو وراڻي ڏني تہ ”هي پريکشت! تنهنجي ڏاڏي يڌشٽر شاستر ٻڌا هوا ۽ اُنهن تي وشواس ٻڻ هوس، پر اُنهن ڳنڍو ڏن هو ۽ جنهنڪري مرضي ٿيس تہ اِن پهاني سان شيام سندر کي پاڻوت رهائي، رشين منين جو ست سنگ ڪريان ۽ پنهنجو ڌن ڇڱي ڪم ۾ خرچ ڪريان. اِهوئي سبب هو، جنهنڪري هن ايترا يگيہ ڪيا.“

شري شڪديو جي مهاراج راجا پريکشت کي ان کانپوءِ نون کنڊن جي ڪٿا ۽ اُنهن ۾ پرميشور جي اوتارن جو حال ٻڌائڻ لڳو

مال ٻچيو ته وڪڻي وري ۾ ڪاٺ وڃي واپار ڪندس." ٻرامڻ وچار اجايو هوس، ڇو ته چور سيڪاٺ لٽي ويس. ساڳي مهل شاهوڪار اُن جهنگل ۾ پنهنجي رهڻ جو آجهو ڳولڻ لڳو، پر ڪٿي به جوڳي جاءِ نه ڏسي، شينهن ۽ هاٿين جي گجگوڙ پڌي ڏڪڙو پئجي ويو. وات تي وڃن نانگن کي ڏسي ڏاڍو پڻ پئجي تيس ۽ ڪٿي ته ڪندن لڳڻ ڪري دکي به ٿيو. جيڪڏهن ڪنهن وڻ تي آرام وٺڻ لاءِ ٿي چڙهيو ته اُتي جبري جي ٻولي پڌي اُتي ٿي ڀڳو. اهڙيءَ ڊپ جي حالت ۾ هو اوچتو هڪڙي سڪل کوهه ۾ ڪري پيو. اُن کوهه جي منهن تي هڪڙو وڻ هو، جنهن جي ٽاريءَ اُن کوهه ۾ پئي لٽڪي. قسمت سبب اُها ٽاري هنگي هٿ اچي ويئي، جنهن کي هو جهلي بيٺو. اُن کوهه ۾ هيٺ هڪڙو نانگر ڦڻ ڪڍي ڦوڪون ڏيئي رهيو هو ۽ جنهن ٽاريءَ کي هو جهليو بيٺو هو تنهن کي مٿان ٻه ڪوئا، هڪڙو اڇو ۽ ٻيو ڪارو پئي ڪتري رهيا هئا. ساڳي ويچار ڪيائين ته جي کوهه ۾ ٿو ٽپو ڏيان ته نانگر ٿو کائي ماريم ۽ جي نه ٿو ڏيان ته ٽاري اجها وڍي ڪي وڌي. اجا اهو ويچار پئي ڪيائين ته وڻ ۾ هڪڙو ماکيءَ جو مانارو ڏسڻ ۾ آيس ۽ ٽاريءَ جي لُڏڻ ڪري اُن ماناري مان ماکيءَ جي لار سندس وات ۾ اچي پيئي جا چکي هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پٺ ڪانٽس ويندو رهيو. اهڙيءَ طرح ڪيترو ئي وقت اُن ٽاريءَ ۾ لٽڪندو رهيو. جڏهن ڪوئن ٽاري ڪتري وڌي تڏهن هو شاهوڪار کوهه ۾ هيٺ ڪري پيو ۽ نانگ جي ڏنگڻ ڪري مري ويو.

ايتري ڪٿا پڌي راجا چوڻ لڳو ته "هي مهاراج! مونکي هن شاهوڪار جو عجب ٿو لڳي جو هو ماکيءَ جي لار تي موهجي پيو، پر ٽاريءَ کي جهلي مٿي چڙهي نه آيو." جڙيرت وراڻي ڏنيس ته "هي راجا! تنهنجو تو ڙي سيني سنساري ماڻهن جو به ساڳيو ئي حال آهي. هو گهڻن قسمن جا پاپ ڪري آجيو ڪٽنب جي پالنا ڪن ۽ سنتوش نه ڪري سدائين لالچ ڪي وڌائيندا ٿا رهن. پلاڻي به گهڙيون پنهنجي اُپائيندڙ جو ڌيان يا سمرڻ نٿا ڪن. ڪٿي ڪو ڪين هري ڀڄن ڪرڻ لاءِ چوي ته پڌائين ته "اسانکي فرصت

ياو ۽ سمجهي رهي ته راڻ جي شرڻ وٺي ۽ هري ڀڄن ڪرڻ لڳس. تون به ان راڄ ڳاديءَ جو آيمان جڏهن سڀني پراڻين کي هڪجهڙو ڪري سمجهه ته پوءِ تنهنجي مڪتي ٿيندي." جزيرت جو اهو گمان ٻڌي راجا رگهوگڻ ڪانئس اُپراڌ کما ڪرائڻ لڳو.

راجا رگهوگڻ جا اهڙا نمرتا ڀريا وارا وچن ٻڌي جزيرت چوڻ لڳس ته "تون ڏچ ۽ مان توکي سراپ ڪونه ڏيندس. ٻڌ ته گياني ۽ مهاتمائون سنساري سک سڀني وانگر ڪوڙو سمجهي، هن ديهه سان پريت نٿا رکن. وري پرماتما هن شرير کان اهڙي ريت الڳ آهي جيئن هڪڙو پکي، جو وڻ تي ويٺل آهي پر وڻ جي وڍ ڪٽ ڪري ڪنهن ڊرو به ڏک نه رهي. جيڪڏهن اُو پکي وڻ کي پنهنجو سمجهي روئي ته اُنجو اهو روئڻ اجايو آهي. جو منش شرير کي پنهنجو ڄاڻي سنساري سکن ۾ من لڳائي ٿو. تنهنکي سواءِ ڏک جي ڪجهه ڪونه ملي. سکه ته رڳو پرميشور جي ڌيان لڳائڻ ڪرڻ ملي ٿو. ڳوان جي ڀڳتي ڪري مردي ۾ گيان روش تي ڪام ۽ ڪروڌ جو آنڊڪار منجهيو."

ايترو ٻڌي راجا رگهوگڻ هٿ جوڙي چيو ته "مي مهاراج! هينئر مون اوهانکي سڃاتو ته اوهين پرمديو آهيو ۽ جيئن آمرت پيئڻ ڪري سڀ بيمارين ناس ٿيو وڃن، تئين سنساري منش، جي مايا [illegible] بيمار آهن، سڀکي پنهنجو درشن ڏيئي ڪرتارٿ ڪريو ٿا. [illegible] داس سمجهي ڪجهه وڌيڪ اُپديش ڪريو ۽ جنهن ڪري [illegible] نار پوان." جزيرت تڏهن هيٺين ڪٿا ٻڌائڻ لڳس.

[illegible] ڪا رگهوٽي جنس ساڻ ڪٽي ڪنهن ڏيساور تي نڪتو، [illegible] شري پاڻسان ڪو نوڪرڪونه ڪنهاءِ. واٽ تي جهر [illegible] مددگار پيدا ان پٺي آيا. اتفاقا اُهو شاهوڪار [illegible] اهڙي جهنگل ۾ وڃي پهتو، جتي ڪوهن تائين بستي [illegible] رهن، وٺن، ٻڌس ۽ واهن ڪري [illegible] گهٽمٽي بستي ۾ پهچڻ جا اُپاءُ ڪيا، [illegible] پٺاڻي وڃن. جور هينئر وجهه ولي [illegible] ۾ چوڻ لڳو ته "جيڪڏهن ڪجهه

هٿڻ گهرجي. موکي مرڻ ۽ جيئڻ ٻئي هڪ سمان آهن. بنا ڀوڳ آئي ڪوبہ مري نٿو سگهي. ڀڳوان جي جوتي توهر، مون ۾ ۽ سڀني پراڻين ۾ هڪجهڙي آهي، تنهنڪري آءٌ توهر ۽ پالڪي کڻندڙن ۾ ڀيد نٿو سمجهان."

مطلب تہ پيو بہ ڪيترو گيان ٻڌايائينس، جنهنڪري راجا هوس ۾ اچي پالڪي مان لهي پيرن پئي جوڙ لڳو تہ "هي مهاراج! مون سنسار جي موه ۾ ڦاسي اوهان کي نہ سڃاتو. موکي ٻڌايو تہ اوهين ڪير آهيو جو موکي هن ريت گيان ڏيئي ڀوساگر پار اُڌاريو؟ موکي پراڻن جي سراپ جو ڊاڊو ڀَو ٿئيٿو، انڪري مهنجو اپراڌ معاف ڪريو."

اها ڳالهہ ٻڌي جڙيرت جواب ڏنو تہ "هي راجا! هي جو مهنجو شريو ڪري ڪٿهن ديوتا تہ ڪٿهن منش بڻجي ٿو. ڪٿهن راجا آهي تہ ڪٿهن ڀڪاري بڻجي ٿو، اها گتي هن سرير جي آهي. آتما کي سدائين اڳ سمجهڻ گهرجي. هي منش اڄو تہ اگياني آهي جو پنهنجي ڪٿهن سان ڪتنبين جا دروجن ٻڌي دک پائي ٿو ۽ سمان پنهنجو جٽ نٿو ٿئي. ڪرڙڪپٽ ڪري انهنجي پالنا ٿو ڪري. ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موه، اهنڪار ۽ مان اهي چئن چورن منش پٺيان لڳا رهن ٿا، جي کيس برا ڪرم ڪرائي ڏرم ڪرم کان پري ڪن ٿا."

اهڙيون ٻيون بہ انيڪ ڳالهيون رهوگڻ کي ٻڌائي ڏاڍو خوش ڪيائين.

جڙيرت کان ايترو گيان ٻڌي رهوگڻ پرارٿنا ڪرڻ لڳو تہ "هي مهاراج! منش ديهہ کان ٻيو ڪو اُتم جولو ڪونهي، جنهن ۾ اوهان جهڙي گياني ۽ مهاتما جي درشن ٿيڻ ڪري اهو جنم سڦل سمجهڻ گهرجي. ديوتائون بہ هن منش جنم ملڻ لاءِ ترڪي رهيا آهن، جو تہ مڪتي پد من مانڪا ديهہ ۾ ملي سگهيٿو. هي مهاراج! آءٌ مورک ۽ اگياني آهيان، انڪري موکي ديا درشٽي ڪري برابر سمجهايو جنهن ۾ مهنجو ڀلو ٿئي." ڀرت تڏهن کلي وراڻي ڏنس تہ "هي راجا! اها ڳالهہ سمجهڻ ڏاڍي ڪٺڻ آهي. هي منش جيستائين اهنڪار ڇڏي سنتن مهاتمائن جي شرڻ نہ وٺندو، تيستائين ڪڏهن بہ گيان پراپت ڪين ٿيندس. جهڙي ريت توهين راجا آهيو تهڙي ريت آءٌ بہ ڏو چڪرورتي راجا هوس، پر مون راجائي ۾ پنهنجو جنم ۾

هڪڙو ٻيو راجا رهندو هو، جنهنکي سنتان ڪونه ٿي ٿيو ۽ صلاح مليس تہ جيڪڏهن هو ڪالي ديوي تي ماڻهو جي ٻل چاڙهيندو، ته ضرور سنتان ٿيندس. راجا انهي لاءِ پنهنجا نوڪر ڪنهن ماڻهو ڳولي اچڻ لاءِ موڪليا. نوڪر ڳوليندا ڳوليندا اتي اچي پهتا، جتي جڙڀرت ٻوڪ جي سنڀال پئي ڪئي ۽ هنکي ٿلهو متارو ڏسي راجا وٽ وٺي آيا. راجا گهڻو خوش ٿيو ۽ جڙڀرت کي اشنان ڪرائي چڱا ڪپڙا پهرائي عمدو ڀوڄن ڪرايو. تنهنکانپوءِ کيس گلن جو هار گلي ۾ وجهي پوءِ ڪالي جي مندر ۾ وٺي ويا. جڙڀرت خوشي سان ڪالي جي اڳيان سر جهڪائي بيٺو، پر ڪالي کي اها ڳالهه نه وڻي ته ڪنهن هري ڀڳت جو هن طرح خون ٿئي. هن مورتي مان پرگهٽ ٿي ڪروڌ ڪري راجا جو سر وڍي ڪٽي اڇلايو ۽ سندس خون پي انترڌان ٿي ويئي.

هڪڙي دفع راجا رهوگڻ پالڪي ۾ چڙهي ڪلندو مني وٽ گيان سکڻ تي ويو ته واٽ تي ڏولي کڻندڙن مان هڪڙو بيمار ٿي پيو. ڏولي کڻندڙن هتان جڙڀرت کي ٿلهو متارو ڏسي، هڪڙي آڏي پالڪي کڻڻ لاءِ بيهاريو. جڙڀرت خوشي سان اها پالڪي کڻي هليو، پر رستي تي جيون جنتن جي ڏاڍي سنڀال ڪندو پئي ويو، ته متان ڪو جيو پير هيٺ دٻجي مري وڃي. انهيءَ ڪري ڪڏهن ڪيترا دفعا پالڪي لُڏي، تڏهن راجا ڏاڍو غصو ڪيو. پالڪي کڻندڙن جڙڀرت جو ڏوهه ٻڌايو، جنهنتي راجا جڙڀرت کي گهڻو ڌمڪيو، پر هي پنهنجي ڌيان ۾ مگن رهيو ۽ ڪوبه جواب ڪونه ڏنائين. راجا تڏهن وري به غصو ڪري چيو ته "جواب ڇونٿو ڏين؟" جڙڀرت جڏهن کلي چوڻ لڳس ته "هي راجا! تون جو چوين ٿو ته ٿلهو متارو آهين ۽ پالڪي برابر نٿو کڻي سگهين سو جيتوڻيڪ هميشه ايڪ رس آهي، هو نه ٿلهو ٿيندو آهي ۽ نه ڏٻرو. جي سڌو سنئون ڏٻرو ڪوٺين ته هو اهڙو سهڙو آهي جو ڪوبه کيس ڏسي نٿو سگهي ۽ جي ٿلهو ڏسجين ته [illegible] راهي ويندو. هي ناسونت شرير آهي جو ڪڏهن ٿلهو ۽ ڪڏهن ڏٻرو رهندو. ۽ جنهن هن ناسونت [illegible] آهي. جنهنکي انهن ڳالهين جو ضرور ويچار

ايتري موهه هرڻ ڪري تپسيا ۾ ڀنگ پوڻ لڳس. هڪڙي ڏينهن اهو ڀاڄو جهنگل ۾ ڪنهن پاسي هليو ويو ۽ هرڻن جي ٽوليءَ ۾ وڃي گڏيو، جنهنڪري موٽي گهر نه آيو. ڀرت کي ڏاڍو ويچار ٿيو ۽ ساري رات ورلاپ ڪندي گذاريائين. نيٺ انهيءَ غم ۾ پراڻ ڏنائين ۽ جنهنڪري شرير ڇڏڻ بعد اڳين هرڻ جو جنم مليو. ڀرت هرڻ جو جنم پائي جهنگل ۾ گذاريندو رهيو، پر سندس اڳوڻي جنم جي سنسڪار ۽ سمرتيءَ ڪري هو پنهنجو سڀ حال ڄاڻي پشيمان ٿي چوندو هو ته ”افسوس! آءٌ هري چرڻن جي پريت ڇڏي من هرڻ جي موهه ۾ ڦاٿس؛ جنهنڪري منشيه شرير نه پائي ٿيو هرڻ جي ديهه ماڻيم.“ بس! پوءِ ته هو سڄو وقت هري جپڻ ۾ لڳي رهيو.“

شڪديو جي چوڻ لڳو ته ”هي راجا پريڪشت! موت کان هر وقت ڊڄڻ گهرجي؛ ڇوجو اها خبر ئي ڪانه ٿي پوي ته موت ڪهڙيءَ ويل ايندو. جڏهن هرڻ جي ڀاڃي سان پريت ڪرڻ ڪري هڪڙي مهاتما جي اهڙي گت ٿي، تڏهن ٻيا ڪهڙي ڳاڻيٽي ۾ آهن، جي پرميشور جو ڌيان ڇڏي مايا جي ڄار ۾ ڦاٿا پيا آهن.“

ڀرت، هرڻ جي ديهه تياڳي هڪڙي براهمڻ جي گهر ۾ اچي جنم ورتو، جتي وري به سندس نالو ڀرت پيو. پر پنهنجي اڳوڻي جنم جو حال ياد ڪري هو سنساري موهه ۾ نه ڦاسي، پرميشور جي ڌيان ۾ لڳو رهيو. پٽس گهڻوئي ڪيس پاڙهڻ لاءِ يتن ڪيو، پر هو ڪجهه به نه سکيو. جڏهن پٽس اچي مرڻانگ ٿيو، تڏهن هن پٽن کي ڀاڻوت گهرائي ڪين چوڻ لڳو ته ”ڪنهن به ريت ڀاءُ کي پاڙهڻ جو اپاءُ ڪجو.“ ائين چئي پراڻ تياڳيائين. پتا جي مرڻ بعد سڀني ڀائرن گهڻيئي حيلا ڀرت کي پاڙهڻ جا ڪيا، پر هو ڪجهه به نه پڙهيو ۽ اُلٽو اهڙي هلت هلڻ لڳو جو ڪيس ڪو ڪارائي ته ڪائي نه ته سڄو ڏينهن ڀڳوان جي ڌيان ۾ مگن هوندو هو. انهيءَ ڪري ڀائر ڪيس جڙ ڀرت ڪري ڪوٺڻ لڳا. ڀائرن جڏهن ڏٺو ته هي مفت ويٺو کائي تڏهن ڪيس پنهنجي ٻوڪر جي سنڀال تي ڪٽي ڇڏيائون. جڙ ڀرت اتي به ٻسن ٻڪين جي ڪجهه سنڀال نه ڪري، ڀڳوان جي ڌيان ۾ لڳو رهيو. اُن ڏيهه ۾

سنتن ۽ مهاتمائن جو سنگ ڪرڻ موڪش جو اُپاءُ آهي. انهن جي سنگت ڪري آهستي آهستي من پرميشور جي طرف لڳندو. سنسار جا نرڪ ۽ موڪش ٻه دروازا آهن، جنهن مان پرائي استريءَ سان ڀوڳ ڪرڻ، چوري، جوا، وغيره ڀوڳ ۽ شرابين جي سنگت اهو نرڪ جو دروازو آهي. هي پترا! سنتن جي سنگت ڪرڻ ڪري موڪش جو دروازو کيئن کلي ٿو، اهو پڌرو! جڏهن من سدا ۽ ڪڇڙو رهي، مردي ۾ ڪبت نه رهي، مري ڀڳتن سان پريت ٿئي، رات ڏينهن ڪٿا ۽ پرميشور جي گڻانواد پڌرڻ مان ڍؤ نه ٿئي، فائدي ۽ نقصان ٿيڻ ۾ خوشي يا فڪر رهي، ڪنهن ۾ به اهانت رهي، اهو پورن جڙڻ جو ڏاڪو آهي. هي پترا! اوهين به انريت رهجو."

ايترو ٻڌائي ڀرت ٻالي پنهنجي وڏي پٽ کي راڄ ڏيئي پاڻ، جڙيرت روپ رهي، جهنگل ۾ وڃي ڀڳوان جو پوڄن ڪرڻ لڳو.

رشب ديو جي ان ۾ وڃڻ بعد ڀرت راجا ٿيو، جنهن رعيت کي ڏاڍو سکيو ڪيو. هن پنهنجي جنم ڏالي ڪنيا سان وواهه ڪيو، جنهن مان پنجن ڏومرڪتو وغيره پنهنجي سندر ۽ پرتاپي پتر پيدا ٿيا. راجا ڀرت گهڻي ڀڳتيءَ ۽ دان ڪيا ۽ پڇاڙيءَ ۾ سنسار کان ڪنڌ ٿي وڃي هري هرڻن جو ڌيان ڪيائين. هڪڙي ڏينهن جنهن ندي جي ڪپ تي ويهي ڌيان ڪيائين، تنهن هڪڙي ڳرڀوتي هرڻي اُتي پاڻي پيئڻ آئي. اوچتو هڪڙي شينهن جي گجگوڙ ٻڌڻ ۾ آئي جا ٻڌي جنهن ئي هن هرڻيءَ ٽپو ڏيئي پڄڻ ٿي چاهيو ته سندس پيٽ مان ٻچو ڪري اچي پاڻي ۾ پيو ۽ هرڻي اتي جو اتي پراڻ ٿياڳيا. راجا اهو حال ڏسي ويچار ڪيو ته هي ٻچو هتي پيو هوندو ته ڪنهن ڪو جانور کائي ويندو يا ٻڪ اُڃ جي دکي مري ويندو ۽ اهو سڀ پاپ موتي پوندو، انڪري ضرور هنجي رکيا ڪرڻ گهرجي. اهو ويچار ڪري اُن ٻچي کي پاڻيءَ سان ڌوئي صاف ڪري، پنهنجي ڪٽيا ۾ کڻي آيو ۽ پالڻ لڳو. جڏهن اُن ٻچي کي پالڻ ڪري ڀرت جو منجهس گهڻو موهه ٿي ويو، تڏهن هو هرروز ڪنهن پنهنجي هٿ سان کارائيندو هو ۽ پاڻسان گڏ سمهاريندو هوس ۽ تمسا ڪرڻ مهل به اُگهان وهاريندو هوس. سندس

ڪرڻ لڳو. پگهر پوري ٿيڻ تي ڀڳوان پاڻ موهني مورت ڌاري، شنکر، چڪر، گدا ۽ پدم هٿن ۾ ڪٽي، ڇتي تي ڪٽت، ڪنن ۾ ڪنڊل، گلي ۾ بيجنتي مالها پوري، مشڪندو اُن آڳن ڪنڊ پان نڪري، ڪيس پنهنجو درشن ڏيئي ور گهرڻ لاءِ چيو. راجا تڏهن ڏاڍو خوش ٿي ڀڳوان کي وينتي ڪئي ته "موتوت اوهان جهڙو پتر پيدا ٿئي." ڀڳوان ڪيس اهو وچن ڏيئي وڪنٺ پڌاريو. ڏهن مهينن بعد راجا کي **رشيديو** نالي پتر پيدا ٿيو، جو ساکيات ڀڳوان جو اوتار هو ۽ جنهنجي جمڻ وقت سڀ ديوتائون خوش ٿي آڪاش مان پشپ وسائڻ لڳا.

رشيديو جي وڏي ٿيڻ تي نابي راجا راڄ گادي پٽ کي ڏيئي، پاڻ جهنگل ۾ وڃي ايشور سمرڻ ڪرڻ ڄاميو. رشيديو تخت تي ويهڻ بعد اهڙو ته ڌرم ۽ نيتيءَ سان راڄ ڪيو جو ديوتائون ۾ سُتوتي ڪرڻ لڳا. اهي ڳالهيون اندر ڪان سني نه وئي، جنهنڪري حسد وچون رشيدبو جي راڄ ۾ برسات وسائڻ بند ڪري ڇڏيائين. اها خبر جڏهن رشيديو کي پيئي، تڏهن هو پنهنجي پرتاپ سان جڏهن وٺيس تڏهن برسات وسائڻ لڳو. اندر کي جڏهن اها سڌ پيئي، تڏهن ڪيس پرميشور جو اوتار سمجهي پنهنجو ڏوهه بخشائڻ لڳو ۽ جينتي نالي پنهنجي ڪنيا ڪيس پرڻائي ڏنائين. رشيديو کي انهيءَ استريءَ مان سؤ پٽ ڄاوا ٿيا، جنمان نو، يوگيشورن جي نالي سان مشهور آهن، جن جا جنڪ کي گيان اُپديش ڪيو هو.

هڪڙي ڏينهن رشيديو سڀني پگهر پٽن کي وهاري اُپديش ڪيو ته سنسار ۾ جيڪي به جيو ڏسو ٿا، سي آخر ناس ٿيڻا آهن ۽ هڪڙو ناراڻ اوناشي آهي، انهيءَ هريءَ جو اوهانکي به سدا مردي ۾ ڌيان رکڻ گهرجي ۽ ستسنگ ۾ پريت رکڻ گهرجي ۽ جنهنڪري پنهنجي مڪتي ٿئي ۽ سنساري سکرسيني وانگر ڪوڙا سمجهو. آها! سنسار ۾ ناٺو ۽ استري اهي هٿي مايا روپي رسيون اهڙيون ته پڪڙيل آهن ۾ سارو سنسار هٿ جي خراب ٿيو ۽ جيڪو انهنکان پري رهندو، سوئي جتل سمجهڻ گهرجي. بابا! انهن رسين کان ڇڄڻ ۽ ڀڳي مود مان جت هٿائي پرميشور ۾ لڳائڻ ۾ ڪو سولو ڪونهي، پر

[illegible]

آكنيدور [illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible] 1212 [illegible]

[illegible]

[illegible]

اسڪند پنجون

هڪڙي دفعي راجا پريڪشت شڪديو کان پڇڻ لڳو تہ "مها راج! اوهان ٿي سڪند ۾ ٻڌايو تہ پريہ ورت ناردمنيءَ جي اُپديش سان جهنگل ۾ وڃي پرميشور جو تپ ڪيو، وري گرهستي ٿي راڄ ڀوڳڻ بعد تپسيا ڪري مڪتي پاتائين سو هو گيان پراپت ڪري وري جو وڃي گرهست ۾ ڦاٿو؟" شري شڪديو وراڻي ڏنيس تہ "هي راجا! پريہ ورت گياني هجڻ تي ۾ اڳوڻي جنم جي سنسڪارن ڪري، ظاهري تہ راڄ ڪندو پئي ڏسڻ آيو، پر هو گرهست جي موهہ ۾ ڦاٿل نہ هو. جڏهن ڀوريائين نارد جي اُپديش موجب راجا پريہ ورت تپسيا ڪرڻلاءِ جهنگل ۾ ويو، تڏهن سندس پتا سوايمڀومنوءَ وٽس وڃي کيس وري اچي راڄ ڪرڻ ۽ وواهہ ڪري اولاد پيدا ڪرڻلاءِ گهڻي قدر چيو، پر پريہ ورت سندس ڳالهہ نہ مڃي. برهما تڏهن سنڪادڪ رشين سان گڏ جي کيس سمجهائڻ لڳو تہ "گرهست آشرم ڪو خراب ڪونهي. جو آدمي ڪام، ڪروڌ، لوڀ ۽ موهہ جي وس نٿو رهي، تنهنکي جهنگل ۾ وڃڻ توڻي گرهست ۾ رهڻ ٻئي هڪجهڙا آهن. منشيہ تي جيڪي ٽي رڻ (قرض) رشين، ديوتائن ۽ پترن جا آهن تنکان جيستائين هو آجو نٿو ٿئي تيستائين گرهست کان الڳ رهڻ بيسمجهي آهي.

برهما جي ان سمجهاڻيءَ ڪري پريہ ورت گرهست ۾ رهي راڄ ڪرڻ قبوليو ۽ هري چرڻن ۾ ڌيان لڳائيندو رهيو. جڏهن پريہ ورت ڏٺو تہ ڏينهن جو ماڻهو سنڌيا، پوڄا پاٺ، دان وغيرہ ڪن ٿا ۽ راتجو پرن ڪرمن ڪرڻ ڪري پاپ ٿئيٿو، تڏهن هڪڙو اهڙو پرڪاش پيدا ڪيائين، جنهنڪري آٺئي پهر ڏينهن ئي رهيو ۽ پريہ ورت سڄو وقت پوڄا پاٺ ۾ مشغول رهيو. برهما ۽ سوايمڀومنوءَ کي اها ڳالهہ نہ وڻي ۽ ججو سمجهايائون تہ پرميشور جي نيم جي برخلاف ائين ڪرڻ آهي. تن پريہ ورت وٽ اچي کيس ائين ڪرڻ کان بند ڪري ڇڏيو. انهيءَ کانپوءِ پريہ ورت پنهنجو راڄ پٽن کي ڏيئي سنساري مايا ڇڏي، استريءَ سميت بن ۾ وڃي هري ڀڄن ڪري مڪت ٿيو.

آئي اچي پهتو. هن ڪاٺ جي دروازي تي جاري وڌي، هٿ تي ڪتي کي بيٺا رهيو. تنهن تي بام ٻاري؛ جنهن تي ٻاڻ تير ڪمان کڻي بيٺو. اهڙي حالت ۾ هرڻ ٻي ڄڻو تي گاهه کائيندو رهيو. اها حالت ڏسي براهمڻ روپ جوڙ لڳو ته "هي مني شريشٺ! ڪهڙي نه عجيب حالت آهي، جو سامهون پاسي هرڻ جي مارڻ جو پورو بندوبست ٿيو پيو آهي، تڏهن به هو هرڻ جو ڪو خيال نه رکي، آنند سان گاهه چري رهيو آهي؟ انهيءَ ڪائڻ مان هن کي ڪهڙو فائدو رسندو؟" تڏهن نارد مرڪي چيس ته "هي راجا! تنهنجو به اهو ساڳيو حال آهي. پٽ ائين توکي سنڀال ڪري جڏهن آهي؛ موت به اچي نزديڪ پهتو اٿيئي، تڏهن به تون سنساري مايا موهه ۾ اهڙو قائل آهين، جو سڀ حال ڏسندي به توکي سمجهه نٿي اچي."

اهڙو پڌري راجا جا ڪمات کلي پيا؛ نارد جي هرڻ تي ڪري سندس اُپڪار مڃڻ لڳو. پوءِ پدريڪاشرم ڏي وڃي، جتي ٻچن ڪري مڪتيءَ کي پراپت ٿيو. هيڏانهن پرچيتا، جي تپسيا ڪرڻ ويا هوا، تن جي پڳتيءَ کان نارائڻ خوش ٿي ڪين مرضيءَ موجب ور ڏنئي، وئنڪنٺ پڌاريو؛ ۽ ور ۾ اهڙي ڪٿا پڌي مستدابور ڏي موليو.

رُاڳ توڙي

طرز- هري ويندين توکان جدا
سارو جڳ هري روپ آڪار. [ٽيڪ]

١. هري ٻن وڏو ڪڏهن سڪ ناهي، پٽيا پرم سنسار. سارو
٢. الک نرنجن هر جڳ وياپڪ، سڀ جڳ جو آڌار. سارو
٣. ناهي آڌار ناهي وسيلو، اهو وڏو وستار. سارو
٤. هلڪل ويجهو يا ڏوراڻون، جڳ ۾ يا جڳ پار. سارو
٥. ڪمر ڪند گيهه پاڻي پٿر ۾، ڏاندين يا ٻن ڏار. سارو
٦. تنهن ۾ وياپڪ اهو پرمستور، آنند پورڻ اپار. سارو
٧. هو تو ڪ وارتين درسن، پڙ ساگر تين پار. سارو

اِسڪنڌ پنجون

هڪڙي دفعي راجا پريڪشت شڪديو کان پڇڻ لڳو ته ”مهاراج! اوهان ٽئين سڪنڌ ۾ ٻڌايو ته پريه ورت ناردمنيءَ جي اُپديش سان جهنگل ۾ وڃي پرميشور جو تپ ڪيو، وري گرهستي ٿي راڄ ڀوڳڻ بعد تپسيا ڪري مڪتي پاتائين؛ سو هو گيان پراپت ڪري وري ڇو وڃي گرهست ۾ ڦاٿو؟“ شري شڪديو ورائي ڏنيس ته ”هي راجا! پريه ورت گياني هجڻ ٿي ۾ اڳوڻي جنم جي سنسڪارن ڪري، ظاهري ته راڄ ڪندو پئي ڏسڻ ۾ آيو، پر هو گرهست جي موهه ۾ ڦاٿل نه هو. جڏهن پوريءَ ناردجي اُپديش موجب راجا پريه ورت تپسيا ڪرڻلاءِ جهنگل ۾ ويو، تڏهن سندس پتا سوايمڀومنوءَ وٽس وڃي کيس وري اچي راڄ ڪرڻ ۽ وواهه ڪري اولاد پيدا ڪرڻلاءِ گهڻي قدر چيو، پر پريه ورت سندس ڳالهه نه مڃي. برهما تڏهن سنڪادڪ رشين سان گڏجي کيس سمجهائڻ لڳو ته ”گرهست آشرم ڪو خراب ڪونهي. جو آدمي ڪام، ڪروڌ، لوڀ ۽ موهه جي وس نٿو رهي، تنهنکي جهنگل ۾ وڃڻ توڙي گرهست ۾ رهڻ ٻئي هڪجهڙا آهن. منشيه تي جيڪي ٽي رڻ (قرض) رشين، ديوتائن ۽ پترن جا آهن تنکان جيستائين هو آجو نٿو ٿئي تيستائين گرهست کان الڳ رهڻ بيسمجهي آهي.

ان سمجهاڻيءَ ڪري پريه ورت گرهست ۾ رهي راڄ
...ري چرڻن ۾ ڌيان لڳائيندو رهيو. جڏهن پريه ورت
...اٺو سنڌيا، پوڃا پاٺ، دان وغيره ڪن ٿا ۽ راتجو
...ڪري پاپ ٿيٺو، تڏهن هڪڙو اهڙو پرڪاش
...ري آئي پهر ڏينهن بنيو رهيو ۽ پريه ورت ساڳيو
...ل رهيو. برهما ۽ سوايمڀومنوءَ کي اها ڳالهه نه
...ته پرميشور جي نيم جي برخلاف ائين ڪرڻ
...اجي کيس ائين ڪرڻ کان بند ڪري
...ت پنهنجو راڄ پٽن کي ڏيئي سنساري
...۾ وڃي هري ڀڄن ڪري مڪت ٿيو.

جي ڪٿا ٻڌي ٿي رهڻ دارا آهيون، انهاءِ سنساري موهه ۾ خوار خراب
ٿي رهيا." انهيءَ ٻڌي استري روپ راجا برنچن کي گيان پيدا ٿيو،
جنهن ڪري هن اُن لاشي کي باهه ڏني ۽ اگيات جي آگيا موجب
[illegible] ۾ لين ٿي اهو شرير ڇڏيائين."

انهيءَ ڪٿا ٻڌي براهمڻ برهمي نارد کان ان ڪٿا جو ارت
پڇڻ لڳو. جنهن تي نارد جواب لکيس ته "هي راجا! اهو برنچن جيڪو
آهي ۽ اگيات پرميشور سمجهڻ گهرجي، جو انهيءَ جيو جي هرهنڌ
رکيا ڪريٿو. هي جيو سندس ڌيان ۽ سمرڻ ڇڏي سنساري سکن ۾
لالچ رهي ٿو ۽ پنهنجي اگيان ڪري ڀڙو ڀلو ڪرم ڪري ٿو،
ڀڙو ڀلو جنم وٺي چوراسي لک جونين ۾ ڀٽڪي ٿو. انهيءَ سبب
هو، جو برنچن اگيات جي سنگت ڇڏي گهڻو وقت ڀٽڪندو رهيو.
جنهن هي جيو منشيه جنم پائي خوش ٿيندو آهي، تنهن برنچن ۾ اُن
ڳامي کي ڏسي خوش ٿيو هو. جنهن قلعي ۾ نو دروازا هوا، تنهن منشيه
جو شرير رت سمان سمجهڻ گهرجي ۽ اندرين کي گهوڙن سمان.
جنهن ڀاسي هن ۽ اندرين وس ٿيون، انهيءَ ڪم آدمي ڪريٿو.
منشيه جي پراڻ کي اُن ناڳ مثل سمجهه جو برنچن قلعي جي دروازي
تي ڏٺو هو. جنهن استريءَ تي برنچن موهت ٿيو هو، تنهن کي ٻڌي
سمجهڻ گهرجي، يعني جنهن مهل وقت تائين آدمي سان رهي،
پنهنجي ادا موجب اُن کان ڪم ڪرائي ٿي، تنهن برنچن ۾ اُن
استريءَ جي وس ٿي پنهنجي عمر گذاري. جنهن اگياني پنهنجي
الذتن ۽ ڪن چڱو ڪنهنکي [illegible] سمجهي، ڀڳوان کي وساري ويٺو
۽ آخر ۾ ڏک پائي ٿو، تنهن برنچن ۾ اگيات پنهنجي مترجي سنگت
[illegible] روئي. استريءَ جي وس ٿي ڏاڍو ڏکي ٿيو. جنهن آدمي
[illegible] ڪرڻ لوڀ ۽ موهه پيدا ٿيندو آهي، تنهن انهن
[illegible] جو ڪنٽڪ سمجهڻ گهرجي. جيئن طرح
[illegible] جي سڌ وڃي پهچائيندو آهي، تنهن جڙا
[illegible] گندر کي وڃي [illegible]
[illegible] سمجهڻ گهرجي ۽ اوڪال روپي

اچي لڳي. جڏهن مون به سنڌس نرادر ڪيو، تڏهن هوءَ مونکي هيءُ سراپ ڏيڻ لڳي ته "تون ڪنهن به هنڌ سک ڪري نه وهندين ۽ سدائين ڀٽڪندو رهندين." ان سراپ ملڻ کان پوءِ مون هنکي صلاح ڏني ته جوُر گنڌرو وٽ وڃي سنڌس پيڻ ٿيڻ لاءِ کيس چئو، ته پوءِ هوُ تو کي پنهنجي فوج مان جوگو ور گولي ڏيندو.

اهو پڌي مرتيوءَ ائين ڪيو، جنهن تي جوُر گنڌرو جڙا نالي ڏوتيءَ جي صلاح سان سؤ ست گنڌرو ٽيون وٺي، راجا پرنائڻ سان اڙڻ واسطي اُن قلعي ڏانهن هليو. جڏهن قلعي کي اچي گهيرو ڪياءِ، تڏهن هوُ پنهنجن ڦٽڻ وارو نانگ اُنهن گنڌرون سان خوب وڙهڻ لڳو. جڏهن ڪيترو وقت وڙهي وڙهي ٿڪجي پيو ۽ ڏاٺين ته منهنجو مالڪ عيش عشرتن ۾ مست آهي ۽ منهنجي ڪا به مدد نٿو ڪري، تڏهن اُتان ڀڄي وڃي ڪنهن وڻ جي پاڙ ۾ لڪو. اهو وجهه وٺي جوُر قلعي کي باه ڏني، جنهنڪري راجا پرنائڻ پنهنجي پراڻ پياري ۽ پاڻکي نه بچائي جلي مري ويو. مرڻ بعد ملئي ديش جي راجا **وڏرپ** جي گهر ڏيءَ جو جنم اچي ورتو، سبب ته مرڻ وقت هن استريءَ ۾ ڏيان لڳايو هو ۽ ملير ڏوڄ نالي ڌرماتما راجا سان شادي ٿيس.

گهڻي وقت گذرڻ بعد جڏهن راجا ملير ڏوڄ پنهنجي ديه تيا ڳي تڏهن سنڌس راڻي (اڳوڻي جنم ۾ راجا پرنائڻ) چڪيا تامي اُن تي راجا جو لاشو رکيو، پر موهه جي وس ٿي باهه نه لڳائي. اُنهيءَ آگيات نالي سنڌس جهوني متر اُتي اچي کيس سمجهاتو ۽ ڪانئس روئڻ جو سبب پڇڻ لڳو. راڻي کيس چوڻ لڳي ته "هي منهنجو پتي آهي، جنهنجي مري وڃڻ جي شوڪ ۾ آءٌ روئي رهي آهيان." اها ڳالهه پڌي آگيات نالي متر کيس واقفيت ڪرائڻ لڳو ته "اڳوڻي جنم ۾ تون پرنائڻ نالي راجا هئين ۽ آءٌ آگيات نالي تنهنجو متر آهيان. ڪنهن وقت تون منهنجي سنگت ڇڏي، هڪڙيءَ استريءَ جي موهه ۾ ڦاسي مونکي وساري ويٺين ۽ انهيءَ سبب ڪري تو هيءُ استريءَ جو شرير پاتو آهي. هاڻي تون اها چنتا ڦٽي ڪري، پرش شرير ملڻ جو ويز ڳولا. تون ۽ آءٌ ٻئي هنس روپ جيو آتما ۽ پرماتما مانسرووَر

وڏي مٺيون منهون لڳيون ڪري رهيا هوا. ايتري قدر جو آرام ڏسي، راجا برهمڻ اُن قلعي ۾ اندر گهڙي ويو. اُتي جا وهي ڏسي ته هڪڙي جوان استري قسمن قسمن جا تمام سندر ڪپڙا ۽ گهڻا ڀوري سهڻين ساٿ گڏ گهمي رهي آهي. ٿورو اڳتي هلي ڏسي ته هڪڙو نانگر پنهنجي قلعي وارو دروازي تي ويٺو آهي. راجا اُن استريءَ کي ڏسي مٿس موهت ٿي پيو ۽ ٿورو اڳيرو وڃي کانئس پڇڻ لڳو ته "هي سندري! تون ڪنهن جي ڪنيا آهين ۽ ڪهڙيءَ اچا سان هتي سنگ ڪري رهي آهين؟ هيءُ مڪان ڪنهن جو آهي ۽ منهنجو ڪم رهيتو؟"

راجا جا اهڙا مٺا ۽ موهيندڙ وچن ٻڌي، هوءَ استري مرڪي چوڻ لڳس ته "هي راجا! مونکي پنهنجي ماتا پتا جي ڳالهه جي ته خبر ڪانهي، باقي آءٌ اجا تائين ڪنواري آهيان. مونکي هن مڪان جي مالڪ جي به خبر ڪانهي ۽ آءٌ گهڻو وقت کان هت رهان ٿي. مونکي دوام ڪرڻ جي اجا تي آهي، سو مونسان جڪو پرڻبو، تنهنکي مونسان گڏ هن قلعي جي اندر رهڻو پوندو." استريءَ جي اها ڳالهه ٻڌي برهمڻ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ساڻس دوام ڪرڻ جي خواهش رکيائين. ٻنهي جي مرضيءَ موجب دوام ٿيو ۽ راجا اُن قلعي ۾ رهڻ لڳو. ٿوري وقت کان پوءِ اُن استريءَ جي پيٽ ۾ ٻاسي ويو، جو سمدس آڳيا کانسواءِ هڪ پير به اڳتي نه کڻندو هو. هڪڙي ڏينهن راجا برهمڻ استريءَ جي آڳيا کانسواءِ جهنگل ۾ شڪار ڪرڻ لاءِ ويو. استريءَ کي جڏهن اها خبر پئي، تڏهن ڏاڍي وڃي هڪڙيءَ کوٺيءَ ۾ سمهي پيئي. شڪار تان موٽي اچڻ بعد جڏهن راجا استريءَ جي رسڻ جو ٻڌو، تڏهن کيس پرچائڻ لاءِ ويو ۽ ڏاڍو وڏي آزاريون ڪيائينس. استري تڏهن ڪاوڙجي چيس ته "منهنجي آڳيا بنان تون جو وئين؟" جنهنتي راجا پنهنجو ڏوهه ڪبول ڪرڻ لڳو. ۽ چوڻ لڳو ته "هي پراڻ پريءَ! جڏهن توکي سنسار ري تون وڃي ٿو سون آهن، تڏهن هن برهمڻ راجا کي به ٻڌائي اچڻ ... جي طرف گهمڻ وڃڻ تي سنسار جو موهه لڳي رهيو هو."

... ڏسي ... جي ڏيڻ "مرندو" نالي هڪ گولڻ لاءِ ڪٿي، ... ڪنهن به نه قبوليو، تڏهن هوءَ مونکي

اپديش ڪرڻ.
گيان ۾ شڪل ۾ پرپتي بنسبت اُپديش ڪرڻ
...د جو پراچين برهمڻ ڪي جي پيدا ٿيا، جي جهنگل ۾ وڃي
...پرچيتا ۽ نالي ڏهه ڇوڪر گڏ جي گهٽيون
...رائي هئا. جڏهن اُنهن ڏهنئي ڇوڪرن اُنهن جون
...جو سمرڻ ڪيو، تڏهين شري مهاديو سان مهاديو کان پڏي
...وارتائون هليون. پرچيتا اُهي وارتائون مهاديو روانو ٿيو.
...پرسن ٿيا ۽ مهاديو بوءِ ڪيلاس پربت ڏانهن رهيو؛ جنهنڪري
...پرچيتا جو پتا پراچين برهي ڏاڍا يگيه ڪندو رهيو؛ جنهن
...د ڪي هڪڙي دفع وياچار آيو ته هنڪي اهڙو اُپديش ڪاڃي؛ جنهن
...ڪري سورگ ۾ سندس واسو ٿئي. اِنلاءِ ڪيس ڪيترائي جانور ڏيکاريا ءِ،
...چڻ ته ڪيس ڪاٺ ٿي آيا. راجا اِنهيءَ تي نارد کان اُنيابت
...جهڙي پاڇڻ لڳو، جنهنتي نارد چوڻ لڳس ته ”هنن سڀني ڪي جو توماري
...هوم ڪيو آهي، اِنلاءِ اِهي سڀ هڪ هڪ جنم ۾ توکي ماري بدلو
...وٺندا.“ راجا اِها ڳالهه پڌي ڏاڍو وياچار ۾ پئجي خيال ڪرڻ لڳو
”...مارا! جنم مرڻ کان ڇٽڻ واسطي ته مون ميترا يگيه ڪيا، سو هي
...ميترا سڀ جنم وڃايا بوند ۾. (نارد کي) مهاراج! موکي ته پنڊتن ۽ ودوانن
...ڪرڻلاءِ جيو هو.“ اِنهيءَ تي نارد ڪيس سمجهائڻ لڳو ته ”هڪڙي
...ٿين ۾ طوطو ۽ مئنا ٻئي بند آهن ۽ نڪرڻ جي ڪوشش ڪندي
...ڪري ٿا سگهن، پر جيڪڏهن سمجهائڻ هڪڙو ٻاهر آهي ته اُٿي
...ٻاهر ڪڍڻ جي تجويز ڪري سگهيو. ساڳي ريت هي پنڊت ۽
...وان به نو وانگر سنساري چار جي پاڃري ۾ پيل آهن ۽ پوءِ هو ڪئن
...توڪي اِنڪان ٻاهر ڪڍي سگهندا؟“ راجا کي نارد جي اِها ڳالهه ڏاڍي
...ويئي ۽ پوءِ ڪيس هڪت ٿيڻلاءِ وينتي ڪياءِ. نارد تڏهن هيٺين ڪٿا ٻڌايس.

پُرنجن

هڪڙو راجا اگيات نالي پنهنجي مترسان خبر لهند...
...پريت رکندو هو. اِهو اگيات، راجا جي هرڪنهن طرح جي سنگت ...
...هو. هڪڙي دفع راجا پرنجن پنهنجي آگيات متر جي به ڪيس ...
اڪيلو اُلهندي، اُپرندي ۽ اُتر طرف گهمڻ ويو، پر ڪٿي به ...
ڪونه آيو. جڏهن ڏکڻ پاسي آيو، تڏهن ڪيس هڪڙو عمدو ...
...اِن جو قلعو ڏسڻ ۾ آيو. اِنهيءَ قلعي جي چوڌاري باغيچي ...
...جا وڻ لڳل هوا، جني قسمين قسمين ...

آيا ۽ ڀاڳن جيڪو پدائش جو پنهنجو حصو وٺندو آهيان سو آئينده ۾ ڏيندس، پر ٻانهن جيڪڏهن ڪنهنکي ڪٿي ڪرم لاءِ ڪجهه گهربو هجي ته اُهو پڻ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان ۽ جو ته اُهو ڏيڻ آءٌ سڀاڳو ٿيندو سمجهندس. ڀڳوان جو ڪم انهن ۽ براهمڻ آهن. ڀڳوان جيترو براهمڻن کي کارائڻ سان خوش ٿيندو، اوترو اگنيءَ ۾ هوم ڪرڻ سان نه ٿو ٿئي. مان اُنهن براهمڻن جي چرڻن جي رج (مٽي) آهيان. براهمڻ جنهنکان خوش ٿيا سمجهو ته ڀڳوان به اُنکان خوش رهي ٿو. پر جنهن تي براهمڻن جو ناراضپو آهي، اُن تي پرميشور جو به ڪوپ رهي ٿو."

راجا پرٿو جي اهڙي اُپديش ڪرڻ سبب پرٿويءَ تي ڀڳوان جي ڀڳتيءَ جو واسو ٿيڻ لڳو، جنهنجي ڪري ديو لوڪ ۾ اها خبر پهچي وئي ته مرتيو لوڪ ۾ راجا پرٿو جي پرڀاو ڪري هري ڀڳتي جي ڪنهن کي ادو لڳي وئي آهي. ڪجهه ڏينهن سنڪادڪ راجا پرٿو وٽ سندس ڀڳتيءَ جي هاڪ ٻڌي آيا. راجا سندن ڏاڍو آدرڀاءُ ڪيو ۽ اُهي واقعي جنم مرڻ کان ڇٽڻ جو رستو پڇڻ لڳو. سنڪادڪ چوڻ لڳا ته "هي راجا! جو منش جڳداتا اُنهن پرماتما ۾ سندر رهي چرڻن ۽ سروپ جو ڌيان، واڻيءَ سان اُنجو سمرڻ ڪريٿو ۽ ڪنن سان اُنجي ڪٿا ٻڌي ٿو، سو جنم مرڻ کان ڇٽي سگهو سگهي ٿو. سنسار ۾ ڌن، گهر، استري ۽ ٻين ڪي پدارٿ سمجهي اُنهن سان پريت رکڻ دک جي ٻاڙ آهي. منش کي گهرجي ته ستسنگ کان ڀاسو ڪري ۽ ستسنگ ۾ پريت رکي، جنهنڪري مڪتي لڀڻ ۾ ڪا اٽڪ ڪانه ٿيندي." ايترو اُپديش سنڪادڪ پنهنجي پرمارٿ ڏانهن هليا ويا.

سنڪادڪن جي وڃڻ بعد پرٿو راجا شري نارائڻ جي ڪٿا ڪرڻ ۾ ڏاڍو ڪيترن ورهين تائين راڄ ڪندو رهيو. ڪجهه ڏينهن ڪپس ويچار آيو ته هي سڀ ڌن، دولت ۽ راڄ اٿير (سداءِ نه رهندڙ) آهن، بهتر ٿيندو جو جهنگل ۾ وڃي ايڪانت ۾ ڀڳوان جو ڀڄن ڪريان ۽ جنهنڪري پرلوڪ ۾ سکي رهان. اهڙو ويچار ڪري جوا ستريءَ سميت جهنگل ڏي ڀڳوان جي ڀڄن لاءِ روانو ٿيو. راجا پرٿو جي وڃڻ بعد

ڏاڍي ساراهه لائق نموني سان راڄ ڪرڻ لڳو. سندس

۽ ڪيترا دفعا ڇل ڪري وري وري گھوڙو چورائي ڇڏي ويو. انهيءَ تي پرٿو راجا ڪروڌ وچون جڏهن ئي پانيو تہ تير هٿي اندر جو انت آڻيان تڏهن ئي ڪيس رشي ۽ براهمڻ سمجهائڻ لڳا تہ ”يگيہ ۾ ڪروڌ ڪري ملندڙ ڦل ناس ٿي ويندو، انڪري شانت چت ٿي پنهنجو ڪم پورو ڪريو.“

ايتري ۾ برهما نارد مني سان گڏ جي يگيہ شالا ۾ آيو ۽ پرٿو راجا کي سمجهائڻ لڳو تہ ”حرڪت نہ آهي جيڪڏهن تنهنجو اهو پويون يگيہ پورو نہ ٿئي. تو جيڪي نوانوي يگيہ ڪيا آهن، تنهن ڪري ڀڳوان توتي پرسن ٿيو آهي ۽ اندر جي هن قسم جي دغا ڪرڻ ڪري گلا آهي.“ راجا پرٿو تڏهن پنهنجو ڪروڌ ڏور ڪيو ۽ براهمڻن کي پورڻ آهوتيءَ لاءِ چيائين. براهمڻن جي پورڻ آهوتي ڏيڻ مهل ترلوڪي ناٿ گرڙ تي برهما ۽ اندر کي پاڻ سان چاڙهي يگيہ شالا ۾ اچي پهتو. انوقت راجا پرٿو وئڪنٺ ناٿ جي شتوتي ڪرڻ لڳو. ڀڳوان تڏهن پرٿوءَ کي اندر جي اپراڌ ڪميا ڪرڻ لاءِ چيو. انهيءَ تي پرٿو راجا هٿ جوڙي هٿن چوڻ لڳو تہ ”هي دين ديال! هُن يگين ڪرڻ ڪري منهنجي نہ تہ اندرلوڪ وٺڻ جي خواهش هئي ۽ نڪي اندر سان ئي ڪا دشمني ڪرڻي هيم، پر مونکي رڳو اوهانجي چرڻن جي پريت هئي. مونکي اها آشيرواد ڪريو تہ اوهانجي ڀڳتي منهنجي هردي ۾ سدائي بني رهي. هي ناٿ! اوهانجي ڀڳتيءَ جو جنهنکي رس آيو آهي، سو هن سنساري جار ۾ نٿو ڦاسي.“ نارايڻ انهيءَ تي کيس آشيرواد ڏيئي وئڪنٺ پڌاريو، برهما پنهنجي استان ڏي ۽ راجا جو يگيہ پورو ٿيو.

هڪڙي دفع راجا پرٿوءَ کي ويچار آيو تہ منهنجي راڄ ۾ جيڪر سڀيئي ورڻ پرميشور جو ڀڄن ۽ سمرڻ ڪن ۽ ڀڄڙن ڪمن کان ڀڄي ساڌن ۽ براهمڻن جي سيوا ڪن تہ ڏاڍو چڱو. انڪري هن پرٿويءَ جي راجائن، رشين، مهاتمائن ۽ براهمڻن کي گهرائي ان ڳالهہ جو ٻچيڙو ڪرڻ پانيو. راجا پرٿوءَ جي ڪوٺ تي جڏهن سيني ورڻن جا آدمي اچي ڪنا ٿيا، تڏهن راجا کين ڪوٺائڻ جو مطلب ٻڌائي چيو تہ ”اوهين جيڪڏهن سڀ نندا وڏا استريون پرش نارايڻ جي ڀڳتي ڪريو تہ ڏاڍو چڱو؛ ڇوتہ پرجا جي پاپ پاپ جو ڇهون حصو راجا کي ٻہ مليٿو.

تنهنڪانپوءِ پرٿو راجا ڌرم انوسار راڄ ڪرڻ لڳو. هڪڙي ڏينهن
پرجا، پرٿوي بابت وٽس داتهون کڻي آئي ته "راجا وين جي پاپ ۽
انيتي ڪري پرٿوي سڀ ڪجهه لڪائي ويٺي آهي ۽ جهڪي
اسين پوکيون ٿا سو اپري ئي نٿو. وڻن ۾ ڦل ڪونه ٿو پيدا ٿئي،
اناج اجهو اباڻو ڪريو، جنهنڪري پرٿوي اَن ۽ ڦل ڦول سان ڀرپور
رهي." پرجا جي اها ڳالهه ٻڌي راجا کي ڏاڍو غصو چڙهيو، سو ڏنس
ٻاڻ کڻي ٻانڌاءِ ته پرٿوي کي مٽي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيان، پر
پرٿوي، راجا جي ڊپ کان ڳئون روپ ڌاري سندس اڳيان اچي
بيٺي ۽ چوڻ لڳس ته "مهاراج! جتن آڳيا ڪريو ٿي مان ڪرڻ
لاءِ تيار آهيان. هي راجا! مون وين راجا جي اڌرم ڪري سڀ
اناج ۽ اوشڌيون (دوائون) پاڻ لڪائي ڇڏيون هيون؛ جو جو
هاڻي راڄ ۾ سندس ظلم ڪرڻ سبب ماڻهن تي ڏوهه ۽ دان
ڪرڻ بند ڪري ڇڏيا هوا. هاڻي اوهين ڌرماتما راجا پيدا ٿيا
آهيو ۽ مون اٿم ته سڀ ڪجهه اڳوڻي وانگر ملندو رهندو. اوهين
ويد منتر پڙهي مونکي ڳئون وانگر ڏهو، ته پوءِ اوهانکي جهڪي
گهرجي سو سڀ ... ملي سگهندو."

راجا جو اهڙو آڌرم وڌيل ڏٺو ۽ پنهنجي جپ تپ ۽ پوڄا ۾ وگهن
ٿيندو سمجهيو، تڏهن ويهي ٻاهر ويچار ڪيائون ته ڪهڙو اُپاءُ ڪرڻ
گهرجي. ويچار بعد اهو رٿ ڪيائون ته راجا کي ڀلي سمجهائڻ گهرجي
۽ پوءِ جي هو نه سمجهي ته پيو ڪو جوڳو اُپاءُ ڳولجي. جڏهن هو
سڀ گڏجي راجا وٽ آيا ۽ کيس سندس آنيتيءَ بابت سمجهائڻ لڳا،
تڏهن هن سندن ڪا به ڳالهه نه مڃي، اُلٽو چوڻ لڳو ته ”ويدن ۾
راجا ۽ نارائڻ جو روپ مڃيل آهي، سو جيڪڏهن اوهين مونکي
ڇڏي ٻئي جي پوڄا ڪندا ته اوهانکي سخت سزا ڏيندس.“ رشين
تنهنتي کيس سراپ ڏنو ۽ جنهنڪري وين راجا اُنهيءَ ساعت مري
ويو. وين جي ماءُ پٽ جو اهو حال ڏسي ڏاڍا ورلاپ ڪرڻ لڳي
۽ پٽ جو لاشو نه ڏناءِ پر رکائي سان جياءِ ته ”جن براهمڻن هنکي سراپ سان
ماريو آهي، سي هن ڪنهن مهل راضي ٿي کيس جياري ڇڏين.“

وين جي مرڻ کانپوءِ سڀ شڀ ڪرم ته ٿيڻ لڳا، پر چورن ۽
لوٽن جو ڌڪو مچي ويو ۽ جنهنڪري پرجا ڏاڍو ڏکي ٿي. براهمڻن
تڏهن ويچار ڪيو ته سواءِ راجا جي پرجا سکي گذاري نه سگهندي
۽ آڌرم جو گهڻو ڦهلاءُ ٿيندو، انلاءِ ٻئي راجا جي تجويز ڪرڻ گهرجي.
جيتوڻيڪ ايشور جي ڪرپا سان اسين وين کي وري به جياري سگهون
ٿا، پر هو وري به آڌرم کي نه ڇڏيندو، انلاءِ اُنکي جيارڻ اهڙو
ٿيندو جهڙو نانگ کي کير پيارڻ. هو ڌرماتما ڌروءَ جي ڪل مان آهي،
انلاءِ سندس شرير جي ڪنهن حصي ۾ ڌروءَ جو ڪجهه نه ڪجهه اثر
ضرور هوندو، سو اُنجي لوٿ مان هڪڙو ڇوڪرو پيدا ڪري،
راڄ سنگاسڻ تي وهارڻ گهرجي ۽ جنهنڪري رعيت سکي ٿئي ۽
ڌرم جي رکيا ٿئي. اهڙو ويچار ڪري هنن وين جي ساڄي ٻانهن
مان هڪڙو سندر ۽ تيجوان **پرٿوءَ** نالي پرش پيدا ڪيو، جنهنکي
پوءِ آڻي تخت تي وهاريائون. پرٿوءَ جي راجا ٿيڻ جو ٻڌي ڏاڍا
شادمانا ٿي ويا ۽ ديوتائون ڀيٽون ڪٺي آڻي پرٿوءَ جي اڳيان رکڻ لڳا.
پوءِ رشي مني کيس آشيرواد ڏيندا، پنهنجن استانن ڏي هليا ويا.
جڏهن ديوتائون ۽ رشي راجا کان موڪلائي پنهنجي ماڳ ويا

کي راڄ گادي سونپي، پنهنجي استري سمت بدريڪا شرم ۾ وڃي پرميشور جي تپسيا ۽ ڌيان ۾ لين ٿيو.

ڌروه جي بدريڪا شرم ڏانهن وڃڻ بعد سندس پٽ **اُتڪل** جڳيطرح راڄ ڪرڻ لڳو ۽ پرجا کي ڏاڍو خوش رکيائين. ڪڏهن ڪڏهن ويچار ڪيائين ته جي سڀ سنساري سکر سڀني سامان آهي ۽ آءٌ ۾ جيڪر پتا وانگر من مايا جار مان ڇٽي وڃي ڀڳوان جو ڀڄن ڪريان، پر ڪتنبي موتکي ائين ڪرڻ ڪين ڏيندا، انلاءِ بهتر ٿيندو جو آءٌ پاڳل مستانو بڻجان ۽ جنهنڪري لاچار ٿي موتکي گاديءَ تان لاهي ڇڏيندا. سندس اهارڻ ڪارگر ٿي، جو مستاني بڻ سان جنهن ساٿس ساڳي ڪار ڪئي ۽ ڀاڻ وڃي ولي گهر مان نڪري جهنگل جو رستو ورتائين، جتي ڀڳوان جو ڌيان ڪري تن تاڳيائين.

ڌروه جي ونس ۾ **آنگ** نالي هڪڙو راجا ٿي جنهنکي پتر ڪونه هو. براهمڻن جي اُپاءَ سان اُنکي پٽ ڄائو، پر اُهو جوڪر ڏاڏو ڪالنڪ ساماڻو. اُنجو نالو وين هو. هو سداءِ ته ڪرڻ جهڙا ڪم ڪندو هو. شهر جي جوڪرن کي شان جي بهاني نندڻ تي ولي وڃي پاڻي ۾ ٻوڙي ماريندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته جهنگل ۾ ولي وڃي لتون ۽ لونشا هٿي سام ڪندو هون. اهڙ راجا آنگ جي [illegible] ڇئي، جنهن وين کي گهڻو ڌمڪايو، پر سندس ماتا سنمتا [illegible] ولي راجا سان وڙهڻ لڳي. راجا انگ ويچار ڪيو ته اڳوڻي [illegible]. مهاڻن پاپ ڪرمن ڪريٺي موتکي مي مهڙو ڪل ڪلنڪ [illegible] تو آهي، انلاءِ بهتر ٿيندو ته جهنگل ۾ وڃي پرميشور [illegible] ڪجي. اهو ويچار ڪري هو جهنگل ڏي روانو ٿيو، جتي [illegible] پرميشور جي ڌيان ۾ لين ٿيو.

آنگ راجا [illegible] ڪانوءِ سندس پٽ وين گاديءَ تي ويٺو. [illegible] اهنڪار ۾ اندو ٿي ديوتائن جي نالي يگمر، [illegible] ڪرڻ لڳو ۽ پاڻکي پرميشور سڏائي پنهنجي [illegible] سڄي دنيا ۾ يگمر، دان ۽ ٻيا شڀ ڪرم [illegible] زور ولڻ لڳو. رشين جڏهن وين

ڪرڻ لاءِ بن ڏي روانو ٿيندو. جڏهن تون پنهنجو شرير ڇڏيندين، تڏهن مان برهملوڪ کان به مٿي توکي رهڻ لاءِ استان ڏيندس.”

نارايڻ ڏروه کي اهو ور ڏيئي برهملوڪ پڌاريو؛ ڏرو پنهنجي گهر ڏانهن موٽيو، پر وات تي ويچار پچائيندو آيو ته مونکان ڏاڏي ڀل ٿي جو نارايڻ جو درشن پائي به وري راڄ گدي قبول ڪيم؛ مڪتي نه گهريم. شايد ديوتائن منهنجي مت ڪسي ٿي ڏساجي! اهڙي چنتا ڪندو ڏرو پنهنجي ديش ۾ آيو. تڏهن ڪنهن اچي راجا اُتانپاد کي ڏروه جي اچڻ جو پڌايو، جنهن تي راجا پنهنجي پٽ ڏروه کي ڏاڏي ڌوم ڌام سان شهر ۾ وٺي اچڻ لاءِ ويو. اُتم ۽ ٻين راڻين سان گڏجي، ڏروه کي ڏسي راجا کي پرڻام ڪيو، ڏرو اُنهنکي ڏسي راجا کي پرڻام ڪيو، جنهن تي راجا کيس ڀرير ڀان ڀاڪر پائي ملاڻ ۾ وهاريو. ڏرو پوءِ پنهنجي ٻيءَ ماتا، جنهن طعنو هنيو هوس، تنهنکي وڃي پيرين پيو؛ چوڻ لڳس ته ”هي ماتا! هيءَ سڀ تنهنجي اُپديش جو ڦل آهي.” پوءِ پنهنجي سڳيءَ ماتا سنيتيءَ کي پيرين پيو. اُنهيءَ کانپوءِ باجن گاجن سان ڏروه کي شهر ۾ اندر وٺي آيا. گهر گهر ۾ واڌايون وريون ۽ ڏاڏا آنند منگل ٿي ويا.”

ايتري ڪٿا پڌائي مئتريه رشي چوڻ لڳو ته ”هي ودر! جنهنتي
ڀڳوان راضي ٿئي، تنهنکان سڀ پرسن رهندا آهن. پر جو شيام سند
کان بيمک آهي، تنهنتي هر قسم جي آپدا اچي ٿي.” مڪتي ڏينهن
راجا اُتانپاد ڏروه کي راڄ جو لائق سمجهي کيس راڄ گديءَ تي وهار
پاڻ نارايڻ جي تپسيا ڪرڻ لاءِ بن ڏانهن روانو ٿيو. ٿوري وق
کانپوءِ اُتم کي جهنگل ۾ ڪنهن يڪش ماري ڇڏيو ۽ ماڻس جا سند
ڪانپوءِ اُتم کي ... ڏرو ڀاءُ جي بدلي وٺڻ لاءِ
...لا ۾ ويٺي سا باهه ۾ سڙي ويئي. ڏرو ڏاڏي يوگيتا سان
وڙهيو ۽ پوءِ ڪانئن ور وٺي آيو. گهڻي وقت راڄ ڪ
...ري پرجا ڏاڏي پرسن رهي. ... ۽ سڀ سنسا
...ويچار آيو ته هي ڏينهن، استري اولاد ۽ سڀ ... ري
...ڪوڙا آهن ۽ هيمنئر اُنهنکان پري رهي ... هري
اهڙو ويچار ڪري ڏرو پنهنجي پٽ
...ي.

یمد یاگوت



GITA PRESS, GORAKHPUR.

ٻڌو ڪي ٻيڄندو جنهن جوڙي اڃا تنهنجي وڏن مان ڪنهنکي
نه مليو آهي. ڌروءَ ناراڻ جي شرڻ ورتي آهي، تنهنڪري هنجو وار
به ونگو نه ٿيندو. تنهنجي اها لائق نه هئي جو استريءَ جي وس ٿي
ٻالڪ پتر جو نرادر ڪيئي." نارد جي ايتري چوڻ تي راجا کي ڌيرج آيو.

هوڏانهن ڌروءَ متڙا ۾ جمناجيءَ جي ڪناري تي رهي، نارد جي
اپديش موجب پرميشور جو ڌيان ۽ تپسيا ڪرڻ لڳو ۽ اهڙو ته ليـن
ٿي ويو جو نيٺ شيام سندر کي کيس درشن ڏيڻ ضرور ٿيو. شيام سندر
گروڙ تي سوار ٿي ڌروءَ جي سامهون اچي بيٺو، پر ڌروءَ اهڙو ته لڳ ليـن
ٿي ويو هو جو کيس ڀڳوان جي اچڻ جي ڪا به سڌ ڪانه رهي.
ناراڻ تڏهن پنهنجو سروپ ڌروءَ جي ڌيان مان ٻاهر ڪڍي ورتو
۽ ڌروءَ ڀڳوان جو روپ پنهنجي هردي اندر نه ڏسي اکيون کولي
ته ڇا ڏسي ته جنهن روپ جو ڌيان هردي ۾ پئي ڪيائين سو ساکشات
اڳيان بيٺو اٿس. ڌروءَ اهڙيءَ من موهيندڙ مورت ڏسي ٻاسوتر چرڻن
تي ڪري ستوتي ڪرڻ ۾ ايتري ۾ خيال آيس ته جنهن پاربرهم
جي مهما ڳڻڻ مکن وارو برهما ۽ هزار زبانن وارو شيش ناگ به نه
ڪري سگهيو، تنهنجي مان اگياني ٻالڪ ڪئن ستوتي ڪري
سگهندس؟ بس! اهو ويچار ڪري هٿ جوڙي ڀڳوان جي سامهون
بيهي، ڏاڍي پريم سان اکين مان ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو. ناراڻ
ڌروءَ جو مطلب سمجهي ورتو، تنهنڪري کيس اهو گيان ڏنائون ۽
جنهنڪري هو ناراڻ جي ستوتي ڪرڻ لڳو.

ڌروءَ جي گهڻي ستوتي ڪرڻ تي شيام سندر ڏاڍو پرسن ٿيو ۽
کيس ور گهرڻ لاءِ چيائين. ڌروءَ وراڻي ڏني ته "هي دين ديال!
مونکي اوهانجي چرڻن جي ڀڳتيءَ جي گهرج آهي. جنهنکي ساکشات
اوهانجو درشن ٿيو، اُنکي ٻي ڪهڙي شيءِ جي گهرج رهي."
ناراڻ انهيءَ تي ڌروءَ کي چيو ته "تو جنهن راڄ گاديءَ ماڻڻ واسطي
ايترو تپ ڪيو هو، سو مان توکي ڏيان ٿو ۽ منهنجي آگيا سان
پنهنجي ديس پرڄ ۽ جتي جنهن توکي طعنو ڏنو هو سا پڻ سوڌي
داسي ٿي رهندي ۽ تنهنجو پتا توکي راڄ گاديءَ تي ويهاري، تپسيا

ٿو ته پٺيءَ کي شيءِ آهين؟ آءٌ نارد منهنجي آهيان ۽ پڪ ڄاڻ ته ڪڏهن به ضرور ماڻيندو."

ڌروَ ويچار ڪيو ته مون ٻڌو هو ته نارد، ڀڳوان جو ڪٽر پرم ڀڳت آهي ۽ هينئر جڏهن رکو اڄا ڀڳوان جي ڳولا ڪرڻ نڪتو آهيان ته هڙي مهاتما ۽ هري ڀڳت جو درشن پاتو اٿم، پر جڏهن تپسيا ۾ لين ٿي ويندس، تڏهن خبر نه آهي ته ڪيترا عمدا پدارٿ ملندم. پوءِ نارد کي پيرين پئي وينتي ڪرڻ لڳو ته "هي مهاراج! منهنجي سهائتا ڪريو ۽ جيڪو رستو پرميشور جي ملڻ جو هجي سو ڏيکاريوم. آءٌ ڪيتري آهيان اِنلاءِ سواءِ ڀڳوان جي درشن جي گهر موٽي ڪڏهن ڪين، وينديس." نارد تڏهن خوش ٿي ڌروَ کي آشيرواد ڪئي ۽ ڀڳوان جي ملڻ جي وات ڏيکاري، ته متّرا پوريءَ ۾ وڃي جمنا جيءَ جي ڪناري تي، جتي ڀڳوان شريڪرشڻ آئي پڻ موجود آهي، آسڻ وڇائي ڀڳوان جي سروپ جو ڌيان ڪجان ۽ "اوم نمو ڀڳوتي واسديوايه" جنهنڪري سري ناراڻ اهڙن ٻارهن اکرن جو منتر جو جپ ڪجانءِ، جنهنڪري سري ناراڻ ضرور توکي درشن ڏيندو ۽ تنهنجو مطلب سڌ ڪندو."

ڌرو ناراڻ جي سروپ، ڌيان ۽ منتر جي جپڻ جي ريت نا... ڪان پڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس نمسڪار ڪري متّرا پوريءَ ڏانه... روانو ٿيو. هيڏانهن نارد، راجا اُتانپاد وٽ اچي جا ڏسي ته را... ۽ ڌروَ جي ماتا ورلاپ ڪري رهيا آهن ته "ڌرو، جنهنجي... پنهنجي ورهيه مس آهي سو تپسيا ڪرڻلاءِ خبر نه آهي ته ڪيڏا... ويو هليو هوندو ۽ سندس ڪهڙو حال ٿيو هوندو. پرميشور جو... جڏهن يوگين، يتين ۽ گيانين کي به مشڪل ٿئي ٿو، تڏهن... آگياني ٻالڪ جي ڪهڙي جاءِ آهي." راجا، نارد کي ڏسي ... ڪري ڪانئس پڇڻ لڳو ته "مهاراج! خبر ڏيو ته ڪٿان ٿا ا... نارد وراڻي ڏني ته "ڀرياءِ اوهين ٻڌايوم ته ڇو اهڙي چنتا... آهيو؟" اِنهيءَ تي راجا سربستي ڳالهه نارد کي ڪري ٻڌائي... تڏهن راجا کي ڌروَ جو سمورو احوال ٻڌايو ۽ سمجهائي جو... ته "توهان هنانجو ڪو به خيال نه ڪريو، هو ٿوري وقت اندر..."

ڌرمي مان اُتم ڏالي پتر پيدا ٿيس. راجا جي سرجيءَ ۽ سندس ٻٽ
اُتم مان گهڻي پرڀت هئي. ڪڏهن ڏهڻن جهڙن اُتم کي هنجهه ڪٽي
راڄ سنگاسڻ تي وهنو دوءِ پيار ڪندا هئس. تڏهن جولر ڏرڙو ڀاند ڪندو
اسي اُتي اڪيلو. پاڻماءُ ته مان ۾ بيهه جي ڪيئه ٻوجي وڌان، ۽
راجا اُتم، وڻ ڏنو. اهو ڏسي ننڍي رالي ڏيرو کي جوڙ لڳي
۽ "او اڙولي جنم ۾ ٻگوان جو ٻرابر سمرڻ نه ڪيو آهي، انلاءِ اياڳڻ
جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهين، جنهنڪري هن راڄ سنگاسڻ تي هن
جنم ۾ وهڻ ڏاڍو مشڪل اٿئي. ماڻي وڃي ٻگوان جو پوڄن ڪرءِ
ته هن اسيب ورلدءِ اُٿهن منهنجي پيٽ مان پيدا ٿي راجا جي هنجهه
۾ اسي وهجه." ماڻي جي ماءُ جا اهڙا ڏهن ٻڌي ڏيرو کي تمر
ڏڻان آيس وڃءِ جو روئندو پنهنجي ماتا سُنيتيءَ وٽ آيو ۽ ڪسس پنهنجو
سمورو احوال ٻڌايائين. سنيتيءَ پٽ جي ڳالهه ٻڌي چيو ته "ٻچا! رالي
سچي سچ چيو آهي ته جڪڏهن اڳئين جنم ۾ نارائڻ جي تپسيا
ڪريان ها ته منهنجي پيٽ مان جنم نه وٺين ها. هاڻي ۾ وڃي نارائڻ
جي تپسيا ڪر ۽ انهي شرڻ وٺ ته تنهنجو مقصود پورو ٿئي.
تنهنجي ڏاڏي برهما ۾ نارائڻ جي ڀيماسان هيءَ جڳت پيدا ڪيو
۽ سوايمڀو منو کي ۾ انهيءَ ٻگوان جي تپسيا ڪري ڏرماتما اولاد
پيدا ٿيو. مطلب جنهن ٻگوان کي دنيا جو آڌي تنهنجا ڪارج سڌ ٿيا آهن."

ماتا جا ايترا وڃن ٻڌي ڏرو ٻگوان جي ڳولا ۾ جهنگل ڏانهن
روانو ٿيو. رستي ۾ ويچار ڪندو ويو ته آءٌ اجان ننڍڙو اڳماني
ٻالڪ آهيان، مونکي پرميشور جو ٻتو ڪيئن پوندو، جو سندس شرڻ
وجي پنهنجو مطلب حاصل ڪريان. نارد ڏيرو جي دل جو مطلب
سمجهي سندس پريکشا لاءِ وات ۾ اچي چيس ته "اي راجڪمار! تون
هن عمر ۾ چوڻ جهنگل ۾ آيو آهين؟ توکي اهڙو ڪروڌ ڪرڻ واجب
نه آهي. آءٌ توکي راجا وٽ وٺي ٿو هلان ۽ جڪي ۾ گهربو هجئي
سوهلي تو ڪانئس وٺي ڏيانءِ. تون جو ٻگوان کي ڳولڻ هلنو آهين،
سو ڇا انهي مان پنهنجو سمجهو اٿيئي؟ وڏن يوگيشورن ۽ تپيسوين
هزارين ورهيه تپسيائون ڪري ۾ پتو نه پاتو ته تڏهن تون ڪڏڙي

جنم ورتو سندس نالو پاروتي پيو.

جڏهن وڏي ٿي ۽ وواھ جي لائق ٿي، تڏهين هماچل ڪانئس وهانو بابت پڇيو. پاروتيءَ کي پنهنجي اڳوڻي جنم جي يادگيري هيئي، جنهنڪري مهاديو سان پرڻجڻ لاءِ پتا کي وينتي ڪيائين. هماچل ورندي ڏنيس ته ”مهاديو سڀني ديوتائن ۾ وڏو آهي، سو منهنجي آڇ ڪيئن قبوليندو؟“ انهيءَ تي پاروتي مهاديو سان وواھ ڪرڻ جي ارادي جهنگل ۾ وڃي تپسيا ڪرڻ شروع ڪئي. نارد سندس پريکيا وٺڻ واسطي اُتي آيو ۽ چيائينس ته ”هي راڄ ڪنيا! تون هن جهنگل ۾ ڪهڙي ارادي سان تپسيا ڪري رهين آهين؟“ پاروتيءَ کيس ايشور ڀڳت سمجهي پنهنجي من جو مطلب ٻڌايو. انهيءَ تي نارد چوڻ لڳس ته ”تون ته ڪا وڏي ڀورڪ ۽ اڳيانڻ آهين، جو مهاديو کي ٿي ورڻ چاهين. هو بدن کي رک لڳائي، ڳلي ۾ نانگ ويڙهي، سڀن جون مالهائون پهري، مساڻن ناٿ ٿيو وينو آهي ۽ کيس ڏسڻ سان ئي ڀؤ وٺيو وڃي. چوند اندر، ڪبير ۽ ٻين ديوتائن کي ورين؟“ پاروتي چوڻ لڳي ته ”هي مهاراڄ! هن ۾ ڪيترا ئي اوگڻ هجن، پر منهنجو چت اُنکي ئي وري وينو آهي. چت هڪڙو آهي نه ٻه چار. سو مونکي پڪ آهي ته منهنجي من جي ڪامنا پوري ڪندو.“ پاروتيءَ جو اهڙو درڍ نشچيھ ڏسي، نارد خوش ٿي کيس آشيرواد ڏني ته ”تنهنجي من مراد ضرور پوري ٿيندي.“ ايترو چئي هن شوجي وٽ وڃي پاروتيءَ جي پريم جو ورنن ڪيو. مهاديو پاروتيءَ جي اهڙي پريت ڏسي، هماچل کي پاروتيءَ لاءِ چيو جو پڌي ٿو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پاروتيءَ کي ٻن مان آڻي مهاديو سان وهانو ڪرايائين. انهيءَ ڪانپوءِ پاروتي هڪڙو پل به مهاديو جي سيوا کان الڳ نه ٿي.

هي ودرا! سوايمڀو منوءَ جي ٽنهي ڇوڪرين جو احوال مون توکي ٻڌايو، هاڻي سندس پٽن بابت ڪجهه ٻڌي وٺ:

سوايمڀو منوءَ کي اُتانپاد ۽ پريہ ورت نالي ٻه پٽ پيدا ٿيا. سوايمڀو منوءَ جي ديھ تياڳڻ بعد سندس پٽ اُتانپاد گاديءَ تي وينو. اُنکي سنيتي ۽ سرچي نالي ٻه استريون هيون. سنيتيءَ مان ڌرو نالي پٽ ڄائس ۽

آهي. دڪش جهڙي ڪٺي ٿوري ٿاتي، پر اوهين جي دل ديال آهيو
سي من تي ۽ مون ديوتائن ۽ رشين سان ڪيا ڪريو؛ جو ته يگ جو
